سفر زندگيءَ جو



ستگرو سوامي
شانتي پرڪاش مهاراج
پنهنجي پياري ديال آشا
کي ڳراٽڙي پائيندي



دادا جشن واسواڻي
پنهنجي پياري ديال آشا
کي ڳراٽڙي پائيندي

ملندو اوس اُهو ئي مقدر ۾ جو رليو آ
مان خوش نصيب آهيان سڀ ڪجهه مونکي مليو آ

ڊاڪٽر ديال آشا

سفر زندگيءَ جو

مصنف

ڊاڪٽر ديال ڏاميجا ڪوتومل ''آشا''

ايم.اي.، پي ايڇ.ڊي.لٽ، وديا واچسپتي

ملهه ١٥٠ روپيا

پهريون ڇاپو

آڪٽوبر ٢٠١٥

اين سي پي ايس ايل جي آرٿڪ سهيوڱ سان پرڪاشت

انجلي پرڪاشن

سوامي شانتي پرڪاش نواس

ناج ڏام روڊ الهاسنگر - ٠٠٥ ٤٢١

MESSAGE RECEIVED FROM REVERED DADA J.P. VASWANI ON THE OCCAS OF "ISHWARIBHAI BUXANI LIFE - TIME ACHIEVEMENT AWARD" FUNCTION H ON SATURADAY, THE 10TH JANUARY, 2009 AT MUMBAI

پياري ديال آشا جو توهين سنمان ڪري رهيا آهيو. توهانکي ڏنيواد.

In honouring Prof. Dr. Dayal Asha, you are honouring who all honour deserves.

هن پياري پنهنجي سموري جيون لوڪ سيوا ۾ خرچ ڪئي آهي. نہ
اِنسانن جي شيوا ڪئي اَٿائين، پر پسن پکين کي ڪين وساريو اَٿائين.
هزارن جي تعداد ۾ پائرن ۽ پينرن ۽ خاص ڪري وديارٿين کان پرتيگيا
ورتا اَٿائين تہ هو سچي زندگي هنسا جي ڪاٽي کان پري رهندا.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. مونکي عجب
و آهي تہ هرروز ڪيترا ڪلاڪ دکين دردرن جي شيوا ۾ خرچ ڪندي
پيارو ڪٿان وقت آڻي ٿو جو اَهڙا سندر پستڪ، اونهن ويچارن سان
، تيار ڪري ٿو. ڪيترن سنتن پڳتن جا جيون چرتر لکيا اَٿائين. ڪيترا
ڪار ڪيس مليا آهن. پر پاڻ ڪمڙو نہ نماڻو آهي. ودوان آهي پر ڪيس
جو اَيمان ڪين آهي. نئرت ۽ نياز جي تصوير آهي. ڪيس سنتن ستپرڪن،
وءَ جي پيارن لاءِ عجيب شرڌا آهي. اَپياسي اِنسان آهي. سادگي ۽ ساڏنا
جيون رهندو آهي.

پيارو پريو پنهنجي مهر ۾ مونکي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ وڃي هليو
۽ جدا جدا قسمن جي ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ جو وجهہ مليو آهي. مان سچ
بنان ڪنهن وڌاءُ سان چئي سگهان ٿو تہ ڊاڪٽر ديال آشا هڪ لاثاني انسان
. سندس هردي اَندر هري نام لاءِ بکہ آهي. پريوءَ لاءِ عظيم پيار آهي ۽ دکين دردرن،
ين مسڪينن ۽ ورڌ اوسٿا وارن واسطي همدردي آهي.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا جي پيار ۽ شيوا پري زندگيءَ جو هڪ ئي
ام آهي : جي سکي ٿيڻ چاهيو تہ ٻين کي سکي ڪريو. سندس رڳہ رڳہ ۾
جي هڪ هڪ ڦڙي ۾ غريبن واسطي پيار سمايل آهي. سندس چرنن ۾
سر نمايان ٿو ۽ پڳل سنڌي پنگت واسطي آسيس پنان ٿو.

شل پيارو پريو ڪيس سالم صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جئن پنهنجا
ڪلياڻڪاري ڪاريہ ڪندو رهي ۽ لوڪن کي نام ۽ ديا جي راهہ تي هلڻ لاءِ
ساهت ڪندو رهي!

ڏنيواد! ڏنيواد! ڏنيواد!

سادر سمرپت
وڏڙن وڙ ڪيا



پوجيہ پتا
شري ڪوٽومل سوپراج ڏاميجا



پوجيہ ڪاڪا
شري وشنداس سوپراج
ڏاميجا



ڀڳت
ٺهليرام
ليلارام



پوجيہ امان
پاري ٻائي ڪوٽومل ڏاميجا



ڀاڀي
سدورو ٻائي وشنداس ڏاميجا

سندن چرڻن ۾
ديال ڪوٽومل ڏاميجا 'آشا'

انندرام ڪوٽومل ڏاميجا   ايشوري ڪوٽومل ڏاميجا
پرت انندرام ڏاميجا   سنيل انندرام ڏاميجا

ڊاڪٽر ديال 'آشا'

ٻهہ مکي شخصيت

نهايت سٻاجهو، وڏو ودوان گياني ڌياني آ
ڪم نيڪيءَ جا، 'ديال آشا' سچو سهڻو سنتي لاثاني آ

شوپار امر لعلچنداڻي

ڪرتار هيءُ جهان رچيو آهي هوُ سڀني کان وڏو ٻلوان ۽ اڪو رهبر، سڀني جي پيار
سنڀال لهي ٿو، هو مهان آهي، هن جي رچنا اپار امر آهي. هو سڀني جو ڏاٽي مالڪ
جيتامڙي کان وڏي ۾ وڏي جيو جي سار سنڀال ڪري ٿو، تڏهن تہ هو سروگيہ
جنيہ آدرٽيہ آهي، پر مالڪ سائين پنهنجي رچنا ۾ انسان کي ٺاهي هن سنسار ۾ آندو
پين جيون کان وڌ سريشٽ، سندر، دماغي چور اسي جي چڪر ۾ وڌ ۾ وڌ انسان وري
هن مالڪ کي سمجهي ان جي رچنا کي پيار، ديا، دوستي ڪميا، سهيوگ، ساٿ ۽ هر
ح سان ايشور جي ديا سروپ کي سمجهي، ان راهہ تي پاڻ بہ هلي ٿو تہ اهو جيو ايشور
پيارو ٿي پوي ٿو. مالڪ جنهن تي مهربان تہ ان جو جيون سڦل آهي. اهڙن يوگي،
ور پرست انسان کي مان سڏجاڻان ٿي. منهنجي تمام ويجهن مان هڪ، نيڪ پرش،
ار سادو، ديويہ هوندي بہ وير اڳي، پرمارٿي، تياڳي، سيوا ڀاو تہ رڳ رڳ ۾ اٿس. ڀلا
جاتو ڪير؟ اهو هڪئي آهي سنڌيت جو سهڻو سردار، ودوان ڊاڪٽر ديال 'آشا'
حب...

ڊاڪٽر ديال آشا سنڌي ادب ۽ سماج جي سيوا لاءِ ڄاتل سڃاتل، مشهور
خصيت آهي.

جڏهن کان مون ڊاڪٽر ديال آشا کي ڏٺو آهي؛ سدائين ڪاڌيءَ جي
ن ڪپڙن ۾ ئي ڏٺو آهي. مون ڪڏهن بہ هن جي بدن تي رنگين
ڪپڙا ڪين ڏٺا آهن. سادو سٻاجهو.

ڊاڪٽر ديال آشا جو جنم ١٦ ڊسمبر ١٩٣٦ ۾ سنڌ خيرپور ميرس ۾
و. هن کي ناز آهي جو سندس جنم اهڙي آستان تي ٿيو، جتي سچل
ئينءَ پنهنجي عبادت سان درازن جي دز کي زرخيز بڻايو. هن پرائمري تعليم سنڌ
ي نڙ هڻ اسڪول ۾ ورتي. شاعر اڄ بہ سنڌ کي ڪو وسري.

ڊاڪٽر ديال آشا جي قلم جيترو لکيو آهي، اوترو مان نہ ٿو سمجهان تہ ٻئي ڪنهن بہ سنڌي اديب ڀارت ۾ لکيو هوندو! ڪيترا نہ انعام اڪرام ۽ يونيورسٽيءَ جون ڊگريون هن وٽ آهن، پر اُن هوندي بہ سنڌيءَ جا ڪي نام نهال عالم ۽ اديب پاڻ کي وڏو ۽ هن کي گهٽ سمجهندا آهن. ڊاڪٽر ديال آشا جي شاعري دل جي چيز آهي ۽ نہ دماغ جي کوٽ کوٽان. هن جا دوها ياد ڪرڻ جهڙا آهن ۽ محفل ۾ ورائي چوڻ جهڙا آهن. درسي ڪتابن جي بہ سونهن وڌائي سگهن ٿا.

'هندواسي' ۾ هڪ آڌياتمڪ ڪوتا 'چنتن' پڙهيم تہ اُن جي سلاست، رواني ۽ ويچارڌارا دل ۾ پيهي ويون ۽ سوچڻ لڳس تہ ههڙي سٺي ڪوتا ڪنهن لکي هوندي! ڪوتا جي هيٺان يا مٿان ڪوبہ نالو ڪونہ لکيل هو پر آخرين مصرع ۾ "آشا" لفظ پڙهيم تہ خاطري ٿي ويئي تہ هي رچنا ديال آشا جي ٿي سگهي ٿي، خوب آنند آيو.

کاڌي پوش نمرتا جو مجسم ديال آشا، گايڪ ديال آشا، ڀڳت ديال آشا، پرنسيپال، عالم ۽ ريسرچ اِسڪالر ديال آشا جي مختصر پر اٽپوري ۽ اتوري واقفيت، هنن صفتن ۾ ٻي بہ هڪ صفت آهي 'شاعر' جي. هوُ ڪيترن سالن کان شاعريءَ جي ميدان ۾ قلم جو گهوڙو ڊوڙائيندو پئي رهيو آهي. اُن ڊوڙ ۾ هوُ ڪافي اڳرو رهيو آهي. ساهتيہ جي کيتر ۾ جيترا پرسڪار ديال آشا کي مليا آهن، مان نہ ٿو ڀانيان تہ اڳي ڪنهن بہ سنڌ تي اديب کي مليا آهن.

هري دلگير

Printed At: Impressions
212 - Allied Ind. Estate, Mahim (W)
Mumbai 400 016 M : 9820883807
DTP : Shobha R. Lalchandani

Safar Zindagi Jo
This book is published with financial help of
National Council for Promotion of Sindhi Language, New Delhi.
Publisher Dr. Dayal Asha, Swami Shanti Prakash Niwas, Nijdham Road,
Ulhasnagar - 421 005.

۱۹۹۷ ۾ ممبئي يونيورسٽي هن کي سنڌس ڪوجناتمڪ ڪاريہ
ٽي شعر جي تواريخ' تي ڊي لٽ جي ڊگري عطا ڪئي. ديال آشا
جي وشو ۾ پهريون سنڌي آهي جنهن کي هيءَ ڊگري ملي.
هن جو وشواس آهي تہ هن کي جيڪي مليو آهي اُها پربوءَ جي دين
ي. هن مٿان ڪيترن سنتن ستپرشن ۽ ٻين اعليٰ شخصيتن جو اثر
ي. دادا هوندراج دکايل جن ۱۹۵۴ ۾ کيس ''آشا'' جو تخلص ڏنو هو.
آشا صاحب اڄ بہ ڪيترائي سماجي ڪاريہ ڪندو رهي ٿو. هو ڄاڻي
تہ زندگي سڦلي اُها آهي جا ٻين جي ڪم اچي. سچ چوندا آهن:

مرڻ ڀلو آهي انهن جو، جي جيئن ٿا پاڻ لاءِ
جيئڻ ڀلو آهي اُنهن جو، جي جيئن ٿا ٻين لاءِ

ڪٽر آشا کي اَٽڪل ۲۴ اِنعام جدا جدا وشين تي الڳہ الڳہ سنستائن پاران
يل آهن. ڊاڪٽر ديال جا سنڌيءَ ۾ ۵۵، هِنديءَ ۾ ۱۷ ۽ انگريزيءَ ۾ ۲ ڪتاب
ڇپيا آهن. هِن طرفان ڀڄنن، گيتن جون سنڌي ۽ هِنديءَ ۾ ڪئسيٽون ۽ سي.ڊي.
ار ڪرايون ويون آهن. ديش ۾ آيل آفتن وقت گهرجائن کي مدد ڪرڻ ۽ ٻيا
ماج شيوا جا ڪم ڊاڪٽر ڪيا آهن. هِن وقت پڻ جنتا جناردن پريشد سوامي
ئونرام پريم پرڪاش آشرم، اُلهاسنگر پاران ڪيترائي شيوا جا ڪم ڪري
هيو آهي. ڊاڪٽر تي ننڍي هوندي کان ئي سنتن، مهاتمائن جو اَثر پيو ۽ ڀڳتي
وَ ڏانهن لاڙو ٿيس.

اَدبي کيتر ۾ ڊاڪٽر جو سُٺو يوگدان ڏنل آهي.

ديال آشا شاعر آهي، مضمون نگار آهي، جيوني ليکڪ آهي. تعليمي
يتر ۾ بہ سنڌس وڏو يوگدان آهي. هيءُ تعليمي کيتر ۾ هڪ اڌياپڪ
طور گهڙيو، ۽ ترقي ڪندي ڪاليج جي پرنسيپال جي پد
ان رٽائر ڪيائين.

سنتن ساڌن ۽ مهاتمائن جي مٿس آسيس آهي. هن جي لکيل ڪتابن
جو انداز تمام وڏو آهي ۽ اُهي ادب جي جدا جدا صنفن سان وابستہ
آهن. هندواسي هفتيوار ۾ هن جا ليک،مضمون، تبصرا وغيره باقائده
شايع ٿيندا رهندا آهن. هوُ انهن ليکن ۾ سنڌي سنت مهاتمائن جو

وساريان نہ وسري سنڌڙي سونهاري،
جنم ڀومي آهي سرڳ کان بہ پياري

اڄ بہ هو چاهيندو آهي تہ هڪ ڀيرو پنهنجي جنم ڀومي جو ديدار ڪري اچان.

ديال آشا ۱۹۳۷ ۾ ورهاڱي کانپوءِ هن بہ ٻين ڪيترن سنڌين جيان ڪلياڻ ڪئمپ اچي وسائي. ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اچي پڙهائي جاري رکي. مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هو پڙهائيءَ سان گڏ آجيوڪا لاءِ پورهيو ڪرڻ لڳو. نائين درجي تائين بي.جي تلڪ اسڪول ۾ پڙهيو. ۱۹۵۵ ۾ مئٽرڪ نيتاجي هاءِ اسڪول ڪلياڻ ڪئمپ-۴ مان پاس ڪيائين.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ترت ئي راءِ صاحب سيتلداس جي پريرڻا سان سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي ۾ ماستري ڪئي. ماستري ڪندي بي.اي، ايم.اي پڻ ڪئي ان کان پوءِ بہ هو سانت نہ ويٺو، اندر جي اُڇل ڪيس غريب، وڌوائن، نمائڻ ٻارن جي تڪليفن تي ڌيان ڇڪايو ۽ لڳي ويو دکين جي سيوا ۾ ڌرمي ويچارن ۽ غريبيءَ جي احساس کيس شيوا ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌايو جو اڄ بہ هن اوستا ۾ بنا رڪاوٽ ڪندو پيو اچي. اڀياس ڪندي . نوڪري ڪندي سيوا ڪاريہ ڪندي ۱۹۶۴ ۾ ايڇ. آر ۽ ڪي سي ڪاليجن ۾ ليڪچرار ٿيو، ۽ پوءِ اُلهاسنگر جي چاندي ٻائي منسڪاڻي ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيو.

۱۹۷۴ ۾ هن ممبئي يونيورسٽي جي هندي ڊپارٽمينٽ جي پرمک ڊاڪٽر پريات جي نظر هيٺ "سنتي ڪويون ڪي هندي ساڌنا". تي پي.ايڇ.ڊي ڪئي. ۱۹۹۲ ۾ چاندي ٻائي ڪاليج جي پرنسيپال جو پد سنڀاليو. اهو پد هن پنج سال سنڀاليو رٽائر ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد (سنڌ) نئشنل ڪاليجيٽ بورڊ هن کي "پروفيسر آف ايمريٽس" جي پدوي ڏني جا هن چار سال ماڻي.

”شيوا مان ميو امِلن، پهرين پاڻ وڃاءِ،
جن سيو تا تن پائيا، و اٽي اِها هنداءِ.“

اَيمان، گهمنڊ، وڏائي ڀڳو ان جو ڪاڄ آهي. جنهن اِنسان جي ڪنڌ ۾ ڪلي آهي،
جو حال برُو ٿئي ٿو اُن بابت ڊاڪٽر فرمائي ٿو :

”جن جي ڪنڌ ۾ آ ڪِلي تن نہ ملي ڀڳو ان،
جي چاهين پريوُ مِلي، آڪڙ ڇڏ اَيمان.“

اِنسان سنساري مِٿيا جي موهہ ۾ ڦاسي، پريوُ پرماتما کي ڀلجي پنهنجي
ليہ اِنساني جنم کي برباد ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکن ٿا :

”جڳہ سارو فاني اٿي، ڪنهن ۾ رکہ نا موهہ،
ٿوري جيئڻ و اسطي، ڪنهن سان ڪر نا دوهہ.“

اڄ هر شيءِ ۾ ملاوت آهي. ايتري قدر جو پيار ۾ بہ ملاوت چالو ٿي
ئي آهي. اُن کي ڌيان ۾ رکي ڊاڪٽر آشا چوي ٿو :

”چيز هر ڪنهن ۾ ملاوت، بن ملاوت ڪاجھہ نہ آ،
پيار ۾ ’آشا‘ ملاوت ڇا وڏي حيرت نہ آ!“

بيشمار وصفون جڏهن هڪ شخص ۾ ڏسجن تہ بلاشڪ نظرون اُپ ڏي
جي وڃن ٿيون ۽ اُنهن وصفن ۾ جيڪڏهن پنهنجي پرائي جي تميز بہ شامل
ي وڃي تہ شخص ڦري شخصيت بڻجي پوي ٿو ۽ عظمت اُن جو در کڙڪائي
ي. اَسين ايشوَر در اِهائي آراڌنا ڪندا اسين تہ ’آشا‘ اهڙيءَ طرح ئي وڏي آورجا
ٽين ۽ سنڌيت جي شيوا ڪندا رهن. ڊاڪٽر ديال آشا ادب جي جدا جدا
نفن ۾ پاڻ موکيو آهي. سندس ٧٥ تصنيف ’زندگيءَ جو سفر‘ شايع ٿي رهي
مي. ان تصنيف ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي تصوير چٽي آهي. ڪشمڪش
حسد دور مان گذرندي ڏٽيءَ جي عنايت، مرشد جي دعا سان هوُ ڪنهن
علىٰ مقام تي پهتو آهي. ليڪڪ پنهنجا زندگيءَ جا ڪتا مٺا آزمودا بہ پيش
ڪيا آهن. اصطلاحي بوليءَ جو بہ عمدو استعمال ڪيل آهي. زندگيءَ جو
فر تصنيف ڪيترن لاءِ پريرڻا جو سرچشمو ٿي رهندي.

☺☺☺

احوال وقت بہ وقت ڏيندو رهندو آهي. اُهي ليکہ نئين پيڙهيءَ لاءِ بيحد ڪارائتا آهن. اُهي انُهن ۾ چرتر جو ٻاجَ ڇٽين ٿا. پراڻي پيڙهيءَ جي الڳ الڳ ڪيترن ۾ ڪيل خدمتن جو ذڪر بہ هو هندواسيءَ جي ليکن ۾ ڪندو رهي ٿو. اُهي ليک نوجوان پيڙهيءَ لاءِ اُتساهہ جو باعث آهن. ديال آشا ٻال ساهتيہ جي اديب طور بہ مڃتا ماڻي چڪو آهي. هن ٻارن لاءِ ننڍا ننڍا سريلا گيت لکيا آهن. اُهي اهڙا تہ لئدار آهن، جو سولائيءَ سان ڳائي سگهجن ٿا. هن ٻارن لاءِ نصيحت آميز ليک بہ لکيا آهن. ٻارن جي ڏانءُ جو ساهتيہ سولو ڪم ناهي. اهو ساهتيڪار ئي ٻال ساهتيہ جي سرجن ڪري سگهي ٿو. جنهن کي مڻ واري ممتا ميہ دل هجي ۽ پيو ٻارن سان ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو آهي. انُهن جي عمر آهر لفظ، پهاڪا ۽ اصطلاح ڪم آڻيا آهن. ادب جي الڳہ الڳہ شاخن تي ديال آشا کي ڪيترائي سرڪاري، نيم سرڪاري انعام اڪرام مليي چڪا آهن. وياجهڙائيءَ ۾ کيس 'ادبي سرهاڻ' تي نئشنل ڪائونسل فار پرموشن ٻاران انعام عطا ٿيو آهي. سنہ ٢٠١٢ع ۾ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد سنڌيءَ ۾ کيس آجيون ساهتيہ يوگدان لاءِ هڪ لک روپيا انعام عطا ڪيو. هن سنتن جي جيڪي جيونيون لکيون آهن، سي روشنمنار آهن.

ديال آشا شاعر جو عقيدو آهي تہ ڪس ڪائڻ ۾ ئي سچو جس آهي. انسان اُهو جو پاڻ جلائي اوندهہ ۾ نور پري.

''آشا'' هن اوندهہ ۾، ڪوئي پاڻ جلائي،
جوت جڳائي، اهڙو ڪوئي آهي؟

شاعر نہ صرف پنهنجن احساسن اُمنگن ۽ سوکيم ڀاونا جو چترڻ پنهنجي شعر ۾ ڪري ٿو پر ٻين جا ڏک درد پيڙا احساس بہ شعر ذريعي چٽي ٿو.

شيوا هڪ اوچو ڪرم آهي. دين دکين، ستايلن، اَپنگن، بي سهارن، اَبهمن جي شيوا ڪرڻ ئي ايشوَر شيوا آهي. اُن جو ڦل بہ مِٺو ٿو مِلي. اُن لاءِ ڊاڪٽر ديال آشا لکي ٿو :

يادگار فوٽا



جنيہ دادا ٽي ايل واسواڻي ۽ پوجنيہ دادا
شن واسواڻي پياري ديال آشا کي آسيس ڪري رهيا آهن.



پوجنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪمل
چرڻن ۾ سندن پيارا سوامي ديوپرڪاش مهاراج ۽ پيارو
ديال آشا. ستگرو مهاراج کين آسيس ڪري رهيا آهن.



ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
پنهنجي پالڪ ديال آشا جي سونهپ ڪري رهيا آهن.




سوامي ديو پرڪاش مهاراج ديال آشا سندس پتني
لاجونتيءَ کي ٦٠ جنم دن تي آشيرواد ڪري رهيا آهن.



پوجنيہ دادا جشن واسواڻي پنهنجي پياري ديال آشا
کي آسيس جي شال پائيندي.




سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج ديال آشا کي پريم جي
پاڪر پائيندي، آسيس ڪري رهيا آهن.



مهان ڪرميوگي سنت هردارام صاحب سان روح رهاڻ
ڪندي ديال آشا.

ناياب تصويرون



ڊاڪٽر ديال آشا گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ مهاراشٽر جي گرهه منتري آر آر پاٽل کي ڊانس بار بند ڪرڻ لاءِ ڌنيواد ڏيئي رهيو آهي.



ڪي سي لا ڪاليج ممبئيءَ ۾ چيف جسٽس شري چيتانند نئن ديال آشا کي پروفيسر هاسانند جادوگر يادگار ميڊل پائيندي پرسان شري نلري گرسهاڻي سيشن جاج شري موتيلعل ٻٽاڻي نئرمل آسو اڻي بيٺل آهن.



مهاراشٽر وڌان سڀا جي ڊپٽي اسپيڪر شري وسنت راوَ داوکڙي ڊاڪٽر ديال آشا جو سنمان ڪري رهيو آهي ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراج آسيس ڪري رهيا آهن.



پائونگر ۾ سامو هڪ وواهن جي موقعي تي ماتا ڏيئو ما جوڙن کي جنتا جناردن طرفان سونيون منديون پيٽ ڪري رهي آهي. ڊاڪٽر ديال آشا مائيڪ تي جوڙن کي آجيون ويشنو تي رهڻ جي اپيل ڪري رهيو آهي.



ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا سان سوامي ٽينئورام پريم پرڪاش آشرم ۾ سنڌي مهلا سميلن آيوجت ڪيو ويو هو. منچ تي ستگرو مهاراج وچ ۾ مهاراشٽر جي سماج ڪلياڻ منتري ۽ پوءِ راشٽرپتي مانيور ڀيڻ پرتيڀا پاٽل. مکيه مهمان ڪملا هيرانند جي پاسي شري سنمک ايسراڻي مائيڪ تي ديال آشا ڳالهائي رهيو آهي.

وساريان نہ وسرن


چاهٺ ورهيہ اڳ ورهاڱي سبب وطن جا وڻ ڇڏي سونهاري سنڌڙيءَ مان
ي هٿ آياسين هٿين خالي، اکوڙيل هئاسين هت ڪيڏا نہ پورهيا ڪياسين!
حنت ڪش بڻجي خوب محنت ڪري زندگيءَ جي اُجڙ گلشن کي پنهنجو خون
ئي آباد ڪيوسين. قدم قدم تي ڪاڪ محل هو مگر همٿ نہ هاري. 'همٿ مردان
دي خدا' کي خيال ۾ رکي اڳتي وڌياسين. اسين سنڌو سڀيتا جا وارث، زندگيءَ ۾
بردست جدوجهد ڪندي ماڳ تي پهتا آهيون پر تنهن هوندي بہ سنڌ جون
روٽيون تلزو ٿي ور ور اکين اڳيان تري اچن ٿيون.

مان سنڌ جي اُنهي سڀاڳي شهر خيرپور ميرس جو رهواسي آهيان، جتي
چل سائين پنهنجي عبادت سان درازن جي دز کي زرخيز بڻايو. سائين روحل
ئيءَ جي بندگي ڪندي ڪنبڙيءَ ۾ ڪلتار ڏٺو، جتي هن وقت اعليٰ علم جو مرڪز
اهہ عبداللطيف يونيورسٽي آهي. اُها ميرن ۽ پيرن جي زمين جتي فرنگين بہ ڪٺهن
ڪو دهشت وحشت وارو ڪم نہ ڪيو. اُها سڀورن صوفين جي زمين جتي نڪو نفاق،
، ناسازي، جتي سُلوڪ ۽ سازي، هيو هرڪو رب جي رضا تي راضي، نٿو وسري اُهو
مان ماضي!

مان جڏهن سرڪاري اسڪول ۾ ٽيون درجو پڙهندو هوس تہ منهنجي
ستاد جمال الدين مونکي ڪورس راڳ ڳائڻ لاءِ همٿايو. اسڪول جي جشن ۾ مونکي
تمنڙن ۽ بسڪوٽن جا پاڪيٽ انعام طور ڏئي منهنجي همٿ افزائي ڪئي.

جڏهن مان ناز هاءِ اسڪول ۾ پنجين درجي ۾ داخل ٿيس، تڏهن اُتي خيرپور
يرس جي ميرخانڻ جي فرزندن الڻ ۽ جانڻ سان دوستي ٿي ويئي. گڏ ڪائيندا پيئندا

ديال آشا انعام سنمان حاصل ڪندي




مهاراشٽر جو چيف سيڪريٽري شري رنگاناٿن ديال آشا کي ٢٥ هزار روپين جو پريهدرشني انعام عطا ڪري رهيو آهي. سندس پاسي ۾ شري نانڪ روپاڻي چيئرمن ۽ ٻئي پاسي نرنجن هيراننداڻي مرلي ادناڻي بيٺل آهن.



سنڌو سيوا سنگم، پمپري طرفان شري ملڪاڻي ۽ ساٿي ڊاڪٽر ديال آشا کي گولڊ ميڊل پيش ڪندي.



ڀارت جو براڊڪاسٽنگ منسٽر ۽ ڊاڪٽر ديال آشا پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا آهن.



شري رام جيٺملاڻي ماضي قانون وزير ديال آشا جي ڪتاب اندر جو اظهار جو مهورت ڪندي. ديال آشا پرسان ڊاڪٽر رام ٻخشاڻي ۽ شري رام جيٺملاڻي پرسان رام جوهراڻي بيٺل آهن.



شري مهيشچندر ديال آشا جي ڪتاب تصور جو مهورت ڪري رهيو آهي. سوامي ديو پرڪاش مهاراج هه آسيس ڪري رهيا آهن. پبرڪاشڪ شري نندلعل راجپال ۽ ڊاڪٽر ششي راجپال بيٺل آهن.



شريمتي ڪوشليا عطر سنگتاڻي جنه هند هاءِ اسڪول جي سالياني اُتسوَ ۾ لاجونتي ديال آشا جو ستڪار ڪري رهي آهي.

ي لوڏي لوڏي هٿ ٺڪبا هئا تہ جهليءَ جي ڏور پيرَ جي آڱوٺي ۾ ٻڌي، ٿورو
ي جهلي لوڏيندو هوس. اُهو زمانو هو جو وڏڙن جو دٻپ بہ هوندو هو تہ خيال بہ
هو هو تہ متان ڪنهن ٿوري غلطيءَ سبب وڏڙا ناراض نہ ٿين. پر اڄ سنڌو ندي
ي وهي رهي آهہ! وڏڙا ننين کان ڏڪن ڏرن ٿا! واهہ زمانا واهہ!

سنڌ ۾ چوماسي جي مند ڪونہ ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سانوڻ ۾
ان ۾ ڪارا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويندا هئا ۽ وٺندڙ وسڪارا پوندا هئا تہ اُهو
هن موج مزي ۾ گذاريندا هئاسين! ڪپڙا لاهي گهر کان ٻاهر نڪري مينهن جو مزو
يندا هئاسين. ڪڪرن جي گجگوڙ ٿيندي هئي، آسمان مان وڄ چمڪندي وارا
ندي هئي تہ ڏڪندا ڪين هئاسين پر ڏاڍو خوش ٿيندا هئاسين ۽ الله کي چوندا
سين :

ڀيڄ مولا! چاندي ڪا گولا

ڪمي ڪاسبي بہ اهڙن ڏينهن تي پنهنجو ڪم ڪار ڪونہ ڪري
ڪهندا هئا. هوُ بہ قدرت جي ڪرشمي جو لطف وٺندا هئا. انڪري شايد
ڌيءَ ۾ هيءَ چوڻي مروج ٿي ويئي :

’الله سائين! مينهن وساءِ تہ ڪمي ڇٽن ڪم کان.‘

مونکي اُهي ڏينهن ياد آهن تہ جڏهن ڏينهن جهڙالو ٿيندو هو تہ
ڪول بہ بند ٿيندو هو. اُستاد شاگردن کي سئر سپاٽي لاءِ ڪنهن باغ يا
اهہ جي ڪپ تي وٺي ويندا هئا. اُهو ڏينهن چڙ شغل جو هوندو هو. اسين
رسات جي بود ۾ پرجي ڳائيندا هئاسين :

هلو! هلو! واهہ تي سانوڻ بہ آيو آ،

مولا پنهنجي مهر سان مينهڙو وسايو آ!

اسانجي خيرپور ۾ ميرواهہ مشهور هوندو هو. اُن کان سواءِ ننڍا
يڊا واهہ بہ هوندا هئا. جهڙالي ڏينهن ڪيئن نہ منهنجو ابو وڏو ڀڳت
هليارام مونکي واهہ تي وٺي هلندو هو. ڪيئن نہ واهہ جي وچ سير ۾
هنجندي انب چوسبا هئا! رکي رکي بوندون برسنديون هيون تہ ڪيڏو نہ
لف ايندو هو! تڏهن مان زندگيءَ جو پهريون ڏهاڪو بہ طئہ ڪين ڪيو
و. اڄ زندگيءَ جا ست ڏهاڪا الله جي عنايت سان طئہ ڪري اٺين ڏهاڪي

هئاسين، گڏجي گهمندا هئاسين. ترم مذهب جو ڪو بہ ويچو ڪونہ هو. ميرن جي پٽن سان دوستي هئڻ سبب مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو هوس. مير الهي بزار ٽپي ميرن جي اڱڻ ۾ وچي الڻ ۽ جانڻ سان گڏ پڙهبو هو، ڪڏهن ونجهہ وئي راند تہ ڪڏهن ڏيئي ڏڪر تہ ڪڏهن چٽن سان رانديون ڪبيون هيون. موسم بدلبي هئي تہ لغڙ جي ڏاڪي کي مانجهو هٽي لغڙ اڏائڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڳوءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪبي هئي. ڪڏهن منهنجو لغڙ ڪاٽا تہ ڪڏهن هنجو لغڙ ڪاٽا! مان ننڍپڻ کان ملنساز آهيان، ڪڏهن ڪنهن سان ڪٽي ڪونہ ڪئي.

راندين جو ميدان ناز هاءِ اسڪول ۽ گهر کان ڪافي دور هوندو هو. شام جي وقت لازمي طور راندين ڪرڻ لاءِ ڪوهہ سوا ڪوهہ جي مفاصلي تي ميدان تي وڃڻو پوندو هو. اُتي ڪيڏي نہ چوچ مان هندو - مسلمان همڪلاسي رانديون ڪندا هئاسين. جيڪڏهن راند ۾ ڪٽبو هو تہ هار ايلن کي هيسائبو ڪين هو. اُنهن سان هٿ هٽ ۾ ملائبو هو، گلو گلي سان لڳائبو هو. محبت جي فضا هوندي هئي. اتفاق جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن راندين جي ميدان تي وڃڻ کان غصائبو هو تہ پرنسيپال بلوچ پاٽيءَ ۾ پڳل ليٽ جا لڪڻ هٿن جي ترين تي هڻندو هو. شايد تنهن زماني ۾ اسڪولن ۾ بدني سزا ڏيڻ جي منع ٿيل ڪونہ هئي.

اساڻجي زماني ۾ اساڻجي شهر ۾ صرف دڪانن ۽ رستن تي بجلي بلبن جي روشني هوندي هئي پر گهرن ۾ لائيٽ ڪونہ هوندي هئي، انڪري پنکا بہ ڪونہ هوندا هئا. گرميءَ جي موسم ۾ خاص ڪري منجهند جو جڏهن گهر جا وڏڙا آرام ڪندا هئا تہ سندن فرزند جهلي لوڏيندا هئا جئن هوُ فرحت سان ننڊ ڪري سگهن.

منهنجي والد جو سُنو پڳت ٺهليارام سنڌ جو هاڪارو پڳت هوندو هو. ٻائڻ سندس پيشو نہ پر شوق هوندو هو. جڏهن هوُ صاحب سورٺ ۽ راٺو ٻائيندو هو. ڪويل ۽ ڏيپاچند جي ڪماٽي ڪٽندو هو تڏهن سندس دلسوز درديلو آواز ٻڌي لوڪ لڙڪ لاڙيندا هئا. ڪيس پنهنجو اولاد ڪونہ هو. انڪري هوُ مونکي پُٽ جيان پائيندو هو. منهنجي خوش نصيبي هئي جو مان سرگير هوندي سندس خدمت ڪندو هوس. هوُ مونکي پاڻ سان گهمائڻ بہ وٺي هلندو هو. مان ڪيس بابا وڏو ڪري مڃيندو هوس. ڏينهن جو ۽ رات جو جڏهن هوُ چنگهہ ڏگهي ڪندو هو تہ آءُ ڪيس پيڙون ڏيندو هوس. گرميءَ جي موسم ۾ جهلي لوڏيندو هوس تہ جئن ابو وڏو فرحت سان آرام ڪري.

جي ڪپ سان ستو رستو وڃي روھڙيءَ وڃبو ھو. رستي تي نديءَ سامھون ماتا
مڙھي ۾ سنت ڪلورام جو آستان ھوندو ھو. مونکي ياد آھہ تہ وقت بہ وقت
اسانجي امڙ ۽ ابو مونکي اُتي وٺي ھلندا ھئا. باسيل باس موجب مونکي چنبو
ھندا ھئا.

روھڙيءَ ۾ وچي اُتي الله لوڪ بابا نيپراج جو ديدار ڪري دعا
ي ھئي. سائين وسڻ شاھہ جي آسائو تڙ تي وڃي درويشن جو ديدار ڪبو
اُتي لولن لنگڙن سورداسن جي ڪيڏي نہ خدمت ڪئي ويندي ھئي!
ي روھڙيءَ ۾ سائين بيدل بيڪس، بابا ڪيشوداس جي دربار ۽ ٻين درويشن
رن جا مقام بہ زيارت جون جڳھيون ھيون. روھڙيءَ مان گھمندي
ڏو ندي مٿان ٺھيل لئنس ڊائون برج پار ڪري سکر وڃبو ھو. اُھا پل بہ
ڪنھن ڪامل ڪاريگر تيار ڪئي ھئي. چوندا ھئا تہ جنھن ڪامل
ڪاريگر اِھا پل ٺاھي تيار ڪئي تہ فرنگي سرڪار اُن جا ھٿ ڪٽائي ڇڏيا
ئن ھوُ وري اھڙي پل ٺاھي نہ سگھي! آفرين اُنھن فرنگين کي جن اھڙو
ڏو داد ڪامل ڪاريگر کي ڏنو! احسان فراموش! بي قدردان.

سکر وڃبو ھو تہ ساڌٻيلي ضرور وڃبو ھو. ساڌٻيلو سنڌو نديءَ جي
چ ۾ ٻيٽ تي رمڻيڪ آستان ٺھيل ھو، جتي سوامي وٽکنڊي مھاراج دونھي
ائي پڳتي ڪئي. اسانجي ايامڪاريءَ ۾ اُتي سوامي ھرنامداس مھاراج
دي نشين ھئا. ساڌٻيلي وڃڻ لاءِ ٻيڙيءَ ۾ چڙھڻو پوندو ھو. مير بحر مھاڻا
محبت وارا ھوندا ھئا. ڪيئن نہ قرب سان ٻيڙيءَ چاڙھي ساڌٻيلي جي
ڪناري تي ڇڏيندا ھئا. اُتي مندر جو درشن ڪري، سنتن جي آسيس وٺي
ودي چٽنيءَ جو پرساد ڪائي چت ڪيڏو نہ پرسن ٿيندو ھو. من موھيندڙ
غ، مورن ڍيلن جو ملڻ ۽ ناچ، سنڌو نديءَ جي لھرن جو لقاءُ ڏسندي دل ڍاپبي
ڪين ھئي! سکر ۾ ڇيٽي چنڊ جو ميلو بہ واھہ جو لڳندو ھو. خوش نصيب
وس جو ميلي ۾ وڃڻ جو بہ موقعو مليو.

ننڍي ھوندي اڪيلو ٽانگي ۾ چڙھي لقمان ناناڻي وڃبو ھو تہ ڪنھن بہ
سم جو ڀپ ڊاءُ ڪونہ ھوندو ھو. اڄ اسين ڀپ ۽ ھراس جي فضا ۾ رھون ٿا. اُن زماني
قلب ۾ ڪيتو نہ قرب ھوندو ھو. ڪنھن ڳوٺ ۾ وڃبو ھو تہ اٽسڇاتل ڳوٺاڻا بہ ڏڏ
ڪڻ ڀوڍي جي آڇ ڪري خاطرداري ڪندا ھئا.

جي دور مان لنگهي رهيو آهيان تہ بہ اُهي ساڳيھ سنڌ جون تصويرون اکين اڳيان تري اچن ٿيون. ورهاڱي کان پوءِ وري وطن وڃڻ جو وجهہ ڪين مليو آهي!

اسانجي شهر خيرپور ميرس کان ٿوري مفاصلي تي شادي شهيد. لونگ فقير ۽ پين درويشن جون درگاهون هونديون هيون. اُتي ڪن درويشن عبادت ڪئي هئي انڪري اُتي نہ صرف مسلمان پر هندو بہ پنهنجون مرادون بر ثواب ڪرڻ لاءِ وڃي الله کي عرض ڪندا هئا. درويشن جي درگاهن تي هندو بہ ساڳي عقيدت سان سر جهڪائيندا هئا. ڪوبہ ڦير فرق ڪونہ هوندو هو. درگاهن تي پاڻيءَ جا وڏا مٽ پريل هوندا هئا. اُتي درگاهن تي وڃبو هو تہ اُنهن مٽڪن مان صدق وچان پاڻي پيئبو هو. انهن درويشن جي مقامن جي مٽي ڪٽي لڳن کي لائبي هئي تہ درد دور ٿي ويندا هئا. انڪري چوندا هئا :

پير پلو ويساهہ پلو

اُن زماني ۾ ڪارخانا ڪونہ هئا. صاف هوا.صاف پاڻي. سادا سودا کاڌا پر ڪافي قوت بخش هوندا هئا. سچا کير. سچا مکڻ. سچا گيهہ پر اچ ڪلهہ يا بي ايماني تيرا آسرا! مکڻ جا چاٽا وسرڻ جا نہ آهن! اسانجا وڏڙا چوندا هئا :

ابا جو ڪري گيهہ سو نہ ڪري ماءُ پيءُ.
ان وڏائي اوجهري گيهہ وڏائي کوپري.

اُهو سستائي ۽ سچائي جو زمانو هو! اُهي ڏينهن وسرڻ جا ڪين آهن! ادڙيون پٽ جي پيرون جون پاٽيون پري ڪٽي ايندیون هيون. ڪيئن نہ پائي. بن پائن جا پيرون وٺي کائبا هئا. وطن جا وڻ ڇڏڻ کان پوءِ وري پٽ جا پيرون ڪونہ کاڌا آهن پر پيرون جو تصور ڪندي وات پاڻي پاڻي ٿيندو آهہ! رنگ بہ رنگي پيرون. پڪا. گيدوڙا. ڦاروان وسرڻ جا نہ آهن!

اسانجي رياست ۾ ڏوڪا. اتڪ. ڪارڪون بہ واهہ جو مٺڙيون. مزيدار. ڳردار ٿينديون هيون. گرميءَ جي مند ۾ تہ ڪڏهن ڪارڪن سان تہ ڪڏهن انبن سان چانور کائي چوچ ڪندا هئاسين. خيرپور مان روهڙي - سکر وڃبو هو تہ وات تي دونهي ٻيرلوءَ ۾ کي پيارا ڏوڪا ۽ اتڪ کارائي خاطرداري ڪندا هئا. اُهو سواد اڄ بادامين ۽ پستن مان بہ نٿو اچي! دونهو پار ڪري سنتو

شڀ سنسڪارن جي سمپتي

شڀ سنسڪار وڏي پونجي آهن. ست سنسڪارن جي سانچي ۾
نجي منش جيون مارگ ۾ ثابت قدم هلي سگهي ٿو. مان خوش نصيب آهيان
و پياري پريوءَ جي ڪرپا سان ٻاچپن کان مونکي شڀ سنسڪارن جي
مپتي ملندي رهي آهي. منهنجو جنم هڪ ڌارمڪ پريوار ۾ خيرپور ميرس
نڌ ۾ ٿيو. پوجنيہ پتا شري ڪوتومل سوڀراج ڏاميجا ڏنڊو ڏاڙي ڪندي
ريوءَ سان بہ نڀائيندا رهيا. هوُ ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ پريات ڦيريءَ ۾ ڏنيون
ائيندي ستلن کي سجاڳ ڪندا هئا. چاليهي صاحب جو ورت رکي امرلعل
ي اُستتي ۽ شيوا ڪندا هئا تہ ايڪاٽن ۾ ماتا جي بہ اُپسنا ڪندا هئا.
وجنيہ ڪاڪا وشنداس سوڀراج ڏاميجا بہ ڀڳت جن هئا. هوُ سدائين
رواٽي اُچاريندا هئا. ڪين شري سکمني صاحب، شري جپ صاحب شري
ڪيرتن سهيلا ۽ ٻي ٻاٽي ڪنٺ هئي. دڪان جو ڪاروبار هلائيندي،
يسين ٻُڪي اچي تہ پيا ٻاٽي اُچاريندا هئا. ماتا صاحب پاري ٻائي
ڪوتومل بہ ڀڳتياڻي گهر جي هئي. لقمان ۾ ناناڻا گهر بہ ڀڳت گهراڻو هو.
انا صاحب ڀڳت وريلمل ۽ ماما سرڳواسي شري رامچند سفيد کادي پوشاڪ
سنت هو ۽ ماما ڀڳت ٽنورمل جي ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. هو
تر گايڪ هو.

منهنجي امڙ پاري ٻائي کنهن اسڪول ۾ ڪونہ پڙهي پر ٽڏهن
ـ ڪيس ڀاڳوت ۽ مهاڀارت ۽ گرون جي ساکين جا پرسنگ ياد هئا. ٩١٤ سالن

اسين خيرپور ميرس ۾ ٽپالي پاڙي ۾ رهندا هئاسين. اڄ بہ پنهنجي مڪان جي اوطاق، پٽيون ۽ ڇتيون ياد آهن! اُس جو اجا تارا آسمان ۾ ٻيٺا هوندا هئا تہ امڙ پنهنجي گوڏي تي سمهاري جنب بہ هلائيندي هئي تہ گروہاٽي بہ اُچاريندي هئي. وڏڙو ٿيس، جڏهن اسڪول ۾ پڙهندو هوس تہ پرهہ ڦٽيءَ جو امڙ ڪوڙي تيل جو ڏيئو ٻاري ڏيندي هئي. چوندي هئي تہ پٽڙا گاسليٽ واري بتيءَ جي روشني اکين کي نقصان پهچائيندي آهي ۽ ڪوڙي تيل واري ڏيئي جي روشني اکين لاءِ مفيد آهہ. گرميءَ جي موسم ۾ بدن تي آرايون نڪرنديون هيون تہ ميٽ ۾ ليمي جا پن يا نم جا پن وجهي ميٽ جو استعمال ڪري پوءِ وهنجبو هو. ڇا جا صابڻ! ڇا جا پائوبر! اُهو اصلي زمانو هو. ماڻهن جي دلين ۾ بہ محبت تہ منهن تي مُرڪ نمايان هوندي هئي! اڄ اُها محبت ڪٿي! مرڪ ڪٿي!

☺☺☺

ي هتي اسڪولي تعليم حاصل ڪندي ننڍا ننڍا شيوا جا ڪم ٻالپڻ ۾ ڪندو
س، روز اسڪول ۾ اچڻ سان پهرين پنهنجي اُستادن کي ادب سان پيرين پوندو
س، پڙهائي سان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو اُدم بہ ڪبو هو. پاڻ سان مونکي
سيپال پرسرام لعلواڻي، پرنسيپال مينگهراج منشاراماڻي ۽ ٻيا ڪي اُستاد اهڙا مليا
مون سان پيار ڀلائي اُتساهت ڪيو ۽ شڀ سنسڪار وڌا.

وديارٿي جيون ۾ ئي مونکي مهان ويوتي ڪرم يوگي سوامي شلنتي پرڪاش
اج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا جن منهنجو مارگ درشن ڪيو. اڄ بہ ادرشٽ روپ
س تي سندن اسيم ڪرپا آهي. مهان ڪرم يوگي سنت سوامي ليلا شاهہ مهاراجن
ني رگهورام جي ويجهو رهڻ جو اوسر مليو. سندن سکيائن سڌانتن انوسار رهڻ
ي ڪوشش ڪئي. سنتو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪولن ۾ نوڪري ڪندي
سائٽيءَ جو پريزيڊنٽ شري راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي مونکي ڪافي پائيندو
ٻيڙن جي شيوا جي بوجهہ مونکي هن صاحب وتي. ماستري ڪندي ڪاليجي
يم بہ حاصل ڪندو رهيس. ڪاليج ۾ پڻ پرنسيپال ايل. ايچ. اجواڻي صاحب،
فيسر بي. ايچ. ناگراڻي، پروفيسر اين. جي. هنگوراڻي ۽ پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ
ي خاص سنبنڌ رهيو. اُنهن بہ مون سان پيار ڀلايا. داس جو سهرو شري ديارام للا بہ
ت جن ديالو پرش هو ۽ سڀ سمپت ٻائي ترمشٽ خيالن واري هئي. سندن آسيس
ملي.

مان سوڀاڳيا شالي جو مونکي يگ پرش دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي
و درشن بہ ٿيو ۽ آسيس بہ ملي. دادا واسواڻيءَ لاءِ منهنجي من ۾ شرڌا
ي، اڻ ڏٺي ئي عشق ٿيو. سندس ٿنا ۾ وقت بہ وقت هندواسيءَ ۾ گيت
ندو هوس. دادا جن سان منهنجي پهرين پرچيہ دادي شانتي واسواڻيءَ
ڪرائي. دادا واسواڻي بہ داس کي ڏاڍو پيار ڪندا هئا. ميران ستسنگ هال
رنا ۾ جڏهن وٺن ويندو هوس تہ گيت ڳائڻ جي آگيا ڪندا هئا. دادا جن
ڪ دفعي هڪ ڪارڊ تي لکي ڏنائون :

مان ڪير جو لکي ڏيان؟ تون ديال آشا!
ڪر ديا هن مسڪين تي
تنهنجي راڳ ۾ تو ڳائي اِڪ روح

جي عمر ۾ بہ سندس چت جي ورتي شري شيام سندر جي ڪمل چرڻن سان جڙيل رهي. منهنجي پياري پاپي سدوري ٻائي وشنداس جا تہ مونتي وڏا احسان آهن. هوءَ سچي سنتياڻي صدقياڻي هئي، گيان جو ڀنڊار هئي، رات جي وقت سامي صاحب جا سلوڪ سر ۾ پڙهندي هئي. ڪيس پنهنجي پيٽ جي اولاد ڪين هئي پر مونکي پيٽ جي اولاد کان بہ وڌيڪ پيار ڏنائين، مون ۾ شڀ سنسڪار وجهندي هئي، هو ست شاستر پڙهندي هئي، ماتا مدالسا جيان گيان ڏيندي هئي.

منهنجي پتا جو مامو ڀڳت ٺهليارام ليلارام سنڌ ۾ پرسدُ ڀڳت هو. سندس گلي ۾ تاثير هوندو هو. هوُ جڏهن سُر سورٺ ڳائيندو هو تہ پکين کي بہ بهاري ڇڏيندو هو، جيڪي بہ ڪيس پيٽائون ملنديون هيون سي دکين دريدرن جي خدمت ۾ خرچ ڪندو هو. ڪيس گرو گرنٿ صاحب جي ڪيتري واڻي ياد هوندي هئي. هن خيرپور ۾ منڊي سنگت برپا ڪئي جتي روز هوُ ستسنگ پروچن ڪندو هو، مان ڪيس بابا وڏو ڪري سڏيندو هوس، ڪيس پنهنجو اولاد ڪونہ هو، مونکي ننڍپڻ ۾ هوُ پاڻ سان وٺي هلندو هو. مان ڪيس پيڙون بہ ڏيندو هوس تہ گرميءَ جي موسم ۾ جهلي بہ لوڏيندو هوس. جهلي لوڏي لوڏي هٿ ٿڪجي پوندا هئا تہ پير جي آڱوٺي ۾ جهليءَ جي ڏور ٻڌي جهلي لوڏبي هئي. اڳي وڏن جو، پيءُ ماءُ جو ادب هو ۽ خدمت ڪندا هئاسين پر اڄڪلهہ وڏا ننڍن کان ڏڪن ٿا! هن پر اُپڪاري ست پرش جا شڀ سنسڪار بہ داس کي مليا.

اسانجا ڪُل گرو سوامي ڪيشوداس مهاراج هئا. اُنهن جي آستان تي بہ ويندو هوس تہ منڊي سنگت ۾ بہ ڪٿا شروع ڪندو هوس. مونکي گرمکي سيکارڻ لاءِ واڌو واڻي محلي ۽ اجو واڻي محلي پرسان سوامي چرڻداس سوامي پوڌداس جي دربار ۾ موڪليو ويو، روز اُتي وڃي گرمکي سکندو هوس، شري جپ صاحب ياد ڪيم، روز آرتيءَ ۾ بہ شريڪ ٿيندو هوس.

منهنجو ڪاڪا صاحب شري وشنداس سائي آرتوار ڏينهن بابا ڪيشوداس مهاراجن جي سماڌيءَ تي بہ وٺي هلندو هو تہ پرڳڙين ۾ بابا تلسيداس مهاراجن جي آستان تي بہ وٺي هلندو هو. سنتن جي گيان گوشٽي پوري سمجهي ڪين سگهندو هوس پر سندن درشن ٿيندو هو ۽ آسيس ملندي هئي.

ديش جي ورهاڱي سبب وطن جا وڻ ڇڏي ٻارهن سالن جي عمر ۾ هت ممبئي ۾ پريوار سان آيس، اُتان وري ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اسانکي آندو ويو، شڀ سنسڪارن

دا هوندراج دکايل سان بہ نينهن جو ناتو رهيو. دادا دکايل ئي داس کي
ا' جو تخلص ڏنو. دادا لعلچند ماکيجاڻي، دادا جئرامداس دولترام، لوڪ
ا شري ناري گرسهاڻي، ياءُ ٻچارام ليڏواڻي ۽ ٻيا ماهر مدبر بہ پريرت
ندا رهيا.

پياري پريوءَ ۽ سندس نت اوتار سنتن درويشن ۽ ماتا پتا وٿان داس
شيپ سنسڪارن جي پوناجي ملندي رهي آهي. سندن ئي ڪرپا سان
يترا ئي خلق خدمت جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. وديارٿي جيون ۾ ساڌو
انند ۽ ٻين ستپرشن جا جيون چرتر پڙهندي بہ ڪافي ڪجھ پرايم.
ڌ جي ڪيترن ئي سنتن درويشن ۽ ڀارت جي ڀڳتن جي جيونين جو اڀياس
ري اُنهن بابت 'سنڌ جا سنت' ۽ ڀارت جا ڀڳت پستڪ لکيا. منهنجي
ڪام نماڻي سيڻ شري موٽومل کيراجمل چانڊواڻيءَ مونکي پوجيہ ستگرو
امي شانتي پرڪاش مهاراجن، دادا جشن واسواڻي ۽ سوامي ديو پرڪاش
اراجن جي جيون لکڻ لاءِ پريرت ڪيو. سندن جيون جو اڀياس ڪندي داس
ڻو ڪجھ پرايو ۽ پرائيندو رهندس. پي.ايچ. ڊيءَ جي مقالي لاءِ کوج
ڪندي پڻ سنت ساهتيہ جو اڀياس ڪندي سنتن جي سکيائن جو پرڀاو پيو.
نکي دکين دريدرن جون دعائون بہ اڏينديون رهيون آهن جن جي خدمت
ڪرڻ ۾ آنند ايندو آهي، پکين پسن جون بہ آسيسون ملنديون رهن ٿيون.
ڪاش! پيارو پريو پڇاڙيءَ جي پهر تائين اِها پوناجي قائم رکي ۽ سک سان
نساري سفر سماپت ٿئي.

نانڪ پت سيتي گهر جاءِ

☺☺☺

جنهنجو آواز آهي! آشا
ڀڏي تنهنجا اکر ماڪيءَ کان مٺا
ٿين دک درد ڪليش وناشا!
وڃين ٿو! وري موٽ جلدي موٽ!
دل ساري توکي ساري، آهين ڪير؟
پيارا منهنجا گهوٽ!
اچي ڏي دکي دلين کي دلاسو!
ڏيان ڇا توکي
پايان حليمي هار!
آسيس پئي توتي ڇمڪي!
اُڪار ستل پارت کي!
ڏيئي نينهن نرمل نمار!

دادا ساڌو واسوانيءَ جي عنايت سان ئي مونکي نہ صرف ڪاليج ۾ ليڪچرار جي نوڪري ملي پر بئريسٽر هوتچند آڏوانيءَ ۽ پرنسيپال ڪي.ايم. ڪندناڻيءَ جو سنيهہ سنمان مليو. دادا واسوانيءَ سان سنيهہ سنبنڌ سبب داس جو سمپرڪ پياري دادا جشن واسوانيءَ سان ٿيو، جن جي پيار ۽ آسيس آب حيات جو ڪم ڪيو. داس کي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ شري ساڌ ٻيلا مهنت آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراجن جو سنيهہ ملندو رهيو آهي، سائين هردارام صاحب، سوامي ماڌوداس مهاراج، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سوامي چرڻداس مهاراج، سوامي ڪرشڻانند، سنت چانڊورام صاحب ۽ ٻين سنتن جو سنيهہ ۽ آسيس داس کي ملندي رهي ٿي.

مون اڻ ڳهڙيل کي منهنجا پريپورڻ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پنهنجي مهر سان گهڙيندا رهيا. منهنجا گرو ديو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ دادا جشن واسواني ٻئي مهان ويوتيون منهنجا روحاني راڻا، سد سد نماڻا! ديا ۽ پريم جا اوتار منهنجا سچا سونهان ٿي رهيا. ٻئي مٺا منٺار غمگسار جن سان ڳنڍيل دل جي تار! درويش شاعر پرسرام ضيا صاحب

اجن جي ڪٽ ڪي پيڙون ڏيندو هوس تڏهن ڳاديءَ تي سوامي جمناداس مهاراج
جمان هئا. چنڊرات جو تہ مذڪور دربارن ڪان سواءِ باباگرپت صاحب جي وڏي
ءَ سوامي سنمڪداس مهاراج جي دربار ۾ بہ ويندو هوس سيني هنڌ نتمستڪ ٿي
ناهہ صاحب وٺبو هو. چنڊرات جو نہ صرف گهر جي وڏن ڪي پر پاڙي وارن وڏڙن
پيري پئي آسيس وٺبي هئي.

چوٿون درجو پاس ڪرڻ بعد مان ناز ا هاءِ اسڪول ۾ پنجون درجو پڙهندو
س. هندو چاهي مسلمان شاگرد هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين ۽ رانديون ڪندا
سين. پاڻ ۾ ميل ميلاپ هو. صرف نئتڪ (مارل) پيرڊ جدا جدا ڪلاسن ۾ هندو
ارٿين ڪي جپ صاحب پاڙهيو ويندو هو ۽ مسلم شاگردن ڪي قران شريف جي سڪيا
ي ويندي هئي. ماسٽر نٿرمل منهنجو ڪلاس ٽيچر هو. مان پنجين درجي ۾
ندو هوس تہ اوچتو ديش جو ورهاڱو ٿيو.

سنہ ١٩٤٨ع ۾ وطن جا وڻ ڇڏي بس ذريعي ڪراچيءَ آياسين. اُتان
مونبي جهاز دواران ممبئيءَ آياسين. هفتو ڪن سمنڊ جي دڪي تي چادرون
ڪي رهياسين. تيار ڪاڌو سرڪار طرفان ڏنو ويندو هو. تن ڏينهن ۾ گوليون
ڪيٽ بہ وڪيا. ائن ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ اسانکي ٽرين ۾ چاڙهي ڪلياڻ
ي پوءِ ملٽري ڏڪي جيمسائيبنگ تي لاهي ٽرڪ ۾ چاڙهي ڪلياڻ ڪئمپ
۾ ٿائينڪو ڪيو ويو. اسان پاڳن وارا هئاسين جو اوٽي سيڪشن ۾ بئرڪ
رهياسين. اسان ڪي بہ روم مليا. ڪيترو وقت سرڪار طرفان اسان ڪي
ت راشن ڏنو ويو. گهر جي گذران لاءِ منهنجي پتاجن ڏنتو ڏاڙي شروع
ڪيو. مان بي.جي.تلڪ اسڪول ۾ پڙهندي پنهنجي پتاجن ڪي ڏنتي ڏاڙيءَ
مدد ڪندو هوس. ڪلياڻ ڪئمپ ٥ ڪان ڪئمپ ١ ٿائين اوٽ موٽ پنڌ
ڪري ويندو هوس. سواريءَ جو ساڌن ڪين هو. امرناٿ ڪٽڪ پيهائڻ بہ
دل ويندو هوس. سيڪنبري تعليم مان نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ ورتي. پڙهڻ
ايڏو اڪابر ڪين هوس باقي اسڪول جي مشغولين ۾ سرگرم رهندو
وس. اسانجي ڏينهن ۾ مئٽرڪ يارهين درجي ۾ هئي. مان جڏهن ڏهون درجو
هندو هوس تڏهن مان هندي شڪشڪ سند امتحان جي بہ تياري ڪئي. سنہ
١٩٥ع ۾ مان جدا جدا اسڪولن ۾ ليسن تيار ڪري وڃي پاڙهيندو هوس.

پورائيءَ ۾ پال ڪيا

مان خوش نصيب آهيان جو منهنجو جنم ڏارمڪ پريوار ۾ سرٽيفڪيٽ موجب ١٦ ڊسمبر سنہ ١٩٣٦ع ۾ خيرپور ميرس سنڌ ۾ شري ڪوتومل سوپراج ڏاميجا جي گهر ۾ ٿيو. امڙ چوندي هئي تہ تون هوليءَ جي ڏينهن ۾ ڄائو هئين. ديش جي ورهاڱي سبب سرٽيفڪيٽ وٺي ڪين سگهياسين انڪري شايد جنم جي تاريخ ۽ سنہ ۾ ڦيرڦار ٿي وئي آهي. منهنجو پوڄيہ پتا شري ڪوتومل ۽ ڪاڪا شري وشنداس سوپراج ڏاميجا ٻئي ڀائر هئا. ماتا پاري ٻائي منهنجي ڀاڀي (چاچي) سدوري ٻائي پاڻ ۾ ڀينر هيون. ٻنهي ماتائن مونکي هڪ سريکو پاليو نپايو. گهر ۾ وڏي ڀيڻ ديوي بہ هئي. مون کان پوءِ ڀاءُ آننداسم ۽ ڀيڻ ڪوشليا ڄائي. گهر ۾ ڌارمڪ واتاورڻ هو. اسين وچولي پوش هئاسين. گهر ۾ ايڪو ۽ آنند هو. پهرين مان سڪيلڌو هوس تہ مونکي ڏاڍي چوچ مان پاليو ويو. امڙ ٻڌائيندي هئي تہ توکي ڀڳت ڪنورام صاحب لولي ڏني هئي.

مونکي ٻاراٽو پڙهڻ لاءِ داخل ڪيو ويو تہ لکڻ پڙهڻ ۾ دل ڪين لڳندي هئي. مان ابتدائي تعليم سرڪاري سنڌي پرائمري اسڪول ۾ ورتي. سوامي چرڻداس مهاراج جي درٻار ۾ گرمکي سکي شري جپ جي صاحب ياد ڪيو. مان ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ منٽي سنگت ۾ ڪٿا ٻڌڻ ويندو هوس. اُتي بابا وڏو ڀڳت ٿهليارام ليلا رام ڀائي چتاسنگهہ ڀائي ڪٿا ڪندا هئا. شري ٿائونرام ۽ شري وشنداس گرو گرنٿ صاحب پڙهندا هئا. مان ننڍي هوندي بابا ڪيشوداس مهاراجن جي درٻار ۾ بہ ويندو هوس. اُتي بابا ڪيشوداس

اٽيءَ جي خاص سفارش سان مونکي ڪي.سي. ڪاليج ۾ پوءِ ايڇ.
ڪاليج ممبئي سنڌي ليڪچرار جي نوڪري ملي. ان ڏس ۾ حيدرآباد
نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي پريزيڊنٽ دادا بئريسٽر هوتچند
داس آڏواڻي ۽ سيڪريٽري پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ صاحب جي
پال پلايا سي پلجڻ جا ناهن. عمر ۽ آزمودي ۾ مون کان وڌيڪ ڪي
ان نوڪريءَ لاءِ خواهان هئا پر رب جي رحمت تي ستگرو سوامي
ني پرڪاش مهاراجن جي ڪرپا به ڪم ڪيو. مان سادو سودو ڳوٺاڻو
مجي ويس ۽ شاهه لطيف جو بيت تري آيو :

الا ڏاهيون ۾ تيو ڏاهيون ڏک ڏسن

مون سان مون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

ڪاليج جي نوڪريءَ سبب مونکي پرڀات جو گهر مان نڪرڻو
دو هو. منهنجي پتني لاجونتي سويل اُٿي ناشتو تيار ڪري ڏيندي هئي.
صبح جو ٧ بجي ايڇ.آر. ڪاليج آف ڪامرس چرچگيٽ ممبئيءَ ۾
چي ويندو هوس. پرنسيپال ملڪاڻي صاحب به مهربان رهيو. سنه ١٩٦٥ع
الهاسنگر ٣ ۾ حيدرآباد سنڌي نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ چاندي ٻائي همٿمل
سڪاڻي ڪاليج برپا ڪيو. پوءِ مان ٿي ڏينهن هتي چاندي ٻائي منسڪاڻي
اليج ۾ ۽ ٿي ڏينهن ايڇ.آر. ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهڻ ويندو هوس. چاندي
ي منسڪاڻي ڪاليج جي نرماڻ وقت مان مهان ڪرم يوگي سنت سوامي
شاهه مهاراجن کي وينتي ڪئي ته هن وديا مندر ۾ چرڻ گهمايو جئن
ڪاليج ڦلي ڦولي. سوامي ليلاشاهه مهاراجن عرض قبول ڪري ان
اليج بلڊنگ ۾ چرڻ گهمايا، آسيس ڪيائون. سنڌي پاڙهڻ کان سواءِ مان
يارٿين ۾ شڀ سنسڪار به وجهندو هوس ته رنگ منچ تي سنڌي
ڪانڪي ناٽڪ، سنڌي نرتيه، سنڌي لاڏا، سنڌ ڀڳت وغيره وديارٿين
اران پيش ڪندو هوس. سنه ١٩٦٨ع کان مان چاندي ٻائي ڪاليج ۾ ڦل
يم سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس. مان چاندي ٻائي ڪاليج ۾ سنڌي
هت سنگت برپا ڪئي. ان سنگت طرفان سنڌي ساهتيڪارن ديش ڀڳتن
نڌي سنتن روحاني رهبرن جا ڏينهن ملهائيندو هوس. اُنهن ڪاريه ڪرمن

پياري پروفيسر ڳوپ روپچنداڻي ۽ مان ڳڏجي هندي شڪشڪ سند جو امتحان ممبئيءَ ۾ ڏنو ۽ ڪنگ جارج هاءِ اسڪول ماٽونگا ۾ ايڪتا جي وشيہ تي هنديءَ ۾ ڪوتا پاڙهي سمجھاڻي ڏني. سرسوتي ماتا جي ڪرپا سان مان هندي شڪشڪ امتحان پاس ڪيو. نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ منهنجا اُستاد چوندا هئا تہ اسين ٽرينڊ ٽيچر ناهيون ۽ تون ٽرينڊ ٿي ويو آهين! ڏهين درجي ۾ مان هندي شڪشڪ امتحان پاس ڪيو ۽ سنسڪرت پرٿما جو امتحان پڻ پاس ڪيو. ڪي سال اڳ مان هنديءَ ۾ ڪوود جو امتحان پاس ڪيو هو، انڪري مونکي هندي شڪشڪ سند پڙهڻ جو وجھہ مليو. سنہ ١٩٥٥ع ۾ جيئن ئي مئٽرڪ پاس ڪئي تہ پڻ مهنن بعد مونکي راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ ۽ ٻين ميمبرن پهرين ايس.ئي.ايس. اُلهاسنگر ١ ۾، پوءِ ايس.ئي.ايس. هاءِ اسڪول ٢ ۾ ماستر مقرر ڪيو. تن ڏينهن ۾ ماستر جي پگهار ٨٥ روپيا هوندي هئي پر مان ٽرينڊ ٽيچر هوس انڪري شروعاتي پگهار ١٠١ روپيا ملندي هئي. ڪاجھہ مهنن بعد مان بي.جي.تلڪ اسڪول ۽ اُن بعد نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ڪئي ۽ شام جو مهاتما گانڌي راتري پاٺشالا ۾ شيوا ڪندو هوس.

سويل پريات جو نئشنل ڪاليج باندرا ۾ پڙهڻ ويندو هوس ۽ پوءِ واپس وري منجهند جو سيڪنڊ شفٽ ۾ پاڙهيندو هوس. منهنجي امڙ پريات جو اُٿي مونکي ناشتو ٺاهي ڏيندي هئي. صبوح ٥ بجي گهر مان نڪري پنڌ ڪري اُلهاسنگر اسٽيشن تان صبوح جو ٣٥ - ٠٥ لوڪل ٽرين ۾ روانو ٿيندو هوس. ٣٠ - ٠٧ بجي نئشنل ڪاليج ۾ پهچي وڃبو هو. اپريل سنہ ١٩٥٨ع ۾ منهنجي شادي پونا ۾ رهندڙ شري ديارام للا جي سپتري لاجونتيءَ سان ٿي. انٽر آرٽس ۾ ڪي وشيہ لازمي ۽ ڏکيا هئا. انڪري دقتون پيش آيون. ايشور ڪرپا سان آخر انٽر آرٽس پاس ڪري بي.اي. سنڌيءَ ۾ ڪئي. پروفيسر بي.ايڇ. ناگراڻي ۽ پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي سنڌي پاڙهيندا هئا. پرنسيپال اجواڻي صاحب سان تہ خاص ناتو هو.

پروفيسر ليکراج عزيز صاحب سنہ ١٩٦٤ع ۾ ڪي.سي. ڪاليج مان رٽايرڊ ڪيو. پياري دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي ۽ پياري دادا جشن

پياري دادا جشن و اسو اٽي صاحب عالماڻو وياڪيان ڪندي وديارٿين ۽
يسرن جي راهه روشن ڪئي. دادا جن وديارٿين کي انعام ڏيڻ جي رسم ادا ڪئي.

مان جڏهن چانديءَ ٻائي ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ٿيس ته ٻن سالن بعد
سيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي صاحب سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ پڌاريو ۽
ستر اشوڪ هوتاچند آڏو اٽي پريزيڊنٽ ٿيو. ڪي.سي. ڪاليج ۾ چانديءَ ٻائي
ليج جي لوڪل ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ هلي رهي هئي ته شري اشوڪ آڏو اٽيءَ
سيپال جي.ڪي. ڀمياڻي کي چيو ته ڊاڪٽر ديال آشا لاءِ هڪدم نئين ڪار جو
ڏيو. مان ماٺ ۾ رهيس. ٻئي ڏينهن مان پريزيڊنٽ اشوڪ آڏو اٽيءَ کي خط لکي
ڪليو ته اوهان ڪار جي آڇ ڪئي ان لاءِ شڪرگذار آهيان. پر مان ڪار ڇا ڪندس!
ان جو قرب ڪافي آهي. مان فقير تن آهيان. ڪڏهن پنڌ ته ڪڏهن آٽو ۾ چڙهندو
ن. مهرباني ڪري ڪار خريد نه ڪندا.

هفتي کن کانپوءِ شام جو سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ بورڊ جي
ڪريٽري پرنسيپال اين.جي. هنگوراڻي نئين فياٽ ڪار مون کي سپرد ڪرڻ لاءِ
. مان عجب ۾ پئجي ويس ته پرنسيپال هنگوراڻي صاحب منهنجو اُستاد خاص
ار سپرد ڪرڻ لاءِ آيا آهن. مان کين عرض ڪيو ته مان ڪار ڇا ڪندس! پرنسيپال
گوراڻي صاحب هڪدم سوامي ديو پرڪاش مهاراجن وٽ ويو ۽ کين چيائين ته
رڊ طرفان اوهان هيءَ ڪار پياري ڊاڪٽر ديال آشا کي ڀيٽ ڪريو. اسان سان
ڪاني ڪري ٿو. سوامي ديو پرڪاش مهاراجن مونکي گهرايو ۽ چيو ته پرنسيپال
گوراڻي صاحب خاص ڪهي تو لاءِ نئين ڪار بورڊ طرفان وٺي آيو آهي تون چاهيون
ول ڪر. ساڌن آيو آهي ته سک ڪيج. مان سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ۽
گوراڻي صاحب جي آگيا اکين تي رکي ڪار قبول ڪئي. ڪار استعمال ڪرڻ لاءِ
ڪو الڳ ڊرائيور ڪونه رکيو. خرچ بچائڻ لاءِ ڪاليج جو پٽيوالو ئي مونکي ڪار
ڪاليج وٺي ايندو هو. ڪيترا دفعا ڪار ۾ پيٽرول به پنهنجي پئسن سان وجهائيندو
س. رٽايرڊ ڪرڻ بعد مان پروفيسر آف اميرٽس جي ڪرسي ماڻڻ بعد سنه ٢٠٠٠ع
ڪار بورڊ کي واپس موڪلي. پرائي امانت وڌيڪ وقت استعمال ڪين ڪئي.

مان جڏهن ڪاليج جو پرنسيپال ٿيس تڏهن ڪاليج جي وارشڪ اُتسوَن
ار اشٽر جي ليبر منسٽر جناب شابر شيخ، مهاراشٽر جي داروبندي وزير شري
گننات پاٽل، بورڊ جي مکيه ميمبر شري ناري گرسهاڻي صاحب، دادا گنگارام

۾ ڪاليج جا وديارٿي به ڀاڱ موڪيندا هئا. جدا جدا پروگرامن ۾ جدا جدا سالن ۾ مان پرنسيپال ايل. ايڇ. اجواڻي صاحب، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، پرنسيپال اين.جي. هنگوراڻي ۽ پرنسيپال موهن اجواڻي، سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر صاحب، پرنسيپال سيتا سامتاڻي، شري گوبند مالهي، شري ڪيرت ٻاٻاڻي، ڊاڪٽر پرسو گوواڻي، ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، راشٽريہ سنتي ڪوي هوندراج دکايل صاحب، شاعر پرسرام نماڻو، شاعر واسديو نرمل پرنسيپال هيرو شيوڪاڻي، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، شري چيٽانند ۽ سشيلا لالواڻي، شري سيتلداس هرچنداڻي (ايم. ايل. اي)، شري پيپو ڪالاڻي (ايم. ايل. اي) ۽ ٻيا عالم اديب منهنجي منٿ مڃي پڌاريا ۽ وديارٿين جي راهہ روشن ڪيائون.

منهنجي ونيہ تي منهنجا ڪامل ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ٽي چار دفعا جدا جدا موقعن تي اسانجي چانديبائي منسکاڻي ڪاليج ۾ پڌاريا. پنهنجي پروچن دوران مارگ درشن ڪيائون ۽ آسيس ڏنائون.

ڪاليج جي شروعاتي دور ۾ بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ جي آگيا سان مان پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ کي ڪاليج ۾ پڌارجڻ لاءِ عرض ڪيو. پوجيہ دادا جشن واسواڻي ٻال ٻلائي ڪاليج ۾ آيا. مان سندن سواگت ۾ گيت ڳايو. پرنسيپال جي آهوجا. پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي ۽ بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ پوجيہ دادا جشن جو سواگت ڪندي سندن پرچيہ ڏنو. دادا جن پنهنجي ودوتا پورڻ پروچن دوران سونهپ ڪندي آسيس ڪئي.

مدت بعد ڪاليج جي سلور جبلي اُتسو ۾ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ کي مکيہ مهمان طور پڌارجڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. پوجيہ دادا جشن واسواڻي عرض قبول ڪري ڪاليج ۾ پڌاريا. پرنسيپال ڪنعيالال تلريجا سندن سواگت ڪيو ۽ بئريسٽر دادا هوتچند، گوپالداس آڏواڻي. پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي صاحب دادا جن جي آمد تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ داداجشن انتراشٽريہ سنت آهن ديا ۽ پريم جو اوتار آهن.

لا ملي. منهنجي ايامڪاريءَ ۾ يارهين - ٻارهين ۽ ايف.و اءِ.بي.ڪام جا ست -
ڪلاس هئا، تنّهن بہ داخلا ڏيڻ مشڪل هئي. مان پنهنجي رسڪ تي پروفيسرن
سهڪار سان هڪ هڪ ڪلاس ۾ ١٤٠ ڪن ۾ ١٢٥ شاگرد داخل ڪيا. ڪنهن
ڻ چيو تہ اوهان سرڪاري بنا موڪل جي ايڏا وديارٿي هڪ هڪ ڪلاس ۾ داخل
ڪري سگهو. اوهان تي ڪو سرڪاري قدم ڪاهجي تہ پوءِ پاڻ کي تڪليفن ۾ چو ٿا
هو. مان وراٽيو تہ اُلهاسنگر ۾ وديارٿين کي جيڪڏهن هتي داخلا نٿي ملي سگهي
ويچارن کي ٻين ڪاليجن ۾ ڪيئن داخلا ملندي! مان وڌيڪ وديارٿي داخل ڪري
و ڏوهہ جو ڪم ڪين ڪيو آهي! مان ڪنهن کان رشوت وٺي داخلا ڪين ڪئي
ي. مونکي ڪرسيءَ جي پرواهہ ڪين آهي. مان جيترن جو ڀلو ڪري سگهان، ڀلو
ندس.

چاندي ٻائي ڪاليج جا وديارٿي جدا جدا کيترن ۾ ترقي ڪري
ڪنهن منزل تي پهچندا هئا تہ اُنهن کي ڪاليج وارشڪ اُتسو ۾ گهرائي
نمانت ڪندو هوس. منهنجي ڪاليج جو هڪ مسلم شاگرد امرناٿ
ونسپل جو ميمبر چونڊجي آيو تہ مان کيس منچ تي گهرائي سنمانت ڪيو.
سالن بعد وري ساڳيو وديارٿي عبدال شيخ امرناٿ ميونسپل جي ڪنهن
ڪاميٽيءَ جو چيئرمن چونڊيو ويو تہ مان کيس ٻيهر وارشڪ اُتسو ۾ گهرائي
نمانت ڪيو. اهڙن ماضي وديارٿين تي مون کي فخر ٿيندو آهي. منهنجي
روايت جي مخالفت ڪري ڪي غير سنڌي پروفيسر اعتراض طور ٻاهر
ڪري ويا. پنهنجي ڪاليج جي ماضي وديارٿين جي همٿ افزائي ڪرڻ
ن پنهنجو فرض سمجهندو هوس. پرنسيپال جي ڪرسيءَ تي هوندي ڪي
روفيسر ٿيڙا بہ هلندا هئا تہ مان اُنهن سان ٿيڙو نہ هلندو هوس.

جي وڙ جڙن جن سين سي وڙ سيئي ڪن.

هڪ ٻن پروفيسرن جي اڃا هئي تہ مان جلدي رٽايرڊ ڪريان تہ ڪين
رنسيپال جي ڪرسي ملي. اُنهن منهنجي خلاف ڪن اختياريءَ وارن جا
ڪن بہ ڀريا. انڪري مونکي ڇهہ مهنا موڪل ڪاٽي پئي ۽ ساڳئي وقت مونکي
ٽايرڊ ڪرڻ بعد چار سال پروفيسر آف اميريئس جو آرڊر مليو. چار سال ساڳي
رنسيپال جي پگهار ۽ ڪار برائيون وغيرهہ سهوليتون بہ ميسر ڪيون ويون. موڪل

ساجداس، ڊاڪٽر ڪپور ۽ ٻين ڪي الڳ الڳ سالن ۾ مکيه مهمان طور دعوت ڏني، جن اچي موقعي جي نزاڪت وڌائي.

مان نه صرف ڪاليج ۾ پاڙهيندو هوس پر گهرجائون غريب وديارٿين ڏانهن خاص توجه ڏيندو هوس ڪن ڪي آرٿڪ سهائتا به ڪندو هوس ته ڪن ڪي اسٽوڊنٽ ائڊفنڊ مان مدد ڪبي هئي.

حيدرآباد سنڌ بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي صاحب سان گهرو ناتو ٿي ويو. سندن مون ۾ پورو پورو وشواس هوندو هو. هوُ منهنجي رتن ڪي وزن ڏيندا هئا. هنن مونکي اوچتو بنا انٽرويو وٺڻ جي وائيس پرنسيپال مقرر ڪيو. جنهن لاءِ مون ڪو انٽرويو ڪونه ڏنو. ڪجهه سالن بعد وري اوچتو مونکي پرنسيپال مقرر ڪيو. مون ڪي پد جي ڪابه لالسا ڪين هئي. ڪجهه مهنن کان پوءِ مان پرنسيپال ڪندناڻي صاحب ڪي پرنسيپال جي پد تان استعفا ڏياري موڪلي ته استعفا واپس موڪلي لکيائون ته منهنجي صلاح کانسواءِ تو هي استعفا ڇو موڪلي آهي. پڪو پختو رهه.

پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ مان نوٽيس بورڊ تي لکائي ڇڏيو ته ودوائن جا ٻار گهٽ سيڪڙو مارڪون ڪٽندڙ ڪاليج ۾ داخلا لاءِ سڌو مون سان اچي ملن ته مان اُنهن کي داخل ڪندس. پهچ وارا ته چٺيون لکائي ايندا پر هيءُ اناٿ ٻار ڪنهن کان چٺي لکائين! اِها خبر اُن وقت جي پريزيڊنٽ شري اشوڪ آڏواڻي ۽ شري ناري گرسهاڻيءَ کي پيئي. بورڊ جي ميٽنگ ۾ مونکان سوال پڇيو ويو ته بنا اسانجي موڪل جي اوهان گهٽ سيڪڙو مارڪون ڪٽندڙن ڪي داخلا ڪيئن ٿا ڏيو؟ مان جواب ڏيندي چيو ته هلندي پڄندي وارا اوهان وٽ پهچي وڃن ٿا. منهنجا بيواهه ٻار اوهان وٽ ڪين اچي سگهندا. مان سر زمين تي ويٺو آهيان ۽ جاچ ڪري پوءِ ڪين داخل ڪندو آهيان. مان ڪو ڏوهه جو ڪم ڪين ڪيو آهي. مونکي انهن غريب ٻارن لاءِ همدردي آهي. پيارو ٻائو گنگارام منسکاڻي مونکي سدائين ڪاليج جي نيائين جي پارت ڪندو هو.

هرڪو وديارٿي چاهيندو آهي ته مونکي چانڊي ٻائي منسکاڻي ڪاليج ۾

پريوار

منهنجو پريوار وشال آهي. مان نہ صرف گهر جي ڀاتين کي پر سوين دکي
يدر ڀينرن ڀائرن کي پنهنجو ڪري سمجهندو آهيان. سندن دک درد ڏسي دل
جي اينديي آهي، سنڌمن دک درد کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندو آهيان.
وهنوار جي خيال کان منهنجي پوجيہ پتا جو نالو شري ڪوڙومل سوپراج
ميجا ۽ پوجيہ ماتا جو نالو پاري ٻائي هو. گڏيل ڪٽنب هو. منهنجو چاچو جنهن
ي مان ڪاڪا ڪري سڏيندو هوس شري وشنداس سوپراج ڏاميجا ۽ چاچي جنهنکي
ڀاڀي ڪري سڏيندو هوس سدوري ٻائي وشنداس مونکي ماتا وانگر پاليو ۽ مونکي
ت سنسڪارن جي پونجي ڏني. گهر جا چارئي وڏڙا جن منهنجي پرگهور لڌي
نا ڪئي سي هن وقت سچکنڊ ۾ آهن. منهنجي وڏي ڀيڻ ديوي ٻائي جو وواهہ
ند ۾ ٿي شري پرسرام ٺاڪومل منچنديا سان ٿيو. هن وقت منهنجو ڀيٽيويو شري
سرام حيات ڪين آهي. سندس ٽي پٽ ڏنو، جئرام، مڪيش ڌنڌي ۾ مشغول آهن.
ي ڀيڻ ڪوشليا جو وواهہ هِتي منهنجي دوست شري پوڪرداس ٽيڪچنداڻيءَ سان
و. شري پوڪرداس ٽيڪچنداڻي مون سان شيوا ڪاريہ ۾ بہ سڪريہ هو. هوُ بہ راهہ
اني وٺي ويو. سندس ٽي پٽ رميش، مهيش، لڪشمڻ، ڌنڌي ۾ مشغول آهن. سندس
نياڻيون رتنا ۽ شاردا آهن. منهنجي ٽيون نمبر ڀيڻ ايشوري ٻائي شادي ڪين ڪئي.
نتي اسڪول ۾ ماستري ڪندي سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪندي رهي. چوٿين
ڻ نما جو وواهہ شري اوم حشمتراءِ لعلواڻيءَ سان ٿيو. هوُ آر. ايس. ايس ۾ سڪريہ
هيو. هن وقت بئنڪ آف بڙودا مان رٽاير ڪيو اٿائين. سندس بہ پٽ راجا ۽ جيتو

تي هوندي مان پرنسيپال جي آفيس ۾ ساڳئي ڪرسي تي ويهندو هوس سرڪاري ڪاڳذات چيڪ و ائوچر بہ صحي ڪرڻا پوندا هئا. باقي ڪاليج ۾ بي جو ابداري ڪين هئي. مان ڪاليج ۾ نوڪري ڪندي اتفاق سان موڪل ڪائيندو هوس. مان صبر ۾ رهندو هوس پريو جيڪي ڪري ٿو تنهن ۾ ڪو راز رکيل آهي. دير آهي پر انڌير ناهي. منهنجي مانيور بزرگ ياءُ شري ناري گرسهاڻي لکي موڪليو تہ ڪن اسان کي اوهان لاءِ غلط ڏارڻا وهاري اوهان لاءِ اسانکي ساڳي عزت سدياونا آهي.

بورڊ ويهن ڪاليجن مان پهريون پروفيسر آف اميريئس مونکي مقرر ڪيو. پريزيڊنٽ بئريسٽر اشوڪ آڏو اٽي منهنجي قدر شناسي ڪندي اِها ڪرسي خاص مون لاءِ مقرر ڪئي اُن لاءِ مان احسانمند آهيان.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پياري دادا جشن و اسو اٽي، ماتا پتا ۽ وڏڙن جي آسيس ۽ دکين دريدرن جي دعائن سبب رٽايرڊ ڪرڻ کان پوءِ بہ مونکي نہ صرف اُلهاسنگر ۾ پر پارت جي جدا جدا شهرن ۾ جيڪو سنيهہ ۽ سنمان ملي رهيو آهي سو ورلن کي ملندو آهي. مان لائق نہ آهيان اِها لائقي منهنجي مرشد، محبوب ۽ ڏٽيءَ جي لائقي آهي.

تنهنجي رضا تي رازق راضي رهان سدائين،
احسان ڪيڏا تنهنجا، لاهي سگهان نہ سائين!
آهيان ڪين ڪي مان لائق سپ تنهنجي لائقي آ.
ڪيڏو شان رتبو ڪيو ٿي، ننگي ننگ ٿو نپائين.
اپوجهن کي تون اڏين ٿو، اياڻن کي ڪرين سياڻو،
نوريءَ جهڙين کي سائين، پٽ راڻي تون بڻائين.

☺☺☺

اٽلاٽي آهي جو بي.ڪام پڙهندو آهي. مان ڪيس ڏاڍو پائيندو آهيان.

منهنجي ٽيون نمبر نياڻي گوداوري ڊاميجا اجا ڪاليج ۾ پڙهندي
تہ حيدرآباد دکن ۾ رهندڙ شري ڪوٽومل ڏيوناڻيءَ پنهنجي پٽ لاءِ
ي ورتي. مگر نياڻيءَ جو ان جل اُتي پورو ٿيو. ناحق ڪيس طلاق ڏني
ي. اُن ۾ بہ پريوءَ جو ڪو راز هوندو. مونکي ٽيون نمبر ناٺي شري
انند وچاڻي مليو جو ڏاڍو پيار وارو ڊارمڪ آهي. گوداوريءَ جو نالو
وقت مهڪ آهي جا پنهنجي ڪانٽ سان ناسڪ ۾ سڪميہ جيون گذاري
ي آهي. هر روز صبوح ۽ رات جو منهنجو ناٺي شري هيرانند ۽ ڪڪي
اوري فون تي منهنجو سُڌ سماءُ لهندا آهن.

منهنجي چوٿين نياڻي پدما جو وواهہ شري ڪشنچند ٽيڪمداس
جا سان ٿيو. سندس ساهرو نالو بہ مهڪ آهي. ڪيس هڪ سپاٽر موهت
ي جو ڪاليج ۾ پڙهندو آهي. هيءَ نياڻي بہ پڳتيءَ ۾ پنل هوندي آهي.

منهنجو پائٽيو پرتلعل جنهن کي مان پٽن وانگر پائيندو آهيان ۽
دس پتني سُمن بہ منهنجي سار سنڀال لهندا آهن. ڪين پہ سپتر پاويش ۽
گر آهن جيڪي ڪاليج پڙهندا آهن. منهنجو ٻيو نمبر پائٽيو سنيل ۽
دس پتني ڪشش بہ منهنجي شيوا ڪندا آهن. ڪين پہ نياڻيون آهن.

☺☺☺

ڏنتي ۾ مشغول آهن. سنہ ۱۹۵۸ ۾ منهنجو وواهہ پونا جي شري ديارام مالهومل لُلا جي سپتري لاجونتيءَ سان ٿيو. منهنجي سَسُ سمپت بائي ديارام مونکي پنهنجي اولاد وانگر پيار ڏيندي رهي. منهنجو سهرو شري ديارام لُلا ۽ سس سمپت بائي تہ ڏارمڪ پرورتيءَ وارا هئا. هن وقت سچکنڊ ۾ آهن. سندن سپاتر شري هوندراج لُلا منهنجو سڪيلڌو سالو آهي، داس کي ڪافي عزت ڏيندو آهي. منهنجي پتني لاجونتي بہ سنساري سفر پورو ڪري پرم ڌام پڌاري. منهنجو ننيو پراتا آنندرام مون سان گڏ رهندو آهي. سندس وواهہ منهنجي سائي ڪملا ديارام لُلا جي سپتريءَ سان ٿيو. کيس بہ سُپتر پرت لعل ۽ سنيل ۽ هڪ نياٽي سوني آهي. ڪملا بہ منهنجي ڪافي سار سنڀال لهندي آهي.

منهنجون چار نياٽيون شينهن ڪلهن چڙهيل آهن. پهرين نياٽي درگا جو وواهہ پياري ڪشورلعل موٽومل چانبواڻيءَ سان ٿيو. منهنجو سيٺ شري موٽومل چانبواڻي سماج سيوي ۽ سدارڪ هو. هوُ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو اننيہ ڀڳت هو. هوُ صاحب ڏيتي ليتي جي خلاف هو انڪري هن شاديءَ جي موقعي تي اسانکان ڪجهہ ڪين ورتو. پنهنجي چئني پٽن جي بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪرائي مثال پيش ڪيو. سکي سمپن پريوار آهي. منهنجي نياٽي درگا جو هن وقت نالو وندنا آهي. سندس سَسُ ڏنونتي بائي بہ ستگرن جي صدقياٽي آهي. منهنجو ناٽي ڪشورلعل بہ منهنجي سار سنڀال لهندو آهي ۽ دکين دريدرن لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏيندو آهي. کيس بہ سپتر للت ۽ ڌيرج آهن. منهنجو وڏو ڏوهٽو للت چانبواڻي ڊاڪٽر آهي ۽ ننيو ڏوهٽو ڌيرج ڏنتي ۾ مشغول آهي. نياٽي وندنا بہ ڀڳتيءَ ۾ ينل پرسن چت رهندي آهي.

منهنجي ٻيون نمبر نياٽي مينا ڏاميجا چاندي بائي ڪاليج آفيس ۾ نوڪري ڪندي آهي. هن ايم.اي سنڌيءَ ۾ پاس ڪئي. سندس وواهہ شري ٽوپڻداس اٿلاڻيءَ جي سُپتر شري هرديال اٿلاڻيءَ سان ٿيو. منهنجو پيارو ناٽي هرديال يونين بئنڪ ۾ آفيسر آهي. سانتيڪو سدائين منهنجي سار سنڀال لهندو آهي. مينا جو نالو هن وقت رچا اٿلاڻي آهي. هوءَ ڀڳتيءَ ۾ ينل رهندي آهي ۽ منهنجي پرگهور لهندي آهي. کيس هڪ نياٽي گيتو ۽ ٻيو سپتر

۔ اِها غلطي مونکي کٽڪندي آهي.

سنہ ۱۹۵۴ع ۾ جڏهن مان نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ يارهون درجو مئٽرڪ
ندو هوس تڏهن يارهين جي سنڌيءَ جو نئون درسي ڪتاب شايع ٿيو. مان جڏهن
ي ڪتاب جا گيت بيت شعر پڙهيا تہ هڪ نوٽ بوڪ تي اُنهن جي سليس
جهاڻي لکندو ويس. جيڪي نوٽس مون لکيا سي پنهنجي اسڪول جي پرنسيپال
رام لعلواڻيءَ کي نظر مان ڪيڻ لاءِ ڏنم. هن اُهي نوٽس پڙهي مونکي شاباس ڏيندي
تہ اِهي نوٽس تون ڪتابي صورت ۾ ڇپائج. مئٽرڪ جي وديارٿين لاءِ ڪارگر
ا. تن ڏينهن ۾ مونکي ٢-٣ آنا خرچي ملندي هئي. ڪتاب ڪيئن ڇپجي.
سيپال لعلواڻي صاحب مونکي اُتساهت ڪرڻ لاءِ اسڪول جي ٽرم ڦنڊ مان لون
ي ڇپيو تہ ڪتاب وڪڻي پئسا اسڪول کي واپس ڪج. ڪتاب ڇپيو. مونکي
هائي ٿي. پرنسيپال لعلواڻي سدائين مونکي اسڪول ۾ اُتسوَ آيوجت ڪرڻ لاءِ
ائيندو هو. مونکي هن صاحب لاءِ ڏاڍي شرڌا هئي. هي صاحب روحاني راهہ جو
يگر ۽ خدا ترس شاخص هو. اسڪول جا ڪي ماستر ڪنهن رواجي ڳالهہ تي
سيپال صاحب جي خلاف ٿي بيٺا ۽ اُن جي وروڌ ۾ جلوس ڪيائون ۽ خاص
نکي ۽ ٻين وديارٿين کي هٿيو ڪري ڪم آندائون. مان انهن ماستر صاحبن جي
ربار هيٺ. پنهنجي بيسمجهائيءَ سبب وديارٿين جي اڳواڻي ڪئي. جنهن
سيپال صاحب مونکي زندگيءَ ۾ اُتساهت ڪيو. چاڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. اُن
ي خلاف مونکي استعمال ڪيو ويو اِها منهنجي ڀاري ڀُل هئي. پوءِ مون ان غلطيءَ
ڏاڍو پڇتاءُ ڪيو ۽ پوءِ پرنسيپال لعلواڻي صاحب کان معافي طلب ڪئي. اِهي
ڪيل غلطيون اڄ بہ منهنجي وويڪ کي وڍ وجهنديون آهن.

مان سنہ ١٩٥٥ع کان اسڪول ۾ ماستري شروع ڪئي. مان شاگردن
ي پيار بہ ڪندو هوس پر ڪڏهن سخت رخ اپنائيندو هوس. ڪلاس ۾
هندڙ وديارٿين جا جنمدن ملهائيندو هوس. غريب وديارٿين کي سئر سپاٽي
مفت وٺي ويندو هوس. اسڪول ۾ يا ڪلاس ۾ ڪو مستي ڪندو هو
اُن کي ڪن ڪرسي ڪرائبي هئي، اُٿاري بيهاربو هو، ڪڏهن ڪڏهن
کن کي ٿڦون بہ هنيون. ڪي نياڻيون جيڪڏهن ڪلاس ۾ بہ چوٽيون
ڪري ايندون هيون تہ کين ڪاجهہ وقت لاءِ بيهاريندو هوس يا ڇينپيندو

غلطين جو احساس

انسان خطا جو ڳهر آهي. زندگيءَ جي سفر ۾ ڪٿهن ڪٿهن ڪي غلطيون ٿي ويون آهن جن جو پڇتاءُ ڪندو آهيان. ڪن سڄڻن منهنجي معصوميت جو اجوڳ فائدو ورتو تہ ڪن پنهنجي غرض پوري ڪرڻ لاءِ مونکي هٿيو ڪري ڪم آندو. انهن ننڍين وڏين غلطين جو احساس ٿيندو آهي. سنڌ ۾ مان شايد ڇهن ستن سالن جو هوس اسڪول مان پڙهي پوءِ بابا جن جي دڪان تي وڃي ڪم ڪندو هوس. شاهي دڪان هو جيڪو منهنجو پوڄيہ پتا شري ڪوتومل ڈاميجا ۽ پوڄيہ ڪاڪا وشنداس هلائيندا هئا ۽ بابا وڏو ڀڳت ٿهليارام صاحب سيٺ جي پٽي ڪٽندو هو. اسانجي شهر خيرپور ۾ هوليءَ جي ڏينهن ۾ بہ ڳهوڙي گاڏي يا اُٺ گاڏيءَ تي سنجها کان پوءِ ڪي ڳايڪ ساز وڄائيندي چونڪ تي ڳائيندا هئا. منهنجو ڀڦاٽ ڪوي نارايڻداس ڳيتڪار بہ هو تہ ڳايڪ بہ هو. اُهو بہ گاڏن تي ويهي راڳ آلاپيندو هو ۽ ماٺهو ميٺڙاڪو ڪري راڳ ٻڌندا هئا. منهنجي بہ دل ٿي تہ مان بہ ان هوليءَ واري گاڏي يا بگيءَ تي ڳايڪ سان گڏ ويهان. مان ان خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڀڦاٽ ڪوي نارايڻداس کي چيو تہ ڪنهن ڏينهن مونکي بہ پاڻ سان گڏ ويهار. ڪوي نارايڻداس چيو تہ مان ڳيت لکندو آهيان. تون هڪ نوٽ بوڪ پنهنجي دڪان تان کٽي اچ تہ پوءِ توکي هڪ رات جو پاڻ سان گڏ گاڏي ۾ ويهاريندس. پنهنجي خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ مون دڪان تان هڪ نوٽ بوڪ لڪائي کٽي اچي ڀڦاٽ نارايڻداس کي ڏنو ۽ هن اُن رات جو ئي مونکي هوليءَ واري گاڏي ۾ ويهاريو. مان پنهنجي پتا ۽ ڪاڪا صاحب کي بنا ٻڌائي ۽ لڪائي نوٽ بوڪ مهاڏيو تان کنيو. ان غلطيءَ کي مان هاڻ ننڍي چوري ڪري سمجهندو اهيان. ان غلطيءَ جو پڇتاءُ ڪندو آهيان.

بيت هئي. مونکي پونا وڃڻو پيو. مان گهر فون ڪري ڇڏيو ته ڪنهن ضروري
سبب پونا وڃي رهيو آهيان خيال نه ڪجو. مان سڪندر آباد ٽرين ۾ چڙهي
جو ميران پوميءَ ۾ پهتس. پوڄيه دادا جن جو درشن ڪري ڪين ٻڌايم ته هن
لاءِ آيو آهيان. پيارو دادا مشڪيو. مان پروفيسر ايشوري جوتوائيءَ سان مليس ۽
پروفيسر رام پنجوائيءَ جو نياپو ڏيندي عرض ڪيم ته پروفيسر رام پنجوائيءَ
ووٽ ڏئي سوپارو ڪندا سندس اِها اِڇا آهي ته هوُ چيئرمن ٿئي. پونا مان واپس
بعد مون ان غلطيءَ جو احساس ڪيو ته منهنجو ڪهڙو ڪم جو مون وقت
ئي پاڙو خرچي، ننڊ ڦٽائي صرف پروفيسر رام پنجوائيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ پونا
ي پنهنجي اُستاد پروفيسر ناگراڻي جي مخالفتيءَ جي وڪالت ڪئي. اِها غلطي
ه دل ۾ ڪنڪندي آهي.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر ارجن شاد پياري ياءُ پروفيسر گوپ روپچنداڻي
نياپو موڪليو ته تو وٽ ساهتيه اڪادمي دهليءَ مان جيڪو لفافو آيل
ي اُهو لفافو کڻي منجهند جو جئه هند ڪاليج ممبئيءَ ۾ پهچي وڃ.
ڪي عجب لڳو ته هي لفافو ته مخفي آهي اِها ڪل ڊاڪٽر ارجن شاد
ڪيئن پيئي. ڊاڪٽر شاد صاحب مونکان سينئر پروفيسر هو. سندس
ڪم جي پيروي ڪري مان اُلهاسنگر مان ممبئي روانو ٿيس. جئه هند
اليج جي پروفيسر ڪامن روم ۾ ويس ته اُتي ڊاڪٽر ارجن شاد منهنجو
ظار ڪري رهيو هو. مان ساڻس مليس، مونکي کيڪاريندي ٿڌي پيئڻ جي
ڪيائين. مان عجب ۾ پيم ته هون ته ڪڏهن شاد صاحب چانهه پيئڻ يا
ي پيئڻ جي آڇ ڪين ڪندو آهي اڄ هوُ ڪيئن ٿو اِها آڇ ڪري! مان
ڻ کان انڪار ڪيو. مونکي پاسيرو ٻي ڪرسي ٽيبل تي وهاري چيائين
فو کولڄ. مون لفافو کوليو. شاد صاحب چيو ته هن فارم تي جيڪي مان
ڪٽيشن ڏيان سا لکندو وڃ. مان کيس چيو ته مان سمجهي ويم ته اوهان
ي ڪتاب لاءِ سفارش لکٽي آهي. مان پاٺهي لکندس. کيس مون تي وشواس
ڪين آيو ۽ چيائين جئن مان چوان تئن ساڳيا الفاظ لکندو وڃ. منهنجي من
ڏاڍي مونجهه ته ڪيئن منهنجي معصوميت جو اجوڳ فائدو ورتو وڃي
. حڪم جو ٻندو ڊڪٽيشن لکندو ويس. پنهنجي صحي ڪيم. اُهو لکيل فارم مون
ي ۾ وتو.

هوس، ڇاڪاڻ تہ ڏينهن ۾ بہ چوٽيون ڪرڻ فئشن سمجهو ويندو هو. مان ننڍپڻ کان ئي پاڻ سادو لباس پهريندو آهيان ۽ سادگيءَ جو پرچار ڪندو آهيان. فئشن خلاف پرچار ڪندو آهيان. جن وديارٿين سان مان سندن ڀلائي لاءِ ڪٺور ورتاءُ ڪيو اُن لاءِ اڄ پڇتائيندو آهيان. تن ڏينهن ۾ اهو ڀاڪو مروج هو تہ اُستاد جي مار ٻار جي سنوار. پر اڄ قصو پيو آهي!

ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان تہ منهنجا هٿ تمام ڪومل آهن نرم آهن مون ناحق گلڙن جهڙن معصومن تي هٿ هلايو. اهي پريوءَ جي وڏيڪ ويجهو آهن. مان ڪين پنهنجو پيار ڏئي سندن دعائون حاصل ڪريان ها! اُن وقت منهنجا هي ڪومل هٿ، ڪومل دل ڪٺور ڪيئن ٿي! ان غلطيءَ لاءِ اڄ بہ پڇتاءُ ڪندو آهيان.

مان ڪنهن وقت امتحان جو ماڊيٽر هوس. مان پنهنجي ٻاس ڪي خوش ڪرڻ لاءِ سندس پٽ کي پهريون نمبر آڻڻ لاءِ وڌيڪ مارڪون ڏنيون. مان ڪنهن ٻئي جو حق ماري اِها وڏي غلطي ڪئي. اڄ بہ اِها ڪيل غلطي دل ۾ کٽڪندي آهي. اِن ڪيل غلطيءَ جو پڇتاءُ ڪندي پياري پريوءَ کان معافي گهرندو آهيان. ڪنهنکي بہ خوش ڪرڻ لاءِ ٻئي جو حق مارڻ واجب ناهي. ڊٽيءَ وٽ حساب ڏيڻو آهي.

سنہ ٦٨-١٩٦٧ ۾ مان ٿي ڏينهن ايڇ آر ڪاليج ممبئي ۽ ٽي ڏينهن چانڊي ٻائي منسکاڻي ڪاليج اُلهاسنگر ۾ پاڙهيندو هوس. مان ايڇ آر ڪاليج ۾ هوس تہ پروفيسر رام پنجواڻيءَ مونکي جئہ هند ڪاليج ۾ گهرائي چيو تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز سنڌيءَ جي چيئرمن جي چونڊ ٿيڻي آهي جنهن لاءِ مان ۽ پروفيسر بي ايڇ ناگراڻي ميدان ۾ آهيون. تون اڄ اُلهاسنگر نہ وڃي منجهند جو ٽي هتان پونا وڃ ۽ پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ کي ڪنهن نموني ملجائي اچڄ تہ ووٽ مونکي ڏئي. اُتي تنهنجو دادا جشن واسواڻي سان بہ سٺو ناتو آهي. تون منهنجو پٽ آهين، ضرور وڃڄ.“ پروفيسر بي ايڇ ناگراڻي صاحب مونکي نئشنل ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهي هئي. منهنجو اُستاد هو. ٻال برهمچاري درويشي خيالن جو هو. پروفيسر پنجواڻيءَ کي انڪار ڪرڻ

سنتن جو سنگ - درويشن جون دعائون

سنتن جو سنگ آ سکدائي
کلپ ورکش جيان آ ڦلدائي
سنتن جو سنگ جيوَ کي تاري
ڀوساگر مان پار اُڪاري.

مان خوش نصيب آهيان جو مونکي ننڍپڻ ۾ ئي سنتن جو پيار، آسيس ۽ درشن
و رهيو. امڙ ٻڌائيندي هئي تہ توکي ڀڳت ڪنوررام صاحب لولي ڏني هئي.
نجي شهر خيرپور ميرس ۾ اجواڻي واڌواڻي محلي ۾ سوامي ٻوڌداس مهاراجن جو
ي ٽڪاڻو هو. مان ڇهين ستين سالن جو هوس تہ ان ٽڪاڻي ۾ گرمکي سکڻ ويندو
س. گرمکي سکي پوءِ مان شري جپ صاحب بہ ياد ڪيو. تن ڏينهن ۾ سوامي
داس گاديءَ تي براجمان هئا. سوامي ٻوڌداس مهاراج جي آسيس ملي. سندن
ملين ٿيڻ بعد سوامي چرڻداس مهاراج گاديءَ تي براجمان ٿيا. مان سنجها جي
ت آرتي بہ ڪندو هوس. ان آستان تي سنت تلوڪداس پيارو پرمانند بہ رهندو هو.
ت تلوڪداس کي ٻيک ڏئي سندس نالو سنت ڪرشنانند رکيو ويو. سوامي
ڻداس چاهي سوامي ڪرشنانند داس کي پيار ڏيندا هئا. اُتي هالاڻي ٻيلاڻي وارا
ت ۽ ٻيا سنت مهاتمائون ايندا هئا جن جو درشن پڻ نصيب ٿيندو هو.

اسانجا ڪُل گرو سوامي ڪيشوداس مهاراج رڏين سڏين جا مالڪ ۽ ودوان
پرش هئا. منهنجي وقت سندن گاديءَ تي سوامي جمناداس براجمان هئا. مان
ت بہ وقت بابا ڪيشوداس دربار ۾ وڃي نت مستڪ ٿيندو هوس بابا ڪيشوداس
راج جي مورتي کٽ تي رکيل هوندي هئي مان ان ڪمري ۾ سندن کٽ کي جور
و هوس. خيرپور شهر کان ٻاهر سوامي ڪيشوداس مهاراجن جي سماڌيءَ تي بہ
پنهنجي پوڄيہ ڪاڪا شري وشنداس سان ويندو هوس ۽ آسيس وٺندو هوس.

ڊاڪٽر شاد صاحب چيو تہ اِهو لفافو مونکي ڏي مان ٿو روانو ڪريان. هن کي شايد شڪ پيو تہ متان مان پريل فارم ساهتيہ اڪادميءَ کي نہ موڪليان. هن مونکان زوريءَ لفافو وٺي چيو تہ تون لفافي موڪلڻ جي تڪليف نہ ڪر مان پاڻهي پوسٽ ڪريان ٿو. مان ماٺ ئي ماٺ ۾ موٽي آيس ماڳ تي، پر اندر ۾ ارمان تہ اڄ ڀاري پُل ڪئي جو شاد صاحب جي هڪ نياپي تي مخفي لفافو ڪٽي جنہ هند ڪاليج ۾ ويس. ساهتيہ اڪادمي انعام لاءِ 'دونهون' ڪتاب ڪان ٿي سگهي ٿو پيا سنڌي ڪتاب انعام جي لحاظ ڪان بهتر هجن! اِها غلطي اڃان ذهن ۾ آهي.

زندگيءَ جي شاهہ راهہ تي هلندي پيون ڪي ننڍيون وڏيون ڀلون ٿيون هونديون پر جيڪي ذهن ۾ آيون سي مختصر بيان ڪيون اٿم. وهنوار ۾ ڪٿهن ڪٿهن جائز تہ ڪٿهن ناجائز ڪنهن تي ڪاوڙ ڪئي هوندي، ڪوڙ ڳالهايو هوندو. ڪن کي من وچن ڪرم سان رنجايو هوندو. اِهو منهنجي شان وٽان ناهي. مان انهن غلطين لاءِ بہ پڇتاءُ ڪندو آهيان. مان مٺن ماڻهن جي صحبت ۾ رهندي جي ٻاڙو ٻوليان ٿو تہ گنهگار آهيان معافي طلبگار آهيان. پنهنجي غلطين کي لڪائڻ گناهہ آهي. ڏٽيءَ ڪان سدائين معافيءَ جي طلب ڪندو آهيان. ڏٽيءَ در التجا ڪندو آهيان :-

مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان،
گنهگار آهيان مان عيبدار آهيان.
(١) ڪرم خيال سان ستايو آ ڪنهنکي،
ٻولي ٻول ٻاڙا رنجايو آ ڪنهنکي،
ڪميا ڪر تون خانود سزاوار آهيان،
مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان.
(٢) ڪيون مون حياتيءَ ۾ ڪيئي مدايون،
نہ ڏس ڏوهہ منهنجا ڪيم جي ڪچايون،
بخشڻهار بخشج مان داغدار آهيان،
مونکي ڏي تون معافي گنهگار آهيان.

☺☺☺

مي ايسرداس ودو ان گيانو ان سفيد لباس ۾ سچا سنت هئا. ناناڻي ويندو هوس تہ
مي ايسرداس هنس جو درشن ۽ آسيس ملندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن سندن ڪٿا
روڻ ڪندو هوس. ناناڻن ۾ بہ ڌارمڪ و اتاورڻ هو. منهنجو پيو مامو ڀڳت ٽنورمل
مل بہ سٺو ڳايڪ هو. ڪيس پنهنجي ڀڳتن جي ٽولي هئي، ڪيس ڪيتري نہ ڀاڳي
ئي. اُنهن جي بہ آسيس ملندي رهي.

منهنجي امڙ پاري ڀائي ۽ پاپي سدوري ڀائي وشنداس ڀئي ڌارمڪ ويچارڌارا
يون هيون. امان پرڀات جو جڏهن جنڊ هلائيندي هئي تڏهن مونکي پنهنجي ڳ
تي ليٽائي ڀاڳي پڙهندي هئي. منهنجي پاپي صدوري ڀائي مونکي ماءُ جيان
و ۽ شپ سنسڪار ڏنا. هوءَ ڪنهن اسڪول ۾ ڪين پڙهي پر ڪيس ڳرمکي اکر
ا هئا ۽ هن ڪيترائي ڌارمڪ گرنٿ پڙهيا هئا. مونکي وقت بہ وقت سندر سکيائون
ي هئي. هوءَ رات جو ساميءَ جا سلوڪ پڙهندي هئي. منهنجو پوجيہ پتا صاحب
ي ڪوٽومل امر اڏيرو لعل جو اُپاسڪ هو. چاليهي جي ڏينهن ۾ هوُ چاليهہ ڏينهن
سائين جي اُپاسنا ڪندو هو ۽ لعل سائين جي شيوا ڪندو هو. هوُ ديوي ماتا جو
پاسڪ هو تہ شري گرونانڪ ديو مهاراج، ڀڳوان شري ڪرشن ۽ پريو شري رام جو بہ
ت هو. ڪارڪت جي ڏينهن ۾ هوُ پرڀات ڦيريءَ ۾ سڪريہ ڀاڳ وٺندو هو. بلند
ز ۾ ”اَڄ تہ منهنجو رام آيو، اَڄ تہ منهنجو شيام آيو“ ’مرليءَ وارا ماڻي آءُ‘ گيت
يندي ڏنيون لڳائيندو هو. مان بہ ننڍي هوندي اُن پرڀات ڦيريءَ ۾ شامل ٿيندو
س. منهنجا ڪاڪا پوجيہ شري وشنداس هلندي چلندي، دڪان تي بہ ڀاڳي
اريندا هئا. جيسين ڪو گراهڪ اچي تيسين شري سکمني صاحب پڙهندا هئا. هوُ
ز شري گرو گرنٿ صاحب مان وچن وٺندا هئا ۽ رات جو سمهڻ کان اڳ ڪيرتن
يلا پڙهندا هئا. هوُ مونکي پاڻ سان گڏ روهڙيءَ ۾ بابا نيپراج صاحب جو درشن
ڪرائڻ لاءِ، آسائو ٽڙسائين وسڻ شاهہ جو آستان، بابا سوامي ڪيشوداس مهاراجن
ي دربار، سکر ۾ ساڌو ٻيلا تيرٿ آستان تي، سکي ساڌ ٻيلي بہ وٺي هليا. ماتا
احب مونکي ڪنترن ۾ بابا ٿاهريا سنگهہ صاحب جي ورسي اُتسوَ ۾ بہ وٺي هلي.
هڙي شهر کان ٻاهر سنڌو نديءَ جي سامهون ماتا جي مڙهي هئي منهنجي
ان مونکي ڇنڊو وجهڻ لاءِ ۽ ماتا تي ڇٽ چاڙهڻ لاءِ وٺي هلندي هئي.

ديش جي ورهاڱي وقت منهنجي عمر اٽڪل ١٢ سال هئي. وطن جا وڻ ڇڻي

سوامي ڪيشوداس پورڻ برهمگياني سنت هئا هوُ سادي لباس ۾ مهان ويوتي هئا.

هر سائي آرتوار شام جو منهنجا ڪاڪا شري وشنداس مونکي پهرين گنُوشالا وٺي هلندا هئا. گانين کي کارائي وري مونکي پنڌ ئي پنڌ پرڳڙين ڳوٺ ۾ سنت تلسيداس جي آستان تي وٺي هلندا هئا. سنت تلسيداس مهاراجن جي پيشانيءَ مان نوراني نور پيو جهلڪندو هو. اُنهن جي روح رهاڻ تہ مان ڪين سمجهندو هوس مگر سندن درشن ڪري آسيس وٺندو هوس. هر چنڊ جي رات جو پائي ڪرڙداس مهاراج وٽ دربار صاحب، سوامي سنمکداس مهاراج جي دربار ۾ ضرور ويندو هوس. سنڌ ۾ اِهو رواج هو تہ چنڊ رات جو آسي پاسي وارن مندرن ۾ وڃي مٿو ٽيڪجي ۽ گهر ۾ پاڙي جي وڏڙن کي پيري پئي آسيس وٺجي. هر دربار ۾ ڪٿاهہ صاحب بہ ملندو هو. ٻاراٽو سيءُ ڪٿاه صاحب کائي خوش ٿيو هو.

منهنجي پوجيہ پتا صاحب جا ماما ڀڳت ٿهليارام صاحب مٿي سنگت ۾ نت نيم ڪٿا ڪندا هئا. ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ تہ هرروز اُتي ويندو هوس پر ٻين ڏينهن تي بہ ڪوشش ڪري ويندو هوس. ڀڳت ٿهليارام صاحب کي مان بابا وڏو ڪري ليکندو هوس. کين اولاد ڪين هو. هوُ مونکي پنهنجي اولاد وانگر ليکيندا هئا. هوُ سٺا بلند آواز وارا مٺر گايڪ بہ هئا تہ گيانوان بہ هئا. گروگرنٿ مان ڪي پريمي وچن وٺندا هئا تہ بابا ٿهليارام اُن جي سرل سنڌي ۾ سمجهاڻي ڏيندا هئا. کين جدا جدا شهرن ۾ ڀڳت جو پروگرام ڏيڻ لاءِ ڪوٺ ٿيندي هئي. ڀڳتن جي ٽوليءَ ۾ مکيہ هوُ پاڻ هئا ۽ هارمونيم وڄائيندا هئا. سندن ٽولي ۾ ڀڳت سڳنارام جيسوائي ۽ ڀڳت وشنو. ڀڳت خانومل ڪرسيجا مکيہ هئا. ڀائو رامون ڏڪڙ وڄائيندو هو تہ سندس پٽ تيرٿداس باجو وڄائيندو هو. کين ڳائڻ ۾ جيڪي پيسائون ملنديون هيون سي هوُ سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪندا هئا. اُنهن جا شپ سنسڪار بہ مونکي مليا. سندن آواز ۾ سوز ۽ درد هو. کين ڪيڏي ٻاٽي ڪنٺ هئي. اُنهن جي سنگ ۾ وقت بہ وقت ڪن سنتن جو درشن ۽ آسيس ملندي هئي.

منهنجا ناناٽا لقمان ۾ هئا. منهنجا نانا ڀڳت شري وريلعل ناني سيتا ٻائي، ماما ڀڳت ٽنورمل ۽ شري رامچند بہ ڀڳت جن هئا. ماما شري رامچند سادي کاديءَ جي پوشاڪ پهريندا هئا. هوُ روز سوامي ايسرداس هنس جي آستان تي ڪٿا ڪندا هئا يا ٻاڻي اُچاريندا هئا تہ سوامي ايسرداس هنس اُن جي وياکيا ڪندا هئا.

راج جيئن ويجهو آيا مان هڪدم نوڙي سندن آسيس ورتي ۽ ڪين وينتي
ئي تہ سپاٽي منهنجي اڱڻ ۾ پير گهمائي پوڄن ورتايو. سوامي جن
و پٽ! توکي اڃا ٻيا پيا ڪارائين، مان تنهنجي گهر ضرور ايندس جڏهن
ن پنهنجي پيرن تي بيهندين. ڏيري ڏيري سوامي ليلا شاهہ مهاراجن سان
نهنجو سمپرڪ وڌيو. سندن هوندي ياڻ ڳنگاڌر تولاڻي، ماستر ڦتومل
ڪاچنداڻي شري خوبچند ياڳيا ۽ مان سنڌونگر ۽ ممبئيءَ ۾ سوامي ليلا
ه مهاراجن جو جنمدن ملهائيندا هئاسين. سندن آسيس سان سماج سميلن
ائيندا هئاسين تہ مان سڪريہ ڀاڱ وٺندو هوس. ڏيتي ليتي ۽ فئشن خلاف
ڪاچر ڪندو هوس ۽ گيت ڳائيندو هوس. داس جو سوياڳيہ بہ هو جو مهان
وتي سوامي ليلا شاهہ مهاراجن جي آسيس وٺڻ جو ڪيترائي دفعا وجهہ
يو. سوامي جن مونکي ڏاڍو ڀائيندا هئا.

سماج سيوڪ شري نانڪ موٽواڻي سنڌونگر ۱ ۾ هوميوپٿيءَ جي اسپتال
يا ڪئي اُن اسپتال جو مهورت سنہ ۱۹۵۲ع ۾ پوجيہ دادا ساڌو ٽي. ايل.
سواڻيءَ ڪيو. اُن اسپتال ۾ ڊاڪٽر گوبندرام دادلاڻي بيمارن جي شيوا
روع ڪئي. ڀائو پرسرام مسند اُن ڏينهن شام جو نيتاجي هاءِ اسڪول
ي هال ۾ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو سواڳت سماروهہ آيوجت ڪيو.
ن پهريون دفعو اُن ڏينهن پياري دادا واسواڻيءَ جو درشن ڪيو. مان سندن
نمدن موقعي تي هرسال هندواسي ۾ گيت لکندو هوس. منهنجا ساهرا پونا
هئا. مان وقت بہ وقت ميران ستسنگ ۾ وڃي پوجيہ دادا واسواڻيءَ جو
شن ڪري ۽ پروچن ٻڌي پرسن ٿيندو هوس. ڪجهہ سالن بعد هڪ صبوح
و دادا واسواڻي ميران ڪمپائونڊ جي هڪ ڳداموڙيءَ جي وڻ جي ڇايا ۾
يٺا هئا. سندن چوڌاري ڪي پريمي بہ ويٺا هئا. اُتي منهنجي منڙي پيڻ
انتي بہ بيٺي هئي. مون اُن کي پنهنجو نالو ٻڌايو. هن هڪدم دادا جن
ي ٻڌايو تہ پيارو ديال آشا جيڪو اوهان بابت وقت بہ وقت گيت لکندو
مي سو هي پاڻ اڄ توهان کان آسيس وٺڻ آيو آهي. دادا واسواڻيءَ پنهنجي
وراني نظرن سان مون ڏي نهاري نهال ڪري ڇڏيو. مونکي ڪيڏو نہ پيار
نو.

اسين پارت ۾ آياسين. اسانکي ملتريءَ جي ڪلياڻ ڪئمپ ۵ نمبر ۾ وسايو ويو. اسڪول ۾ پڙهندي ۽ سنجها جو راتري هندي شالا ۾ پڙهندي مان ڪڏهن ڪڏهن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش منڊر ۾ ويندو هوس. اِهو آشرم ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن برپا ڪيو. اُتي نت نيم شام جو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جن ستسنگ ڪندا هئا. اُنهن جي آسيس بہ ملندي رهي. ان دور ۾ اسڪول ۾ پڙهندي شري ساڌٻيلا جا مهنت آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج گاديءَ تي براجمان ٿيڻ بعد ڪلياڻ ڪئمپ ۾ پڌاريا ۽ اسانجي بي.جي. تلڪ اسڪول ۾ ئي رهيا. داس اُنهن کان بہ آسيس ورتي.

ٻي ڏينهن ڪئمپ ١ ۾ سنت ٻالڪرام مڙهي ۾ سوامي گڻيشداس مهاراجن جو سواگت سماروهہ رکيل هو. مان تڏهن شايد اٺون نائون درجو پڙهندو هوس. سنت ٻالڪرام مڙهيءَ ۾ آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراجن جي حاضري ۾ جڏهن مان ليڪچر ڪيو تڏهن سوامي جن پنهنجي پشپ مالها لاهي مونکي وڌي ۽ شري ساڌٻيلا جو چاندي ميبل مونکي عطا ڪيو. اُن مالها ۽ ميبل ۾ سوامي جن جي آسيس سمايل هئي.

وديارٿي جيون ۾ مونکي مهان ڪرم يوگي سوامي ليلا شاهہ مهاراجن جي چرڻن ۾ ويهڻ جو وجهہ مليو. نيتاجي هاءِ اسڪول جو پرنسيپال شري پرسرام لعلواڻي ڏارمڪ ويچارن وارو هو. هي صاحب وقت بہ وقت ست پرشن کي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ نمنترڻ ڏئي گهرائيندو هو تہ اچي آسيس ڪن. پهريون دفعو سوامي ليلا شاهہ مهاراجن جو درشن ڪرڻ ۽ آسيس وٺڻ جو وجهہ مونکي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ مليو. پوءِ مان سندن ويجهو ٿيندو ويس. مان وديارٿي جيون ۾ ئي ڳائيندو هوس ۽ ليڪچر ڪندو هوس. سوامي جن منهنجي ليڪچر ۽ ڳائڻ کان پرياوت ٿيا ۽ آڳيا ڪيائون پيارا تون وقت بہ وقت ڏيتي ليتيءَ خلاف گيت ڳائيندو ڪر ۽ ليک لکندو ڪر وياکيان ڏيندو ڪر. اِها ٻچڙي رسم تمام وڌي ويئي آهي. تو ۾ منهنجون اُميدون آهن. سوامي ليلا شاهہ سادي لباس ۾ هڪ مهان ويوتي هئا. هڪ ڏينهن شام جو مان سنتونگر ۵ جي ٽڪريءَ تي ڪتاب پڙهي رهيو هوس تہ ڏٺم پريان سوامي ليلا شاهہ مهاراج اچي رهيا آهن. سوامي ليلا شاهہ

في ڪئي. روز ڪيترائي ڪلاڪ سنڌن چرڻ ڪملن ۾ ويهڻ جو وجهه ملندو هو. هوُ
نکي ماتا پتا وانگر پيار ڏيندا هئا. قدم قدم تي سار لهندا هئا. اُنهن جا انيڪ احسان،
ڪيڏا نه مهربان. اڄ به سنڌن ادرشٽ ڪرپا سان داس سنڌن جڳايل شيوا جي
وت جڳائي رهيو آهي. ستگرو مهاراج سنت ڪوي هئا. هنن سوين ڀڄن رچيا جي
ڌا جدا سُرن ۾ ستسنگ ڪندي ڳائيندا هئا. سنڌن ڳائڻ ۽ ڪاويه رچنا جو پرڀاءُ به
س تي ظاهر ظهور آهي. مونکي سرڪاري يا غيرسرڪاري انعام سنمان ملندا هئا ته
نکان وڌيڪ خوشي منهنجي ستگرن کي ٿيندي هئي. سنڌن سانڌيه ۾ رهڻ سان
ن سنتن جو درشن ۽ آسيس به ملندي رهي. ڪنهن به شهر ۾ ڪو سماجڪ اُتسوَ
ندو هو ته ستگرو مهاراج مونکي پاڻ سان وٺي هلندا هئا. هوُ منهنجا قدردان هئا.
ُ پياسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ دبئي ٽي دفعا ويا. ٽيئي دفعا مونکي پاڻ سان
ياسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ وٺي هليا. چوندا هئا ته پيارا توکي ڪاليج سان به
اهٽو آهي نت ته توکي سدائين ساڻ وٺي هلون. سنڌن هوندي ئي مون ستگرو
هاراجن جو جيون چرتر سنتي ۽ هنديءَ ۾ لکيو اِهو گرنٿ پرڪاشت ٿيڻ کان پهرين
ونکي اڪيلائي ۾ چيائون ته پيارا ديال! اسانجي منڊل ۾ اِها پرمپرا ڪين آهي جو
وندي جيوني لکي وڃي. مون کين عرض ڪيو ته مون شرڌا وچان اوهانجي شيه
ياچارن سڌانتن جو سنديش عوام کي پهچائڻ لاءِ پياري متر شري موٽومل ڪيراجمل
چانبو اٽيءَ جي همٿ افزائي سبب لکيو آهي ۽ اِهي گرنٿ پيارو موٽومل چانبو اٽي
طرفان پرڪاشت ٿيندو نه آشرم طرفان. اوهانجا داس تي انيڪ اُپڪار آهن مان
نهنجي فرض ادائي پوري ڪري رهيو آهيان. ٻار آهيان جي غلطي ڪئي اٿم ته ڪميا
ڪندا. اُن وقت منهنجي مرشد مونکي گلي لڳايو. سنڌن چرڻن ۾ ويهي پيڙون ڏيندو
وس ته ڪڏهن ڪڏهن منهنجا هٿ ڪٽي چمندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي
ڪرڪملن سان منهنجي پٺيءَ تي ٿڏڙا گهمائيندا هئا. اتفاق سان جيڪڏهن آشرم
چڻ ۾ دير ٿيندي هئي ته کين داس جو خيال ٿي پوندو هو، گهر فون ڪرائيندا هئا.
شام جو اٽڪل ۵ ٻجي مان سائين جن وٽ پهچي ويندو هوس ته ماتا رُڪيءَ کي
چوندا هئا مائي رُڪي چانهه رک ديال آيو آهي، پاڻ سان گڏ مونکي چانهه پيئاريندا
هئا. ستسنگ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ ايندا هئا يا ڪڏهن ٻاهر وراندي ۾
ويهندا هئا ته نياڻي ڪانتا منو اٽي سوامي جن لاءِ ڪا ڇهري شيءَ کائڻ لاءِ ڪٽي

مان جڏهن جڏهن پونا ويندو هوس تہ ميران ستسنگ هال ۾ يا دادل شاهہ جي ڪٽيا ۾ سندن درشن ڪرڻ ويندو هوس. هوُ مونکي ڏسندا هئا تہ هڪ گيت ڳائڻ لاءِ چوندا هئا. مان ڪلام يا گيت ڳائيندو هوس تہ ڪڏهن داداجن دهرائڻ لاءِ چوندا هئا. هوُ مونتي نينهن جي نوازش ڪندا هئا. هڪ دفعي نما شام جو ميران ستسنگ ۾ پوجيہ دادا جن جي آڳيا سان شاهہ لطيف جو ڪلام ۽ ڪاجهہ بيت ڳ ايا. پوجيہ دادا جن مونکي خرچي ۽ پرساد پئي ڏنو تہ مان خرچي وٺڻ کان انڪار ڪيو. سنگت چيو تہ اسين داداجن کان خرچي گهرندا آهيون، تون وري خرچي موٽائين ٿو. مون پوءِ داداجن کان خرچي ۽ پرساد ورتو. اُن کان وڌيڪ سندن آسيس ورتي. پياري دادا کي ڪرسيءَ تي ويهاري مٿي ڪٽيا ۾ وٺي ويا. داداجن مونکي وري مٿي ڪٽيا ۾ سڏايو. مان هڪدم مٿي پياري دادا جي ڪٽيا ۾ ويس. نت مستڪ ٿي نمسڪار ڪندي سندن چرڻ سپرش ڪيا. پياري دادا آڳيا ڪئي تہ گيت ٻڌاءِ مان ٻہ گيت ڳايا. پياري دادا مشڪندي ٻہ نوٽ ڪيي ڏنا. مان کين چيو دادا اوهان مونکي هيٺ ستسنگ هال ۾ خرچ ڏني آهي وري ٻيهر خرچي ڪيئن وٺان! پياري دادا پنهنجي نينهن ڀري نظر سان نهال ڪندي چيو تہ اُگ هيٺ خرچي هاٺي مٿي اچڻ جي خرچي. پياري دادا واسواڻي ڪيٽلو نہ پيار ڏنو. آسيس ڪئي.

مان خوش نصيب آهيان جو وديارٿي جيون ۾ ئي مونکي مهان ويوتي ڪرم يوگي سنت سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا جن مون تي ديا درشٽي ڪري، منهنجي نبض ڄاڻي مونکي گرومنتر بہ ڏنو ۽ سرسوتي ماتا جو منتر پڻ ڏنو. هوُ منهنجا سچا سونهان بہ هئا تہ آڌياتمڪ مارگ درشڪ بہ هئا.

ستگرو پرک سُجان رکيو هٿ مٿي تي،
مٿي ويئي من مان سامي ڪنچاتاڻ،
وسيم مينگهہ مهر جو پريا نينهن نياڻ،
اچي بيٺم پاڻ سنمکہ منهنجي سپرين.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن وهنوار چاهي پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ منهنجو مارگ درشن ڪيو. سندن ئي پريرٽا سان، آسيس سان مان خلق خدمت جا کيتر ائي ڪاريہ جنتا جناردن پريشد دوارا ن شروع ڪيا. ستگرو مهاراجن مونکي ڳجهہ ڳوهہ ۾ ٻڌيندا رهيا. سندن ئي ڪرپا سان مون تعليم ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾

پنهنجي امرت وچنن سان، هوُ منتر مگد بڻائي ٿو.
دکين بکين جي سار لهي ٿو، هيڻن جو پيي حامي آ،
روحاني رستو ٿو ٻڌائي، ستگرو انترِيامي آ.
جئہ شري ڪرشن جئہ شري ڪرشن، ٻولي سدائين مٺي ٻاٽي،
مٺر مٺر مسڪان آ هنجي، مٺر مٺر هنجي واٽي.
پريم ديا جو ساگر سوامي، ستگر جيءَ جو جيئاريو آ،
پراُپڪاري پرم پيارو، بکين دکين جو سهارو آ.
پنهنجي تن کي تسيا ڏيئي، ٻين کي راضي رکندو آ،
سوڪ ٻوڏ جا پيڙت جيڪي، تن جي سار هو لهندو آ.
پنهنجي سک کي جڳ جي خاطر، هوُ تہ سدا قربان ڪري،
پنهنجو چت نرماڻ رکي هو، ٻين جو ٿو سنمان ڪري.
سمرڻ سان پنهنجي جيون کي، سڦل بڻائڻ وارو آ،
سيني کي پڻ ساڳي منزل ڏانهن، هلائڻ وارو آ.
گيان سندو گلزار آ سوامي، گيان جي سڳنڌ ڦهلائي ٿو،
ڀڄنن ۽ گيتن کي جوڙي، امرت رس برکائي ٿو.
مانس شراب ڏيتيءَ ليتيءَ ورڌ، سدا پرچار ڪري،
ستگر منهنجو سماج سڌارڪ، پيڙو سماج جو پار ڪري.
گئوشالا ۽ ناري شالا، اسپتال نرماڻ ڪري،
سُڪرت جا ڪيئي ڪم ڪري ٿو، پر نہ ڪڏهن هوُ ماڻ ڪري.
ٻيڙن لاءِ ٻيا آشرم کولي، ٻارن لاءِ وديا مندر،
وڌوائن جي سنڀال ڪري ٿو، ٻي گهرن کي ڏيندو آ گهر.
ٻين جا دک پنهنجا هوُ سمجهي، دکڙا تن جا دور ڪري،
سوين اچن ٿا سوالي در تي سوال، سندن منظور ڪري.
''آشا'' جي آ روح جو راٽو، ڪرم يوگي لاثاني آ،
امراپور مان آيو ڪٽي، امرت جام هي جاني آ.
اهڙن ستگر سوامي جن کي، داس ڪري پرڻام سدا،
نام پدارٿ ڏئي سين کي ڪارج، سنگت جا تہ ڪندا.

ايندي هئي تہ سائين پهرين داس کي ڪائڻ لاءِ ڏيندا هئا. جيڪڏهن مان آشرم ۾ پنهنجي آفيس ۾ هوندو هوس تہ اُتي بہ ناشتو موڪليندا هئا. ڪڏهن هوُ ٻاهر ويندا هئا تہ مونکي چوندا هئا تہ پيارا آشرم جو خيال رکندو ڪر ۽ ستسنگ بہ ڪندو ڪر. رات جو ڏهہ ٿيندا هئا تہ مونکي اڪيلو وجهڻ ڪين ڏيندا هئا ۽ پياري گيانلعل يا ڪنهن پريمي کي چوندا هئا تہ پياري ديال کي گهر ڇڏي اچجو. مان ڪين چوندو هوس سائين مان اڪيلو وڃي سگهان ٿو تہ سائين جن چوندا هئا تہ پيارا اسانکي تنهنجي نازڪ سيهٔ جي خبر آهي.

مان جڏهن پهريون دفعو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنمدن نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ ملهايو تڏهن ملهائڻ کان اڳ سوامي جن مونکي چيو پيارا ديال پنهنجي هوندي جنمدن ملهائڻ جي اسانجي سمپردايہ ۾ پرمپرا ڪين آهي تون ڇو ٿو خفا ڪرين! مون عرض ڪيو سائين انڪري مان آشرم کان ٻاهر نيو ايرا هاءِ اسڪول هال ۾ اُتسوَ آيوجت ڪيو آهي، وينتي قبول ڪريو.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي پريرڻا ۽ آسيس سان مان سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنتونگر ۵ ۾ جنتا جناردن پريشد سنستا برپا ڪري ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ شروع ڪيا. ستگرو مهاراج اِن سنستا جا پرڌان هئا. هر سال رکشا ٻنڌن جي پوتر ڏينهن سندن جنمدن ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان آشرم ۾ ملهائيندا هئاسين. هڪ جنمدن موقعي سندن ثنا ۾ هيٺيون گيت لکي ڳايو جو پريمين کي ڏاڍو پسند پيو ۽ لوڪ پريہ ٿي ويو.

ستگر منهنجو دين ديالو. رام جي راهہ بتائي ٿو.
منتر ڏيئي ست نام ساکي. نام جو جاپ جپائي ٿو.
سوامي شانتي پرڪاش اسانجو. سنت سچو لاثاني آ.
برهم نيشٺي برهم شروتري. ڌياني برهم وگياني آ.
سوامي ٽيئونرام هنن ۾. گيان جي جوت جڳائي آ.
سوامي سروانند جن جي پي صورت. هن ۾ سمائي آ.
پريم پرڪاش منڊل جو چندرما. سيتلتا پردان ڪري.
درشن ڪئي دک دور ٿين ٿا. رڳ رڳ پريمين جي ٿي ٺري.
جوڳي جادوگر هي آهي. پريم جي بين بجائي ٿو.

. ڪڏهن ڪڏهن سندن درشن ڪرڻ ۽ آسيس وٺڻ جو وجهہ ملندو هو.
ٿي درٻار جا مهنت باباگوبندداس ورتڏ اوستا هوندي ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراجن سان ملڻ لاءِ آيا. اُنهن جو درشن بہ ٿيو ۽ آسيس بہ ملي.
ين هرچورام صاحب جا گادي نشين سائين جيوڻ گهوٽ بہ داس کي پائيندا
. بابا شيامداس جن جي نم واري درٻار خيرپور ميرس ۽ نواب شاهہ چاڪر
بہ سندن آستان هو. هي صاحب منهنجي پوجيہ پتا صاحب جا ماما هئا. هو
ر سنت هئا. سندن آڳرين ۾ هيرن جون منديون پيل هونديون هيون. سندن
ڪتا ڪرڻ ۾ ڏاڍو رس هوندو هو. هوُ صاحب بہ مونکي نندي هوندي خرچيون
ندا هئا ۽ آسيس ڪندا هئا. هن وقت سندن آستان سنڌ ۾ بہ آهي تہ پيلو اڙا
بہ آهي. هتي سنتونگر ۵ ۾ شروع ۾ مان سوامي ارجنداس هنس جي مندر
بہ ويندو هوس. سوامي ارجنداس هنس ۽ سندس پراتا سنت ماڌوداس هنس
ي ڪٿا ۽ پروچن بہ داس کي متاثر ڪيو. انهن سنتن جي بہ آسيس ملندي
هي.

دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي ديا درشٽيءَ سبب مان پياري دادا
شن واسواڻيءَ جي بہ ويجهو آيس. هوُ پريم جا ساگر آهن. اُنهن جي عنايت
داس کي اڏيو آهي. سندن نينهن جي نوازش مون تي رهي آهي. سندن
رشن سڌانتن ۽ سکيائن جو اثر مون تي آهي. هوُ سادي لباس ۾ هڪ مهان
يوتي آهن. آڌياتمڪ مارگ درشڪ آهن. هوُ سنيهہ ساهنيوتي سيوا سادگيءَ
ي ساکيات صورت آهن. منهنجا رهنما آهن. پونا ۾ رهندي بہ هو منهنجي
ن کان دور ناهن. شاهہ لطيف چيو آهي :

ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين، ڪي اوڏا بہ ڏور

پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو درشن ڪندي ۽ سندن موتين کان وڌ
لهائتا وچن ٻڌي من پرجي ايندو آهي. سندن تصور ڪرڻ سان بہ لڙڪ لڙي
يندا آهن. هنن مون نالائق سان وڏا وڙ ڪيا آهن. سندن پيار جو ذڪر ڪندي
يٿيون غزل لکيو :-

تنهنجو ئي پيار مون لاءِ آب حيات آهي.
جڳ لئہ اُماس مون لئہ چانبوڪي رات آهي.

ستگرو مهاراجن جي ڪمل چرڻن ۾ ويهڻ سبب آشرم ۾ ايندڙ ڪيترن ئي سنتن جو درشن ٿيندو هو ۽ انُهن جون آسيسون ملنديون هيون. رشي رگهورام ڪيترو وقت آشرم رهيا. انُهن به آسيس جي عنايت ڪئي.

پريم پرڪاش منڊل جا پرڌان ستگرو سوامي سروانند مهاراج وقت به وقت سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنتونگر ۵ ۾ ايندا هئا. سندن درشن ڪرڻ ۽ آسيس وٺڻ جو وجهه ملندو هو. سندن وچنن شروَڻ ڪرڻ سان به روح کي راحت ملندي هئي. هڪ دفعي ڪين مان سوامي شانتي پرڪاش پيدا آشرم ۾ وٺي ويس، ڏاڍو پرسن ٿيا، داس کي ڏنيواد ڏيندي چيائون :-

ڪليگ ۾ پرڌان هئه سيوا پُن ستسنگ،

ڪمي ٽيئون اِنڪي ڪيئي، هووي ڀوَ دک ڀنگ.

نام سمرڻ سان گڏ سيوا به ضروري آهي. تون خوب شيوا ڪندو رهه. تون ڀاڳن وارو آهين جو سنت شانتي پرڪاش جي سونهپ ۾ ڪم ڪري رهيو آهين.

پريم پرڪاش منڊل جا سنت سوامي سويم پرڪاش مهاراج ۽ سوامي ماڌوداس مهاراج مونکي ڏاڍو ڀائيندا هئا ۽ آسيس ڪندا هئا ڀنهي سرل چت سنتن جي دلين ۾ داس لاءِ ڪيڏو نه پيار هو!

مهامنڊليشور سوامي وديانند مهاراج پرگيا چڪشو هوندي هندي سنسڪرت جا ودوان سنت هئا. هوُ جڏهن جڏهن آشرم ۾ ايندا هئا ته سندن پروچن شروڻ ڪرڻ ۽ درشن ڪرڻ جو وجهه ملندو هو. هوُ مونکي ڏاڍو ڀائيندا هئا. آسيس ڪندا هئا. هڪ ڏينهن بنا گهرڻ جي مونکي سنسڪرت ۾ هيٺيان آشيرواد وچن لکي ڏنائون.

साहित्यसिन्धोरधिकानि रत्नान्यादाय भाषाशुचि देशात्।
अन्योदयालाशु कवि प्रणीत, सदा समाजस्य हिताय भूयात्।।
सिन्धी भाषा भदारत्नं, हिन्दी भाषा भयायुतम्।
भारतागण सौलम्यात् लोक मौलिषु राजते।।

لقمان شهر کان ٻاهر سوامي رامانند صاحب جو آستان هو. هوُ سفيد ڪپڙن ۾ ورڪت وئراڳي سنت هئا. هوُ گهڻو وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندا

درد آ هنجي دل ۾ ٻين لئہ درد تنهين جا دور ڪري،
محبت جي مرهم سان تن جا گهاوَ پيارو هوُ ٿو ڀري.
ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي تن جي پيڙا مٽائي ٿو،
لڙڪ اُگهي تن جا هوُ تن کي پنهنجي سيني لڳائي ٿو.
پڪين پسن کي پيار ڏئي ٿو جوت ديا جي جڳائي ٿو،
گگدامن تي ڪهل ڪر هوُ تن جي جان بچائي ٿو.
پشپن کي ڀي پٽڻ نہ ڏي هوُ مورت مالڪ جي ڄاڻي،
مڇلين کي جيئدان ڏئي ٿو مورت مالڪ جي ڄاڻي.
پنهنجي امرت وچنن سان هوُ تتل دلين کي ٺاري ٿو.
نام جي نوڪا ۾ هوُ چاڙهي ڀوساگر مان تاري ٿو.
درشن سان دک دور ٿين ٿا، مونجهارا ٿا مٽجي وڃن.
چت ڦُرنن کان فارغ ٿئي ٿو روح رهاٽيون جڏهن هوُ ڪن.
مرلي منوهر وانگر دادا پريم جي مرلي وڄائي ٿو،
ميران ڀومي بندرابن آ، تنهن ۾ راس رچائي ٿو.
مرشد محب مٺي دادل لئہ ڪيڏي شرڌا هن ۾ آ،
دادل تان ٻلهار وڃي ٿو دادا هن جي من ۾ آ.
انجليءَ جي تخلص سان دادا ڪيئي گيت رچيا آهن،
درد سوز آ تن گيتن ۾ پريمي پريم سان ٿا ڳائن.
آهہ وڏو ودوان گياني پر نہ ڏيکاري ڏيندو آ
ڦلن وارو وڻ جهڪيل سدائين نميل سدائين ٿيندو آ.
سندس نيٽن ۾ نور نوراني چمڪي سندس ٿي پيشاني،
پريمين کي ٿو نام جپائي ۽ راهہ ڏيکاري روحاني.
جانب جادوگر هي آهي دلين تي جادو لڳائي ٿو.
پيار ڏئي هوُ هرڪنهنکي پنهنجو پل ۾ بڻائي ٿو.
''آشا'' تي انجليءَ جي نوازش محب مٺو آهي منٺار،
ڪين وساري سگهندو ''آشا'' پياري دادا جشن جو پيار.

پياري دادا جشن واسوانيءَ جي آچار ويچان جو، منهنجي رهٽي

مان پيار تي تڳان ٿي مان پيار تي جيئان ٿي.
جاڳندي بہ توکي ساريان سپني ۾ تات آهي.
مند تي پوي ٿي بارش، هيءَ بي مندائتي آ.
جهر جهر ڪري وسي ٿي تنهنجي صفات آهي.
پاڪر ۾ تون پرين ٿو، چڙ بهشت ۾ مان آهيان.
تنهنجي چانوَ ۾ گذاريان، منهنجي سا لات آهي.
تارون وچائي تن جون، تنهنجا ئي گيت ڳايان،
پياسو آ روح منهنجو پي ڪا وائي نہ وات آهي،
سمجهن ٿا ڪي لکان ٿي، ڳايان ٿي سوزي نغما،
ناچيز ''آشا'' آهي، ڏاتر جي ذات آهي.

دور درشن ممبئي تان منهنجو ٽي دفعا انٽرويو ٿيو آهي. هڪ دفعي شري رام جوهراڻي انٽرويو وٺندي اچانڪ سوال پڇيو تہ توهان جا گرو ڪير آهن. دادا جشن واسواڻي يا سوامي شانتي پرڪاش مهاراج؟ مان نهہ پهہ جواب ڏيندي چيو تہ منهنجا مرشد تہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج آهن. وري ڀاءُ رام جوهراڻي پڇيو تہ دادا جشن واسواڻي اوهانجا ڪير آهن؟ مون ورائيو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش منهنجي هڪ اک آهن تہ پيارو دادا جشن واسواڻي منهنجي ٻي اک آهن. پوڄيہ سوامي جن منهنجا ستگرو آهن ۽ پيارو دادا جشن واسواڻي منهنجا محبوب آهن. روح جا راڻا آهن. ٻنهي درويشن جي مون تي وڏي عنايت آهي. ڪجهہ سالن بعد وري ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ بہ ساڳيو سوال دهرايو ۽ مان ڪيس ساڳيو ئي جواب ڏنو. ٻنهي مهان ويوتين مون سان وڏا وڙ ڪيا آهن. حقيقت ۾ مان زيرو آهيان. سنڌي ٻولي آهيان پر سنڌن عنايت سان ئي مان روشن ٿيو آهيان. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي ثنا ڳائيندي مون هيٺيون نظم لکيو :-

سنڌين جو آ سنت سونهارو دادا جشن پيارو آ.
گيان سندو گلزار آ دادا ڀڳتيءَ جو تہ ڀنڊارو آ.
دادل شاهہ جو روحاني وارث منهنجي روح جو راڻو آ.
سادي رهڻي اعليٰ ڪهڻي سد سد هوُ تہ نماڻو آ.

و سنڌن ديدار ڪرڻ ويس. سچل سائينءَ جي چونڪي چالو هئي، پياري پرتاب راءِ
جاٽي درويش سخي قبول محمد کي صرف منهنجو نالو ٻڌايو تہ هوُ هڪدم اُٿي
ي ياڪر پائي مليا. هوُ سنڌ ۾ منهنجي نالي کان واقف هئا پر روبرو ملاقات پهريون
و ٿي. هن درويش ڪيڻو نہ قرب ڏنو. پنڄن ڏينهن بعد ممبئي يونيورسٽيءَ جي
تي ويڳ طرفان يونيورسٽيءَ جي ڪالينا ڪيمپس جي هال ۾ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي
تي سيمينار آيوجت ڪيو. اُن سيمينار ۾ جناب سخي قبول محمد صاحب مکيہ
مان طور شرڪت ڪئي. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ مونکي چند لفظ ڳالهائڻ لاءِ
يو. مان سچل سائين جي ثنا ۾ پنهنجي لکيل هيٺئين ڪلام سان شروعات
ڪئي:-

سچو صوفي هيو سنڌ جو سچل سرمست سيلاني
هٽي هم اوست جو هوڪو سليائين راز روحاني.
١. شريعت ۽ طريقت کي ڇڏي پهتو حقيقت تي،
ٿيي پنهنجي اندر ڏيئي لڌائين لعل لاثاني.
٢. نہ ڪعبي سان سندس تعلق نہ ڪاشيءَ سان سندس مطلب
ڇڏي فرقي پرستيءَ کي وتائين راهہ رحماني.
٣. اُڏاميو عشق جي آڪاس تي چنبول وانگر هوُ،
بلنديءَ تي وڃي پهتو ڪيائين سئر سبحاني.
٤. دئي دل مان مٽايائين ۽ وحدت کي سچاتائين،
پسي پريتم کي هرجائي نظر هنجي ٿي يڪساني.
٥. مٿا! منصور وانگر تو هنيو هوڪو انالحق جو
سچي سنڌ ۾ نہ ٿيو آ ڪو سچو صوفي سنڌءِ ثاني.
٦. سياڳي دز درازن جي عبادت ڪئي جتي سائينءَ
ڪري آداب ٿو ”آشا“ سچل صوفين جو هو باني.

منهنجو اِهو ڪلام ٻڌندي درويش سخي قبول محمد صاحب ڏاڍو
تاثر ٿيو. هڪدم اُٿي ياڪر پاتائين. سنڌ واپس وريو تہ اُتان پياري پرتاب
راجاڻي کي لکي موڪليائين تہ ڊاڪٽر ديال آشا جو سائين سچل جي ثنا ۾
کيل غزل هڪدم لکائي موڪليو.

منڪور مٿني مهان سنتن درويشن جون دعائون مونکي اڏينديون رهيون آهن.

ڪهڻي ۽ ساهتيہ سرجن تي وڏو پرڀاءُ آهي.

شري ساڌ ٻيلا مهنت آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج، سائين وسڻ شاهہ دربار وارا سنت گوپارام صاحب، سوامي ڪيشوداس دربار جا گادي نشين سوامي گرداسرام صاحب، سوامي چرڻداس مهاراج، سوامي ڪرشنانند مهاراج، ڀائي خانارام صاحب، سنت ديويداس، شداڻي دربار جا گادي نشين سنت گوبندرام صاحب، شري هنومان ڀڳت، دادا لعلچند ماڪيجاڻي، سنت ٿيجارام، ساڌ ٻيلا مهنت سوامي هريچنداس مهاراج مونکي ڏاڍو ڀائيندا هئا. پنهنجي نينهن ڀري نهار سان نهال ڪندا هئا.

پريم پرڪاش منڊل جا موجوده پرڌان، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج ۽ منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جوت جڳائيندڙ سوامي ديو پرڪاش مهاراج مون تي خاص مهربان آهن، داس کي پنهنجو سمجهي پيار بہ ڪندا آهن تہ آسيس بہ ڪندا رهن ٿا هوُ منهنجا قدردان آهن، سندن داس تي احسان آهن، سدائين سار سنڀال لهندا آهن. سائين هرچورام صاحب جا گادي نشين سنت روپارام صاحب بہ داس کي سنيهہ سنمان ڏيندا آهن.

سنت سائين چانبورام، سائين آسودارام، صاحب شو شانتي آشرم لکنوءَ وارا دور رهندي بہ دل جي ويجهو آهن. هوُ صاحب داس کي ڪيڏو نہ پيار ڏيندا آهن! ڪڏهن ڪڏهن روح رهاڻ ڪندي آسيس ڪندا آهن. داس جي سار سنڀال لهندا آهن. سوامي پريمداس صاحب ٿلهي وارا جا گادي نشين سنت واسديوَ مهاراج. سندن سپاتر سنت دنيش ڪمار سنت سندرلعل بہ داس کي ڪيڏو نہ سنيهہ ۽ سنمان ڏيندا آهن. آسيس ڪندا آهن. ڊاڪٽر سائين روچلداس صاحب جا سپاتر سنت پريتمداس، سنت آشارام باپو. شداڻي دربار جا موجوده گادي نشين سنت يڌشٽرلعل. سنت برهمداس، پريم پرڪاش منڊل جا سنت سوامي برهمانند مهاراج. سنت اننت پرڪاش. سنت جنڌيو. سنت هري اوم لعل ۽ ٻيا. ڀائونگر جي ماتا ڏيئوما داس کي پيار ڏيندي ڪيڏي نہ آسيس ڪندا رهن ٿا.

سوامي سڌانشو مهاراج. هالاڻي دربار جا گادي نشين سنت ساڌورام صاحب. سائين سترامداس صاحب جا گادي نشين سنت ساڌرام صاحب، سائين سچل سرمست جا سجاده نشين سخي قبول محمد صاحب مون تي نينهن جي نوازش ڪندا آهن. سخي قبول محمد هت سنتونگر ۾ آيل هئا. رات جي وقت مان ڦريون

ڳائون غلاميءَ - غم جي نشاني

مون سنہ ١٩٦٣ع جڏهن ممبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اي پاس ڪئي تڏهن ڪنووڪيشن هال ۾ ڊگري وٺڻ لاءِ ڳائون پائي وڃڻ لازمي هو. مان يونيورسٽيءَ جي ائيس چانسلر کي لکي موڪليو ۽ پريس پترائي بہ ڪئي تہ ڳائون غلاميءَ جي نشاني ڀي، ڪاري رنگ وارو ڪپڙو پائڻ غم جي نشاني آهي. اسانجو ڀارت ديش هن وقت اد آهي پر يونيورسٽيءَ ۾ اُها ڳائون پائڻ جي رسم انگريز سرڪار کان اچا جاري ڀي. هاڻي تبديل اچڻ گهرجي. ڀارتيہ بريس پائي ڪنووڪيشن هال ۾ ڊگري وٺڻ گ رجي.

ڳائون جي لازمي هئڻ سبب مان پنهنجي ڊگري سرٽيفڪيٽ ٽپال ريعي گهرايو. وري جڏهن ايم. اي پاس ڪئي تڏهن بہ ساڳي رسم سبب ڪنووڪيشن هال بہ نہ وڃي ايم. اي جي ڊگري گهر ويٺي ٽپال ۾ گهرائي. زاد ڀارت ورش ۾ ڇا اسين اڃا غلام آهيون! انگريزن جي شروع ڪيل ائون پائڻ جا مڃو ڇو آهيون! ڇا اسانکي پنهنجي ديسي پوشاڪ کين هي. اعتراض ورتم پر وريو ڪجهہ ڪين. مان سؤمان پسند شخص انڊيوادي آهيان. مون جڏهن ممبئي يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ. ڊي **Ph.D.** ڊگري پراپت ڪئي تڏهن بہ ڪنووڪيشن هال جو منهن ڪين ڏٺو. اُها ڊگري بہ گهر ويٺي ٽپال ذريعي گهرائي.

سنہ ١٩٩٧ ۾ مون جڏهن ممبئي يونيورسٽيءَ مان **D.Litt** ڊاڪٽر آف ٽريچر جي ڊگري پراپت ڪئي تڏهن مونکي اِها ڊگري ڏيڻ لاءِ ممبئي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک پنهنجي آفيس

انکري مون هيٺيون ڪلام لکيو :-

درويشن سان منهنجي صحبت،
تن جي آهي مون تي رحمت.
١. پاڻ کان مونکي رکن نه ڌار،
سپني ۾ پيي ڏين ٿا پيار،
منهنجي من جي تن ڏانهن رغبت.

☺☺☺

جيو ديا

منهنجي امڙ پاري ٻائي ۽ پاپي سدوري ٻائي ڏارمڪ ۽ دياو ان هيون. هوءَ روز گ
ءِ ماتا لاءِ تيار ٿيل ڀوڄن مان ٿلڪو ڪيي رکنديون هيون. ڪڏ تي پکين جي پيئڻ
ءِ پاٽيءَ جي پاٽ ڀري رکنديون هيون ۽ ڪائڻ لاءِ ڪاجهہ نہ ڪاجهہ رکنديون هيون ۽
يي هوندي مونکي بہ پنهنجي ڀوڄن جي ٿالهيءَ مان ڪتي جي ڪائڻ لاءِ گرهہ
ڪيي رکڻ جي تاڪيد ڪنديون هيون. پر هوءَ موهہ وس مونکي سگهارو ڪرڻ لاءِ
ڪٿهن ڪٿهن مانس ماڇي کار ائينديون هيون.

مان ننڍپڻ ۾ ڪنهنجي گهر ۾ طوطو ڏسي خوش ٿيندو هوس. طوطي کي
ام رام چئبو هو تہ هوءَ بہ موٽ ۾ رام رام چوندو هو. هڪ دفعي مون پيلري ڪاڪا وشنداس
ان انگل ڪيو تہ مونکي بہ پڃري سوتو هڪ طوطو وٺي ڏيو. مان سڪيلتو ٻار هوس.
ڪاڪا جن منهنجو انگل پورو ڪيو. مان گهر ۾ پڃري بند طوطي کي ڏسي خوش
ينلو هوس، کيس کاتو بہ کار ائينلو هوس، پاٽي ڀري رکنلو هوس. طوطي کي رام رام
چونلو هوس. مِٺو! چئہ رام تہ طوطو بہ رام رام دهر ائينلو هو. ٿن چئن ڏينهن کان پوءِ
نهنجي پاپي سدوري ٻائي مونکي سمجهائيندي چيو تہ مان توکي جيڪر چار پنج
ينهن ڪمري ۾ بند ڪري رکان، بند ڪمري ۾ توکي روٽي کار ايان، پاٽي پيئاريان تہ
ون خوش ٿيندين؟ مان ور اٿيو، ”پاپي! مان ڪيئن چار پنج ڏينهن بند ڪمري ۾
هندس! پياري پاپيءَ چيو، ”پٽ! پکين کي پريو پر ڏنا آهن، اڏامڻ لاءِ پر اسين
نهنجي ٿوري خوشيءَ لاءِ پکين کي پڃرن ۾ قيد ڪريون ٿا. هوءَ بہ پنهنجي ولر کان
چڙيل آهن. آزاد اڏامڻ چاهين ٿا. اِنڪري ان طوطي کي پڃري جي قيد مان آزاد
ڪر. پياري پاپيءَ مونکي اهڙي اثردار سکيا ڏني جو بروقت ئي پڃري جو در کوليو تہ
طوطو پڃري مان نڪري پر پکيڙي آسمان ڏانهن پرواز ڪري ويو. اُن وقت مان خوشيءَ

۾ خاص ننيڙو اُتسوَ رکي اُن ۾ مونکي بي لٽ جي ڊگري عطا ڪندي سرسوتي پدڪ ڏئي سنمانت ڪيو. اُن اُتسوَ ۾ پرووائيس چانسلر ڊاڪٽر نريشاچندر، يونيورسٽيءَ جا ڪي آفيسر شري منگهارام سپاهيملاڻي پرنسيپال موهن اجواڻي ۽ پيون ڪي هستيون خاص هيون. اُتي پتر ائي ڪئي ويئي تہ ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميچا آشا دنيا ۾ پهريون شاخص آهي جنهنکي سنڌيءَ ۾ بي لٽ ڊگري ملي آهي. مون اختياري و ارن جي شڪرگذاري ماڃي. خوشيءَ جي موقعي تي آزاد يارت ۾ ڪارو گئون يا ڪورٽن ۾ ڪارو ڪوٽ پهرڻ ڪيتري قدر جائز آهي! سناجيدگيءَ سان سوچون! آفيس ۾ اسٽرائيڪ وقت ڪاري ربين جو ٽڪر لڳائي پنهنجي غم جو اظهار ڪندا آهن.

مون بنا گائون پهرڻ جي ئي چارئي ڊگريون ممبئي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. سرسوتي ماتا جي اسيم ڪرپا، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پوجيہ دادا جشن و اسو اڻيءَ پوجيہ ماتا پتا وڏڙن جي آسيس سان ئي تعليم جي کيتر ۾ سڦلتا ملي.

☺☺☺

ندا پرواز ڪري ويا. آئينده لاءِ پيڻ ريشما گهر ۾ پکين کي بند ڪري
ڻ کان باز آئي. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي دل ۾ پکين لاءِ ڪيڏي نه
ياونا آهي. هوُ اسانکي به مايا جي پڃرن مان آزاد ڪرڻ جي ڪوشش
ڪري رهيا آهن.

پياري دادا جشن جي اثر هيٺ مان شاڪاهاري ٿيس. ننڍي هوندي
هنجي پاپي موهه وس جئن مان بدن ۾ پاڻ ڪٽان مونکي غير ويشنو کاڌو
ائيندي هئي. وڏي هوندي به مان غير ويشنو کاڌو ڪڏهن ڪائيندو
س. اُن لاءِ مان هاڻي پڇتاءَ جا لڙڪ لاڙيندو آهيان. پياري پريوءَ کان ورور
افي طلب ڪندو آهيان. هڪ ڏينهن مان ميران يوميءَ ۾ دادا جشن جو
شن ڪري پونا يونيورسٽي وڃڻو هوس. دادا جن ڪار ۾ ويٺا ته مونکان
ڇائون ته ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ مان چيو دادا! يونيورسٽي وڃڻو آهي.
دا جن مونکي پنهنجي ڪار ۾ وهاري چيو ته اسين اونڌ وڃي رهيا آهيون.
ون رستي تي يونيورسٽي وٽ لهج. پياري دادا ڪار ۾ مون سان ڳالهائيندي
يو ته پيارا ديال! دنيا کي ديا جي ضرورت آهي. روز هزارين ڳگدام وات
ي چسڪي لاءِ ڪسجي رهيا آهن! هرڪنهن کي ساهه پيارو آهي. اِهي
ڪي پسون به پريوءَ جي سنتان آهن. پريات جي پردي ۾ ڪيئن اِهي ڳگدام
ڪيڪراٽون ڪن ٿا. هنسا جي ڪاڌي ۾ آهن انهن پکين پسن جون آهون ۽
انهون! اسين اِهو ڪاچ ٿا ڪائون! جئن ڪنهن انسان کي مارڻ گناهه آهي
جنهنجي سزا سنساري سرڪار ڏئي ٿي تيئن انهن پکين پسن کي مارڻ جي
زا سائين جي سرڪار وٽ ملي ٿي. جيڪي اِهو هنسا جو کاڌو کائين ٿا
هي به پاپ جا ڀاڱي آهن. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي انهن الفاظن مون
ي اهڙو ته اثر ڪيو جو اُهو ڏينهن اُهو شينهن مان غير ويشنو کاڌي کائڻ
ان بنهه پري آهيان.

هڪ دفعي جبلپور ۾ ڪوي ڪشنچند بيوس جي جنم شتابدي
وقعي تي مڌيه پرديش سنڌي اڪادمي مونکي ڪوٺ ڪئي. مون ڪوي
ميلن ۾ ڀاڱ ورتو ۽ سائين بيوس بابت ويچار ظاهر ڪيا. برک سنڌي
اهتيڪار شري ڪرشن ڪٽواڻي جبلپور ۾ رهندو هو. هن ڪن اديبن کي
نجهند جو ڀوڄن کائڻ جي نيند ڏني. ست اٺ ڄڻا سندس دعوت تي سندس

جو وڏيڪ احساس ڪيو.

هاڻي محسوس ڪندو آهيان تہ اسان مان هڪ هڪ مايا جي پڃري ۾ قيد آهي. هڪ هڪ سنت اسانکي گيان ۽ سکيا ڏئي اسانکي ان مايا جي پڃري مان آزاد ڪري جيون مڪت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ستگرو ۽ سنت اسانجي اندر ديا ۽ پريم جي جوت جڳائين ٿا. هوُ سيني جيون ۾ پريوءَ کي پسن ٿا.

منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هڪ دفعي هانگ ڪانگ ۾ هئا. پيارو هوتاچند واڌواڻي پوجيہ ستگرو مهاراجن کي پنهنجي آفيس ۾ پير گهمائڻ ۽ آسيس لاءِ وٺي ويو. سوامي جن اُن آفيس پرسان پهاچندي پکين جو آواز ٻڌو ۽ پڇيائون تہ هتي پکي هيٺ رهندا آهن؟ پياري هوتاچند واڌواڻيءَ وراڻيو، ”سائين پرسان ڪاسائيءَ جو دڪان آهي. اُهو ڪبوتر کهي وڪڻندو آهي.“ سوامي جن هڪدم پياري هوتاچند کي اُن ڪاسائيءَ جي دڪان تي موڪليو ۽ چيو تہ جيڪي بہ باقي ڪبوتر ڪاسائي وٽ هجن اُنهن کي خريد ڪري آءُ تہ ويچارن کي پڃرن مان آزاد ڪرائي ڇڏيون. نت تہ ڪاسائي اُنهن کي کهي ڇڏيندو. شري هوتاچند ڪاسائيءَ وٽ آيو. اُن وقت وٽس ٢١ ڪبوتر جيوت هئا. پيارو هوتاچند اُهي ڪبوتر خريد ڪري سوامي جن وٽ ڪبوترن جا ٢١ پڃرا کڻائي آيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن بروقت ئي پڃرا کولي ايڪويهہ ئي ڪبوتر آسمان ڏانهن اُڏائي ڇڏيا. سوامي جن پکين جو بہ درد سهي نہ سگهيا. اُنهن کي پڃرن مان آزاد ڪري اُڏايو. سندن من ۾ پکين پسن لاءِ ڪيڏي نہ همدردي هئي.

پيارو دادا جشن واسواڻي هانگ ڪانگ ۾ هو. هڪ پياري ڀيڻ ريشما کين پنهنجي گهر ۾ عرض ڪري گهرايو. پياو دادا سنگت سهت جڏهن سندس گهر ۾ گهڙيو تہ ڏٺائين ڪي رنگارنگي پکي پڃرن ۾ قيد آهن. پيارو دادا اِهو درشيہ ڏسي هڪدم رُڪجي ويو ۽ ڀيڻ ريشما کي چيائين تہ پياري ريشما تو هي ڇا ڪيو آهي؟ پياي پريوءَ پکين کي پر اُڏامڻ لاءِ ڏنا آهن. تو هنن کي پڃرن ۾ قيد ڪيو آهي! اِهو جائز ناهي. پياري دادا سيني پڃرن جا در کولي سيني پکين کي آسمان ڏانهن اُڏائي ڇڏيو. پکي پياري دادا کي دعائون

سک سچو اُن کي کيئن ملندو؟
ڳگدامن سان ڦهر جو کندو،
ماس اوهين ٿا تن جو کائو،
آتم شڪتي ٿا پنهنجي گهٽايو،
جيو ديا جي جوت جڳايو،
دنيا کي پيغام پڄايو،
ٻڪرا ويچارا ٻاڪارين ٿا،
پکي ويچارا پڪارين ٿا،
نہ ويسر ۾ وڏيڪ وهو،
پکين پسن کي پيار ڏيو،
مانس مڇيءَ کان رهو پري،
هنسا جڳ مان ڪيو ٽڙي،
دک درد وارن جي لهو سنڀال،
ڳگدام اٿوَ گوبند جا ٻال،
روز رحم لاءِ نهارين ٿا،
اندر ڳوڙها ڳاڙين ٿا،
نوري نماٽي ڪري پڪار،
سڻ سڏڪن سندي هيءَ پڪار!

منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج بہ مانس آهار شراب
ٺي سخت خلاف هئا. هوُ ورور پنهنجي ستسنگ ۾ سنگت کي سمجهائيندا
ئا تہ ڳگدامن تي ڪمل ڪريو. روز هزارن جي تعداد ۾ پسون ڪسجي
هيا آهن. اوهان اُنهن تي ديا ڪندا تہ پرماتما اوهان تي ديا ڪندو. پنهنجي
يٽ کي مساڻ نہ بڻايو. ديا بنا سڌ بہ ڪاسائي آهي. سدائين اشڌ آهار کان
ڪنارو ڪريو. هن جنم ۾ ٻڪرا ٻڪريون ڪڪڙيون کهائي کائيندا تہ
ٺي جنم ۾ وري اوهان ٻڪريون ٻڪرا ڪڪڙيون ٿيندا ۽ ڪو ڪاسائي
وهانکي کهندو. ستگرو مهاراجن جي ان پرچار سبب هزارين پريمي
جيون ويشنو ٿيا. هڪ دفعي کين خبر ملي تہ ڳانتي نگر ڪولهاپور ۾
ڪو پريمي پنهنجي پٽ جي شادي سنبنڌ ۾ مانس آهاري مجلس آيوجت

گھر وياسين. ٽيبل تي ڪاتو رکيو ويو. ڪاتي ڪائڻ کان اَڳ اُٽي مون ڪنهن ساهتيڪار دوست کان پڇيو تہ هيءَ ڪھڙي ڳالھ آهي؟ تنهن وراڻيو تہ سوياڻين جي ڳالھ آهي. مان اَن راجا کي نمسڪار ڪري گرھ وات ۾ وڌو تہ مونکي هڪدم بانس آئي. پياري ڪرشن ڪتواڻيءَ کان پڇيم پيارا هي ڪھڙي ڳالھ آهي سچ ٻڌاءِ. پڻ ڪرشن ڪتواڻي چيو تہ قيمو آهي! ٻئي دنگ رهجي ويس، وات ۾ آڱريون وجھي اوڪارا ڏني جيترو ٿي سگھيو گرھ ٻاهر اُڇلي ڪري ڪييم ۽ لڙڪ لاڙيندي پربوءَ کان معافي ورتي.

دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا جيون چرتر پڙهندي سندن ٻاڻي پڙهندي بہ جيوَ ديا جي ڀاونا پڪي پختي ٿيندي ويئي. پريم پرڪاش منڊل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ان هنسا جي ڪاتي ڪائڻ کان ڪنارو ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

منش ڪي ڪڏهن مانس ڪائڻ نہ گھرجي،
اشٽ ڪاڄ ۾ دل لڳائڻ نہ گھرجي.
ڪرڻ جيو هنسا آهي پاپ ڀاري،
گلي ڪنهنجي ڪاتي وهائڻ نہ گھرجي.
ڪائڻ ماس وارو نرڪ ۾ وڃي ٿو،
وڃي نرڪ ۾ جي جلائڻ نہ گھرجي.
بکڻ مانس وارو پسون آهہ جڳ ۾،
منش تنُ پسن جئن بڻائڻ نہ گھرجي.
کھي ٽيئون ڪولي گرنٿ سڀ چون ٿا.
ڪڏهن جيوَ ڪنهنکي ستائڻ نہ گھرجي.

پوجنيہ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ديا ۽ پريم جو اوتار هئا. هن صاحب جيو ديا جو جدا جدا شهرن ۾ خوب پرچار ڪيو. سندن دل ۾ نہ صرف مانوَ ماتر لاءِ ديا ۽ همدردي هئي. مگر پکين پسن لاءِ پيار ۽ همدردي هئي. هوُ پشپن پتن کي بہ پٽڻ جي منع ڪندا هئا. سندن جيوَ ديا جي پرچار سبب هزارين لوڪ آجيون شاڪاهاري ٿيا. ساڌو واسواڻي جن جيو ديا جي سنبنڌ ۾ هيئيون گيت لکيو جو ڪڏهن ڪڏهن مان ڳائيندو اهيان.

جيو ديا جي جوت جڳايو،
هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو،

سک سچو اُن کي ڪيئن ملندو؟
گگدامن سان ڦهر جو ڪندو،
ماس اوهين ٿا تن جو کائو،
آتم شڪتي ٿا پنهنجي گهٽايو،
جيو ديا جي جوت جڳايو،
دنيا کي پيغام پهچايو،
ٻڪرا ويچارا ٻاڪارين ٿا،
پکي ويچارا پڪارين ٿا،
نه ويسر ۾ وڌيڪ وهو،
پکين پسن کي پيار ڏيو،
مانس مڇيءَ کان رهو پري،
هنسا جڳ مان ڪيو تڙي،
دک درد وارن جي لهو سنڀال،
گگدام اٿوَ گوبند جا ٻال،
روز رحم لاءِ نهارين ٿا،
اندر ٻوڙها ٻاڙين ٿا،
نوري نماڻي ڪري پڪار،
سڻ سڏڪن سندي هيءَ پڪار!

منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج بہ مانس آهار شراب
ـي سخت خلاف هئا. هوُ ورور پنهنجي ستسنگ ۾ سنگت کي سمجهائيندا
ئا تہ گگدامن تي ڪهل ڪريو. روز هزارن جي تعداد ۾ پسون ڪسجي
هيا آهن. اوهان اُنهن تي ديا ڪندا تہ پرماتما اوهان تي ديا ڪندو. پنهنجي
يٽ کي مساڻ نہ بڻايو. ديا بنا ستذ بہ ڪاسائي آهي. سدائين اشڌ آهار کان
ڪنارو ڪريو. هن جنم ۾ ٻڪرا ٻڪريون ڪڪڙيون کهائي کائيندا تہ
ئي جنم ۾ وري اوهان ٻڪريون ٻڪرا ڪڪڙيون ٿيندا ۽ ڪو ڪاسائي
وهانکي کهندو. ستگرو مهاراجن جي ان پرچار سبب هزارين پريمي
جيون ويشنو ٿيا. هڪ دفعي کين خبر ملي تہ ڳانڌي نگر ڪولهاپور ۾
ڪو پريمي پنهنجي پٽ جي شادي سنٻنڌ ۾ مانس آهاري مجلس آيوجت

ڳهر وياسين. ٽيبل تي ڪاتو رکيو ويو. ڪاتي ڪائڻ کان اڳ اُتي مون ڪنهن ساهتيڪار دوست کان پڇيو تہ هيءَ کهڙي پاپ آهي؟ تنهن وراڻيو تہ سوياڻين جي پاپ آهي. مان اَن راجا کي نمسڪار ڪري گرهہ وات ۾ وڌو تہ مونکي هڪدم بانس آئي. پياري ڪرشن ڪتو اڻيءَ کان پڇيم پيارا هي کهڙي پاپ آهي سچ ٻڌاءِ. پہ ڪرشن ڪتو اڻي چيو تہ قيمو آهي! ٻڌي دنگ رهجي ويس، وات ۾ آڱريون وجهي اوڪارا ڏئي جيترو ٿي سگهيو گرهہ ٻاهر اُڇي ڪري ڪييم ۽ ٽرڪ لاڙيندي پريوءَ کان معافي ورتي.

دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا جيون چرتر پڙهندي سندن ٻاڻي پڙهندي بہ جيوَ ديا جي ڀاونا پڪي پختي ٿيندي وئي. پريم پرڪاش منڊل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ان هنسا جي ڪاتي ڪائڻ کان ڪنارو ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

منش کي ڪڏهن مانس کائڻ نہ گهرجي،
اشٽ ڪاج ۾ دل لڳائڻ نہ گهرجي.
ڪرڻ جيو هنسا آهي پاپ ڀاري،
ڳلي ڪنهنجي ڪاتي وهائڻ نہ گهرجي.
کائڻ ماس وارو نرڪ ۾ وڃي ٿو،
وڃي نرڪ ۾ جي جلائڻ نہ گهرجي.
ٻڪڻ مانس وارو پسون آهہ جڳ ۾،
منش تنُ پسن جئن ٻڻائڻ نہ گهرجي.
ڪهي ٽيئون ڪولي ڳرنٿ سڀ چون ٿا.
ڪڏهن جيوَ ڪنهنکي ستائڻ نہ گهرجي.

پوڄنيہ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ديا ۽ پريم جو اوتار هئا. هن صاحب جيو ديا جو جدا جدا شهرن ۾ خوب پرچار ڪيو. سندن دل ۾ نہ صرف مانوَ ماتر لاءِ ديا ۽ همدردي هئي. مگر پکين پسن لاءِ پيار ۽ همدردي هئي. هوُ پشپن پتن کي بہ پٽڻ جي منع ڪندا هئا. سندن جيوَ ديا جي پرچار سبب هزارين لوڪ آجيون شاڪاهاري ٿيا. ساڌو واسواڻي جن جيو ديا جي سنبنڌ ۾ هيٺيون گيت لکيو جو ڪڏهن ڪڏهن مان ڳائيندو آهيان.

جيو ديا جي جوت جڳايو،
هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو،

تياڳ ڪيو. پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيو ديا گيت تان متاثر ٿي مان بہ
ي هنديءَ ۾ جيو ديا سنبڌتي هيٺيون گيت لکيو :

جيوَ ديا جي جوت جڳايو،
مانش جيون سڦل بڻايو!
ماس ماڻهن جو کاڌو ناهي،
چوٿا پاڪي پسون بڻايو؟
پرڀوءَ جي اولاد پسون ڀي،
ڇري نہ تن تي هلايو!
منش ديهہ مندر مالڪ جو،
سدا پوتر تنهنکي بڻايو!
جو ٿو ٻين کي پيڙي ستائي،
ڀاڳ تنهن پنهنجو آهہ ڦٽايو!
ديا نہ جنهنجي دل ۾ آهي،
ٿيو جيئڻ تہ تنهنجو اجايو!
پلا ماڇيون سنتان درياهہ جي،
تن کي لقمو ڪين بڻايو!
ڪاڌي جو ٿي اثر ٿو من تي،
من جو سک اوهين ڪين وڃايو!
ٿوري زبان جي چسڪي خاطر،
ڇو گگدامن جو خون وهايو!
سوارٿ ۾ اوهان انڌا ٿي،
جيري خاطر ٻڪري کهايو!
پکين پسن تي قياس ڪريو،
تن کي پنهنجي گلي لڳايو!
دادا جو پيغام هي ”آشا“ ،
سوامي جن جي سکيا هنڊايو!

दया धर्म का मूल है नर्क मूल अभिमान
तुलसी दया न छोड़ये जब लग घट में प्राण

ڪندو. ستگرو مهاراج خاص سيڙجي ڳانتي نگر ويا ۽ اُتي اُن پريميءَ جي پريو ار ڪي سمجھايائون تہ شادي معنيٰ خوشي. اوهان اهڙي شيءِ موقعي تي ٻڪرا ٻڪريون کھائي مجلس ڪري پاپ جو ڪم ڪري رهيا آهيو. اسان توهانجي در جو پاڻي بہ ڪين پيئنداسين. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پُر اثر سمجھاڻيءَ سبب اُن پريو ار مانس آهاري مجلس رد ڪئي ۽ پرڻ ڪيو تہ هوُ بنهہ اِن هنسا جي ڪاڻي ڪان پري رهندا. اٽڪل ١٤٠ ڪن ٻڪرين ٻڪرن کي جيئدان مليو. سوامي جن پاڻ کي تڪليف ڏئي ڳانتي نگر وڃي ٻڪرين جي رڪشا ڪئي.

مان بہ پوجيہ دادا ساتو ٽي. ايل. واسواڻي، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي ليلاشاهہ مهاراجن، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي سدانتن ۽ سکيائن ڪان ڏاڍو متاثر ٿيس. پوءِ تہ پڇتاءَ جا لڙڪ لاڙيندي پريوءَ ڪان معافي طلبگار ٿيندو آهيان. ڪيترن ئي سالن ڪان مان نہ صرف پنهنجي ڪاليج پر جدا جدا شهرن ۾ وڃي اُتان جي اسڪولن ڪاليجن ۽ ستسنگ سماروهن ۾ ساموهڪ شادين، ساموهڪ جڻين جي اُتسو ۾ جيو ديا جي وشيہ تي سمجھاڻي ڏيندي منڪور سنتن جو پيغام پهچائيندي اپيل ڪندو آهيان تہ اِهو هنسا جو ڪاڻو صحت جي لحاظ ڪان، ترم ۽ وگيان جي خيال ڪان بہ ڪيڏو هاڃيڪارڪ آهي. مردن جا ٽڪر کائي پنهنجي پيٽ کي شمشان يومي نہ بڻايو. پکين پسن کي کائو نہ پر کار ايو. روز ڪيئن نہ هزارين پسن پکين کي بي رحميءَ سان ماريو وڃي ٿو. اُنهن تي رحم ڪريو. توهان اُنهن تي رحم ڪندا تہ ڏڻي تعليٰ توهان تي رحمت ڪندو. مان هرسال دادا ساتو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي جنمدن موقعي تي، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جنمدن جي موقعن تي هزارين وديارٿين ۽ ٻين پريمين جي لسٽ جيڪي آجيون ويشنو ٿي رهڻ جو انجام ڪندا آهن، سندن چرڻن ۾ پيٽ ڪندو آهيان. مان سمجھان ٿو هن وقت تائين اٽڪل هڪ لک ڪن وديارٿي ۽ ٻيا پريمي حياتي پر ويشنو ٿيا هوندا. منهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جنم شتابدي هئي تہ مان ان موقعي تي ٻارهن هزار ٻائرن ٻينرن کي ويشنو ڪرڻ جي پترائي ڪئي. مان ان ڪريہ لاءِ جدا جدا شهرن ۾ ويس جنمشتابدي اُتسو ڪان مهنو ڪن آڳ مونکي فريڪچر ٿي پيو انڪري ٿورو ڪم رهجي ويو ۽ ١٠٥٠٠ ڪن پريمين ۽ وديارٿين جي لسٽ ستگرو مهاراجن جي جنمدن شتابدي موقعي تي پيٽ ڪيم. جن زندگيءَ پر غير ويشنو ڪاڻي

شيوا جي ڪيتر

شيوا جي سوجهہ ٻوجهہ ننڍپڻ ۾ ورثي ۾ مليي. مان اڃان ڇهن سالن جو هوس تہ گهر جي وڏڙن جي شيوا ڪندو هوس. تنهن زماني ۾ گهرن ۾ سيٽ ڪين هوندي هئي. گرميءَ جي موسم ۾ جهلي لوڏبي هئي. منجهند جي وقت جڏهن ڪو گهر جو وڏو ياتي آرام ڪندو هو تہ مان جهلي لوڏيندو هوس. سنڌ جو مشهور معروف ڀڳت ٿهليارام ليلارام جنهنکي مان بابا وڏو ڪري سڏيندو هوس، سمهندو هو تہ مان جهلي لوڏيندو هوس. ڪيس پيڙون ڏيندو هوس. ننڍپڻ ۾ رستي ۾ جيڪڏهن ڪو سورداس يا اپاهج ڏسندو هوس تہ پنهنجي خرچيءَ مان پئسو يا ڪا کاڌي جي شيءِ وٺي اُن کي کارائيندو هوس. گرميءَ جي موسم ۾ ڪيترن هنڌ پاڻيءَ جا مٽ پري رکندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن وائهڙن کي پاڻي پيئاريندو هوس. چيٽي چنڊ يا ويساکي جي ڏينهن اٿهڙن کي سڏي سيسا ڪارائي شربت پيئاربو هو. اسڪائوٽنگ ۾ بہ سيوا ڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي. ڪنهن سورداس جو هٿ پڪڙي اُن کي رستو پار ڪرائڻ يا سنئين راهہ تي وٺي هلڻ، رستي تي ڪٽي ڪيلن جون کلون پيون ڏسجن تہ اُهي کلون ڪٽي پاسيرو رکڻ جيئن ڪو ترڪي نہ پوي. اِهي ننڍيون ننڍيون سيوائون ڪبيون هيون.

ديش جي ورهاڱي بعد مان پنهنجي پريوار سان پهرين ممبئي ۾ آيس. هتي هفتو سمنڊ جي ڌڪي تي گذارڻو پيو. اسانکي ملٽري ڪئمپ، ڪلياڻ ڪئمپ ۵ ۾ رهايو ويو. پنهنجي وطن کان اُکوڙيل ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. سور سختيون سهندي سرڪاري سيوائن جي سهاري جيئندا رهياسين.

مان جنهن بہ شهر ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ يا سيوا ڪرڻ لاءِ ويندو آهيان، سرڪاري سيمينار ۽ ميٽنگ لاءِ ويندو آهيان، سموهہ لگن لاءِ ويندو آهيان اُتي ڪنهن نہ ڪنهن وديا مندر ڪاليج ۾ وڃي وديارٿين کي جيو ديا جو سنديش سڻائيندو آهيان. مونکي سائين هردارام صاحب پڻ ان ڪاريہ ڪرڻ لاءِ همٿائيندا هئا. هوُ صاحب مونکي ڪڏهن پنج هزار روپيا تہ ڪڏهن ٻہ هزار روپيا ڏيندا هئا تہ اُنهن وديارٿين کي سندن پاران هڪ هڪ روپيو برڪت جو ڏيان جيڪي ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪن ٿا. سائين هردارام صاحب ورور داس جو اُتساهہ وڌائيندا رهيا.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج داس کي ان ڪاريہ لاءِ ڏنيو اد ڏيندا هئا. پيارو دادا جشن تہ ستسنگ ۾ چوندو آهي تہ پياري ديال آشا جي هيءَ سوکڙي يعني زندگيءَ ڀر ويشنو ٿيڻ وارن جي لسٽ مون لاءِ بهترين سوکڙي آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا موجودهہ گادي نشين سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، ستگرو سوامي ديوَ پرڪاش مهاراجن ستسنگ پروچن ڪندي سنگت کي هنسا جي ڪاتي ڪائڻ جي منع ڪندا آهن ۽ مونکي بہ جيو ديا جي پرچار لاءِ اُتساهت ڪندا آهن. جيڪي بہ پريمي زندگيءَ ڀر ويشنو ٿيندا آهن تن کي يادگيريءَ لاءِ ڪا نہ ڪا سوکڙي ڏيندو آهيان. اڳ سونا هار ڏيندو هوس. هاڻي ڀاءُ مورندمل ڏاسواڻي،شري جئہ پرڪاش ڏاسواڻي ۽ شري هولارام ڏاسواڻيءَ دواران موڪليل گيتا پريس جا امولہ پستڪ تحفي طور ڏيندو آهيان.

پوجيہ دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي جو جنمدن ۲۵ نومبر ساري سنسار ۾ ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. ان ڏينهن هنسا جي ڪاتي ڪان بنهہ پري رهڻ لاءِ بہ هرسال جدا جدا اسڪولن ڪاليجن جي هزارين وديارٿين جون صحيون وٺي ساڌو واسواڻي مشن پونا کي موڪليندو آهيان. موٽ ۾ مونکي پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو پيار ۽ آسيس ملندي آهي جا مون ۾ نئين سگهورتي پيدا ڪندي آهي.

☺☺☺

ڪ ڏنل رچنا پڙهي متاثر ٿيس. ان ڪوتا به مونکي شيوا ڪرڻ
پريرت ڪيو. منش ۾ پروپڪار، ديا، همدردي، شيوا جا گڻ هئڻ
رجن. سائين بيوس چيو آهي:

جو ڇاڏي وٺڻ پر ڏيڻ ڏانءُ ناهه،
اُنهيءَ جو نه انسان ئي نانءُ ناهه،
دنيا خودگذاري سندوگانءُ ناهه،
منجهس تون به آهين، رڳو آنءُ ناهه.
ولهن ۾ به ونڊ جي اٿئي مال تن،
نه تن آهي ڪافي ته پيٽا ڏي من،
نه من آهه موافق ته ارپي ڏي تن،
نه تن جي توانو ته منڙو وچن،
مگر ڪي نه ڪي توکي ڏيڻو ضرور،
فدا پر پلي لاءِ ٿيڻو ضرور.

سائين بيوس جي مذڪور مصرائن جي ترجماني هر انسان کي
ڪرڻ گهرجي. مان انهن مصرائن کي عملي روپ ڏيڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي. جيترو ٿي سگهي من وچن ۽ ڪرم سان سڀ کي سک
چاءِ.

سنه ١٩٥٥ع کان مان سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي جي اسڪولن ۾
ستري جي نوڪري شروع ڪئي. سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ راءِ صاحب
يتلداس ڪيماڻي مونکي ڏاڍو ڀائيندو هو. هڪ ڏينهن مونکي هي صاحب
هاسنگر ۴ ۾ هلندڙ ٻيڙا منڊليءَ ۾ وٺي هليو ۽ آگيا ڪيائين ته هر چنڊ تي
ندس پاران هت رهندڙ ٻيڙن ٻيڙين کي ميوو کارائي ويندو ڪر. تڏهن ٻيڙا
نڊليءَ ۾ ٢٠ - ٢٥ ٻيڙا ٻيڙيون رهندا هئا. مان نه صرف چنڊ پر هر گيارس تي
يڙن کي ميوي سان گڏ ڪڙهيل کير به ڏئي ايندو هوس. ڀيڻ سمن (گلو)
ڏواڻي مون سان گڏ اِسڪول ۾ پاڙهيندي هئي. سندس گهر ۾ شري گروگرنٿ
ساحب رکيل هو. هوءَ ڀيڻ هر چنڊ تي ڪڻاهه صاحب به تيار ڪري
يندي هئي. اُهو ڪڻاهه صاحب به ٻيڙن ۾ ورهائي ڪين ڀيري پئي

مان اسڪول ۾ پڙهندي ڪنهن هم ڪلاسي ضرورتمند سان رسيس ۾ ونبي ورهائي کائيندو هوس. اسانجي اسڪول جي پويان مهاوير ڪسرت شالا شروع ٿي. اُن جي پاسي واري رستي تان ڪيترائي واٽهڙو لنگهندا هئا. مان ڪسرت شالا جي ٻاهران پاڻيءَ جا ننڍا مٽ ڀري رکندو هوس جئن واٽهڙو پياس پوري ڪن. بي.جي. تلڪ منڊل اِسڪول ۾ پڙهندي، شوراتريءَ ڏينهن اتهاسڪ امبرنات مندر ۾ ميلو لڳندو آهي. اُتي ٻه هڪ پيرو ٻه چار ساٿي سان ڪري پياسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ شربت جا وڏا ٻاڻلا ڻاهي رکيا ۽ واٽهڙن کي پريم سان سيسا ڏئي شربت پيئاريو. ان ميلي ۾ اسڪائوٽنگ جي ڊريس پائي درشڪن جي پوري لائين لڳائڻ. ڪين لائين ۾ ٻه ٻه ڪلاڪ مندر ۾ پرويش ڪرڻ لاءِ لڳندا هئا. ڪين اُڃ لڳندي هئي ته قطار ۾ بيٺلن کي ٻه پاڻي پيئاربو هو. ميلي ۾ ڪنهنجو ابهم ٻار روئندو ڏسندو هوس ته کيس ڪلهي تي چاڙهي ڊنيورو ڏيندو هوس ته هي ٻار لڌو ويو آهي جنهنجو هجي سو وٺي. جيسين ٻار جا مائٽ ميلي ۾ ملن تيسين ٻار کي ٽول يا ڪو رانديڪو ڏئي خوش رکبو هو. جڏهن ٻالڪ کي پنهنجي امڙ يا ابو ملندو هو تڏهن هوُ ڪيڏو نه خوش ٿيندا هئا ۽ مونکي دعائون ڪندا هئا. مان به خوشيءَ جو انڀوَ ڪندو هوس.

سنه ١٩٥٣ع ۾ مان نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ ڏهون درجو پڙهندو هوس اُتي مان ساڌو هيرانند آڏوانيءَ جي جيون بابت وياکيان ڏنو. وياکيان ڏيڻ کان اڳ مون سندس مختصر جيون چرتر پڙهيو ته ڪيئن نه هن پياري وبا يا ڪالرا ۾ ورتلن جي نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪئي. سندس شيوا ڀاوي جيون کان متاثر ٿيس. اُن سال ئي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ انفلوزا بيماري ڦهلي. ان لاءِ ڪي خاص گوليون هيون. مان اُنهن گولين جا مقرر دٻا خريد ڪري گهر گهر ۾ اُهي دوا جون گوليون ورهائي ايندو هوس. ڪن بيمارن کي کير يا ٻي ڪنهن چيز جي ضرورت هوندي هئي اُها به سيوا ڪندو رهيس. بيمار ڪيترين نه دعائون ڪندا هئا. وديارٿي جيون ۾ سائين ڪوي بيوس جي

ليءَ جي ساري جوابداري ڪنئي ويئي. وقت بہ وقت اُنهن ڀيڙن جي
لهڻ ويندو هوس. هڪ دفعي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪي بہ
ڀيڙا منڊليءَ ۾ وٺي ويس. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن اُن شيوا
اريہ لاءِ اُتساهت ڪندي چيو :

ڪليگ ۾ پرڌان هئہ سيوا پن ستسنگ،
ڪمي ٽيئون اِن تي ڪيئي مووي دک ڀوَ ڀنگ.

هڪ دفعي مهاراشٽر جي سماج ڪلياڻ منتري ڀيڻ پرتيا پاٽل کي بہ
ڀيڙا منڊليءَ ۾ وٺي ويس. ڀيڙن جي شيوا لاءِ ان ڀيڻ بہ اُتساهت ڪيو. اڄ
هلي ڀيڻ پرتيبا پاٽل ڀارت جي راشٽرپتي ٿي.

پياري دادا جشن واسواڻيءَ بہ ڀيڙا منڊليءَ ۾ چرڻ گهمايا. ڀيڙن جي
يوا سان گڏ مان سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ گهرجائو
يد پوش ڀينرن جي شيوا جو ڪاريہ بہ شروع ڪيو. منهنجا ستگرو سوامي
انتي پرڪاش مهاراج سخاوت جا صاحب هئا. ڪين عرض ڪيم تہ اوهان
ي آسيس سان شيوا ڪارين لاءِ سنستا برپا ڪريون ٿا. اوهان ان سنستا جا
يزيڊنٽ، پيارو هيرالعل ڪلٽمل سينداساڻي خزانچي ۽ داس سيڪريٽري ٿي
يوا ڪندو. سنستا جو نالو سوچيو اٿم جنتا جناردن پريشد. ستگرو سوامي
انتي پرڪاش مهاراجن هڪدم آسيس ڪندي داس جو اِهو عرض قبول
ڪيو. ڪجهہ سالن بعد ان سنستا سان ڀيا نشڪام ڀائر شري گوبندرام ايل
ٽيا وڪيل، شري شيوڪرام ونواڙي، شري دهلنومل تلريجا، شري سيڀاڳچند
اولا، پروفيسر گوپ روپاچنداڻي ۽ ڀيا جڙندا ويا. پراڻي بئرڪن جي خريدي
ڪري اُتي نئين عمارت ٺهرائڻ جي رٿا رٿي ويئي ۽ ان ڀيڙا منڊليءَ تي سوامي
انتي پرڪاش ڀيڙا آشرم نالو رکيو ويو.

سوامي شانتي پرڪاش ڀيڙا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر
جهڻ جو اُتسو ۱۹ اپريل سنہ ۱۹۷۸ع آرتوار چيٽي چنڊ جي پوتر ڏينهن
سبوح جو ۱۱ بجي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ آيوجت
ڪيو ويو. پوجنيہ دادا جشن واسواڻي ان اُتسو جا مکيہ مهمان هئا. مان سواڳ
ت ڪندي چيو تہ اڄ اسين سڀ سوڀاڳيشالي آهيون جو سال جي پهرين

آسيس وٺندو هوس. مون سان گڏ ڪڏهن پيڻ انهجنا وڃاڻي. ڪانتا ڪڪڙيڃا تہ ڪڏهن گرمڪ هرياڻي. موهن بالاڻي بہ ساڻ سيوا ۾ هوندا هئا. شانتي پون ۾ بہ سرڪار طرفان اٽڪل سؤ ڪن ٻيڙيون رهنديون هيون. پوءِ اُنهن کي بہ چنڊ ۽ گيارس رات کير وغيره ڏئي آسيس وٺبي هئي.

مان هڪ ڏينهن سوامي ليلا شاهہ مهاراجن کي ٻيا منڊلي اُلهاسنگر ۴ ۾ وٺي ويس. سوامي جن چرڻ گهمائي مونکان پڇيو پيارا ديال! هنن کي ڇا جي ضرورت آهي؟ مان کين چيو تہ ٻيڙن کي تيار ڪاڌو رات ڏينهن ملندو آهي جيڪر روز کين کير بہ ملي تہ بهتر. سوامي ليلا شاهہ مهاراجن هڪدم پنهنجي جهبي جي کيسي ۾ هٿ وجهي ڪجهہ پئسا ڪيي مونکي ڏنا ۽ چيو تہ لڳاءِ لهر پلي هنن ٻيڙن کي روز رات جو کير پيئاريندو ڪر. ٻيا منڊليءَ جي ٻاهران ئي کير واري مورومل جو دڪان هو. مان کيس چيو تہ روز گرم ڪڙهيل مٺو کير سيني ٻيڙن ٻيڙين کي ڏيندو ڪر. مان توکي هر مهني کير جي بِل جا پئسا ڏئي ويندس. سيوا جو اِهو سلسلو جاري رهيو. مان ٻيڙن ۽ ٻيڙين کي پيري پئي سندن آسيس وٺندو هوس. کيترن سالن کان ٻيا منڊليءَ کي چونو کين لڳو هو. مان پئسا گڏ ڪري چونو لڳايو. اِها ٻيا منڊلي شڪارپوري پائر شري گگيمل ڏاميڃا ۽ سندس ساٿي هلائيندا هئا. هوُ ڪڏهن ڪڏهن ممبئيءَ مان اچي ٻيڙن جي سار لهندا هئا. داس جو سيوا پاوي سپاءُ ڏسي شري گگيمل ڏاميڃا مونکي آچي ڪئي تہ اسين ممبئي رهون ٿا جيڪڏهن تون ٻيا منڊليءَ جو ڪم سنڀالي سگهين تہ توکي سپرد ڪريون. مان کين چيو تہ پرماتما جو ڪاريہ آهي پاڻ ئي پريو راس ڪندو. مان صرف ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان آگيا وٺي ٻن ڏينهن ۾ توهانکي احوال ٻڌايان ٿو. اُن ڏينهن ئي مان پنهنجن ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي عرض ڪيو تہ پيارو گگيمل ڏاميڃا ۽ ٻيا شڪارپوري ڪيڙي پئنچايت وارا ٻيا منڊلي سدائين لاءِ سپرد ڪرڻ چاهين ٿا. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جن تہ شيوا جا ڪوڏيا هوندا هئا. هنن هڪدم ها ڪئي تہ بلاشڪ ٻيا منڊليءَ جي شيوا هموار ڪر. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان ٻيا

بنيادي پٿر وڌو.

جنتا جناردن پريشد طرفان مان پنهنجي ساٿين ڀاءُ ڏولٽداس ر ڪاداس، ڀاءُ امرلعل ڦيرواڻي، ڀيڻ ڪانتا ڪڪڙيجا، ڀيڻ ڄنا وچاڻيءَ سان اُلهاسنگر جي جدا جدا نمبرن ۾ گهرجائو ڀينرن گهرن ۾ روڪ ۽ راشن جي سهايتا پهچائي ايندو هوس. ڪم ندو رهيو انڪري گهرجائو ڀينرن کي آشرم ۾ گهرائي سهايتا شروع ڪئي.

سوامي شانتي پرڪاش ٻيا آشرم جي نئين عمارت جو مهورت رڻ لاءِ پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ کي وينتي ڪئي ويئي. پياري دادا سن واسواڻيءَ عرض قبول ڪيو. ٣٠ آڪٽوبر ١٩٨٣ع آرتوار صبوح جو ٻجي پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ سوامي شانتي پرڪاش ٻيا آشرم جي ن عمارت جو مهورت ڪيو. پوڄيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج يارو دادا جشن واسواڻي پاڻ ۾ ڀاڪر پائيندي مليا. نظارو اڄ به ياد آهي ڪيڏي نه قرب ۾ ٻه روحاني راٽا مليا. ستگرو مهاراجن وري مندر جو ورت ڪيو. اُتسو جي باقي ڪاروائي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اسنگر ٥ ۾ رکي ويئي. اُتي مندر جي هال ۾ سوين شرڌالو انتظار ڪري يا هئا. ستگرو مهاراجن ۽ پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جي آمد تي رڌاري تاڙين جا ڦهڪا لڳا. اُتسو ۾ ممبئيءَ مان شري ڪشنچند شهاڻي، ريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻي، پرنسيپال ڪي. ايم ڪندناڻي، ڀيڻ وتري هوتچند آڏواڻي، ڀيڻ جوتو ڪندناڻي، شري وڪيومل شراف، ڀاءُ ڱارام منسڪاڻي ۽ ٻيا مهمان آيل هئا. مان ان موقعي تي آيل مهمانن جي قفيت ڏيندي جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين جو ذڪر ڪيو ۽ بو ته اسين خوشنصيب آهيون جو سنڌين جون ٻه مهان ويوتيون ستگرو امي شانتي پرڪاش مهاراج جن ۽ پوڄيه دادا جشن واسواڻي پريم ديا اوتار روحاني راٽا منچ تي براجمان آهن. سنڌن موتين ڪان ملهائتا چن اسانجي دلين کي ٺارين ٿا. شري سياڳچند چاولا، شري گوبندرام ٽيا، شري هيرالعل سيندساڻي منچ تي براجمان سنتن ۽ مهمانن جو

ڏينهن اسان جو ٻن مهان وڀوتين پوڄيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پيارا دادا جشن واسواڻيءَ جي درشن ڪرڻ سندن پروچن شروڻ ڪرڻ ۽ آسيس وٺڻ جو وجهه مليو آهي. سندن آسيس سان ٻيڙا آشرم جي عمارت جلدي ٿهي راس ٿيندي. ان موقعي تي پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن چيو ته پرسنتا آهي جو اڄ هتي اسانجو پيارو نينهن ۾ نيارو شري جشن واسواڻي آيو آهي. هي پيارو ڪيئن نه پنهنجي ڳ رديو ساڌو واسواڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي ديا ۽ شيوا جي جوت جڳائي رهيو آهي. اڄ هي پيارو ٻيڙا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهندو. پرماتما جي ڪرپا، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي آسيس سان هيءَ نئين عمارت جلد ئي ٿهي راس ٿيندي. جنهن ۾ هڪ سؤ اٺ ٻيڙا ٻيڙيون سکميه جيون گذاري سگهندا. ٻيڙن جي شيوا اُتم شيوا آهي. اسانجي پياري ديال آشا تي سڀ آسيس ڪجو. جئن هوُ وڌيڪ وڌيڪ شيوا جا ڪاريه ڪندو رهي. اڄ ڪلهه مريادا موڪلائي ويئي آهي. ڪيترائي ناخلف پنهنجي ماءُ پيءُ کي گهر مان ڪڍي ڇڏين ٿا. اُنهن سان اڻ سهائيندڙ ورتاءُ ڪن ٿا. هوُ اِهو نٿا سوچين ته جيڪو وهنوار هوُ اڄ پنهنجي ماتا پتا سان ڪن ٿا. اڳتي هلي سندن اولاد به ساڻن ساڳيو وهنوار ڪندي.

پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ چيو ته اڄ منهنجو سوڀاڳيه آهي جو مونکي سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو درشن ٿيو آهي. سندن درشن ڪرڻ ۽ متر وچن ٻڌڻ سان روح کي راحت ملي آهي. پوڄنيه سوامي جن جي پريرڻا پرشارت سان جنتا جناردن پريشد ڪيترا نه پراُپڪار جا ڪم ڪري رهيو آهي. مان اڄ هتي ٻيڙن جي سک سهنج لاءِ نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهڻ آيو آهيان. داتار جي ديا سان جلد ئي نئين عمارت ٿهي تيار ٿيندي جنهن ۾ ٻيڙا ٻيڙيون سکميه زندگي گذاري سگهندا. سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن مهان ڪرم يوگي سنت آهن. هوُ ٻين جي دک درد کي پنهنجو سمجهي دور ڪرڻ جو يتن ڪري رهيا آهن. منهنجو پيارو ديال آشا ڪيڏا نه شيوا جا ڪم ڪري ٿو. ڪيس ٻيڙن جي شيوا جي جهوري لڳل آهي. ڪيس ڌنيواد آهي. پوڄيه دادا جشن واسواڻي ۽ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن گڏجي نئين عمارت

نوار ڍلي ٿي ويئي آهي پٽيوالي کي چئُہ تہ نوار ڇڪي وڃي.'
بروقت ئي پنھنجو ڪوٽ لاهي ڪٽ جي نوار ڇڪي ٿو. تڏهن
ڪيس چوي ٿي، 'تون منھنجو صاحب پٽ. اهو ڪم تو پٽيوالي
ڇو نہ ڇيو؟' تڏهن دادا ماتا کي چيو تہ. 'آمي، مان تنھنجو
الو ڪين آهيان.' جڏهن اڄ جي جوانن جي مک مان ان قسم جا
نڪرندا، تڏهن ئي اسانجي قوم وري چڙهندي. اڄ اسان جي قوم
پئسو برابر گھٽيو آهي، پر برڪت ڪين آهي. اُن جو ڪارڻ،
ماتا پتا جي آسيس ورتي ڪين ٿي وڃي. اسين روز پنھنجي
پتا جي آسيس وٺون. پونا جي ميران اسڪول جي وديارٿين کي
سکيا ڏني وڃي ٿي تہ روز صبوح جو پنھنجي ماتا پتا جا چرڻ
ي آسيس وٺو.

چين ۾ هڪ مهاپرش ڪانفيوشس ٿي گذريو آهي. سندس زماني ۾
ن ۾ رواج هوندو هو تہ جڏهن ماتا پتا ٻيڙو ٿيندو هو تہ اُن کي نديءَ ۾ ٻوڙي
دا هئا. هڪ دفعي ڪانفيوشس رستي تان پنڌ پيو ڪري تہ هن هڪ نوجوان
ڏٺو جو پنھنجي ٻيڙي پيءُ کي ڪيڏانهن وٺي پئي ويو. تڏهن
انفيوشس هن نوجوان کان پڇيو تہ تون پنھنجي پيءُ کي ڪيڏانهن وٺي
جي رهيو آهين؟ اُن جوان وراڻيو تہ 'منھنجو هيءُ پيءُ هاڻي بيڪار ٿي
و آهي، سچو وقت پيو ٿو کنگھي ان ڪري ملڪ جي رواج موجب مان ڪيس
جي ٿو سرن درياهہ ڪريان.' اهو ٻڌي ڪانفيوشس ڪيس سمجھائيندي چيو،
ي نوجوان، تنھنجو بہ اهڙو وقت ايندو، تون جڏهن ٻيو ٿيندين تہ تنھنجو
ٽ بہ توکي ٻوڙي ايندو. تون ويچار ڪر تہ اها روايت برابر آهي يا غلط؟' اُن
جوان جي ويچارن ۾ ڦيرو اچي ويو. ڪانفيوشس جي ويچارڌارا
اُن نوجوان جي من ۾ آيل پريورتن سبب سڄي چين ۾ ڦيرو اچي
يو. ٻيڙن ماءُ پيءُ کي نديءَ ۾ ٻوڙڻ جو رواج بند ٿيو ۽ سيني انجام
ڪيو تہ اڄ کان اسين ماتا پتا کي ٺاڪر ڪري پوڄينداسين.

قوم جي ڪراوٽ جي ٻي نشاني آهي ڇوڪرين جي عزت نہ
ڪرڻ. اڄ نياڻيون نير وهائي رهيون آهن. سندن ماتائون ڪين شينهن
ڪلهي چاڙهڻ لاءِ پئسن جون ٿيلهيون ڪٽي پيئون پڪن. ڏيتي ليتيءَ

دشالن سان سواڳت ڪيو.

پوڄنيہ دادا جشن واسواڻي مهورتي تقرير ۾ چيو تہ مون لاءِ ڪي اکر چيا ويا، مان اُنهن اکرن جي لائق ڪين آهيان. آسيس ڪريو تہ پڇاڙيءَ تائين توهان پيارن جو داس ٿي رهان. هن سندر اُتسو ۾ شامل ٿي مونکي ڪيڏي نہ خوشي ٿئي ٿي. پرم پياري سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اڳيان ويهي مونکي ڪيڏي نہ آسيس ملي آهي. اوهان سڀاڳا آهيو جو اُن نگر ۾ رهو ٿا جنهن نگر ۾ پريوءَ جو پيارو، اسان سڀني جو پيارو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج رهي ٿو. هيءُ پيارو سادگي، سيوا ۽ ستيہ جي صورت آهي، پريم ۽ محبت جي مورت آهي. نينهن وارو آهي، نماڻو آهي. منهنجي روح جو راڻو آهي. هيءُ سنت ڪيڏي نہ شيوا ڪري ٿو. توهان پهرين مونکي دشالو وڌو. اُن وقت ئي مونکي خيال آيو تہ اهو دشالو مان سوامي جن جي چرنن ۾ پيٽ رکان.

جنتا جناردن پريشد کي بہ ڌنيواد ڏيان ٿو جا سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان ڪيڏا نہ شيوا جا ڪم ڪري رهيو آهي. جنتا جناردن پريشد سنڌي قوم جو شان آهي. ڪٿي بہ ٻوڏ پوي، ڪٿي بہ سوڪ ٿئي. ڪٿي بہ شيوا جي گهرج هجي تہ اُتي جنتا جناردن پريشد جا سيوڪ وڃي شيوا ڪن ٿا. هيءَ پريشد پوڄ سوامي جن جي نالي ٻڍا آشرم هلائي رهيو آهي. اُڏڳ هاڻي ڪرڻ وقت مون پريوءَ کي پرارٿنا ڪئي تہ اسان جي قوم تي اهڙي آسيس ڪر تہ ٻين ٻڍا آشرمن کولڻ جي ضرورت نہ پوي. هڪ وقت هو. جو ڀارت ورش ۾ ٻڍا گهرن جي ضرورت ڪين سمجهي ويندي هئي. ڇو تہ هڪ هڪ ٻالڪ پنهنجي ماتا، پتا، وڏڙن جي شيوا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. هن وقت اسانجي قوم جي ڪهڙي حالت آهي! هڪ ودوان جدا جدا قومن جو ابياس ڪري لکيو آهي تہ جا قوم زواليت کي پهچي ٿي، اُن جي هڪ نشاني اها آهي تہ اها قوم برڌ اوستا وارن جي سنڀال نٿي لهي. ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ اسان جو فرض آهي. مان سامهون پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي تصوير ڏسان ٿو تہ ياد اچي ٿي تہ دادا جڏهن هڪ وڏي ڪاليج جو پرنسيپال هو تہ هڪ ڏينهن سندس ماتا کيس چوي ٿي تہ. 'پٽ. ڪٽ

جشن واسواڻي به ديد وارو درويش آهي. پنهنجي گرديو ساڌو واڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي دکين دريدرن جي شيوا ڪري رهيو ي. هزارن ڪي پريوءَ جي راهه ۾ چڪي رهيو آهي. محبت جي ت نمرتا جي صورت آهي.

شيش نانگه ڌرتيءَ کي جهلي بيٺو آهي. سيئي ديوتائون روز ن نمسڪار ڪندا آهن. هڪ دفعي ڪن ديوتائن کيس چيو ته ڇا ن ڪو گهوڙو آهين يا گڏهه آهين جو ڌرتيءَ جو هيڏو بوجهو هلي بيٺو آهين. تڏهن شيش نانگه وراڻيو :

شيش ڌرني سر نهين ڪڇ اپنا ڪاج،
پرمارٿ کي ڪارني موهه نه آوي لاج.

ديوتائون! مان ٻين جي ڀلي لاءِ هيءَ ڌرتي جهلي بيٺو آهيان. هنجو ڪوبه سوارٿ ڪونهي. توهان ڀلي مونکي گهوڙو سڏيو يا هه سڏيو، مان ڌرتيءَ جو بار جهلي بيهندس.

ديوتائون شيش نانگه جي اها وارتا ٻڌي چوڻ لڳا ته تون ڌنيه آهين. کان وٺي اسين سڀ تنهنجي اُپاسنا پوڄا ڪنداسين. ان ڏينهن کان وتائن شيش نانگه جي پوڄا آرنڀ ڪئي ۽ اُهو ڏينهن هر سال نانگه چميءَ جو ڏينهن ڪري ملهائبو آهي. ڪوبه نئون مڪان، گهر يا دڪان رابو آهي ته چانديءَ يا ٽامي جي شيش نانگه جي پوڄا ڪري عمارت جي ياد ۾ اُها رکبي آهي. شيش نانگه سڄي ڌرتيءَ جو بار جهلي بيٺو تڏهن اُن جي ايڏي اهميت آهي. توهان به تن من ڌن سان خلق خدمت جا ڪم ڪندا رهو. توهانجو هٿ ڪڏهن نه منجهندو.

ڀائو پرسرام مسند سنڌونگر ۵ جو پريزيڊنٽ هو ۽ سنڌو ڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو به سڪريه سڌسيه هو. بي.جي. ٽِلڪ سڪول ۽ نيتاجي اِسڪول ۾ پڙهندي هن صاحب منهنجي همٿ افزائي ڪئي. هن اُلهاسنگر ۵ ۾ سکر سنڌ واري سندر شيوڪ سڀا شروع ڪئي. جنهن جي طرفان اکين جي علاج جي اسپتال به شروع ڪئي. ن صاحب مونکي پهرين ان سنستا جو ميمبر ۽ پوءِ اٽڪل سنه ۱۹۶۵ع

جو مرض وڃي پيو وڌندو. نياڻين سان اتياچار ٿي رهيو آهي. اُنهن جون آهون ۽ دانهون قوم کي ڪيرائينديون. مونکي خوشي آهي جو هت توهان مان ڪي پيارا آهن، جيڪي ڏيتي ليتيءَ جو تياڳ ڪري رهيا آهان. مونکي ٻڌايو ويو آهي ته هت ويٺل شري موٽومل چانڊوائيءَ پنهنجي پٽن گهنشيام ۽ ڪشورلعل جون شاديون بنا ڏيتي ليتيءَ ڪيون آهن. ايتري قدر جو مٽائي به نه ورتائين. سندس ڀاءُ دولترام چانڊوائي به پنهنجي پٽ واشولعل کي بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪرائي. اُنهن ٻنهي پيارن کي ڌنيواد آهي. اهڙا مثال اسانجي جاتيءَ ۾ پئدا ٿيڻ گهرجن.

پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ان موقعي تي 'خوش رهن شل شيواڌاري' ڀڄن ڳائيندي چيو ته آشيرواد ڪرڻ گهرجي شيواڌارين تي، اُهي خوش هوندا ته چڱيءَ طرح شيوا ڪري سگهندا. اڄ اُنهن پيارن کي پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن جي آشيرواد آهي. جي تن من ڌن ۽ واڻيءَ سان شيوا ڪري رهيا آهن. مان ته اُنهن پيارن کي به ڌنيواد ڏيان جي ٻيڙن ٻيڙين جو منهن ڏسڻ اچن ٿا. اهي ٻيڙا اسان جا ابا ڏاڏا آهن. اُنهن جي سار لهڻ اسانجو فرض آهي. وارو ڍارو آهي. جي حياتي آهي ته هرڪو ان اسٿتيءَ تي پهچندو. جيڪي به سڄڻ جدا جدا ڪيترن ۾ خلق جي خدمت ڪري رهيا آهن. سي ڌنيواد جا پاتر آهن.

اڪ ڪان پڇن ٿا 'اڙي اڪ! پير ۾ ڪنبو لڳي ته روئين تون. پيٽ ۾ ڏاڍو سور پوي تڏهن به روئين تون. ڪابه مانسڪ پيڙا ٿئي يا شاريرڪ پيڙا ٿئي ته تون هڪدم روئي پوين. اها تنهنجي ڪني عادت آهي.' اڪ وراڻيو. 'مان ماڻهن جي راهه روشن ڪريان ٿي. منهنجي دوارا هي سارو سنسار ڏسي سگهن ٿا. گيان وگيان حاصل ڪري سگهن ٿا. مان ٻين جي پيڙا ڏسي روئان ٿي. ڇاڪاڻ ته مون ۾ ديد آهي. شرير جي ٻين انگن ۾ ديد آهي ئي ڪونه. ته هو ڪيئن روئندا! اُنهن تي ڪهڙي ميار!' ديد واري انسان جي دل ۾ درد ۽ همدردي ٿيندي آهي. اسانجو پيارو

مي سروانند مهاراج سيني کي سکہ ڏيندا هئا. هن اسپتال ۾ بہ جيڪي
ر ايندا سي جلدي شفاياب ٿي ويندا.

هن وقت هيءَ اسپتال وڏي وڻ ٿي آهي. هن اسپتال ۾ نہ صرف اکين جو
ج آپريشن ٿين ٿا مگر ڊئلسز جون ١٨ مشينيون آهن. جدا جدا بيمارين جا
ر ڊاڪٽر پنهنجون شيوائون ڏين ٿا. آرٿوپيڊڪ لاءِ الڳ آپريشن
ٽر آهي. ايڪسري - سونوگرافي وغيره جون سهوليتون ميسر آهن.
گرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي برهملين ٿيڻ کان پوءِ
امي ديو پرڪاش مهاراج هن سنستا جا پرڌان آهن. داس هن سنستا
جهوني ۾ جهونو ٽرسٽي ۽ هن وقت وائيس پريزيڊنٽ آهي شري ڳ
ندرام تلريجا ۽ ائسوسيئٽ پريزيڊنٽ. شري موهن لعل بالاڻي جنرل
ڪريٽري، شري هيرانند گنباڻي پڻ وائيس پريزيڊنٽ. مرليڌر هيرالعل
نداساڻي سيڪريٽري، راڌا ڪرشن ماکيجا خزانچي طور ۽ ٻيا سڀڻ
پتال جي شيوا ڪاريہ ۾ سڪريہ آهن.

قدرتي ڪوپن وقت سيوا سهايتا

منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ٻين جي پيڙا کي
هنجي پيڙا سمجهي اُن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندا هئا ۽ داس کي بہ اهڙي
ڪيا ڏنائون. سنہ ١٩٦٧ع ۾ بهار ۾ زبردست سوڪ هئي. ٻوڌ گيا ۾ سنت ونوبا
وي جي سمنويہ آشرم جي سنچالڪ شري دوارڪي سندراڻيءَ پوجنيہ سوامي
انتي پرڪاش مهاراجن کي لکي موڪليو تہ ڪرپا ڪري سوڪ پيڙتن جي
هايتا لاءِ سهيوگ ڏيو. سوامي جن بروقت حڪيم دوارڪاداس
يلواڻيءَ کي ٻوڌگيا موڪليو. مونکي ڪاليج جي وئڪيشن هئي.
تگرو مهاراجن آگيا ڪئي تہ تون ٻوڌ گيا وڃي بئنڪ ۾ اڪائونٽ
ولائي شيوا شروع ڪر. مان پنهنجي پتني لاجونتيءَ سان گڏجي ٻوڌگ
ا ويس. سوڪ سبب نہ صرف ماڻهن پر چوپائي مال لاءِ بہ چاري جي
خت ضرورت هئي. مان پاڻ دوارڪي سندراڻيءَ سان حالي احوالي
ي بئنڪ ۾ کاتو کولايو جيئن ڪجهہ عرصي لاءِ عوام ۽ پسن جي شيوا
يندي رهي. اُتان جون حالتون ڏسي ۽ ٻڌي دل پگهرجي پئي ۽ هنديءَ ۾

۾ جائنٽ سيڪريٽري پڻ مقرر ڪيو. مان ان شيوا ڪاريہ ۾ بہ يوڳ دان ڏيندو رهيس. ڪجهہ سالن بعد ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ان سنستا جا پريزيڊنٽ ٿيا. اڪين جي اسپتال هڪ پرائي ملٽري بئرڪ ۾ هلندڙ هئي. شري پيسومل ڪڪواڻي، شري دلهنيمل تلريجا، ڀائو پرسرام مسند صاحب جي صلاح سان ان بئرڪ جي سامهون شاهي ميدان تي اسپتال لاءِ نئين عمارت ٺهرائڻ جي رٿا رٿي.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪرپا سان ١١ ڊسمبر سنہ ١٩٧٧ع آرتوار صبوح جو ١١ بجي اسپتال جي نئين عمارت جي پوڄا ۽ بنيادي پٿر وجهڻ جو اُتسو آيوجت ڪيو ويو. اُتسو جا مکيہ مهمان هئا شري ساڌ ٻيلا جا مهنت آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج. مان مکيہ مهمان آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراجن ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پراپڪاري ڪاريہ جو ورڻن ڪندي سواگت ڪيو. شري پيسومل ڪڪواڻي ۽ شري هيرالعل سينداساڻي پشپ مالهائن سان آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراجن ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن پوڄا بعد بنيادي پٿر وڌو.

ان موقعي تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن اسپتال جي عمارت جي نرماڻ لاءِ اڌائي لک روپيا دان ڏيڻ جي پترائي ڪئي. مان جهولي جهلي 'ڏيندڙ جو پلو ٿيندو ڪجهہ ڏيو' گيت ڳائيندي دان ڏيڻ لاءِ اپيل ڪئي جهولي ڦهلائي.

هڪدم جهولي پرجي وئي. ڪن پنج هزار تہ ڪن ڏهہ هزار روپيا ڏيڻ جي پترائي ڪئي. ان موقعي تي آچاريہ سوامي گڻيشداس مهاراج آشيرواد ڪندي چيو تہ پرماتما جي ڪرپا سان هيءَ عمارت جلد ئي ٺهي راس ٿيندي ۽ ان اسپتال مان سوين بيمار لاڀ پراپت ڪندا. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، ڀائو پرسرام مسند جي ناساز صحت سبب اچي نہ سگهيا. شري پيسومل ڪڪواڻي، دلهنومل تلريجا، شري هيرالعل سينداساڻي، شري چوئٿرام ونواڙيءَ مونکي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ هن اسپتال جو نالو سوامي سروانند اسپتال رکيو ويندو. جيئن ستگرو

ميري سات مٺائي جو ٿي مئنني اُسي کلائي!
پاني کي جو بوتل ٿي وهه اُسکو مئنني پلائي!
جس آنگن ۾ رهتي ٿي وهه مئن گيا اُسيکي سات وهان!
تڙپ تڙپ کر موت کي سيجا پر سويا ٿا ننها جهان!

بڇڙ گيا ڀائي ننها ڀي اب چارون اور انڌيرا!
ڦوٽ ڦوٽ کر روني لگي وهه اب کؤن سهارا ميرا!
مئن کسکو دوڌ پلائونگي مئن کسکو گلي لگائونگي!
ڀئيا ميرا ڀئيا ميرا! اب مئن کسي ٻلائونگي!

ائسي بهار کي درشيه ديک کر اکيان ڀي رو پائي!
مئن ڀاوَڪ رهه سکتا کئسي گنگا يمنا بهه آئي!
لاکون ننگي ڀوکي مرتي، بيمارون کي بستي بن گئي!
جيون کا کوئي موليه نهين موت يهان بس سستي بن گئي!

سوئي کيون هو جاڳو ڀائي! تمهين ٻلائي آج بِهار!
دان کرو اب ان ڏن کا، ڀارت ماتا کري پکار!

سنه ١٩٦٨ع ڏاري سورت رام نگر ۾ پوڏ آئي. رام نگر ۾ اُن زماني
گهٽو کري سنڌي ڀائر رهندا هئا. کيترن جا ڪچا گهر هئا. سندن
ن جو کافي نقصان ٿيو. کي وٽن تي چڙهي وڃي ويٺا. ستگرو
وامي شانتي پرکاش مهاراجن کي اِهو دکد سماچار مليو. ستگرو
ماراجن داس کي آگيا کئي مان پنهنجي ساٿين پياري دادا گوبندرام
ٿيا، شري جيوٽداس آهوجا، پياري ڀاءُ پريداس واڌوا سان گڏ هتان اناج،
کپڙن، چادرن وغيره جي ٽرڪ پرائي سورت روانا ٿياسين. نوساريءَ
رف به ٿورو پاڻي آيل هو. مان ساٿين سان گڏ رام نگر سورت پهتس.
ڏ جو پاڻي ته لهي ويو هو مگر چوڏاري ڪيچڙ ۽ درگنڌ هئي. اُتي
ڀڙت ڀائرن سان ملياسين ۽ کين ستگرو مهاراجن طرفان سهايتا ڏنيسين.
کي سنکوچ سبب وٺڻ کان اِنکار کري رهيا هئا. اسان کين چيو ته
ي چيزون ستگرن جو پرساد سمجهي سويکار کريو.

هيٺيون گيت لکجي ويو :-

ڪيا مئن سنائون بهار ڪا ڀائي آنکون ديکا حال!
حال ديکڪر دل ڀر آيا، وهان ناچ رها ٿا ڪال!
اِندر ديوتا روُٺ گيا ٿا، روُٺ گيا شايد ڀڳوان!
تراهه! تراهه ڪر ڀوک ۾ مرتي وهان لاکون ٿي اِنسان!
کيت ڀي سوکي، ڪوُئين ڀي سوکي، سُمن هرديہ ڪا سوک گيا !
پنکو والي اُڙ سڪتي ٿي، بي پنکون ڪو هي درد پيا!
مجھي ديکھ ڪر ايڪ اچانڪ لڙڪي دوڙي آئي!
پتلي دبلي هڏون ڪي ڪايا، روتي ڪُئي چلائي!
''ٺهر ذرا او ٺهر ذرا! او راهي ميري ڀائي!''
ڪتنا اپناپن ٿا اُس ۾ ديک اُسي اکيان ڀر آئي!
پوچا پيار سي مئني اُسسي، ڪيون تُم اتنا گهبرائي!
ڪهان باپ اوَر مان هئہ تيري؟ دور ڪهان سي تو آئي؟
ٺنڊي ٺنڊي آهين ڀرتي بولي بالڪا رو روڪر!
باپ رها نهين مان هئہ ميري، ايڪ ننها ڀئيا هئہ گهر!
دو دِن سي اُسي دود ملا نهين کاني ڪو نهين چيز!
سوک گئي هئن هونٺ اُسيڪي، ٻُجهہ نہ جائي يهہ ديپ!
باپو مان ني سويم نہ کايا، سويم نہ کاڪر همين کلايا!
ڀوک پياس سي لڙتي لڙتي هار گئي پر همين بچايا!
پتا نهين ڪيون پتاجهڙ آيا! ڦول نهين کل پاتي هئن!
جو گيت خوشي ڪي گاتي ٿي، نهين گاتي هئن!
مئن مر جائون مجھي نہ چنتا، ميرا ننها ڀائي بچ جائي!
ديا ڪرو او ميري دادا! گهر ڪا ديپ نہ ٻُجهہ پائي!
لپٽ گئي وو بچي مجهڪو، مئني اُسي اُٺايا!
پگهل گيا مئن پريم سي مئني اُسڪو گلي لگايا!

کوئنا ۾ ڀوڪمپ ٿيو تہ منھنجي ستگرن سوامي شانتي ڪاش مھاراجن آگيا ڪئي تہ ھڪدم شيوا اداري سھايتا لاءِ وڃو. سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ ڪوئنا ۾ اجان ڌرتيءَ جا ڌوڏا ي رھيا آھن ڪجھہ وقت ترسي پوءِ جيڪر وڃجي. سوامي چيو، ”پيارا! مدد تہ مھل جي وقت تي جيڪڏھن ڪنھنکي نہ ملي تہ پوءِ کھڙي ڪم جي! ھڪدم تياري ڪريو.“ مان ڌھن ڪارڻ وڃي نہ سگھيس. باقي شيوا دارين جي ٽولي سپال ڪنعيالعل تلريجا، امرلعل ڦيرواڻي، ڊولڻداس واڌوا وئنا سھايتا ڪارڻ لاءِ روانا ٿيا. سرزمين تي حالتون ڏسي ڙتن جي شيوا ڪئي ويئي. ھفتي بعد پوڄنيہ سوامي شانتي ڪاش مھاراج ڪوئنا پڌاريا. ساڻن گڏ سنت ديو پرڪاش، شري گ ندرام پاڻ ٿيا، ڪراد جو مکي جيئندرام ۽ ٻيا پريمي پڻ ھئا. امي جن ڀوڪمپ پيڙتن سان مليا، کين سانتونا ڏيندي سھايتا جو ھٿ ڊگھيڙيو.

ڀوپال گئس ڪانڊ ٿيو تہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مھاراجن ڏانھن وڃڻ جي آگيا ڪئي تہ وڃي گئس پيڙتن کي سھايتا ڪريو. مان ھنجي ساٿين شري راڌا ڪرشن جئسنگھہ، امرلعل ڦيرواڻي ۽ لڻ واڌوا سان گڏ ھڪدم ڀوپال روانو ٿيس. اُتي پياري ڀاءُ مولچند واڻي جي سھيوگ سان گئس پيڙتن کي روڪ سھائتا، ڪنبل ۽ ون شيون ڏنيون ويون.

سوراشٽر ۾ سوڪ اسٿتي ھئي. پاڻيءَ جي ڏاڍي اڻاٺ ھئي ھن بہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مھاراجن آگيا ڪئي تہ وراشٽر جي ڪن شھرن ڳوٺن ۾ وڃي سوڪ پيڙتن جي شيوا ڪريو. اُتي ڪن ھنڌ پاتالي نلڪا لڳايو. مان پنھنجي ساٿين راڌا ڪرشن جئسنگھہ، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، امرلعل ڦيرواڻي، لومل واڌوا سان گڏ سوڪ پيڙتن جي سھايتا لاءِ سوراشٽر ويس. ي دادا نيوندرام لوڪواڻيءَ جي صلاح سان جيتپور، سورٺ نتلي، ڪيشود، ماڻود، بانٽوا، ڪتيانا ۾ بورنگ پاتالي پاڻيءَ جا

ڪجهہ سالن بعد نوساري مارڪيٽ کي لائيٽ سبب باهہ لڳي، ڪيترن دڪانن جو نقصان ٿيو. دڪانن جو سامان بہ رک ٿي ويو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن آگيا ڪئي تہ پيارا ديال تون هڪدم نوساري وڃ ۽ وڃي گهرجائن کي آرٿڪ سهايتا ڪري اچ. مون سان گڏ پيارو ڀڳوانداس موٽواڻي، ڏولٽداس واڌوا ۽ پيارو امرلعل ڦيرواڻي ساڻ هئا. اسين نوساري پهتاسين. اُتي مکي شري ٽلومل ڪٽواڻي ۽ ٻين سان ملي حالي احوالي ٿياسين ۽ مارڪيٽ ۾ وڃي سرزمين تي ٿيل نقصان نظر مان ڪڍيو ۽ گهرجائن کي چيڪ ڏناسين.

ڪجهہ سالن ڪانپوءِ فيبروري سنہ ١٩٧٧ع ۾ آنڌراپرديش جي ڪرشنا ضلع ۾ زبردست برسات سبب ڪرشنا نديءَ جو پاڻي ايڏو تہ چڙهي آيو جو ٻوڏ اچي ويئي. اُتي بہ ڪافي نقصان ٿيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن اُتي پيڙتن جي سهايتا لاءِ هڪدم سيوڪن جي ٽولي اوڏانهن موڪلي. اُتي روز تيار کاڌو سوَن پيڙتن کي کارايو ويندو هو. گهرجائن کي اَن ڌن ڪپڙن جي مدد ڪئي ويئي. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن اُهو شيوا ڪاريہ نظر مان ڪڍڻ لاءِ پيڙتن سان همدردي ڪرڻ لاءِ ١٧ مارچ ١٩٧٧ع ۾ آنڌراپرديش، سنت ديو پرڪاش مونکي ۽ ڪن ٻين پريمين کي ساڻ وٺي هليا. داس اُتي بہ ٻوڏ پيڙتن جي خدمت ڪئي.

ساگر مڌيہ پرديش ۾ سنڌين جي مارڪيٽ کي لائيٽ جي شارٽ سرڪيٽ سبب باهہ لڳي. انڪري ڪي دڪان باهہ جي چپيٽ ۾ اچي ويا. ساگر مان سوامي جن کي ان گهٽنا بابت فون آيو. سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن آگيا ڪئي تہ هڪدم ساگر وڃو ۽ وڃي سهايتا ڪريو. داس ستگرن جي آگيا اکين تي رکي ساگر روانو ٿيو. مون سان پيارو پروفيسر گوپ روپچنداڻي، پيارو امرلعل ڦيرواڻي، پيارو ڏولٽداس واڌوا بہ ساڻ هئا. اُتي سرزمين تي وڃي مارڪيٽ نظر مان ڪڍي دڪاندار ڀائرن کي سهايتا طور چيڪ ڏناسين.

نجو ڏنڊو وري شروع ڪري سگهن. اُتان اسان راجستان روانا
سين. اُتي جئپور پسگردائيءَ ۾ ٻوڏ پيڙتن کي وڃي سهايتا ڪئي.

آگري، بندرابن، دهليءَ ۾ ٻوڏ آئي تڏهن بہ ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراجن ٻوڏ پيڙتن جي سهايتا ڪرڻ جي آگيا ڪئي. مان ساٿين
گڏجي انهن شهرن ۽ رستي تي جيڪي ڳوٺ هئا ٻوڏ پيڙتن کي سهايتا
ئي. بندرابن ۾ جمنا جي هُن پار ڪافي نقصان ٿيو هو، ڏاڍي ڌُٻڻ هئي. هڪ
زمين ۾ رک تہ ٻيو پير ڌُٻڻ ۾ ڌِڄي وڃي. مان دل جو ڪمزور ساٿين کي
ر تہ توهان ان طرف وڃي راشن ڏيڻ لاءِ ڪوپن ڏئي اچو تہ اُهي پيڙت لڌارام
شالا ۾ اچن کين سهايتا ڏني ويندي. بندرابن ۾ شري لڌارام سنڌي
شالا ۾ ٻوڏ پيڙتن جي شيوا جو ڪاريہ شروع ڪيو ويو.

دهليءَ ۾ ڪن ايراضين ۾ جمنا ندي ٻوڏ آٽي چڙي. داس ساٿين
ن گڏجي اُتي ويو. ٻوڏ پيڙتن کان حال احوال وٺندي خبر پئي تہ
ڪار کين صرف کاڌي جا پاڪيٽ موڪلي ٿي، پر آرٿڪ سهايتا
ڪونہ ڏني آهي. داس دهليءَ مان ڪنبل خريد ڪري ٻوڏ پيڙتن کي
ڪ سهايتا ڪندي ۽ ٻيون ضروري شيون ڏنيون. مون سان گڏ پيارو
ليڊر کيماڻي، امرلعل ڦيرواڻي، راڌا ڪرشن جئسنگهہ بہ ساڻ هئا جن
و سدائين سيوا ۾ ساٿ رهيو.

سيپٽيمبر سنہ ١٩٩٣ع ۾ لاتور ۾ ڀوڪمپ ٿيو تہ هڪدم ستگرو
وامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا ۽ پوجيہ دادا جشن
اسواڻي ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان مان پنهنجي
اٿين پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڀاءُ همٿسنگهہ آڏواڻي، ڀاءُ امرلعل
ڦيرواڻي ۽ ڀولڻ واڌوا سان گڏ لاتور ۾ ڀوڪمپ پيڙتن جي سهايتا ۽
يوا لاءِ جنتا جناردن پريشد طرفان سامان جي ٽرڪ ڀرائي روانا
ياسين. شولاپور مان مکي گوپيچند ۽ ميئر چاڪوتي کي ساڻ وٺي
تور پهتاسين. اُتي رکي رکي اچا ڌرتيءَ جا ڌوڏا اچي رهيا هئا. پريوءَ
ئي آسيس سان دل ٻڌي رات تائين پيڙتن کي کاڌي پيتي جو سامان
ادرون ۽ ضروري شيون ڏنيوسين. تنهن مهل برسات بہ وسي، وچ ٿي

نلڪا لڳايا ويا. جن مان ڪيترائي پنهنجي پياس پوري ڪندا هئا. سوڪ پيڙتن کي روڪ سهايتا، اناج، ڪپڙا وغيره ضروري شيون پڻ ڏنيون ويون. انهن شهرن ۾ ڪيترائي سنڌي گهرجائو پريوار رهن ٿا. مان هرسال ساموهڪ وواهن جي سنبنڌ ۾ ويراول سومنات ويندو هوس ته انهن مذڪور ڳوٺن شهرن ۾ وڃي ساٿين سان گڏ ڳ هرجائن جي شيوا ڪندو هوس. ان شيوا ڪاريه ۾ اسانجو پيارو سوراشٽر سنڌي پنچايت جو پريزيڊنٽ دادا نيوندرام لوڪواڻي، جواهر ماڻا، شري سيرومل واڌواڻي ۽ ٻيا پورڻ سهيوگه ڏيندا هئا. مون سان گڏ پيارو همتسنگهه آڏواڻي، امرلعل ڦيرواڻي، پوڪرداس ٽيڪچندواڻي، شري موٽومل چانڊواڻي، چندرلعل موربائي، هري موهناڻي، نارايڻ ڪيولراماڻي، ڊولٽداس واڌوا سدائين ساڻ هوندا هئا.

پاتالي نلڪن مان ڪٿي ڪٿي مٺو پاڻي ته ڪٿي ٿورو ٻاڙو پاڻي نڪتو پر اُهو پاڻي ڪيترن لاءِ اُپيوگي ٿيو. سورٺ ونٿلي مان فون آيو ته پاڻي تمام مٺو نڪتو آهي. ڪيترا مسلم ڀائر پينر به ان پاڻيءَ جي گهر ڪن ٿا. مون فون تي کين تاڪيد ڪئي ته پاڻيءَ لاءِ ڪنهنکي نه موٽايو هندو هجي يا مسلمان پيئڻ جو پاڻي جيون آهي. پاڻيءَ جي شيوا اُتم شيوا آهي. پکين پسن کي به پاڻي پيئاريو. لڳايل بورنگ مان سڀ فيض حاصل ڪندا رهيا. داس تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جا سنسڪار آهن.

گجرات ڌورابجي ۾ ڪن سنڌي ڀائرن جون ڪئبنيون جلايون ويون. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن هڪدم آگيا ڪئي ته ديال سرزمين تي وڃي ستايلن جي شيوا ڪريو. ويچارا سنڌي پنهنجي پرشارٿ سان ڌنڌو روزگار ڪندڙ تن کي ستايو ويو آهي.

مان هڪدم پنهنجي ساٿين مرليڌر ڪيماڻي، امرلعل ڦيرواڻي، راڌا ڪرشن جئسنگهه، ڊولومل واڌوا سان گڏ، ڌورابجي ويس. اُتي جن سنڌي ڀائرن جون ڪئبنيون ساڙيون ويون اُنهن کي جنتا جناردن پريشد طرفان ستگرو مهاراجن جي پريرڻا سان چيڪ ڏنا ويا جئن اُهي ستايل سنڌي ڀائر

اشٽر ۾ ڀوڪمپ ٿيو، زبردست نقصان ٿيو، ڪي زمين دوز
تہ ڪن جا عضوا ڀڄي پيا. ڪن جا جان جگر نوري نظر تہ
ن جا سهاڳ لٽجي ويا. عربن کربن جو نقصان ٿيو. دستور
جب ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا سان
ري دادا جشن واسواڻي، سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي
س سان جنتا جناردن پريشد سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش
رم اُلهاسنگر طرفان زلزلي جي پيڙتن جي سيوا سهايتا لاءِ مان
ستجي ساٿين امرلعل ڦيروائي، پيارو ڊولڻ واڌواڻ پروفيسر گ
، روپچنداڻي، همتسنگهہ آڏواڻي، شري پوڪرداس
ڪاچنداڻي، شري نارايڻ ڪيولراماڻي، چندرلعل مورپاڻي، شري
نترام چانبواڻي، هريرام موهناڻيءَ سان گڏ پهرين راجڪوٽ ۾
اسين. راجڪوٽ ۾ بہ ڪن جو نقصان ٿيو هو. اُتي اُنهن جي
ايتا ڪري سوراشٽر سنڌي پئنچايت جي پرڌان دادا نيوندرام
ڪواڻيءَ، شري گودومل آهوجا ۽ پياري جواهرلعل ماٽا سان گڏجي
رويءَ روانا ٿياسين.

مورويءَ ۾ ڪافي نقصان ٿيو هو. اُنهن ۾ بہ سؤ ڪن سنڌي ڪٽنب
هئا. موروي سنڌي پئنچايت جي پرڌان شري هيرالعل جي سهيوگ
ن اُتي زلزلي جي پيڙتن کي روڪ سهايتا، ڪنبل، چادرون، اناج
يرهہ ڏنو ويو ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو. مورويءَ ۾ اٽڪل
ڪ سؤ جڻا اجل جو شڪار ٿيا. هائوسنگ بورڊ جون جڳهيون اچي
ٽ پيون. مورويءَ مان وري ڪن ڳوٺن ۾ وياسين اُتي بہ ستايلن کي
ايتا ڪندا رات جو گانڌيدام ۾ پهتاسين.

گانڌيدام آديپور ۾ پياري ڀڳوان موٽواڻي، سنڌس پتني لتا موٽواڻي،
ريش بدلاڻي، ڀيڻ نشا ڏاسواڻي، ڀيڻ نرملا گڃواڻي، شري شيروسنگهہ
نديراماڻي، تلسي لونگاڻي ۽ ٻين شيوا ڪارين ۾ ڪافي سهيوگ ڏنو. اُتي
يشيڪ نرماڻ، ماروتي ڪامپليڪس، ساحل اپارٽمينٽ، ڪرشنا
ڪامپليڪس، هري سمرن، راڌي ڪامپليڪس ۽ ٻيون ڪيتريون

چمڪي ۽ زمين ۾ گهارا پئي پيا، حياتيءَ جو اسانکي بہ خطرو هو. پر رب جي رحمت سان رهجي آئي.

لاتور وري پيو دفعو بہ سهايتا لاءِ وڃڻو پيو. اُتان جي ڪليڪٽر شري پرديسيءَ چيو تہ اسان نوان مڪان ٺهرايون ٿا اسانکي پاڻيءَ جون ٽانڪيون گهربل آهن. سنت اننت پرڪاش، سوامي چندن پرڪاش آشرم جي سهيوگ سان هڪ سؤ ٽانڪيون ٽرڪن ۾ پرائي اُتي ڪليڪٽر کي سپرد ڪيون ويون. اُن سان گڏ پيڙتن کي ٻي بہ سهايتا ڪئي ويئي.

موروي‌ءَ ۾ ٻوڏ آئي تہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن داس کي آگيا ڪئي تہ هڪدم تون ساٿين کي وٺي موروي‌ءَ وڃ. مان ستگرن جي آگيا اکين تي رکي هڪدم ساٿين سان گڏ راجڪوٽ ويم. اُتي پياري جواهر ماٿا سان حالي احوالي ٿي ڪيس ساڻ وٺي موروي‌ءَ ويس. سرزمين تي وڃي جائزو ورتو ۽ جنتا جناردن پريشد طرفان ٻوڏ پيڙتن جي شيوا ۽ سهايتا ڪئي ويئي.

سنہ ١٩٩٩ع گانڌيدام ۾ ساموندي پاڻيءَ جي وير ايڏو تہ مٿي چڙهي آئي جو پاڻي گانڌيدام شهر ۾ ڪاهي پيو. سمنڊ جي پسگردائيءَ ۾ جان ۽ مال جو نقصان ٿيو. مان پنهنجي ساٿين همٿسنگهہ آڏواڻي، امرلعل ڦيرواڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي ۽ شري ڍولٽداس واڌوا سان شيوا سهايتا ڪارڻ لاءِ گانڌيدام ويس. اُتي اسان ڀيڻ نشا ڏاسواڻي جي گهر رهياسين. ڀاءُ ڀڳوان موٽواڻي جي سهيوگ سان سرزمين تي وڃي ٿيل نقصان جو جائزو ورتو. ڇهہ ست سنڌي اجل جو شڪار ٿيا. باقي ڪيترن ئي دڪانن جو مال ٻوڏ سبب لڙهي ويو. ٻوڏ پيڙت دڪاندارن ۽ ڪن گهرن کي آرٿڪ سهايتا ڪئيسين. ڪن شرم وچان سهايتا نہ پئي ورتي. اُنهن کي لڪائي برڪت روپ ۾ ڏنوسين. مان ساٿين سان گڏ اُنهن سنڌين جي گهر ۾ بہ همدرديءَ جي اظهار لاءِ ويس جن جا ڪي ياتي ٻوڏ سبب موت جو شڪار ٿيا.

ڀوڪمپ پيڙتن جي سهايتا سيوا

٢٦ جنوري سنہ ٢٠٠١ع ۾ صبوح جو گانڌيدام، اديپور، ڀڄ،

اهڙو پوڪمپ آيو ڀاري
ٻي گهر ٿيا هزارين نر ناري
ڪو تہ انهن جا ڳوڙها اگهي!
خانہ بدوش جهڙي حالت
خُدا! سين جو خير تون ڪر
اهڙو ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکارج!
آئي وپدا تون ئي ٽارج
پڌين ڪين ٿو آهون دانهون
سڏڪا سڏڪيون هڏڪيون صدائون!
جان مال جي ڪيڏي تباهي
ڪيچ پاڃ ۾ ڇڻ پرلئہ آئي
جيئڻ ڪيڏو ٿيو دشوار!
ڪيئي بکايل ڪيئي اُجايل
انگ اُگهاڙا پوهہ جو پارو
قدرتي ڪوپ جا ڪيڏا ستايل!
شل نہ اچي ڪٿ اهڙي زحمت
ڪر قادر تون سڀ تي رحمت
خالق مالڪ پالڪ جڳ جا!
دردوندن جا درد مٽائج
”آشا“ جو تون عرض اگهائج
ڏکيا ڏينهن ڏيکاريئہ جن کي!
سکيو ستابو ڪر تون تن کي!!

سنہ ٢٠٠٥ع ۾ مدراس طرف سناميءَ سبب ڪافي نقصان ٿيو. دستور
جب ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا سان سوامي ديو
ڪاش مهاراجن کان آسيس وٺي جنتا جناردن پريشد طرفان مان منهنجا
ٿي پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڀاءُ همٿسنگهہ آڏواڻي، ڀاءُ امرلعل
رواڻي مدراس روانا ٿياسين. اُتي پياري ٺاڪرداس شيوڪراماڻي
انکي پنهنجي گهر ۾ رهائي ڏاڍي مهمانوازي ڪئي. سناميءَ جو حال

ٿيا ڪن ۾ برباد ناشاد!
سهٽيون شاهي عمارتون
ڳڙڳڙاهٽ ڪري ڪي اچي پٽ پيون
تہ ڪي پاتال ۾ پهچي ويون!
هزارين ھلر پيڙا جوان جو انڙيون
ڪيڪرائون ڪندي
چيپاڻجي ديہجي ڪال جو بک ٿيا!
لاشن جا ڍير
ڪي سهاڳڻيون ٿيون ڏهاڳڻيون
ڪيترا معصوم ٻٽيا اناٿ اپاهج!
ڪن جون نوهر تہ ڪن جون نينگريون
ٿيون موت جو شڪار
ڪن جو ائو ويو تہ ڪن جو ابو ويو!
ڪن جي امڙ
ڪير ڪري لخت جگرن ڪي پيار
جي ٻٽيا نراشريہ نرآڌار!
ڪن جون ٻانهون تہ ڪن جون ٽنگون ٿيون چڪناچور
چيلچلائيندي چيلچلائيندي چيخون ڪندا رهيا
ڪن جو سر تڙ ڪان ڌار!
تہ شيخون ڪن جي آرپار
لاوارث لاش
آشيانا اُجڙ ٿي ويا!
گلستان بڻيو شمشان
اچانڪ بهار ۾ خزان آئي
مکڙيون مرجهائجي ويون گل زمين دوز!
زر زمين زن ويئي
سوَن گهرن جا ديپ اُجهاڻا
چوڌاري مايوس ويڳاڻا!

تيار ڪر. ٢٨ دڪاندارن کي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾
يو ويو. پهرين کين چانهه پاڻي پيئاري خاطرداري ڪئي ويئي پوءِ کين
رو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪٽيا ۾ ويهاري سوامي ديو
ڪاش مهاراجن جي هٿان کين سهايتا طور جنتا جناردن پريشد طرفان چيڪ
يا ۽ کين چيو ته هي چيڪ ستگرو مهاراجن طرفان اوهان کي برڪت جا
ڪ آهن. اسين اوهان کي ڪو دان ڪونه ٿا ڏيون. ستگرو مهاراجن جي
رٽا ۽ آسيس سان هي تڇ ڀيٽا ڏئي رهيا آهيون سويڪار ڪندا ته اوهان
ڏنتي ۾ برڪت پوندي. سوامي ديو پرڪاش مهاراجن کين آسيس ڪندي
ته اوهان وري شاد آباد ٿيندا اشٽ ڪاڌي پيتي ڪان پري رهندا ته اوهان کي
ي ۾ برڪت پوندي. سوامي جن پلئه پاتو. انهن ٻوڏ پيڙتن دڪاندار ڀائرن
ڪابه سرڪاري مدد ڪين ملي پر جنتا جناردن پريشد طرفان کين آرٿڪ
يوگ ڏنو ويو.

سنه ٢٠٠٦ع ۾ سورت، رامنگر پسگردائيءَ ۾ ٻوڏ راڳا ڪيا. زبردست
ات سبب تاپتي نديءَ جو پاڻي شهر ۾ ڪاهي پيو، ڪروڙن جو نقصان
. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرٽا سان سوامي ديو
ڪاش مهاراجن جي آگيا سان دستور موجب جنتا جناردن پريشد طرفان
نجي ساٿين شري همٿسنگهه آڏواڻي، هريرام موهناڻي، شري چيتن لُلا،
ي چندرلعل مورپاڻي، شري رام ڏنواڻي، امرلعل ڦيرواڻيءَ سان گڏ سورت
انو ٿيس. ساڻ سهايتا جو سامان به ڪنيو ويو. سورت شهر ۾ زبردست
ياچڙ هئي. صفائي چالو هئي. سوين ڪاريون ٻوڏ سبب خراب ٿي ويون.
اجهه پاڻيءَ ۾ لڙهي ويون. ڪروڙن جو مال ٻوڏ سبب ختم ٿي ويو. رام
ر ۾ ڪيترن سنڌي ڀائرن جو نقصان ٿيو. اُتي سوامي برهمانند مهاراج
ري مورندمل ڏاسواڻي، شري هولارام ڏاسواڻي، جئه پرڪاش ڏاسواڻي،
لياڻداس ڏاسواڻي، ڀاءُ گلاب وشناڻي، ڀاءُ پرتاب، شري ڪيشوداس جي
يوگ سان ٻه دفعا ٻوڏ پيڙتن کي روڪ سهايتا، بسترا، اسٽوپ، ڪاڌي پيتي
سامان وغيره ڏنو ويو. سورت شهر ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش
ر ۽ رام نگر ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ شيوا يگيه جو
وجن ڪيو ويو. سوامي برهمانند مهاراج، سنت راج پرڪاش پورو پورو
يوگ ڏنو.

احوال ڏنو. مون سان گڏ ان شيوا ڪاريه لاءِ ڀاءُ چيتن سنتومل لُلا سندس پتني سنڌجنا آيا. ٻي ڏينهن اسان سناميءَ جي ستايلن لاءِ برتن، ڪپڙا، کاڌي جو سامان وغيره خريد پئي ڪيو ته اوچتو مونکي ممبئيءَ مان فون آيو ته منهنجو پيارو پيٽيويو شري پوڪرداس ٽيڪچنداڻي جو شيوا ۾ سدائين سڪريه هوندو هو، سو سنساري سفر پورو ڪري پرڀوءَ جي پار ڏانهن پرواز ڪري ويو. مان شيوا جو ڪاريه پياري ٺاڪرداس شيوڪراماڻي ۽ پنهنجي ساٿين کي سونپي مجبورن مدراس مان هوائي جهاز رستي ممبئي آيس. هوائي اڏي تان سڌو پنهنجي پيٽيويي پياري پوڪرداس جي گهر گهاٽڪوپر ويس. منهنجي پرپٺ منهنجي ساٿين سرزمين تي وڃي سنامي پيڙتن جي شيوا ڪئي.

مهاراشٽر جي ڪن ايراضين ۾ سوڪ اسٿتي هئي. ڪن ڳوٺن جا رهواسي پونڌيءَ جي پسگردائيءَ ۾ ميدانن تي عارضي طور رهيا. ڪيترائي دفعا اُنهن جي لاءِ کاڌي پيتي جو سامان ۽ ڪپڙا وغيره اُنهن کي ڏئي سندن خدمت ڪئي.

هتي اُلهاسنگر ۾ جڏهن زبردست برسات پوڻ سبب بدلاپور ڊئم جو پاڻي ڇڏيندا آهن ته ڪن ايراضين ۾ ٻوڏ ٻوڏان ٿي ويندي آهي. اهڙن وقتن تي مان سوامي ٽينئورام پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ مان کاڌو تيار ڪرائي ساٿين سان گڏ پيڙت پائرن کي پهچائي ايندو هوس. ڪين ٻي به گهربل مدد ڪندو رهيس.

جولاءِ سنه ۲۰۰۵ع ۾ ڪلياڻ اُلهاسنگر امرناٿ بدلاپور ۾ زبردست برسات پيئي پاڻيءَ جي وير چڙهي آئي. ڪروڙن جو نقصان ٿيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا سان جنتا جناردن پريشد طرفان ٻوڏ پيڙتن جي سهايتا ڪئي ويئي. کاڌو تيار ڪرائي الڳ الڳ ايراضين ۾ ساٿين سان گڏ ويس. ٻوڏ ستايلن کي کاڌو کارايو. ڪين ڪپڙا وغيره ضرورت واريون شيون ڏنيون ويون. وٺلواڙي اسٽيشن جي ڀرسان جيڪي به دڪان هئا سي ٻڏي ويا. سندن دڪانن ۾ رکيل سامان لڙهي ويو. سرڪار طرفان ٻوڏ ستايلن کي سهايتا ڏيڻ لاءِ فارم ڀرايا ويا. سرڪاري ديگ دير سان ٿيندي آهي پر جن دڪاندارن جو ڪافي نقصان ٿيو اُنهن کي ڪابه مدد ڪين ڪئي ويئي. مان پياري هريرام موهناڻيءَ تي ڪم رکيو ته وٺل واڙيءَ ڀرسان جن دڪاندارن پائرن جو نقصان ٿيو آهي اُنهن مان جيڪي گهرجائو آهن تن جي

ميٽنگ ڪوٺائي. جنهن ۾ سڀني سياسي پارٽين جي سيڪريٽري ڪاريہ
تائن ۽ سماج سيوڪن کي ڪوٺ ڪئي تہ اچو گڏجي سنجيدگيءَ سان
جي انهن بي گهرن کي وري گهر ٺهرائي ڏيون.

ميٽنگ شروع ڪرڻ کان اڳ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن آشيرواد
چيا تہ پرماتما ۽ ستگرو مهاراج اوهانجا ڪارج راس ڪندا. ميٽنگ ۾
پپو ڪالاڻي، شري ڪمار آئلاڻي، شري جمنو پرسواڻي، شري هرداس
اڻي، شري دليپ لعلواڻي، شري انو منواڻي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪاريہ ڪرتا
ڪ ٿيا. هرڪنهن ان بلڊنگ جي نوَنرماڻ لاءِ صلاحون ڏنيون ۽ پيڙت
وارن کي سهايتا ڏيڻ جو ڪاريہ جنتا جناردن پريشد طرفان چالو ڪيو
ي. بروقت ڪن ڪجهہ يوگدان ڏيڻ جي پترائي ڪئي. ان وچ ۾ شري
اسمل ٺاوراڻي ڳالهائيندي چيو تہ هي اڳوان وڏيون وڏيون صرف ڳالهيون
ن ٿا اِها بلڊنگ ڪڏهن ڪونہ ٺهندي. سندس نراشاوادي درشٽيڪوڻ ڏسي
دلشڪستو ڪين ٿيس. منهنجو پنهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش
راجن ۾ اٽل وشواس هو تہ سندن پريرڻا سان هيءَ ميٽنگ جنهن مراد سان
وٺائي آهي سا مراد برٺواب ٿيندي. پترڪارن پنهنجي اخبارن ۾ اُن
نگ جو احوال شايع ڪيو. مان پياري پربوءَ کي پرارٿنا ڪئي تہ سائين
هن مراد سان هي ڪاريہ شروع ڪيو آهي اُها برٺواب ڪجانءِ پت جي
جي اچي. همٿائڻ وارا ٿورا آهن. ننگ تہ اڳي پوءِ ننگپال تي آهي. جيڪي
يوار مسواڙي جڳهين ۾ وڃي ويٺا اُنهن کي جنتا جناردن پريشد طرفان
مهني مسواڙ ڀرڻ لاءِ آرٿڪ يوگدان ڏنو ويندو هو. ميٽنگ کان هفتو کن
ءِ اوچتو پياري پترڪار گوپ پيسواڻي نياپو ڏنو تہ پيارو نند ڇيتاڻي ۽
ندس ساٿي اِن بلڊنگ جو نوَنرماڻ ڪرڻ لاءِ تيار آهن. مون هڪدم پياري
د ڇيتاڻيءَ کي ان شڀ ۽ پراُپڪار جي ڪاريہ ڪرڻ لاءِ ڌنيواد ڏني.

پياري نند ڇيتاڻي اُلهاسنگر ڪارپوريشن مان ۽ سچواليہ مان ان بلڊنگ
ا ڪاغذ هٿ ڪري لِک پڙهہ ڪري نئين اڏاوت جو نقشو پاس ڪرايو.
لڊ ئي نوَنرماڻ لاءِ ڀومي پوڄا ڪرائي. ڀومي پوڄا جي وقت ڪونارڪ
ڪمپنيءَ جا واسطيدار شري نند ڇيتاڻي، مهيش ڀائي اگروال، شري انو
نواڻي، امرلعل ڇيتاڻي، شري راجيش وڌربا، اوڌوداس روپچنداڻي ۽ ٻيا
وجود هئا. مان مذڪور سهيوگي سڄڻن کي ڌنيواد ڏيندي پلئہ پاتو. ٿوري
رصي ۾ نئين عمارت جو نرماڻ ٿيو جنهن ۾ ماڊرن نموني جون سڀ

نوساريءَ ۾ وري مارڪيٽ ۾ باهه لڳي. اُتي مان پنهنجي ساٿين سان سرزمين تي وڃي ٿيل نقصان نظر مان ڪڍيو ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان ضرورتمند دڪاندارن کي آرٿڪ سهيوگ ڏنو. واسطيدار ميونسيپل ميمبرن کي مارڪيٽ جلدي نوَنرماڻ ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. نوساريءَ ۾ پڻ شيوا ڪاريه ۾ سهيوگ ڏنو.

سنه ۲۰۰۹ع ۾ اُلهاسنگر ۾ گبدمئن ڪائيج بلڊنگ ٽيڙي ٿي ڪِرڻ تي هئي. ڪارپوريشن طرفان سيني پريوارن کي ٻاهر ڪڍيو ويو. ڪنهن جان جو نقصان ڪين ٿيو پر مال جو ڪافي نقصان ٿيو. اٽڪل ۱۵ پريوار بي گهر ٿي ويا. بلڊنگ اڇي پٽ پيئي. مان سنڌجها جي وقت جنتا جناردن پريشد سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ هوس ته اِها دکدائي خبر ملي. فون تي ان گهٽنا جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪئي ته اُهي بي گهر پريوار ڪٿي آهن؟ مان رات جو ئي اُنهن پريوارن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ پنهنجي ڀائٽي سونوءَ کي ساڻ ڪري اُلهاسنگر ۱ ۾ آيس. ڪنهن چيو ته انهن پريوارن کي ايس.ئي.ايس اوچاٽي اسڪول ۾ رهايو ويو آهي. اِنڪري مان پهرين اُتي ويس پر اُتي ڪوبه ڪين هو. اُتان وري ڏس مليو ته سوامي چرڻداس مهاراج جي دربار سامهون واري ڌرمشالا ۾ ڪي پريوار رهيل آهن. مان هڪدم اُتي ويس مگر اُتي به ڪو پريوار رهيل ڪين هو. آخر پتو پيو ته ڪي پريوار پنهنجي مٽن مائٽن وٽ وڃي رهيا آهن ۽ ڪي پريوار ڌرمشالا ۾ رهيل آهن. مان هڪدم اٽڪل ساڍي ڏهين بجي رات جو اُتي پهتس ۽ ڪن پيڙت ڀائرن ڀينرن سان حالي احوالي ٿيس ۽ ڪين پوڇڻ ڪارڻ جو سوچيو. اُتي خبر پيئي ته پياري ڀاءُ جمنو پرسواڻي انهن پريوارن لاءِ ڪاڌي پيتي جي ويوستا ڪئي آهي. مان وري ٻئي ڏينهن سيني پريوارن سان مليس ڪن کي روڪ سهايتا جي ضرورت هئي، ڪن کي بسترا ۽ ٻيون شيون گهربل هيون سي ڏنيون ويون. اُنهن کي همدردي ڏيندي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي جنتا جناردن پريشد طرفان مدد ڪئي ويئي. ڪن کي ٻين ڪن هنڌ رهڻ لاءِ مسواڙ جي به مدد ڪئي ويئي. من ۾ ويچار آيو ته انهن بي گهرن کي وري ان بلڊنگ جو نوَنرماڻ ڪري وسايو وڃي. بلڊنگ ۾ رهندڙ وچولي سفيد پوش پوري پنيءَ وارا هئا. مان ان ڀاونا سان سوامي ٽيئونرام ڌرمشالا اُلهاسنگر ۵ ۾ هڪ رات

م ۾ آيا ۽ ستگرو مهاراجن کان آسيس ورتائون ۽ چيائون تہ اُلهاسنگر
نسپل جا ٻہ رزروڊ پلاٽ اوهان کي ڏيکاريون ٿا. ڪرپا ڪري اُهي نظر
ڪيي ٻڌايو. اُن وقت ئي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سنت
پرڪاش مهاراج، جيئندرام ۽ واڌوا ۽ مان سرزمين تي وياسين. پلاٽ نظر
ڪيي ها ڪئي. پياري موهن ڀراٽي ۽ پياري بولچند سونيسر چيو تہ
وڏر گهرايو ۽ هاٿي ئي ستگرو مهاراج زمين تي لپو هڻن. باقي ميونسپل
ي جنرل باڊيءَ ۾ ٺهراءُ پاس ڪري اوهان کي موڪليندا اسين. اوهان صرف
درخواستون ڏيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سرزمين تي
هٽي ڇنڊو هنيو. شري ستنام ساکي جئہ شري ڪرشن جو منتر اُچاريندي
ـ پاتو.

ٿوري ئي عرصي ۾ ميونسپل جي جنرل باڊيءَ ۾ ميونسپل جا ٻہ
روڊ پلاٽ هڪ اسڪول لاءِ ٻيو پلاٽ ٻيا آشرم جي نئين عمارت اڏڻ لاءِ
ڪراءِ ٺهراءُ پاس ڪري اسانکي موڪليا ويا. اُن وقت اِهي ٺهراوَ ميونسپل
ڪائونسلر شري منوهر جيسواڻي پيش ڪيا ۽ ٻاءُ جيون عبدناڻيءَ ميونسپل
ڪائونسلر ٽيڪو ڏنو ۽ صدارت ڪئي شري سريش پپو ڪالاڻيءَ. اُن وقت
ڪائونسلرن ۾ ايڪو هو. سدياونا سنيهہ ساهيوتي هُئي. اڄ جي اِهي ڳڻ
ڄن ها تہ سنڌونگر هڪ وڏي اوچ تي هجي ها! اُلهاسنگر ميونسپل وٽان ٻہ
دٽ مارڪ ٿي مليا تہ مان اُلهاسنگر ميونسپل جي پرڏان شري پپو ڪالاڻيءَ،
ري گوپيچند ڀراڻي وائيس پريزيڊنٽ، شري موهن ڀراڻي، شري جيون
بدناڻي، شري منوهر جيسواڻي ۽ ميونسپل کي ڌنيواد جا پتر لکيا. باقي
ڏيڪ لک پڙهہ سچواليہ تائين پوءِ ڪئي ويئي. جنهن ۾ پياري پرڪاش
ولترام چانڊواڻيءَ بہ پاڻ موڪيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن
و سپنو ساڪار ٿيو.

منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج سنساري سفر ١٥
ست سنہ ١٩٩٢ع ۾ سماپت ڪري امراپور پڌاريا. سنڌن سپني کي ساڪار
ڪرڻ لاءِ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن پياري هوتچند واڌواڻيءَ جي
هيوگ سان سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول جي عاليشان عمارت ۽
وامي شانتي پرڪاش ٻيا آشرم جي نئين عمارت جو ڪم شروع ٿيو. ان
ڏاوت جي ڪم ۾ ٻاءُ ستيش سنتومل نندواڻي، شري هري ٺڪر آرڪيٽيڪٽ

کي جنتا جناردن پريشد جون رسيدون ڏئي هتي پارت ۾ اچي جنتا جناردن پريشد جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائيندو هوس. هن وقت به ڪٿي ڪٿي داس کي ستسنگ ڪرائڻ لاءِ يا پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ ڪي پيٽائون ملنديون آهن ته سي جنتا جناردن پريشد جي کاتي ۾ جمع ڪندو آهيان. بروقت رسيدون ڪيي واسطيدارن کي موڪليندو آهيان.

اٽڪل ٢٥ سال اڳ مان ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي چرڻن ۾ ويٺو هوس ته چيائون آشرم جي پرسان جيڪر به پلاٽ. هڪ اسڪول لاءِ ۽ ٻيو ٻيا آشرم لاءِ ملي وڃن ته ڏاڍو سٺو. سنتونگر ۴ واري ٻيا آشرم ۾ ٻيڙن کي هيٺ لهڻ چڙهڻ ۾ دقت ٿئي ٿي. هتي کليل هوا ۾ ميدان تي جيڪڏهن ٻيا آشرم ٺهندو ته ٻيڙن کي وڏي سهوليت ٿيندي. مان ستگرو مهاراجن کي چيو ته اوهانجو سنڪلپ ساڪار ٿيندو. ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪاليج مان پيريڊ وٺي ڏهن منٽن جي مفاصلي تي منيش نگر پياري موهن ٻهراڻيءَ جي گهر پهچي ويس. پيارو موهن تڏهن اُلهاسنگر ميونسپل جي ٽائون ٽي.پي.ڊي. ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو ۽ شري سريش پپو ڪالاڻي پريزيڊنٽ هو. مان پياري موهن ٻهراڻيءَ جي گهر جو بيل وڄايو. در کليو. پياري موهن مونکي ڏسي کيڪاريندي آجيان ڪئي ۽ اچڻ جو ڪارڻ پڇيو. مان کيس ٻڌايو ته ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي اڇا آهي ته آشرم جي پرسان ٻه پلاٽ هڪ اسڪول لاءِ ۽ ٻيو ٻيا آشرم لاءِ ميونسپل وٽان ملن ته ڏاڍو سٺو. پياري موهن چيو، ”سائين اوهان تڪليف وٺي ان ڪم لاءِ هتي آيا آهيو. مونکي فون ڪريو ها ته مان اوهان وٽ ڪاليج ۾ پهچي وڃا هان! اوهان جيءُ آيا! مان اڄ ئي شري بولچند سونيسر کي گهرائي نقشا نظر مان ڪيي ٻن ڏينهن ۾ اوهان وٽ روبرو اچي پلاٽ ڏيکاريندس. پيارو موهن ٻهراڻي منهنجو وديارٿي ٿي رهيو. مون سان ڏاڍي مريادا سان هلندو هو. مان اُن ڏينهن ئي شام جو ستگرو مهاراجن کي سربستو احوال ڏنو.

ٻن ڏينهن بعد مونکي ڪاليج ۾ پياري موهن ٻهراڻيءَ فون ڪيو ته اڄ ساڍي يارهين بجي اوهان وٽ مان ۽ شري بولچند سونيسر آرڪيٽيڪٽ آشرم ۾ پلاٽن ڏيکارڻ لاءِ اچون ٿا. مان هڪدم سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ پهچي ويس ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي احوال ڏنو. پيارو موهن ٻهراڻي ۽ شري بولچند سونيسر مقرر وقت تي

جائو پينرن پائرن کي وقتائتي مدد ڪرڻ. گهرجائو شاگردن کي پڙهائي
آرٿڪ سهيوگ ڏيڻ وغيره جي شيوا ڪئي ويندي آهي.
پريشد طرفان هرمهني اٽڪل ٧٣٠ سفيد پوش گهرجائو پينرن کي
ڪ سهايتا ۽ راشن وغيره ڏيڻ، هر مهني اٽڪل ست سؤ سورداسن کي روڪ
اشن جي سهايتا شيوا ڪرڻ جا ڪاريه سوامي شانتي پرڪاش پدا آشرم
ڏونگر ٥ ۾ ڪيا وڃن ٿا.
جنتا جناردن پريشد طرفان هرسال سنتونگر ۾ ساموهڪ شادين جو
رجن ڪيو وڃي ٿو. ساموهڪ شادين ۾ گهوٽيتن چاهي ڪنوارين کي
ڪ پئسو به خرچڻو ناهي. گهرجائو نياٽين کي سندن شاديءَ جي موقعي
ويڊنگ ساڙهي ۽ روڪ سهايتا ڪئي وڃي ٿي. سومناٿ پائونگر
ڪوٽ ڄامنگر ۽ ٻين شهرن ۾ ٿيندڙ ساموهڪ شادين ۾ آرٿڪ ۽ ڏاجي
سهيوگ ڪيو وڃي ٿو.
هرسال اسڪولي ۽ ڪاليجي وديارٿين کي فين ڀرڻ لاءِ اٽڪل
جويهه لک روپيا روڪ سهايتا ڪئي وڃي ٿي. اسڪولي وديارٿين کي
ڪولي يونيفارمس جو ڪپڙو نوٽ بوڪس ڏنا وڃن ٿا. گهرجائو بيمارن
دوائن ۽ علاج لاءِ روڪ سهايتا ڪئي وڃي ٿي. مان جنهن به شهر ۾
ندو آهيان ته ستسنگ سان ڪن نه ڪن گهرجائو گهرن کي ٻولي روڪ ۽
شن جي سهايتا پريشد طرفان ڪندو آهيان. گهرجائن جي شيوا ڪرڻ ۾
ند ايندو آهي. شروعاتي دور ۾ ڀاءُ وڪيومل شراف، شري لڪميچند للا،
ڻ گلو آڏواڻي، پياري نارائڻ ڪيولراماڻي، ڀاءُ منگهارام پنجابي ۽ ٻين چتري
نگهارام، هيرانند لڪاٽي، ڪان لڪاٽي، گل لڪاٽي شيوا ڪاريه ۾ منهنجا
ٿي هئا.
ذڪر ڪيل شيوا ڪارين تي سوامي ديو پرڪاش مهاراج سنستا
ي پرڌان، پوجيه دادا جشن واسواڻي، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، سنت
انبورام صاحب ۽ ٻين سنتن جي آسيس سدائين رهي آهي. شيوا ڪاريه ۾
هنجا سدا حيات ساٿي شري شيوڪرام ونواڻي، پروفيسر ڪواپ
پچنداڻي، شري گوبندرام ايل پاٽيا، شري هيرالعل سينداڻي، شري سياڻ
چند چاولا، شري دلهنومل تلريجا، دادا گوپالداس جهيتراءِ پوڪرداس

دل وَ جان سان پاڻ موکيو. پرماتما جي اسيم ڪرپا سان، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ادرشٽ ڪرپا سان اسڪول لاءِ عاليشان عمارت ۽ سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم لاءِ هوادار ڪشادي عمارت تيار ٿي. سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول ۾ هن وقت اٽڪل چار هزار وديارٿي وديا پراپت ڪري رهيا آهن. سوامي ديو پرڪاش مهاراج اسڪول بورڊ جا پريزيڊنٽ آهن، مان وائيس چيئرمن آهيان. پيارو تلسيداس موٽواڻي، پيارو رام ديال جيئندرام واڌوا جنرل سيڪريٽري، پيارو گوبند رام ليلاڻي، پيارو نندلعل بدلاڻي، ڀيڻ ڪانتا ڪڪڙيجا ۽ ڀاءُ ڪشو پنجابي، ۽ ٻيا سڪريه سيوڪ سرگرم آهن. پرنسيپال گهنشيام آهوجا قابل پرشاسڪ آهي.

سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم جي نئين شاندار عمارت جو مهورت ٢٩ آگسٽ ٢٠٠٤ع ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ڪيو. هن موقعي تي سوامي برهمانند مهاراج، سنت روپارام صاحب، شري پپوڪالاڻي ايم.ايل.اي، ڀيڻ جوتي ڪالاڻي ميئر، شري ڪمار آئلاڻي، شري ڪشور ونواڙي، ڀيڻ جيا ساڌواڻي، شري موهن ساڌواڻي ۽ ٻيا ڪيترائي معزز پائر پينر آيا جن هن سندر ڪاريه جي ساراهه ڪئي. مان اِن موقعي تي سنچالن ڪندي چيو ته منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو سپنو ساڪار ٿيو آهي. هتي اسانجا بيواهه ٻيڙا ٻيڙيون سڪميه جيون گذاري سگهندا. هن وقت اسانجي جنتا جناردن پريشد جا پرڌان سوامي ديو پرڪاش مهاراج آهن. سندن آسيس سان ڀاءُ هوتچند واڌواڻي، ڀيڻ پدما واڌواڻي. سپتر شري راجو واڌواڻيءَ جو هن اڏاوت ۾ وڏو يوگدان آهي. ڀاءُ پپو ڪالاڻي ۽ شري موهن ڀهراڻيءَ جو به ڪافي سهيوگ مليو. داس کي آسيس ڪندا ته شيوا ڪارين جي جوت جڳندي رهي.

سنه ١٩٦٥ع کان جنتا جناردن پريشد طرفان ڪيترائي شيوا جا ڪاريه هلي رهيا آهن. مکيه آفيس سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش اُلهاسنگر ٥ ۾ آهي. جتي مان روز شام کان رات جو ٨ يا ٩ بجي تائين لازمي طور ويهندو آهيان. گهرجائو نياڻين جي وواهن ۾ مدد ڪرڻ. بيمارن کي دوائون يا ٻي سهايتا ڪرڻ. ڪنهن کي لائيٽ جي بل يا ٽئڪس جي بل وغيره لاءِ مالي مدد ڪرڻ.

دنيا ۾ خلق خذمت کان نہ ڀانيان بندگي بهتر

مذڪور سنسٿائن ۾ شيوا ڪندي مان سڀني سنسٿائن کي پنهنجو
ري سمجهندو آهيان. ڪڏهن بہ ڪو قرب ڀري ڪوٺ ڪندو آهي تہ
ي شرڪت ڪندي اُن سنسٿا لاءِ جهولي بہ ڦهلائيندو آهيان. سوامي شانتي
ڪاش قدرتي علاج ۽ يوڳا ڪيندر جي يومي پوڄا وقت مان اُتسوَ جي
ارت ڪندي آرٽڪ سهيوڳ لاءِ اپيل ڪئي. جهوليلعل هاءِ اسڪول جي
ورتي اُتسو چاهي اُن بعد جهوليلعل اسپتال جي مهورتي اُتسو ۾ مون
ولي ڦهلائي سنسٿا کي يوڳدان ڏنو. سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو
ص اُتسو سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر ۾ مان پنهنجي شال نيلام ڪئي
ايم.ايل.اي شري پپو ڪالاڻي هڪدم ٢٥ هزار روپيا واڪ ڏنو. مان ڪيس
ل پاتي ٿئي ڏينهن شري پپو ڪالاڻي ٢٥ هزار روپين جو چيڪ سنڌو
يڊيوڪيشن سوسائٽي جي پرڌان شري ڪمار آهوجا کي موڪليو. انڊور
سوامي سنتوشداس مهاراج مونکي سوامي درشنداس اسپتال جي مهورت
گهرايو تہ بہ مان اُتي جهول ڦهلائي مليل پئسا کين ارپڻ ڪيا. شري سيتلداس
چنداڻيءَ هارٽ اسپتال جي اُتسوَ ۾ بہ مان پهرين پاڻ پنجن هزارن روپين
و چيڪ ڏيندي اسپتال جي لاءِ جهولي ڦهلائي داد هوندراج دڪايل جو گيت
ڪجهہ ڏيو ڏيندڙ جو پلو ٿيندو ڀايو. ڪيترن ئي جهول ڀري. سنت
پارام صاحب ٥ لک روپيا ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. مان هرسال گوپ اشٽميءَ
ي موقعي تي شام جي اُتسوَ ۾ ڳائين جي شيوا لاءِ جهول ڦهلائيندي
هنجو گيت دان ڪريو پيارا دان ڪريو گيت ڳائيندو آهيان ۽ جهول ۾
يل پئسا بروقت ئي شري راڌي شيام ڳئوشالا ۾ ڏيندو آهيان. ستگرو سوامي
انتي پرڪاش مهاراجن جي سمرتي مندر ۾ هر منگل، هر گيارس چنڊ ڏينهن
ڄن ڳائي پلئہ پائيندو آهيان تہ پلئہ جا پئسا هڪدم ڳئوشالا موڪليندو آهيان.
رسال ڪارتڪ ايڪادشيءَ جي موقعي تي سرڳڌام شمشان يوميءَ جي
سوَ ۾ بہ هيٺيون گيت ڳائيندي جهولي ڦهلائيندو آهيان :-

دان ڪريو پيارا دان ڪريو،
خاليون جهوليون ڀريو ڀريو!
(١) دان ڪرڻ سان ڌن آ وڌندو،
کوهہ مان پاڻي ڪڏهن نہ کٽندو،

ٽيڪچنداڻي امرلعل ڦيرواڻي سدائين سات سهيوگ ڏيندا رهيا. ڪي بزرگ سهٽيون صلاحون بہ ڏيندا رهيا.

اڄ بہ پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ادرشٽ ڪرپا سان جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين تي هرسال سوا ڪروڙ روپين کان وڌيڪ خرچ آهي. انهن شيوا ڪارين ۾ پيارو هوتاچند واڌواڻي، ڀيڻ پدما واڌواڻي، راجو واڌواڻي، سندر منگهناڻي، شري مورجمل منگهناڻي، ڊاڪٽر رام ٻخشاڻي، ڀيڻ سُري لڪمياچند لُلا، وينا ٻخشاڻي، ڀاءُ منوهر رامچند رامچنداڻي، شري اشوڪ چنداڻي، شري چندرو سڪراڻي ۽ ٻيا وديش ۾ رهندڙ ڀائر ڀينر مدد جو هٿ ڏگهيڙنيدا رهن ٿا. دادا ڪشنچند شهاڻي جا سپاترو شري نارائڻ شهاڻي، ڪشور شهاڻي، شري گرڌاري لعل وشنداس لکي ٽرسٽ، ڀاءُ شري مهيش اگروال، شري مٺو نارنگ، شري مرليڌر هيرالعل سينداساڻي، شري همٿسنگهہ آڏواڻي، سمن همٿسنگهہ آڏاوڻي ميموريل ٽرسٽ، شري چندرلعل ڪنعيالعل مورپاڻي، شري گهنشيام داس ڀاٽيا، شري ڪشور موٽومل چانبواڻي، ڪشور موهن لعل ڪيولراماڻي، شري سڌامومل چانبواڻي، انيل ٺاڪرداس ڪرسيجا، شري نندلعل راجپال، ڊاڪٽر ششي راجپال، شري ڪشور نوتناڻي، شري چيتن سنتومل لُلا، شري گرمک کوبچنداڻي، شري رام ڏندواڻي، شري هريرام موهناڻي، شري اوڌوداس روپچنداڻي، شري ڪمار آئلاڻي، شري انو منواڻي، ڀاونداس پمناڻي ۽ ٻيا متر آرٿڪ سهيوگ ڏيندا رهن ٿا.

آرٿڪ سهيوگ سان گڏ جيڪي تن من سان بہ شيوا ڪارين ۾ سدائين لڳن اورچائيءَ سان سڪريہ آهن. سي منهنجا من ميلي متر آهن. شري همٿسنگهہ آڏواڻي، شري چندرلعل مورپاڻي، شري هريرام موهناڻي، شري گ وپالداس راڳهاڻي، شري موهن بالاڻي، شري ارجن لُلا، شري شيام ونواڙي، پرديپ روپاڻي، شري چيتن لُلا، شري گرمک کوبچنداڻي، رام ڏنواڻي، ستيش نندواڻي، وڄئہ روپچنداڻي، هريش روپاڻي، پروفيسر مينا روپچنداڻي، ڊاڪٽر شيلا آهوجا ڏاسومل ۽ ٻيا جن جو سدائين سهيوگ ملندو رهي ٿو.

سائين ڪوي ڪشنچند بيوس جي لفظن ۾ :-

دنيا ۾ خلق خدمت کان نہ پانيان بندگي بهتر

مذڪور سنستائن ۾ شيوا ڪندي مان سيني سنستائن کي پنهنجو
ري سماجهندو آهيان. ڪڏهن بہ ڪو قرب پري ڪوٽ ڪندو آهي تہ
شرڪت ڪندي اُن سنستا لاءِ جهولي بہ ڦهلائيندو آهيان. سوامي شانتي
ڪاش قدرتي علاج ۽ يوگا ڪيندر جي پومي پوڃا وقت مان اُتسوَ جي
ارت ڪندي آرٽڪ سهيوگ لاءِ اپيل ڪئي. جهوليلعل هاءِ اسڪول جي
ورتي اُتسو چاهي اُن بعد جهوليلعل اسپتال جي مهورتي اُتسو ۾ مون
ولي ڦهلائي سنستا کي پوگدان ڏنو. سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو
ص اُتسو سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر ۾ مان پنهنجي شال نيلام ڪئي
ايم. ايل. اي شري پپو ڪالاڻي هڪدم ٢٥ هزار روپيا واڪ ڏنو. مان ڪيس
ل پاتي ٻئي ڏينهن شري پپو ڪالاڻي ٢٥ هزار روپين جو چيڪ سنڌو
يڊيوڪيشن سوسائٽي جي پرڌان شري ڪمار آهوجا کي موڪليو. انبور
سوامي سنتوشداس مهاراج مونکي سوامي درشنداس اسپتال جي مهورت
گهرايو تہ بہ مان اُتي جهول ڦهلائي مليل پئسا کين ارپڻ ڪيا. شري سيتلداس
چنداڻيءَ هارٽ اسپتال جي اُتسوَ ۾ بہ مان پهرين پاڻ پنڃن هزارن روپين
و چيڪ ڏيندي اسپتال جي لاءِ جهولي ڦهلائي داد هوندراج دڪايل جو گيت
ڪجهہ ڏيو ڏيندڙ جو پلو ٽيندو ٻايو. ڪيترن ئي جهول پري. سنت
پارام صاحب ٥ لک روپيا ڏيڻ جي پترائي ڪئي. مان هرسال گوپ اشٽميءَ
ي موقعي تي شام جي اُتسوَ ۾ گانين جي شيوا لاءِ جهول ڦهلائيندي
هنجو گيت دان ڪريو پيارا دان ڪريو گيت ٻائيندو آهيان ۽ جهول ۾
يل پئسا بروقت ئي شري راڌي شيام گئوشالا ۾ ڏيندو آهيان. ستگرو سوامي
انتي پرڪاش مهاراجن جي سمرتي مندر ۾ هر منگل، هر گيارس چنڊ ڏينهن
جن ٻائي پلئہ پائيندو آهيان تہ پلئہ جا پئسا هڪدم گئوشالا موڪليندو آهيان.
رسال ڪارتڪ ايڪادشيءَ جي موقعي تي سرٻڌام شمشان پوميءَ جي
سوَ ۾ بہ هيٺيون گيت ٻائيندي جهولي ڦهلائيندو آهيان :-

دان ڪريو پيارا دان ڪريو،
خاليون جهوليون پريو پريو!
(١) دان ڪرڻ سان ڌن آ وڌندو،
کوهہ مان پاڻي ڪڏهن نہ کٽندو،

ٽيڪلچنداڻي امرلعل ڦيروڻي سدائين ساٿ سهيوگ ڏيندا رهيا. ڪي بزرگ سهٽيون صلاحون بہ ڏيندا رهيا.

اڄ بہ پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ادرشٽ ڪرپا سان جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين تي هرسال سوا ڪروڙ روپين کان وڌيڪ خرچ آهي. انهن شيوا ڪارين ۾ پيارو هوتچند واڌواڻي، پيڻ پدما واڌواڻي، راجو واڌواڻي، سندر منگهناڻي، شري مورجمل منگهناڻي، ڊاڪٽر رام بخشاڻي، پيڻ سُري لکميچند للا، وينا بخشاڻي، ياءُ منوهر رامچند رامچنداڻي، شري اشوڪ چنداڻي، شري چندرو سڪراڻي ۽ ٻيا وديش ۾ رهندڙ يائر پينر مدد جو هٿ ڏگهيڙنيدا رهن ٿا. دادا ڪشنچند شهاڻي جا سپاتر شري نارايڻ شهاڻي، ڪشور شهاڻي، شري گرڌاري لعل وشنداس لکي ٽرسٽ، ياءُ شري مهيش اگروال، شري مٽو نارنگ، شري مرليڌر هيرالعل سينداساڻي، شري همٿسنگهہ آڏواڻي، سمن همٿسنگهہ آڏاوڻي ميموريل ٽرسٽ، شري چندرلعل ڪنعيالعل مورپاڻي، شري گهنشيام داس ياٽيا، شري ڪشور موٽومل چانبواڻي، ڪشور موهن لعل ڪيولراماڻي، شري سڌامومل چانبواڻي، انيل ٽاڪرداس ڪرسيجا، شري نندلعل راجپال، ڊاڪٽر ششي راجپال، شري ڪشور نوتناڻي، شري چيتن سنتومل للا، شري گرمک خوبچنداڻي، شري رام ڏندواڻي، شري هريرام موهناڻي، شري اوڌوداس روپچنداڻي، شري ڪمار آئلاڻي، شري انو منواڻي، ياونداس پمناڻي ۽ ٻيا متر آرٿڪ سهيوگ ڏيندا رهن ٿا.

آرٿڪ سهيوگ سان گڏ جيڪي تن من سان بہ شيوا ڪارين ۾ سدائين لڳن اورچائيءَ سان سڪريہ آهن. سي منهنجا من ميلي متر آهن. شري همٿسنگهہ آڏواڻي، شري چندرلعل مورپاڻي، شري هريرام موهناڻي، شري گ وپالداس راڳهاڻي، شري موهن بالاڻي، شري ارجن للا، شري شيام ونواڻي، پرديپ روپاڻي، شري چيتن للا، شري گرمک خوبچنداڻي، رام ڏنواڻي، ستيش نندواڻي، وجئہ روپچنداڻي، هريش روپاڻي، پروفيسر مينا روپچنداڻي، ڊاڪٽر شيلا آهوجا ڏاسومل ۽ ٻيا جن جو سدائين سهيوگ ملندو رهي ٿو.

سائين ڪوي ڪشنچند بيوس جي لفظن ۾ :-

غريبن ۾ ڏس غائب آهي، خاڪ تنادي لڳن لڳاءِ.
ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج بہ خدمت ڪرڻ جي تاڪيد
ندي فرمائن ٿا :-
دنياوارا! دنيا ۾ ترم ۽ ڪجھ دان ڪريو!
دينن غريبن ۽ اناٿن جو ڪجھ ڌيان ڪريو.
سوامي ٻوٽراج بہ ديا ۽ شيوا جو پيغام ڏيندي چوي ٿو :-
دل ديا سان نت پري ڪر دين دلين کي بهار،
دل جي ڪوملتا تي آهي گڻن مڻني جو مدار،
دل ديا سان نت پري ڪر جيوَ جنتوءَ جي رکيا،
'ٻوٽ' وشنو ٿئي سو جو لهي دکين جي سار.
شاعر ليکيراج عزيز بہ خلق خدمت جي صلاح ڏيندي چوي ٿو

جي بلندي ٿو گهرين، تا خلق جو ڪر پيو پلو،
خلق جي خدمت کان غافل رهہ ڪڏهن هڪ دم نہ ڪو.
منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج خلق جا خدمتگار هئا.
امي جن بہ شيوا جو مهتوَ ٻڌائيندي شيوا ڪرڻ لاءِ پريرت ڪن ٿا.
اوارا مايا مان ڪجھ، ديا ترم پاڃ ڪريو،
چن بکين کي کارايو، پاڻي پيئاريو پياسين کي،
يڪڻ لاءِ ڪپڙو ڏيو، آئي جو سنمان ڪريو،
ٽو پکين کي، گاهہ پسُن کي، کنڊ ماڪوڙين ڪولين کي،
ٿن برڇن کي جل ڏيئي بن کي سوپياوان ڪيو.
هڪ ٻئي گيت ۾ سوامي جن فرمائين ٿا :-
ڪم ڪروڙين ڇڏي سيوا جي ڪر ڪار تون،
دين دکين پَسُن پکين کي ڏياج هلي آرام تون.
پيارو دادا ڄشن واسواڻي بہ دکين دريدرن ۾ داتار جو درشن ڪندي
لاح ڏئي ٿو :-
غريبن دکين ۾ ڏسي تنهنجو روپ،

بند آهي:-

خلق جي آ خذمت خُدا جي عبادت،
اسانجي آ هردم سين ساڻ محبت،

سنڌ جي ويدانتي ڪوي سامي صاحب بہ شيوا جو مهتوَ ٻڌائيندي چيو آهي :-

شيوا منجهون جن لڌو لعل اڻ ملهو،
سي سامي سک سچيءَ سان سدا سيوا ڪن،
لنيون مُڪان موچڙا، سامي سرسهن،
رتا رنگ رهن، انئي پهر عجيب جي.

سامي صاحب جي مذڪور سلوڪ جي دور مان، مان بہ گذريو آهيان پر شيوا مارگ ۾ صبر سان سڀ ڪجهہ سهڻو آهي، پنتي نہ پوڻو آهي. شيوا ڪرڻ سان ازخود انسان جي خوشبو نڪري ٿي، جيڪي بدبوءِ جا قائل آهن تن کي خوشبوءِ ڪيئن وڻندي! مان پنهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ٻچن جو مکڙو ''غم کائيندين سک پائيندين'' ياد ڪري صبر سان سڀ ڪجهہ سهندو آهيان. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي جو سهندو سو لهندو. ڪَسُ ۾ ئي جس آهي.

پيارو دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي بہ شيوا جي اهميت واضح ڪندي چيو آهي :-

ساچي ڀڳتي دکين جي شيوا،
در تنا جي وٿ مهر جا ميوا،
تن چرنن وچي سر جهڪاءِ،
نوري نماڻي دل اندر دونها دکاءِ،
غريبن کي جو ئي ٿو کاڌو کارائي،
ايشور جي آسيس نوري سو پائي،

ساڌو واسواڻيءَ دکين، دريدرن، مسڪينن، محتاجن جي خذمت ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو :-

طالب ٿي نہ دنيا جو، مسڪينن اڳيان سرجُهڪاءِ،

ڪي يادگار تصويرون



سنت ساڌ رام صاحب ڊاڪٽر ديال آشا سان روح رهاڻ ڪندي.



پوڄيه دادا جشن واسواڻي ديال آشا جي ڪتاب ڪاويه چنتن من جو منٿن جو مهورت ڪندي.دادا جي پاسي ديال آشا جي ڪڪي گوداوري پويان همتسنگهه آڏواڻي بيٺل آهن.



ڊاڪٽر ديال آشا جي سٺ جنمدن اُتسو جي موقعي تي سندس ماتا پاري ٻائي، سوامي ديو پرڪاش مهاراج ۽ سنت روپارام صاحب آسيس ڪندي. پاسي ۾ ڀائي رتنلعل ويٺل آهن.



ڀوپال سينٽرل جيل ۾ ديال آشا قيدين سان روح رهاڻ ڪرڻ بعد قيدين ۾ صوف ورهائي رهيو آهي. ان موقعي تي اٽڪل پنج سؤ قيدي آجيون ويشنو ڻيا.



ڊاڪٽر ديال آشا جو ڀوپال سينٽرل جيل ۾ ڀوَيه سواگت ديال آشا جيلر سان گڏ.



ديال آشا پنهنجي رهنما راشٽريه ڪوي هوندراج دکايل سان گڏ.

ٿيون تن جا مددگار جڳايون جوتي انوپ.

مذڪور سنتن درويشن جي ويچارن واٽيءَ جو مون تي اثر آهي. مان بہ لکيو آهي :-

دکين جي شيوا ڪرڻ سان من کي ملي آرام ٿو،
جو اچائون ٿو چنٽي پائي سو ئي وشرام ٿو.

مان پروردگار جو شڪرگذار آهيان جو هن مونکي نرم دل ڏني آهي. ٻئي جو دک درد سهي نہ سگهندو آهيان. معصوم ٻارڙا يا ڪي ڏهاڳڻيون پينر مون وٽ مدد وٺڻ لاءِ ايندیون آهن تہ منهنجو من پرجي ايندو آهي، لڙڪ لڙندا آهن. مان من، وچن ، ڪرم سان سڀ جو ڀلو ڪرڻ چاهيندو آهيان. منهنجي اِها شيوا ڀاوي ويچارڌارا منهنجي هيٺ ڏنل گيت مان ظاهر آهي.

ڀلو چاهين پنهنجو ڪر ٻين جو ڀلو،
ڀلو جي ڪندين ٿيندءِ سائو سلو،
(١) اچي جو سوالي نہ تنهنکي موٽاءِ.
موٽائي نہ ڪنهنجي تون دلڙي دکاءِ.
(٢) ڌڻيءَ جي ڏني مان سدا ڏيندو رهہ توُن.
سدائين غريبن سان پيارا تہ وهہ تون.
(٣) جي ٻين کي تون ڏيندين. ڌڻي توکي ڏيندو.
سدائين هوُ تنهنجو مددگار ٿيندو.
(٤) جيڪا پوک پوکين. تون لڻندين اُهائي.
نہ ڪنهنجي ڪمائي وجي ٿي اجائي.
(٥) دکين ۽ بکين جي ڪري ٿو جو خدمت.
اُنهيءَ تي ٿئي ٿي ڌڻيءَ جي تہ رحمت.
(٦) 'آشا' پريم سان ڪر سڀن جي تون شيوا،
پريو توکي ڏيندو مهر جا تہ ميوا.

خلق خدمت جي راهہ تي هلندي جيڪڏهن مان ڪنهنکي من وچن ڪرم سان رنجايو آهي تہ معافي طلبگار آهيان.

☺☺☺

ستگرن سان سفر

منهنجو سوڀاڳيہ آهي جو مان ڪاليج ۾ پاڙهيندي، پنهنجي فرض ادائي
ندي باقي وقت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي چرڻن ۾ ويٺو هوندو
س. ستگرو مهاراج وقت بہ وقت مونکي جدا جدا شهرن ۾ پاڻ سان گڏ وٺي هلندا
. خاص ڪري جتي ڪو سماجڪ يا شيوا جو ڪاريہ هوندو هو يا ڪنهن نئين
ڪول يا نئين مندر آشرم جو نرماڻ ٿيندو هو تہ داس کي پاڻ سان سفر تي وٺي
دا هئا. هوُ منهنجي ڪاليج جي نوڪريءَ جو بہ خيال رکندا هئا. ستگرو مهاراج
ين ۾ يا هوائي جهاز يا ڪار ۾ سفر ڪندي نام سمرڻ ڪندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن
ت ديو پرڪاش مهاراجن کي پستڪ پڙهي ٻڌائڻ لاءِ چوندا هئا. لکنو ۾ سوامي
نبورام صاحب سنت آسودارام شو شانتي آشرم ۾ امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب
ي جنمشتابدي ملهائي. ان اُتسوَ ۾ ستگرو مهاراج داس کي وٺي هليا. سنت سائين
ندبورام صاحب ستگرو مهاراجن جي آجيان ڪئي ۽ داس کي پيار ڏنو. ستگرو
ار اجن جي شيوا ۾ سنت ديو پرڪاش سدائين ساڻ هوندا هئا. ستگرو مهاراجن
ي سنت ڪنوررام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪندي ستسنگ ڪيو. داس بہ ڀڳت
ڪنوررام صاحب جي جيون تي روشني وڌي. ستگرو مهراج لکنو مان ڪانپور آيا اُتي
موهڪ جڻين جو ڪاريہ ڪرم رکيل هو. ستگرو مهاراجن جٽيا پائيندڙ ٻالڪن کي
يس ڪندي کي سکيائون ڏنيون. مان بہ ٻالڪن کي آجيون ويشنو ٿي رهڻ جي
بل ڪئي.

هرسال ديولاليءَ ۾ ڪوي پهلاجرام صاحب جي ورسي ملهائي
يندي آهي. ستگرو مهاراج ڪيترائي دفعا ان اُتسو ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ

ديال آشا انعام سنمان حاصل ڪندي



مهاراشٽر جي ماضي مکيه منتري
شري وي پي نايڪ کي ڊاڪٽر ديال آشا
پنهنجو پستڪ ڀيٽ ڪندي.



مهاراشٽر جو ماضي پورهيت وزير شابر
شيخ سچواليه ۾ ڊاڪٽر ديال آشا جو ستڪار
ڪندي. پٺيان شري پوڪرداس ٽيڪچنداڻي،
اڳيان وشن سدارنگاڻي ۽ ديپڪ سياڻي بيٺل آهن.



اکل سوراشٽر سنڌي پنچايت طرفان پرڏان
دادا نيوندرام لوڪواڻي ۽ برجلعل، سونوڻي،
پترڪار ڏنراج ڀائي ڊاڪٽر ديال آشا کي
سندس ڪيل خدمتن لاءِ شيلڊ ڀيٽ ڪندي.
منچ تي سوامي ديوپرڪاش مهاراج براجمان آهن.



منگهنمل اُڏارام ڪاليج آف ڪامرس پمپريءَ ۾ سنڌي
سيمينار آيوجت ڪيو ويو. ڪاليج بورڊ جي
سيڪريٽري پرنسيپال اروڻا ڄيٺواڻي ڊاڪٽر ديال آشا
جو ستڪار ڪري رهي آهي. ڊاڪٽر ديال آشا جي
هڪ پاسي ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي. ڪاليج جي
پرنسيپال ٻئي پاسي ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي.
ڊئريڪٽر نرمل گوپلاڻي بيٺل آهن.



سيتا سنڌو ڀون ۾ ڊاڪٽر رام ٻخشاڻي
ديال آشا جي ڪتاب احساس جو
عڪس جو مهورت ڪندي پويان شري
ٺاڪر چاولا بيٺل آهي.



سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر طرفان ديال آشا
کي ايز ايل اي شري ڪمار آئلاڻي، ميئر ڀين
آشا جيون عيدناڻي، شري لعل پنجابي. شري
سندر ڀنگواڻي لائيف ٽائيم اچيومينٽ شيلڊ
ڀيٽ ڪري رهيا آهن.

راجڪوٽ ۾ سوامي ٽيئونرام هاءِ اسڪول جي نئين عمارت جي
ي پوڇا وقت ۽ وري عمارت جي مهورت وقت ستگرو مهاراج مونکي
سان گڏ راجڪوٽ وٺي هليا. انهن اُتسوَ ۾ شرڪت ڪندي مان دانويرن
اپيل ڪندو هوس تہ دل کولي اسڪول جي عمارت لاءِ دان ڪريو.
گرو مهاراجن بروقت ئي پنجاهہ هزار روپيا ان ڪاريہ لاءِ ڏنا. ستگرو
راج اهڙن سندر ڪارين لاءِ سدائين پهرين پاڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ برڪت
پ ۾ ڏيندا هئا. راجڪوٽ ۾ ماتا موهني، پيارو جواهر ماتا، پرسرام ماتا،
و ماتا ڪيڏي نہ شيوا ڪندا هئا ۽ اجا بہ شيوا ڪندا آهن.

پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ ستگرو مهاراج ڪڏهن ڪڏهن
فاني دورو ڪندا هئا. هڪ دفعي ستگرو مهاراجن سان مان شوراشٽر جي
ري تي گڏ هوس. هڪ ڏينهن ۾ ڪتبانا، بانٽوا، ماڻود، سورٺ ونٿلي،
تپور، جهوناڳڙهہ ۾ ستسنگ ڪيائون. ستسنگ جي شروعات ۾ مان پڇن
بندي جدا جدا وشين تي ڳالهائيندو هوس. خاص ڪري ڏيتي ليتي، ادنگا
رچ ۽ جيو ديا بابت جاڳرت ڪندو هوس، پوءِ منهنجا ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراج امرت وچنن جي ورڪا ڪندي وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ
گدرشن ڪندا هئا.

گودرا ۾ فساد ٿيا اسانجي سنڌين جو ڪافي نقصان ٿيو. ستگرو
اراج سنڌين جي سار سنڀال لهڻ لاءِ ۽ سانتونا ڏيڻ لاءِ مونکي بہ پاڻ سان گڏ
درا وٺي هليا. ياءُ گوبندرام رانولاٽي ستگرو مهاراجن کي سارو حال احوال
و. پئنچايتي هال ۾ ستگرو مهاراجن جي زبردست خاص ميٽنگ رکي
ئي. جنهن ۾ قابل قاعديدان نبر نشڪام شري ناري گرسهاڻي بہ خاص
بئيءَ مان سيڙجي شريڪ ٿيو. ستگرو مهاراجن داس کي پهرين ڳالهائڻ
چيو. مان اُن ميٽنگ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ اسان سنڌي وطن جا وڻ ڇڏي
ي پنهنجي پرشارٿ سان پير کپايا آهن تہ غيرهندو دهشت ڦهلائي اسانجي
ان مال جو نقصان ڪري رهيا آهن. شري ناري گرسهاڻي گرجنا ڪندي چيو
سرڪاري سطح تي سنڌين جي حفاظت لاءِ لڙندو. ستگرو مهاراجن سنڌين
ي سانتونا ڏيندي چيو تہ اوهان گهٻرايو نہ بهادر ٿيو. پاڻ ۾ يڪمشت ٿي

مونکي وٽي هليا. پهرين مان پاڻ ڳائيندي ڪوي پهلاجرام صاحب جي ڪاويہ تي روشني وجهندو هوس پوءِ ستگرو مهاراج امرت وچنن جي ورڪا ڪندي ڪوي پهلاجرام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن ضروري ڪم سبب ستگرو مهاراج ان اُتسوَ ۾ شرڪت ڪري نہ سگهيا ۽ داس کي آگيا ڪيائون تہ تون وڃي حاضري ڀري اچ. ستگرو مهاراج مونکي پنهنجي پريوار جو انگ ڪري ليکيندا هئا. هوُ منهنجا ڏاڍا قدردان هئا.

هڪ دفعو نئين ممبئي جي جهوليلعل مندر ۾ ستگرو مهاراجن کي مورتيءَ جو مهورت ڪرڻو هو. ستگرو مهاراجن صبوح جو پمپريءَ مان مونکي فون ڪيو تہ ڪنهن ضروري ڪم سبب اسان ان اُتسوَ ۾ اچي نٿا سگهون اسانجي بدران تون اُتي وڃي مورتيءَ جو مهورت ڪج. اسان پياري هوندراج سئناڻيءَ کي فون تي چيو آهي تہ پيارو ديال اسانجي بدران اچي حاضري ڀريندو.

ڪيترن سالن کان اکل سوراشٽر سنڌي پئنچايت طرفان سومناٿ ويراول ۾ شري نيوندرام لوڪواڻي ساموهڪ جڻين ۽ ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪندو هو. ان ۾ جنتا جناردن پريشد اُلهاسنگر طرفان بہ يوگدان ڏنو ويندو هو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ان اُتسوَ ۾ داس کي ضرور وٽي هلندا هئا. ستگرو مهاراج پئنچايت جي ان ڪاريہ جي ساراهہ ڪندي جوڙن کي آسيس ڪندا هئا ۽ مان بہ جوڙن کي ۽ سندن مائٽن کي آجيون ويشنو ٽي رهڻ جي اپيل ڪندو هوس.

ستگرو مهاراج ڪيترائي دفعا داس کي راجڪوٽ وٽي هليا. پهرين مان ڀڳتي سنگيت ڳائيندي ستسنگ ڪندو هوس ۽ پوءِ ستگرو مهاراج امرت وچنن جي ورڪا ڪندي تتل دلين کي ٺاريندا هئا. ستگرو مهاراجن سان مان ڄامنگر، جهوناڳڙهہ، جيتپور بہ ويس. دادا نيوندرام لوڪواڻي جيتپور ۾ سميلن آيوجت ڪيو. ستگرو مهاراجن اُن سميلن جو مهورت ڪندي پاڻ ۾ سنگٺت ٿي رهڻ جي صلاح ڏني. مان بہ ان سميلن ۾ سماجڪ ڪرسمن جو ذڪر ڪندي چيو تہ سوامي ليلاشاهہ مهراج ڏيتي ليتي خلاف خوب پرچار ڪيو. اوهان بہ اِن رسم جو بهشڪار ڪيو.

اج سگھوٽي سنڌونگر لاءِ روانا ٿيا.

ناسڪ جي سنڌي هاءِ اسڪول کي پياري ڪشنچند پارواڻي ڪول بس پيٽ ڪرڻ ٿي چاهي. اُن بس جو مهورت ڪرڻ لاءِ ستگرو اجن کي وينتي ڪئي ويئي. ستگرو مهاراج مونکي به ناسڪ وٺي هليا. ي سندرداس راجپال ستگرو مهاراجن. پياري ڪشنچند پارواڻي ۽ منهنجو اگت ڪيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن بس جو مهورت ندي اُها بس اسڪول کي پيٽ ڪئي ۽ پياري ڪشنچند پارواڻيءَ کي ان وا ڪاريه لاءِ ڌنيواد ڏني. ستگرو مهاراجن وديارٿين کي به سندر سکيائون ون. ان موقعي تي مان ٻالهائيندي چيو ته پياري ڪشنچند ۽ سندس پتني ڪمٽي ديوي خوش نصيب آهن جو سندن سپترن آمريڪا ۾ ڪين سون ۾ توري سون دان پاڇ ڪرڻ لاءِ پيٽ ڪيو آهي. اُن سون جي پئسن مان پيارو شنچند سڪرت جا ڪم ڪري رهيو آهي. مان اسڪول اڌڪارين کي تي ڪئي ته اسڪول ۾ هڪ وشيه سنڌي ضرور پاڙهيو. ٻولي جيئندي قوم به جيئندي.

ستگرو مهاراج ڪنڀ جي ميلي تي پڻ داس کي ناسڪ وٺي هليا. خوش نصيب آهيان جو ستگرو مهاراج مونکي ۽ منهنجي پتني لاجونتيءَ بدريناٿ ياترا لاءِ وٺي هليا. ٻه بسيون ان ياترا لاءِ سوامي ٽيئونرام پريم ڪاش آشرم هردوار مان بدريناٿ ياترا لاءِ روانيون ٿيون. ستگرو مهاراجن يناٿ ۾ پريمين جي رهڻ ۽ کاڌي پيتي جي سٺي ويوستا ڪئي هئي. مان يناٿ ڀڳوان جو درشن ڪيو. ڪنڊ جي پاڻيءَ سان اشنان به ڪيو. اُتي ٿ چتري منگهارام پنجابيءَ طرفان هڪ سؤ ڪنبل سنتن ۾ ورهايا.

گونديا جي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ ڪوي ڪشنچند بيوس جو مشتابدي اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ستگرو اراج مونکي گونديا وٺي هليا اُتي شري ڪوڙيمل تولاڻي ستگرو مهاراجن داس جو سواگت ڪيو. ستگرو مهاراجن ڪوي ڪشنچند بيوس کي پانجلي ڏيندي چيو ته ڪوي بيوس آستڪ آشاوادي ڪوي هو هن پنهنجي ۾ دواران سنڌي ساهتيه جا گهڙا پريا. سندس ڪاويه ۾ آڌياتمڪ ويچار به

حالتن جو مقابلو ڪريو. توهان کي ڪنهن بہ قسم جي مدد کپندي تہ اُها ميسر ڪئي ويندي مرد ٿي مقابلو ڪريو توهان ويرن جي سنتان آهيو.

ڊوليا ۾ فساد ٿيا تڏهن بہ ستگرو مهاراج سنڌين جي دل وٺڻ لاءِ خاص سيڙجي ڊوليا مونکي بہ وٺي هليا. ستگرو مهاراجن ستايلن کي سانتونا ڏيندي سهائتا بہ ڪئي. پياري ڀاءُ مينگهراج ريلن کين سارو حال احوال ڏنو. ڊوليا ۾ سنت پهلاج پرڪاش پريم پرڪاش مندر سنڀاليندو هو. اُن مندر جي وارشڪ اُتسوَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ستگرو مهاراج ٻہ ٽي دفعا داس کي ڊوليا وٺي هليا. ڊوليا جي ڪن مدبرن ستگرو مهاراجن کي سنڌي ٻارن لاءِ اسڪول جي نئين عمارت اڏڻ لاءِ عرض ڪيو. ستگرو مهاراجن اُنهن جو اُتساهہ وڌائيندي کين هڪ لک روپيا ان عمارت اڏڻ لاءِ ڏنا. ان اسڪول جي ڀومي پوڄا اُتسوَ ۾ بہ ستگرو مهاراج مونکي وٺي هليا. مان ان اُتسوَ ۾ دان داتائن کي نئين عمارت اڏڻ لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏيڻ لاءِ اپيل ڪئي. اسڪول جي عمارت ٺهي تيار ٿي تہ اُن جي مهورتي اُتسوَ ۾ بہ ستگرو مهاراج مونکي پاڻ سان گڏ ڊوليا وٺي هليا. اسڪول تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو نالو رکيو ويو. ستگرو مهاراجن مونکي ۽ پياري مرليڌر کيماڻيءَ کي پنهنجي طرفان ان اسڪول جو عيوضي مقرر ڪيو.

ديولالي ڪئمپ ۾ ڀاءُ وڪيومل شراف پئنچايتي هال ٺهرايو. جيئي چند ڏينهن اُن جو مهورت ستگرو مهاراجن کي ڪرڻو هو. اُن ساڳي ڏينهن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ شام جو ۴ بجي ساموهڪ جڻين جو پروگرام رکيل هو. ستگرو مهاراج صبوح جو مونکي پاڻ سان گڏ ديولالي ڪئمپ ۾ وٺي هليا. شري وڪيومل شراف ۽ ڀين پريمين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ داس جو سواگت ڪيو. ستگرو مهاراجن پياري وڪيومل شراف کي ڌنيواد ڏيندي هال جو مهورت ڪندي چيو تہ پيارو وڪيومل سماج لاءِ وڪيل آهي. هوُ جتي ڪٿي سُڪرت جا ڪم ڪندو رهي ٿو. هوُ پنهنجي مايا سُڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي مان بہ شري وڪيومل شراف جي پر اُپڪاري خلق خدمت جي ڪارين جو ذڪر ڪيو. مهورتي اُتسوَ سماپت ٿيڻ بعد ستگرو

ن احمدآباد ۾ شري واسديو اُڏراڻيءَ ستگرو مهاراجن کي وينتي ڪئي تہ
ل آشا کي دبئي ضرور وٺي هلو مان سڀ ٽڪيٽون وٺي موڪليان ٿو.

مان پهريون دفعو دبئي ستگرو مهاراجن سان ويس اُتي اسان پياري
سديو اُڏراڻيءَ جي گهر رهياسين. پياري واسديو اُڏراڻيءَ سندس پتني آنندي
يڏي نہ شيوا ڪئي. سارو پريوار ۽ سوين پريمي ستگرو مهاراجن جو
شن ڪري باغ بهار ٿيا. مان سندن گهر ۾ ''گرو گهر ۾ آيا'' پاڇن لکيو.
هن مان اِهو پاڇن دبئيءَ ۾ ڳايو تہ پيارو شري واسديو اُڏراڻي سندس پتني
دي ۽ ٻيا ڪيترائي پريمي اِهو پاڇن ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيا. ستگرو مهاراجن
ئيءَ جي پريمين جي گهر ۾ چرڻ گهمايا. اُنهن ستگرو مهاراجن، سوامي
و پرڪاش مهاراجن، ڀين سنتن سان گڏ مونکي بہ پيٽائون ڏنيون. مان پاڻ
ن جنتا جناردن پريشد جو رسيد بوڪ ڪٽي ويو هوس. بروقت ئي مليل
امن جون رسيدون ڪيي واسطيدار پريمين کي ڏيندو ويس. اُهي پريمي
رس ۾ پيا پون تہ هي تانچ پيٽا اسان توهان کي ڏني آهي، توهان کي شيوا
ڪارين لاءِ الڳ ڏيون ٿا. مان موٽ ۾ کين چيو تہ پرماتما مونکي سٺي نوڪري
ي آهي. مان اوهانجون ڏنل پيٽائون دکين دريدرن جي شيوا ۾ سڦليون
ڪندس. مان ستگرو مهاراجن سان ٽئي دفعا جنتا جناردن پريشد جو رسيد
ڪ ۽ هڪ دفعو سوامي سروانند اسپتال جو رسيد بوڪ پڻ ڪٽي ويس. واپس
رندي اُهي درام پارتيہ روپين ڊرافٽ دواران ڪٽي آيس. ڪن پريمين شيوا
ڪارين لاءِ چيڪ پڻ ڏنا.

دبئيءَ ۾ ڪي متراڳ پرچيت هئا ۽ ڪن سان نئين ڏيٺ ويٺ ٿي.
ئن تہ شري وڪيومل شراف، واشولعل شراف، گوپال شراف، ڀاءُ مورجمل
نگهاڻي، ڊاڪٽر رام ٻاخشاڻي، شري لڪمياچند لُلا، ڀيڻ سُري لُلا، شري ڊالومل
تواڻي، سندس سپاتر چندرسين جتواڻي، ڀيڻ وينا رام ٻاخشاڻي، ڀيڻ ڪملا
ورجمل منگهناڻي، شري هيرانند ادناڻي، ڀيڻ اندرا ادناڻي، پيارو سندر
نگهناڻي، پيارو موهن منسڪاڻي، پيارو موهن چائو، ڀيڻ ڏني امرناڻي وي
ا واري، ڀيڻ ريڪا گانتي، ڀاءُ منوهرلعل راماچند راماچنداڻي، ڀاءُ اشوڪ
چنداناڻي، شري نارايڻ سانولاڻي، ڀيڻ پشپا اشوڪ چنداڻي، هريش ڪيماڻي،

سمايل آهن. هوُ هن صديءَ جو مهان ڪوي هو. مان به ان اُتسوَ ۾ ٻالهائيندي چيو ته بيوس پنهنجي دور جو اعليٰ شاعر به هو ته مضمون نويس ۽ ناٽڪ نويس به هو. هي صاحب عوام جو شاعر هو. هن صاحب ئي دادا هوندراج دکايل شاعر هري دلگير، پروفيسر رام پنجواڻي، شري گوبند ڀاٽيا جي شاعريءَ ۾ رهنمائي ڪئي. هي صاحب سادگي ۽ نمرتا جي مورت هو. پاڻ بيوس هوندي سوَن کي وس ۾ ڪيائين.

رات جو گونديا ۾ ساموهڪ واهن جو آيوجن ڪيو ويو. ستگرو مهاراجن جوڙن کي آشيرواد ڪندي ڪارگر صلاحون ڏنيون. مان به کين اپيل ڪئي ته اڄ کان اوهانجو گرهست جيون شرع ٿئي ٿو. اوهان پتنيءَ سان به نباهيو ساڻ ساڻ ماتا پتا ۽ گهر جي وڏڙن جي آگيا جو پالن ڪندي سندن سيوا ڪريو ته سندن آسيس اوهان کي اڏيندي.

ٻن سالن بعد وري گونديا ۾ سامهوڪ شادين جي سماروهه ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ستگرو مهاراج داس کي گونديا وٺي هليا. ستگرو مهاراجن جوڙن کي آسيس ڪئي ۽ ان ڏينهن ستسنگ ڪيو.

ڪٻير نگر سائين پريارام ڪالوني احمدآباد ۾ هرسال پيارو پرڪاش نيٽومل، لڇمڻ روهڙا ۽ سندس ساٿي سنت سائين پريارام صاحب جو ورسي اُتسو ملهائيندا آهن. ستگرو مهاراج ڪيترائي دفعا مونکي ان اُتسوَ ۾ وٺي هليا. مان اُن اُتسوَ ۾ ستسنگ ڪندي سنت پريارام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪندو هوس.

احمدآباد ۾ هن وقت جتي هوائي اڏو آهي، اُن ميدان جو ڪجهه حصو سرڪار سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم برپا ڪرڻ لاءِ ڏنو. اُتي عاليشان آشرم ٺهرائڻ جي يومي پوڄا اُتسوَ لاءِ ستگرو مهاراجن داس کي هوائي جهاز رستي اُتي گهرايو. سندن ڪيڏي نه عنايت جو داس کي ايڏو پيار ۽ آسيس ڏيندا رهيا. داس يومي پوڄا اُتسوَ ۾ صبوح جو ستسنگ ڪندي پريمين کي ان آشرم جي نرماڻ لاءِ سهيوگ ڏيڻ لاءِ اپيل ڪئي ۽ شام جو به ستسنگ ڪري رات جو وري هوائي جهاز ۾ ممبئي واپس آيس.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ ٽي دفعا جدا جدا سالن ۾ دبئي ويا. ستگرو مهاراج ٽئي دفعا مونکي دبئيءَ ۾ وٺي هليا. ستگرو مهاراج جڏهن پهريون دفعو دبئي وڃڻ وارا هئا

عي تي پونا ۾ وٺي هلندا هئا. جتي هڪ ڏينهن پياري سندرداس
اساٽيءَ جو سمرتي ڏينهن ملهايو ويندو هو. سنت اننت پرڪاش جي
ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۾ اٽوٽ شرڌا هوندي آهي.
دل ۽ جان سان ستگرو مهاراجن جو سواڳت سيوا ڪندا هئا. پيڻ پدما
رداس شوداساٽي شرڌا سان ستگرن جي شيوا ڪندي هئي. ماتا مور
اٽي ۽ پيڻ جيوتي پاروانٽي ۽ شري ڪشنچند پارواٽي ستگرو مهاراجن
انيہ شرڌالو هئا. ستگرن جي صدقي هوءُ مونکي بہ ڏاڍو پيار ڪندا هئا.

بروچ ۾ سنڌي پئنچايت طرفان هال جي نرماڻ لاءِ پومي پوڄا اُتسوَ
ڻ ستگرو مهاراج مونکي ساڻ وٺي هليا. مان دان داتائن کي آرٿڪ سهيوگ
لاءِ اپيل ڪئي.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن گانڌي نگر ڪولهاپور ۾
م جي پوک پوکي هئي. ستگرو مهاراج ڪيترائي دفعا داس کي سوامي
ونرام پريم پرڪاش مندر جي پومي پوڄا وقت، مهورت وقت ۽ پين
وَن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وٺي هليا. پهرين مان ستگرو سوامي ٽيئونرام
راجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون ۽ ستگرو مهاراجن
سماجڪ شيوائن جو ورڻن ڪندو هوس ۽ پوءِ ستگرو مهاراج ستسنگ
چن ڪندي تتل دلين کي ٺاريندا هئا. پيارو ٻلرام سانولاٽي، ماتا راڻي
سواٽي، هريرام سانولاٽي، مکي راڌومل ۽ ٻيا سوين شرڌالو ستگرو مهاراجن
صدقي ويندا هئا. هڪ دفعي پياري ٻلرام ستگرو مهاراجن، سنت ديو
ڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ داس کي گيڙو ٻڳون پهرايون. ستگرو
اراجن کي ٻڳوان شري ڪرشن سوروپ سمجهي ڪيئن نہ گانڌي نگر جا
ر پينر گوپيون گوال ٻٽاجي پريم وچان نچندا هئا.

ستگرو مهاراج مونکي پنبرپور ياترا ۾ بہ وٺي هليا. ستگرو مهاراج
دفعا امراپور آستان جئپور ۾ چيٽ جي ميلي تي وٺي هليا. هڪ دفعو
ن سان گڏ منهنجي ڌرمپتني لاجونتي بہ هئي. جڏهن مان اُتي ستسنگ ۾
ڻ شروع ڪيو تہ ٻارن کي لولي ڏيارڻ وارن جي لائين لڳي ويئي. ستگرو
امي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ ستگرو سوامي

شري هريش ڪلواڻي، پگوان اُترائي ۾ پڻ شيوا ڪارڻ لاءِ سهيوگ ڏنو.

بزرگ ڀاءُ ڏالومل جتواڻي منهنجون ڪئسيٽ ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو. پاڻ ذڪر ڪيائين تہ ڪيئن نہ هن پنهنجي سيني سپاترن کي گڏ ويهاري ڪئسيٽس ٻڌايون. پيارو ڏالومل مونکي جڏهن بہ گڏيو هو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پيتا شيوا ڪارڻ لاءِ ڏيندو هو. شري وڪيومل شراف وقت بہ وقت شيوا ڪارڻ لاءِ چيڪ موڪليندو هو. مذڪور ڀائرن جو سهيوگ اڄ بہ ملندو رهي ٿو. ستگرو مهاراجن سان گڏ سنت ديو پرڪاش مهاراج، سنت اننت پرڪاش، سنت منوهرلعل، سنت ٽوپڻداس، پيارو گيان لعل ۽ داس ٽئي دفعا دبئي ويو. اُتي گرو دربار، ايسٽوريا هوٽل، ڪميونٽي هال ۾ پڻ ڪيترن ئي پريمين جي گهرن ۾ ستگرو مهاراجن امرت وچنن جي ورکا ڪئي. سندن آگيا موجب داس بہ ڪن هنڌ ڀڄن ڳائيندي ستسنگ ڪيو.

دبئيءَ ۾ ڀاءُ گورڌن شرما ڪن سنڌي ساهتيڪارن سان گڏجاڻي رکي اُتي بہ مان پنهنجي ساهتيڪ مشغولين جو ذڪر ڪندي ڪي غزل ٻڌايا. سوامي جن داس کي ابو دبئي بہ وٺي هليا. دبئيءَ ۾ هڪ دفعي ڊاڪٽر رام ٻخشاڻيءَ خليج ٽائيمس جي عيوضيءَ کي گهرائي منهنجو انٽرويو وٺايو ۽ ٻئي ڏينهن اُهو انٽرويو منهنجي فوٽي سان گڏ خليج ٽائيمس ۾ شايع ٿيو.

ستگرو مهاراج مونکي ڪيترائي دفعا سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر پمپريءَ جي وارشڪ اُتسوَ ۾ وٺي هليا. جتي ستگرو مهاراجن امرت وچنن جي ورکا ڪندي پريمين کي امرت پيئاريندا هئا. ستگرو مهاراجن ڪان اڳ ۾ داس ستسنگ ڪندو هو. ماتا ستي ستڪار ڪندي هئي. هڪ دفعي ڀاءُ نانڪرام ايسراڻي سنڌي سماج طرفان پمپريءَ ۾ سميلن آيوجت ڪيو. ستگرو مهاراج اُن سميلن جو مهورت ڪندي سنڌي سماج جو مارگ درشن ڪيو. ستگرو مهاراج ان سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ مونکي بہ وٺي هليا. مان ان سميلن ۾ سنڌي سماج ۾ وڌندڙ ڪرسمن ڪان سماج کي بيدار ڪيو. پياري نانڪرام ايسراڻي ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪندي آڀار مڃيا.

ستگرو مهاراج داس کي هرسال سوامي چندنرام مهاراج جي ورسي

گرو مهاراجن جو سو اگت ڪيو. سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن پيدا آشرم جي
اڻ لاءِ پوڄا ڪرائي ۽ مان دان داتائن ڪي سهيوگ ڏيڻ لاءِ اپيل ڪئي. ستگرو
اجن پنجاهه هزار روپيا ڏيڻ جي پترائي ڪئي. ستگرو مهاراجن ۽ سوامي و اسديو
راجن آشيرواد وچن چيا. سنت دنيشلعل پرارٿنا گيت ڳايو. ٢٧ اپريل سن ١٩٨٧ع
سبوح جو اُن پيدا آشرم جو ستگرو مهاراجن مهورت ڪيو. ستگرو مهاراج مونکي به
وٺي آيا. هرسال ٢٧، ٢٨، ٢٩ اپريل اُتي سوامي پريمداس مهاراجن جو جنمدن
ا درٻار ۾ ملهايو ويندو آهي. هرسال ستگرو مهاراج مونکي ان اُتسوَ ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ
ي هلندا هئا. مان سنتن جي مهما ڳائيندو هوس پوءِ ستگرو مهاراج امرت وچنن
ي ورڪا ڪندا هئا. سندن برهملين ٿيڻ کان پوءِ داس هرسال اُتي حاضري ڀرڻ ويندو
ي.

ستگرو مهاراج ٻه دفعا مونکي ڀائونگر ٻه وٺي هليا. پياري ڀڳوانداس
ڏٽي ستگرو مهاراجن، سنت ديو پرڪاش، سنت گيانلعل ۽ مونکي هوائي
ماز رستي ڀائونگر وٺي هليا. اُتي سندس ڏيءَ ڪرشنا منگلاڻي جي گهر
ياسين. سندس سپترن ايشور، اشوڪ، گهنشيام ۽ پريم خوب شيوا ڪئي.
ي ڏينهن ڀائونگر ۾ ساموهڪ جڻين جي پروگرام ۾ ستگرو مهاراجن جڻيا
يندڙ ٻالڪن کي آشيرواد ڪندي سندر سکيائون ڏنيون ۽ مان ٻه ٻالڪن
ي آجيون ويشنو ٿي رهڻ جي صلاح ڏني.

ڀائونگر ٻه ٽي دفعا ساموهڪ وواهن جي سنٻنڌ ۾ ٻه مان ستگرو
اراجن سان گڏ ويس. ستگرو مهاراجن جوڙن کي آسيس ڪندي سکيائون
يون. مان ٻه ڪين صلاح ڏيندي چيو تہ گهر ۾ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا
ڪريو. وڏڙن جي آگيا جو پالن ڪريو. سندن شيوا ڪندا تہ پريو
رهانکي ميوا ڏيندو.

ستگرو مهاراج ساموهڪ شادين جي سنٻنڌ ۾ مونکي ٻه ٽي دفعا
امنگر ٻه وٺي هليا. پهرين ڏينهن پريم پرڪاش مندر ۾ ستگرو مهاراجن
تسنگ پروچن ڪندي پريمين جي پياس پوري ڪئي. مان ٻه پهرين ٻه
ي ڀڄن ڳائيندي جيون اُپيوڳي پرسنگ ٻڌايا.

ساموهڪ شادين جي سنٻنڌ ۾ هرسال ستگرو مهاراجن سان گڏ پرڀاس ڀاٽڻ
ڃٽو پوندو هو. اُتي ستگرو مهاراجن سان گڏ شري سومناٿ مندر جو درشن ٿيندو هو.

شانتي پرڪاش مهاراجن ديش وديش ۾ ڪيڏي نہ پريم جي پوک پوکي آهي. هزارين پريمي چيٽ ميلي ۾ شرڪت ڪندا رهن ٿا.

ستگرو مهاراج ڳانڌيدام ۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سنت ديو پرڪاش، پياري ٽوپڻداس، گيانلعل، مونکي هوائي جهاز ۾ ڳانڌيدام گڏ وٺي هليا. اُتي بہ مان امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جيون تي روشني وجهندي سندن مهما جو ٻاڇن ڳايو. ستگرو مهاراجن ستسنگ پروچن ڪندي ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جيون جا ڪيترائي پريرڻادايڪ پرسنگ ٻڌايا. پياري سڳنارام ستگرو مهاراجن جا آپار مڃيا.

آديپور ۾ سوامي ليلا شاهہ مهاراجن جو جنمدن اُتسوَ سندن ئي آستان تي ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان ملهايو ويندو آهي. هڪ دفعي شرڌالن ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي خاص نمنترڻ ڏئي آديپور گهرايو. ستگرو مهاراجن سان گڏ سنت ديو پرڪاش مهاراج، سنت ٽوپڻداس، پيارو گيانلعل، مان ۽ پيارو ڀڳوانداس موٽواڻي وياسين. اُتي بہ ڏينهن ستگرو مهاراجن ستسنگ پروچن ڪندي سوامي ليلاشاهہ مهاراجن جي تياڳمير جيون ۽ خدمتن جو ورڻن ڪيو. مان بہ ستسنگ ڪندي سوامي ليلا شاهہ مهاراجن جا ڪي شخصي آزمودا ٻڌائيندي سندن مهما ڳائي. بہ ڏينهن اسان اُتي آستان تي رهياسين. هڪ ڏينهن گيارس هئي. ڀيڻ نشا ڏاسواڻيءَ جي گهر ستگرو مهاراجن سان گڏ ڀوڄن ورتايو. رات جو پياري هري لونگاڻيءَ جي گهر جل پان ڪري نارايڻ سر تيرٿ لاءِ روانا ٿياسين. ستگرو مهاراجن جي سنگ سبب مونکي تيرٿ نارايڻ سر جو درشن نصيب ٿيو.

دادا ليلارام پرسواڻي وارشا ڪالوني ٻڙودا ۾ سوامي پريمداس سيوا نڪيتن طرفان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ڪندا هئا. هوُ سنتونگر ۾ سوامي شانتي پرڪاش هيڊا آشرم ڏسي پريرت ٿيا ۽ ٻڙودا ۾ پڻ هيڊا آشرم کولڻ جي رٿا رٿيائون. هنن هيڊا آشرم جي يومي پوڄا اُتسوَ لاءِ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي عرض ڪيو ۽ مونکي بہ ان اُتسوَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ چيو. ٢٤ مئي سنہ ١٩٨٦ع آرتوار صبوح جو مان ستگرو مهاراجن سان گڏ ٻڙودا پهتس. دادا ليلارام پرسواڻي، سوامي واسديو مهاراجن، پياري نيتومل

ک ۾ پوڄيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو شاهي پتلو استاپن ڪرڻ مهورتي اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو. ان لاءِ ڪارپوريشن پورو پورو سهيوگ ڏنو. ان اتسوَ نتد ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراج مونکي ۽ سنت اننت پرڪاش کي احمدآباد ي هليا. اُتسوَ کان هڪ ڏينهن اڳواٽ پريس ڪانفرنس رکي ويئي جتي مان ستگرو مي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پراُپڪاري ڪارين تي چٽي روشني وڌي. سوامي پرڪاش مهاراج آشيرواد وچن چيا. ٻئي ڏينهن شام جو سردارنگر چونڪ تي ي رستن تي هزارين شرڌالو پريمي ويٺل نظر آيا. هن موقعي تي ايم.پي هرين پاٺڪ يل هو. ان موقعي تي مان ستگرو مهاراجن جي جيون تي مختصر روشني وڌي. امي ديو پرڪاش مهاراجن، سنت اننت پرڪاش شري هرين پاٺڪ ۽ مان ڪرين چڙهي ستگرو مهاراجن جي مورتيءَ کي هار پاتا. احمدآباد پهريون شهر هو جتي رو مهاراجن جو يادگار پتلو استاپت ڪيو ويو.

سوامي ديو پرڪاش مهاراج مونکي ٽي چار دفعا سائين پرپارام صاحب جي سي اُتسوَ سنهنتد ۾ ڪپيرنگر احمدآباد وٺي هليا. سوامي ديو پرڪاش مهاراج ريءَ ۾ ٻہ ٽي دفعا پريم پرڪاش مندر جي وارشڪ اُتسوَ لاءِ وٺي هليا. شري ياچند سنگدل، ڊيپٽ ملڪاڻي ڪارپوريٽر ۽ ٻين جي سهڪار سان پمپري ڪئمپ ي هڪ چونڪ تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو ارڌ پتلو لڳائڻ جو اءُ ڪارپوريشن ۾ پاس ڪرايو. ستگرو مهاراجن جي ان مورتي استاپن اُتسوَ لاءِ ٻہ امي ديو پرڪاش مهاراج داس کي پمپري ڪئمپ وٺي هليا. مان ان اُتسوَ ۾ ستگرو اجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

سوامي ديو پرڪاش مهاراج مونکي گوترا ٻہ پاڻ سان وٺي هليا جتي هڪ نڪ تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مورتي چونڪ تي استاپت ئي ويئي. مان اِن اُتسوَ ۾ پڻ ستگرو مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو ۽ سوامي ديو ڪاش مهاراج مورتيءَ جو مهورت ڪيو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم دتيا طرفان پهرين ماڙي تي مي هال ٺهرايو ويو جنهن تي سوامي ديو پرڪاش مهاراج جو نالو رکيو و. مان اِن هال جو مهورت ڪندي اُتان جي شرڌالو پريمين کي ڌنيواد ڏني. هال ۾ هرسال اکين جا مفت آپريشن ڪرايا ويندا. ٻئي ڏينهن صبوح جو اُن هال ۾ اکين جو مفت ڪئمپ جو مهورت سوامي ديو پرڪاش مهاراجن يو. ڪيترن جي اکين جا مفت آپريشن ڪيا ويا. سوامي جن ۽ مان اُتي

ويراول کان پرياس پائڻ ويندي رستي تي اُن آستان تي بہ نتمستڪ ٿيو هو، جتي يوڳ يشور ڀڳوان شري ڪرشن پنهنجي جيون ليلا سماپت ڪئي. اُن آستان تي ڀڳوان جي مورتيءَ جو درشن ڪري من پرجي اينلو هو. ويراول کان موٽندي رستي تي ويرپور ۾ سنت جلارام جي ساڌنا استل جو بہ درشن ٿيندو هو.

ڪوٽا راجستان ۾ امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جو ورسي اُتسوَ ملهايو ويو. ستگرو مهاراج مونکي بہ ساڻ وٺي هليا. اُتي ستگرو مهاراجن ۽ سيٺ شولداس هرگنداس جي پريرڻا ۽ آسيس سان هلندڙ گئوشالا بہ نظر مان ڪيي. رات جو ستگرو مهاراجن ستسنگ پروچن ڪندي ڀڳت ڪنوررام صاحب جي پراُپڪاري جيون جا پرسنگ ٻڌايا. ستگرو مهاراجن کان پهرين داس ڀڳت ڪنوررام جي حياتيءَ سنبنڌ ۾ ڳالهائيندي سندن مهما ڳائي.

اُجين ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. ستگرو مهاراجن اُتي پريم پرڪاش منڊل طرفان ڇانوڻي لڳائي. سوين صدقي اُتي آيا. ستگرو مهاراجن داس کي بہ آگيا ڪئي. اُتي ڪپرا نديءَ ۾ اشنان ڪندي ڀڳوان شنڪر جي اتهاسڪ مندر جو درشن ٿيو.

مان خوش نصيب آهيان جو ستگرو مهاراجن سان گڏ سفر ڪندي، سندن شيوا ڪرڻ جو سونهري وجهہ بہ مليو تہ سندن امرت وچنن ۽ پاٺن شروڻ ڪرڻ جو موقعو مليو. سندن ويچارڌارا ۽ سندن ڀڳتي ڪاريہ جو مون تي ڪافي پرڀاءُ پيو.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي برهملين ٿيڻ بعد هڪ دفعو سوامي ديو پرڪاش مهاراج مونکي دبئي وٺي هليا. اُتي پريمين داس کي ڪافي قرب ڏنو. اُتي هڪ ڏينهن آسٽوريا هوٽل ۾ ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ۽ منهنجو سواگت ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر ديال آشا پورن چوهن سالن بعد هتي دبئيءَ ۾ آيو آهي. دبئي ويڃهو هوندي بہ هوُ ايتري مدت بعد آيو آهي. هي پيارو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪرپا سان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ڪندي تعليم ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ يوگدان ڏئي رهيو آهي.

احمدآباد جي شرڌالو پريمين جي پرشارٿ سان سردارنگر جي شاهي

حسد جي دور مان

حسد انساني فطرت آهي. ڪي سائينءَ جا سنو اريا ٻي ڪنهنجي ترقي
ي اُن ڪي ڪنهن نہ ڪنهن نموني بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هوُ بنا
ع ويچار جي ڪنُون ڪوڙيندا آهن، ڪوڙا الزام لڳائيندا آهن. شايد اُنهن جو وويڪ
هوندو آهي. جنهنجو وويڪ بيدار هوندو آهي سو اهڙا ڪسا ڪم ڪين ڪندو.
بہ حسد جي باهہ جي دور مان گذريو آهيان. جڏهن مان بي جي تلڪ
ڪول ۾ پڙهندو هوس تہ اسڪول جي وياڪيان چٽاپيٽي، ڳائڻ ۽ منچ تي
ن ايڪانڪي ناٽڪن ۾ ڀاڱ وٺڻ سبب مونکي وقت بہ وقت انعام ملندا
منهنجا ماستر چاهي ماسترياڻيون مونکي ڀائيندا هئا. اِها ڳالهہ ڪن
ڪلاسين ڪي ڪين وڻندي هئي. ڪن شرارتين شرارت شروع ڪئي.
ن ڪلاس ۾ رکيل ٽيبل جي وٽين ۾ ناس پري ڇڏي. اسانجي ڪلاس ٽيچر
ي لڪشمي دودا ٽي جيئن ئي ڪرسيءَ تي ويهي ڪتاب ٽيبل تي رکي
مڻ لڳي تہ اُن ناس سبب ڪيس ڇڪون اچڻ شروع ٿيون! منهنجي پتاجن
ناس جو ڌنڌو هو. مان بہ موڪل ڪان پوءِ پتاجن ڪي ڌنڌي ۾ مدد ڪندو
س. شرارتي هم ڪلاسين دادي لڪشمي دوداڻيءَ جا ڪن ڀريا تہ ٽيبل
ي ڏارُن ۾ مان ناس پري آهي اُنڪري اوهان ڪي ايڏيون ڇڪون آيون آهن.
شڪايت منهنجي گهر پهتي. مان گهروارن ڪي چيو تہ مان هرروز
نجي اسڪول جي ماستر صاحبن ڪي پرڻام ڪندو آهيان، اِهو ڪسو
م مان ڪيئن ڪندس! ٻي ڏينهن مان اسڪول ۾ وڃي دادي لڪشميءَ
پريل دل سان چيو تہ مونکي اوهان لاءِ بيحد عزت آهي. مان تہ اسڪول
چڻ سان سيني اُستادن ڪي نت مستڪ ٿي آسيس وٺندو آهيان، پوءِ مان

رات جو ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن اُتان مونکي گو اليار وٺي هليا. اُتي نماشام جي وقت سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ ڪري وري رات جو ئي دهليءَ لاءِ روانا ٿياسين. دهليءَ ۾ سنتو سماج وارن هڪ ماڙي تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو نالو رکيو ۽ ستگرو مهاراجن جي مورتي استاپت ڪئي. شري يوچراج وڻجاڻي سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ۽ منهنجو سنتو سماج طرفان سواگت ڪيو. شري يوچراج وڻجاڻي منسٽر صاحب سنگهه جي غيرحاضريءَ ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن هٿان مونکي شيلڊ ۽ سنتو رتن جي اُپادي ڏياري سنمانت ڪيو.

سوامي ديو پرڪاش مهاراج ٻه ٽي دفعا مونکي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر رام نگر سورت جي وارشڪ اُتسوَ ۾ پڻ پاڻ سان گڏ وٺي هليا. سوامي ديو پرڪاش مهاراج چار دفعا مونکي پاڻ سان راجڪوٽ ۽ وير اول ساموهڪ وواهن سنبنڌ ۾ ٻه وٺي هليا. سنتن ستگرن سان سفر ڪرڻ ۾ پنهنجو آنند آهي.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج چوندا هئا پيارا تون ڪاليج مان رٽايرڊ ڪر ته پوءِ توکي سدائين پاڻ سان گڏ وٺي هلون. تون جيڪر هارمونيم ٻه سک ته اسان کي ٻئي ڪنهنجي ڪاڻ ڪيڏي ڪين پوندي. سفر ڪندي ٻه ستگرو مهاراجن داس کي ڪيڏو نه پيار ڏيندا هئا. اُنهن جي پيار جو ذڪر ڪندي اکيون آليون ٿين ٿيون.

اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ٻُڌن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن،
سندي سک پرينءَ لوڪن ڏٺي نه لهي.

(شاه صاحب)

☺☺☺

ٽ ۾ گھٽ مارڪون ڏجو. مان سندن چوڻ جي انحرافي ڪندي توکي
جون مارڪون ڏنيون ۽ ٻين توکي زوريءَ گھٽ مارڪون ڏنيون آهن.
ن ڪي اڳواٽ پرون پئجي ويا آهن تہ متان تون ڪاليج ۾ سنڌي ليڪچرار
ئين! مونکي هاڻي آئينده ٻاهريون اگزئمنر طور ڪين گهرائيندا چاڪاڻ
مان واسطيدار سنڌي پروفيسرن جي حڪم جي انحرافي ڪئي آهي.
ي بي اي ۾ فرسٽ ڪلاس ملڻ گهربو هو پر توکي لوور سيڪنڊ ڪلاس
ڪون ڏنيون ويون آهن. اِهو ٻڌي مان عجب ۾ پئجي ويس! پر ڏاڍن
ان چا ٿو ڪري سگهجي! اُٽندو اُها جا ڪوريءَ جي من ۾ هوندي.
فيسر رام پنجواڻي ۽ پروفيسر ارجن شاد نہ پئي چاهيو تہ مان ڪنهن
اليج ۾ سنڌي پاڙهيان. بندي جي من ۾ هڪڙي تہ صاحب جي من ۾ ٻي.

ڪي سي ڪاليج ممبئيءَ ۾ پروفيسر ليکراج عزيز سنڌي پاڙهيندو
. هن صاحب جون سنہ ۱۹٦۴ع ۾ رٽايرڊ پئي ڪيو. اُتي سنڌي ليڪچرار
ي نوڪريءَ لاءِ گهڻن ئي ڪوشش ڪئي پر ڪرتار جي ڪرپا، دادا
ڏو ٽي ايل واسواڻي، پياري دادا جشن واسواڻيءَ، ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراجن جي آسيس سان مونکي ڪي سي ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم
نڌي ليڪچرار جي نوڪري ملي. مان ٽي ڏينهن ممبئي ۾ پاڙهيندو هوس
ي ڏينهن نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پاڙهيندو هوس. ساڳي وقت مان پنهنجو
باس بہ چالو رکيو. سنہ ۱۹٦۵ کان اُلهاسنگر ۲ ۾ حيدرآباد سنڌ نئشنل
اليجئيٽ بورڊ طرفان شريمتي چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج شروع ٿيو.
ا هوتچند آڏواڻي پريزيڊنٽ ۽ پرنسيپال ڪي ايم ڪندناڻي بورڊ جي
ڪريٽري جي عنايت سان مان چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج ۾ پارٽ ٽائيم
نڌي ليڪچرار مقرر ٿيس. ٽي ڏينهن ممبئي ايچ آر ڪاليج ۾ ۽ ٽي
ينهن چاندي ٻائي ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندو هوس. چاندي ٻائي منسکاڻي
ڪاليج جو پهريون پرنسيپال ڊاڪٽر آر-وي ڀاڳوت صاحب هو. پرنسيپال
ڪي ايم ڪندناڻيءَ کيس چيو هو تہ پروفيسر ديال آشا اُلهاسنگر جو بيٺل
شخص آهي توکي ڪوبہ ڪم هجي تہ هن کان سهڪار وٺندو ڪر. اِها ڳ
ہ پرنسيپال ڊاڪٽر ڀاڳوت کي نہ آئڙي.

هي ڪم ڪيئن ڪندس؟ اوهان بلاشڪ جاچ ڪريو. دادي لڪشمي دوداڻي جاچ ڪئي تہ ڪيس پروڙ پيئي تہ مونکي اُستادن جي نظرن ۾ ڪيرائڻ لاءِ هڪ ٻن شرارتي شاگردن اِهو ڪسو ڪم ڪيو آهي.

اسانجي ڏينهن ۾ مئٽرڪ يارهين درجي ۾ هئي مان ڏهون ۽ يارهون درجو نيتاجي هاءِ اسڪول اُلهاسنگر ۴ ۾ پڙهيم. نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي مان اسڪول جي سانسڪرتڪ پروگرامن ۾ سڪريہ رهيس. اسڪول جي هال ۾ وقت بہ وقت مهاتما گانڌي، نيتاجي سڀاش چندربوس، ڪوي ڪشنچند بيوس ۽ ٻين ساهتيڪارن ۽ ديش ڀڳت جا ڏينهن ملهائيندو هوس. منهنجي پريرڻا سان پهرين نيتاجي مخزن شايع ٿي. اُن مخزن جي مهورتي اُتسو ۾ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ پنهنجو هار لاهي منهنجي گلي ۾ وجهندي منهنجي همٿ افزائي ڪئي تہ ڪن کُند کُند شروع ڪئي. سنہ ١٩٥٥ع مان سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي ۾ ماستريءَ جي نوڪري شروع ڪئي. نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪندي مان وقت بہ وقت جدا جدا سنڌي ودوانن، پروفيسر رام پنجواڻي، پرنسپال ايل ايڇ اجواڻي، پروفيسر سنگهارام ملڪاڻي، دادا هوندراج دکايل، سائين پرسرام ضيا، سنگيت آچاريہ ماستر چندر ۽ ٻين هستين کي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ مکيہ مهمان طور گهرائي پروگرام رکندو هوس. مان جڏهن بي اي سنڌ نئشنل ڪاليج باندرا ۾ پڙهندو هوس تہ بي اي اسپيشل سنڌي صرف مان ۽ هڪ نياڻي شيلا ڀڳت ڪنئي هئي. مان عربي سنڌيءَ ۾ ۽ شيلا ڀڳت ديوناگري لپيءَ ۾ جوابي پيپر لکندا هئاسين. مان ڪاليج جي ڇهہ ماهي ۽ پرلمنري امتحان ۾ سنڌي پيپرن ۾ ٧٠-٧٥ سيڪڙو مارڪون کڻندو هوس. جڏهن مان بي.بي يونيورسٽي امتحان ۾ ويٺس، نتيجو ظاهر ٿيو تہ مونکي تمام گهٽ مارڪون مليون. صبر ڪري رضا تي راضي رهيس. تن ڏينهن ۾ ايم اي سنڌيءَ ۾ ڪونہ هئي. انڪري مان ايم اي ۾ هندي وشيہ ڪنيو. مان هڪ ڏينهن نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پاڙهي رهيو هوس تہ سنڌيءَ جو عالم اُستاد پروفيسر سترامداس سائل جو احمدآباد ۾ رهندو هو، سو مون سان ڪتابن جي سلسلي ۾ ملڻ آيو. حالي احوالي ٿيندي مونکي چيائين "ديال توسان بي اي امتحان ۾ نلحق ٿيو آهي! تنهنجا پيپر چڪاس ڪندڙ هڪ مان. ٻيو پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي ۽ ٿيون ارجن شاد هئاسين. اسانکي چيو ويو تہ ديال آشا کي

پرنسيپال ڪندناٽي صاحب ٻه ممبئي روانو ٿيو ته پرنسيپال جي ايڇ
جا پروفيسر ڪلڪرنيءَ جي منهن تي مون تي حد کان وڌيڪ ڪاوڙ
ي. بنا ڪنهن قصور جي، چانديءَ جي ٿالهيءَ جي پترائي ڪيس پوسرائي
و. مان موم دل ورور ويچاريندو رهيس ته مان زندگيءَ ۾ ڪنهن کان
ندو ڪين آهيان. پرنسيپال ڪي ايم ڪندناٽي صاحب منهنجي
شناسي ڪرڻ لاءِ مونکي چانديءَ جي پليٽ پيٽ ڪرڻ جي صرف پترائي
ي آهي ته اُن پترائي پرنسيپال ۽ ٻين ڪن پروفيسرن ڪي پوسرائي ڇڏيو
. اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني! ٻه ٽي ڏينهن منهنجو من پريل
و. ٻي ڏينهن مان پونا پياري دادا جشن واسواڻي ڪي فون تي احوال
. پياري دادا جشن منهنجي دل وٽندي آٿت ڏنو. مان پرنسيپال ڪندناٽي
حب جي گهر ويس ۽ کيس حقيقت کان واقف ڪندي چيم ته اوهان قرب
ري داس جي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ مونکي چانديءَ جي پليٽ تحفي طور
جي پترائي ڪئي ته اوهانجي وڃڻ کان پوءِ پرنسيپال آهوجا خام خواه
ن تي پڙڪيو. مونکي چانديءَ جي ٿالهي نه پر اوهان جون شڀ
امنائون ۽ پيار ڪافي آهي.

ڪجهه سالن بعد پرنسيپال آهوجا صاحب کي ڪن مجبورين سبب
ات ئي رٽايرڊ ڪرڻو پيو ته مان پنهنجي دوست پروفيسر ڪنعيالعل تلريجا جي
رنسيپال ڪي ايم ڪندناٽيءَ کي سفارش ڪئي ته پروفيسر ڪنعيالعل تلريجا
ٺ شخص آهي کيس پرنسيپال جو وجهه ڏنو وڃي. بورڊ پرنسيپال جو پد پروفيسر
نعيالعل تلريجا کي ڏنو. منهنجو ڪرسيءَ ۾ موهه ڪين هو. ڪجهه سالن کانپوءِ
چتو ئي مئنيجمينٽ مونکي ان ڪاليج جو وائيس پرنسيپال مقرر ڪيو. ان پد لاءِ
ڪابه درخواست ڪين ڪئي هئي. ڪجهه عرصي بعد پرنسيپال تلريجا
حب کي مئنيجمينٽ جو ليٽر آيو ته ڪاليج جي هر چيڪ تي ڊاڪٽر ديال
جا جي ڪائونٽر صحي لازمي آهي. اِن ڳالهه پرنسيپال تلريجا کي پوسرائي ڇڏيو.
صاحب دوستاڻا ۽ مانوتا جا ليڪا لنگهي مونکي هڪ گيارس جي ڏينهن ست
ج ميمو ڏنو جنهن ۾ مون تي سڀ ڪوڙا ٻي بنياد الزام لڳايا ويا!

پرنسيپال تلريجا صاحب سان سالن کان دوستاڻا ناتا رهيا پر افسوس
هنجا سڀ احسان وساري هن اِهو غلط ڪم ڪيو. مون مان ڪيس اِهو ڊپ

مهاراشٽر جو مکيہ منتري شري وي پي نايڪ اُلھاسنگر ۾ اچڻو هو. سندس پروگرام ريجينٽ سئنيما ۾ رکيو ويو. تن ڏينهن ۾ شري ريو اچند سدارنگاڻي اُلھاسنگر ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو. مون تي ڪم رکيو ويو تہ مکيہ منتريءَ جي آجيان ۾ مان سوا گت گيت ڳايان. ان اُتسوَ جو نمنترڻ پرنسيپال ڊاڪٽر ڀاڳوت کي بہ مليل هو تنهن مونکي چيو تہ مان هتي نئون ماڻهو آهيان مونکي بہ پاڻ سان گڏ ريجينٽ سئنيما ۾ وٺي هلج. مان کيس پاڻ سان گڏ ان اُتسوَ ۾ وٺي ويس. ان اُتسوَ ۾ ڊاڪٽر ڀاڳوت کي هيٺ درشڪن جي ڪرسيءَ تي وهاريائون ۽ مونکي اسٽيج تي ويهاريو ويو. مکيہ منتري شري وي پي نايڪ صاحب وقت سر اُتسوَ ۾ پڌاريو ۽ مان سندس آجيان ڪندي هنديءَ ۾ سوا گت گيت ڳايو. اِها ڳالھہ ڊاڪٽر ڀاڳوت کان سٺي نہ ويئي. هن ٻي ڏينهن بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ کي لکي موڪليو تہ ”پروفيسر ديال آشا ڪاليج ۾ دلچسپي نٿو وٺي ٻاهرين پروگرامن ۾ پورو آهي.“ ڪجھہ ڏينهن بعد بئريسٽر هوتچند آڏواڻي ڪنهن اُتسوَ سنبنڌ ۾ چاندي ٻائي ڪاليج ۾ آيا ۽ مونکي پاسيرو وٺي اِها ڳالھہ ٻڌايائون مان ٻڌي تپرس ۾ پئجي ويس ۽ من ۾ پرجي آيو تہ مان هرڳالھہ ۾ ڪاليج جي ترقيءَ لاءِ پرنسيپال کي سهيوگ ڏيندو آهيان. تنهن هوندي بہ هوُ ناخوش آهي. بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ کي منهنجي سياوَ ۽ مشغولين جي ڄاڻ هئي. هوُ منهنجو قدردان هو هن مونکي ياڪر پائيندي ڏڍ ڏنو. مکيہ منتري واري اُتسوَ ۾ مونکي منچ تي ويهاريو ويو ۽ پرنسيپال ڀاڳوت کي هيٺ درشڪن ۾ وهاريو ويو انڪري حسد وچان هن صاحب منهنجي خلاف مئنيجمينٽ کي لکيو. اِها ايرکا جي ڀاونا هئي.

شريمتي چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج جي هڪ وارشڪ اُتسوَ جي موقعي تي پرنسيپال ڪي ايم ڪندناڻي صاحب ڪاليج لاءِ منهنجي ڪيل خدمتن کي خيال ۾ رکي صدارتي تقرير ڪندي پڌرائي ڪئي تہ پروفيسر ديال آشا جي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ مان کيس ٻي اُتسوَ ۾ چانديءَ جي ٿالهي ڀيٽ ڪرڻ جي پڌرائي ٿو ڪريان. اِها پڌرائي پرنسيپال جي اياڻ آهوڄا کي نہ وڻي ۽ شايد ڪن حاسد پروفيسرن بہ کيس ڀڙڪايو. اُتسو سمايت

ت ئي رٽايرڊ ڪري ڇڏيان جيئن ڪين پرنسيپال ٿيڻ جو وجھہ مليو. ان
فهميءَ سبب مان ڪجھہ وقت رهيل موڪل ڪائيندي بہ ڪاليج ويندو
س چاڪاڻ تہ چيڪ وائوچر تہ مونکي ئي صحي ڪرڻا پوندا هئا.
نجا قدردان بئريسٽر هوتچند آڏواڻي صاحب چار سال اڳ ۾ پرنسيپال
ايم ڪندناڻي صاحب بہ سال اڳ سنساري سفر سماپت ڪري سڳندي
يا هئا. حسد وچان ڪيئن نہ ماڻهو غلط فهميون پيدا ڪن ٿا!

ان ۾ بہ سائين جو ڪو راز رکيل هو ڪاليجئيٽ بورڊ جي
ريذنٽ بئريسٽر اشوڪ آڏواڻي، ڊاڪٽر ايل ايڇ هيرانند اڻي، شري
گرسهاڻي منهنجي قدرشناسي ڪندي مونکي رٽايرڊ ڪرڻ بعد چئن
لاءِ بورڊ جو پهريون پروفيسر آف ائمرٽس سنڌي ۾ مقرر ڪيو. ان پد
الڻ لاءِ مونکي ساڳي پرنسيپال جي پگهار ۾ ڪار بہ ڏني ويئي. مخالفتين
حسد وچان غلط فهميون پيدا ڪيون تن جا ڊير ڊرا ٿي ويا!

نومبر سنہ ۱۹۶۹ع ۾ شري گرونانڪ جنمدن مونکي جدا جدا
ڪاري ادارن طرفان ٻن انعامن ڏيڻ جي پترائي ٿي. هڪ انعام هڪ هزار
يا ''شري لعل بهادر شاستري'' ڪتاب تي وڏڙن ٻارن لاءِ چٽاپيٽيءَ ۾
ٽري آف ايڊيوڪيشن ڀارت سرڪار طرفان ۾ ٻيو انعام UNESCO
نجي هست لکت ڪتاب 'شل اهڙا لعل جمن' تي ۱۴۰۰ روپيا جو انعام
يڪراٽ چٽاپيٽيءَ ۾ مليو. ڪن اديبن کي انهن انعامن پوسرايو. مايہ ناز
ڪا منهنجي اُستاد پروفيسر پوپٽي هيرانند اڻيءَ سنڌو ڌارا اخبار ۾ وڏي
ي سان 'ينيور کي باهہ لڳي' ليک لکيو، جنهن ۾ هن منهنجي خلاف لکيو
ديال آشا کي بہ انعام عطا ٿيا اِهو ناحق آهي. ڪيس هڪڙو بہ انعام ملڻ
ين گهربو هو. ڪنهن ساڻ منهنجو اِن ليک ڌانهن ڌيان ڇڪايو. مان
ب پڙهي دادي پوپٽيءَ کي باادب خط لکيو -

''مانيور دادي پوپٽي، 'سنڌو ڌارا' ۾ اوهانجو ليک پڙهيم. مونکي
ي ٻئي انعام چٽاپيٽين ۾ مليا آهن، هڪ ڇپيل ڪتاب تي ٻيو اڻڇپيل
تاب تي. مالڪ جي مهر آهي، توهان جون بہ شڀ منگل ڪامنائون آهن.
انجي منهن ۾ مصري پوندي جو ايندڙ سال بہ متان مونکي ڪو انعام

هو تہ متان مان پرنسيپال ٿيان انڪري منهنجا پير ڪٽڻ لاءِ هن صاحب ست پيلج ٽائيپ ٽيل ميمو مونکي ڏنو ۽ اُن جي ڪاپي پرنسيپال ڪندناٽي صاحب کي موڪلي. منهنجي نرم دل سنگدل جا صدما ڪيئن سهي! مان سانت ۾ رهيس. جيئن ئي ان ميمو جي ڪاپي پرنسيپال ڪندناٽي صاحب ۽ بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻي کي ملي تہ اُنهن هڪدم اُهو ميمو واپس وٺڻ لاءِ پرنسيپال صاحب کي چِٺ ڪئي. مان پرنسيپال تلريجا صاحب جو سدائين خيرخواه رهيس ۽ اڄ تائين مترتا نڀائيندو آهيان. ڪيترا سال اڳ پرنسيپال ايل ايچ اجواڻيءَ پنهنجي گهر ۾ مونکي صلاح ڏيندي انگريزيءَ ۾ هيٺيون جملو چيو

'O God! Save me from my Friends.'

مان تڏهن پرنسيپال اجواڻيءَ صاحب کي چيو تہ ڀڳوان دشمنن کان بچائي دوست تہ دوست ٿيندا. تڏهن پرنسيپال اجواڻي صاحب مونکي چيو تہ ''هڪ ڏينهن تون منهنجي ان جملي جو انڀوَ ڪندين.'' پرماتما جي ڪرپا، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس سان بئريسٽر هوتچند آڏواڻي صاحب مونکي جئہ هند ڪاليج ممبئي ۽ نئشنل ڪاليج باندرا جي پرنسيپال ٿيڻ جي آڇ ڪئي. پر ستگرو مهاراجن جي آگيا موجب مان اُلهاسنگر کان ٻاهر پرنسيپال جي پد سنڀالڻ کان انڪار ڪيو. ڪجهہ مهنن بعد اوچتو ئي مونکي پرنسيپال ڪندناٽي صاحب خط موڪليو تہ بئريسٽر هوتچند آڏواڻي پريزيڊنٽ صاحب جي صلاح سان توهان کي چانڊي ٻائي منسڪاٽي ڪاليج جو ائڪٽنگ پرنسيپال مقرر ڪجي ٿو. ڇهن مهنن کان پوءِ مون کان درخواست گهرائي مونکي ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو. جنهن پد سبب مون سان حسد ڪيو ويو سو پد بنا گهرڻ جي، بنا چاهڻ جي مونکي مليو. ١٦ ڊسمبر سنہ ١٩٩٦ع ۾ مان ڪاليج مان رٽايرڊ ٿيڻ وارو هوس تہ ڏهہ ٻارهن مهنا اڳ ئي ڪن پريوءَ جي پيارن حسد وچان منهنجي خلاف ڪاليجئيٽ بورڊ کي لکي موڪليو تہ ڊاڪٽر ديال آشا جي ڪاليج ۾ ڪابہ دلچسپي ڪونہ آهي. اسان ئي ڪاليج جو ڪاروبار هلائيندا آهيون. سندن مراد هئي تہ مان

نجو قدردان هو. هو پنهنجي ڪاليج جي پرنسيپال کي چوندو هو تہ اسان وٽ
آشا جهڙو پروفيسر هئڻ گهرجي. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي اُن ڪاليج ۾ سنڌيءَ
پروفيسر هو. اُن ڀاءُ کي اِها ڳالهہ ڪين وڻندي هئي تہ سنڌن پريزيڊنٽ منهنجي
اهہ جي سرڪي پري. ادب ۽ علم ۾ منهنجي ترقي سبب سندس من ۾ حسد
ياونا رهي موٽ ۾ مان ساڻس سٺو ورتاءُ ڪندو هوس. هڪ دفعي هن ڪاليج جي
و الي کي مون ڏانهن چٺي لکي ڏني تہ هن کي نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ مدد ڪاجِ.
تن ڏينهن ۾ ٢٥٠ روپيا جنتا جناردن پريشد طرفان هر گهرجائو نياڻيءَ کي ڏيندو
س. مان هڪدم و ائوچر ٺاهي اُن پٽيو الي کي بہ ٢٥٠ روپيا ڏنا. ٿورن ڏينهن بعد
نهن منهنجو 'آزادي' اخبار ڏانهن ڏيان ڇڪايو جنهن ۾ لکيو هو تہ مان ڪاليج
پٽيو الي جي نياڻيءَ جي شادي لاءِ پنج سؤ روپين جي و ائوچر تي صحيح وٺي
س ادائي سؤ ڏنا آهن. مان اِها خبر پڙهي دنگ رهجي ويس. هڪدم شاديءَ و ارو
وچر ڪيائي 'آزادي' اخبار جي سمپادڪ شري سنمک ماکيجا وٽ ويس ۽ کيس
ر اپو ڏيندي چيو "ماکيجا صاحب! اوهان مونکي سالن کان سڃاڻو، اوهان اسانجي
ڊو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جا ميمبر ٿي رهيا آهيو. اوهان مونکان تصديق ڪري
ءِ جي مان غلط آهيان، تہ بلاشڪ منهنجي خلاف لکو. شري سنمک ماکيجا
ڪدم آزادي اخبار جي انچارج شري موهن ڪلپنا کي گهرايو ۽ هن کان
چيو تہ هيءَ غلط خبر تون ڪيئن شايع ڪئي آهي؟

موهن ڪلپنا جواب ڏنو تہ کيس پروفيسر هيري شيوڪاڻيءَ اِها
بر لکائي آهي. اُن جي چوڻ تي مان ديال آشا جي خلاف لکيو آهي. شري
نمک ماکيجا موهن ڪلپنا کي چنبڊ ڪيندي چيو تہ ديال جهڙي شخص تي
ط الزام لڳائي اخبار جو نالو خراب نہ ڪريو. جيڪي و ائوچر تي لکيل
ي سوئي ڏنل آهي. آئيندهہ اهڙيون غلط خبرون شايع ڪين ڪندو ڪر.
وفيسر شيوڪاڻيءَ کي شاباس آهي جو مونکي بدنام ڪرڻ لاءِ بي بنياد
زام لڳايو. حسد جي ڪا حد ٿيندي آهي!

مان انتظام جو ڪوڏيو آهيان، اسٽرائيڪن جي خلاف هوندو آهيان.
وفيسرن جي اسٽرائيڪ هئي مان يونين جو ميمبر ڪين هوس انڪري
بئي يونيورسٽيءَ جي سڏ تي پيپر ڪيڻ لاءِ ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ ويس

ملي. آسيس ڪندا منهنجي لکيل خط جو دادي پوپٽيءَ ڪوبہ جواب ڪير
ڏنو. ڏٽيءَ جي عنايت سان وري سنہ ۱۹۷۰ع ۾ بہ منسٽري آف ايڊيوڪيشن
ڀارت سرڪار مونکي ڇاپيتيءَ ۾ 'باپوءَ جي باغ مان' هست لکت ڪتاب
تي هڪ هزار روپيا انعام عطا ڪرڻ جي پٽرائي ڪئي. رنگيءَ جا رنگ
نرالا آهن!

پرماتما ۽ ستگرن جي ڪرپا سان مان تعليم، ساهتيہ ۽ شيوا جي کيتر
۾ پاڻ موکيندو رهيس. گهر جي وڏڙن جي سنسڪارن ۽ هتي ستگرو سوامي
شانتي پرڪاش مهاراجن جي پرڀاوَ، دادا هوندراج دکايل صاحب جي اثر
سبب مان ڳائڻ جي کيتر ۾ يوگدان ڏيندو رهيس. اِها ڳالهہ بہ ڪن کي ڪين آئڙي.
پروفيسر رام پنجواڻي جي ڪوي ڪلاس جي سيڪريٽري شري چتي مل ڀڳت مونکي
بہ ٽي پوسٽ ڪارڊ لکيا تہ تون ڳائڻ بند ڪر، ڇا جا طوطارا ٿو وڃائين؟ وغيره مان
ماٺ ۾ رهيس. هڪ ڏينهن دادا موتيلعل ٻٽاٽيءَ رٽايرڊ سيشن جاج سان ڳالهائيندي
اِنهن ڪارڊ جو ذڪر ڪيو. هن رڃ مڙس هڪدم شري چتي ڀڳت کي فون ڪيو تہ
ڇا ڳائڻ صرف ڪنهن هڪ شخص جو ڪو موروثي حق آهي ڇا! پيارو ديال تہ
پنهنجي موج ۾ ڳائي ٿو سنگت کي رياجهائي ٿو، متاثر ڪري ٿو. اِن ۾ توهان کي
ڪهڙو هرج آهي؟ ڳائڻ ۾ بہ حسد!

مندرن ۽ آشرمن ۾ بہ رهندڙ بہ ڪي حسد جي باهہ جو شڪار ٿين ٿا. مونکي
تہ اُنهن تي ترس ايندو آهي. هيترا سال ستسنگ ڪرڻ کان پوءِ ستسنگ ٻڌڻ کان
پوءِ بہ اندر اوجر نہ ٿئي تہ ڪهڙو فيض! اهڙا شخص تہ فراخ دل هئڻ گهرجن.
منهنجا مالڪ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج مونکي ڏاڍو پيار ڪندا هئا.
منهنجي روح جا راڻا هئا. سندن ڏنل پيار ڪن کان سٺو نہ ويندو هو. هڪ پياري کين
چيو تہ ديال جي دل تہ دادا جشن سان آهي مي اوهان وٽ ٻاهرين ريت هلي ٿو.
ستگرو مهاراجن هڪدم کيس دپ ڪيندي چيو تہ اسان ديال کي سڃاڻون. سندس
دل جي بہ اسان کي ڄاڻ آهي. دادا جشن سان جيڪڏهن هن پياري جو نينهن جو
ناتو آهي تہ سٺي ڳالهہ آهي. هوُ بہ مهاپرش آهن.

ڪيترا سال اڳ جي ڳالهہ آهي. شري پرسرام پارومل جنهن نيو ايرا هاءِ
اسڪول ۽ آر.ڪي.ٽي ڪاليج، سيوا سدن ڪاليج اُلهاسنگر ۾ برپا ڪيا. سو

كاليجن ۾ سنڌي پاڙهيندڙ پروفيسرن ۾ مان سرسوتي ماتا جي اسيم
۽ ستگرو مهاراجن، دادا جشن واسواڻي جي ڪرپا سان وڌيڪ تعليم
هوس. ايم اي پي ايچ ڊي هوس. مان ممبئي يونيورسٽيءَ ڪي ڪاليج
ت چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج الهاسنگر ۾ پي ايچ ڊي سينٽر کولڻ ۽
ي پي ايچ ڊي گائيڊ تسليم ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪئي. مون کان اڳ
يسر رام پنجواڻي ٻي اي ۽ ڊاڪٽر ارجن شاد ٻي اي پي ايچ ڊي گائيڊ
انهن ڪي اِها ڳالهه نه آئڙي ته مان به پي ايچ ڊيءَ جو گائيڊ مقرر ٿيان.
وڏو ماندائڻ منٻي ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ ڪي چرچ ڏئي سنڌس اخبار
ي ٽائيمس ۾ منهنجي شخصي زندگيءَ تي هلان ڪندي اٽڪل پنجاهه
صحين سان اُهو ليک ڇپيو. اُن ۾ لکيو ته ديال آشا سوامي ٽينئورام آشرم
تن ڪي پيڙون ڏيندو آهي. اُهو گائيڊ ڇا ٿيندو! وغيره. حسد وچان ٻي
جڙئو ڳالهيون لکيون.

منهنجي ڪن شيءِ چنتڪن اِهو ليک پڙهي نارايڻ ڀارتيءَ ڪي
جهايو پر هنيلا هوڏ تي قائم. مان ماٺ ۾ رهيس. سنڌين جي برک وڪيل
ج شيوڪ شري ناري گرسهاڻيءَ اِهو ليک پڙهي هڪدم موهن ڪلپنا ڪي
ڪيو ته ڊاڪٽر ديال آشا خلاف اوهان ناحق اِهو ليک لکي صحيون
ڪيون آهن. ان ناٽڪ پٺيان ڪنهن جو هٿ آهي؟ شري موهن ڪلپنا
ي ناري گرسهاڻيءَ ڪي ٻڌايو ته اِهو سگنل ڪين ماهيم ممبئيءَ کان مليو هو.
ه وڪيل قاعديدان شري ناري گرسهاڻي راز ڪي سمجهي ويو ته ماهيم ۾
روفيسر رام پنجواڻي رهندو آهي. شري گرسهاڻي صاحب جنهنجي دل
ون لاءِ همدردي هئي، تنهن مونکي اِها سربستي ڳالهه سمجهائي! مونکي
ايچ ڊيءَ جي گائيڊ ٿيڻ لاءِ به حسد جي باهه مان لنگهڻو پيو.

پريو جي ڪرپا سان پنهنجي ڊگرين سبب مان پي ايچ ڊي جو
ڊ مقرر ٿيس ۽ چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج ۾ پي ايچ ڊي جو سينٽر
. حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر
چند آڏواڻي ۽ سيڪريٽري پرنسيپال ڪي ايم ڪندناڻي صاحب جي
ڪي وڏي پٺ هئي. هوُ مونکي سدائين همٿائيندا رهيا. منهنجي سونهپ

تڏهن بہ پروفيسر شيوڪاڻي ڏهہ پندرهن پروفيسر وٺي منهنجي پرپٺ منهنجي گهر اچي گهر وارن کي پريشان ڪيو! وري پاڻ بہ يونيورسٽي وچي ساڳيو ڪم ڪري آيو!

جنتا جناردن پريشد طرفان جڏهن اُلهاسنگر ۴ ۾ پراڻي بئرڪ جون ونگون ڊاهي نئين عمارت اڏائي ۽ اُن جو مهورت ٿيڻو وارو هو تہ ڪن حاسدن مهورت جي وقت ڪارا جهنڊا ڏيکارڻ جي ڌمڪي ڏني. ماڻهو چا چا نہ ٿا ڪن! ڪير ۾ ڪنڊ ملائڻ بدران لوڻ وجهن ٿا. هوُ پاڻ تہ ڪم ڪين ٿا ڪن پر ٻين جي جوڙجڪي ڪمن ۾ بہ دستندازي ڪري ڊاهڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. آرتوار صبوح جو پوجيہ دادا جشن واسواڻي مهورت ڪرڻ وارا هئا تہ ڇنڇر رات جو ڪارن جهنڊن کڻڻ وارن سنتو ڪرانتي دل وارن کي گيتا پريس ۾ گهرايو ويو. شري ماڌوداس ڇتاڻي ۽ مان کين سمجهايو تہ ڪارن جهنڊن کڻڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ ههڙو اُتم ڪم ٿي رهيو آهي ۽ اوهان زوريءَ مخالفت ڪري پاڻ کي مهٽي هاب نہ بڻايو. اڄ ڪلهہ ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ ڏکي آهي. اسان بي واهہ ٻيڙن جي سکي جيون گذارڻ لاءِ هي عمارت ٺهرائي آهي. اُن جي بہ مخالفت ٿا ڪريو! ڪنهن جي چرچ تي انهن اِهو ڪسو ڪم ٿي ڪيو!

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرنا ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان ڪجهہ سالن بعد ٻيڙن ٻيڙين جي سهوليت لاءِ اُلهاسنگر ۵ ۾ آشرم جي پرسان ٻيا آشرم لاءِ نئين عمارت ٺهي راس ٿي تہ سيني ٻيڙن کي اُن نئين عمارت ۾ ويهاريو ويو جتي سڀ ڪمرا گرائونڊ فلور تي هئا. اُلهاسنگر ۴ واري ٻيا آشرم جي بلڊنگ جو وڪرو ڪرڻ لاءِ قلعي قانون موجب اخبار ۾ نوٽيس وجهايو ويو تہ ڪنهن حاسد ڪنهن پترڪار کي هڪ سوَ روپيا خرچي ڏئي چرچ ڏني تہ منهنجي خلاف لکي اُن پترڪار بنا سوچ ويچار جي هڪ سوَ روپين جي لالچ تي پنهنجي ننيڙي اخبار ۾ لکيو تہ ديال آشا ٻيا آشرم جي جاءِ وڪڻي پئسا پاڻ ڪٽندو. اِهو پڙهي منهنجي حيرت جي حد نہ رهي. عمارت جنتا جناردن پريشد ٽرسٽ جي آهي منهنجي شخصي ملڪيت ڪين هئي. حسد وچان ماڻهو ڪيڏو نہ ڪچرو ڪنو ڪن ٿا! سائين سُمت ڏئي.

ممبئي يونيورسٽيءَ جي جن ڪاليجن ۾ سنڌي پاڙهي ويندي هُئي

۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي سنڀنڌ ۾ سيمينار هلي رهيو هو. منجهند
بئنڪ جي صدارت ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي ڪري رهيو هو تنهن
ياءُ ڪشور سدارنگاڻي ممبئي يونيورسٽيءَ جو ليٽر ڪٽي آيو جنهن ۾
ڪي ڊي لٽ ڊگري عطا ڪرڻ جي پڌرائي هئي. مان ڊاڪٽر جوتواڻيءَ
لڳو لڳ ويٺو هوس. مان يونيورسٽي وارو ليٽر ڊاڪٽر جوتواڻيءَ کي
هن خوشيءَ ۾ پرجي بروقت پڌرائي ڪئي تہ هن وقت اسانکي اِها
ن خبر ملي آهي تہ ڊاڪٽر ديال آشا کي سنڌيءَ ۾ ڊي لٽ ڊگري عطا ڪئي
ي. اسانکي فخر آهي جو هي پهريون سنڌي آهي جنهنکي اِهو شرف
آهي. اِها پڌرائي ٻڌي شاعر ايم ڪمل ڏاڍي غصي ۾ واڪا ڪيا تہ اِها
ائي هتي ڇو ڪئي وئي؟ ڪو زمانو هو جو پاڻ ايم ڪمل جا سيئي ٻار
وٽ پڙهيا ۽ هوُ ور ور مون وٽ اُنهن جي پارت ڪرڻ ايندوهو مگر پوءِ
نجي شهرت کيس پائڻ نہ پوندي هئي ۽ هن حسد وچان منهنجي مخالفت
رڻ شروع ڪئي!

منهنجي مضمونن جو مجموعو 'ادبي سرهاڻ' شايع ٿيو. اُن جو
ورت مشهور معروف قابل قاعديدان ماضي قانون منتري شري رام
ٺملاڻيءَ ڪيو. مون ان ڪتاب جي هڪ ڪاپي شري نند ڇڳاڻيءَ کي
ونڇ ۾ تنقيد لاءِ موڪلي. هن چڳي مڙس حسد وچان لکيو تہ ديال آشا
ان ڪتاب لاءِ انعام گهربو هو انکري هن ادبي سرهاڻ جو مهورت شري
چيٺملاڻيءَ کان ڪرايو آهي. شري رام جيٺملاڻيءَ جو انعامن سان ڪوبہ
سطو ڪين آهي. آلوچڪ کي مضمون جي وشيہ سان نيائڻ - ٻولي وغيره
مون جي صنفن سان نباهڻ بابت لکٹو گهربو هو. پر اندر ۾ حسد جي باھ!

وري تازو منهنجو ٦٧ ڪتاب سنڌي ناصحاڻہ شعر شايع ٿيو تہ پاڻ
اُن جي بہ تنقيد ڪين ڪري صرف ناصحاڻہ لفظ جي استعمال تي اعتراض
ن ڪيو. اِهو لفظ سنڌس سمجھہ کان ٻاهر هو.

منهنجي ڌرم جي ڀيڻ رتنا واڌواڻيءَ جي ماتا پارپتي ٻائي
ڌواڻيءَ جي معرفت ڀيڻ چتري منگهارام پنجابيءَ سان واقفيت ٿي. ڀيڻ
تري ۽ سندس پتي منگهارام پنجابي مونکي شيوا جي ڪارين ۾ ڪافي

۾ ٽن ساڃٽن پروفيسر بلديو مٽلاڻي، شري هوندراج بلواڻي، پروفيسر منوه
مٽلاڻي پي ايچ ڊي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ٻن نياڻين پروفيسر مينا گو
روپچنداڻي ۽ پرنسيپال مينا سپاڳاڻي ايم ڦل ڊگري حاصل ڪئي. مون ڪ
اڳ تسليم ٿيل گائيڊس جي سونهپ ۾ ايترن ڇٽن ڊگريون حاصل ڪي
ڪيون. ماستر چندر صاحب جو بند ياد آيو -

الله عاشقن جا ڪم پاڙ ڪري،
نت ڪير نماڻن تي نظر ڌري!

تعليم جي حاصلات لاءِ چاهي تعليم جي ڦهلاوَ لاءِ ڪيترين ئي
رڪاوٽون آيون پر سرسوتي ماتا، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پياري داد
جشن واسواڻيءَ جي ڪرپا سان مشڪلاتون دور ٿينديون ويون.

منهنجي من ۾ ويچار آيو تہ سنڌيءَ ۾ ڪنهن بہ ڊي لٽ ڪين
ڪئي آهي. مان جيڪر ممبئي يونيورسٽيءَ مان ڊي لٽ ڪريان. مان
ڪوجناتمڪ گرنٿ ”سنڌي سنت ڪاويہ وويچن“ ۽ اُن سان گڏ فارم في ممبئي
يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ ڪي موڪليو. اِها خبر جڏهن پروفيسر رام
پنجواڻي ۽ ڊاڪٽر ارجن شاد ڪي پئي تڏهن اُنهن ناراضگي جو اظهار ڪيو.
پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان مان زندگيءَ پر نباهيندو رهيس پر تہ بہ هن
صاحب مونکي چيو تہ ”اسان مري ويا آهيون ڇا جو تون سنڌيءَ ۾ پهرين
ڊي لٽ ٿين!“ مون باادب وراڻيو ”سائين! پهريان ڊي لٽ پل اوهان ٿيو.
منهنجون اکيون ٺرن.“ پروفيسر رام پنجواڻي وري چيو تہ ”ڊاڪٽر ارجن
شاد جو وينو آهي.“ مان وري بہ نياز سان جواب ڏيندي چيو تہ اوهان پهريان
ڊي لٽ ٿيو، ڊاڪٽر ارجن شاد پيون ڊي لٽ ٿي، مان ڪٽي ٿيون ڊي لٽ ٿيان.
مونکي ڪو اعتراض ڪين آهي. اوهان بزرگ آهيو. اوهانجي بہ اڇا پوري
ٿئي.“

مذڪور مترن ڪي اِها ڳالهہ بہ ڪين آئڙي تہ مان ڊي لٽ ٿيان اُنهن
ڪي منهنجي خلاف ٻيا بہ ڪي سائين جا سنواريا چرچ ڏيڻ وارا هئا! لک
شڪرانا ڏٽيءَ جا جو مونکي 'سنڌي شعر جي تاريخ' تي آخر سنہ ١٩٩٧
اپريل ۾ ڊي لٽ جي ڊگري ممبئي يونيورسٽي مان عطا ٿي. نئشنل ڪاليج

جوڙائي ۽ پوءِ کين ڏيري ڏيري پيسا واپس ڪيا. ڪيڏو نہ حسد!

مان ڪن کي سيوا جي کيتر ۾ گھيڙيو تہ ڪجھہ سالن بعد اُهي منهنجي دان داتائن جون ايڊريسون هٿ ڪري پنهنجي ليکي شيوا کيتر ۾ مون کي گوءِ ڏيڻ لاءِ شيوا جا ڪاريہ ڪرڻ لڳا. شڪر آ شيوا چتاپيتي ايرڪا جي پاونا! سائين سمت ڏئي مان سڀن جو خيرخواه آهيان.

ڀڳوان پياري پرهلاد کي ٻاهہ جي ڀنيٽ مان بچايو مونکي بہ ماتا وتي ديوي، ماتا پتا، وڏڙن جي آسيس، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش اجن، پياري دادا جشن واسواڻيءَ، ٻين سنتن جي آسيس حسد جي ٻاهہ بچايو آهي. ڪي مون سان چڱو هليا ڪي لڱو هليا مان هڪ هڪ جو ڪرگذار آهيان.

جي وڙ جڙ جن جن سين سي وڙسي ئي ڪن. (شاه لطيف)

منهنجي غزل جا بند آهن :

اسانجي نہ ڪنهن سان عداوت رهي آ،
سڀن سان اسانجي تہ محبت رهي آ،
اسين پيار وارا ڪري پيار چاڻون،
اسانجي اندر ۾ تہ اُلفت رهي آ.

☺☺☺

آرٽڪ سهيوگ ڏيندا رهيا. پيڻ چتريءَ جي ماتا نوند پائي لڪاٽي، سندس
سپتر هيرانند لڪاٽي، گل لڪاٽي، ڪان لڪاٽي بہ مونکي پاڻ اچي آرٽڪ
سهيوگ ڏيندا رهيا. مان ڪين ڪيترن گهرن ۾ وٺي ويندو هوس تہ گهرجائو
وڌوائن جي حالت نظر مان ڪين. پيڻ چتري سندس پتي منگهارام سان نينهن
جو ناتو ٿي ويو. ڪين پوجيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا
جشن واسواڻيءَ وٽ وٺي ويس. اُنهن جي آسيس وٺندا هئا. هوُ مونکي خلق
خدمت جي ڪارين ۾ ڪيڏي نہ مدد ڪنا هئا پر ڪنهن حاسد پاءُ ڪان اِهو
سٺو نہ ويو. هن پيڻ چتري ۽ پاءُ منگهارام جا ڪن پريا تہ ديال آشا بنا جاچ
ڪرڻ جي ماتائن ڪي مدد ڪري ٿو. انڪري اوهان شري مينهارام ڪي سهايتا ڏيو تہ
اُهو جاچ ڪري پوءِ گهرجائن ڪي ڏيندو. ڪن خود غرض شيوا جي ڪاريہ ۾ بہ گهارا
وڌا. سالن ڪان جن سهيوگ ڏنو سي بابا مينهارام تان قربان وڃڻ لڳا. منهنجي ستگرو
سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪي ان ڳالهہ جو پتو پيو تہ چتري ۽ مينهارام ڪنارو
ڪري ويا آهن، ستگرو مهاراجن منهنجي دل وٺندي چيو تہ ديال تون ڪو خيال نہ
ڪر تنهنجو هٿ ڪڏهن نہ منجهندو. حسد سبب وٺيون وڏيون وڃن ٿيون پر
منهنجي شيوا ڪارين ۾ ڪڏهن منهنجو هٿ ڪين منجهيو. ستگرو سوامي شانتي
پرڪاش مهاراجن، سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي آسيس ۽ پريمين جي سهيوگ
سان خلق خدمت جا ڪم وٺندا رهيا آهن.

مان پنهنجي بئرڪ جي جاءِ ۾ گهرو سهوليت جي لحاظ ڪان سنداس
باٿ روم ٺهرايو ۽ پنهنجي حد ۾ ئي اڏاوت ڪئي تہ لڳو لڳ رهندڙ
منهنجي پڦاٽ پمنداس ائڊمنسٽريٽر آفيس ۾ منهنجي خلاف درخواست
ڪئي حسد وچان ڪي جادو ٽوٽا بہ ڪيا پر اُهي جادو ٽوٽا ڪيس اُلٽا لڳا
ڪيس حساب اِتي ئي ڀوڳڻو پيو. مان پنهنجي بئرڪ واري جڳهہ ڪاجهہ
سالن بعد وڪڻي وڏيل پريوار سبب ۽ سهوليت جي خيال ڪان پاءُ موهن بالاڻي
سان گڏجي نئين جڳهہ ٺهرائي تہ پاءُ نيوند واڌواڻي جو منهنجو متر ٿي
رهيو تنهن پڇا ڪرڻ شروع ڪئي تہ ديال آشا هي گهر ڪيئن ٺهرايو آهي
ڪٿان پئسا آندائين؟ مان بئرڪ وارا بہ روم وڪڻي ٿوري وقت لاءِ پنهنجي
پيٽوي پوڪرداس ٽيڪاچنداڻي ۽ پنهنجي سالي هوندراج لالا ڪان پيسا وٺي

ڪتاب تي هڪ هزار روپيا انعام ڏنو.
تعليمي منترالیہ طرفان يونسڪو ڇپايل ۾ منهنجي هست لکت ڪتاب 'شل اهڙا لعل ڄمن' تي ۱۴۰۰ روپيا انعام عطا ڪيو. UNSCO
ٻال ساهتيہ ۾ ساڳي اداري 'ٻاپوءَ جي باغ' هست لکت ڪتاب تي هڪ هزار روپيا انعام عطا ڪيو.
'دادا درشن' ٻال ساهتيہ ڇپايل ۾ ڀارت سرڪار طرفان هڪ هزار روپيا انعام.
'مهڪندڙ مکڙيون' ٻال گيتن جي ڪتاب تي NCERT هڪ هزار روپيا انعام ڏنو.
ٻال ساهتيہ ڇپايل ۾ 'وطن صدقي' ڪتاب تي NCERT انعام ڏنو.
'سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا' هندي گرنٿ تي ڀارت سرڪار جي ڪيندريہ هندي نرديشاليہ طرفان سنہ ۱۹۷۷ع ۾ ۱۴۰۰ روپيا انعام عطا ڪيو ويو.
'بيسوي صدي ڪي سنڌي ڪويون ڪا هندي ۾ يوگدان'' تي هڪ هزار آرٽ ڪلچر ائڪيڊمي يوپي عطا ڪيو.
'اسين هڪ آهيون' تي انعام NCERT ....۵ روپيا انعام ڏنو. هٿ سان لکيل.
'ساهتيہ سريي' هندي پستڪ ۵۰۰۰ روپيا انعام ڀارت سرڪار جي ڪيندريہ هندي نرديشاليہ دهليعطا ڪيو.
'ٻارو اچو تہ ڳايون' (ٻال گيت چترن ساڻ) ۱۰۰۰۰ روپيا انعام NCERT عطا ڪيو.
'وڻ' گيت تي ڀارت سرڪار طرفان انعام مليو.
'وشو ڪي مهان ويوتي دادا جشن واسواڻي' مهاراشٽر هندي اڪادمي ڪاڪا ڪاليڪر ۲۵۰۰۰ روپيا پنجويهہ هزار انعام عطا ڪيو.
'دادا جشن واسواڻي' سنڌيءَ ۾ ڀارت سرڪار جي سنڌي صلاحڪار سمتي ڪيندريہ هندي نرديشاليہ ۵۰۰۰ روپيا.
'ازل جي اُڃ' راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد ويهہ هزار روپيا انعام عطا ڪيو.
سنہ ۲۰۰۱ع ۾ هندي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ اُترپرديش سرڪار جي

انعام ۽ سنمان

مان خيرپور ميرس سنڌ ۾ ٽيون درجون پڙهندو هوس تہ اسڪول جي هڪ پروگرام ۾ مان ڪورس گيت ۾ ڳايو. گيت جو مکڙو هو 'پلي آيا! پلي آيا اسان وٽ پيرڙا پائي' ان موقعي تي مونکي جي بي منگهارام جا انرجي بسڪوٽن ۽ ڪٽمٺڙن جو پاڪيٽ انعام طور مليو. اِهو پهريون انعام ڳائڻ لاءِ مليو. ديش جي ورهاڱي بعد ڪلياڻ ڪئمپ ۵ جي بي جي تلڪ اسڪول ۽ نيتلجي هاءِ اسڪول ۾ پڙهندي وديارٿي جيون ۾ وقت بہ وقت ڳائڻ، وياکيان چٽاپيٽي ۽ ايڪانڪي ناٽڪن ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ مونکي اُتساهت ڪندي انعام ڏنا ويا. هڪ دفعي ٻالڪرام مڙهي اُلهاسنگر ۱ ۾ شري ساڌٻيلا مهنت آچاريہ سوامي گڻيش داس مهاراج منهنجو وياکيان ٻڌي شري ساڌٻيلا جو چانديءَ جو ميڊل انعام طور ڏيندي پنهنجي ڳلي ۾ پيل پشپ مالها مونکي وڌي. هڪ دفعي نيتاجي هاءِ اسڪول جي هڪ اُتسوَ ۾ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ منهنجي همٿ افزائي ڪندي پنهنجي ڳَلي مان گلن جو هار لاهي مونکي وڌو. ڏيتي ليتي وشيہ تي مضمون لکڻ سبب شري پرسرام مسند مونکي ٽرافي پيٽ ڪئي. ڪاليج پڙهندي بہ مان چٽاپيٽين ۾ ڀاڱ وٺندو رهيس. ڪي سي ڪاليج ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي وياکيان چٽاپيٽي ۾ پهريون نمبر آيس. مونکي خاص انعام عطا ڪيو ويو.

منهنجي جدا جدا تصنيفت تي ۽ ساهتيڪ يوگدان لاءِ ڪيل شيوا ڪارين لاءِ جدا جدا سالن ۾ مونکي جيڪي خاص انعام - سنمان مليا تن جو مختصر ذڪر ڪريان ٿو.

عطا ٿيل انعام :-

۱) ڀارت سرڪار جي تعليمي منتراليہ سنہ ۱۹۶۹ع ۾ 'لعل بهادر شاستري'

ڊاڪٽر رام منوهر ترپاٺي سنمان.

سنہ ٢٠١١ع ۾ 'سنڌو رتن' سنمان دهلي ۽ گانڌي نگر ڪولهاپور.

سنہ ٢٠٠١ع ۾ ٢٥ هزار روپيا پريہ درشني انعام شري نانڪ روپاڻي عطا ڪيو.

سنڌي هندي ۽ انگريزي ۾ ٦٢ ڪتاب لکيل شايع ٿيل.

N.C.P.S.L سنہ ٢٠١٢ع ۾ مارچ ۾ هڪ لکہ روپيا Life TimeAchievement Award.

سنڌي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ عطا ڪيو.

'للڪار' سنڌي ڪوتا ٢٦ جنوريءَ جي موقعي تي سيني پارتيہ ائن ۾ ترجمو ڪري آڪاشو اڻيءَ جي سيني ڪيندرن تان پرسارت ڪئي ئي.

درسي ڪتابن ۾ ڪيتريون ڪوتائون ۽ گيت مضمون چونڊيل آهن.

نيورسٽي سطح تي منهنجا ڪي ڪتاب پاڙهيا وڃن ٿا.

عهدا ماڻيل :

ڀارت سرڪار جي سنڌي صلاحڪار ڪاميٽي جو ماضي ميمبر نتريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد جو ماضي ميمبر ممبئي يونيورسٽي سنڌي رڊ جو ماضي چئرمن.

ايس ايس سي بورڊ جو سنڌيءَ لاءِ ماضي ڪنوينئر.

مهاراشٽرا بال ڀارتي سنڌي سمتيءَ جو چيئرمن.

مهاراشٽرا سنڌي اڪادميءَ جو ورڪنگ چيئرمن.

سنڌي ساهتيہ سڀا پونا جي طرفان ٢٠ آگسٽ سنہ ١٩٧٧ شام جو ٦ جي جواهرلعل نهرو ميموريل هال ۾ منهنجو ۽ ڊاڪٽر گرمک سئناڻيءَ و پي ايڇ ڊي ڊگريءَ جي حاصلات سبب سنمان ڪيو ويو. اُتسوَ جي دارت سيشن جاج شري موتيلعل ٻتاڻيءَ ڪئي. سڀا جي صدر شري آسناڻيءَ نمان ڪندي چيو تہ تازو ڊاڪٽر ديال آشا ڪي ممبئي يونيورسٽيءَ پي ايڇ ي ڊگري عطا ڪئي آهي ۽ ڊاڪٽر گرمک سئناڻيءَ کي ناگپور يونيورسٽيءَ ي ايڇ ڊي ڊگري عطا ڪئي آهي. سنڌي جاتيءَ کي ٻنهي عالمن تي ناز آهي. سوَ جي صدر شري موتيلعل ٻتاڻيءَ پڻ چيو تہ پروفيسر ديال آشا ساهتيہ

هندي سنستان لکنو ۱۵۰۰۰ روپين جو 'سوهرد' سنمان ڏنو.

۱۷) 'ادبي سرهاڻ' تي راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد سنہ ۲۰۰۷ع ۾ ۲۰۰۰۰ هزار روپيا انعام عطا ڪيو.

۱۸) هندي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ ۲۱۰۰ روپيا انعام بومبيوليءَ ۾ عطا ٿيو.

۱۹) سنڌي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ سنہ ۲۰۰۱ع ۾ ۲۵۰۰۰ روپيا پريہ درشني انعام عطا ٿيو.

۲۰) تعليم ۾ يوگدان لاءِ سنہ ۱۹۹۷ع ۾ دهلي سنڌي اڪادمي ۱۵۰۰۰ روپيا انعام ڏيندي سنمانت ڪيو.

۲۱) ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ پاڙهڻ لاءِ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا ۱۱۰۰۰ روپيا دهلي ۾ انعام عطا ڪيو.

۲۲) ساهتيڪ يوگدان لاءِ راشٽرپتي سردار زائلسنگهہ هٿان راشٽرپتي ڀون ۾ شيلڊ ڏئي سنمانت ڪيو.

۲۳) ۲۰۰۰۰ روپيا انعام ۽ شيلڊ ايشوري ٻائي ٻخشاڻي انعام ڊاڪٽر رام ٻخشاڻي طرفان سنہ ۲۰۰۹ع ۾ عطا ڪيو ويو.

۲۴) هندي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ 'سارسوت' سنمان انعام ۲۰۰۰ روپيا عطا ڪيو.

۲۵) سنہ ۲۰۰۱ع ۱۱۰۰۰ روپيا انعام ساهتيڪ ۽ تعليمي سيوائن لاءِ انٽرنئشنل سنڌ پئنچات ممبئي ۾ پيش ڪيو. يوڪمپ پيڙتن لاءِ ڏئي ڇڏيو.

۲۶) گولڊ ميڊل تعليمي، ساهتيڪ ۽ شيوا ڪارين لاءِ سنہ ۱۹۹۱ع اُلهاسنگر ۾ پيش ڪيو ويو. سنڌي ستڪار سمتي اُلهاسنگر.

۲۷) گولڊ ميڊل سنڌو سنگم پمپريءَ طرفان ڏئي سنمانت ڪيو.

۲۸) ساهتيڪ سماجڪ شيوائن لاءِ انٽرنئشنل سنڌ پئنچائت فيڊريشن بئريسٽر هوتچند آڏواڻي ۲۵۰۰ روپيا انعام مليو پر اکين تي رکي واپس ڪيو ويو.

۲۹) خلق خدمت لاءِ ٻہ دفعا هڪ هڪ هزار انعام - 'جهوليلعل' انعام، مرليڌر ميرچنداڻي انعام جدا جدا سالن ۾.

۳۰) روٽري ڪلب طرفان آجيون شيلڊس سنمان ڏنو.

۳۱) 'ماسٽر چندر' شيلڊ سنمان.

ن چانڊورام صاحب داس کي نينھن ڀريل نگاھن سان نھال ڪندي آسيس
ي. ھوُ محبت جي مورت ۽ سنيھہ جي صورت آھن. ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مھاراجن صدقي داس کي ڀائيندا آھن.

شام جو ۵ بجي لکنوءَ جي گنا سنستا سڀاگرھہ ۾ انعامي اُتسوَ آيوجت ڪيو
اُتسوَ جي مکيہ مھمان مڌيہ پرديش جي گورنر شري مھاويرپائي ھٿان مونکي ۱۵
ن روپين جو چيڪ سوھارد سنمان شيلڊ ڏيندي سنمانت ڪيو. انعام حاصل
دڙن ۾ صرف مان ھڪ سنڌي ھوس. اُتي شري راميشور ديال ديي ۽ ٻين ڪيترن
ندي ودوانن سان ميل ميلاپ ٿيو.

ھندي ساھتيہ سميلن پرياگ طرفان شري شريڌر شاستري بنارس ۾
کي ھندي ساھتيہ ۾ يوگدان لاءِ سنمانت ڪندي وديا واچسپتيءَ جي
يءَ سان ويوشت ڪيو.

سنڌونگر ستڪار سمتي طرفان گولڊ ميڊل

منھنجي پيارن وديارٿين شري رميش آھوجا، رام چنچلاڻي، وجئہ
تاڻي بجاج ھال اُلھاسنگر ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مھاراجن ھٿان
کي گولڊ ميڊل ڏياري سنمانت ڪيو. سنڌو سيوا سنگم پمپريءَ طرفان چيٽي
جو اُتسوَ ۲۷ مارچ سنہ ۱۹۹۹ع شام جو ٦ بجي پمپري چنچوڙ ھال ۾
ايو ويو. مان ان اُتسوَ جو مکيہ مھمان ھوس. شري اوم لعلواڻيءَ منھنجي
اتي ۽ ڪاريہ بابت روشني وڌي. شري سرياچند سنگدل، شري ڪمل
ڪاڻي، شري اوم پرڪاش گوڏواڻي منھنجي ڪيل خدمتن جي مدي نظر
کي گولڊ ميڊل ڀيٽ ڪيو. ان موقعي تي مونکان 'قربدار سنڌي' اخبار
مھورت پڙ ڪرايو ويو. مان وياکيان ڪندي چيو تہ اوھان پنھنجي لائقي
ڪاري داس کي سونو ھلو ڀيٽ ڪري سنمانت ڪيو آھي. مان جيڪي
نجھہ ساھتيہ سرجن يا شيوا جي کيتر ۾ ڪم ڪيو آھي اُن جو شريہ
گرو سوامي شانتي پرڪاش مھاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي
ي. اُنھن جي اسيم ڪرپا ۽ پائرن جي سھيوگ سان ئي ڪاريہ تي رھيا
ن. اوھان اڄ چيٽي چنڊ جو ميلو ملھائي رھيا آھيو. ميلو معنيٰ ميلاپ.
ين سڀ ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌجي ھڪ ٻئي کي چاڙھڻ جي ڪوشش

سرجن ۽ سماج شيوا ۾ سڪريہ آهي هن ڪوچ ڪري 'سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا' گرنٿ لکي پي ايڇ ڊي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

ان موقعي تي مان ساهتيہ سڀا وارن جي شڪرانا ملهيندي چيو تہ داس تي ساڌو ٽي ايل واسواڻي، پوجيہ سوامي ليلا شاهہ مهاراج، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس آهي جن جي ڪرپا سان داس ساهتيہ ۽ سماج سيوا ڪيتر ۾ يوگدان ڏئي رهيو آهي. مون ذڪر ڪيل مقالي ۾ سنڌ جي ارڙهين اُڻويهين صديءَ جي اُنهن سنڌي شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي جن سنڌي تي هنديءَ ۾ ٻاڻي لکي آهي. سنڌن هندي ڪاويہ جو هن گرنٿ ۾ ورڻن ڪيل آهي.

مهاراشٽر راجيہ هندي ساهتيہ اڪادمي منهنجي هندي گرنٿ ''وشوَ ڪي مهان وڀوتي دادا جشن واسواڻي'' تي مونکي ٢٥ هزار روپيا ڪاڪا ڪاليلڪر انعام عطا ڪرڻ جي پترائي ڪئي. ١٤ سيپٽمبر ٢٠٠١ع هندي دوس سنہ ٢٠٠١ شام جو سبنام ڪاليج ممبئيءَ ۾ انعامي اُتسو آيوجت ڪيو. اُتسوَ جي صدارت تعليمي منتري پروفيسر رام ڪرشن موري ڪئي ۽ مکيہ مهمان هو مهاراشٽر جو مکيہ منتري شري ولاسراءِ ديشمک. اڪادمي جي ورڪنگ چيئرمن پترڪار نند ڪشور نوٽيال سنچالن ڪيو. شري ولاسراءِ ديشمک ۽ پروفيسر رام ڪرشن موري مونکي ٢٥ روپين جو چيڪ انعام طور عطا ڪندي شيلبر ۽ دشالو پيٽ ڪيو. سنڌي سماج لاءِ اِها فخر جي ڳالہ هئي جو مونکي ١٤ سيپٽمبر هندي دوس ڏينهن هڪ زندهہ سنڌي اعليٰ شاخصيت دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون چرتر تي ٢٥ هزار روپيا انعام عطا ٿيو.

سرسوتي ماتا جي ڪرپا سان مان هنديءَ ۾ ٻہ ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. هنديءَ ۾ منهنجا ڪوجناتمڪ گرنٿ 'سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا' 'بيسوي شتي ڪي سنڌي ڪويون ڪا هندي ۾ يوگدان' مشهور گرنٿ آهن. 'سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا' گرنٿ ممبئي يونيورسٽيءَ جي ايم اي ۾ پاڙهيو ويندو هو. مان هنديءَ ۾ جيون چرتر بہ لکيا آهن تہ مضمون بہ لکيا آهن ۽ ڪاويہ رچنا بہ ڪئي آهي. اُترپرديش جي هندي سنستان لکنوءَ طرفان منهنجي ساهتيہ جي يوگدان لاءِ مونکي 'سوهارد' انعام عطا ڪرڻ جي پترائي ڪئي ويئي. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ مان ٢٦ ڊسمبر لکنو پهتس. ٢٧ ڊسمبر صبوح جو مان سائين چانڊورام صاحب جي سنت آسودارام شوَ شانتي آشرم لکنو ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ڪرم يوگي سنت شريمان

ڪوڏي آهيان اوهان پنهنجو قرب ڪري داس کي رتن ڪري سڏيو آهي.
س ڪريو تہ زندگيءَ جي راھ تي ثابت قدم هلندو رهان. مان جيڪي
جھ ڪري رهيو آهيان اُهو پنهنجي من جي خوشيءَ لاءِ. مونکي شيوا
ڻ ۾ آنند جو انڀوَ ٿيندو آهي. دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي، سوامي ليلا
، مهاراج، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن
واڻيءَ جو پيار پيتو اٿم، اُهو پيار ٻين کي پيئاريندو رهان.

'سنڌو رتن' سان سنمانت

اکل ڀارت سنڌو سماج طرفان بڙودا ۾ داس کي ڀاءُ لڇمڻداس ڪيسواڻي
سنترتا سيناني ۽ شري پرتاب رامچنداڻي ڊپٽي ميئر بڙودا شيلڊ پيش ڪندي
ڌو رتن' جي اُپاڌيءَ سان سنمانت ڪيو. شري لڇمڻداس ڪيسواڻي
نهنجي ڪيل خدمتن جو ذڪر ڪيو. مان اُتي مختصر تقرير ڪندي چيو
ان هڪ خادم آهيان. خادم جو ڪم آهي خدمت ڪرڻ. توهان سڀ داس
آسيس ڪريو تہ وڌيڪ وڌيڪ شيوا ڪندي جنم سڦلو ڪريان.

دکين جي شيوا ڪرڻ سان من کي ملي آرام ٿو،
جو اچائون ٿو چڙهي پائي سو ئي وشرام ٿو.

ڪجھ سالن بعد گانڌي نگر ڪولهاپور جي ٽاڪيز ۾ هڪ اُتسوَ
مونکي دعوت ڏني ويئي. اُتي پڻ داس جي ڪيل جدا جدا ڪيترن ۾
اريہ جو ذڪر ڪندي سنمانت ڪري 'سنڌو رتن' جي اُپاڌي ڏني ويئي.
اُتي مختصر ڳالهائيندي چيو تہ اوهان منهنجي نہ پر منهنجي ڪيل
ارين جي قدرشناسي ڪري رهيا آهيو اُن لاءِ اوهان کي ڌنيوا آهي. منهنجا
ڪ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هئا. هوُ هتي پريم جي پوک
ڪي ويا آهن. اوهان اُنهن جي صدقي داس کي جيڪو سنيھ سنمان ڏنو
ي اُن لاءِ آڀاري آهيان. اوهان بہ هڪ ٻئي کي پيار ڏيو، هڪ ٻئي کي چاڙهڻ
ي ڪوشش ڪريو. اهڙا ڪم ڪريو جنهن سنڌي سماج جو نالو روشن
ي. سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريو. ٻولي جيئندي تہ قوم بہ جيئندي.

مصريءَ ۾ تورڻ

شري آسنداس پيرواڻيءَ جي پريرڻا سان منهنجو سٺ جنمدن سنڌي ادبي

ڪريون. اسين پڻ جو پلو ڪنداسين تہ پرماتما اسانجو پلو ڪندو. پنهنجي منڊڙي ماترڀاشا سنڌيءَ کي نہ ڀلايو. پنهنجي پراچين سڀيتا، سنسڪرتي، ساهتيہ جي رکشا ۽ وڪاس ڪريون. ٻولي جيئندي تہ قوم بہ جيئندي. اسين سنڌي ٿوري ڪٿي گ هٽي برڪت ۾ وشواس ڪندڙ ايائي گهرن جو خير گهرندڙ آهيون. پنهنجي وڏن جي ورثي کي وڌايون. شري امر اڏيرولعل هندو ڌرم جي رکشا لاءِ اوتار ڌارڻ ڪري آيو. ڌرم جي رکشا لاءِ ئي اسان پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي هتي ڀارت ۾ آيا آهيون تہ هتي پنهنجي ڌرم جي رکشا ڪريون. اوهان ڌرم جي رکشا ڪندا تہ ڌرم اوهانجي رکشا ڪندو. ڪي سنڌي پليل پائر پرلوڀن وس پنهنجو ڌرم بدلائن ٿا. ڌرم بدلائڻ کان تہ ٻڏڻ بهتر. آهي. اوهان ڪروڙ ڪمايا سي ڪهڙي ڪم جا! اُنهن مسڪينن محتاجن جي خذمت ۾ خرچ ڪريو جيڪي آرٿڪ مجبورين سبب پيو ڌرم قبول ڪن ٿا. پياري ڀاءُ سريچند سنگدل، شري ڪمل ملڪاڻي ۽ سندن ساٿين کي هن آيوجن لاءِ ڌنيواد آهن. ميلا ملهائيندا رهو سنڌيت جي سرهاڻ ڦهلائيندا رهو.

سنڌو رتن جي اُپاڌي

پرم پتا پرماتما جي ڪرپا، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پوجيہ دادا جشن واسواڻي ۽ وڏڙن جي آسيس سان ئي مان ساهتيڪ، سماجڪ، سانسڪرتڪ تعليمي کيتر ۽ سيوا جي کيتر ۾ مان سڪريہ رهيو آهيان. مان هڪ ڏڏ، ڪک بہ پنجي ڪين سگهان. جدا جدا شهرن ۾ جدا جدا ٿن سنسٿائن داس جي ڪيل ڪاريہ جي قدرشناسي ڪندي 'سنڌو رتن' جي اُپاڌيءَ سان سنمانت ڪيو آهي. مان انهن اُپاڌين جي لائق ڪين آهيان. انهن سنسٿائن جي ڪاريہ ڪرتائن پنهنجي لائقي ڏيکاري داس کي سنمانت ڪيو آهي.

سنڌو سماج دهليءَ طرفان ٢٢ ڊسمبر ١٩٩٦ع آرتوار صبوح جو سنڌو ڀون ۾ راجيندرنگر دهليءَ ۾ داس کي سنڌو رتن جي اُپاڌي ڏني ويئي. سنڌو سماج جي روح روان شري يوڌراج وڌجاڻيءَ منهنجي ساهتيڪ ۽ سماجڪ شيوائن جو ذڪر ڪيو. سوامي ديو پرڪاش مهاراج جي هٿان داس کي شيلڊ ڏني ويئي ۽ دشالو پيٽ ڪيو. هن موقعي تي ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ جو اڳوان شري ڪيدارناٿ مکيہ مهمان هو. مان ان سنمان اُتسوَ ۾ آڀار مڃيندي چيو تہ

جي پرڪاشت ديوناگري سنڌي پستڪ 'ٻارو اچو تہ ڳايون' مان سرسوتي وندناڳ
پڙهي ثابت ڪيو تہ غيرسنڌي ديو ناگريءَ ۾ پرڪاشت ساهتيہ پڙهي سگهن

پرو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر نريشچندر منهنجي ساهتيڪ، سماجڪ،
ليمي خدمتن جو ذڪر ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر ديال آشا ڪاليج جو پرنسيپال
ندي ست مارگ تي هليو آهي. مان کيس سنت ڪري سڏيندو آهيان.

شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ ڊاڪٽر ديال آشا کي جنمدن جون واڌايون
ندي چيو تہ سنڌي جاتيءَ کي ڊاڪٽر ديال آشا تي ناز آهي. هي ودوان
ي، مهان ساهتيڪار آهي، تعليمدان ۽ نشڪام سماج شيوڪ آهي. پرماتما
س وڏي آورجا بخشي جو قوم جا گهڙا پريندو رهي. اڄ کان مان کيس
ومٽي ڪري سڏيندس.

پرنسيپال ايم ايڇ اجواڻيءَ چيو تہ اسانجي حيدرآباد سنڌ نئشنل
ڪاليجئيٽ بورڊ ڊاڪٽر ديال آشا کي فرسٽ آنرري پروفيسر آف ايميرٽس
سنڌي مقرر ڪري سنمانت ڪيو آهي. هاڻي هي سنڌي ٻولي ساهتيہ،
ڳيت لاءِ نئين ٿهيءَ ۾ سجاڳي آڻي رهيو آهي. پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ
هنديءَ ۾ سرسوتي وندنا ڳائيندي ديال آشا جي شيوائن جو ذڪر ڪيو.

ڊاڪٽر ديال آشا آيار مڃيندي چيو تہ مون لاءِ جيڪي چيو ويو اِهو
ڄو شريہ ڀڳوان، ماتا سرسوتي، گرديو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج،
ڏو ٽي ايل واسواڻي، دادا جشن واسواڻي ۽ پوجيہ ماتا پتا کي آهي. اُنهن
ي داس تي ڪرپا رهي. اوهان آسيس ڪندا تہ پريو سڀني صحت سُٺي
ي جو ڪاريہ ڪندو رهان.

☺☺☺

سنگت طرفان ١٧ ڊسمبر سنہ ١٩٩٥ع آرتوار شام جو سوامي ٽيئونرام ترمشالا سنتونگر ۵ ۾ ڏاڍي اُتساھہ اُمنگ سان ملهايو ويو. هن موقعي تي منهنجي امڙ پاري ٻائي، سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سنت آتمارام صاحب، سنت روپارام صاحب ۽ ٻيا ڪي سنت آيا جن داس کي آشيرواد ڪئي. منهنجي ڪيترن ئي پائرن ڀينرن مونکي ۽ منهنجي پتني لاجونتيءَ کي دشالا ڀيٽ ڪيا. مان بروقت اُنهن کي شالون پائيندو ويس. داس کي مصريءَ ۾ توريو ويو ۽ اُها مصري آيل پريمين ۾ ورهائي ويئي. سنتونگر ۾ اِهو پهريون دفعو هو جو ڪنهنکي مصريءَ ۾ توريو ويو هجي. پروفيسر گوپ روپاچنداڻي، پياري پروفيسر نندلعل هندوجا، شري آسنداس ڀيرواڻي، شري هرداس ماکيجا، شري رام جوهراڻي، شري منوهر جيسواڻي، ڀيڻ جيوتي ڀپو ڪالاڻي، شري هوندراج ديارام لُلا، شري موتومل چاندواڻي ۽ ٻين ڪيترن داس کي سٺ جنمدن سنهنڌ ۾ واڌايون ڏيندي داس جي ڪيل ساهتيڪ سماجڪ ۽ تعليمي شيوائن جو نکر ڪيو.

مان ان موقعي تي شڪرگذاري ماڃيندي چيو تہ اوهان داس جي ساراھہ جون سُرڪيون پريندي داس کي مصريءَ ۾ توريو آهي. مان ان جي لائق ڪين آهيان. پوجيہ ماتا پتا جي آسيس، پوجيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ، سوامي ديو پرڪاش مهاراجن، دکين دريدرن جي آسيس سان سڀ ڪاريہ ٿي رهيا آهن. سيني شي چنتڪن جو سهيوگ آهي. اوهان سڀ داس کي آسيس ڪريو تہ پريو سهٽي، سالم صحت ڏي جو وڌيڪ وڌيڪ شيوا ڪندو رهان. شري گيانچند شهدادپوريءَ آيار ماڃيا.

ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان سنمان

١٦ ڊسمبر سنہ ١٩٩٧ع ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک مونکي ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري عطا ڪندي يونيورسٽيءَ طرفان سرسوتي ماتا جو چانديءَ جو ميڊل ڏنو. ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک چيو تہ ڀڳوان ڊاڪٽر ديال آشا کي سوَ ورهيہ صحت واري عمر بخشي جو هي ساهتيہ ۽ سماج جي شيوا ڪندو رهي. وائيس چانسيلر ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک ڊاڪٽر ديال

ج باندرا، جي پرنسيپال جي پد جي آڇ ڪئي، مون ڪين قبوليي سو آخرين ڏ
مونکي چاندي ٻائي منسڪاڻي ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪري رب جي راهه
رمندو رهيو. مونکي پرنسيپال ٿيڻ جو نه خيال هو نه خواب هو!

ڊسمبر سنه ١٩٩٦ع ۾ مان ڪاليج مان رٽايرڊ ٿيڻو هوس. ڇهه مهنا اڳ ان
جي بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر اشوڪ آڏواڻي اوچتو مونکي ليٽر موڪليو ته
ڪي حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئٽ بورڊ جو پهريون پروفيسر آف اميريٽس ۾
لاءِ مقرر ڪيو وڃي ٿو. جيڪا پگهار اوهان هاڻي کڻندا آهيو، سڄي پگهار اوهان کي
طرفان ڏني ويندي ۽ ڪار به اوهان کي ميسر ڪئي ويندي. اوهان ان عرصي ۾ سنڌي
۽ ساهتيه جي وڪاس لاءِ سرگرم ٿي ڪم ڪريو. پروفيسر آف اميريٽس جو نه
ي ڪو خيال يا خواب هو نه مان ان بابت بورڊ ۾ ڪنهن به ميمبر سان ڳالهه ٻولهه
ي هئي. نه ڪا درخواست ڪئي هئي. بورڊ منهنجي تعليمي لياقت ۽ خذمت
سي نظر مونکي اِهو عهدو عطا ڪري سنمانت ڪيو.

گجرات سنڌي اڪاڊمي راشٽريه ڪوي هوندراج دکايل جي
ڪيومينٽري تيار ڪرائي فرض ادائي پوري ڪئي، پر اُها عوام تائين ڪين
ي. اُها ڊاڪيومينٽري جدا جدا سنڌي بستين ۾ ڏيکاري وڃي ها ته نئين
۽ کي دادا دکايل صاحب جي جيون ڪاريه جي جهلڪ ملي ها. شري
جمل منگهناڻي ٽن سنڌي مايه ناز نثر نويسن شري گوبند مالهي، شري
رت ٻاٻاڻي ۽ شري اُتم اُتمچنداڻي جو ٽي ڊاڪيومينٽريز تيار ڪرائي سنڌن
ڪاري ۾ ئي اُنهن جي همت افزائي ڪئي. پر اِها به ڪن ٿورن کي ڄاڻ
. عوام بي خبر آهي. هاڻي راشٽريه سنڌي وڪاس، پريشد اِهي
ڪيومٽريز جون تيار ڪرائي يا خريد ڪري مذڪور اديبن جي ڄاڻ سنڌين
ڏيڻ جو ڪم ڪري سگهي ٿو. پياري آسودي مل مهناڻيءَ جي پريرڻا ۽
ارٽ سان يو. ايس. اي. ڪئبل اُلهاسنگر جي برک وڪيل شري سلامتراءِ
واڻيءَ جي ڊاڪيومينٽري فلم تيار ڪئي.

مان ڪڏهن به ڪنهن سان پنهنجي ڊاڪيومينٽري فلم تيار ڪرڻ
ذڪر نه ڪيو. سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول جي آڊيٽوريم ۾
نهنجي ڪتاب 'ٽڙيل پکڙيل گل' جو مهورتي اُتسوَ هو. اُن ۾ شرڪت
ندڙ پياري ڪمل سندرداس ٻنيجا پنهنجي ليکي پڌرائي ڪئي ته

نہ خيال ۾ نہ خواب ۾

سنہ ١٩٦٥ع کان مان چاندي بائي همتمل منسکاڻي ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندو رهيس. مان ڪاليج جي سرگرمين ۾ سدائين سرگرم رهندو هوس. انڪري حيدرآباد نئشنل ڪابيئنٽ بورڊ ممبئيءَ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر شري هوتچند گوپالداس آڏواڻي ۽ سيڪريٽري پرنسيپال ڪي.ايم. ڪندناڻي صاحب جو وشواس پاتر بڻيم. مذڪور ٻئي تعليمدان مونکي سنيهہ بہ ڏيندا هئا تہ سنمان بہ ڪندا هئا. هڪ ڀيري مان ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ورسي اُتسوَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ جلگانو ويس. جنهن ٻئي ڏينهن ڪاليج ويم تہ پرنسيپال ڪي.ايم. تلريجا صاحب پرنسيپال ڪي.ايم. ڪندناڻي صاحب جو ليٽر ڏنو جنهن ۾ لکيو هو تہ توهان کي چاندي بائي منسکاڻي ڪاليج جو وائيس پرنسيپال مقرر ڪيو ٿو وڃي. مان ليٽر پڙهي عجب کاڌو تہ ان جي لاءِ مان ڪابہ درخواست ڪين ڪئي آهي. اوچتو ئي اوچتو ان جو آرڊر مليو. ڪجھہ سالن بعد مئي ١٩٩٢ ۾ صبوح جو سويل پياري ڪشور سدارنگاڻي فون ڪيو تہ ڪالهہ بئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي.ايم. ڪندناڻي صاحب گڏجي صلاح ڪري توهان کي چاندي بائي منسکاڻي ڪاليج جو ائڪٽنگ پرنسيپال مقرر ڪيو آهي. ان خوش خبريءَ سان گڏ پياري ڪشور شوڪ سماچار ٻڌايو تہ اَڄ رات جو بئريسٽر هوتچند آڏواڻي صاحب سنساري سفر سماپت ڪيو. اهو دکدائي سماچار ٻڌي، خوش خبريءَ جي خوشي تہ ختم ٿي وئي! من مايوس ٿي ويو. اکڙين مان لڙڪ لڙي آيا. جنهن اعليٰ شخص دادا هوتچند آڏواڻيءَ جي اِڇا هئي تہ مان ڪاليج جو پرنسيپال ٿيان. جنهن مونکي جئہ هند ڪاليج، نئشنل

سپنا ٿيا ساڪار

سپنا ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا سپنا جاڳرت اوستا ۾ ۽ ٻيا سپنا ندرا
ستا ۾. ساڌارڻ طرح سپني کي ساڀيا ڪين سمجهندا آهيون خاص ڪري ننڊ وقت
خوابن کي خواب ڪري مڃيندا آهيون. هڪ دفعي مونکي سپنو آيو تہ منهنجا
بوب پيارا دادا جشن و اسو اٽي برلا مندر ۾ آيا آهن. مان ننڊ ۾ سندن درشن ڪري
و پرسن ٿيس ۽ کين چيو دادا اوهان هتي اوچتو آيا آهيو. ڪل هجي ها تہ هتان
ڪيترن پياسي پريمين کي اوهانجي درشن لاءِ هتي گهرائجي ها. اِهو خواب
دي جاڳ ٿي پريات جا پنج لڳا هئا. ننڊ ۾ پياري دادا جشن جو درشن نصيب
. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪنهن ڪم سانگي مان پونا ويس. پونا ويندو آهيان تہ
وين ميران پوميءَ تي نتمستڪ ٿيندو آهيان جئن ئي ميران پوميءَ ۾ گهڙيس تہ
و نند گدو اٽي گڏيو. چيائين تہ ساڌو و اسو اٽيءَ جي سماڌيءَ لاءِ سنگمرمر کپندو
ي انڪري ٽيون ڏينهن پيارو دادا جشن ۽ چار پنج ستسنگي الُهاسنگر ۾ برلا مندر
اُٽي دادا کي برلا مندر ۾ لڳل سنگمرمر جو پٿر نظر مان ڪڍڻو هون. ڇا توکي دادا
سن جو درشن ٿيو؟ مان اِهو ٻڌي عجب ۾ پيس ۽ کيس پنهنجي سپني جي ڳ
ا ٻڌايم. پيارو دادا جشن و اسو اٽي اڃا پونا مان الُهاسنگر روانو ئي ڪين ٿيو هو جو
ات پريات جو مونکي اِهو سپنو آيو. سپنو تہ ساڪار هو پر مان سپني کي سپنو
جهيو. ڪي ڪي سپنا سچا ٿيندا آهن. پياري دادا مونکي اڄ کان اڳو اٽي
ڪي ننڊ ۾ درشن ڏنو.

هڪ دفعي مان پونا ۾ سوامي چندن پرڪاش مهاراج جن جي آستان تي

كونارك كئبل كمپنيءَ طرفان جلدي ڊاڪٽر ديال آشا جي ڊاڪيومينٽري تيار كئي ويندي. مان اِهو ٻڌي دنگ رهجي ويس تہ كونارك كمپنيءَ وارن كي اِهو خيال كيئن آيو آهي. مونكي تہ پنهنجي ڊاڪيومينٽري جو خواب ۾ خيال كين هو. منهنجي ڊاڪيومينٽري تيار كرڻ جو كم شري بابو جهامناڻيءَ كي سونپيو ويو. منهنجي پياري ڀاءُ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ پنهنجي بلند آواز ۾ منهنجي زندگ يءَ ۽ سرگرمين جو احوال چٽرن سان پيش كيو. ان لاءِ مونكي بہ وقت بہ وقت كلاسك اسٽڊيو ۾ گهرايو ويو. كرتار جي كرپا سان منهنجي ڊاڪيومينٽري ’سنتو رتن ڊاڪٽر ديال آشا‘ تيار كئي ويئي. سوامي ديو پركاش مهاراجن سوامي ٽيئونرام پريم پركاش آشرم اُلهاسنگر - ۵ ۾ اُن ڊاڪيومينٽريءَ جو مهورت كندي كونارك كمپنيءَ جي آيل ڊئريكٽرس شري نندلعل ڇيتاڻي، شري انو منواڻي، سندن ساٿي بابو جهامناڻي ۽ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ كي ڌنيواد ڏني ۽ چيو تہ هنن پيارن اسانجي پياري ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ جي قدرشناسي كرڻ لاءِ هيءَ ڊاڪيومينٽري تيار كرائي آهي. هيءَ ڊاڪيومينٽري كيترن كي پريرڻا ڏيندي. پياري ديال تي ستگرو مهاراجن جي وشيش كرپا رهي. هن پياري پنهنجي جيون ست كرمن ۾ سڦلي كئي آهي.

مان ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ مونكي خواب خيال ۾ بہ كين هو تہ منهنجي هوندي مون بابت ڊاڪيومينٽري تيار كئي ويندي. منهنجي ماضي وديارٿين ۽ شپ چنتكن كونارك كمپنيءَ طرفان هيءَ ڊاڪيومينٽري تيار كرائي مونكي سنمانت كيو آهي. ان لاءِ مان سندن شكرگذار آهيان.

منهنجي ستگرن سوامي شانتي پركاش مهاراجن جي ادرشٽ كرپا، پياري دادا جشن واسواڻي ۽ ستگرو سوامي ديو پركاش مهاراجن، سوامي ڀڳت پركاش مهاراجن ۽ ٻين سنتن جي آسيس، ماتا پتا جي آسيس، دکين دريدرن جون دعائون كم كري رهيون آهن.

پريو تيري كرپا سي، سب كام هو رها هئہ ،
كرتي هو تُم كنعيا ميرا نام هو رها هئہ.

☺ ☺ ☺

اکين مان آنسون ٽپڪيا تہ پرماتما تتڪال ئي داس جو سپنو ساڪار ڪيو ڇا
ڄ! قدردانن دادا دڪايل جو قدر ڪيو. ڪجھہ سالن بعد مان آديپور ۾ دادا
اج دڪايل ڪي مصريءَ ۾ تور ائي اُها مصري ورهائي. اُن لاءِ مونکي منهنجي سيٺ
موٽومل چانبو اٽي سهيوگ ڏنو. ان اُتسوَ ۾ پهرين مان ۽ پوءِ شاعر هري دلگير
ب، پيپٽ نرملا گاجو اٽيءَ دادا دڪايل جي ڪيل خدمتن جو ذڪر ڪيو. ڪين
همتسنگھہ آڏو اٽي يادگار شيلڊ پڻ پيٽ ڪئي ويئي.

مان سنہ ۱۹۷۴ع ۾ پي. ايچ.ڊي ڊگري حاصل ڪئي منهنجو سپنو هو تہ
۾ وڌي ڊگري بي.لِٽ ڊاڪٽر آف لٽريچر بہ پراپت ڪريان. ڪيترن سائين جي
ارين اِن ڳالھہ جي مخالفت ڪئي پر سرسوتي ماتا جي اسيم آسيس، ستگرو
ي شانتي پرڪاش مهار اجن ۽ پياري دادا جشن و اسو اٽيءَ جي ڪرپا سان سنہ
۱ ۾ مونکي بي.لِٽ جي ڊگري ممبئي يونيورسٽيءَ مان پراپت ٿي. پرپوءَ منهنجو
ساڪار ڪيو پر ڪيترن جا ڍير ڍرا ٿي ويا!

چاندي بائي منسکاڻي ڪاليج ۾ ڪيترن ئي وديارٿين کي داخلا ڪين
ي هئي يارهين ٻارهين درجي ۾ ۷ ٻويزن هيون، ايف.واءِ.بيڪام ۾ بہ ست ڪلاس
نڌهن بہ وديارٿين جو وڌنڙ تعداد ڏسي منهنجو سپنو هو تہ مان نيتاجي هاءِ
ڪول ۾ پڙهيو بہ آهيان تہ ڪيترا سال پاڙهيو بہ آهي. اسڪول کي ڪافي وڏو
ن آهي ڇو نہ ان ميدان تي ڪاليج برپا ڪري وديارٿين جي دقت دور ڪجي.
هوُ وديا پراپت ڪرڻ کان محروم نہ ٿين. مان سنتو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو
ميمبر آهيان. مان اُن وقت جي پريزيڊنٽ پياري ڀڳو انداس منگهو اٽيءَ سان
ڪ ۾ ڳالھہ ڇيڙي تہ ڊگري ڪاليج برپا ڪريون. پياري ڀڳو انداس آرٿڪ مجبوري
اري. مان ڪولابا ممبئيءَ ۾ رهندڙ پياري ڏاسوڻي سان ذڪر ڪيو. اُن سهمت ٿي
ليج برپا ڪرڻ لاءِ هڪ ڪروڙ روپين ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پهرين هن صاحب
لک روپين جو چيڪ ڏنو جو بروقت ئي دينا بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولي جمع
رايو. ڪنهن سازش ڪير ۾ لوڻ وڌو. اُها رقم ٽيھہ لک بئنڪ وياج سوڌي پياري
و اٽيءَ کي باامانت واپس ڪري آياسين. پياري نندلعل راجپال سان بہ ڪاليج
سنبنڌ ۾ ڳالھہ ٻولھہ هلي. هن صاحب بہ پهرين ٽيھہ لک ڏيڻا ڪيا پر ڳالھہ
ين ٻٽي. شايد منهنجي سپني ساڪار ٿيڻ ۾ دير هئي.

ستسنگ ڪندي سنگت کي چيو تہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ست سمنڊ پار آميريڪا ۾ آهن. سنت ديو پرڪاش ۽ سنت اننت پرڪاش ۽ پيارو گيانلعل بہ اُنهن سان گڏ آهن. اوهان سڀ سان ستگرو مهاراج کي ياد ڪريو تہ سپني ۾ ئي اوهان کي اُنهن جو درشن ٿيندو مان پونا مان واپس آيس. ستگرو مهاراجن کي تہ دل ور ور ياد ڪندي آهي. اُن رات جو ١٢ بجي فون جي گهنٽي وڳي. مان هڪدم فون کنئي تہ ستگرو مهاراجن فون تي ستنام ساکي چوندي حال احوال پڇيو ۽ آسيس ڪئي. ستگرن آسيس ڪئي چت ڪيڏو نہ پرسن ٿيو. مان پونا ۾ سنگت کي چيو تہ ستگرن کي ياد ڪريو تہ سپني ۾ اوس توهان کي ستگرن جو درشن نصيب ٿيندو. پر داس کي ٻئي ڏينهن ئي فون تي آسيس ڪيائون.

سنڌين جي راشٽريہ ڪوي هوندراج دکايل صاحب مون سان وڏا وڙ ڪيا. منهنجي اِڇا هئي تہ دادا دکايل کي ساهتيہ اڪادمي انعام کان زوريءَ وانجهيو ويو آهي. سنڌن پوري قدرشناسي ٿيڻ گهرجي. سيتاسنتو يون ۾ هڪ ساهتيڪ سيمينار هو. سيمينار جي مهورتي اُتسوَ ۾ منچ تي شري آر.جي. آنو اٽي منگهارام سپاهيملاڻي، شري ٺاڪر چاولا ويٺل هئا. هيٺ پهرين قطار ۾ دادا هوندراج دکايل، پيڻ ڪرشنا پمياڻي پيا مهمان ويٺل هئا. مان سنڌن پويان ويٺو هوس. شري آر.جي. آنو اٽي مهورتي اُتسوَ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ سندس ٽرسٽ طرفان هر سال هڪ سنڌي ساهتيڪار کي هڪ لک روپيا انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو ويندو. اُن لاءِ ٽن ڄاڻن جي ڪاميٽي مقرر ڪنداسين. مان اِها پترائي ٻٽي بروقت ئي هڪ پني تي بہ چار سٽون لکيون تہ هن سال اِهو انعام دادا هوندراج دکايل کي ڏنو وڃي. جنهن سنڌي ڪاويہ جا گهڻا پريا آهن. هوُ انعامن کان گهٽو مٿي آهي پر سندس قدرشناسي ڪرڻ جي لحاظ کان اِهو پهريون لک روپئي جو انعام دادا دکايل صاحب کي ڏنو وڃي. اُن لاءِ ڪنهن بہ ڄاڄ جي فيصلي جي ضرورت ڪين آهي. هنن جو وڏو يوگدان آهي. اِهو پنو مان منچ تي شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ کي موڪليو. هن صاحب اُهو پنو پڙهي شري آر.جي. آنو اٽيءَ کي ڏنو. شري ٺاڪر چاولا بہ منهنجو پتر پڙهيو. بروقت ئي شري آر.جي. آنو اٽي اُتي پترائي ڪئي تہ اڄ رات واري اُتسوَ ۾ ئي لک روپين جو انعام دادا هوندراج دکايل صاحب کي پيٽ ڪري سنمانت ڪنداسين. اِها پترائي ٻٽي چوڌاري تاڙين جو ڦهڪو ٿيو. ڳ يارس جو ڏينهن هو منهنجو سپنو جو پنڃ منٽ اڳ لئم اُهو ساڪار ٿيو. خوشيءَ

ڪاڇر کان پوءِ ممبئي سهائتا وٺڻ ڪونہ ويندو آهيان. باقي اُلهاسنگر ۾
مترن کان آرٿڪ سهيوگ وٺندو آهيان. سپنو هو تہ ڪو مٿو ملي
جي ڪارپس مان بہ مدد ملندي رهي.

اوچتو مونکي ممبئي مان هڪ نئين ساڄڻ شري گوبندرام ريواچند
ٽيءَ فون ڪيو تہ مان توهان جا ليک وقت بہ وقت 'هندواسي' اخبار
ندو آهيان. اوهانجي ڪارين جي پروڙ بہ هندواسيءَ ذريعي ملي ٿي.
گهارام سپاهيملاڻيءَ کان اوهانجو فون نمبر وٺي فون ڪيو اٿم. توهان
جي شيوا ڪارين جي جيڪر رپورٽ مونکي موڪليو. مان هن پياري
نتا جناردن پريشد جي ڪارين جي رپورٽ موڪلي. هن هڪدم هڪ
وپيا پوءِ وري ڪجهہ وڌيڪ رقم موڪلي. ڪجهہ ڏينهن بعد لکيائين
توهان وٽ اچي نٿو سگهان جي توهان مون وٽ اچو تہ روبرو حالي
لي ٿيون. مان پنهنجي مترن چندرلعل مورپاڻي، همٿسنگهہ آڏواڻي،
ام موهناڻي ۽ پياري امرلعل ڦيرواڻيءَ کي ساڻ وٺي واڊن روڊ ممبئي
گوبندرام منسڪاڻيءَ جي گهر وياسين. هي پيارو گهر ۾ اڪيلو رهندو
اسان سان حالي احوالي ٿيو. سندس دل ۾ دکين لاءِ درد هو. انڪري دل
دان پاڄ ڪندو هو. ڪجهہ ڏينهن بعد هن صاحب لکيو تہ اوهانجا
ڪاريہ مونکي پسند آهن مان پنهنجي ملڪيت ۽ زر جو ڏهون حصو
جي ٽرسٽ کي دان ڪرڻ جي وصيعت ڪريان ٿو. ڪجهہ وقت بعد
گوبندرام منسڪاڻي ساچکنڊ پڌاريو. اِهو شوڪ سماچار پياري همٿسنگهہ
ٽي مونکي هڪدم فون تي ٻڌايو. ڊاڪٽر اشوڪ ليکمڻداس ڪرپالاڻي
س مکيہ ٽرسٽي هو. ڪجهہ ڏينهن بعد مان ڊاڪٽر اشوڪ ڪرپالاڻيءَ
وصيعت نامي بابت فون تي پڇيم. ڊاڪٽر اشوڪ ڪرپالاڻي چيو تہ اوهان کي وقت
ھرائي لکيل وصيعت موجب حصو ڏنو ويندو. ڪجهہ مهنن بعد ريگل پرسان وڪيل
مناڻيءَ فون ڪري مونکي آفيس ۾ گهرايو ۽ جنتا جناردن پريشد نالي چاليهہ لکن
چيڪ ڪارپس فنڊ لاءِ ڏنو. مان اُهو چيڪ جنتا جناردن پريشد جي اڪائونٽ ڪئنرا
ڪ ۾ جمع ڪرائي پوءِ وري جدا چاليهہ لکن جي فڪسڊ ڊپازٽ ٺهرائي رکي جنهن
رسال اٽڪل ساڍا ٽي لک وياج جمع ٿيندو آهي. اِها وياج واري رقم اسين شيوا ڪارين
رچ ڪندا آهيون. وري تازو وڪيل پيٽر پمناڻيءَ جو خط آيو تہ حسب موجب ٥ لک

ٻن سالن بعد ممبئي مان منهنجي هڪ اٽساچاتل پيڻ شيلا آڏو اٽي مون سان فون تي ڳالهائيندي شيوا ڪارين لاءِ پڇيو. هيءَ پيڻ وقت به وقت مونکي جنتا جناردن جي شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ ڏيندي رهي. هن سدوري پيڻ شيلا آڏو اٽيءَ پنهنجي پتي شري ٽيڪاچند آڏو اٽيءَ جي سمرتيءَ ۾ هڪ ڪروڙ روپين جو چيڪ جنتا جناردن پريشد نالي موڪليو. مان اُهو چيڪ جنتا جناردن اڪائونٽ ڪئنارا بئنڪ ۾ جمع ڪرايو ۽ پيڻ شيلا آڏو اٽي کي رسيد موڪلي. شري ڪمار اُڏارام آهوجا پريزيڊنٽ، شري راجو ستو اٽي ۽ پين ميمبرن سان ميٽنگ ۾ ڳالهه ڇيڙي ته نيتاجي هاءِ اسڪول جي ميدان تي ڪامرس ڪاليج برپا ڪجي ان لاءِ مونکي پيڻ شيلا آڏو اٽي هڪ ڪروڙ روپيا موڪليا آهن ڪاليج تي نالو اُن جي پتيءَ جو لکبو. باقي وڌيڪ خرچ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي ڪري. سڀني ميمبرن يڪراءِ فيصلو ڪيو ته ڪاليج برپا ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته اُلهاسنگر ۴ - ۵ ۾ ڪوبه ڊگري ڪاليج ڪين آهي. ڪاليج جي عمارت اڏڻ لاءِ نقشو ڪارپوريشن مان پاس ڪرائڻ لاءِ پياري ڪمار آئلاڻي، شري راجو ستو اٽي، گرداسمل پوپٽاڻي، شري گوتم، شري چندرلعل مورپاڻي ڪوشش ڪئي. نقشو پلس ٿيو.

مان جنتا جناردن پريشد جي اڪائونٽ مان ڪاليج جي اڏاوت لاءِ هڪ ڪروڙ روپين جو چيڪ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي نالي ڪيي ڏنو. سوسائٽيءَ طرفان دينا بئنڪ ۾ اُهو چيڪ جمع ڪرايو ويو. پرماتما جي اسيم ڪرپا ۽ پيڻ شيلا ٽيڪاچند آڏو اٽيءَ جي آرٿڪ سهيوگ سان ڪاليج بلڊنگ ٺهي راس ٿي. ممبئي يونيورسٽيءَ مان گهربل پرميشن ورتي ويئي. پيڻ شيلا چيو ڪاليج تي نه منهنجو ۽ نه منهنجي پتيءَ جو نالو ڏنو وڃي پر منهنجي ستگرو سوامي هنس منيءَ جو نالو رکيو وڃي. سندس اڇا انوسار ڪاليج تي سوامي هنس مني ڪاليج نالو رکيو ويو. اڄ سوين وديارٿي ان ڪاليج مان فيض حاصل ڪري رهيا آهن. نيتاجي هاءِ اسڪول جي ميدان تي ڪاليج برپا ڪرڻ جو منهنجو سپنو به پريوءَ ساڪار ڪيو.

پڳتان ڪي ڪارج پريو آپ ڪلوئيا هر ڪم ڪراون آيا رام.

اڳ مان شيوا ڪارين لاءِ اوٻڙ ڪرڻ ممبئي ويندو هوس. مگر

. پوجيہ دادا جشن و اسو اڻي انهن دنيوي ڊگرين کان گهڻو گهڻو مٿي آهي. سالن
نهنجو سپنو ساڪار ٿيو. پياري دادا جشن و اسو اڻيءَ کي 'پارت رتن' اُپاڌيءَ
پوشت ڪرڻ گهرجي.

ڪيترا سال اڳ مان دبئيءَ ۾ ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ سان روح رهاڻ
ي چيو تہ توهان پي ايڇ.ڊي ڪئي آهي ۽ هاڻي ڊي.لٽ ڪريو. منهنجو
ڪيس وڌيو. تازو ڪيس ڊي.لٽ جي ڊگري عطا ڪئي ويئي. ڪي سپنا
سان ساڪار ٿيندا آهن. ان ۾ بہ رب جو راز رکيل آهي.

☺☺☺

روپين جو چيڪ اوهان کي پيو ته ڏيٽو آهي سو وٺي وڃو. مان وٺس وڃي نہ سگهيس مشغول هوس. پريشد جو جنرل سيڪريٽري پيارو هشتسنگهہ آڏواڻي وڪيل پيڻ پمناٽيءَ کان پنهنجن لکن جو چيڪ وٺي آيو.

پريو ڪيئن نہ سپنا ساڪار ڪري ٿو. پيا بہ ڪيترائي سپنا ساڪار ٿيا آهن. اِها بہ رب جي رحمت آهي.

سنہ ١٩٩٧ع ۾ جڏهن ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان مونکي ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري عطا ڪئي ويئي، ڊاڪٽر اُشا مهتا کي آنرري ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري ڏني ويئي، تڏهن منهنجي پريل اچا ٿي تہ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ صاحب جو ساهتيہ ۾ تہ يوگدان آهي. ساڻ ساڻ هن اعليٰ شخصيت کي يوُ.اين.او. طرفان شانتي اوٿانٽ انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو ويو آهي. هن اعليٰ شخصيت کي بہ ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان اِهو خطاب عطا ڪيو وڃي. مان تنهن وقت ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جي چانسيلر ۽ مهاراشٽر جي گورنر صاحب ۽ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر کي لکي موڪليو تہ پوجيہ دادا جشن واسواڻي ممبئي يونيورسٽيءَ جو وديارٿي ٿي رهيو آهي. هن صاحب ان يونيورسٽيءَ مان ايم.ايس.سي. فزڪس ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيو آهي. هن روشن دماغ انگريزيءَ ۾ سوين ڪتاب لکيا آهن. سنڌي انگريزيءَ ۾ شاعري بہ ڪئي آهي. هن صاحب کي آميريڪا ۾ ئوٿانٽ شانتي پرسڪار سان بہ سنمانت ڪيو ويو آهي. هي صاحب دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ شانتي ۽ پريم جو پيغام ڏئي رهيو آهي. سندس تحرير ۽ تقرير ۾ جادوئي اثر آهي. سوامي وويڪانند وانگر هن مهان شخصيت ڀارتييہ اوچ آدرشن، سنسڪرتي سڀيتا جو پيغام ڏنو آهي.

ممبئي يونيورسٽيءَ کي ههڙي اعليٰ روشن دماغ وشو پرستہ شخصيت تي فخر هئڻ گهرجي. مان يونيورسٽيءَ جي ائڪيڊمڪ ڪائونسل ميمبر بورڊ آف اسٽڊيز جي چئرمن ناتي اوهان کي عرض ڪريان ٿو تہ ڊاڪٽر اُشا مهتا وانگر پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ کي ڊاڪٽر آف لٽريچر جي آنرري ڊگري عطا ڪري سنمانت ڪيو وڃي. ور ور رمائينبر موڪليم ۽ فون ڪيا مگر منهنجو سپنو ساڪار ڪين ٿيو.

پر هاڻ پونا جي سمباسس انٽرنئشنل يونيورسٽيءَ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي قدرشناسي ڪندي ڪيس ڀارت جي راشٽرپتي پرڻاب مُکرجيءَ هٿان ڊاڪٽر آف لٽريچر جي آنرريءَ ڊگري عطا ڪرائي سنمانت

ڪ نپڙ نيتا شري لعل بهادر شاستري جي مختصر جيوني پيش ڪئي.
'**پشپ پنکڙيون**' منهنجو چوٿون ڪتاب پشپ پنکڙيون ڪاويه سنگره ١٩٦٩ع ۾ پرڪاشت ٿيو. جنهن ۾ منهنجا اٽڪل ٨٥ گيت غزل ڪلام پيش ن هئا. ان ڪاويه سنگره جو مهاڳ پياري دادا جشن و اسو اٽيءَ لکيو.
'**وڪرم اروشي**' ڪوي ڪاليداس سنسڪرت ۾ 'وڪرم اُروشي' ناٽڪ لکيو. مان ن انٽر آرٽس ۾ پڙهندو هوس ته تڏهن اِهو درسي ڪتاب رکيل هو. مان اُن جو سپڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سنه ١٩٦٩ع ڌاري منهنجو انو اد ٿيل ڪتاب ع ٿيو. جنهنجو مهاڳ سنسڪرت ودوان پروفيسر اين. اين. بٺيجا لکيو.
'**دادا درشن**' دادا ساڌو ٽي. ايل. و اسو اٽيءَ جي جيون جا پرير ٽادايڪ نگ چترن سان ۽ سندن مختصر حياتيءَ جو ذڪر ان پستڪ ۾ پيش ڪيم. ن ڪري وديارٿين لاءِ ڪارگر ڪتاب آهي. ان پستڪ جا به پشپ ستگرو سو امي ٽي پرڪاش مهار اجن ۽ پوجيه دادا جشن و اسو اٽي لکيا.
'**مهڪندڙ مکڙيون**' منهنجي ٻال گيتن جو سنگره شايع ٿيو. جنهن ۾ ٻارڙن لاءِ جدا جدا وشين تي سرل سنڌيءَ ۾ گيت پيش ڪيم. انهن گيتن ۾ وندر گڏ ڪا نه ڪا سکيا به سمايل آهي. ان ڪتاب جو مهاڳ پوجيه ستگرو سو امي ٽي پرڪاش مهار اجن ۽ پوجيه دادا جشن و اسو اٽيءَ لکيو.
'**مهان سنت ساڌو و اسو اٽي**' هي پستڪ هنديءَ ۾ لکيم جنهن ۾ ڌو ٽي. ايل. و اسو اٽيءَ جي مختصر حياتي هندي ڀاشا ۾ لکيم. جنهن سنڌين کي مهان سنت ساڌو و اسو اٽيءَ جي ڄاڻ پوي.
'**وطن صدقي**' وديارٿين لاءِ خاص هي ڪتاب لکيم جنهن ۾ ديش تن سورويرن سروپڇن جو ذڪر ڪيم. هي پستڪ پياري وشنداس راٽي پرڪاشت ڪيو ۽ مهاڳ ڀائي رام ڪرشن آڏو اٽي لکيو.
'**سنڌي ڪويون کي هندي ساڌنا**' مان ڪوج ڪري هنديءَ ۾ سنڌي ڪويون کي هندي ساڌنا گرنٿ لکيم. جنهن تي ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان نکي پي. ايڇ. ڊي. ڊگري عطا ڪئي ويئي. ان گرنٿ لکڻ لاءِ مونکي ڪافي اڪشي جاکوڙ ڪرڻي پيئي. نور نچوڙ ٿو پيو. ڊاڪٽر سي. ايل. پريات ان ڏس ۾ هنجي سونهپ ڪئي. هي گرنٿ مان انجلي پرڪاش طرفان شايع ڪيو. ڪيترن

ساهتيہ جي کيتر ۾ يوڳدان

ماتا سرسوتي ديويءَ جي ڪرپا سان منهنجا سنڌي هندي ۽ انگريزيءَ ۾ اٽڪل ٧٤ ڪتاب شايع ٿيا آهن. مان وديارٿي جيون ۾ سنہ ١٩٥٤ع کان قلم هٿ ۾ ڪنيو. اُن سال يارهين درجي مئٽرڪ جو نئون سنڌي ڪتاب شايع ٿيو. مان اُن ڪتاب جو **'سنڌي سونهون'** لکيو. مان پاڻ مئٽرڪ پڙهندو هوس. نيتاجي هاءِ اسڪول جي پرنسيپال اُهو سونهون نظر مان ڪيي منهنجي همٿ افزائي ڪندي چپائڻ لاءِ همٿايو ۽ اسڪول فنڊ مان ڪجهہ پئسا لون طور ڏنا. اِهو منهنجو پهريون پستڪ پرڪاشت ٿيو. پرنسيپال پي. ايس. لغلو اڻيءَ جي صلاح سان ڪتاب جي ڪوَر تي لکيم ليکڪ 'آزمودگار پروفيسر' منهنجي اُستاد جي پيشنگو ئي اَڳتي هلي سورهن آنا سچ ٿي.

سنہ ١٩٦٢ع ڌاري چين جي چڙهائي وقت مان ڪي ملڪي محبت جا ڳيت لکيا. اُهي ڳيت ڪتابي صورت ۾ **'ديش پڪاري ٿو'** شايع ڪيم. اِهي ڳيت مان جدا جدا اسڪولن ۽ پين هنڌ ڳائي شروتائن ۾ نئين جان ڦوڪيندو هوس.

'ديش پڪاري ٿو' جا ڳيت ڀڃي ڀارت جي مرڪزي ماضي وزير دادا جئرامداس لکيو 'ديال آشا' شاعر آهي ۽ ڳايڪ بہ آهي. سندس رچنائن جو اثر انڪري ڀيٽو آهي. زمانو ڪائونس ملڪ خاطر ڳهٽيئي شيوائن جي طلب ڪندو. پڪ اٿم تہ انهيءَ شيوا مارگ ۾ ثابت قدم هلندو ۽ سنڌي جاتيءَ کي شيوا لاءِ پنهنجي ڀٽي ڪلا وسيلي اُتساهت ڪندو رهندو.

سنہ ١٩٦٨ع ۾ منهنجو ٽيون ڪتاب **'شري لعل بهادر شاستري'** جيوني پرڪاشت ٿيو. جنهن ۾ ڀارت جي پرڌان منتري نشناوار نبر

'موتي چُڳن هنس' هي پستڪ منهنجي معياري مقالن جو مجموعو
جنهن ۾ پنج ڪوجناتمڪ عالماڻہ مقالا آهن. خاص ڪري مسلم سنتي
ن جي شعر ۾ ويدانت مضمون ڪيترن جو ڌيان ڇڪايو.
'ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جيون چرتر'
جي سيڻ سماج سڌارڪ ۽ ستگرن جي انني ڀڳت شري موٽومل ڪيراجمل
واٽيءَ مونکي مٿيون گرنٿ لکڻ جي پريرڻا ڏني. ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراجن جي هوندي مان اِهو گرنٿ تيار ڪيو. ٧٠٠ پيج ڊيمي
۾ پياري موٽومل چانبواٽي پرڪاشت ڪيو. اُن جو ملھہ صرف پنج
ا رکيو ويو جئن هرڪو اِهو پستڪ سولائيءَ سان خريد ڪري سگهي
هي. هي گرنٿ بہ عوام ۾ مقبول پيو. ڪيترائي خط آيا تہ ان گرنٿ
ڻ سان زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو آهي.
'يگ پرش ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جيون
تر' هي گرنٿ سنگت جي گهُر تي هنديءَ ۾ پڻ داس لکيو ۽ پياري موٽومل
واٽيءَ هنديءَ ۾ پرڪاشت ڪيو ۽ ملھہ نالي ماتر رکيو ويو. ان پستڪ
نہ صرف ڪيترن سنڌين پر غيرسنڌين پڻ لاڀ ورتو. ستگرو مهاراجن
برهملين ٿيڻ بعد سندن مڪمل جيوني سنڌي ۽ هندي ڀاشائن ۾ سوامي
پرڪاش مهاراجن آشرم ٽرسٽ طرفان پرڪاشت ڪري وڏو وڙ ڪيو ۽
ن پستڪن جي تمام گهٽ قيمت رکي وئي جئن ساڌارڻ شخص بہ خريد
ري سگهن.
'تخيل' منهنجي گيتن، غزلن، نظمن ۽ نئين ڪوتائن جو مجموعو
يل شايع ٿيو. جنهن ۾ دادا هوندراج دکايل بہ پشپ لکيا.
'ڀارت جا ڀڳت' مان ڀارت جي ١٠٨ ڀڳتن جي مختصر جيوني هن
ر پستڪ ۾ پيش ڪئي. هي پريرڻادايڪ پستڪ سنڌيءَ ۾ ٽي چار دفعا
يو. هڪ دفعو پياري سرياچند گپت نموني شيوا ڪري اِهو گرنٿ مفت
ايو. تازو اِهو گرنٿ ديوناگري لپيءَ ۾ بہ دفعا پياري ڀائُ رتن موٽواٽيءَ
نهنجي پتني گيتا موٽواٽيءَ جي پوتر ياد ۾ پرڪاشت ڪري شيوا ڪئي
ھہ رکيو پريم سان پڙهو، هيئين سان هنڊايو. 'ڀارت جا ڀڳت' جو مهاڳ

هندي اخبارن ان گرنٿ جي ساراهہ جون سرڪيون پريون. هي گرنٿ ممبئي يونيورسٽيءَ جي ايم. اي هنديءَ ائين پيپر لاءِ پاڙهيو ويندو هو. هن پستڪ پرڪاشن لاءِ مونکي پهرين دادا جشن واسواڻيءَ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي پرڏان بئريسٽر هوتاچند گوپالداس آڏواڻيءَ پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي پڻ همٿايو. ان گرنٿ بابت ڊاڪٽر سي ايل پرڀات لکيو :

October 17, 1974.

This is to certify that Prof. Dayal Asha has been awarded the degree of Ph.D. by the University of Bombay on this thesis entitled 'Sindhi Kavion Ki Hindi Sadhna'.

The subject on which he has worked, is of great literary value and as so far nobody has attempted to assess the merit of the Hindi writings of Sindhi poets, the thesis rightly deserves the honour of being the pioneering work in this field.

This important thesis deserves to be published as soon as possible, so that, there may be a sound basis for further research.

(Dr.C.L.Prabhat.)
Head, Department of Hindi,
University of Bombay.

'سنڌ جا سنت' هن پستڪ لکڻ لاءِ بہ ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پئي. هن پستڪ جو پهريون ڇاپو پياري شري وشنداس آسراڻي شوڀا پبليڪيشن طرفان شايع ڪرايو. هي پستڪ سنڌ - هند ۾ پاٺڪن پسند ڪيو. اِهو پستڪ چار دفعا عربي لپيءَ ۾ شايع ٿيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ان پستڪ لاءِ بہ پشپ ۾ دادا جشن واسواڻيءَ مهاڳ لکيو آهي. تازو سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج اِهو پستڪ ديوناگري سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ڪيو آهي.

مالهي صاحب اِن تصنيف جو مهورت ڪندي منهنجي ساهتيڪ دين
وشني وڌي.

منهنجي هندي گيتن جو سنگرهه ٽرنگي پرڪاشت ٿيو. منهنجي
ڀڳتي گيتن جو سنگرهه ڀڄن انجلي شايع ٿيو.

'نئين روشني' ڪاويه سنگره شايع ٿيو جنهن ۾ منهنجون نيون
نائون، آزاد نظم، گيت، غزل ڏنل آهن. آزاد نظمن ۾ جدت آهي، زندگيءَ
وابسط موضوعن تي قلم هلايو آهي. ان ڪتاب جو مهورت پياري دادا
واسواڻيءَ ڪيو.

'باپوءَ جي باغ مان' ٻال ساهتيه سان سنبنڌت هن ڪتاب ۾ مان مهاتما
يءَ جي جيون جا پريرڻادايڪ برسنگ چترن سان سرل سنڌيءَ ۾ پيش
آهن. نئين ٿهيءَ کي مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن جي ڄاڻ پوي.

'منهنجي امڙ' هن ڪتاب ۾ مان پنج روسي ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾
مو ڪري پرڪاشت ڪيون. انساني جذبات هر جاتيءَ ۾ ساڳي آهي،
اس اُمنگ ساڳيا آهن. صرف ٻوليون ڀيون ڀيون آهن.

'يگ پرش ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي' هندي ڀاشا ۾ شايع ٿيو. هن
ڪ ۾ مان ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي ساري جيون مختصر هنديءَ ۾
آهي. ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي هندي ڪاويه تي پڻ مثالن سان چٽي
سني وڌي آهي.

'سڪ جا سڏڙا' منهنجي ڀڳتي گيتن جو سنگره پرڪاشت ٿيو.
ن گيتن ۾ گرو ڀڳتي، ايشور مهما ۽ ٻين وشين تي گيت لکيا.

'گيت ورهي دل جا' منهنجي ورهي ۽ ڀڳتي گيتن جو سنگره
ڪاشت ٿيو.

'ساريان جن کي ساهه سين' ڀڳتي ڀاونا وارن گيتن جو سنگره شايع ٿيو.

'پل پل پوريون' ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مهما
رهه ۾ رچيل گيت هن سنگره ۾ ڏنل آهن.

"سينٽس آف سنڌ" انگريزيءَ ۾ هي منهنجو پهريون پستڪ پرڪاشت
. جنهن ۾ ڪجهه خاص سنڌي سنتن جي حياتيءَ ڪاريه تي مان انگريزيءَ ۾

پياري دادا جشن واسواڻيءَ لکيو آهي ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن آشيرواد وچن لکيا آهن.

'سنڌي سنت ڪاويه ووياچن' هي گرنٿ به منهنجو کوجناتمڪ گرنٿ آهي. هن گرنٿ ۾ سنڌي سنت ڪوين جي ڪاويه جو اونهو اڀياس ڪري سندن ڪاويه جون خوبيون بيان ڪيل آهن ۽ ڪوين جي مختصر حياتي به پيش ڪئي ويئي آهي. سندن ڪاويه تي ويدانت جو ڪهڙو پرڀاءُ آهي، ڪاويه ۾ ڪهڙا النڪار آهن، اُن جو به مثالن مان ذڪر ڪيل آهي.

ويهين صديءَ جو مهان سنت ڪوي ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي

ساڌو ٽي.ايل واسواڻيءَ جي جنم شتابدي موقعي تي منهنجو هي ڪتاب شايع ٿيو. جنهن ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي مختصر جيون پيش ڪندي سندس ڪاويه سنگره نوري گرنٿ ۾ ڏنل ڪاويه جو ووياچن ڪيو ويو آهي. هي گرنٿ ويهين صديءَ جو امولهه ڀڳتي ڪاويه گرنٿ آهي. ساڌو واسواڻي نوري جي تخلص سان هزارين گيت رچيا جنهن ۾ روحاني راز آهن. پياسي دل جي پڪار آهي. ڪويءَ جي فيلسوفاڻه خيالن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. سندن ڪاويه ۾ ڪهڙيون شاعراڻيون خوبيون ۽ النڪار آهن اُنهن جو مثالن سان ذڪر ڪيل آهي.

'بيسوي شتي ڪي سنڌي ڪويون ڪا هندي ۾ يوگدان' هن هندي کوجناتمڪ گرنٿ ۾ مان ويهين صديءَ جي سنڌي شاعرن جن سنڌيءَ سان گڏوگڏ هنديءَ ۾ ڪاويه سرجن ڪيو آهي اُنهن جي هندي ڪاويه جي مختصر ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. سندن فيلسوفاڻه خيالن ۽ سندن ڪاويه ۾ سمايل النڪارن جو به ورڻن ڪيو آهي. مون ڪانسواءِ ڪنهن به ان وشيه تي قلم ڪين آزمايو آهي.

'سنڌ ڪي سنت' هنديءَ ۾ پرڪاشت ٿيو. هن پستڪ ۾ مان ڪن سنڌي سنتن جي جيوني تي هنديءَ ۾ روشني وڌي آهي. جئن سنڌين جي نئين پيڙهيءَ کي پنهنجي ساٿيهه جي سنتن جي پروڙ پوي.

'ٻاءِ ڪوي تون ٻاءِ' منهنجي گيتن غزلن، نظمن ۽ آزاد نظمن جو مجموعو شايع ٿيو. جنهنجو مهاڳ اعليٰ شاعر هري دلگير لکيو. شري

حدابت لکي موڪليو تہ توهانجو 'سنڌي شاعر جي تواريخ' گھڻو
اٿم. سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاريندو. ادب جي شاگردن لاءِ خاص طور
نتو ڪتاب آهي. اوهان تمام وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. هند توڙي سنڌ
اعر ۽ اُنهن جي ڪلامن کي شامل ڪيو آهي.

ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ دهليءَ مان لکي موڪليو اوهانجو
ب سنڌي شعر جي تواريخ هڪ ڪاپي ڊاڪٽر اياز قادري ڪراچي
ورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي چيئرمن کي موڪلي اٿم. لکي ٿو :

معنف ڪتاب تي وڏي محنت ڪئي آهي. ڀارت ۾ رهي ايڏو وڏو
ب لکڻ لاءِ کيس جس هجي. خاص ڪري ڪيترن اهڙن شاعرن جو ذڪر
و اٿس جنهجي احوال ۽ ڪلام جي سنڌ وارن کي خبر بہ نہ آهي.

خيرپور ميرس سنڌ مان پرنسيپال مولابخش لاڙڪ لکي موڪليو
وهانجو ڪتاب 'سنڌي شعر جي تواريخ' ڪاجھہ پڙهيو اٿم. ڪاجھہ
دن بہ پڙهيو آهي. اسانکي توهانجو لکيل ڪتاب پنهنجي مضمون ۽
مات جي حساب سان يڪتا لڳو. سٺي ترتيب ۽ سهڻي ترڪيب سان
گاريل آهي. ناميارن ۽ مشهور بزرگ شاعرن کي تہ هت بہ ڪيترن مصنفن
بند ڪيو آهي. ليڪن اوهان پنهنجي قلم جي زور سان جن شاعرن
ذڪر ڪيو آهي، اُنهن جي مونکي بہ معلومات نہ هئي. اوهانجو
اب ادب جي اعليٰ ۽ جامع خدمت آهي. سنڌي ادب جو هڪ املهہ ذخيرو
. شل خدا اوهان کي اجا بہ وڌيڪ توفيق ڏئي.

نقاد ۽ پترڪار شري ليلارام رُچنداڻي لکيو ڊاڪٽر ديال آشا سنڌي
يءَ جو هڪ سهڻو ساهتيڪار آهي. جنهن سنڌي ساهتيہ کي پنهنجي
وئي قلم جون ڪيتريون ئي سهڻيون سوکڙيون ڏنيون آهن. اُنهن مان
جي هڪ سوکڙي 'سنڌي شعر جي تواريخ' هڪ ناياب سوکڙي آهي. اِها
جي يادگار ٿي رهندي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي،
فيسر ستر امداس سائل، ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي، ڊاڪٽر سڪايل، پروفيسر جگديش
ٽي، پروفيسر مينا روپچنداڻي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي ۽ پين ان تصنيف جي سار اهہ
ن سُرڪيون پريون.

روشني وڌي. جيئن غير سنڌين ۽ نئين سنڌي ٽهيءَ کي سنڌي سنتن جي پروڙ پوي. هن ڪتاب جو مهاڳ پياري دادا جشن واسواڻي لکيو آهي.

'پُريا پورب پار' هن پستڪ ۾ مان ڪن مهان سنتن، ڪرم يوڳي شخصن، تعليمدانن، اديبن، سماج شيوڪن جو سنڌيءَ ۾ بيان ڪيو آهي جن جاتيءَ جا گهڙا ڀريا. هي پستڪ منهنجي متر همٿسنگهہ آڏواڻيءَ جي ڀيڻ گوپي آڏواڻيءَ پرڪاشت ڪيو.

'غنچو' گيتن، غزلن، دوهن، آزاد نظمن جو مجموعو شايع ٿيو. جن ۾ سلاست فصاحت ۽ جدت آهي.

'اُڀار' منهنجو هندي ڪاويہ سنگرهہ پرڪاشت ٿيو. جنهنجو مهورت مهاراشٽر جي مکيہ منتري شري ولاس راوَ ديشمک ڪيو. ان مجموعي ۾ مون هندي گيت، غزل، آزاد نظم ۽ ڪي ڀڳتي گيت پيش ڪيا آهن.

'دادا جشن واسواڻي جيون چرتر' هن گرنٿ ۾ مون وشوَ پرسڌ سنت، فلاسافر، اعليٰ تعليمدان روحاني رهبر دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون ۽ ڪاريہ تي چٽي روشني وڌي آهي. ان گرنٿ جي ڇپرين ڀاڱي تي مونکي سرڪار طرفان انعام عطا ٿيو. هي جيون چرتر ڪيترن لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهي. پرڪاشن ۾ شري ڪشنچند پارواڻيءَ سهيوگ ڏنو.

'ساهتيہ سرڀي' منهنجي هندي مضمونن ليکن جو سنگره ساهتيہ سُرڀي پرڪاشت ٿيو. ان ۾ مان جدا جدا ساهتيڪ وشين تي مضمون لکيا آهن.

'سنڌي شعر جي تواريخ' منهنجو هي کوجناتمڪ گرنٿ آهي جنهن ۾ مون شروع کان وٺي سنہ ١٩٥٠ع تائين پيدا ٿيل سنڌي شاعرن جي حياتي ۽ شعر جو ذڪر ڪيو آهي. هن تصنيف هند سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. شاهہ سچل ۽ ساميءَ تي خاص مقالا پيش ڪيا. ٻين سوَن سنڌي هندو مسلم شاعرن جي شعر جي مختصر ڇنڊڇاڻ ڪئي. سنڌن ڪاويہ ۾ سمايل ساهتيڪ خوبين جو ذڪر ڪيو آهي.

هند سنڌ جي عالمن مونکي ان تصنيف لاءِ داد ڏنو سنڌ ۾ پروفيسر

اٽڪل ويهہ هزار ڪاپيون شايع ٿي چڪيون آهن.
'آج جو ويچار' پوجنيہ دادا جشن واسواڻيءَ جا ٣٦٥ سنڌي ويچار
۾ ترجمو ڪيا. اِهو ڪِتڪو پياري نارايڻ پوپٽاڻي پرڪاشت ڪيو.
ڪيترائي شرڌالو نت نيم ان پستڪ مان لاڀ پراپت ڪن ٿا.
'جيون جهلڪون' پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون جون
ڪون چترن سميت هن پستڪ ۾ ڏنل آهن. خاص ڪري ٻالڪن لاءِ هي
ب تيار ڪيم. ياءُ موتومل چانڊواڻيءَ اِهو ڪتاب سنڌيءَ ۾ پرڪاشت
ءَ هنديءَ ۾ اِهو ڪتاب ياءُ چندرلعل ڪنعيالعل مورپاڻيءَ پنهنجي پراتا
عل موريالڻيءَ جي يادگيريءَ ۾ پرڪاشت ڪيو.
'ادبي سرهاڻ' سنہ ٢٠٠٧ع ۾ شايع ٿيو هن پستڪ ۾ جدا جدا وشين
نهنجا اٽڪل ويهہ مضمون مقالا ڏنل آهن. انهن ۾ ڪي ادبي مضمون
نہ ڪي بياني ۽ شخصي ۽ سماجڪ مضمون آهن. ان پستڪ جو مهورت
رام چيتملاڻيءَ خاص اُتسؤ ۾ ڪيو.
'نوبل هارٽس' هي منهنجو پيون انگريزي ڪتاب شايع ٿيو. جنهن
هن سنڌي هستين جو انگريزيءَ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. جن جدا جدا
ن ۾ پاڻ موکي سنڌي جاتيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. سنڌي نئين ٽهي
ر سنڌين کي جئن اسانجي جدا جدا هستين جي ڄاڻ ملي.
'سدا حيات' ۾ منهنجا سنڌي ساڄڻ جن جدا جدا کيترن ۾ پاڻ موکيو
هن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.
'ٻارو اچو تہ ڳايون' سرسوتي ماتا جي ڪرپا سان مان سنڌي ٻال
نيہ ۾ بہ پاڻ موکيو آهي. 'ٻارو اچو تہ ڳايون' منهنجي ٻال گيتن جو
رہ آهي. منهنجي پياري ياءُ رام لعلچنداڻيءَ هرهڪ گيت سان سندر چتر
رت ڪندي ان پستڪ کي سينگاريو. مان ڪتاب جي هست لکت ڪاپي
سي.ئي.آر.ٽي کي موڪلي. جنهن مونکي ٻال ساهتيہ چٽاپيٽيءَ ۾ ڏهہ
روپيا انعام عطا ڪيو. اِهي گيت ٻالڪ سولائيءَ سان ڳائي سگهن ٿا.
ن گيتن ۾ وندر سان گڏ سکيا بہ سمايل آهي.
'سنڌ کي ڪبير سوامي ٽيئونرام' هنديءَ ۾ پرڪاشت ٿيو
هن ۾ مان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي حياتي ۽ هندي ڪاويہ

"وشوَ کي مھان ويوتي دادا جشن واسواڻي" مان هن اموليہ گرنٿ ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي سنہ ٢٠٠٠ع تائين جيوني هندي ڀاشا ۾ لکي. جنھن ۾ دادا جشن واسواڻيءَ جي زندگيءَ جو سلسليوار ذڪر ڪيو اٿم. سندن آدرشن سدانتن جو مثالن سان چتر چٽيو اٿم. ڪيترن هندي سنڌي مراٺي اخبارن هن گرنٿ جي ساراهہ لکي. هي گرنٿ پياري چندرو سڪراڻيءَ جي سهيوگ سان پرڪاشت ٿيو. ان گرنٿ لاءِ مهاراشٽر جي هندي اڪادمي ٢٥ هزار روپيا ڪاڪا ڪاليلڪر انعام ڏنو.

'ازل جي اُڃ' منھنجي گيتن، غزلن، نظمن، آزاد نظمن ۾ جو مجموعو شايع ٿيو. جنھنجو مھاڳ شاعر ارجن حاسد لکيو. اين.سي.پي.ايس.ايل. انعام عطا ڪيو.

'احساسن جو عڪس' سنہ ٢٠٠٣ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ منھنجو اڳيون سمورو ڪلام ۽ نوان رچيل گيت غزل، آزاد نظم، دوها، سورٺا، نظم وغيره شايع ٿيا.

'ڪاويہ گلدستو' مان سنت ڪبيرداس جا ڪي دوها سنت تلسيداس جا ڪي دوها، ميرا ٻائي جا ڪي پد، هندي، مراٺي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين جون ڪي رچنائون سنڌي ڪاويہ ۾ ترجمو ڪري پرڪاشت ڪيون.

'سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جيون جھلڪون' ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جيون جا ڪي پريرڻادايڪ پرسنگ چترن سان گڏ ڪتابي صورت ۾ پرڪاشت ڪيا. نئين ٽهيءَ لاءِ هي پستڪ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيو. منھنجي پياري متر شري موتومل چاندواڻيءَ هي پستڪ پرڪاشت ڪيو.

ساڳيو ڪتاب وري هنديءَ ۾ بہ پرڪاشت ٿيو.

'ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جا سونھري ويچار'

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جا املهہ ٣٦٥ سنتي ويچار هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪيم. هي سنگرهہ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن سوامي شانتي پرڪاش آشرم ٽرسٽ طرفان چار دفعا ڇپائي شايع ڪيو آهي. اڄ ڪيترائي پريمي نت نيم اُن مان وچن وٺندا آهن. هن ڪتاب

جي سدا حيات دوست شري موهن لعل تلريجا پنهنجي مٺڙ آواز ۾ جا هزارن لوڪن ڀڳي ساراهہ جون سُرڪيون ڀريون. منهنجي دوهن ي سي.ڊي، وي.سي.ڊي ڀيڻ سمن راجڪمار ڪيملاڻي پنهنجي مٺڙ سُر ي. اُن سي.ڊي کي پياري موهن لعل واڌواڻيءَ وي.سي.ڊي روپ ۾ تيار . اِها وي.سي.ڊي بہ شروتائن کي ڏاڍي پسند پئي. ڀيڻ ڪملا واڻي بہ منهنجا ڪي گيت آڪاشواڻيءَ تان پنهنجي مٺڙ سر ۾ ڪيا. ڪاويہ چنتن من جو منٿن ۾ ڪيترائي روحاني راز بہ سليا آهن يحت آميز نڪتہ بہ آهن. منهنجا ورهي گيت بہ آهن جن ۾ درد ۽ سوز ان ڪاويہ گرنٿ جو مهورت دادا جشن واسواڻي ڪيو.

ڪجھہ سالن بعد ڪاويہ چنتن من جو منٿن ديوناگري لپيءَ ۾ پرڪاشت ان ديوناگري گرنٿ ۾ ڪجھہ نوان لکيل گيت پڇن دوها بہ وڌا ويا.

'ڪاويہ انجلي' 'ڪاويہ چنتن من جو منٿن' پرڪاشت ٿيڻ کان ان جيڪي ڀڳتي گيت رچيا اُهي ڪاويہ انجلي ۾ پيش ڪيم. جدا جيون اُپيوگي ۽ پرمارٿ لاءِ راهہ روشن ڪندڙ گيت آهن.

'پري گنٿت پشپ' هنديءَ ۾ لکيل منهنجي مقالن ۽ مضمونن جو هہ پرڪاشڪ ٿيو. جدا جدا وشين تي اٽڪل ١٥ مقالا ۽ مضمون هنديءَ آهن. ان هندي پستڪ جو هندي جڳت ۾ سواگت ٿيو.

'ٽڙيل پکڙيل گل' هن پستڪ ۾ منهنجا ڪي مضمون، مقالا، اڻيون، خط، ليک جيڪي جدا جدا مخزن يا ڪتابن ۾ ڇپيا هئا سي ڪري هي مجموعو شايع ڪيم.

'آئو ملڪر گائين' منهنجي هندي ٻال گيتن جو سنگره پرڪاشت پياري ڀاءُ رام لعلچنداڻي انهن گيتن کي پنهنجي چترن سان سينگاريو. ڪتاب جو مهورت پياري دادا جشن واسواڻيءَ ممبئيءَ ۾ ڪيو.

'غنچو' منهنجي گيتن، غزلن، نظمن، دوهن، ڪلامن جو مجموع ٿيو. جنهن جو مهورت سنگيتڪار مهيش چندر ڪيو ۽ اُن مان ڪي پنهنجي مٺڙ آواز ۾ پيش ڪيا.

'شاهہ سچل سامي' سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي ٽِہ مورتي تي

تي چٽي روشني وڌي آهي. پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن جي هندي ڪاويہ جو مختصر مثالن سان ورڻن ڪيو آهي.

’ٿل امڙا لعل چمن‘ هٿ سان لکيل ڪتاب تي مونکي ڀارت سرڪار جي تعليمي وڀاڳ يونيسڪو انعام عطا ڪيو هو. اُهو ڪتاب پرڪاشت ڪيو. ان پستڪ ۾ ڀارت جي نبر نشڪام نيتائن جو ذڪر ڪيو اٿم. جن ديش جي آزادي آندولن ۾ سڪريہ ڀاڱ ورتو ۽ اُن بعد ديش جي نونرماڻ ۾ يوگدان ڏنو.

’وندنا ڪي سوَر‘ منهنجي هندي ڀڳتي گيتن جو سنگره پرڪاشت ٿيو. جنهنجو مهورت پرسڌ گايڪ شري پرشوتم جلوٽا ڪيو ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن آسيس ڪئي.

’ڪاويہ چنتن من جو منٿن‘ منهنجو ڀڳتي ڪاويہ سنگره عربي سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ٿيو. ان ڪاويہ سنگره ۾ ١٦٠ کن دوها چوپايون اٽڪل اڍائي سؤ کن جدا جدا وشين تي گيت آهن. جن ۾ ڀڳتي، گيان وئراڳ، گرو مهما مکيہ وشيہ آهن. شري سرسوتي ماتا جي وندنا سان ڪاويہ گرنٿ شروع ٿئي ٿو. اُن ۾ وگهن وناشڪ شري گڻيش ڀڳوان، ڀڳوان شري ڪرشن، پريو شري رام، شري هنومان، آدشڪتي ديوي ماتا، شري امر اُڏيرولعل، شنڪر ڀڳوان، گوتم ٻڌ، ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي، امر شهيد ڀڳت ڪنوررام، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، ستگرو سوامي سروانند مهاراج، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، دادا جشن واسواڻي ۽ ٻين سنتن جي مهما جا مٺا گيت آهن. مان سمنويہ وادي آهيان. مان نرگڻ برهم جو ورڻن بہ ڪيو آهي تہ ساڪار سگڻ ڀڳوان ڪرشن، شري پريو رام جي مهما بہ ڳائي. برهم جيوَ جڳت مڪتي وشين تي بہ قلم هلايو آهي. منهنجي ڀڳتي ڪاويہ تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي، ڪوي هوندراج دکايل، دادا جشن واسواڻي، شاعر پرسرام ضيا ۽ ٻين سنتن جي واڻيءَ جو خاص اثر آهي. منهنجي انهي ڀڳتي ڀاونا وارن گيتن جون سي.ڊي، وي.سي.ڊي ڪئسيٽس منهنجي آواز ۾ شروتائن کي قبول پيون آهن. منهنجي سنڌي دوهن جي هڪ ڪئسيٽ سي.ڊي ’ديال دوهاودلي‘

سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج اِهو گرنٿ ديوناگري سنڌيءَ ۾ امراپور
جئپور مان ڇپائي پڌرو ڪيو. ان گرنٿ جو ٻهريون ڇاپو خلاص
يو ۽ هاڻي ٽيو ڇاپو ڇپجي رهيو آهي.

'**ڪاويہ چنتن من جو منٿن**' ديوناگري سنڌيءَ ۾ وڏو سنسڪرڻ
ن موٽواڻيءَ پنهنجي پتني گيتا موٽواڻي ۽ ماتا دياونتي موٽواڻيءَ
وتر يادگيريءَ ۾ پرڪاشت ڪيو.

'پکيئڙا پرواز ڪري ويا' جو مهورت پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ
. ان ڪتاب ۾ ڪن سرڳواسي ٻائرن ڀينرن جو ذڪر ڪيو آهي، جن
جدا ڪيترن ۾ پاڻ موڪيو.

'تصور' (شاعري) جو مهورت مهيشچندر ڪيو ۽ سوامي ديو
ڪاش مهاراجن آسيس ڪئي. پياري نندلعل راجپال ۽ ڊاڪٽر ششي راجپال
ڪتاب شايع ڪيو. ان ۾ منهنجا نوان غزل، گيت ۽ آزاد نظم پيش ڪيل

☺☺☺

مان هن پستڪ ۾ سندن زندگيءَ جو ذڪر ڪندي سندن شاعريءَ جو جائزو پيش ڪيو آهي. سندن شاعري ۾ سمايل فيلسوفاڻن خيالن ۽ ڪاويہ ڪلاتمڪ خوبين تي مثالن سان روشني وڌي آهي.

'ديال دوهاولي' منهنجا رچيل دوها سنڌيءَ ۾ پياري هريش روپاڻيءَ عربي سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ڪيا ۽ ڀيڻ ڪلا موٽواڻي ديوناگريءَ سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ڪيا. جي پاٺڪن ۽ شروتائن کي ڏاڍا قبول پيا. اُنهن دوهن جون ٻہ سي.ڊيون 'ديال دوهاولي' ڀاءُ موهنلعل تلريجا جي آواز ۾ ۽ 'آشا دوهاولي' ڀيڻ سمن ڪيملاڻيءَ جي آواز ۾ لوڪ پريہ ٿيون انهن دوهن ۾ ڪيتريون سکيائون سمايل آهن.

'اندر جو اظهار' منهنجي گيتن، غزل، آزاد نظمن جو مجموعو شايع ٿيو. ان مجموعي ۾ منهنجا ٽيڙا، هڪ سٽا، ٻہ سٽا، چو سٽا، دوها ۽ موجوده وشين تي آزاد نظم پيش ڪيل آهن. انهن گيتن، غزلن کي منهنجي پياري ڀاءُ رام لعلچنداڻي نهڪندڙ چتر چترت ڪري اندر جي اظهار کي سينگاريو آهي.

'ناصحاڻہ سنڌي شعر' منهنجي هن کوجناتمڪ پستڪ جو مهورت شري رام ڇيتملاڻيءَ ڪيو. هن تصنيف ۾ مان شروع کان وٺي اڄ جي شاعرن تائين سندن ناصحاڻہ ڪلام تي چٽي روشني وڌي آهي. هي ان قسم جو پهريون ڪتاب آهي. اين.سي.پي.ايس.ايل جي سهيوگ سان هي ڪتاب شايع ٿيو.

'مٺا ماڻهو' منهنجو ڪتاب 'مٺا ماڻهو' مقبوليت حاصل ڪئي جيڪي شخص منهنجي نظرن ۾ مٺا آهن ۽ اُنهن پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ ڀاڱ موڪيو آهي اُنهن جي حياتي ۽ ڪيل ڪارين جو مختصر ذڪر ڪيل آهي. اُنهن شخصيتن ۾ ڪي سنت آهن تہ ڪي سنساري، ڪي ٻال برهمچاري آهن.

'سنڌي سنت' ديوناگري سنڌيءَ ۾. منهنجي اِڇا هئي تہ 'سنڌي سنت' پستڪ ديوناگري سنڌيءَ ۾ ڇپجي. جئن سنڌي نئين ٽهيءَ کي پنهنجي سنڌي سنتن جي ڄاڻ پوي. پرماتما جي ڪرپا سان پريم پرڪاش منڊل جي

وهاريائون. جيلر صاحب منهنجو سو اڳت ڪندي پشپ مالهائون پيش ڪيون.
جيل ۾ قيدين جنهن شرڌا ۽ پريم سان منهنجو سو اڳت ڪيو. اهڙو سو اڳت
۾ ڪنهن ڪين ڪيو. جيل سپرنبنٽ شري پرشوتم منهنجي واقفيت ڏني.
مان وياکيان ڪندي چيو تہ اڄ مان هتي مهان ويوتين ستگرو سو امي ٽيئونرام
ڻ. ساڌو ٽي ايل واسو اٽي، سو امي سرو انند مهاراجن، ستگرو سو امي شانتي
ش مهاراجن، سنت هردارام صاحب، پياري دادا جشن واسو اٽيءَ جو سنديش
يو آهيان تہ توهان اڄ کان نوان ٿيو. پنهنجي جيون ۾ ديا پريم ۽ سمرڻ جي
جڳايو. توهان هتي ڪنهن ڪيل گناهہ سبب سزا ڀوڳي رهيا آهيو. اوهان مان
ي الزام لڳايا ويا هوندا اوهان هن جنم ۾ ڪو غلط ڪم ڪين ڪيو هوندو پر پورو
ڪيل گناهن سبب بہ ڪڏهن ڪڏهن هن جنم ۾ بہ حساب چڪتو ڪرڻو
و. انڪري زندگيءَ مان نراس نااُميد نہ ٿيو. ڪن بيروزگاري سبب تہ ڪن
رين سبب گناهہ يا غلطيون ڪيون آهن اُن ڪري سزا ڀوڳڻي پوي ٿي. اوهان
جيل ۾ رهندي پنهنجي ڪيل گناهن غلطين جي پياري پريوءَ کان معافي وٺو.
جا لڙڪ لاڙيندي پرماتما کي پرارٿنا ڪريو پريو اسانکي معاف ڪر! اسان کي
ڪر ائين ڪندي ڪندي توهان کي آتمڪ شڪتي ملندي، ملين من اوجر ٿيندو
ان هڪ ڏينهن هن بند مان آزاد ٿيندا.
يارت جو آدي ڪوي رشي والميڪ رهزن ڌاڪو هو. سندس جنم جو نالو
ڪر هو. هن ڪيترن ئي راهگيرن کي ماري لٽي ڦري پورو ڪيو. پر جڏهن ڪيس
نارد ست مارگ ٻڌايو تہ تون گهر جي جن ڀاتين جي پالنا لاءِ هي ڪتو ڪم
ين ٿو، اُهي تنهنجي ڪيل ڪُڪرم جي سزا ڀوڳڻ ۾ توکي ساٿ ڪين ڏيندا.
جي ڪيل ڪرمن جو ڦل توکي ئي ڀوڳڻو پوندو. انڪري تون هي ڪوٽا ڪم ڇڏي
۽ محنت جي ڪمائي ڪندي پريوءَ جو سمرڻ ڪر. رتناڪر ڌاڪوءَ جي من ۾
رتن اچي ويو. هوُ ست مارگ تي هلندي، پڇتاءَ جا لڙڪ لاڙيندي پريو شري رام
يڳتيءَ ۾ تلين ٿي ويو ۽ يارت جو آدي ڪوي رشي والميڪ بڻيو.
منهنجا پيارا ڀائرو! توهان بہ هتاش نہ ٿيو. ڏکن جا ڏينهن گذري
ا. اوهانجو آئيندهہ بہ رتناڪر ڌاڪوءَ وانگر روشن ٿي سگهي ٿو.
اُتي کي هندي ڀڄن ڳايا ۽ رگهوپتي راگهوَ راجا رام جي ڌني لڳائي.

جيلن ۾ قيدين سان روح رهاڻ

مڌيہ پرديش سنڌي اڪادميءَ جي قرب ڀري ڪوٺ تي مان 23 سيپٽمبر سنہ 2003ع ۾ ڀوپال ويل هوس. اُتي سائين ڪشنچند ٻيوس جي سنبنڌ ۾ سڏايل سيمينار جي صدارت ڪندي ڪوي ٻيوس جي ڪاويہ تي چٽي روشني وڌي. اُتي مان سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش منڊر سنت هردارام نگر ۾ رهيل هوس. پياري آئلداس چيو تہ سياڻي توهانجو پروگرام ڀوپال جي سينٽرل جيل ۾ رکيو ويو آهي. اُتي هلڻو پوندو. جيل ۾ توهانجي وياکيان جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو آهي. ڪنهن جيل ۾ قيدين سان ملڻ جو هي پهريون موقعو هو. مون ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جا جيون چرتر لکندي بڙودا جي سينٽرل جيل ۾ سندن قيدين سان گڏجاڻي ۽ پروچن جو ذڪر ڪيو هو. شايد اُنهن جي پريرڻا ۽ آسيس سان ئي داس کي سينٽرل جيل ۾ گهرايو ويو. مون قيدين کي ميوو پرساد طور ڏيڻ لاءِ 25 پيٽيون صوفن جون خريد ڪيون.

24 سيپٽمبر صبوح جو سينٽرل جيل ۾ مون سان گڏ ڀاءُ آئلداس، ڀيڻ وديا سرياچنداڻي بہ ساڻ هليا. جيل جي مکيہ دوار کان وٺي پروگرام واري هال تائين اڇين چادرن تي گلاب جا گل پکڙيل هئا. قيدي ٻنڌ باجا وڄائيندا مونکي ڏاڍي عزت سان هال طرف وٺي هليا. مون سان گڏ جيلر بہ هو. وچ وچ ۾ رستي تي قيدين کي جهانڪيون بہ ٺاهيون هيون. ڪنهن جهانڪيءَ ۾ قيدي شري ڪرشن تہ ڪنهن جهانڪيءَ ۾ پريو شري رام روپ ۾ پسيم. هال ۾ گهڙيس تہ اٽڪل 24-25 سؤ قيدي سفيد کاديءَ جي پوشاڪ ۾ اُتي ويٺا ۽ پرڻام ڪيائون. سيني قيدين جي مٿي تي گ انڌي ٽوپي پيل هئي پر هٿڪڙي ڪنهنکي بہ لڳل ڪين هئي. سينگاريل منچ تي

يل جي آفيسر ۽ قيدين جا آيار ماڇي منچ تان هيٺ لهي قيدين سان
ملندي ڪين صوف ڏنا. ڪيترن ئي قيدين جي اکڙين مان پڇتاءَ جا
وهي رهيا هئا. ڪن قيدين پيار سان ملندي ڀاڪر پيي پاتا. ڪي پاڻو
ليا. پوءِ جيلر صاحب پنهنجي آفيس ۾ وٺي آيو ۽ دواخانو ۽ ڪاڇن
ڪاريو. جيل جي صفائي ۽ انتظام ڏسي خوشي ٿي. اُنهن قيدين ڪان
جدا ڪم ورتا وڃن ٿا. قيدين جي مانسڪ پريورتن لاءِ ئي ڪن
ڻن جا ڪاريہ ڪرم رکيا وڃن ٿا. پروگرام جي ٻئي ڏينهن ڀوپال
ڪن اخبارن ۾ خبر شايع ٿي تہ ڊاڪٽر ديال آشا سينٽرل جيل ۾ سوين
شاڪاهاري ٿيا. مون محسوس ڪيو تہ ڀوپال ۾ منهنجي ياترا سڦل

سنہ **2007**ع ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جنم
ي ملهائڻ لاءِ مان سنت رميش پرڪاش سان گڏ جدا جدا شهرن ۾ ويس ۽
ستگرو مهاراجن جو جنمدن ملهايو. پريمين ساگر سينٽرل جيل ۾ بہ
يہ ڪرم رکيو. جيل جي آفيسر پهرين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش
اجن جي مورتيءَ تي ڦول مالها چاڙهي ۽ پوءِ ٻين جو سواگت ڪيو.
رميش پرڪاش قيدين ڪي سمبوڌت ڪندي ستسنگ ڪيو ۽ پيڻ سمن
ٽي متر پڇن ڳايا. داس اُتي قيدين سان روح رهاڻ ڪندي چيو تہ اوهان
هتي جيل ۾ ستسنگ ڪريو، پياري پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي پڇتاءَ جا
ڪ لاڙيو. هڪ سڀاڳي ڏينهن اوهان هن بند مان آزاد ٿيندا. پوروَ جنمن يا
جنمن ۾ ڪيل ڪن غلطين سبب اوهان هن جيل ۾ آهيو. هتي رهي وري
ن ست ڪرمن جي پوک پوکيو. پريوءَ کي چئو ”سوريءَ مان ڪنبو
جاڻ! معافي ڏجاءِ“ دل جي گهرائيءَ مان نڪتل پرارٿنا پريو ٻڌي ٿو.
ن نراس نہ ٿيو. اوهان مان ڪي هتي مانس آهار ڪندا هوندا. پريات
وقت ڪيئن نہ ڪاسائي گگدام ٻڪرن ٻڪرين ڪڪڙين کي ڪهن
اوهين اُنهن مردن جا ٽڪر نہ کائو. اوهان انهن گگدامن تي ڪهل ڪري
ڪان آجيون ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪريو. اوهان انهن جيون تي
ڪندا تہ پرماتما وري توهان تي ديا ڪندو. صحت جي خيال ڪان ڌرم ۽

ڳائڻ ۾ قيدين بہ مونکي ساٿ ڏنو. مون جيوَ ديا بابت هيٺيون ڀڄن ڳايو.

جيوَ ديا کي جوت جڳائو،
مانوَ جيون سڦل بنائو!
سڀ پراڻي هنئہ روپ پريو کي،
تم سڀ کو گلي لڳائو!
مانوَ دانوَ مت بن تو،
تو سنيھہ سُڌا برسائو!
يھہ تن هئہ مندر مالڪ کا،
تُم مانس کيي نهين ڪائو!
جو بوئيگا وھہ پائيگا،
تم سچي ڪرم ڪمائو!
گھٽ ۾ ديا نهين مرگھٽ هئہ،
تُم روپ ديا ڪا بن جائو!
جو تُجھہ ۾ وھہ ساري جگ ۾،
”آشا“ کيي نہ ڪسڪو ستائو!

منهنجا پيارا ڀائرو اوهان مان ڪيترائي مانس، مڇي، انڊا ڪنڊا کائيندا هوندا. اڄ کان ڳڳدام پکين پسن تي ديا ڪريو تہ پيارو پريو توهان تي ديا ڪندو.

ڪاسائي جڏهن ٻڪرن ٻڪرين ڪڪڙين کي ڪهن ٿا تڏهن اوهان اُنهن جون آهون ۽ دانهون ٻڌو. ان هنسڪ ڪاتي ۾ انهن ابهمن ڳڳدامن جون آهون ۽ دانهون آهن. پنهنجي پيٽن کي قبرستان نہ بڻايو. اڄ کان وٺي پورڻ ويشنو ٿي رهو ۽ ان ڪيل گناهہ لاءِ بہ پريوءَ کان معافي طلبيو. ديا ئي سيني ڌرمن جي جڙ آهي. سنت تلسيداس بہ فرمايو آهي :-

دیا ڌرم ڪا مول هئہ نرڪ مول ايمان
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي جب لگ گھٽ ۾ پران

منهنجي سوز ڀري اپيل ٻڌي اٽڪل پنج سؤ کن قيدي اُٿي بيٺا جن مانس آهار جو تياڳ ڪري آجيون ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو.

سياست کان دور

وديارٿي جيون ۾ پنهنجي اُستاد شري رمنلعل بوڏا جي اثر سبب ڪجهه
ن آر. ايس. ايس ۾ ويندو هوس. شري رمنلعل بوڏا تن ڏينهن ۾ اُلهاسنگر جو
ـه سنچالڪ ۽ جوشيلي سڀاءَ وارو جذباتي شخص هو. مان مهاتما گانڌي جي
ڪتا پڙهي. ساڌو هيرانند آڏواڻيءَ جو جيون چرتر پڙهيم. اُنهن جي حياتيءَ
اثر ٿيس. سنه ١٩٥٣ع ۾ راشٽريه ڪوي هوندراج دکايل جي صحبت ۾ آيس.
جي ويچاردارا جو به مون تي اثر ٿيو. مان ڪنهن به سياسي پارٽيءَ جو ميمبر
ينهن تائين ڪين ٿيو آهيان. مان سدائين سچ جو سمرٿڪ رهيو آهيان. سنه
- ١٩٥٧ ۾ مون هڪ گيت لکيو. جنهن جو چونڊن ۾ استعمال ڪيو ويو. مان
هن به شخص تي اُن گيت ۾ نڪته چيني ڪين ڪئي هئي. صرف اُنهن شخصن
تصوير چٽي هئي جي کاديءَ جي پوتر پوشاڪ پهريندي غلط ڪم ڪن ٿا. ڪي
غرض ڪرسيءَ جو اجوڳ فائدو وٺن ٿا. اُن گيت تر ٿلو مچائي ڇڏيو. مان تن
ن ۾ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪولن ۾ نوڪري ڪندو هوس.
سائٽيءَ جي ڪن ميمبرن شري ماڻڪراءِ ايسراڻي ۽ پين سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ
ي راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ کي منهنجي خلاف شڪايت ڪئي ته اسان
آشا کي نوڪريءَ ۾ رکيو آهي ۽ هوُ اسانجي خلاف گيت لکي ٿو. راءِ صاحب
لداس ڪيماڻيءَ مونکي گهرايو ۽ اُهو لکيل گيت به گهرايو. هن مونکي صلاح ڏني
وڪي نوڪري پياري آهي نه، ته اِهو گيت غائب ڪري ڇڏ. گيت وارو پنو هاڻي ئي
ي ڦٽو ڪري ڇڏ. مونکي نوڪري پياري هئي مان راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ
سامهون اُن گيت لکيل پني کي ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏيو.

وڳيان جي خيال کان بہ هي هنسڪ ڪاڌو ڪيڏو نہ نقصانڪار آهي. ڀاڄيون کائو، ميوا کائو صحت ٺاهيو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جن بہ اِها سکيا ڏيندي فرمائين ٿا :-

مانس آهاري منش جي سيڌي نرڪي جايہ
ڪهہ ٽيئون وهہ بهت ڪشٽ تاپ ڪو پايہ
مانس کائي سي منش ڪي هووي ٻُڌي ملين
ڪهہ ٽيئون ٻڌي پرشٽ سي ڪرم ڌرم هو کين

اڄ اسين هت مهان ويوتي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنم شتابدي اُتسو ملهائي رهيا آهيون. اُنهن جيوَ ديا جو ڪيڏو نہ پرچار ڪيو! هزارن گگدام پسن کي جيئدان ڏنو. هزارن پريمين مانس آهار جو تياڳ ڪيو. پريم پرڪاش منڊل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پڻ پنهنجي ستسنگ دواران جيوَ ديا جي جوت جڳائي. اوهان بہ جيون ۾ جيوَ ديا جي جوت جڳايو. مانش جيون سڦل بڻايو.

بروقت ئي 205 قيدين مانس آهار جو تياڳ ڪيو. ڪين داس مالهائون پيٽ ڪندي ڏنيواد ڏني. جيل ياترا سڦل ٿي. قيدي ڪيتري نہ قرب ۾ مليا. سندن اکين مان پڇتاوَ جا لڙڪ لڙي رهيا هئا!

☺☺☺

و تہ مان ڪانگريس ٽڪيٽ تي اُميدوار بيهان. مونکي آچ ٿي پر
ن چيو تہ منهنجا مالڪ پوجيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
ر دادا جشن و اسو اٽي آهن. اُنهن جي آگيا ڪان سواءِ مان هڪ قدم بہ ان
نہ وڌندس. آخرڪار ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي هڪ ڏينهن
جو سنديش آيو تہ اڄ شام جو ٥ بجي مهاراشٽر جو منتري شري شانتا رام
ب اوهان سان ملڻ ٿو چاهي. ستگرو مهاراجن مونکي آگيا ڪئي تہ تون بہ ان
نتي ضرور هاڃ خبر ناهي تہ ڪهڙي ڪم لاءِ وزير صاحب اچي رهيو آهي. مونکي
ڪل ڪين هئي تہ وزير صاحب ڪهڙي ڪم لاءِ اچي رهيو آهي. مان ستگرو
جن جي آگيا سان شام جو ستگرو مهاراجن جي ڪمري ۾ پهچي ويس. ڪجهہ
بعد ٿاڻا ضلع جو پالڪ منتري شري شانتارام گهولپ، شري دولترام منگتاڻي ۽
رهن مدبر ڪانگريسي ستگرو مهاراجن وٽ آيا. ستگرو مهاراجن اُنهن کي
ريو ۽ مونکي آگيا ڪئي تہ آيل مهمانن کي پهرين پاڻي پيئار. ستگرو مهاراجن
صاحب کان پڇيو تہ اڄ اوهان هت ڪيئن آيا آهيو؟ وزير صاحب ستگرو مهاراجن
ينتي ڪئي تہ اسانجي جهول پريو. ديال آشا کي اسان اسيمبلي اُميدوار طور
گريس ٽڪيٽ تي بيهارڻ چاهيون ٿا. ڊاڪٽر ديال کي هڪ بہ پئسو خرچڻو
، آهي خرچ ڪانگريس پارٽي ڪندي. اوهان اسانکي صرف ديال آشا جي ٻانهن
اسان سيُ ان مراد سان هت آيا آهيون. ستگرو مهاراج ٻہ منٽ سانت ۾ رهيا ۽
يار سان وزير صاحب ۽ آيل مدبرن کي چيائون تہ اسانجو ٻار ديال سياست مان
ن ڄاڻي، نرم دل آهي هي دکين دريدرن جي شيوا ۾ جيون سڦل ڪندو. هي
ت جي ڏانوَ جو ڪين آهي. وزير صاحب، شري دولترام منگتاڻي ۽ ٻيا آيل
گريس ويچارڌارا وارا نااُميد ٿي واپس وريا.

مونکي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سياست جي
لچڙ کان بچايو! اڄ منهنجي من ۾ سيني پارٽين لاءِ عزت آهي. مان سيني
خيرخواه آهيان. پر جيڪي ديش ڌرم جاتيءَ جي رکشا ڪن ٿا اُنهن تان
ر ويندو آهيان. سيني سياسي پارٽين وارا عزت ڏيندا آهن.

☺☺☺

اُن گيت ۾ صرف مون اُن دؤر جي ڪن سياستدانن جي حقيقي تصوير چٽي هئي. گيت وارو پنو تہ بروقت ڦاڙي ڦٽو ڪيو پر ڪن شخصن کي اُن گيت جو مصرائون ياد هيون. اُنهن کي ڪير روڪي تہ اوهان اُن گيت جو استعمال نہ ڪريو. مونکي اڄ بہ اُن گيت جون ڪي مصرائون ياد آهن.

چونڊن جو جڏهن وقت اچي ٿو، منٿون ميڙون سڀ کي ڪن ٿا.
اسين اوهانجا شيوڪ آهيون، هٿڙا جوڙي ووٽ گهرن ٿا.
جڏهن ملي ٿي ڪرسي تن کي، ڪين مڃن ڪنهنجا احسان.
کاديءَ جي پوشاڪ ۾ آهن ڪي ڪي لڪل شيطان.

مان تن ڏينهن ۾ پاڻ کاديءَ جي پوشاڪ پهريندو هوس. جن شخصن مون لاءِ اِن گيت بابت شڪايت ڪئي هئي اُهي جڏهن لوڪل باڊيءَ جي چونڊن لاءِ بيٺا تہ اُنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ مائيڪ تي اُنهن جي ساراهہ جون سُرڪيون پريم.

شري سنمک ايسراڻي جڏهن اسيمبلي چونڊن ۾ بيٺو تڏهن ڪن جي زوربار تي مون مائيڪ تي پرچار ڪندي شري سنمک ايسراڻيءَ جي ساراهہ جون سُرڪيون پريندي گيت لکيو ۽ ڳايو. 'سنڌونگر کي سرڳ بڻائيندو' اِهو گيت ياد ڪين اٿم. پر اڄ بہ مان اُن دور ۾ پنهنجي وچايل سواسن لاءِ پڇتائيندو آهيان.

شري نيوندرام روشنداس گرباڻي اڄان اسيمبلي ميمبر هو تہ 'پارتواسي' اخبار جي سمپادڪ شري بلديو گاجرا پارتواسي اخبار ۾ مون بابت ليک لکيو تہ آئندہ جو ايم.ايل.اي ديال آشا. ڪنهن سڄڻ ان ليک ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪايو. مون سوچيو تہ مان سياست مان ڇا ڇاڻان! اجايا انومان ڪيا وڃن ٿا. مان تہ دکين دريدرن جو خدمتگار آهيان.

ڪجھہ سالن بعد اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. ڪانگريس ٽڪيٽ لاءِ پائو شري گوپ ڀراڻي ۽ شري رام تولاڻي ايم.ايل سي ڪوششون ڪري رهيا هئا ۽ پارٽيہ جنتا پارٽيءَ طرفان شري سيتلداس هرچنداڻي اُميدوار هو. تن ڏينهن ۾ شري دولترام منگتاڻي اُلهاسنگر ڪانگريس جو پريزيڊنٽ هو. سندس ۽ ٻين ڪيترن ڪانگريسي مدبرن جو

سنڌين جو مايہ ناز شاعر جناب شيخ اياز صاحب جڏهن ممبئيءَ ۾ آيا
سندن خوب مرحبا ڪئي ويئي. سندن عزت ۾ نئشنل ڪاليج ممبئي باندرا
عرو پڻ رکيو ويو. جنهن ۾ شاعر پرسرام ضيا، شاعر سگن آهوجا، شاعر ڪرشن
شاعر موتي پرڪاش، شاعر ايشور آنچل ۽ ٻين ڪن شاعرن مشاعرن ۾ شرڪت
. مان ان مشاعري ۾ پنهنجو هيٺيون جذباتي غزل ترنم ۾ پيش ڪيو :-

قدر ڪونهي زماني ۾ مري وڃبو مري وڃبو،
سمايل سوز جو دل ۾ نہ ڪنهن سان سو ڪڏهن سلبو،
ستائڻ جن جي عادت آ ستائيندا رهن سي پل،
رکي دل تي پٿر هردم پيو سهبو نہ ڪاجهہ چئبو،
لٿو ڪم ۽ ڏکڻ وسريو اِها آ ڪار دنيا جي،
نہ جت ڪنهن ۾ وفائيءَ جو آهي قطرو اُتان هلبو،
هياسين هڏ عمر جن سان اُنهن ٻيي اڄ ڦٽايو آ،
ڪبي ڪنهن سان شڪايت نا صبر ۽ ماٺ ۾ رهبو،
رکي ياري زماني سان گهٽو ڪاجهہ ئي پرايو آ،
مگر هاڻي نہ ڪنهن سان ٻيي ڪو رستو پيار جو رکبو،
اُجهاڻي شمع 'آشا' جي نہ پروانو اچي هت ڪو،
ويا سي چور ٿي سپنا دنيا مان جلد ئي لڏبو.

سنہ ١٩٥٩ع ۾ ڪي.سي.ڪاليج ممبئي جي ميدان تي شري ڪيرت
ي، شري گوبند مالهي، شري اُتم ۽ سندن ساٿين سنڌي ساهتيہ سميلن
جت ڪيو. ديش جي جدا جدا شهرن مان ڪيترن ئي شاعرن اديبن ۽
ي ٻوليءَ جي شائقن اِن سميلن ۾ شرڪت ڪئي. سنڌي ٻوليءَ کي زنده
لاءِ ڀارت سرڪار جي وڌان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ ويچارن
آدان پردان ڪيو. پرنسيپال ايل.ايچ.اجواڻي، پروفيسر منگهارام
ڪاڻي، پروفيسر بي.ايچ.ناگراڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، پرنسيپال
دلگير، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي، شري ڪيرت ٻاٻاڻي، شري گوبند
ي، شري اُتم پنهنجي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ٿوس قدم کڻڻ
فيصلو ڪيو تہ سرڪاري سطح تي پڻ لِک پڙهہ ۽ دليل پيش ڪري

مشاعرن ۾ شرڪت

مان گهڻ ۾ گهڻ هڪ سؤ کن سنڌي مشاعرن ۾ شرڪت ڪئي آهي. ان کان سواءِ آڪاشوائي ممبئي جئپور، دهلي تان بہ اٽڪل پنجاهہ سٺ دفعا ڪوتا پاٺ ڪيو آهي. دوردرشن ممبئي، دوردرشن جئپور تان بہ پنهنجا شعر غزل پيش ڪيا آهن. آڪاشوائي ممبئي تان مان سنہ ١٩٥٨ع کان جدا جدا موقعن تي شعر پيش ڪندي داد حاصل ڪيو. تنهن زماني ۾ شاعر موتي پرڪاش ممبئي آڪاشوائيءَ جي سنڌي ويڀاڳ جو انچارج هو. آڪاشوائي ممبئيءَ جي سنڌي ڪاريہ ڪرم ۾ پهريون دفعو مون هيٺيون غزل ۽ هڪ گيت پيش ڪيو.

غزل

اي نوري نظر منهنجي تون جيون جا سهارا،
ڪيئن تنهنجي جدائيءَ ۾ گذاريان مان پيارا!
مرجهائجي پيو دل جو ڪنول تنهنجي وِرهہ ۾،
بيسود ٿيا سهڻا هي قدرت جا نظارا،
هرديہ جي هماليہ تي ڳري برف ٿي غم جي،
اکين جي ندين مان ٿي وهي گنگا جي ڌارا،
جيون جي ٻڏي ٻيڙي ٿي، هلي آءُ تون مانجهي،
توکان سواءِ مشڪل ٿيا مون لاءِ ڪنارا،
نيڻن جي هجين ويجهو تہ لک ڀاڳ مان پانيان،
اوندهہ ۾ بہ ويٺي مان ڏسان چنڊ ۽ تارا،
”آشا“ جي شمع وچ تون منهنجي جيءَ ۾ جڳائي،
تنهنجي ئي آ ڪيو ورهہ پريشان دُلارا.

ي سنڌي قومي مشاعرو رکيو ويو. جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر ارجن
ڪرشن راهي، ايشور آنچل، اجيت ڪشور، واسديو نرمل، مان ۽ ٻين ڪن شاعرن
ديش ڀڳتيءَ واريون رچنائون پيش ڪيون. مان ان ڪوي سميلن ۾ قومي جذبات
يٽيون گيت بلند آواز ۾ ڳايو :-

اُٿو! اُٿو اُٿو! اي هند جا جوان!
اڄ اوهانجي ويرتا جو آهي امتحان!
١) اڄ اسانجي ديش تي ڪاهيو آ دشمن،
سرسبز ڏسي هند کي، سي خوب ٿا جلن،
اُجڙ ڪرڻ چاهن ٿا، هوُ اسانجو هي چمن،
ڪيو اُجڙ اُنهن کي، اوهين آهيو ڪامران،
اُٿو! اُٿو اُٿو! اي هند جا جوان!
٢) اوهان ۾ خون آ پريل راڻا شواجي جو،
درگاوتي، لڪشمي ٻائي، جيجا ٻائي جو،
اوهان ۾ جوش ۽ جنون آ نيتاجي جو،
اوهان ۾ رام ڪرشن جي آ شڪتي براجمان،
اُٿو! اُٿو اُٿو! اي هند جا جوان!
٣) رکشا ڪريو! رکشا ڪريو ماتا پڪاري ٿي،
اوهانجي اڄ مدد لئہ ماتا نهاري ٿي،
اوهان کي 'آشا' فرض جي اڄ ياد ڏياري ٿي،
لڙي مري وطن جي لئہ رکو وطن جو شان،
اُٿو! اُٿو اُٿو! اي هند جا جوان!

سنہ ١٩٨٤ع ۾ آڪاشواڻي ممبئي طرفان اکل ڀارت سنڌي ڪوي
ن ڪملا هاءِ اسڪول کار ممبئي ۾ رکيو ويو. مشاعري جي صدارت بزرگ
ر هري دلگير ڪئي. شاعر پريو وفا، ڊاڪٽر ارجن شاد، شاعر ڪرشن
ي، شاعر واسديو نرمل، شاعر ايشور آنچل ۽ مان اِن مشاعري ۾ شرڪت
ي. مان اِن مشاعري ۾ هيٺيون 'سچو سک' نظم سُر ۾ پڙهيو :-

سچو سک

١) ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت،

سنتي پوليءَ کي تسليم ڪرايو وڃي.

ساهتيہ سميلن جي دوران شام جو شاعر هري دلگير صاحب جي زير صدارت مشاعري جو پڻ آيوجن ڪيو ويو. جنهن ۾ ڪيترن ئي شاعرن شرڪت ڪئي. مان ان مشاعري ۾ پنهنجي رچنا 'سانوڻي گهٽائون' سُر ۾ پيش ڪئي.

سانوڻي گهٽائون

اي سانوڻي گهٽائون احوال ڪجهہ ٻڌايو؟
غم ڪنهنجي ۾ اوهان ٿيون آنسون اِهي وهايو!

١) وڇڙي ويو ڇا دلبر آهي اوهانجي دل کان؟
تنهن جي وِرهہ ۾ روئي ماتم ٿيون ڇا مچايو!

٢) چپ چاپ لڙڪ لاڙي اڳتي هليون وڃو ٿيون،
ڇا مون جيان اوهان کي ڪنهن بي وفا ستايو

٣) ڪيئن ٿو گذاري ساجن مون کان سواءِ اڪيلو؟
مشڪل جيئڻ ٿيو مون لئہ، فرقت آ جيءَ جلايو.

٤) سرسبز ٿي زمين ٿي منهنجي تہ دل اُجڙ آ،
هر چيز ۾ بهاري، مون وٽ خزان آ آيو،

٥) جانب جو جان منهنجي، سوڊل جو ساهہ منهنجو،
هروقت جنهنکي ساريان محبوب سو نہ آيو!

٦) دل آ اُداس جنهن لئہ اکڙيون ٿڪيون نهاري،
معشوق تنهن مني کي پيغام هي پڄايو.

٧) پر جي هجن تہ جيڪر پرواز ٿئي پرينءَ ڏي،
ڪانگل اچن ٿا ڪيئي، ڪجهہ ڪين ڪنهن سڻايو!

٨) مرجهائجي رهيو آ گل پيار جي چمن جو.
دلدار دل ٿي ساري، منهڙو اچي پسايو.

٩) چئجو وڃين ادب سان اي بادلو پرينءَ کي
'آشا' جي انتظاري هيڪر اچي مڻايو!

چين ۽ پاڪستان جي چڙهائي وقت نوين هند هاءِ اسڪول پونا جي

١٥) جي چاهين سکي ٿيان تہ پين کي سکي ڪر،
ڪندو سائين تنهنجي بہ ساري سدا سَرِ.
١٦) نہ تالاب ٿي رهہ، تون وهندڙ ندي بڻ،
سڪل پونءَ تي ٿي وسائڻ جو واهڻ.
١٧) بڻج تون پراڻين لکن جو سهارو،
سچي سوپ پائي، ٿي پريوءَ کي پيارو.
١٨) جڳت ۾ رهو پر جڳت کان نيارا،
ائين شيام سندر ڇوي ٿو پيارا.
١٩) سچو سک پراپت ڪرڻ جي ٿا چاهيو،
تہ 'آشا' اچائون گھٽايو مٽايو.

هرسال آڪاشواڻي طرفان ٢٦ جنوري پرجاوادي ڏينهن جي سنبند
جدا جدا ٻولين ۾ راشٽريہ ڪوي سميلن آيوجت ڪيو ويندو آهي. هر
يءَ مان هڪ ڪويءَ جي ڪوتا چونڊي اُن ڪوتا جو سيني ٻولين ۾
جمو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. سنہ ١٩٨٥ع ۾ منهنجي 'للڪار'
وتا چونڊي ويئي ۽ اُن جو سيني ڀاشائن ۾ ترجمو ڪيو ويو. ڪوي
يلن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ مونکي دهليءَ ڪوٺ ڪئي ويئي. جتي مان
سنجي هيٺ ڏنل 'للڪار' ڪوتا ترنم ۾ ڳائي.

هيءَ تپوڀومي رشين جي ساڌنا آستان آ،
ساک ٿو اِتهاس ڏي جنهن جو قديمي شان آ.
وشوَ کي جنهن گيان جي پرڪاش سان روشن ڪيو،
تڪش شلا نالندا ۾ علم جو آغاز ٿيو.
اڄ سوارٿ جي ڪري دکميہ اسانجو حال آ،
تياڳ وسري ويو دڌيچي يوڳ ڪيو پائمال آ.
خون جون نديون وهائن ظلم ناحق ٿي پيو،
تيغ، گوبند ۽ بندو بهادر اڄ صفا وسري ويو.
ترم رکشڪ ترم پکشڪ کي ديش دروهي ٿي پيا،
ڌرم ۽ ستڪرم جي سي ڌارڻا پلجي ويا.

لهي سار سائين ٿو ساعت بہ ساعت.
٢) ڪرڻ گھرجي جنھنجي سدائين عبادت،
بندو بي شڪر آ ڪري ٿو شڪايت.
٣) ڪرڻ ڪين گھرجي امانت ۾ خيانت،
سزا ڏيندو سائين ڏيکاريون ديانت.
٤) عقل علم اقبال، اسباب ۽ زر،
ڏني آهہ ڏاتر دکين کي سکي کر.
٥) تون عيشن ۾ ويرث ٿو مايا وڃائين،
خوشامد جي صدقي تون لک ٿو لٽائين،
٦) هي مسڪين محتاج ٿي روپ رب جو،
ڏسي تن ۾ ڏاتر، پلو ڪر تون سڀ جو.
٧) دنيا مان وڃيو ڪنھن نہ تون ڪجھہ وڃيندين،
جڏهن ڪال ايندو نہ ڪوڏي تون نيندين.
٨) رکيو موهہ جن جنَ سي ڏاڍو دکي ٿيا،
ويراڳي ۽ گياني سدائين سکي ٿيا.
٩) سوارٿ جو سارو هي سنسار آهي،
لٽو ڪم ڊکڻ وسريو هي وهنوار آهي.
١٠) تون جن لئہ ڏئين ٿو جيءَ کي جفا،
اُهي نيٺ تو سان ٿيندا بي وفا.
١١) ڏني مان ڏٺيءَ جي سدا ڏيندو رهہ تون،
ضرورتمندن سان سدائين پيو وهہ تون.
١٢) ڪري جو ٿو پين جي خدمت سدائين،
ڪري ٿو خدا تنھن تي رحمت سدائين.
١٣) خُدا خلقي آهي مخلوق سموري،
وسي والي سڀ ۾ ٿو ظاهر ظهوري.
١٤) ڏٺيءَ جي ٻاچن کي ستائڻ نہ گھرجي،
ڪري ظلم تن تي رنجائڻ نہ گھرجي.

آڪاشوائي ممبئيءَ طرفان ياءُ منوهر چگهه چيمبور ممبئي ۾ سنڌي
عرو رکيو. جنهن ۾ شاعر ايم ڪمل، ڪرشن راهي، ايشور آنچل،
سديو نرمل، ٽيڪاچند مست ؛ مان شرڪت ڪئي. اُن مشاعري ۾ مان به
ڪ پڙهيا.

دوردرشن ممبئي طرفان ورلي ممبئيءَ ۾ درشڪن اڳيان ڪوي سميلن
جت ڪيو ويو. پروگرام پروڊيوز شري گري مونکي اِن ڪوي سميلن
ي سنچالن ڪرڻ جي ذميواري سونپي. اِها ڳالهه شاعر ايم ڪمل کي نه
ي. هن منهنجي سنچالن ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. اُتي شاعر ايشور
چل، شاعر ڪرشن راهيءَ ڪمل صاحب کي سمجهايو ته ڊاڪٽر ديال آشا
فيسر ٿي سنڌي پاڙهيندو آهي، اُن جي مخالفت نه ڪر. پر ڪمل صاحب
نجي هوڏ تي قائم رهيو. پر دوردرشن جي پروگرام پروڊيوسر ڪيس چئي
ته ڪوي سميلن جو سنچالن ڊاڪٽر ديال آشا ئي ڪندو. توکي
ڪت ڪرڻي ناهي ته بلاشڪ هليو وڃ. مان ڪوي سميلن جو سنچالن
ندي هڪ هڪ شاعر جي واقفيت ڏيندي کين عرض ڪيو ته پنهنجي
نجي رچنا پيش ڪن. ان ڪوي سميلن ۾ شاعر ايم ڪمل، شاعر ايشور
چل، شاعر ڪرشن راهي، شاعر واسديو نرمل ؛ مان شرڪت ڪئي. مان هيٺيون
ڪ پيش ڪيو.

غزل

اسان رنگ محفل جمائي ڇڏيوسي،
اسان دنگ محبت لٽائي ڇڏيوسي.
۱) محبت جي مئه جي آ مستي نرالي،
اسان داغ دل جو لڳائي ڇڏيوسي.
۲) عداوت نه ڪنهن سان اسانجي دنيا ۾،
اسان سڀ کي پنهنجو بڻائي ڇڏيوسي.
۳) سراپا سراپا ڏسي سونهن صنم جي،
اکين ئي اکين ۾ سمائي ڇڏيوسي.

٦) ڪي ڪترهن باغ ۾ ٽا پوک پوکين زهر جي،
تنهنڪري بدلي فضا، آئي خزان آ قهر جي.
٧) آشيان اعليٰ اسانجو، بهشت ٽو ريسون ڪري،
آگ تنهن کي ٽا لڳايون باهه چوڌر ٽي پري.
٨) ملڪ ۾ ڪيڏي غريبي مفلسي چوڌار آ،
پيٽ خالي تن جا پريو، پيار جي درڪار آ.
٩) قوم جي حالت ڏسو ويچار ڪيو،
ديش واسيو! بند هڙتالون ڪيو، سستي ڇڏي بيدار ٿيو.
١٠) جي اٽو جوئارو هونداسين ته ٽينداسين ختم،
ايڪتا سهڪار اُلفت جو کٽون 'آشا' قدم.

منهنجي مذڪور ڪوتا ٻين پارتيه ڀاشائن ۾ به ترجمو ڪري آڪاشواڻيءَ جي سيني ڪيندرن تان ٢٦ جنوري پرسارت ڪئي ويئي. جڏهن ٢٣ جنوري مون اِها ڪوتا دهليءَ جي آڊيٽوريم ۾ پڙهي ته داد مليو. مگر جنهن شاعر ان ڪوتا جو هنديءَ ۾ ترجمو ڪيو اُن ترجمو پڙهندي شروتائن کي نراس ڪري ڇڏيو. سندس تخلص هو 'نراشا' هن پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو.

آڪاشواڻي ممبئي طرفان نيو اير هاءِ اسڪول اُلهاسنگر ٣ جي هال ۾ سنڌي مشاعرو رکيو ويو جنهن جي صدارت پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڪئي. ان مشاعري ۾ ڊاڪٽر ارجن شاد، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، شاعرا ايشور آنچل، شاعر ڪرشن راهي، شاعر ٽيڪچند مست ۽ مان شرڪت ڪئي. ان مشاعري ۾ مان هڪ غزل ۽ هڪ آزاد نظم پيش ڪيو.

آڪاشواڻي ممبئيءَ طرفان ٢١ مئي آرتوار سنه ١٩٩٤ع صبوح جو ١١ بجي سيتا سنڌو پون شانتاڪروز ممبئي ۾ سنڌي ڪوي سميلن آيوجت ڪيو ويو. شاعر پريو وفا صدارت ڪئي. ان مشاعري ۾ ڊاڪٽر ارجن شاد، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، ڪرشن راهي، ايم.ڪمل، واسديو نرمل، نند جويري، منوهر بيدي، ٽيڪچند مست، سندري اُتمچنداڻي، پارو چاولا ۽ مان شرڪت ڪئي. ان مشاعري ۾ مان پنهنجا به غزل پڙهيا.

۵) ظلم زوري زبردستي ڪيي مان ملڪ پنهنجي مان،
محبت امن ۽ انصاف جا وارا وڇائيندس.
٦) نراشا جو اڇي طوفان مچي پل شور ساگر ۾،
مگر 'آشا' جي پتور سان مان نئيا کي هلائيندس.

پرجاوادي ڏينهن سنبنڌ ۾ دهلي سنڌي اڪادمي ۲۱ جنوري سنہ ۲۰۰۳ع
دهليءَ ۾ راشٽريہ سنڌي ڪوي سميلن آيوجت ڪيو. ان ڪوي سميلن ۾ شرڪت
ڪندي مان راشٽريہ ايڪتا جي موضوع تي ڪوتائُر ۾ پيش ڪئي.

سنگمٽن ڪريو!

شمع آزاديءَ هٿان قربان لکين پروانا ٿيا،
فرض جي سي راهہ ۾ مجنون ۽ مستانا ٿيا.
۱) حق نہ تن کي ياد ها، هُئي ديش جي لوري لڳل،
پرتاب جيان تن ديشواسين کي هُئي جهوري لڳل.
۲) لوڪمانيہ، باپو، نيتاجي، ڀڳت سنگهہ، جواهرلعل،
ياد ٿي تن جي ڏياري، ديش ڀڳتي بي مثال.
۳) ڪيئن لکين ويا جيل ۾ گهر ٻار جو تن کي نہ خيال،
تياڳ عهدن ۽ خطابن جو ڪيو تن بي مثال.
۴) ديش جئن آزاد ٿيو، ويا اسانکان پلجي فرض،
ڪين هرگز لاهي سگهندي سنتان ماتا جو قرض.
۵) آ نشي سوارٿ نهوڙيو، قوميت پرواز ڪيو،
پنهنجي کاڇٽي رڏڻ لئہ هر هندواسي تيار ٿيو.
٦) ايڪتا سان ملڪ جي آزادي ٿي قائم رهي،
هاڪ اهڙي ديش جي ۽ نانءُ ٿو دائم رهي.
۷) تياڳ سوارٿ جو ڪري اسين ايڪتا دائم ڪريون،
سنسڪرتي پنهنجي پياري سيتا قائم ڪريون.
۸) پرانت ٻولي ذات رنگ جو ڀيد جي پائر چڏيون،
ڪير ۾ چڻ ڪنڌ ملي ۽ ديش ڀارت کي اڏيون.

۴) پتو ناهي ڪنهنجو ڪڏهن ڪوچ ٿيندو،
اسان جيئري وارو وڃائي ڇڏيوسي.
۵) چون ٿا دنيا ۾ وفاداري ڪونهي،
اسان پر سين سان نڀائي ڇڏيوسي.
٦) مليا راهه ۾ جي ڪنبدا پيي اسان کي،
اسان قول تن کي ٻڌائي ڇڏيوسي.
٧) لطف آهي باطن نہ ظاهر ٿيڻ ۾،
’آشا‘ پاڻ لوڪان لڪائي ڇڏيوسي.

مان اجا مٿيون غزل پڙهي پورو ڪيو تہ ڪوي سميلن جو وقت پوري ڪرڻ جي لائيٽ ڏيکاري ويئي. ٻين سيني شاعرن ٻہ ٻہ رچنائون پيش ڪيون. پر وقت جي پابنديءَ سبب مان آيار مجيندي ڪوي سميلن سماپت ڪيو. ڀماڪو ياد آيو جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي بک مري سوئي!

دهلي سنڌي اڪادمي ٢١ جنوري سنہ ٢٠٠٢ع ۾ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت ڏينهن دهليءَ ۾ راشٽريہ سنڌي ڪوي سميلن جو آيوجن ڪيو. ان ڪوي سميلن ۾ مونکي ڪوٺ ڪئي ويئي. مان ڪوي سميلن ۾ پنهنجو قومي جذبات وارو هيٺيون غزل پيش ڪيو :-

قوم جي ڪشتي

مان پنهنجي قوم جي ڪشتي ڪناري سان لڳائيندس،
سوين لوڏا سهي مان سير مان ثابت پهچائيندس.
١) پلي بادل اچن ڪارا ٿين غائب سيئي چارا،
مگر همٿ جي سورج سان انڌاري کي مٽائيندس.
٢) اچن جي آفتون سر تي ڪرن جي وچ سندا گولا،
ڏکي مان ڪين کي هرگز قدم پنتي هٽائيندس.
٣) غريبن بيقصورن جو جي، پيئن ٿا خون ٿي خونخوار،
مٽائي تن جي هستيءَ کي نئين دنيا ٻڌائيندس.
۴) خزان جو ڇا ڪبو خدشو. بهاري پيي اجها آئي.
نئين سر هند جي گلشن کي ٿي مالهي سجائيندس.

لوھہ تي ھرڪي ورياسين، بند ٿيا ڪُٽ جا دڪان!

٦ مارچ سنہ ٢٠٠٤ع شام جو روزوود ھوٽل ممبئيءَ ۾ ادبي سنگيت
ان پروفيسر گوپ روپاچنداڻي ۽ شري نندلعل ھندوجا ھوليءَ جو اُتسو
جت ڪيو. ان موقعي تي مان مشاعري جي صدارت ڪندي ھيٺين رچنا
ي.

منھنجي ڌرتي ڪن پنھنجي سماجھي مونکي سيني ساڻ لڳائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

١) زھر ملائڻ وارا ڪيئي، کير ۾ ڪوئي کنڊ ملائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٢) ملڪ ۾ ڪيڏي باھہ ٻري ٿي، تنھنکي ڪوئي وسائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٣) ڪي ڪي رھبر رھزن ٿي پيا، جگر رکي تن کي سمجھائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٤) سچل ۽ منصور ھليا ويا، حق جو، ھوڪو ڪير لڳائي؟
اھڙو ڪوئي آھي؟

٥) ڪرشن وانگر گيتا جو ،کو گيان سڻائي پرم مٿائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٦) خودغرضيءَ جي ڪيپ منجھان، کو غافل جنتا کي جاڳائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٧) لڙڪ ڏسي منھنجي اکڙين ۾، مونکي ڪوئي پنھنجو ٻڌائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٨) سوز ڀري سُر ۾، ھي منھنجا گيت کو ڳائي پاڻ پلائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٩) 'آشا' ھن اوندھہ ۾، ڪوئي پاڻ جلائي جوت جڳائي،
اھڙو ڪوئي آھي؟

٩) سڏ ٿئي ڪو ديش مان نڪري 'آشا' نروار ٿيون،
ديش جي آزادي سرڪشا لاءِ هردم تيار ٿيون.
١١) قومي جهنڊي ۽ ترانې جي سدا عزت ڪريون،
ملڪ جي وڏن جي ڪندي پيروي محبت ڪريون.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان ڀاءُ سندر اگناڻي اِتهاسڪ آسٽان ڪاجورا ۾ ١١ - ١٢ آڪٽوبر سنه ٢٠٠٣ع سنڌي ليکڪ سيمينار آيوجت ڪيو. مونکي به ان سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ جي نينڊ آئي. مان به ان سيمينار ۾ شرڪت ڪئي. ڪاجورا جي مندرن جي اتهاسڪ نقاشي ڏسي دنگ رهجي ويس. ان موقعي تي رات جو مشاعرو رکيو ويو. ان مشاعري جي صدارت ڪندي مون شرڪت ڪندڙ ڪن شاعرن کي داد ڏنو ۽ ڊاڪٽر موتي پرڪاش سنچالن ڪندي منهنجي واقفيت ڏني. مان پنهنجو هيٺيون غزل ترنم ۾ پيش ڪيو.

غزل

ڪير پڙهندو تنهنجي دل کي، ڪير ٻڌندو داستان!
وقت جي واريءَ تان آخر مٽجي ويندو آ نشان،
ڪير ٻڌندو گيت تنهنجا درد وارا سوزي دل،
ڪير اُگهندو لڙڪ تنهنجا، ويا لڏيندا قدردان،
ڪير ٻڌندو وعظ تنهنجا، هت ڪنن ۾ آ ڪپاهه،
ڪين ٻوڙن جي اڳيان ڪر وقت پنهنجي جو زيان.
اهم ايڏو ويو وڌي آ، ڪين ڪوئي ٿو ٻُڌي،
پاڻ کي هرڪو صحيح، ٻيا سڀ غلط ڪهڙو زمان!
ٿيا اسين آهيون ملڇون ڏاري ٻوليءَ جا هتي،
قوم سان زنده هميشه، جنهنجي آ زنده زبان.
ماءُ آخر ماءُ ٿيندي، پيڻ آخر پيڻ ٿيندي،
لهس آندي کي ئي ايندي، ٻيو ٿئي ڇو مهربان!
ويا هليا وينجهار 'آشا' پرک ڪن جي پارکو.

شاعري جي مان صدارت ڪندي شرڪت ڪندڙ شاعرن شريڪانت
ڪ. گوپال ٺڪر، نند جويري، ٽيڪچند مست، موتيرام هيرانندائي، ساون
ار اُداسي، شري گيان شهدادپور، مينا سيابُاٽيءَ جي واقفيت ڏيندي شعر
ري پيش ڪرڻ جي پٽرائي ڪئي. ڪن شاعرن ڪي داد ڏيندي مون
ون غزل ترنم ۾ پيش ڪيو.

غزل

ڪي گهڙيون توسان گذاريان پر اُها فرصت نہ آ،
پيار ڪان وڌ هن دنيا ۾ ٻي تہ ڪا نعمت نہ آ.

١) پيار ئي آ زندگي ۽ پيار آ آب حيات،
پيار مان سڀ سان ڪريان ٿو، ٻي تہ ڪا عادت نہ آ.

٢) درد جنهنجي ناهہ دل ۾ ڪين سو انسان آ،
ماڻهو سو ماڻهو نہ جي دل ۾ ذري اُلفت نہ آ.

٣) حسرتن ۽ حسد جي ٿا. باهہ ۾ ڪيئي جلن،
منهنجي دل آهي ڪشادي، ڪنهنجي لئہ ڪلفت نہ آ.

٤) ڏک ڏکان ۽ پنج پنجان جي زندگي ٿا اڄ جيئون،
فرحتون آهن ميسر پر ڪٿي فرحت نہ آ.

٥) عيش عشرت کي ئي سمجهن زندگي اڄ ڪلهہ ٿا سڀ،
عيش سان آهي عداوت، اهو سان رغبت نہ آ.

٦) سواد ورتاسي گهڻائي، سواد سڀ بيسود ٿيا،
عشق ۾ لذت آ جا، اهڙي تہ ڪا لذت نہ آ.

٧) چيز هر ڪنهن ۾ ملاوت، بن ملاوت ڪاڄهہ نہ آ،
پيار ۾ 'آشا' ملاوت، ڇا وڏي حيرت نہ آ!

دهلي سنڌي اڪادمي ٢١ جنوري سنہ ٢٠٠٩ع ڇنڇر شام جو شري رام
نتر دهليءَ ۾ راشٽريہ سنڌي ڪوي سميلن آيوجت ڪيو. ان ڪوي سميلن
مان شرڪت ڪندي راشٽريہ چيتنا واري هيٺين رچنا پيش ڪئي.

جئہ جئہ ديش مهان

پرجاوادي ڏينهن سنہنڌ ۾ دهلي سنڌي اڪادمي ۲۰ جنوري ۲۰۰۵ شام جو دهليءَ ۾ راشٽريہ سنڌي ڪوي سميلن جو آيوجن ڪيو. مان ان ڪوي سميلن ۾ شرڪت ڪندي هيٺئين قومي جذبات واري ڪوتا ڳائيندي پيش ڪئي.

او ديش جا جوانو!

۱) اجا ڪيسين ستل رهندين سوارٿ ننڊ ۾ غلطان،
فلڪ تي روشني آئي، اُٿي بيدار ٿي اي جوان!
۲) وويڪانند للڪاري فرض جي ياد ٿو ڏياري،
ڀڄيءَ جي سوتر ۾ ڀڄجي ڪريون ڀارت جو اڄ اُٿان.
۳) دڌيچي تياڳ قرباني، ويو وسري تہ اڄ توڪان،
تياڳڻ ۾ ئي آنند آ ۽ قربانيءَ ۾ آهي شان.
۴) سدا ڪر ديش جي رڪشا رهي قائم جئن آزادي،
سوين سرويچ صدقي ٿيا، ٿيو آزاد هندستان.
۵) نہ ڪلفت مان اسين چاٽون ڏيون اُلفت سندو پيغام،
سچي ٿي وشوَ جو ڪلياڻ رشين جو آ اِهو وردان.
٦) نہ حملاور ٿيا آهيون، رهياسين خيرخواه سڀ جا،
ڏئي اتهاس ٿو ساکي ڏنو دشمن کي ٿئون جيئدان.
۷) ڪٿيل ايراضي بہ واپس ڪئي، جئن قائم رهي اقرار،
ڏنو سنسار کي آهي، اسان سدياونا جو دان.
۸) لڳايون آگ ٿا پنهنجي ئي آشياني کي،
سياڻن جو نہ وڙ هي آ، ٿيا آهيون اڄ نادان!
۹) وساريون ويڇا ۽ نفرت، جلايون ديپ محبت جا،
ملي سڀ کير ۾ کنڊ ٿيون، اسين ڀارت جي سڀ سنتان.
۱۰) سڌي توکي ٿو ڳانڌيجي، 'آشا' ڪر ديش کي آباد،
قلي قولي جئن هرڪو، نہ رهجي ڪو وچي ارمان.

ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ۵ آڪٽوبر سنہ ۲۰۰۸ع آرتوار شام جو چاندي ٻائي همتمل منسڪاڻي ڪاليج اُلهاسنگر ۳ ۾ سنڌي مشاعرو رکيو ويو.

آيوجن ڪيو. ڪوي سميلن سائين ساڌو رام صاحب جي حاضريءَ ۾ سمپن
مان ان ڪوي سميلن ۾ شرڪت ڪندي 'خواب ۾ ٻاپو آيو' آزاد نظم
ڪيو. جنهن ۾ مهاتما گانڌيءَ کي مخاطب ٿيندي ديش جي موجوده
ن جو جائزو آزاد نظم ۾ پيش ڪيو.

راجستان سنڌي اڪادمي ٦ مارچ آرتوار ڏينهن سوناٿو پون ڪنورنگر
ور ۾ اکل ڀارتيہ سنڌي ليکڪ ۽ ڪوي سميلن جو آيوجن ڪيو. مونکي
ڪت ڪرڻ لاءِ قرب ڀري ڪوٺ آئي ۽ مان اُن اُتسوَ ۾ شرڪت ڪئي.
رتي اُتسوَ بعد 'اڄ جي سنڌي ڪهاڻي' ۽ 'اڄ جي سنڌي شاعري' تي
ن پيپر پڙهيا. شام جو ستين بجي ڪوي سميلن جي مان صدارت ڪندي
ت جڳائي. ڪيترن ئي شاعرن سنڌي ڪوي سميلن ۾ پنهنجون رچنائون
يون. مان صدارت ڪندي شرڪت ڪندڙ شاعرن کي داد ڏيندي چيو تہ
اندر جي احساسن اُمنگن جو اظهار آهي. شاعر زندگيءَ جي شاهہ راهہ
هلندي جيڪي آزمودا پرائي ٿو، اُن جي عڪاسي بہ سندس شعر ۾ آهي.
پنهنجي دور جي بہ تصوير پنهنجي ڪلام ۾ چٽي ٿو. مونکي خوشي
جو اڄ هتي هيترن شاعرن پاڻ موڪيو آهي. منهنجي واقفيت شاعر
ڪاچند مست ڏني. مان پنهنجو هيٺيون غزل پڙهيو.

غزل

هرڪو پنهنجو دهل وڄائي،
پاڻ نچي ۽ پاڻ ئي ڳائي.

١) هرڪو پنهنجو پيٽ ڀري ٿو،
ٻين جو ڀلو ٿو ڪو ڪو چاهي.

٢) ٻئي جي پڳ لاهڻ آ سولي،
پنهنجي پڳ ڪو ڏسي تہ لاهي!

٣) ڪيڏو آهہ انڌير هتي!
ڪانوَ بہ پاڻ کي هنس سڏائي.

٤) عاقل عالم هوندي ڀي ڪيئن،

رشين منين جي پاوَن ڀومي، ڀارت ديش مهان،
ان ڌن ۾ هوُ سمپن، سونو پيارو هندستان.

١) آريہ سنسڪرتي پراچين سڀيتا جو، ڀارت هو مرڪز،
ويدن جي سرجن ڀومي هئي، ڏنو وشوَ کي ڀارت گيان.

٢) ساکي آ اتهاس اسانجو، اسان نہ ڪنهن تي ڪاهيو،
ڌارين ڪاهيو، ديش کي ڊاهيو، تہ بہ اوچو آ شان.

٣) ڪيو وديشين راڄ اسان تي، ڪيائون اتياچار،
مڪت ڪرڻ ماتا کي، هر هندواسي ٿيو هنومان.

۴) ڀارت جي آزاديءَ صدقي، ويا ڪيئي ڪونتر ڪسجي،
هيمون ڪالاڻي، آزاد، ڀڳتسنگهہ، ڪڏندي ٿيا قربان!

٥) مڪت زنجيرن مان ٿي ماتا، ديش ٿيو خوشحال،
سياست ۾ سوارٿ ٿيو پيدا، ڪن تہ وڪيو پنهنجو ايمان.

٦) وري جوئارو اٿو ٿي وياسين، ٽٽي ايڪتا جي مالها،
وري ڪو جاڳي تلڪ گانڌيءَ جي، جو رکي ملڪ جو مان.

٧) اڄ بہ ضرورت گيتا گيان جي، آهي ساري جڳ کي،
رام ڪرشن، گوتم جي ڀومي، آهي سرڳ سمان.

٨) آتنڪ وادين اُجڙ ڪيو، ڀارت جو باغ بمن سان،
سهاڳڻين جو سندور ويو لٽجي شهر ٿيا شمشان!

٩) ڪلفت نفرت ڪيي اندر مان، امن جو ڏيو پيغام،
ماڻهو معنيٰ محبت اُلفت، ٻڌجو پيارا سڀ انسان.

١٠) وشو ساڃي جو خير ٿا چاهيون ، دليون اسانجون وشال،
دعا گهرون ٿا گڏجي ڏٽيءَ ڪان، ٻڻجي بهشت جهان.

١١) سک جو هرڪو ساهہ پٽي، ٿئي ڀارت شاد آباد،
ڪير ۾ ڪنڊ ٿي 'آشا' اسين، ڪريون هند جو اوچو شان.

هالاڻي دربار صاحب جي مهنت سائين ساڌورام صاحب جي پريرڻا
۽ آسيس سان ياءُ ٻهاري شهري نئشنل ڪاليج باندرا ممبئي ۾ سنتي ڪوي سميلن

بي انتها تون آهين، آهين تون لاجواب.

٣) تنهنجي رضا سان رازق چرخو چلي جهان،
ڪوليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، ليلا آ بي حساب.

٤) ڏندين آڱريون ڏي ’آشا‘ ڏسي ڪرشما تنهنجا،
تنهنجي راز کي سلي جو، اهڙو نہ ڪو ڪتاب.

ٽيڙا

١) آنڊا هر ڪنهن کي ٿي پيارا،
ڦهر ڇو ڪن ٿا اپلائن سان،
ڇو نہ ٿا سوچن آنڊن وارا!

٢) انگ اُگهاڙا پوهہ جو پارو،
پيٽ بکيا ڪيئن سمهي پون ٿا،
ڪين لڪايو ناٽو ڪارو!

٣) زر وارن جو ڪيڏو زور،
راڄ بہ ڪن ٿا راڳا ڪن ٿا،
تڏهن بہ سي سڏجن شهمور!

٤) تنهنجا مٺڙا مٺڙا پول،
ڏين ٿا آٿت دل کي ڪيڏو،
منهنجي روح لئہ آهن ٽول!

٥) تنهنجي آمد مون لئہ جنت،
دل جو ڪنول ٿو پوي ٽڙي،
مٺڙي مٺڙي تنهنجي محبت!

٦) درد پرائو ڏسي روئان ٿو،
دل آ منهنجي جذبي وهيٽي،
پنهنجو غم مان پلجي وڃان ٿو!

٧) ڪير ڪري ٿو مونکي ياد،
وات ۾ ڪيڏا چڪ پون ٿا،
هجي سدائين سو شل شاد!

جيري خاطر ٻڪري کهائي.
۵) ڪڪڙين جي آ ويڙهه هِتي،
ٿو هرڪو پنهنجو داءُ لڳائي.
۶) پيٽ جي ڀُڳتي ديش جي ڀُڳتي،
پاڻ ڪي ٿو اڳوان سڏائي.
۷) ڪتن وانگر وڙهي هڏيءَ لئه،
لوڪن ۾ ٿو تياڳي چوائي!
۸) شڪنيءَ وانگر ڪن ڀري ڪو،
رت ڪي رت سان ٿو ويڙهائي.
۹) هرڪو پنهنجيءَ ۾ آ پورو،
ٻي ڪي ٻڌڻ جي فرصت ناهي!
۱۰) ٻهه روپيءَ ڪان ڪر 'آشا' پاسو،
سانبي وانگر ٿو رنگ بدلائي.

آڪاشواڻي ممبئيءَ طرفان ۳ جنوري سنه ۲۰۱۴ع صبوح جو ساڍي يارهين بڄي آڪاشواڻيءَ جي آڊيٽوريم ۾ شروتائن جي سنمک ڪوي سميلن آيوجت ڪيو ويو. ان ڪوي سميلن ۾ شاعر لڪشمڻ دبي، شاعر هري چوئٿاڻي، مينا سياڳاڻي، وجئه چمنلعل شرما ۽ مان شرڪت ڪئي. شري هري چوئٿاڻي سنچالن ڪيو. مان ان ڪوي سميلن جي صدارت ڪندي شرڪت ڪندڙ شاعر - شاعرائن ڪي ۽ آڪاشواڻي ممبئيءَ جي سنڌي ويڀاڳ جي انچارج ڀيڻ بينا رائسنگهاڻيءَ ڪي هن آيوجن لاءِ ڌنيواد ڏيندي هيٺيون رچنائون پيش ڪيون.

سائين جي ثنا

محبت جو آهين مرڪز محبوب ماهتاب،
چوڏاري نور تنهنجو آهي سنڌءِ شباب،
۱) جلوو جمال جانب جت ڪٿ تنهنجو پسان.
تنهنجي ئي نور سان آ روشن ته آفتاب.
۲) محدود آهي ماڻهو، آهين تون لامحدود.

ڪن سونهپ ڪندي اُتساهت ڪيو ڪن سهيوگ ڏنو

وديارٿي جيون ۾ پرنسيپال مينگهراج منشارامائي، پرنسيپال پرسرام لعلوائي، رمنلعل بودا، اُستاد ڀڳوانداس مديان، اُستاد واشديو ڀاڳچنداڻي، ماسٽر لکميچند ر منهنجي سونهپ ڪندي اُتساهت ڪندا رهيا. سنتو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ پريزيڊنٽ راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي سدائين مونکي وڌيڪ پڙهائيءَ سيوا لاءِ ينندو رهيو.

راشٽريہ ڪوي هوندراج دکايل ۽ شاعر پرسرام ضيا صاحب شعر وَ ري ۾ سونهپ ڪندي مونکي اُتساهت ڪندا رهيا. دادا دکايل مونکي را ڪارين لاءِ اُتساهت ڪندو رهيو. شاعر هري دلگير ۽ شاعر ڊاڪٽر ن سڪايل صاحب بہ مون سان پيار ڀلايا. شاعر هري دلگير صاحب نجي ڪاويہ سنگره ٻاءِ ڪويءَ جو تاثرات ۽ ڀڳتي ڪاويہ چنتن من جو ، جو مهاڳ لکي مون سان وڏ ڪيا، اُتساهت ڪيو. شاعر ارجن حاسد بہ ، جي اُڄ' جو مهاڳ بہ فراخ دليءَ سان لکيو تہ شاعر پريو وفا بہ ڪي رگر صلاحون ڏنيون. شري مانسنگهہ چوهڙمل ۽ دادا تيرٿ سياڻي هندواسي نهنجون رچنائون شايع ڪري اُتساهہ وڌايو. 'هندستان' اخبار جي ادڪ دادا هيرانند ڪرمچند، شري هاسيل ماڪيجا، شري پوري مل رام اڻي، شري ٻلرام موٽوائي، مهاراج گووردن شرما، شري رام ڪرشن اڻي، شري نريئرام پيٽ مذڪور اُپ سمپادڪن بہ 'هندستان' اخبار ۾ نجون رچنائون ۽ مشغولين جون خبرو شايع ڪري مونکي شهرت ڏني. ن ڪي وسارڻ واجب ناهي. ڀيڻ ڪملا هيرانند، دادي چيٽي سپاهيملاڻي،

غزل

حياتي وئي گهٽي گذري، ڇڏيون تڪرار جون ڳالهيون،
ڇڏي ڪلفت ڪيون هاڻي، مٺيون ڪي پيار جون ڳالهيون.
۱) وساري ورق ماضيءَ جا، ڪريون منٺار جون ڳالهيون،
عنايت رب جي ڪيڏي آ، ڪريون داتار جون ڳالهيون.
۲) دنيا مان ڪين ڪجهه وٺبو، ڇڏيون وهنوار جون ڳالهيون،
گلن سان پنهنجو دامن ڀر، ڇڏي ڏي خار جون ڳالهيون،
۳) ڇڏي چنتا ڪريون چنتن، ڪريون ڪرتار جون ڳالهيون.
ڪري ڪنبو جو سوريءَ مان، ڪريون تنهن غمٺار جون ڳالهيون.
۴) اُکهي انجلي لڙڪ منهنجا، ڪري دلدار جون ڳالهيون.
نه وسرن ٿيون ڪيون مرشد، پريئن جي پيار جون ڳالهيون.
۵) طلب 'آشا' ڏٺيءَ جي رک، ڇڏي سنسار جون ڳالهيون،
سچو سائين صرف هڪڙو، ڪريون تنهن يار جون ڳالهيون.

سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر ۲ طرفان ۲۳ مارچ ۲۰۱۴ع آرتوار صبوح جو ۱۱ بجي مشاعرو رکيو ويو. مشاعري جو سنچالن شاعر هري چوئٿاڻيءَ ڪيو. يوٿ سرڪل جي چيئرمن شاعر هري چوئٿاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري شري سندر ڊگواڻيءَ منهنجي واقفيت ڏني. مان مشاعري جي صدارت ڪندي شرڪت ڪندڙ شاعرن وجئہ چمنلعل شرما، ڀيڻ چندا، شاعر ٽيڪچند مست، مينا سياڳاڻي ۽ شاعر هري چوئٿاڻيءَ کي داد ڏيندي سندن همٿ آزمائي ڪندي. پنهنجي ڪن غزلن جا ڪي بند ترنم ۾ پيش ڪيا.

☺☺☺

ـن گرنٽ جي مراد تي روشني وڌي. بئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻي
اڻ اجواڻي صاحب کي اُستاد ڪري ليکيندو هو. تنهن پرنسيپال اجواڻي
ب کي شيلڊ پيش ڪندي اپيننڊن گرنٽ جو مهورت ڪيو. سنڌيءَ ۾
هريون اپيننڊن گرنٽ هو. مان سائين اجواڻي صاحب کي دشالو ۽ شري
اريل پيش ڪندي آسيس ورتي. بئريسٽر هوتچند آڏواڻي، پرنسيپال
. ايم.ڪندناڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، شري گوبند ايل ڀاٽيه، سيشن
رٽ جج ڪشنچند ناگراڻي ۽ ٻين پرنسيپال اجواڻي صاحب جي علميت
ي خدمتن جو ذڪر ڪيو. ٻئي ڏينهن سائين اجواڻي صاحب مونکي
وڪليو تہ ديال تو ڪالهہ اُتسوَ آيوجت ڪري، اپيننڊن گرنٽ پيش ڪري
ي سنمانت ڪري پوري پوري گرو دڪشڻا ڏني آهي. ان لاءِ توکي ڌنيواد
. ڪاليج ۾ منهنجي مقرريءَ ۾ بہ هن صاحب مون تي عنايت ڪئي.
هڙن عالم اُستادن کي وساري نٿو سگهان.

پرنسيپال اين.جي.هنگوراڻي، پروفيسر بي.ايچ.ناگراڻي، پروفيسر
ي هيرانندڻي، پروفيسر دادي سامتاڻي، پرنسيپال سيتا سامتاڻي هڪ
جو مان احسانمند آهيان.

قاعدي قانون جو ماهر نشڪام نڊر نيتا شري ناري گرسهاڻي
نئشنل سنڌي فيڊريشن پئنچايت جو پرڌان بہ مونکي ڏاڍو پائيندو هو،
ئيندو هو. هي صاحب بہ منهنجو ڏاڍو قدردان هو. هي صاحب هرسال
و ڪلب يا ٻين هنڌ چيٽي چنڊ جو اُتسوَ آيوجت ڪندو هو. چار پنج
هن صاحب انهن اُتسوَن ۾ مونکي انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو. هڪ
ي مرلي ميرچنداڻي انعام هڪ هزار روپيا مهاراشٽر جي هائوسنگ منسٽر
، وري ٻئي سال جهوليلعل انعام دادي هري ديوي واسواڻي هٿان چيڪ
يلڊ ڏياري سنمانت ڪيو. هڪ سال اعليٰ قاعديدان شري رام ڄيٺملاڻي
انعام ۽ شيلڊ ڏئي مونکي اُتساهت ڪيو. هڪ دفعي پوڄيہ دادا جشن
واڻي هٿان انعام ۽ شيلڊ ڏياري. مونکي پياري دادا جشن جي آسيس وٺڻ
وجهہ مليو. هڪ ڀيري دادا هوتچند آڏواڻي انعام مونکي ڏنو ويو.
اُهو چيڪ ايڪائي هزارن جو اکين تي رکي دادي ساوتري آڏواڻيءَ کي

لاءِ بيحد عزت هئي. هي صاحب پارتيہ سنسڪرتي سڀيتا جو وارث هو. هن صاحب انگريزيءَ ۾ ''امارٽل انڊيا'' پستڪ لکيو. جنهن پستڪ تان پرڀاوت ٿي پنڊت جواهرلعل نهرو 'ڊِسڪوَري آف انڊيا' پستڪ لکيو. پرنسيپال اجواڻي اعليٰ مضمون نويس بہ هو نرپکش نقاد بہ هو. هوُ صاحب مونکي پنهنجو وديارٿي نہ پر دوست ڪري ليکيندو هو. تن ڏينهن ۾ پرنسيپال اجواڻي صاحب ممبئيءَ جي سنڌي ساهت سنگت جو پريزيڊنٽ هوندو هو. هي صاحب ۽ پروفيسر مکي، ڪي.سي.ڪاليج ۾ وقت بہ وقت ڪن ساهتيڪارن جا ڏينهن ملهائيندا هئا. پروفيسر مکيءَ کان پوءِ پروفيسر موهنلعل نارواڻي اِن سنسٿا جو سيڪريٽري ٿي پروگرام آيوجت ڪندو هو. ڪاجھہ مدت بعد پروفيسر موهنلعل نارواڻي يوجنا ڪميشن ۾ آفيسر مقرر ٿيو تہ پرنسيپال اجواڻي پروفيسر وشنداس جڳتياڻيءَ کي سيڪريٽريءَ جي واڳ سونپي. پروفيسر وشنداس جڳتياڻي رٽايرڊ ڪري پونا وڃي رهيو تہ پرنسيپال اجواڻي صاحب سنڌي سنگت جو مونکي سيڪريٽري مقرر ڪيو. مان ڪي.سي ڪاليج جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪمري ۾ ڪاريہ ڪرم آيوجت ڪندو هوس ۽ پرنسيپال اجواڻي صاحب صدارت ڪندا هئا. پرنسيپال اجواڻي صاحب ساهتيہ اڪاڊمي جو ڪنوينئر هو. هن صاحب ساهتيہ اڪاڊمي طرفان انگريزيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ جي تواريخ ورهاڱي کان اڳ جي لکي اُن ۾ بدنگ پوئٽ ۾ منهنجو نالو بہ درج ڪيو. ان ڳالهہ تي پروفيسر بي. ايڇ.ناگراڻيءَ اعتراض ورتو پر پرنسيپال اجواڻي محڪم ارادي وارو نبر شخص هو. هن سنڌي ساهتيہ جي اتهاس ۾ منهنجو نالو قائم رکيو.

مان پنهنجي عالم اُستاد پرنسيپال اجواڻي صاحب جي عزت ۾ 'آيِنندن گرنٿ' سمپادت ڪري ڪي.سي.لا ڪاليج هال ممبئي ۾ پرنسيپال اجواڻيءَ جو سنمان اُتسوَ آيوجت ڪيو. اُن اُتسوَ ۾ سائين اجواڻي صاحب جي پتني بہ شريڪ ٿي. ان اُتسوَ ۾ بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي، پرنسيپال ڪي. ايم.ڪنڌناڻي، سيشن جج ڪي. ايڇ.ناگراڻي، سيشن جج موتيلعل ٻٽاڻي، پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ٻيون ڪيتريون قابل ذڪر شخصيتون پڌاريون. پهرين مان مهمانن جو سواڳت ڪندي اُتسوَ ۾

داد ڏيندا هئا.

شري موتيلعل ٻٽاٽي، پروفيسر هاسانند جادوگر يادگار منڊل جا پرڌان
ڪ دفعي ڪي.سي.لا ڪاليج هال ممبئي ۾ پروفيسر هاسانند جادوگر
ينهن ملهايو ويو. اُن اُتسوَ ۾ شري موتيلعل ٻٽاٽي منهنجي ڪيل خدمتن لاءِ
اسي ڪندي ممبئي هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس نئن هٿان مونکي پروفيسر
د جادوگر يادگار ميڊل ۽ ٽرافي انعام طور ڏياري سنمانت ڪيو. شري موتيلعل
جهڙا قدردان ڪيئن وسرندا!

شري گوبندرام ايل ڀاٽيا قابل وڪيل هو، پهرين هوُ الور ۾ اسٽنٽ
ڪٽر ٿي رهيو. پوءِ ڪسٽوڊين آفيسر ٿي رهيو. آخر هوُ اُلهاسنگر ۾
رائي سال وڪالت ڪندو رهيو. هي صاحب خود ساهتيڪار هو. سنڌ
ڪار ڪيس سنڌ ۾ سندس 'ورق' مضمون سنگره تي انعام عطا ڪيو. سائين
سنچند بيوس جو پرم ڀڳت هو. هي هتي اُلهاسنگر ۾ سنڌي ساهت
ت جو پرڌان ٿي رهيو ۽ مان سيڪريٽري ٿي ڪاريہ ڪرم آيوجت
دو هوس. هي صاحب بہ سدائين منهنجو خيرخواه ٿي همٿائيندو رهيو.
ي اٽسهو جي مونکي ڪين سهندا هئا تن کي چنبڙ ڪيندو هو. هن
ب جي دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو.

هي صاحب جنتا جناردن پريشد جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي شيوا
رين ۾ سهيوگ ڏيندو هو. سنستا جا پرڌان ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراج هئا. پيارا گوبندرام جي دل ۾ ستگرو مهاراجن لاءِ انيہ شرڌا
ي ڀاونا هئي. هي صاحب شيوا جي ڪارين ۾ ٻانهي ٻيلي ٿي رهيو. هوُ
ڪي پنهنجي پريوار جو ڀاتي ڪري ليکيندو هو.

شري ٻچارام ليڊواڻي ايل.آءِ.سيءَ ۾ آفيسر هو. ساڳي وقت سماج
وا ۾ بہ سڪريہ هو. شروع ۾ هنديءَ جو خوب پرچار ڪيائين. هي
حب پنهنجي ڪارگر صلاحن سان سدائين سونهپ ڪندو رهيو. دل جو
ف شفاف ۽ مسڪينن جو متر سڀ جو خيرخواه هوندو هو.

شري پرسرام مسند سنڌونگر ۵ جي پئنچايت جو پريزيڊنٽ هو ۽
هتي سندر شيوڪ سڀا طرفان اکين جي اسپتال کولي. هي صاحب سنڌو

روبرو پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي حاضريءَ ۾ پيٽ مايا جي گهر واپس
ڪندي ڇيو دادا هوتاچند آڏواڻي جا مون تي وڏا احسان ئي مون لاءِ انعام
آهن. مذڪور انعامن جي رقم مان جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين ۾
جمع ڪري بروقت رسيدون شري گرسهاڻي صلحب کي موڪليندو هوس.

سنہ ۲۰۰۱ع ۾ چيٽي چنڊ اُتسوَ ۾ شري ناري گرسهاڻي صاحب مونکي آجيون شيوا لاءِ لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ يارهن هزار روپين جو چيڪ شري سريچند هندوجا ۽ سندس پائرن جي حاضريءَ ۾ ڏنو. مان اُهو چيڪ اڪين تي رکي ڪالج ۾ يوڪمپ پيڙتن جي خدمت لاءِ شري ناري گرسهاڻيءَ کي چيڪ واپس ڪيو.

شري ناري گرسهاڻي صاحب اسان جي حيدرآباد ڪاليجئيٽ بورڊ جو سڪريہ ميمبر ٿيو. هوُ منهنجو قدردان هو پر ڪاليج ۾ داخلائن جي سنہنڌ ۾ اُلهاسنگر جي هڪ ٻن شخصن غلط فهمي پيدا ڪئي. ڪاليج جي ڪنهن پروفيسر پرنسيپال جو پد ماڻڻ لاءِ بئريسٽر اشوڪ آڏواڻي ۽ شري ناري گرسهاڻي جا منهنجي خلاف ڪن پريا. انڪري شري گرسهاڻي صاحب مون تي ٿورو ناراض ٿيو. مگر ٿورن ڏينهن بعد هن صاحب مونکي لکي موڪليو تہ مان ڪن ماڻهن جي غلط اثر هيٺ توکي غلط سمجهو. مونکي تو لاءِ بيحد عزت آهي. شري ناري گرسهاڻي صاحب بہ مون سان جيڪي وڏ ڪيا سي وسارڻ جا ڪين آهن. هي صاحب مونکي شيوا ڪارين لاءِ چاهي ساهتيڪ يوگدان لاءِ اُتساهت ڪندو رهيو.

سيشن جاج شري موتيلعل ٻٽاڻيءَ صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات دادا گوبندرام ڀاٽيا ڪرائي. مان پونا ۾ سوامي ٽوترام صاحب جي باري ۾ سڏايل سيمينار ۾ پيپر پڙهيو تہ شري ٻٽاڻي صاحب مونکي داد ڏنو. ڏيري ڏيري هن صاحب سان منهنجو سمپرڪ وڌيو. هي ساچو سون هو. منهنجو خيرخواه هو. پونا نهرو ميموريل هال ۾ هن منهنجو سنمان ڪرايو. پوءِ هوُ ٿاڻا ۾ جاج ٿي رهيو. مان وقت بہ وقت ڪين هت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آگيا سان اُتسوَ ۾ دعوت ڏئي گهرائيندو هوس. رٽايرڊ ڪرڻ بعد هو ٽربينل جا جاج ٿي رهيا. ان بعد هوُ هندوجا لا ڪاليج جا پرنسيپال ٿي رهيا. اُنهن سان سنيهہ سنہنڌ جڙيو رهيو. هوُ منهنجا ڪتاب

ا هئا. هوُ مونکي ڏاڍو پيائيندا هئا. سندن احسان وسارڻ جا ناهن. هن
سندن سپتر شري ڪشورلعل مونکي ڪافي عزت ڏيندو آهي.

پيڻ ڪانتا (منواڻي) ڪڪڙيجا ۽ پيڻ انجنا وچاڻي شيوا ڪاريہ
ڪريہ سهيوگ ڏينديون رهيون. شري پيسومل ڪڪواڻي ٽنوان هو
يس ٽن جو ايمان ڪين هوندو هو. سندس دل ۾ دکين لاءِ درد هوندو هو.
پيارو بہ مونکي شيوا ۾ سهيوگ ڏيندو رهيو.

شري سڀاڳچند چاولا ڪماني آئل مل جو مالڪ هو سندس دل ۾ درد
ن جو درد هو. هي پيارو سندر شيوڪ سڀا ۽ جنتا جناردن پريشد جو
وسيئيٽ چيمبرس ٽي رهيو. هي پيارو سدائين پيو مشڪندو هو. مونکي
ا ڪارين ۾ سهيوگ ڏيندي اُتساهت ڪندو رهيو.

شري دلهنومل تلريجا رڄ مڙس ۽ خدا ترس شخص هو. هي صاحب
ر شيوڪ سڀا ۽ جنتا جناردن پريشد جو وائيس چيئرمن ٽي مونکي
ئين شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ ڏيندي اُتساهت ڪندو رهيو.

شري شيوڪرام تاراچنداڻي ريلوي ۾ نوڪري ڪندي مونکي شيوا
ر ۾ سهيوگ ڏيندو رهيو. پياري ننديرام ٺهلرام پوجنيہ پتا جي نالي
امي ٽيئونرام آشرم سنتونگر ۵ ۾ منهنجي سهيوگ سان بوڪ بئنڪ
پا ڪئي. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن بوڪ بئنڪ جو
ورت ڪيو. پيارو شيوڪرام ڪجهہ سال بوڪ بئنڪ سنڀاليندي
يوگ ڏيندو رهيو.

پيارو ٻولومل واڌوا ستگرو مهاراجن جو اننيہ ڀڳت هو. هي پيارو
هنجو ٽنڊو ڏاڙي ڪندي سدائين شيوا ڪارين ۾ سڪريہ رهيو. ڀڳت
ن هو. مٿس ڪوبہ ڪم رکبو هو تہ هوُ هڪدم اکين تي رکي ڪندو هو.
ڪڏهن بہ هن جي واتان مان نہ لفظ نہ ٻڌو. منهنجو ٻانهن ٻيلي هو. قدرتي
ڪوپن وقت هي پيارو مون سان گڏ شيوا ڪرڻ لاءِ هڪيو حاضر هوندو هو.

پيارو امرلعل ڦيرواڻي فوٽوگرافر هو پر جنتا جناردن پريشد جي
يوا ڪارين ۾ سدائين سڪريہ رهيو. هي پيارو پيار وارو انسان سدائين
هيوگ ڏيندو رهيو. قدرتي ڪوپن وقت پيارو امرلعل جدا جدا پرانتن ۾

ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو سرگرم ميمبر هو. هي صاحب سدائين مونکي شيوا ڪارين لاءِ همٿائيندو رهيو. هن صاحب مونکي سندر شيوڪ سڀا جو جائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو. هي پيارو سادگيءَ جي صورت هو. نشڪام نماڻو سماج شيوڪ هو. مون سندس زندگيءَ مان ڪجھ پرايو.

شري هيرالعل ڪلٽمل سينڌاساڻي خانداني شاهوڪار هو. هن مهاتما گانڌي هندي راتري شالا برپا ڪئي. جتي سنڌيا جو هندي پاڙهي ويندي هئي. مان بہ ان راتري شالا ۾ هندي پڙهي وارڌا هندي ستيءَ جا امتحان پاس ڪيا. شري هيرالعل سينڌاساڻي بنا اُجوري هندي پاڙهيندو هو. هن صاحب مونکي شيوا ڪاريہ ۾ يوگدان ڏيندي اُتساهت ڪيو. جڏهن مان جنتا جناردن پريشد برپا ڪئي تہ شري هيرالعل سينڌاساڻي ان سنستا جو خزانچي ٿي پورڻ سهيوگ ڏيندو رهيو. سندر شيوڪ سڀا سوامي سروانند اسپتال ۾ بہ هي صاحب جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. مٺر ڀاشي هيرالعل کي وسارڻ مشڪل آهي. سندس ساٿي پروفيسر موهنلعل نارواڻي بہ مون سان ڀال ڀلايا!

شري شيوڪرام ونوازي لوڪ شيوا منڊل جو آفيس سيڪريٽري ٿي رهيو. هي پيارو ڪيترائي سال منهنجو ٻانهن ٻيلي ٿي شيوا ڪارين ۾ يوگدان ڏيندو رهيو. هي پيارو ڪيترائي سال جنتا جناردن پريشد جو سيڪريٽري ٿي ٻڍا آشرم جي شيوا ڪندو رهيو. هن سوامي شانتي پرڪاش ٻڍا آشرم لاءِ مهاراشٽر سماج ڪلياڻ منتراليہ سان لک پڙھ ڪري ضلع پريشد طرفان گرانٽ وٺي ڏيڻ ۾ خاص يوگدان ڏنو. مونکان عمر ۾ وڏو هو پر مونکي سنيھ سنمان ڏيندو هو ۽ سونهپ ڪندو هو. هي نشڪام شيوا ڀاوي هو.

دادا لعلچند ماڪيجاڻي سدگرهستي سنت هو. هي صاحب شري هنومان جو اننيہ اُپاسڪ هو. سندس گهر ۾ ئي شري هنومان جو مندر هو. هي صاحب خدا ترس رڃ مڙس هو. هن صاحب شري هنومان چاليسا جي پاٺ دوارا ن ڪيترن جا ئي ساريرڪ مانسڪ دک درد دور ڪيا. هي صاحب سدائين مونکي همٿائيندو رهيو. مون تي آسيس ڪندي منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو. هي صاحب ۽ سندس پتني موهني ٻائي سدائين مونکي پيار

ي گهرو سنبند تي ويو. دک سک ۾ ساٿي هو. هن پيلري مونکي ڪيترين ڪئسيٽس
ي پرڻ وقت ڳائڻ ۾ ساٿ ڏنو. سندس بلند آواز اڄ به ڪنن ۾ گونججندو آهي. هن
پاڇاڙيءَ تائين مون سان نباهيو.

شري ڪرشن لعل ٻجاج آدرشي ماستر ۽ پترڪار هو. هي منهنجو دلبر
ت هرروز صبح جو سويل فون تي شيپ منگل ڪامنائون ڏيندو هو. هوُ هندي
ڪرت جو ودوان هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪارگر صلاحون ڏيندو هو. منهنجو
هو. سهيوگي هو ڪيترائي دفعا سفر ۾ ساڻ رهيو.

پروفيسر اين. اين. ٻنيالجا هندي ۽ سنسڪرت جو ودوان هو. هي صاحب
هند ڪاليج ۾ پروفيسر هو. هي پهرين اُلهاسنگر ۾ رهندو هو. هن
ڪرت امتحانن جو سلسلو شروع ڪيو. مان سنسڪرت سکي تي امتحان
ڪيا. پروفيسر ٻنيالجا سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جو وائيس
يڊنٽ به هو. سندس ڌيءَ ڪوشليا منهنجي اُستاد هئي. انڪري پروفيسر
جا به سدائين مونکي همٿائيندو رهيو.

پروفيسر پريتم ديو پمناڻي هندي سنسڪرت جو ماهر هو. هي
حب مون سان گڏ پهرين نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ ماستري به ڪندو هو.
وري چاندي بائي ڪاليج ۾ بئي گڏ هئاسين. هي صاحب مونکان عمر ۾
هو. هو به مونکي ڪارگر صلاحون ڏيندو رهيو.

شري وڪيومل شراف دبئيءَ ۾ رهندو هو. هي پراُپڪاري ڏنوان
پر ڪيس ڏن جو ايمان ڪين هو. خدا ترس رڄ مڙس هو. سندس دل ۾
ن دريدرن لاءِ درد هوندو هو. هوُ دکين جو دک دور ڪرڻ چاهيندو هو.
مونکي شروعاتي دور ۾ شيوا ڪارين لاءِ هٿ ڏگهيڙي مدد موڪليندو
اڏوراڻا ڪپڙا ٽئنڪر پرائي موڪليندو هو.

دبئي جي شري ڏالومل جتواڻي جي دل ۾ مون لاءِ شرڌا هئي. هي
حب به مونکي وقت به وقت شيوا ڪارين لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏئي
ائيندو هو.

دبئيءَ جو دلدار دوست شري لڪمبچند لُلا سنتن جو صدقي هو ۽
اُپڪار جي ڪارين ۾ فراخ دليءَ سان دان پاڇ ڪندو هو. هي پيارو مونکي
وا ڪارين لاءِ سدائين نہ صرف سهايتا موڪليندو هو مگر ڪافي عزت

مون سان ساڳي ٿي شيوا ڪندو رهيو. ڪوبہ ڪم هن تي رکندو هوس تہ هڪدم ها ڪندو هو. هن ڪيترن سالن کان مونکي سهيوگ ڏنو. هوُ مون وٽ پڙهيو هو. مان ڪيس پنهنجي ننڍي ڀاءُ وانگر ليکيندو هوس.

شري مينگهارام سپاهيملاڻي وقت بہ وقت مونکي سماج شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ ڏيندي ڪارگر صلاحون ڏيندو هو. هوُ صاحب مونکي ڀائيندو هو. عزت ڪندو هو تعليم چاهي ساهتڪ کيتر ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ داد ڏيندو هو. هندواسيءَ ۾ منهنجو مڙئي رچنائون پرڪاشت ڪري اُتساهت ڪندو هو.

ڀيڻ سمن همتسنگهہ آڏواڻي جڏهن مون سان گڏ نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پاڙهيندي هئي تڏهن سندس نالو گل ڏيارام آڏواڻي هو. سندس منهن تي سدائين مشڪ هوندي هئي. مان ڪيس ڀيڻ ڪري ليکيندو هوس. هوءَ نيائيندي هئي. سندس دل ۾ ٻڍڙن، اناٿن، غريبن لاءِ پيار هوندو هو. هر چنڊ تي هوءَ ڪٽاهہ صاحب تيار ڪري ڏيندي هئي. اِهو ڪٽاهہ صاحب ٻيءا آشرم جي ٻڍڙن ۽ شانتي ڀوَن ۾ رهندڙ ٻڍڙن کي ڪارائي کين کير پيئاري ايندو هوس. هيءَ پيار واري ڀيڻ بہ مونکي شيوا ڪرڻ ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندي هئي. سندس شادي همتسنگهہ آڏواڻي سان ٿي. هن پراُپڪاري ڀيڻ پنهنجون ٻئي اکيون دان ڪري ڇڏيون. سچکنڊ پڌارجڻ کان پوءِ سندس بہ اکيون ٻن سورداسن کي مليون جن جي زندگيءَ ۾ بهار آئي. سندس پتي همتسنگهہ آڏواڻي اڄ منهنجو وڏو سهيوگي آهي.

پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ سان سنہ ١٩٥٢ع کان سنيهہ سنبنڌ رهيو. ٻنهي گڏجي هندي شِڪشڪ امتحان پاس ڪيو. هن پياري مون سان گڏ ماستري بہ ڪئي. پوءِ جئہ هند ڪاليج ممبئيءَ ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. هي پيار وارو انسان هو. منهنجو پيارو متر هو. دلبر دوست هو. هي پيارو مونکي ستسنگ جي پروگرامن ۾ بہ سدائين ساٿ ڏيندو رهيو تہ جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين ۾ بہ سڪريہ رهيو. هي ڪيترا سال جنتا جناردن پريشد جو سيڪريٽري ٿي رهيو. ٻيءا آشرم جو سُڌ سماءُ لهندو هو. قدرتي ڪوپن وقت بہ هي پيارو دلارو سدائين مون سان سرزمين تي هلي شيوا ڪندو هو. منهنجو

ن مشڪل آهي. پيڻ رتنا رائسنگهاڻي بہ سهيوگہ ڏيندي هئي.

هنديءَ جو ودوان ڊاڪٽر سي. ايل پرڀات ممبئي يونيورسٽيءَ جي هندي وڀاڳ
رمک هو. مان هن صاحب جي سونهپ ۾ هنديءَ ۾ پي. ايچ.ڊي ڪئي. منهنجي
جو نئون وشيہ هو 'سنتي ڪويون ڪي هندي ساڌنا' ان کوجنا ڪاريہ لاءِ مونکي
ي جاکوڙ ڪرڻي پيئي، نور نچوئڻو پيو. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر پرڀات صاحب منهنجي
ي ڪندي اُتساهت ڪيو. منهنجي منڪور مقالي تي ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان
ايچ.ڊي ڊگري عطا ٿي. ڏن سالن بعد ان ڇپيل مقالي تي مونکي ڀارت سرڪار جي
ندريہ هندي نديشاليہ انعام پڻ عطا ڪيو.

منهنجو دلبر دوست ۽ پيٽوپيو شري پوڪرداس ٽٽومل ٽيڪاچنداڻي سدائين
ا ڪارين لاءِ نہ صرف آرٿڪ سهيوگ ڏيندو هو پر پاڻ ممبئيءَ مان اچي هت شيوا
و هو. ڪٿي بہ قدرتي ڪوپ ٿيندو هو تہ هي پيارو سدائين مون سان گڏ سرزمين
لي تن من تن سان شيوا ڪندو هو. محبتي منٺار هو.

منهنجو سيڻ شري موٽومل کيمر اجمل چانڊواڻي سادي لباس ۾ لڪل لعل
ڏنو ان هوندي ڪيس تن جو ايمان ڪين هوندو هو. هي پيارو ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراجن جو اننيہ شرڌالو ڀڳت هو. هوُ تن من تن سان شيوا ڪارين ۾ مونکي
ـان ڏيندو رهيو. هن صاحب ئي مونکي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽
ي دادا جشن واسواڻيءَ جا جيون چرتر لکڻ جي پريرڻا ڏني ۽ اِهي ٻئي گرنٿ
ڪاشت ڪيا. انهن ٻنهي گرنٿن جي پيٽا ٥ - ١٠ روپيا رکي ويئي جنن ساڌارڻ
مو بہ خريد ڪري سگهي. شري موٽومل سماج سڌارڪ هو. هن پنهنجي ڇئني
جي شادي بنا ڏيتي ڪرائي. اصولن وارو انسان هو.

ڀارت سرڪار جو ماضي قاعدي قانون منتري اعليٰ شخصيت شري رام
ـملاڻي منهنجو خيرخواه ۽ ثناخواه آهي. هي صاحب بہ وقت بہ وقت منهنجي
ت افزائي ڪندو آهي.

دبئي جو دانوير دادا مورجمل منگهناڻي خداترس رڇ مڙس آهي.
ي بہ پتا شڪتي سيني سنستان کي شيوا ڪارين لاءِ همٿائيندو رهي ٿو.
ي صاحب پاڻ ۽ سندس پتني ڪملا مونکي سنيهہ ۽ سنمان ڏيندا آهن. هي
اُپڪاري پرش بہ مونکي سدائين شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ ڏيندو رهي ٿو. سندن

ڏيندو هو. هڪ دفعو هن پياري مونکي هڪ پستڪ جي پرڪاشن لاءِ پڻ سهيوگ ڏنو. سندس پتني سُري لَلا سهيوگہ ڏيندي رهي ٿي.

منهنجو پيارو دبئيءَ جو دلدار دوست سندر منگهاڻي جو تازو پرلوڪ پڌاريو. ٻاجهہ ڳوهہ ۾ دان پاچ ڪندو هو. هوُ گيتڪار بہ هو تہ منو گايڪ بہ هو. هي ساڃڻ شيوا ڪارين لاءِ مونکي چيڪ موڪليندو هو. دل جو سخي هو. ڪي سال اڳ هن منهنجي 'ڪاويہ چنتن' پستڪ جون ڪاجهہ ڪاپيون خريد ڪري ورهايون.

پيارو نارايڻ ڪيولرامائي روز شيوا ڪاريہ لاءِ ٿاٿا مان سيڙجي هت جنتا جناردن پريشد جي آفيس سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ ايندو هو. وقت بہ وقت شيوا ڪارين لاءِ مون سان پين شهرن ۾ هلندو هو.

ساڌو واسواڻي نگر ٿاٿا ۾ رهندڙ پيارو ٺاڪرداس ڪرسياجا شري سدانشو مهاراجن جو پرم ڀڳت مونکي سدائين شيوا ڪارين لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏيندو رهيو. هي پيارو بہ سخي دل نيڪ انسان هو.

شري موهنلعل ڪيولراماڻي ساڌو واسواڻي نگر جو رچ مڙس خدا ترس ڀڳت هرديہ هو. هي پيارو مونکي ڪافي عزت ڏيندو هو ۽ دکين دريدرن جي شيوا لاءِ ٻاجهہ ڳوهہ ۾ مدد ڪندو رهيو.

دادا ڪنعيالعل صابومل مورپاڻي بہ لکل لعل هو ڏنوان هو مگر نياز نوڙت جي مورت هو. هي پيارو بہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو ڀڳت هو. هي صاحب وقت بہ وقت شيوا ڪاريہ لاءِ مدد ڪندو هو. پر چوندو هو تہ سندس نالو ڪٿي بہ ظاهر نہ ڪريان. پر مان سورٽ ونٿلي ۾ سندس نالي تي پاتالي نلڪو ٺهرايو جنهن مان سوين پياس ٻجهائيندا رهيا.

پيارو رام لعلچندائي اوچ ڪوٽيءَ جو چترڪار هو. پوءِ پترڪار ٿيو. هوُ پهرين اجمير رهندو هو پوءِ هتي هن پنهنجي پرشارٿ پريشرم سان پير کپائي نالو روشن ڪيو. هي پيارو منهنجي خيرخواهن مان هڪ خاص خيرخواه هو. منهنجي ڪيترن ئي ڪتابن جا ڪَوَر هن صاحب پنهنجي قلم سان سينگاريا. هي پيارو وقت بہ وقت هندواسيءَ ۾ مونکي جوڳي جاءِ ڏئي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندو هو.

پيڻ نيلم هيرانند بالاڻي بہ سدائين شيوا ڪاريہ ۽ ڳاٺڻ ۾ سهيوگ ڏيندي رهي. سندس دل ۾ مون لاءِ پيار ۽ شرڌا هئي. هن نماڻي پيڻ ڪي بہ

ز هو. هوءَ مونکي اعليٰ تعليم جي حاصلات لاءِ اُتساهت ڪندي هئي.

پائو شري آسنداس پيرو اڻي منهنجو ڏايو قدردان هو. هو منهنجي سونهپ ڪندو هو تہ شيوا ڪارين لاءِ سهيوگ بہ ڏيندو هو. هوُ نشڪام نشٺاوان ڪاريہ ڻاهو.

پيڻ چتري منگهارام پنجابي ۽ سندس پتي منگهارام پنجابي، پيڻ يءَ جا پائر شري هيرانند لڪاڻي، ڪان لڪاڻي، گل لڪاڻي مونکي شيوا رين ۾ دل کولي دان ڏيندا رهيا.

منهنجي ستگرن جو پيارو شري هوتچند واڌواڻي سندس پتني ، سندن سپتر راجو، سخاوت جا صاحب آهن. سندن دل ڪشادي آهي. جو دک درد پنهنجو سمجهي دور ڪندا آهن. ڌنوان هوندي ڪين ڌن ايمان ڪين آهي. هي سارو پريوار ستگرو مهاراجن جي سمرپت پاونا شيوا ڪندا آهن. پنهنجي ستگرن ڪي مهتوَ ڏئي پاڻ ڪي گمنام رکندا . ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، گرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن لاءِ ـن دل ۾ اننيہ ڀڳتي پاونا آهي. هانگ ڪانگ چاهي نيويارڪ ۾ پريم ڪاش مندر برپا ڪرڻ ۾ سندن يوگدان رهيو. هتي اُلهاسنگر ۾ سوامي نتي پرڪاش هاءِ اسڪول جي نئين عمارت چاهي سوامي شانتي پرڪاش آشرم جي نئين عمارت اڏڻ ۾ سندن ئي خاص يوگدان آهي.

جنتا جناردن پريشد طرفان ڪيترائي خلق خذمت جا ڪاريہ هلي رهيا ن. ادرشٽ روپ ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪرپا ڪم ڪري رهي آهي. پريشد جي پرڌان سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي آسيس پورڻ سهيوگ آهي. انڪري ڪڏهن هٿ منجهندو ڪين آهي.

هن وقت منهنجا سهڻا ساٿي جن جي اندر ۾ دکين دريدرن لاءِ درد ي ۽ شيوا ۾ سڪريہ يوگدان ڏيندا آهن تن ڪي وساري نٿو سگهان.

شري همتسنگهہ آڏواڻي سيان روٽري ڪلب جو پرڌان ۽ روٽري گورنر و اسسٽنٽ ٿي رهيو. منهنجي شيوا پاوي پيڻ سمن آڏواڻيءَ جو پتي هڪ قابل ڌ ڏوکي خدا ترس شخص آهي. هوُ هفتي ۾ بہ ٿي دفعا خاص ممبئيءَ مان هت

سپتر چندرو منگهناڻي بہ پوجيہ پتا جي نقش قدمن تي هلي هر قسم جو سهيوگ ڏيندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي هنديءَ جو ودوان هو. ڊيڪن ڪاليج ۾ ڪوجنا ڪندو رهيو. مان ڪوجنا ڪرڻ وقت بہ وقت سندس سنتي صوفي ڪوي شوڌ پربند نظر مان ڪيڻ لاءِ پونا ويندو هوس. هي پيارو سهيوگ ڏيندو رهيو.

ڊاڪٽر رام بخشاڻي ۽ سندس ڌرمپتني وينا دبئيءَ ۾ رهندي بہ دل جي قريب آهن. هي پيارا بہ مونکي دريدر نارايڻ شيوا لاءِ سهيوگ ڏيندي پيار ۽ عزت ڏيندا آهن. منهنجي ساهتيڪ يوگدان جي قدرشناسي ڪندي هنن مونکي ماتا ايشوري ٻائي جيوترام بخشاڻي انعام عطا ڪري عزت وڌائي. پر سندن انعام جي رقم جو مان سدا اُپيوگ ڪيو.

پيارو چندرسين ڏالومل جتواڻي دبئيءَ ۾ رهندي پنهنجي پوجيہ پتا وانگر نينهن جو ناتو نباهي ٿو. هي پيارو بہ پر اُپڪاري دان پنج ۾ ست ڪرمن ۾ مايا سڦلي ڪري ٿو. شيوا ڪارين لاءِ مونکي بہ سهيوگ ڏئي ٿو.

دبئي جو دلبر دوست منوهر رامچند رامچنداڻي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جو پرم ڀڳت آهي. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد ۽ همدردي آهي. انڪري دل کولي خلق خدمت جي ڪاريہ ۾ مونکي آرٿڪ سهيوگ ڏئي مايا سڦلي ڪري ٿو.

سينگاپور سنتي پئنچايت جو اڳيون پريزيڊنٽ شري ٽيڪمداس مولاڻي هن وقت دبئي ۾ رهندي شيوا ڪارين لاءِ مدد جو هٿ ڊگهيڙي ٿو. هي پيارو قرب وارو آهي. مونکي ڪافي عزت ڏيندو آهي.

دبئيءَ جو ڀاءُ موهنلعل منسکاڻي ڀيڻ سُري لکميچند لالا. پيارو جگديش ڪانجن، شري ڪئلاش هوتچند، ڀيڻ ريکا گانڌي ۽ ٻيا متر بہ وقت بہ وقت سهيوگ ڏيندا رهن ٿا.

ڀيڻ ڪملا هرياڻي مون سان گڏ نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪندي هئي. هوءَ هڪ آدرش اڌياپڪا هئي. هوءَ مونکي سنيہ سنمان ڏيندي هئي. سندس پتا شري شيوارام هرياڻي بہ مونکي ڪافي عزت ڏيندو هو. ڀيڻ ڪملا سان اتمڪ

سندس دل نرم آهي دل کولي دان ڪندو آهي. پيارو رام ڏنو اڻي منهنجو شاگرد
يو. هن وقت هو وڏو واپاري آهي. پريشد جو ٽرسٽي آهي. هي پيارو به تن من ڌن
يوا ڪارين ۾ سهيوگ ڏئي ٿو. سندس دل ۾ خلق خدمت جي ڀاونا آهي. لڳن
ا به شيوا ڪاريه ڪندو رهي ٿو. پيارو ڀاءُ گوپالداس راڳماڻي پريشد جو خزانچي
سندس پتني ڀڳونتي شيوا ڪارين ۾ سهيوگ ڏيندا رهن ٿا. ٻئي منهنجا
ٽي آهن. انڪري داس ڪي سنيهه سنمان ڏيندا رهن ٿا. ڀيا آشرم جي پرگهور
رهن ٿا. شري سڌامون مل چانڊو اڻي ۽ شري ڀاونداس ڀمناڻي سورداسن جي
۾ خاص يوگدان ڏيندا رهن ٿا.

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي ڪيترا سال اڳ مونکي شيوا
ين ۾ سڪريه يوگدان ڏيندي رهي. مون سان گڏ ڪن گهرجائو ڀائر ڀينرن
جاچ ڪرڻ هلندي هئي. هن مونکي شيوا ڪارين ۾ سهيوگ ڏنو سندس
وجئه روپچنداڻي به شيوا ڪاريه ۾ سهيوگ ڏيندو رهي ٿو.

شري نندلعل راجپال ۽ سندس پياري پتني ڊاڪٽر ششي راجپال ڏنوان
ي ڪيڏا نه نماڻا آهن. سندن دل ۾ دکين ٻي سهارن لاءِ درد آهي، همدردي
. هوُ ٻئي مونکي نه صرف سنيهه ۽ سنمان ڏيندا آهن پر شيوا ڪارين ۾
رڪار جو سهيوگ ڏيندا رهن ٿا. پيارو نندلعل راجپال لاينس ڪلب جو
رڪٽ گورنر ٿي خلق خدمت جا ڪاريه ڪندو رهيو سندس پتني ڊاڪٽر
ي به پيار ۽ همدرديءَ جي مورت آهي. پيارو نندلعل راجپال گيتڪار به
ي ته گايڪ به آهي. منهنجو پرم متر آهي. محبتي منٺار آهي.

ڀيڻ رتنا واڌواڻي مون سان گڏ مئٽرڪ پڙهندي هئي. سنه ١٩٥٤ع ۾
سان ڀيڻ جو سنٻنڌ ٿيو. اُهو سنٻنڌ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. هن وقت
س نالو وينا ديوداس ميرپوري آهي. ڀيڻ رتنا جي ڪري سندس ماتا
پتي، پتاشري ڪيولرام واڌواڻي ۽ پريوار جي سڀني ڀاتين سان سنٻنڌ
يو. هن ڀيڻ سان آتمڪ سنٻنڌ رهيو. ڀيڻ رتنا مونکي سدائين وڏيڪ علم جي
صلات ۽ شيوا ڪارين لاءِ پريرڻا ڏيندي رهي. ڏاڍي صدق ۽ پيار واري ڀيڻ آهي. مونکي
هن فريڪچر ٿيو مان ليلاوتي هاسپيٽل ۾ داخل هوس. اُتي به هوُ مدراس مان اَچي
منجي سار سنڀال لهڻ آئي. هوُ شاديءَ کان پوءِ مدراس ۾ رهندي آهي. پر هفتي ٻئين

اُلهاسنگر ۾ اڇي شيوا ڪارين ۾ سهيوگ ڏئي ٿو. هي صاحب پريشد جو جنرل سيڪريٽري آهي. هي واهگروءَ جو پيارو نہ صرف پاڻ آرٿڪ سهيوگ بہ ڏئي ٿو پر پنهنجي مترن کان بہ سهايتا وٺي ڏئي ٿو. سمرپت ڀاونا سان سالن کان شيوا ڪارين ۾ سڪريہ آهي.

پريشد جو سيڪريٽري چندرلعل ڪنعيالعل مورپاٽي ڌنوان هوندي ڪيڏو نہ نماڻو آهي. ٻُجهہ ٻُوهہ ۾ مدد ڪندو رهي ٿو. سندس دل ۾ ديا سان گڏ سخاوت جي ڀاونا آهي. هي پيارو پنهنجا ڪم ڪاريون پاسيرو رکي، سوامي شانتي پرڪاش ٻيڙا آشرم جي سارسنڀال لهي ٿو. پيارو چندرلعل چنڊ وانگر سيتل آهي. هر شيوا ڪاريہ ۾ هڪيو حاضر هوندو آهي. منهنجو ٻانهن ٻيلي آهي.

پيارو چيتن سنتومل لُلا پريشد جو ٽرسٽي آهي. ڪاليج ۾ مون وٽ پڙهيو. هي پيارو بلڊر آهي. ڌنوان آهي پر سندس دل ۾دکين دريدرن لاءِ دود ۽ همدردي آهي. انڪري هي شيوا ڪارين ۾ سدائين سهيوگ ڏيندو رهي ٿو. منهنجو خاص قدردان آهي. پيارو لڇو ويرواڻي ۽ سندس پتني مينا منهنجا سهيوگي سچڻ همدرد هڏ ڏوکي خيرخواه آهن. شيوا ۾ سهيوگہ ڏيندا رهن ٿا.

پيارو گرمکداس خوبچنداڻي بہ پريشد جو ٽرسٽي آهي هن پياري کي بہ پريوءَ وڏايو آهي. پريوءَ جي ڏني مان فراخ دل ٿي شيوا ڪارين ۾ آرٿڪ سهيوگ ڏئي ٿو ۽ پاڻ پتني سان گڏ اڇي شيوا ڪري ٿو.

شري موهن بالاڻيءَ سان سالن کان سنيهہ سنٻنڌ رهيو. هو ڪنهن زماني ۾ مون وٽ اسڪول ۾ پڙهيو هي مون سان شيوا ڪارين ۾ سڪريہ آهي. مان کي ڪيس شيوا ڪارين ۾ ڇڪي آندو. هن وقت هوُ سوامي سروانند هاسپٽيل جو جنرل سيڪريٽري ٿي قابليت سان ڪاروبار سنڀالي رهيو آهي ۽ جنتا جناردن پريشد جو ٽرسٽي آهي.

پيارو هريرام موهتاڻي پريشد جو سڪريہ سدسيہ ٽرسٽي آهي. هي پيارو بہ ڪنهن زماني ۾ مون وٽ ڪاليج ۾ پڙهيو. هي پنهنجو ڪاروبار هلائيندي شيوا ڪارين ۾ سدائين سهيوگ ڏيندو رهي ٿو. پيار وارو انسان آهي. منهنجو پيارو مرليڌر هيرالعل سينداساڻي سدائين شيوا ۾ يوگدان ڏيندو رهي ٿو. پريشد جو ٽرسٽي

ب روپاڻي، هريش روپاڻي، شري مهيش اگروال، شري اوڌوداس
نداڻي، شري گرداسمل پوپٽاڻي، ڊاڪٽر شيلا آهوجا، ارجن للا، شري
يامداس ڀاٽيا اجيت اچڙا شيوا ڪارين ۾ سهيوگ ڏيندا رهن ٿا.
جي شروعاتي دور ۾ ڀيڻ انجنا وچاڻي ۽ ڀيڻ ڪانتا منواڻي جو سهيوگ

هن وقت تائين منهنجا اٽڪل ٧٤ ڪن سنڌي هندي ۽ انگريزي ڪتاب ڇپجي
ڻي چڪا آهن. انهن ڪتابن کي پرڪاشت ڪرڻ لاءِ وقت بہ وقت راشٽريہ سنڌي
وڪاس پريشد ۽ انبس گرانٽ ڏني آهي ۽ ڪتاب خريد ڪيا آهن. ڪتابن خريد
۾ مونکي پيارو چنڊرو مورجمل منگهناڻي، شري نندلعل راجپال، شري ڪمل آئلاڻي،
گهنشيامداس ڀاٽيا، شري چيتن للا، شري گرمکداس خوبچنداڻي، شري چندرلعل
ڻي، شري ٽوني اشوڪ گرناڻي، شري منوهر ديلراماڻي، شري انيل ڪرسيجا ۽ پيا سڄڻ
گ ڏيندا رهن ٿا.

شري وشنداس آسراڻي ريلوي ۾ ٽي.سي هو. هن صاحب منهنجا بہ
ب 'سنڌ جا سنت' 'وطن صدقي' ڇپائي شايع ڪيا. هي پيارو بہ مونکي
ي عزت ڏيندو هو.

شري همٿسنگهہ آڏواڻيءَ جي ڀيڻ گوپي بڪشو سنگهہ آڏواڻي
جو ڪتاب 'پريا پورب پار' پرڪاشت ڪيو.

شري رتن موٽواڻي منهنجا بہ ڪتاب 'ڀارت جا ڀڳت' ۽ 'ڪاويہ چنتن
و منٿن' ديوناگري سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ڪري وڏو وڙ ڪيو.

پريم پرڪاش منڊل جي پرڌان سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج منهنجو
ڪ 'سنڌ جا سنت' گرنٿ روپ ۾ ديوناگري سنڌيءَ ۾ پرڪاشت ڪري
سان وڏو وڙ ڪيو. هي صاحب منهنجو ڪتاب 'سنڌي شعر جي تاريخ'
سنڌي ديوناگري سنڌي ديوناگريءَ ۾ پرڪاشت ڪري رهيا آهن، جو
ارٿين لاءِ ڪافي ڪارگر ٿيندو. پاڻ هريش چنديرام روپاڻي منهنجا سنڌي
ا 'ديال دوهالي' سنڌيءَ ۾ ڇپائي ورهايا. ديال دوهالي پياري عينشيرام ٽڪر
ڇپائي ورهائي. سنڌ ۾ ڪنهن سڄڻ اِهي دوها ڇپائي ورهيا آهن.

جسٽس اندرسين ايسراڻي، شري رميش ورلياڻي وائيس چيئرمن
.سي.پي.ايس.ايل. شري امرلعل دولتاڻي، شري هيرو ٽڪر، ڊئريڪٽر نرمل گوپلاڻي
اشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاش پريشد جا ميمبرس جن منهنجي قدرشناسي ڪري
ہ ٢٠١٢ع ۾ مونکي سنڌي ساهتيہ ۾ يوگدان لاءِ آجيون خدمتن لاءِ هڪ لک روپيا

ٽيليفون تي ٻالهائي صحت جو سُڌ سماءُ لهندي آهي. ڊاڪٽر موهنلعل مکي منهنجي صحت جو خيال رکندو هو ۽ مفت علاج ڪندو هو. هاڻي ڊاڪٽر اشوڪ روهڙا وقت بہ وقت بنا اُجوري منهنجو علاج ڪندو آهي.

ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي سنتيءَ جو عالم آهي. سالن کان هن سان نينهن جو ناتو آهي. هن صاحب سنتي ٻوليءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنتي وڀاڳ طرفان سرٽيفڪيٽ ڪورس شروع ڪيو. هوُ ڪيترن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان تعلق رکي ٿو. منهنجو خير خواه دوست آهي. هن ٻہ دفعا ممبئي دوردرشن تان منهنجي ملاقات ورتي آهي ۽ آل انديا ريڊيو ممبئي طرفان هڪ دفعو ١٥ منٽ انٽرويو ورتو ۽ وري ٻہ سال اڳ آرڪلاجي جي لحاظ کان آل انديا ريڊيو ممبئي تان ٽي ڪلاڪ ملاقات ورتي، هوُ ڪٿهن ڪارگر صلاحون بہ ڏيندو آهي ۽ منهنجو خير خواه آهي.

شري منوهر چگهہ آل انديا ريڊيو جو اڳيون پروگرام پروڊيوسر بہ منهنجو شيِ چنتڪ آهي. هن پنهنجي ايامڪاري ۾ منهنجا ڪيترائي ڪاريہ ڪرم پيش ڪيا. اديب ڀڳوان اٽلاڻي ۽ هريش ڪرمچنداڻي جئپور دوردرشن لاءِ ۽ ڀيڻ پوجا هرواڻي احمدآباد دوردرشن لاءِ انٽرويو ورتا. هريش ميرچنداڻيءَ آڪاشواڻيءَ لاءِ رڪاردنگ ڪئي. مان سندن شڪرگذار آهيان.

سورت جا سهيوگي ساٿڻ شري موُرندمل ڏاسواڻي، شري هولارام ڏاسواڻي، شري ڪلياڻ داس ڏاسواڻي، شري جئہ پرڪاش ڏاسواڻي. پيارو گلاب وشناڻي شيوا ڪارين ۾ دل کشادي ڪري سهيوگ ڏيندا آهن. پيارو شيوارام ڪي.ٽي. فئبرڪس پيارو ساجنداس آنندرام احمدآباد. پيارو پريم منگهناڻي پائونگر وقت بہ وقت شيوا ڪارين ۾ سهيوگ ڏيندا رهن ٿا. سندن دل ۾ دکين لاءِ درد آهي.

ڀيڻ شوپا رام لعلچنداڻي منهنجي ڪتابن ڇپڻ ۾ ۽ هندواسيءَ ۾ وقت بہ وقت منهنجون رچنائون شايع ڪري اُتساهہ وڌائيندي رهي ٿي. سالن کان پياري رام سان نينهن جو ناتو آهي. اُهو ناتو سُپتر آنند ۽ شوپا لعلچنداڻي نباهيندا رهن ٿا.

شيوا جي کيتر ۾ پيارو ڪشور نوتناڻي، پيارو ڪشورلعل موتومل چانڊواڻي، ستيش نينداڻي، شري ڪنعيالعل ماکيجا، ڀيڻ ڪانتا ڪڪڙيجا،

مان گيت پيار جا ڳايان ٿو

مان ڪنهن سنگيت ڪلاس ۾ وڃي سنگيت جي نہ سکيا ورتي آهي
نگيت ساڌنا ڪئي آهي. مان سنڌ ۾ ننڍپڻ ۾ وڏي بابا ڀڳت ٿهليارام
ب سان گڏ هوندي، سنڌن شيوا ڪندي سنڌن سُريلا گيت ٻڌندو هوس.
ڄو ماما ڀڳت ٽنورمل وريلمل بہ سٺو گايڪ هو. اُنهن جو اثر بہ مون
ٿيو. هتي ڀارت ۾ دادا هوندراج دکايل جي ڳائڻ جو اثر بہ داس تي
. منهنجا ڪامل مرشد ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج خود
ي بہ هئا تہ گايڪ بہ هئا. اُنهن جي ڪمل چرڻن ۾ رهڻ سبب اُنهن جي
ٽي ۽ ڳائڻ جو اثر مون تي ظاهر ظهور آهي. پروفيسر رام پنجواڻيءَ
ڳائڻ جي انداز جو اثر بہ مون تي آهي. مان اسڪول ۾ نوڪري ڪندي
ي ڪاليج ۾ پاڙهيندي جڏهن سنڌي نظم يا بيت پاڙهيندو هوس تہ پهرين
ِ سُر ۾ ڳائي پوءِ اُنهن جي سمجهاڻي ڏيندو هوس. وديارٿين تي اُن جو
ُ اثر پوندو هو. منهنجو هندي گيت آهي :-

مئن گيت پيار ڪي گاتا هون،
يوُن اپنا دل بهلاتا هون،
سنگيت ڪا مجهڪو گيان نهين،
ڪسي گايڪ سي پهچان نهين،
ليہ تال سي ڀي انڀگيہ هون مئن،
هرديہ ڪا ساز بجاتا هون،
مئن گيت پيار ڪي گاتا هون.

سرسوتي ماتا جي اسيم آسيس آهي، گرديو جي ڪرپا آهي جو
ن سنڌي ۽ هنديءَ ۾ اٽڪل ٢٥ کن آڊيو ڪئسيٽس، سي.ڊي، وي.سي.ڊيز
ڀيون آهن جن جو مختصر ذڪر ڪريان ٿو.

’سڪ جا سڏڙ‘ آڊيو ڪئسيٽ ۾ شاهہ لطيف، صادق فقير، ستگرو

انعام عطا ڪري پنهنجي لائقي ڏيکاري.

شري ٺاڪر چاولا، پترڪار ليلارام رُچنداڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي، ڊاڪٽر نندلعل جوتواڻي، شري مرلي ادناڻي، شري نانڪ روپاڻي، ڊاڪٽر نارايڻ سامتاڻي، شري سخاوت جوتواڻي، ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي،ڀيڻ بينا رائسنگهاڻي (آڪاشواڻي) پترڪار شيام رامرکياڻي، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، پترڪار ڪشنچند ورياڻي، پترڪار چيتانند لالواڻي، شري لعل پنجواڻي، شري وجئہ منگتاڻي دادا تيرٿ سباڻي، شري ڏيپچند سباڻي، شري ڪمار آهوجا، شري رميش آهوجا، شري سيتلداس هرچنداڻي (ايم. ايل. اي)، شري رام چنچلاڻي، شاعر گوورڌن شرما گهايل، شري موهنلعل تلريجا، شاعر سبارام ڪڪڙيجا درد پيارو نند هندوجا آنند، پيارو گيانچند شهدادپوري، شري ڪمار آئلاڻي(ايم. ايل. اي)، ڀيڻ آشا جيون عبدناڻي، شري پپو ڪالاڻي (ايم. ايل. اي) ڀيڻ جيوتي ڪالاڻي (ايم. ايل. اي)، شري سندر ڊنگواڻي، شري اوم لعلواڻي، شري دليپ لعلواڻي، شري آسودومل موهناڻي، چمپا ايسراڻي، شري گوپ پيسواڻي ۽ ٻين جدا جدا نموني سان ڀال ڀلايا.

ڪونارڪ ڪمپني وارن شري نندلعل چيتاڻي، شري مهيش ڀائي اگروال، شري انو منواڻي، امرلعل چيتواڻي، شري اشوڪ (بابو) جهامناڻي، شري لعلچند گنباڻي، شري ڪمل ٻنيجا منهنجي ڊاڪيومينٽري تيار ڪرائي ظاهر ڪئي. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي پنهنجي آواز ۾ منهنجو سارو حال احوال ڏنو ۽ شري بابو جهامناڻي ڪلاسڪ طرفان رڪارڊنگ ڪئي.

مان مذڪور ڀائرن ڀينرن جو شڪرگذار آهيان ڪي نالا ياداشت جي پٽيءَ تان ميسارجي ويا هوندا. مان اُنهن مترن جو ٻہ آڀاري ۽ احسانمند آهيان.

☺☺☺

جهما ڪندي داس جو بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ مان ستگرو سوامي ٽيئونرام
جن جا رچيل ڀڄن ڳايا آهن. ساٿ ڏنو آهي ڪانتا منواڻي، انجنا
ي، رتنا پنجواڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي ۽ جئرام روپچنداڻي.
ڊي.وي.ڊي آهي.

’سامي صاحب جا سلوڪ‘ هن ڪئسيٽ جي شروعات ۾ ستگرو
ي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻي سامي صاحب
جيون ۽ سلوڪن تي روشني وجهندي داس جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پوءِ
سامي صاحب جا سلوڪ سنڌي لاوڻي، سُر سورٺ ۽ سُر راڻي ۾ ڳايا آهن.
ي صاحب جي سلوڪن جي هيءَ ٻهرين ڪئسيٽ هئي. هاڻي سي.ڊي
ڪئي ويئي آهي.

’سندر سڪيائون‘ ٻهرين ڪئسيٽ ۽ هاڻي وي.سي.ڊي آهي. ان ۾
پنهنجا رچيل سڪيادائڪ ڀڄن ڳايا آهن. جنهن ۾ مونکي ساٿ ڏنو
پيڻ سمن راجڪمار ڪيملاڻي ۽ پروفيسر گوپ روپچنداڻي.

’سنڌي سنگيت ورڪا‘ وي.سي.ڊي هن ۾ مان شاهہ لطيف، صادق فقير،
ي صاحب ۽ پنهنجا گيت پريا آهن. ساٿ ڏنو آهي سمن ڪيملاڻي، چمپا
سراڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ميوزڪ نارايڻ شرما ۽ ماسٽر
نعيالعل لعلواڻي ۽ دامودر لعلواڻي.

’شاهہ لطيف جا ڪلام‘ هن ڪئسيٽ ۾ مان شاهہ لطيف جا ڪي
لام ۽ بيت جدا جدا سُرن ۾ ڳايا آهن. ساٿ ڏنو آهي پروفيسر گوپ
پچنداڻي، پيڻ ڪانتا ڪڪڙيجا ۽ چمپا ايسراڻي. نيلم بالاڻي ميوزڪ
ايڻ شرما ۽ پروفيسر گوپ روپچنداڻي. هاڻي هيءَ سي.ڊي ۽ وي.سي.ڊي
پ ۾ تيار ڪيل آهي. هيءَ ڪئسيٽ پيڻ ايشوري ڏاميجا پروڊيوز ڪئي.

’ساريان جن کي ساهہ سين‘ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن
ي وچوڙي ۾ رچيل گيت سوز ڀري سُر ۾ ڳايا آهن. شروع ۾ پياري دادا
شن واسواڻي ستگرو مهاراجن کي شرڌانجلي ڏني آهي. ساٿ ڏنو آهي
وفيسر گوپ روپچنداڻي، ڪانتا ڪڪڙيجا، چمپا ايسراڻي.

’ٻارو اچو تہ ڳايون‘ هن ڪئسيٽ ۾ پنهنجا ٻال گيت سُر ۾ ڳايا
ن. ساٿ ڏنو آهي سمن ڪيملاڻي، نيلم بالاڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي.
ن وقت ان ڪئسيٽ مان سي.ڊي تيار ڪئي ويئي آهي.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، سنت شيو ارام، شاعر پرسرام ضيا پنهنجا گيت ڳايا آهن.

'شانتي ڪي دوهي' ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا سان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ٻاڻي شانتي ڪي دوهي ۽ سندن ڪي هندي ڀڄن هن ڪئسيٽ ۾ ڳايا اٿم. ڳائڻ ۾ ساٿ ڏنو آهي ڪانتا منواڻي رتنا پنجواڻي ۽ انجنا وڇاڻي.

'جئه جئه دادل شاهه' مهان ويوتي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي جنم شتابدي موقعي تي مان 'جئه جئه دادل شاهه' ڪئسيٽ تيار ڪئي. جنهن ۾ پهرين مون ساڌو واسواڻيءَ جي مهما ۾ لکيل پنهنجي آرتي ڳائي آهي ۽ پوءِ دادا واسواڻي جا ڪي گيت ڳايا آهن. ڳائڻ ۾ ساٿ ڏنو آهي پيڻ ڪانتا منواڻي ۽ انجنا وڇاڻي. ان ڪئسيٽ جو مهورت دادا جشن واسواڻي آزاد ميدان ممبئي ۾ ڪيو.

'گيت ورمي دل جا' هن ڪئسيٽ ۾ مون پنهنجا ڪي درد ۽ سوز وارا گيت ڳايا آهن جن جي ٻڌڻ سان اکيون آليون ٿين ٿيون. شري ڪنعيالعل لعلواڻي وايولن وڄائي آهي. هڪ گيت ۾ پروفيسر گوپ روپچنداڻي ساٿ ڏنو آهي. هارمونيم تي شري راڌا ڪرشن ڪتاريا ساٿ ڏنو.

'ڀڄن بهار' ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جا ڏهه ڀڄن ڳايا اٿم. هاڻ ان ڪئسيٽ مان ڊي.وي.ڊي تيار ڪئي ويئي آهي. ساٿ ڏنو آهي پيڻ ڪانتا منواڻي، پيڻ انجنا وڇاڻي، چمپا ايسراڻي، گلشن ڪيماڻي.

'ڀڄن سُڌا' ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جا اٺ ڀڄن ڳايا اٿم. ڪئسيٽ جي شروعات ۾ منهنجي مٺي محبوب دادا جشن واسواڻي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مهما ڪندي داس جو ٻه ذڪر ڪيو آهي ۽ پوءِ مان ستگرو مهاراجن جي مهما ۾ لکيل گيت 'ستگرو منهنجو دين ديالو' گيت ڳايو آهي.

'امراپور واڻي' ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جنم شتابدي موقعي تي **امراپور واڻي** ڪئسيٽ تيار ڪئي. جنهن ۾ پهرين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن

'بنسي شيام جي' ۽ شاعر پرسرام صاحب جا گيت 'تون سکي آهين
هو' 'تون سيلاني مان سيلاني' 'خلق جي خدمت' 'مونکي تون ئي ٻڌاءِ
ما' 'ڏيءَ جو پيءُ ڏانهن خط' ڳايا آهن. ڪي گيت ڀيڻ سمن راجڪمار
ٽي ڳايا آهن ۽ هن سرسوتي سپتريءَ ساٿ بہ ڏنو آهي.

'آشا دومالي' منهنجا رچيل سنڌي دوها سرسوتي سپتري سمن
ٽي ڳايا آهن. هي وي.سي.ڊي پياري موهنلعل واڌواڻيءَ تيار ڪئي.

'ديال دومالي' منهنجو پيارو دلبر دوست شري موهنلعل تلريجا
جا پنجاهہ ڪن سنڌي دوها پنهنجي مٺي آواز ۾ هن ڪئسيٽ ۾ پريا.
سي.ڊي تيار ڪئي. اِها سي.ڊي لوڪ پريہ ٿي ۽ ڪيترن مترن سوَن
انداز ۾ اِهي سيڊيون خريد ڪري ورهايون. پياري موهنلعل وري ان
ڊي کي وي.سي.ڊي ۾ پيش ڪيو.

'شامپور قلمي جا سنت' هن ڪئسيٽ سي.ڊي ۾ مان سائين
ونرام صاحب، سائين هرچورام صاحب، سائين ڏرمون رام صاحب، سائين
رام ، سائين جيوڻ گهوٽ، سائين ڏيونرام صاحب جي مهما ڀڳتياڻي انداز
ئي آهي. شروعات ۾ سنت روپارام صاحب مهما جو ڀڄن ڳايو آهي.

'منهنجا ستگر سوامي شانتي پرڪاش' ياءُ ڪشنچند سورت مان
نجي هيءَ وي.سي.ڊي تيار ڪري ظاهر ڪئي. هن ۾ مان ۽ ڀيڻ سمن
لاڻي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مهما جا گيت پريا آهن
ي پريمين کي ڪافي پسند پيا آهن. انهن گيتن ۾ سوز ۽ درد آهي.

'سوامي شانتي پرڪاش مهاراج کي هندي ٻاڻي' هن
ئسيٽ ۾ مان پهرين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مهما
ـيءَ ۾ ڳائي آهي ۽ پوءِ سندن هندي ڀڄن ڳايا آهن.

'سوامي شانتي پرڪاش جيون جهلڪون' هن وي.سي.ڊي ۾
ن پنهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جيون ڪهاڻي
ـ ۾ ڳائي آهي. ساٿ ڏنو آهي سمن ڪيملاڻي.

'پريو ڪي چرنو ۾' منهنجي هندي ڀڄنن جي ڪئسيٽ آهي. هن وقت هيءَ ڪئسيٽ سي.ڊي ۽ وي.سي.ڊي ۾ بدلائي ويئي آهي. آڪاشواڻي دهليءَ ان سي.ڊيءَ جا ڏهه ئي ڀڄن ٻڌي تسليم ڪيا آهن. اِهي ڀڄن وِوِڌ ڀارتي ۽ آڪاشواڻيءَ تان پرسارت ٿيندا رهن ٿا.

اِها سرسوتي ماتا جي ڪرپا آهي جو اِهي ڀڄن مون لکيا آهن، ميوزڪ بہ مان ڏني آهي ۽ ڳايا بہ مان آهن. ساٿ ڏنو آهي پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڀائي تلوڪارام، چمپا ايسراڻي.

'انجليءَ جا آلاپ' ان ڪئسيٽ ۾ مون پياري دادا جشن واسواڻي جا مٺا گيت ڳايا آهن. شروع ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي مهما جو گيت ڳايو آهي. ساٿ ڏنو آهي سُمن ڪيملاڻي، نيلم بالاڻي ۽ پروفيسر گوپ روپچنداڻي.

'نوري انجلي پشپانجلي' هن سي.ڊي ۾ مون پياري دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي ۽ پياري دادا جشن واسواڻي جي مهما جا پنهنجا رچيل گيت ڳايا آهن.

'گيت دڪايل جا' راشٽريہ ڪوي هوندراج دڪايل جي جنم شتابدي موقعي تي مان دادا دڪايل صاحب جا ڪي گيت هن سي.ڊي ۾ ڳايا آهن. ساٿ ڏنو آهي سمن ڪيملاڻي.

'وندنا ڪي سوَر' هن هندي ڪئسيٽ ۾ مون پنهنجا رچيل بہ ديش ڀڳتيءَ جا گيت ڳايا آهن. باقي ايشور ڀڳتي ۽ وهنوار پرمارٿ لاءِ مارگ درشن ڪندڙ پنهنجا گيت ڳايا آهن. هن جي وي.سي.ڊي، سي.ڊي تيار ڪئي ويئي آهي. ساٿ ڏنو آهي سمن ڪيملاڻي.

'پرڀاتي ڀڄن' پرڀاتي راڳ پرڀات جي وقت ڳايو ويندو آهي. مان هن سي.ڊي، وي.سي.ڊي ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، ساڌو ٽي ايل واسواڻي، سوامي ماڌوداس ۽ پنهنجا پرڀاتي ڀڄن ڳايا آهن.

'ڀبوس ضيا جا گيت' هن سي.ڊي ۾ مان ڪوي ڪشنچند بيوس جا گيت 'سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ' 'مهر ڪر اي مهر جا والي نماڻن جا ماڻ

يادگار موقعا

زندگيءَ جي سفر ۾ ڪي ڪي اهڙا موقعا ملن ٿا جي وساري نٿا
هن. وقت به وقت سنتن درويشن پنهنجي نينهن ڀري نظر سان نهال
. ڪن موقعن تي مان اُتسوَن جي صدارت ڪئي ۽ ڪن ۾ شرڪت
ي. اُنهن مان ڪي يادگار موقعا آهن جن جو مختصر ذڪر ڪريان ٿو.

مان خوش نصيب آهيان جو مونکي ڪيترائي دفعا پوڄيه دادا ساڌو
ايل. واسواڻيءَ جي آسيس وٺڻ جو وجهه مليو. مان جڏهن جڏهن پونا
و هوس ته ميران ستسنگ هال ۾ پياري دادا واسواڻيءَ جو درشن ڪري
هار ٿيندو هوس. وقت به وقت هوُ مونکي ڪلام ٻڌائڻ جي آگيا ڪندا
هڪ دفعي سنڌو کوجنا ڪيندر وارن ميران ڪاليج ۾ سيمينار آيوجت
و جنهنجو مهورت پياري دادا جشن واسواڻيءَ ڪيو. شام جو مان
نگ هال ۾ ويس ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ مونکي ڪلام ٻڌائڻ جي
ڪئي. مان ٻڌائي بس ڪيو ته پوڄيه دادا واسواڻيءَ مونکي خرچي ۽
اد ڏنو. مان پهرين خرچي وٺڻ کان انڪار پئي ڪيو. سنگت چيو ته
ن دادا کان خرچي گهري وٺندا آهيون تون وري انڪار ٿو ڪرين. مان
جن جي خرچي ۽ پرساد اکين تي رکيو. ستسنگ سماپت ٿيو ته پياري
ا واسواڻيءَ کي ڪُرسيءَ تي ويهاري مٿي وٺي ويا. مان اجان ورانڊي ۾
س ته ڪو پريمي آيو ۽ مونکي چيائين پياري دادا توکي مٿي سڏايو آهي.
هڪدم مٿي پوڄيه دادا واسواڻيءَ جي ڪٽيا ۾ ويس ۽ نت مستڪ ٿي
و دادا حڪم ڪريو. پياري دادا جن آگيا ڪئي ته ڪلام ٻڌاءِ مان شاهه
يف جو ڪلام ٻڌايو. اُن وقت پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي نينهن
ي نهار سان مون ڏي نهاريندي وري مونکي خرچي ڏني. مان کين عرض
يو ته اوهان داس کي هيٺ ستسنگ ۾ خرچي ڏني آهي وري پيهر ڪئن

'ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جون جيون جهلڪون' هن وي.سي.ڊي ۾ مان مهان سنت ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي جي جيون ڪهاڻي مثالن سان سُر ۾ ٻڌائي آهي. شروع ۾ سندن مهما ۾ لکيل گيت ڳايو آهي.

'دادا جشن واسواڻي جيون جهلڪون' هن وي.سي.ڊي ۾ مان پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون ڪهاڻي ۽ پنهنجا ڪي شخصي آزمودا دادا جشن واسواڻي بابت سُر ۾ ٻڌايا اٿم. سندن مهما جا گيت به ڳايا آهن.

'ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جون جيون جهلڪون' هن وي.سي.ڊيءَ ۾ مان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون ڪهاڻي ۽ ڪي پريرڻادايڪ پرسنگ سُر ۾ پيش ڪيا آهن ۽ شروع ۾ سندن مهما جا به گيت ڳايا آهن. پيڻ سمن ڪيملاڻي ساٿ ڏنو آهي.

'ستگرن جي چرڻن ۾' هن سي.ڊيءَ ۾ مان ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جا مٺا ڀڄن ڳايا آهن. شروع ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ستگرو مهاراجن کي پشپانجلي پيش ڪئي آهي.

'ستگرن جي چرڻن ۾' ڊي.وي.ڊي. جو مهورت ٢٩ جولاءِ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن، سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر - ٥ ۾ ڪيو.

'مٺا ماڻهو' هيءَ سي.ڊي، وي.سي.ڊي شروتائن کي ڪافي پسند آئي آهي. هن ۾ مان پنهنجا رچيل گيت ڳايا آهن. ساٿ ڏنو آهي نياڻي سمن ڪيملاڻي، پيڻ سمن ڪيملاڻي. منهنجا به ٽي گيت اڪيلي سِر به ڳايا آهن.

منهنجون ڪئسيٽس، سي.ڊي، وي.سي.ڊي عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪئي آهي اُن لاءِ اندر جو سڪون آهي.

☺☺☺

ي مونکي چيو تہ ڪاڌي جو وقت ٿيو آهي تون ڪاڌو ڪائي پوءِ بلاشڪ
مان دادا جن کي چيو تہ ڪاڌي جو باڪس ساڻ آهي. لاج ڪاڌو تيار ڪري
آهي. دادا جن مونکي پيار ۽ پرساد ڏئي چيو تہ هڪ بس هن طرف ويئي
اُها واپس ورندي ۽ يونيورسٽيءَ طرف ويندي. دادا دروازي کان ٻاهر نڪري
ٽي بس اسٽاپ ڏيکاريو. مان بس اسٽاپ تي پهتس ڏسان تہ پريان پيارو
اچي رهيو آهي. مان عجب ۾ پئجي ويس. مان اُن طرف سريس ڏسان تہ
و دادا جشن ڪاڌي جي پليٽ ڪٽي مون طرف اچي رهيو آهي. پياري دادا
پيارا ديال! تون موڪلائي وئين مون سوچيو تہ مان گرم روٽي کاوان ۽
ناجو پيارو ٿڌي روٽي کائي انڪري هي گرم ڪاڌي جي پليٽ تو لاءِ ڪٽي
آهيان اِهو ٻڌي ۽ ڏسي منهنجي دل پرجي آئي. پيارو دادا مون سان گڏ
اسٽاپ تي آيو منهنجو ڪاڌي وارو ڏٻلو خالي ڪري مونکي اُن ۾ آندل
ڪاڌو وجهي ڏنائين تہ هي ڪاڌو کائج، توکي يونيورسٽي پهچڻو آهي ۽
ي واپس گهر وڃڻو آهي انڪري وڏيڪ توکي ڪين ٿو ترسايان ائين
ندي بس آئي دادا جن مونکي بس ۾ چاڙهي پوءِ آرتي بنگلي ڏانهن روانا
بس ۾ ويٺي مون ٻوڙها ٻاڙيا منهنجو محبوب ڏينهن ٽتي جو پنڌ ڪري
ن لاءِ گرم ڪاڌو ڪٽي آيو. صدقي وڃان قربان وڃان اهڙي ڪامل درويش
جنهنجو احسان عمرپر ڪين لاهي سگهندس. اڄ بہ اُهو واقعو وساري
سگهان.

١٦ - ١٧ جنوري هرسال مان پوڄيہ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ
ي ورسي اُتسوَ پونا ۾ شرڪت ڪندو آهيان. هڪ دفعي ١٦ جنوري رات
ي ستسنگ بعد مونکي پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ گهرائي آگيا ڪئي تہ
ياڻي صبوح جو ١١ بڄي شري نوري گرنٿ جي ڀوڳ بعد تون ڏهہ منٽ
اري دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏج. ٻئي ڏينهن مان مقرر
قت تي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ مان خوش نصيب آهيان جو هتي ميران
ميءَ ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو پيار ۽ آسيس ملندي آهي تہ نئين
ڦورتي اچي ويندي آهي. منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
داس کي ڏاڍو پيائيندا هئا. مان ڪيترو وقت سندن چرڻن ۾ ويهي ڪين

وٺان. پوڄيه دادا جن مشڪندي چيو تہ اُها خرچي هيٺ ۽ هي خرچي مٿي اڇڻ جي. پوڄيه دادا واسواڻيءَ جو پيار ۽ وهنوار ڏسي دل ڀرجي آئي. مون نالائق سان ڪيڏا وڏ ڪيائون. اڄ بہ دادل شاهہ جا نوٽ سانديي رکيا اٿم.

مان سرڪاري ڪم سان يا غير سرڪاري ڪم سان جڏهن بہ پونا ويندو آهيان تہ ميران پومڻيءَ ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سماڌي آستان يا ڪٽيا ۾ وڃي نت مستڪ ٿي آسيس وٺندو آهيان. ڪوشش ڪري پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو درشن ڪندو آهيان تہ من باغ بهار ٿيندو آهي. هڪ دفعي پونا يونيورسٽيءَ ۾ امتحان جا جوابي پيپرس واپس ڪرڻا هئا. مان پهرين ميران پومڻيءَ ۾ آيس، پياري دادل شاهہ جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري مٿي دادا جن جي ڪٽيا ۾ ويس، اُتي بہ نت مستڪ ٿي دادي ستي ٿڌاڻيءَ کان پڇيم تہ پيارو دادا جشن ڪٿي آهي؟ ڀيڻ ستيءَ وراڻيو تہ دادا جشن آرتي بنگلي ۾ رهيل آهن. مان ڪٽيا مان هيٺ لٿس تہ ڀيڻ ستيءَ مونکي مٿان سڏ ڪندي چيو تہ پَلي پَلائي آرتي بنگلي ڏانهن نہ وڃج. اسانکي سخت منع ڪيل آهي. مان غلطي ڪري توکي ٻڌائي ويٺي آهيان. دادا جن ايڪانت ۾ آهن.

آرتي بنگلو اونڌ طرف هو، پونا يونيورسٽي بہ اُن طرف هئي. مان اونڌ جي بس ۾ چڙهي پيس. دل ٿي تہ پياري دادا جشن جو درشن ڪري پوءِ يونيورسٽي وڃان. مان اونڌ جي بس اسٽاپ تي لٿس. پڇا ڪيم تہ آرتي بنگلو ڪٿي آهي؟ ڪنهن چيو تہ وچون رستو ويندين تہ واٽ تي نندي ڪسي آهي، جي ٻيو رستو سڌو ويندا تہ ٿورو وقت وڌيڪ لڳندو. مان وچين واٽ وٺي پيرن هوڙ پاڻي پار ڪيو تہ سامهون آرتي بنگلو هو مان مکيہ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي تہ پهريدار نڪري آيو ۽ ٻبر ڪُتي ڏاڙهڻ شروع ڪيو. گورکي کي چيم تہ مونکي پياري دادا جشن جو درشن ڪرڻو آهي. گورکي دادا جن کي نياپو ڏنو. پياري دادا اندر گهرايو ۽ مون کان پڇيو تہ هن طرف ڪيئن آيو آهين. اکين ۾ لڙڪ لاڙيندي چيم تہ اوهان کي پسڻ جي پياس هئي، يونيورسٽيءَ ۾ پيپرس ڏيڻا هئا مون سوچيو تہ پهرين اوهانجو درشن ڪئي تہ پوءِ يونيورسٽيءَ وڃان ٿو. پياري دادا حال احوال

ري سنڌيءَ ۾ ڇپيل پيٽ ڪيو جنهن ۾ سنڌس جي سنهڻڊ ۾ گيت هو.
نڪان حال احوال پڇندي چيو تہ اوهان ڪٿان آيا آهيو. مان ڪيس ٻڌايو
اُلهاسنگر مان آيو آهيان. هُن وراڻيو تہ يوُ.ايس.اي مان آيا آهيو. مان
م ڪيس جواب ڏنو تہ اُلهاسنگرواسي سنڌي پرشارٿي ۽ اورچ آهن
ي ٿوري ڪٿي گهٽي بروقت ۾ وشواس رکي جدا جدا شيون تيار ڪن
هنجو جواب ٻڌي پيڻ اندرا گانڌي مشڪندي وراڻيو مان مذاق ڪري
آهيان. تن ڏينهن ۾ اُلهاسنگر ۾ تيار ٿيندڙ شين تي يوُ.ايس.اي اُلهاسنگر
ائسوسيئيشن لکيو ويندو هو. اِها ڪل پيڻ اندرا گانڌيءَ ڪي هئي انڪري
اق ڪئي.

پارٽيہ جنتا پارٽيءَ جي برک نيتا شري لعل ڪرشن آڏوا ڻيءَ سان
ت سندس نواس آستان دهليءَ ۾ سنہ ١٩٧۴ع ۾ ٿي. مون سان گڏ ڊاڪٽر
لعل جوتوا ڻي ۽ ڀاءُ ڪرشن لعل ٻجاج بہ ساڻ هئا. مان ڪيس پنهنجي
اتمڪ گرنٿ 'سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا' جو مهورت ڪرڻ لاءِ
ي ڪيو. هن صاحب وڏي خوشيءَ سان اُن گرنٿ جو مهورت ڪندي ان
ف لاءِ مونکي داد ڏنو. ٻيو دفعو جڏهن اسانجي ستگرو سوامي شانتي
ڪاش مهاراج جي پتلي ۽ چونڪ جو مهورت ڪرڻ لاءِ سوامي ٽيئونرام
پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ پڌاريا تڏهن مان شري لعل ڪرشن آڏواڻي
ب ڪي يُگ پرش ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هندي جيون چرتر
ڪيو تہ بروقت ئي هوُ اِهو گرنٿ ڏاڍي غور سان نظر مان ڪيڻ لڳا.

هڪ دفعي جئہ هند ڪاليج ممبئي ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي
ٽمينٽ طرفان سيمينار آيوجت ڪيل هو. سيمينار شروع ٿيڻ کان اڳ
ورانڊي ۾ جل پان ڪري رهيا هئاسين. منهنجي پرسان
سي.پي.ايس.ايل جو وائيس چيئرمن شري جهمٽمل واڌواڻي ويٺو هو.
صاحب مونکي مخاطب ٿيندي چيو تہ تو سوامي شانتي پرڪاش
راجن، دادا جشن واسواڻيءَ جا هيڏا وڏا گرنٿ لکيا آهن اِهي وڏا گرنٿ
ير تو پڙهي، ڪنهنکي وقت رکيو آهي؟ مان ادب سان چيو تہ ڪي نہ
ي پيارا ضرور گرنٿ پڙهن ٿا ۽ انهن مان فيض حاصل ڪن ٿا. انهن گرنٿن

پيڙون ڏيندو هوس. هتي پونا ۾ ايندو آهيان ته دل ٿيندي آهي پياري دادا جشن کي پيڙن ڏيان پر هتي اهڙو وجهه ڪين ٿو ملي. مان اجا ڳالهائي ئي رهيو هوس ته اوچتو پٽيان ڪنهن منهنجي پيرن کي پڪڙيو. منهن ورايم ته منهنجو منڙو محبوب دادا جشن داس کي چوڻ لڳو پيارا! مان توکي پيڙون ڏيان، تون چو مونکي پيڙون ڏين! پياري دادا جشن جو اِهو وهنوار ۽ وچن ٻڌي دل پرجي آئي. مان سڏڪا پرڻ لڳس ته منهنجي محبوب پياري دادا مونکي ڇاتيءَ لڳايو. پياري دادا جشن جي اهڙي نمرتا ڏسي اڄ به منهنجو من پرجي ايندو آهي. مهان وپوتي هوندي هوءَ ڪيڏي نه خاڪساري اختيار ڪن ٿا.

اُن وقت دل ايڏي ته پريل هئي ۽ لڙڪ لڙي رهيا هئا جو ڳالهائي نه پئي سگهيس، دل ٻڌي مان پوڄيه دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪندي شرڌانجلي ارپت ڪئي.

هڪ دفعي راشٽرپتي سردار زائلسنگهه سان راشٽرپتي ڀون ۾ ملاقات ٿي. اُتي وڃڻ سان ملازمن خاطرداري ڪندي چانهه پيئاري. اُن بعد راشٽرپتي سردار زائلسنگهه سان ملاقات ٿي. مان ڪين پنهنجو هندي گرنٿ ''سنڌي ڪويون ڪي هندي ساڌنا'' ڀيٽ ڪيو. هن صاحب اُهو گرنٿ بروقت ئي نظر مان ڪيندي مونکان ڪي سوال پڇيا ۽ مان ڪيس مختصر جواب ڏنا. هن صاحب منهنجي قدرشناسي ڪندي داد ڏنو.

ٻن سالن بعد وري مونکي راشٽرپتي ڀوَن ۾ وڃڻ جو وجهه مليو. آچاريه ڀڳوانديو آريه جو تن ڏينهن ۾ ايم.پي هو ۽ سروَ پارٽ سنڌي ٻولي سڀا جو سرگرم ڪاريه ڪرتا هو. تنهن ڪن خاص سنڌي ساهتيڪارن، تعليمدانن، سماج سيوڪن کي راشٽرپتي ڀوَن ۾ راشٽرپتي سردار زائلسنگهه جي هٿان يادگار شيلڊس ڏياري سنمانت ڪيو. مان خوش نصيب هوس جو مونکي به شيلڊ ڏئي سنمانت ڪيو ويو.

پرڌان منتري شريمتي اندرا گانڌيءَ جي نواس تي مان ساڻس ملاقات ڪئي. مون سان گڏ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي ۽ ڪرشن لعل بجاج به ساڻ هئا. مان آدرڻيه اندرا گانڌيءَ کي 'مهڪندڙ مکڙيون' بال گيتن جو سنگره

همايو. هڪ دفعي هيءَ پيڻ چاندي ہائي منسڪاٽي ڪاليج ۾ مکيہ مهمان
آيل هئي پوءِ مان کيس سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم ۾ وٺي ويس.
ند ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک منهنجي گھر بہ هلي. منهنجي پتني
نتيءَ سندس آدرستڪار ڪيو ۽ کيس سهٽي ساڙهي پيٽ ڪئي. پوءِ
تان کيس سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ وٺي ويم.
کيس شري راڌي شيام گئوشالا ڏيکاري. هن پيڻ ڳائين کي گاهہ کارايو پوءِ
ر جي ستسنگ هال ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراج ڊاڪٽر سنيهلتا
ڪ کي دشالو پيٽ ڪندي آسيس ڪئي. ان موقعي ڊاڪٽر سنيهلتا
چن پڻ ڪيو. پرنسيپال دنيش پنجواڻي بہ ساڻس گڏ هو. اِهي واقع
ڻ جا ڪين آهن.

مان پنهنجو ڀڳتي ڪاويہ 'وندنا ڪي سوَر' هندي ۾ ڇپايو. اڄا
تہ ڪنهن ڀڳتي گيت گايڪ کان اُن پستڪ جو مهورت ڪرايان. تن
من ۾ پرسڌ گايڪ شري پرشوتم جلوٽا کي ڀارت سرڪار 'پدم شري'
ب عطا ڪيو. مان شري پرشوتم داس جلوٽا سان پياري دادل شاهہ جي
ني پونا ۾ گهٽا ئي دفعا گڏيو هوس. مان پنهنجي پستڪ جو مهورت
رائڻ لاءِ ۽ سندس سنمان ڪرڻ لاءِ ڪولابا ممبئي ويس. کين عرض ڪيم
اُلهاسنگر ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ اوهان اچڻ جي
يت ڪريو. اُتي پدم شري هئڻ سبب اوهان جو سنمان بہ ڪرڻو آهي ۽
نجي هندي ڀڳتي گيتن جي سنگرهہ 'وندنا ڪي سوَر' جو مهورت بہ
يو. هن صاحب وراٽيو تہ مون سان گڏ هڪ ٻہ سازيندڙ بہ ساڻ هوندو
ٽ ۾ گهٽ پنجاهہ هزار روپيا خرچ سنياليو. مان وري کيس عرض ڪيو
اسانجي ڪار اوهان کي هتان وٺي هلندي وري هتي رات جو ڇڏي ويندي.
زيندڙ اسان وٽ آهي اوهان پتنيءَ سميت اچو. توهان جو سنمان
نداسين. مطلب مان کيس بنا خرچ ڪرڻ جي مڃايو. مقرر ڏينهن تي
رو گهنشيام آڏواڻي شري پرشوتم جلوٽا کي آشرم ۾ وٺي آيو. اُتي
ندس خاطرداري ڪندي مان کيس سوامي شانتي پرڪاش پڌا آشرم ۽ شري
ي شيام گئوشالا ۾ وٺي ويس. هن صاحب شيوا جا ڪاريہ ڏسي خوشيءَ

لاءِ ڪن اڻسڃاتل شخصن مونکي خط لکيا آهن تہ انهن گرنٿن جي پڙهڻ سان سندن زندگيءَ ۾ تبديل اچي ويئي آهي. اوهان ڏهہ سال اڳ اِهي گرنٿ لکو ها تہ اسانجي جيون ۾ ڏهہ سال اڳ نئون پريورتن اچي وڃي ها. مان شري جهمٽمل واڌواڻيءَ سان وڌيڪ بحث نہ ڪيو. ڪجهہ وقت بعد جڏهن سيمينار شروع ٿيو تہ اِن سيمينار جو مهورت ڪندي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک وياکان ڪندي چيو تہ مان تازو ڊاڪٽر ديال آشا جو گرنٿ 'يگ پرش سوامي شانتي پرڪاش' پڙهيو آهي مان پهرين اُن مان حوالو پيش ڪريان ٿي.

ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک جا اِهي الفاظ ٻڌي مان دنگ رهجي ويس تہ شري جهمٽمل واڌواڻي صاحب کي اُتي ئي قدرت وائيس چانسلر جي منهن مان پڇيل سوال جو جواب ڏياريو. وچنن کي وڏو وزن آهي. ڪي نہ ڪي انهن گرنٿن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ گرهڻ ڪن ٿا.

ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي ممبئي يونيورسٽي ڪيمپس ڪالينا ۾ سنڌي وڀاڳ طرفان سيمينار آيوجت ڪيو. مکيہ مهمان ممبئي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلير شريمتي ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک هئي. ان موقعي تي مونکي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو مان انگريزيءَ ۾ مخاطب ٿيندي چيو

ريورڊ رسيپيڪٽيڊ سسٽر

ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک

هي سيمينار سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي سُرکشا لاءِ ضروري آهن. ڪي ڪوجنيڪ اڇوتن وشين تي نئين روشني وجهن ٿا. شروتائن کي نئين ڄاڻ ملي ٿي. سنڌي وڀاڳ عملي ڪم ڪري رهيو آهي.

سيمينار ۾ جڏهن ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ چيائين اڄ مان نصيبن واري آهيان جو ڊاڪٽر ديال آشا مونکي مانئيہ ڀيڻ ڪري سڏيو آهي. مونکي جگر جو ڀاءُ ڪين آهي. اڄ هڪ ڀاءُ ملي ويو. ڀيڻ ڊاڪٽر سنيهلتا ديشمک جا اِهي الفاظ ٻڌي من کي ڪيڏي نہ خوشي ٿي. اُها ئي زبان اُس ۾ وِهاري اُها ئي چانوَ ۾ وِهاري. مان اڄ تائين ساڻس اُهو ڀيڻ ڀاءُ جو ناتو نڀائيندو رهان ٿو. هڪ دفعي مان کيس چيو تہ اسانجي گهر

منهنجي ڪوجناتمڪ گرنٿ 'سنڌي شعر جي تواريخ' جو مهورت
ون مهاراشٽر وڌان سڀا ممبئي جي ڪارياليہ ۾ مهاراشٽر جي مکيہ
ي شري وسنت دادا پاٽل ڪيو. شروع ۾ شري گورڌنداس گدواڻي مکيہ
يءَ کي منهنجي پرچيہ ڏني. اُن بعد شري وسنت دادا پاٽل منهنجي
ور تصنيف جو مهورت ڪندي چيو تہ گرنٿڪار ڊاڪٽر ديال آشا کي
اد آهي جو هن نور نچوئي سنڌ هند جي سنڌي شاعرن جي شاعريءَ
اونهو اڀياس ڪري هي اوچ ڪوٽي جو ڪوجناتمڪ گرنٿ سنڌي
ڪن اڳيان پيش ڪيو آهي. هي گرنٿ سوَن جي سونهپ ڪندو. مونکي
آهي تہ ڊاڪٽر ديال آشا سنڌي ۽ هندي ساهتيہ جا گهڙا ڀريندو.

مکيہ منتري صاحب مون سان پياري گورڌن گدواڻي ۽ منهنجي ڀائٽي
عل آنندرام ڏاميجا سان ڏاڍي پيار سان مليو ۽ شڀ ڪامنائون ڏنيون.
اشٽر جي گورنر پڻ ان تصنيف جي شايع ڪرڻ لاءِ خاص سنديش
ڪليو.

١٧ سيپٽمبر رات جو ٩ بجي ڪوي ڪاليداس هال ناسڪ ۾ 'رجني'
ي ڪوي سميلن آيوجت ڪيو ويو. هن ڪوي سميلن ۾ ڪاڪا هاٿ
ي، چترويدي، وياس اگروال، آسڪرن اٽل، بال ڪوي بئراڳي، پارت
ڻ، گوپالداس نيرج، ڪرشنلعل بجاج، ميارام 'درد' ۽ مان شرڪت ڪئي.
يادگار ڪوي سميلن رات جو دير تائين هلندو رهيو. مان ان ڪوي سميلن
يت ڏنل هندي گيت ۽ آزاد نظم پيش ڪيا.

गीत :

एक अपरिचित घर में आया!
मैं उसको पहचान न पाया!
१) मैं सोया था अवचेतन में
वह आया मन के आंगन में
आकर उसने मुझे जगाया!
मैं उसको पहचान न पाया!

جو اظهار ڪيو. مهورتي اُتسوَ شروع ٿيو. پهرين پيڻ سمن ڪيملاڻي ۽ پيڻ نيلم هيرانند بالاڻيءَ ’سرسوتي ماتا‘ منهنجو هندي گيت ڳايو. پيڻ سمن ڪيملاڻي منهنجو هندي گيت ’ڪب درشن دوگي مراري‘ ڳايو. پوءِ مان شري پرشوتمداس جلوٽا جي واقفيت ڏيندي چيو تہ پارت سرڪار شري پرشوتم داس جلوٽا کي ’پدم شري‘ خطاب سان سنمانت ڪيو آهي. اڄ اسين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرٽا سان سندس سنمان ڪنداسين. سوامي ديو پرڪاش مهاراجن پرستد گايڪ شري پرشوتم جلوٽا کي آسيس جو دشالو پائيندي ۽ پرساد ڏيندي چيو تہ پياري پرشوتم جلوٽا جي رڳ رڳ ۾ پريما ڀڳتي سمايل آهي. ڀڳوان جي مهما جا گيت ڳائيندو رهي اسانکي آنند وٺائيندو رهي.

شري پرشوتمداس جلوٽا منهنجي هندي ڀڳتي گيتن جي سنگرهہ ’وندنا ڪي سوَر‘ جو مهورت ڪندي مٺر آواز ۾ ڀڄن ڳائيندي چيو تہ ڊاڪٽر ديال آشا مونکي سالن کان سڃاڻي. هن مونکي اڳ ۾ هتي اچڻ جو نِمنترڻ ڇو نہ ڏنو آهي! اوهانجا شيوا ڪاريہ ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جو پيار ۽ آسيس پراپت ڪري مونکي ڏاڍي پرسنتا ٿي آهي. اِهو مهورت اُتسوَ بہ وسرڻ جو نہ آهي.

ميوزڪ ڊائريڪٽر شري او پي نايرہ دفعا هتي سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم ۾ پيڙن جي سار لهڻ لاءِ آيو. هي پيارو بہ هريءَ جو ڀڳت جن هو. روح رهاڻ ڪندي چيائين آشا جي فلم لائين ۾ اچي ڪري مان وڏي غلطي ڪئي آهي. مون ڪيس چيو تہ اوهان بلندي تي پهتا آهيو پوءِ بہ پڇتايو ٿا. چيائين تہ مان جيون جو اَموليہ وقت اجايو وڃايو آهي هاڻي سڃاڳي آئي آهي. هڪ دفعي مان ڪيس چيو تہ اوهان پيڙن لاءِ ممبئي مان مهانگي بنگالي مٺائي وٺي ٿا اچو هتي مٺايون سستيون آهن. ڇو نہ هتان ئي مٺائي خريد ڪري ورهايو. شري او پي نايرہ وراڻيو ڀڳوان شري ڪرشن چيو آهي تہ جيڪا شيءَ اوهان کي پسند آهي اُها من پسند شيءَ ٻين کي بہ کارايو. انڪري مان پنهنجي من پسند مٺائي پيڙن لاءِ وٺي ايندو آهيان. پياري او پي نايرہ سان منهنجي ٻہ ٽي دفعا گڏجاڻي ٿي پر اڄ بہ سندس تصوير اکين اڳيان تري رهي آهي. ڏاڍو پيار وارو انسان هو.

٢١ جون سنہ ١٩٩٣ع ۾ ڊاڪٽر ارجن سڪايل جي سنمان اُتسوَ جي
ـدارت ڪندي مان چيو تہ ڊاڪٽر ارجن سڪايل پنهنجي تصنيفن ذريعي
ـنڌي ادب جا گهڻا پريا آهن. هي صاحب پڪو پختو شاعر آهي تہ ناول
ـيس، ڪهاڻي نويس، مضمون نويس بہ آهي. نرپکش پترڪار ۽ آلوچڪ
آهي. هي صاحب نئين ٽهيءَ جي ليکڪن جي دل ڪولي سونهپ ڪندو
ـي. هي آستڪ ۽ آشاوادي شاعر آهي. هردل عزيز ۽ مٺو ماٺهو آهي. اڄ
ـنڌو نگرواسي سندس قدرشناسي ڪندي هن صاحب کي سونو ميڊل انعام
ـور عطا ڪري سنمانت ڪري رهيا آهن. هن موقعي تي شري سلامتراءِ
ـسواڻي شري گوپيچند ڀراڻي، شري گل شرما ۽ ٻين ڊاڪٽر سڪايل صاحب
ـي ادبي خذمتن جو ذڪر ڪيو.

روٽري ڪلب امرناٿ ١٢ آگسٽ سنہ ١٩٩٣ع رات جو ساڍي ستين
ـجي روٽري ڪميونٽي سينٽر ۾ انعامي اُتسوَ جو آيوجن ڪيو. مان اُن
ـسوَ ۾ مکيہ مهمان طور شرڪت ڪئي. ڪلب جي پريزيڊنٽ شري اشوڪ
ـوپاڻيءَ منهنجو سواگت ڪندي منهنجي واقفيت ڏني. مان هوشيار
ـديارٿين کي ڪلب طرفان انعام ڏيندي سندن همٿ افزائي ڪئي. ان موقعي
ـي مون ڳالهائيندي چيو روٽري ڪلب طرفان شيوا جا ڪم ڪيا وڃن ٿا.
ـنهن جي من ۾ ديا ڀاونا هوندي اُهو ئي شيوا ڪري سگهندو آهي. اڄ مان
ـت آيو آهيان اوهان کي خاص عرض ڪرڻ لاءِ تہ نہ صرف مانوَ ماتر تي ديا
ـڪريو پر پريوءَ جي گگدام سنتان پکين پسن تي بہ ديا ڪريو. روٽري
ـڪلب ۾ مانس آهار ۽ شراب تي بندش وڌي وڃي، صحت جي لحاظ کان سائنس
ـي خيال کان ڌرم جي ويچار کان هنسڪ کاڌو کائڻ هاڃيڪارڪ آهي.
ـاڪاهاري کاڌو کائو، گگدامن کي کهڻ کان بچايو پنهنجي صحت ٺاهيو.

منهنجي شاعري جي مجموعي ''ڳاءِ ڪوي تون ڳاءِ'' جو مهورت
ـ١ ڊسمبر سنہ ١٩٩٣ع آرتوار صبوح جو ١١ بجي سوامي ٽيئونرام سنڌي
ـرمشالا جي هال ۾ برک ساهتيڪار شري گوبند مالهي صاحب ڪيو. هن
ـوقعي تي پهرين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مورتيءَ
ـيان جوت جڳائي ويئي. پروفيسر گوپ روپچنداڻي، شيلا وڃڻہ منگتاڻي،

२)	तू हो कमल तो मैं हूं दिनकर
तू हो कुमोद तो मैं हूं हिमकर
ऐसा गीत उसीने गाया!
मैं उसको पहचान न पाया!

३)	पतझड़ में आया मधुमास
हो सकता कैसे विश्वास
सुरभि स्नेह की साथ में लाया!
मैं उसको पहचान न पाया!

١ سيپٽمبر سنہ ١٩٩٠ لائيف انشوئرنس آف انڊيا جي پئين برانچ جو مهورت اُلهاسنگر ٢ صبوح جو ١١ بجي ٿيو. مان اِن مهورتي اُتسوَ جو مکيہ مهمان هوس. مون ان برانچ جو مهورت ڪندي چيو تہ اڄ ڪلهہ انشوئرنس ڪرائڻ لازمي ٿي پيو آهي. پنهنجي ۽ پريوار جي ڀاتين جي پوشيہ لاءِ لائيف انشوئرنس ڪرائڻ گهرجي. واسطيدار آفيسرن ۽ ملازمن کي گهرجي تہ هوُ عوام کي پوريون پوريون سهوليتون ميسر ڪن، کين پورڻ سهيوگ ڏين. هوُ متر ڀاشي ٿي پبلڪ سان وهنوار ڪن تہ کين ڏنتو وڌيڪ ملندو.

اُلهاسنگر سنڌي برهم کتري پئنچايت طرفان اُلهاسنگر ٤ جي ٢٦ سيڪشن ماتا وراهي ديوي مندر ۾ هوموپٿي دواخاني جو مهورتي اُتسوَ رکيو ويو. مان ان دواخاني جو مهورت ڪندي چيو تہ هوموپٿيءَ جو علاج بهترين آهي پر اُن جو اثر ٿورو دير سان ٿئي ٿو. انگريزي دوائون هڪ دکہ دور ڪن ٿيون تہ ٻيو دک پيدا ٿئي ٿو. پٿيون سڀ سٺيون پر سڀ کان وڌيڪ سمپٿي آهي. اڄ ڪلهہ ڪيترن ڊاڪٽرن ۾ همدرديءَ جي ڀاونا کين آهي. بيمار سان همدردي ڏيکارڻ، مشڪي ڳالهائڻ سان بہ سندس اڌ دک دور ٿئي ٿو. خرچ جي خيال کان بہ هوميوپٿيءَ جو علاج سستو آهي. ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيودا آهي جن هي نيڌڙو شيوا جو ڪاريہ شروع ڪيو آهي. پياري پمنداس سونيجي منهنجي واقفيت ڏيندي سواگت ڪيو. اُن وقت مون چيو تہ پيارو پمنداس نشڪام روترين آهي. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد آهي. اُن درد همدرديءَ وچان هي پيارو ڏاڍي لگن سان شيوا ڪري ٿو.

و ڍکڻ سچل سائين لاٿو. هي صاحب سچ چوڻ کان ڪين هٽيو؛
سائين

سچ ٿا مڙد چون ڪنهن کي وٺي نہ وٺي،
ڪوڙي دوستي جو دم ڪو هٽي نہ هٽي.

سچل سائين پاڻ عشق جو اوتار هو. هن وحدت الوجود جو پيغام
و.

وحدت جنين وساري تن جي مٽي اٽاسي.

اڄ جڏهن ترم ۽ مذهب جي نالي ڪيترا راڳا ٿي رهيا آهن، سچل
سائينءَ جو روحاني روَيو ان ڏس ۾ اسانجي سونهپ ڪري ٿو.

هندو مومن هڪ ٿيو. ٻول نہ ٻئي ڪنهن پل،
ٿاج ڳلابي ڳل، مرُ مارينِي منصور جان.

سچل سائين جو ڪلام اڄ بہ اسانجي سونهپ ڪري ٿو. سندس
ڪلام اونهو عميق آهي ڪو غواص ٽٻي ڏئي لعل لوچي اچي.

٣ آگسٽ سنہ ١٩٩٤ع صبوح جو ١١ بجي منتراليہ ۾ مهاراشٽر جي
رهہ نرماڻ راجيہ منتري شري ايڪناٿ گائڪواڙ منهنجي ڪتاب 'پارت
جا پڳت' (ٻيون ڇاپو) جو مهورت ڪيو. پهرين مرائي پترڪار شري
رماڪر بيسپٽي منهنجي پرچيہ ڏيندي چيو تہ ڊاڪٽر ديال آشا نہ صرف
ڄاندي ٻائي همتمل منسڪاڻي ڪاليج جو پرنسپال آهي مگر سنڌي ۽ هنديءَ
جو پرسڌ ساهتيڪار آهي. هن سنت ساهتيہ سرجن ۾ خاص يوگدان ڏنو آهي.
شري سنمک ايسراڻي پڻ هن موقعي تي منهنجي ڪيل خدمتن جو ذڪر
ڪيو. منتري شري ايڪناٿ گايڪواڙ صاحب پستڪ جو مهورت ڪندي
چيو تہ هن امولیہ گرنٿ ۾ پارت جي جدا جدا پرانتن جي ١٠٨ پڳتن جي
جيون ۽ يوگدان تي ڊاڪٽر ديال آشا روشني وڌي آهي. هي پستڪ ڪيترن
کي راهہ روشن ڪندو. مان منتري مهوديہ جا آپار مڃيندي چيو تہ 'پارت
جا پڳت' جو هي ٻيو ڇاپو آهي. ڪنهن گمنام پريمي طرفان ڇپايو ويو
آهي انڪري هن گرنٿ جي قيمت رکي ويئي آهي پريم سان پڙهو ۽ هيئين
سان هنڍايو. پاٺڪ جيئن جيئن هي پستڪ پڙهندا تئن سندن من ۾ پڳوت

سنت ٽوپڻداس، سنت شياملعل، چمپا ايسراڻي، چيتن آهوجا، ڀولڻداس واڌوا، هيرانند بالاڻي، نيلم بالاڻي، دامودر لعلواڻي منهنجا ڪي گيت غزل ڀڄن پنهنجي مڌر آواز ۾ پيش ڪيا. سوامي ديو پرڪاش مهاراج آسيس ڪندي چيو ڊاڪٽر ديال آشا ڪي جس آهي جو پنهنجي زندگيءَ جو هڪ هڪ پل سماج شيوا ۽ ساهتيہ سرجن ۾ سڦل ڪري رهيو آهي. مٿس ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي اسيم آسيس آهي. شري گوبند مالهي صاحب ڪتاب جو مهورت ڪندي چيو تہ ديال آشا جي انعامن جي هڪ وڏي فهرست آهي. ’ٻاءِ ڪوي ٻاءِ‘ شعر وَ شاعريءَ جي مجموعي ۾ هن موجودہ موضوعن تي شعر گوئي ڪئي آهي. سندس شعر ۾ سلاست ۽ فصاحت آهي. شاعر پاڻ خود گايڪ آهي. سندس گيتن ۾ درد سوز آهي. هن موقعي تي شري گوپ ٻهراڻي، شري سلامتراءِ پرسواڻي، شري هرداس ماڪيجا، سنت برهمداس، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، شري نريندر راجاڻي منهنجو ذڪر ڪندي شيپ منگل ڪامنائون ڏنيون. هن اُتسوَ جو آرگنائيزر شاعر گل شرما هو ۽ سنچالن ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي صاحب ڪيو. بروقت ئي شري ڪشور موٽومل چانبواڻي، شري رميش آهوجا، شري رام چنچلاڻيءَ ’ٻاءِ ڪوي ٻاءِ‘ جون هڪ هڪ سؤ ڪاپيون خريد ڪري ورهايون.

سچل سرمست اڪاڊمي طرفان ٣٠ جولاءِ سنہ ١٩٩٤ع ۾ شام جو ٥ ٻجي نئشنل ڪاليج باندرا ممبئيءَ جي هال ۾ سچل سائينءَ جي زندگي ۽ سندس تصوف جي ويچاردارا وشيہ تي سيمينار ۽ سماءُ جو پروگرام رکيو ويو. شري منگهارام واسواڻي سچل سائين جا ڪلام ڳايا. ان سيمينار ۾ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي، شري گوبند مالهي، ڊاڪٽر ارجن شاد، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، مذڪور موضع تي ڳالهايو. ان موقعي تي مون سچل سائين جي شعر وَ شاعري جو جائزو پيش ڪندي چيو تہ سچل سائين سچو صوفي ۽ ترقي پسند شاعر هو. هن درويش شاعر سنت ڪبيرداس وانگر ڍونگي هندو چاهي مسلمانن تي طنز ڪندي حق جي شناس ڏني. ويدانت سوتر ’اهم برهم اسمي‘ مان برهم آهيان، حق آهيان جو سمرٿن ڪيو. سندس ڪلام ۾ موسيقي ۽ ميٺاج آهي. شاہ لطيف جيڪو تصوف جو ڪنو چاڙهيو تنهن

رتواد جا سمرٿڪ تہ ڪن آدرش واد جي راھہ اپنائي. پرانتيہ ڀاشائن
ن ڪي رچنائون پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ لڳيون. اِج هڪ طرف سنڌي
ڪ ڪافي پيدا ٿيا ٻئي طرف وري سنڌي پاٺڪ گھٽجي رهيا آهن.
ڪري اسان پنھنجي ماترڀاشا جي سُرڪشا لاءِ توج ڏيون.

پترڪار شري نانڪرام ايسراڻي سي. ايچ. ڊيءَ جي سهڪار سان
مير ۾ ٢٧ فيبروري سنہ ١٩٩٢ع سنڌي صوفي ڪوين بابت سيمينار آيوجت
ڪيو. مان ان سيمينار ۾ معزز مهمان طور شرڪت ڪندي چيو تہ سنڌو
مي ويدن جي سرجن ڀومي آهي. سنڌ تي وقت بہ وقت ڌارين ڪاهون
ڪري هندو ڌرم سنڌو سنسڪرتيءَ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي.
دن تي ڪافي اتياچار ڪيا ويا جنهن هوُ پنهنجو ڌرم بدلائين. سنڌو ندي
وقت بہ وقت پنهنجو وهڪرو بدلائيندي رهي انڪري اسانجو پراچين
نڌي ساهتيہ زمين دوز ٿي ويو. سنڌ ۾ صوفين تصوف جو پيغام ڏنو. شاھہ
يف سچل سرمست روحل صوفي ۽ ٻيا شاعر جن کي صوفين جي صف ۾
مار ڪيو ويو اُنهن جي شاعريءَ ۾ ويدانت جو اثر ظاهر ظهور آهي.
هن شاعرن جي شاعريءَ جو اونهو اڀياس ڪيو تہ پروڙ پوندي تہ سنڌن
ڪاويہ ۾ ويدانت جا ويچار سمايل آهن. مان وياکيان ڏيندي وچ وچ ۾ شاھہ
چل ۽ روحل فقير جا بيت پيش ڪندي ثابت ڪيو تہ انهن شاعرن جي
عر ۾ ويدانت جا ويچار سمايل آهن.

١٦ ميءِ سنہ ١٩٩٥ع منجهند جو ٢ بجي سچواليہ ممبئيءَ ۾
هاراشٽر جي سانسڪرتڪ منتري شري پرمود نولڪر منهنجي ڪوجناتمڪ
ضمونن مقالن جي مجموعي 'موتي چڳن هنس' جو مهورت ڪندي چيو تہ
اڪٽر ديال آشا سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ساهتيہ جي کيتر ۾ ڪيترائي معياري
ڪتاب لکي پاڻ موکيو آهي. هن اڀياس ڪري هي مقالا لکيا آهن جي ڪيترن
ي ڄاڻ ۾ اضافو آڻيندا. هن موقعي تي شري سنمک ايسراڻي ايم ايل اي
ڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، شري رام جوهراڻي، شري نندلعل راجپال، ڊاڪٽر
شي راجپال ۽ ڀين شيپ منگل ڪامنائون ڏنيون. پترڪار پدماڪر ويسپوتي
روع ۾ منهنجي واقفيت مرهٽيءَ ۾ ڏني.

ڀڳتيءَ جي ڀاونا پيدا ٿيندي. هوُ پريوءَ جي راھ ۾ چڪاچي ايندا.

١٤ جولاءِ سنڌو يوٿ سرڪل سنڌو ڀوَن اُلھاسنگر ٣ ۾ ڀارتيہ سنڌي ساھتيہ ڪلا اڪاڊمي طرفان شاعر پرسرام ضيا صاحب جو جنمدن ملهايو ويو. داس ضيا صاحب جي حياتي ۽ شاعريءَ تي روشني وجهندي چيو تہ سائين ضيا صاحب خدا ترس، درويش دل، علم عروض جو ڄاڻون شاعر هو جنهن نئين ٽهيءَ جي شاعرن جي رهنمائي ڪئي. هي صاحب عوام جو شاعر هو ۽ آشاوادي هو، چيائين

نراشا نرٻلن جي آ 'ضيا' ٻلوان جي آشا

جو ناممڪن اکر آهي سو ممڪن ٻڻائيندس.

سائين ضيا صاحب ڌارمڪ ورتيءَ وارو آستڪ شاعر هو. هن صاحب شري سکمني صاحب جو سنڌي ڪاويہ ۾ ترجمو سرل سپڪ سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي جو اڄ ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻيءَ جي آواز ۾ گهر گهر گونججي رهيو آهي. هن صاحب شريمد ڀڳوت گيتا، نائين محلي جا سلوڪ ۽ شري جپ جي صاحب جو پڻ سنڌي ڪاويہ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ڀڳتي ڪاويہ ۾ اضافو آندو آهي. سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر صاحب ضيا صاحب جا ڪيترائي گ يت ڳائي کيس امر ڪري ڇڏيو آهي.

ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي ويڀاڳ طرفان ١٣ مارچ سنہ ١٩٩٦ع شڪروار صبوح جو ساڍي ڏهين ٻجي جي ڀي نائڪ ڀوَن ۾ 'آزاديءَ بعد سنڌي ساھتيہ جو وڪاس' وشيہ تي سيمينار رکيو ويو. هڪ سيشن جي صدارت ڪندي مون ان وشيہ تي ڳالهائيندي چيو تہ آزاديءَ جي حاصلات بعد سنڌي هندن کي پنهنجي جنم ڀومي سنڌڙيءَ جا وڻ ڇڏي ڀارت ۾ اچڻو پيو. هتي پير کُپائڻ لاءِ کين ڪافي ڪشمڪش ڪرڻي پيئي. هڪ ورهاڱي جو درد پيو سنگرش ميہ جيون! انهن حالتن جو سنڌي ادب تي بہ اثر پيو. سنڌي ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ وجي رهيا. هوُ پرانتيہ ڀاشا ۽ هنديءَ ۾ پنهنجو وهنوار ڪرڻ لڳا. پر سنڌ مان آيل سنڌي اديبن ڍيري ڍيري ادب جي تخليق ڪئي. ترقي پسند ويچارڌارا جو بہ ادب تي اثر ٿيو. ڪي نوان اديب بہ هت پيدا ٿيا جن ساھتيہ سرجن ۾ يوگدان ڏنو. ڪي اديب

بن ۽ ڪلاڪارن جو سنمان اُتسوَ آيوجت ڪيو. اڪادميءَ جي وائيس
ئرمن شري ڪي آر ملڪاڻي ان اُتسوَ ۾ مونکي بہ سنمانت ڪندي ١٥ هزار
پين جو چيڪ شيلڊ دشالو پيٽ ڪيو. اُن کان اڳ ڊاڪٽر موتيلعل
رتواڻي سيڪريٽري سنمانت شخصيتن جي يوڳدان تي روشني وڌي. مان
موقعي تي دهلي سنڌي اڪادميءَ جا شڪرانا مڃيندي چيو تہ دهلي سنڌي
ڪادمي سنڌي ٻولي ساهتيہ سنسڪرتي جي سرڪشا لاءِ عملي ڪاريہ ڪري
ي آهي. ڳنريل سال مونکي ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان ڊاڪٽر آف لٽريچر
ي ڊگري عطا ڪئي وئي اِها سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي. مان سنڌ
ـ ۾ پهريون شخص آهيان جنهن کي سنڌي وشيہ ۾ ڊي لِٽ ڊگري ملي آهي.
سرسوتي ماتا منهنجي گرديو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽
ري دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس آهي. مان تہ ناچيز آهيان اوهان بہ داس
ي دعا ڪجو تہ زندگيءَ جي شاهہ راهہ تي ثابت قدم وڌندو رهان.

۴ سيپٽمبر سنہ ١٩٩٨ع ۾ شام جو ديولالي ڪئمپ جي ڊاڪٽر ڳجر
ياش هاءِ اسڪول جي گوپي ٻائي شراف هال ۾ ديولالي سنڌي پئنچايت اُتسوَ
وجت ڪيو. مان ان اُتسوَ جو مکيہ مهمان هوس. شري سيتلداس بالاڻيءَ
هنجي واقفيت ڏيندي مونکي دشالو پائيندي سنمانت ڪيو. منهنجي
مپتني لاجونتي ۽ منهنجو ڏوهٽو راهُل بہ ساڻ هو. منهنجي ڌرمپتنيءَ
و بہ سواڳت ڪيو ويو. مان پنهنجو دشالو نيلام ڪيو. ٻائي رامچند
مچنداڻي اُهو دشالو پنجين هزارن خريد ڪيو. مان اُهي پنج هزار
نچايت کي شيوا ڪارين لاءِ ڏئي ڇڏيا. مان اُن اُتسوَ ۾ ڳالهائيندي اپيل
ڪئي تہ پنهنجي ٻارن کي ماترڀاشا سنڌي پاڙهيو. اُنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو.
نگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج چوندا هئا تہ پکين کي بہ پنهنجي
لي پياري هوندي آهي. ٻولي جيئندي تہ قوم بہ جيئندي. امڙ ڏني جنهن
لولي سا ٻولي ڪين وساريو. ماترڀاشا دواران وڌيڪ گرهڻ شڪتي ٿيندي
ي. مونکان ڪيترن وديارٿين کي انعام ڏياريا ويا. پرنسيپال هاسانند
لاڻي اُتسوَ جو سنچالن ڪيو. مان ديولالي پئنچايت طرفان تيار ڪيل
ريڪٽريءَ جو مهورت ڪندي پئنچايت جي سنگٺن کي ساراهيو.

مان مضمونن مقالن جو جائزو پيش ڪندي چيو ته ’موتي چڳن هنس‘ ۾ منهنجا ڪوجناتمڪ مقالا آهن. هڪ هڪ مقالي تي ٿيسز لکي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪري سگهجي ٿي. ڪي غواص هجن جي ٽٻي ڏئي لعل لوچي اچن.

پروفيسر جئپال نارنگ اُلهاسنگر ٣ ۾ بنس ڪامپيوٽر سينٽر برپا ڪيو. مان اُن جو مهورت ڪندي چيو ته پيارو پروفيسر جئپال نارنگ هڪ قابل پروفيسر آهي جنهن وديارٿين جي سهوليت لاءِ هي سينٽر کوليو آهي. هي ڪامپيوٽر يگ آهي. وقت پورهئي ۽ پئسي جو بچاءُ ٿئي ٿو. اُميد ته هن سينٽر مان ڪيترائي وديارٿي ڪامپيوٽر سکيا حاصل ڪري لاڀ حاصل ڪندا. اجان ڪامپيوٽر يگ جي شروعات ٿي آهي. اڳتي هلي ڪامپيوٽر ڪيتريون سهوليتون ميسر ڪندو.

اپريل سنه ١٩٩٧ع ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ مونکي ڊي لِٽ جي ڊگري عطا ڪئي. ان سنبنڌ ۾ سيوا سدن ڪاليج آف ايڊيوڪيشن اُلهاسنگر ٣ طرفان ١٩ اپريل صبوح جو ١٠ بجي مونکي سنمانت ڪيو ويو. ان موقعي تي پهرين ميئر شري گڻيش چوڌري، ڊپيوٽي ميئر شري ڪمار آئلاڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو. ڪاليج جي پرنسيپال ڊاڪٽر بي جي واڌواڻيءَ چيو ته ممبئي يونيورسٽيءَ اسانجي اُستاد ڊاڪٽر ديال آشا کي ڊي لِٽ جي اُپاڌي پردان ڪري سنڌي جاتيءَ جو شان بلند ڪيو آهي. ميئر شري گڻيش چوڌري فخر جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي مان وياکيان ڪندي چيو ته وديا جي ديوي ماتا سرسوتي، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس سان ئي داس تعليم جي کيتر ۾ اڳتي وِڪ وڌائي آهي. جيون ۾ نشڪام ڀاونا ۽ نشٺا سان ڪرم ڪرڻ سان سڦلتا ملي ٿي. زندگيءَ ۾ لاهيون چاڙهيون آهن پر ايشور ڪرپا ۽ اٽل ارادي سان انسان منزل تي پهچي سگهي ٿو. جيترو ٿي سگهي ٻين جو ڀلو ڪريو ته ڀڳوان وري اوهانجو ڀلو ڪندو. گهر ۾ وڏڙن جي ۽ ٻارن جي ۽ دکين دريدرن جي خذمت ڪري دعائون ڪٽو. دعائون انسان کي چاڙهينديون آهن.

دهلي سنڌي اڪادمي ٢٨ مارچ سنه ١٩٩٨ع ۾ شام جو ڪن تعليمدانن،

رشناسي ڪرڻ لاءِ اڄ هي اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو آهي. سوامي ديو
ڪاش مهاراج پروفيسر صاحب کي آسيس جو دشالو پائيندي کيس 'سمن
سنگهہ آڏواڻي' ميموريل شيلڊ پيٽ ڪئي ۽ چيو تہ هنڙن ودوانن تي
ن کي فخر آهي. ودوانن جي جتني ڪٿي پوڄا ٿئي ٿي. پروفيسر سائل
حب پنهنجي احساسن جو اظهار ڪيو. شري شيام رامرکياڻيءَ
ڪرادائي ڪئي. پرنسيپال نرمل گوپلاڻيءَ سنچالن ڪيو.

جئہ هند هاءِ اسڪول جونير ڪاليج پمپري جو وارشڪ اُتسوَ ٦
رروري ٢٠٠١ع شام جو پي سي ايم آڊوٽريم چنچوڊ ۾ آيوجت ڪيو
و. مان اُن اُتسوَ جو مکيہ مهمان هوس. پرنسيپال پي اي جوهراني منهنجي
ڪيل ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو ذڪر ڪيو. سنستا جي پريزيڊنٽ پيڻ
ڪوشليا عطرسنگتاڻي منهنجو ۽ منهنجي پتني لاجونتيءَ جو سواگت ڪيو.
ن ان اُتسوَ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ اوهان پنهنجي اسڪول ۽ جونير ڪاليج
سنڌي وشيہ پاڙهيو ٿا اُن لاءِ اوهان کي ڌنيواد آهي. پياري ڀاءُ عطرسنگتاڻيءَ
و هن اسڪول لاءِ ڪيل يوگدان وساري نٿو سگهجي. پرنسيپال ڪلناڻي
احب بہ وديا جي هن مرڪز کي قائم رکڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. اسڪول ۽
ڪاليج جي وديارٿين منڇ تي پنهنجو جوهر ڏيکاريو. ڪن راندين ۾ ڀاڱ
ڪيو آهي اُنهن جي همٿ افزائي ڪرڻ لاءِ کين هاڻي انعام عطا ڪيا ويندا.
ستادن کي منهنجو عرض آهي تہ غريب گهرجائو وديارٿين ڏانهن ڌيڪ
رج ڏين. جن جي آرٿڪ حالت سقيم آهي تہ اُنهن کي گهربل اسڪولي
ونيفارمس ڪتابن وغيره جي مدد ڪئي وڃي جئن اُنهن جو آئينده روشن
ئي. مان خود سنہ ١٩٥٥ع کان پهرين ڪجهہ سال اسڪول ۾ پوءِ ڪاليجن
وديارٿين کي پاڙهيو آهي. مان پنهنجي سنتان وانگر کين پيار ڏيندو رهيس.
ج مونکي منهنجا ماضي وديارٿي شيوا ڪارين ۾ سهيوگ ۽ سنمان ڏيندا
ن. پين جو ڀلو ڪندا تہ پرماتما توهانجو ڀلو ڪندو.

منهنجي ڌرمپتني لاجونتي هٿان وديارٿين کي انعام ڏياريا ويا.

مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادمي ١٠ اپريل سنہ ٢٠٠١ع شام جو
ڀاڄي ريوندر ڀوَن ڀوپال ۾ سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن ملهائڻ جو اُتسوَ

روٽري ڪلب مڊٽائون طرفان جواهر هوٽل اُلهاسنگر ۲ ۾ اڊياپڪ دوس جي موقعي تي ڊسٽرڪٽ گورنر هٿان مونکي لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ ڏياري سنمانت ڪيو ويو. شري جواهر وسياڻي منهنجي خلق خذمت جو ذڪر ڪيو. ان موقعي تي مان ڳالهائيندي چيو تہ خلق جي خذمت خدا جي بندگي آهي. اسان مان هڪ هڪ جو اِهو فرض آهي تہ گهرجائن جي مدد ڪريون، نشڪام ڀاونا سان سندن شيوا ڪريون.

ڀارتيہ ڀاشا وڪاس پريشد طرفان ۲۱ سيپٽمبر هندي سپتاهہ جي آخرين ڏينهن ٻولي برڪا مهواُتسوَ اگروال هال ڊومبيوليءَ ۾ مونکي هنديءَ ۾ ساهتيہ سرجن ڪرڻ لاءِ سارسوت سنمان سان سنمانت ڪيو ويو. مشهور هندي ڪوي ۽ پترڪار آلوڪ ڀٽاچاريہ منهنجي ساهتيڪ شيوائن جو ورڻن ڪيو. اُتسوَ جي صدارت مدرائيءَ جي وبوورڊ ساهتيڪار شرتواري هٿان مون کي هڪ چيڪ، شيلڊ، ناريل، دشالو، پيٽ ڪيو ويو.

مان ان موقعي تي پريشد جي ڪاريہ ڪرتائن جي شڪرگذاري محيندي چيو تہ هندي منهنجي هڪ اک آهي تہ سنڌي ٻي اک آهي. راشٽريہ ايڪتا لاءِ هنديءَ جي وڏي اهميت آهي. هندي وشوَ جي ٻيون نمبر ڀاشا آهي پر افسوس! اسين انگريزيءَ جا مجو ٿي پيا آهيون. اڄ آزاد ڀارت ۾ ڀارتيہ ڀاشائن جو مهتوَ گهٽجي رهيو آهي. اسان کي سجاڳ ٿي ماترڀاشا ۽ راشٽرڀاشا هنديءَ جي سرڪشا لاءِ سڪريہ ٿيڻ گهرجي. هنديءَ ۾ اسانجو امولیہ ساهتيہ آهي جو اڄ بہ اسانجي راهہ روشن ڪري ٿو.

۲۵ ڊسمبر سنہ ۱۹۹۹ع صبوح جو ۱۱ بجي مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول ڪبيرنگر احمدآباد ۾ جنتا جناردن پريشد اُلهاسنگر طرفان سنڌيءَ جي عالم اُستاد پروفيسر سترامداس جڙياسنگهاڻي سائل جو سنمان اُتسوَ پرنسيپال سياش شرما آيوجت ڪيو. پرنسيپال سياش شرما پهرين سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ۽ ٻين مهمانن جو سواگت ڪيو. اُن بعد مان پروفيسر سترامداس سائل جي تعليمي ۽ ساهتيڪ شيوائن جو ذڪر ڪندي چيو تہ پروفيسر سترامداس سنڌي ۽ فارسيءَ جو عالم آهي سنڌي گرامر جي جيتري ڄاڻ هن صاحب کي آهي سا ڪن ورلي تعليمدانن کي هوندي. سندس

ديش جي ورهاڱي بعد ڀارت ۾ مونکي وديارٿي جيون ۾ ڪرم
ي سوامي ليلا شاهہ مهاراج جو سنگ مليو. مان خوش نصيب آهيان جو
نکي پريم پرڪاش منڊل جا سنت آڌياتمڪ مارگدرشڪ سوامي شانتي
ڪاش مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا جن مون تي ديا درشٽي ڪري
نجو ٻڻايو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ سندن چرڻن ۾ ويهندو هوس. اڄ بہ
دن ادرشٽ ڪرپا داس تي آهي. سندن سونهپ ۾ مان جدا جدا ڪيترن ۾
ني ڪئي آهي. مونکي پنهنجو ٻل ٻڌي ڪين سندن ڪرپا ڪم ڪيو.
نکي پريم پرڪاش منڊل جي هئين پرڌان ستگرو سوامي سروانند مهاراجن،
ان ويوتي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي جو پيار ۽ آسيس ملي. سوامي
دارام صاحب بہ داس کي ڏاڍو ڀائيندا هئا، آسيس ڪندا هئا. پياري دادا
نن واسواڻي بہ داس کي ڪيڏو نہ پيار ۽ آسيس ڏيندا رهن ٿا. هوُ بہ
هنجي روُح جا راڻا آهن.

مان وياڪيان ڪندي چيو تہ سونهاري سنڌ ۾ سوين سنت صوفي،
ه لوڪ ٿيا آهن جن پرماتما سان پريم جو پيچ پاتو پاڻ کي سچاتو.
حاني منزل تي پهچي هزارن طالبن جي راهہ روشن ڪئي. سنڌ جا صوفي
ضي قادن، شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو شاهہ لطيف، سچل سرمست، سائين بيدل
يا جن کي صوفين جي صف ۾ شمار ڪيو ويو تن جي ڪاويہ ۾ ويدانت
ا ويچار ملن ٿا. سامي صاحب نج ويدانتي ڪوي هو. روحل فقير جي
ندي چاهي سنڌي ٻاٽيءَ ۾ نج ويدانت جا ويچار ملن ٿا. ساڌٻيلا جا مهنت
وامي هرنامداس مهاراج، پريم پرڪاش منڊل جا سنسٿاپڪ ستگرو سوامي
يئونرام مهاراج، سوامي سروانند مهاراج، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش
هاراج سوامي هرداسرام مهاراج نہ صرف آڌياتمڪ مارگدرشڪ هئا پر مهان
ڪرم يوڳي سنت هئا. پراُپڪاري ۽ پرمارٿي هئا. سائين وسڻ شاهہ، سائين
اروشاهہ، سنت سائين سترامداس، امر شهيد ڀڳت ڪنوررام، سوامي رامانند،
اڌو هيرانند آڏواڻي، رشي ديارام گدومل، سنت سخي آسودارام صاحب،
اڌو ٽي ايل واسواڻي، سوامي ليلاشاهہ مهاراج ڪيڏا نہ لوڪ ڪلياڻ جا
ڪاريہ ڪيا. سنڌ جا سنت سمنوئيہ وادي هئا. هوُ ادائي گهرن جو خير

آيوجت ڪيو. مان اِن اُتسوَ جي صدارت ڪندي جوت جڳائي. مکيہ مهمان مڌيہ پرديش جو مکيہ منتري دگوجيہ سنهہ هو. پر هوُ ڪنهن ڪارڻ اچي نہ سگهيو. هن موقعي تي شري لڇمڻداس ڪيسواڻي منهنجي ساهتيڪ ۽ تعليمي خدمت جو ذڪر ڪندي سواگت ڪيو. شري لکمي کلناڻيءَ جو ناٽڪ 'واريءَ سندو ڪوٽ' منچ تي پيش ڪيو ويو.

اِن موقعي تي مان صدارتي تقرير ڪندي چيو تہ ڀارت سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي اڄوڪي ڏينهن تسليم ڪيو ان ڪري اڄ مڌيہ پرديش ساهتيہ اڪادمي هي آيوجن ڪيو آهي. اسان جو فرض آهي تہ پنهنجي ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکاريون جئن هوُ پنهنجي سنڌي ساهتيہ سنسڪرتي سڀيتا جي ڄاڻ حاصل ڪن. اسانجي سنڌي ٻولي سنسڪرت جي وڏي ڌيءَ آهي. انگريزي ٻوليءَ جا مڄو ٿي پنهنجي مٺڙي سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريون. ٻولي جيئندي تہ قوم بہ جيئندي. زندهہ رهي شل سنڌي ٻولي امڙ ڏني جنهن ۾ لولي. اوهان ٻلي ڪيتريون ٻوليون سکو پر پهرين اهميت ماترڀاشا سنڌي ۽ پوءِ راشٽر ڀاشا هنديءَ کي ڏيو. پنهنجي وڏن جو ورثو قائم رکون. منهنجي بزرگ ڀاءُ لڇمڻداس ڪيسواڻي ۽ سندس ساٿي شري صابو ريڄهواڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هنن اڄوڪي موقعي تي نماءُ جو بہ آيوجن ڪيو آهي.

رامڪرشن مٺ ڪار ممبئي طرفان ۹ - ۱۰ آگسٽ سنہ ۲۰۰۱ع شام جو ٦ بڄي پنهنجي آشرم ۾ بہ ڏينهن سنڌي سنتن جي سنبنڌ ۾ منهنجو وياکيان رکيو ويو. مٺ جي پريزيڊنٽ سوامي وئشننندا منهنجو سواگت ڪندي منهنجي پرچيہ ڏني. مان بہ ڏينهن 'سنڌي سنتن' جي سنبنڌ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ مان سوڀاڳيشالي آهيان جو منهنجو جنم هڪ ڌارمڪ پريوار ۾ ٿيو ۽ ننڍپڻ ۾ مونکي پنهنجي ماتا پتا ۽ وڏڙن وٽان شڀ سنسڪارن جي پونجي ملي. سنڌ جي شهيد ڀڳت ڪنوررام مونکي ننڍپڻ ۾ لولي ڏني. سنڌ ۾ پنهنجي شهر خيرپور ميرس ۾ مونکي سوامي چرڻداس مهاراج، سوامي رامانند، بابا ڀڳت ٿهليارام، روهڙي سنت بابا نيبراج ، سکر ساڌٻيلا مهنت سوامي هرنامداس مهاراج جو درشن ۽ آسيس ملي.

. مان اسڪول جي اُستادن کي وينتي ٿو ڪريان ته غريب وديارٿين
ءن خاص ڌيان ڏين ۽ سيني وديارٿين ۾ شپ سنسڪار وجهن. سنڌي
ارٿين کي لازمي طور سنڌي پاڙهي وڃي. ٻولي جيئندي ته قوم به
ندي. ماتا ڏيئو ماءُ آشيرواد وچن چيا. مان ماتا کان آسيس ورتي.

ڀارتييه سنڌو سڀا ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا طرفان ٢١ اپريل چيٽي
ء جو اُتسو ملهايو ويو. مهاراشٽر جو وزير شري ڄڳناٿ پاٽل مکيه مهمان
۽ مان معزز مهمان هوس. ٻنهي گڏجي شري جهوليلال جي مورتيءَ تي
پ مالهائون پيٽ ڪندي جوت ڄڳائي. پيڻ وينا ڀاٽيا منهنجي پرچيه
ندي سواگت ڪيو. مان اِن موقعي تي وياکيان ڪندي چيو ته چيٽي چنڊ
نجو خاص ڏينهن آهي. ان ڏينهن تي سنڌ ۾ هندو ڌرم رکشا جي ڪرڻ
وروڻ ديوتا اُڏيريلعل جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيو. هن ظالم مرک بادشاهه کي
ق سيکاري هندو ڌرم جي رکشا ڪئي.

جڏهن جڏهن ڌرتي تي وڌي وڃي اتياچار،
تڏهن تڏهن پريو ٿو وٺي اَچي اوتار.

سنڌ ۾ به سنڌي هندو چاليهه ڏينهن جهوليلعل امر اُڏيرلعل جو ورت
رڻ ڪري لعل سائينءَ جي پوڄا اُپاسنا ڪندا هئا. ورهاڱي بعد به ديش
يش ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا سي اِهو ڏينهن سنڌيت جو ڏينهن ڪري
هائن ٿا. لعل سائين جا ڀهراڻا ڪين ٿا ۽ پنجڙا ٻڳائن ٿا ۽ چالهي اُتسوَ جو
رت جو سماپن ڪن ٿا. اڄ اسانکي سنجيدگي سان سوچڻ گهرجي ته جنهن
رم جي رکشا لاءِ اسان وطن جا وڻ ڇڏي هت ڀارت ۾ آيا آهيون. اُتي اسانجا
ڪيئي ڀليل ڀائر سناتن هندو ڌرم جو تياڳ ڪري عيسائي ٿي رهيا آهن.
ن هن موقعي تي للڪار ڪريان ٿو ته پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ پختا
هو. اوهان پنهنجي ڌرم تي اڏول هوندا، ڌرم جي رکشا ڪندا ته ڌرم
رهانجي رکشا ڪندو. پنهنجي ٻارن کي سنڌي پاڙهيو ۽ اُنهن سان سنڌيءَ
ڳالهايو. سنڌي سڏائڻ ۾ فخر وٺو. اسين دنيا ۾ اوچ سڀيتا موهن جي دڙي
ا وارث آهيون. پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي نه هڻو. ٻولي جيئندي ته قوم
ه جيئندي.

گهرندا هئا. سنڌ جا سنت ڪي الله لوڪ هئا. ڪي سادي لباس ۾ لڪل لعل هئا. هوُ ڪرشن ڀڳت بہ هئا تہ رام ڀڳت بہ هئا. هنن پنهنجي زندگي بندگيءَ ۾ سڦل ڪئي. سنڌن حياتي اسان لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهي.

هن وقت بہ پوڄيہ دادا جشن واسواڻي، سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، سنت گوبندرام شداڻي دربار، سائين هردارام صاحب، سوامي گٽيشداس مهاراج، سنت چانڊورام صاحب ۽ ٻيا سنت نام سمرڻ سان گڏ ڪيترائي پر اُپڪار جا ڪاريہ ڪري رهيا آهن.

سنڌي سيوا سنگم گهاٽڪوپر طرفان سنہ ٢٠٠٢ع ۾ چيٽي چنڊ جو اُتسوَ ملهايو ويو. ان موقعي تي ماضي قانون قاعدا وزير شري رام ڄيٺملاڻي، ڊاڪٽر سريش ڪيسواڻي، شري پهلاج نهالاڻي، ٻنيتا ناگپال، پدم شري، ڊاڪٽر سريش آڏواڻي، رام جوهراڻي ۽ مونکي 'سنڌ رتن' جي اُپاڌيءَ سان سنمانت ڪيو ويو. مان اُن موقعي تي ٻڌالهائيندي چيو تہ منهنجو هن سنمان جو شريہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي آهي، جن جي ڪرپا سان مان جدا جدا ڪيترن ۾ پاڻ موکي رهيو آهيان. ساڻ ساڻ دکين جون دعائون آهن جن جي مان خدمت ڪري رهيو آهيان.

سنہ ٢٠٠١ع ۾ سوراشٽر ۾ ڀوڪمپ سبب ڀائونگر جي سنت ڪنوررام هاءِ اسڪول جي عمارت کي بہ نقصان رسيو. جنتا جناردن پريشد طرفان اسڪول ٽرسٽ کي عمارت جي نوَنرماڻ لاءِ هڪ لک روپيا ڏنا ويا. سنت ڪنوررام ايڊيوڪيشن ٽرسٽ طرفان اسڪول جي عمارت جو نرماڻ ٿيو. ان عمارت ۾ ڪرشنا ڀيڻ سندرداس منگلاڻي انگريزي پرائمري اسڪول بہ کوليو ويو. عمارت جي مهورتي اُتسوَ ۾ مان صدارت ڪندي چيو تہ ٽرسٽ جي بانيڪارن پياري گهنشيام منگلاڻي ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد آهي جن ٿوري ئي عرصي ۾ اسڪول جي نئين عمارت ٺهرائي آهي. پياري گهنشيام منگلاڻي، پياري پريم منگلاڻي کي پنهنجي ماتا ڪرشنا ديوي ۽ پوڄ پتاشري سندرداس منگلاڻي لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا آهي جو انگريزي ماڌيم اسڪول تي پوڄيہ ماتا صاحب جو رکايو آهي ۽ ان لاءِ هنن پنهنجي هڙان لکين روپيا دان ڏنو آهي. دان ڪرڻ سان ڌن وڌندو آهي. وديا دان اُتم دان

۱۹۰۴ع جانڪي ديوي پوَن سنت هردارام نگر ڀوپال ۾ 'وشوَ پائيچارا'
جي سنبنڌ ۾ اُتسوَ آيوجت ڪيو. داس ان اُتسوَ ۾ صدارت ڪندي
تہ ڀارتيہ سنسڪرتي موجب سارو وشوَ اسان جو پريوار آهي ۽ اسين
هر جا ڀاتي آهيون. 'وسديوَ ڪُٽمبڪ' اسانجي رشين جو مقصد رهيو
. اسين ساري سنسار جو ڪلياڻ چاهيون ٿا. ڪٽر انسان ئي اشانتي
ڪن ٿا. اسين پنهنجي پنهنجي ڌرم جي نيمن، ريتين رسمن موجب
ن. وسيع دل ٿي سڀن جيون ۾ هڪ آتما جي جوت پسون تہ چوڌاري
ميہ وايومنڊل ٿي وڃي. سڀن جا خيرخواهہ ٿي رهون. ايڪتا ۾ آنند
. سائين بيوس جو بند آهي.

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري تون بہ رهہ مان پيي رهان،
آڻ من ورتيءَ ۾ ڦيري تون بہ رهہ مان پيي رهان.

آيل شروتائن ڪي داس ڪي پريرڻادايڪ جيون گهتنائون ٻڌايون.
اريہ ڪرم جي شروعات ۾ اُپ نرديشڪ شري صابو ريجهواڻي ۽ شاعر
پ ڪمار گهايل داس جو هاردڪ سواگت ڪندي داس جي واقفيت ڏني.
سنڌي سماج احمدآباد طرفان ۲۰ جون سنہ ۲۰۰۴ع آرتوار صبوح جو
بجي راما هال سهجيپور بوگها احمدآباد ۾ هوشيار سنڌي شاگردن جي
ت افزائي ڪرڻ لاءِ انعامي اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو. مان ان اُتسوَ جي
ارت ڪئي. ڀيڻ مايا ڪوڏواڻي ايم. ايل. اي مکيہ مهمان هئي. ڀاءُ چندرو
ولاڻيءَ منهنجي واقفيت ڏني. ڀاءُ ڦتن سکواڻي ۽ پياري شيام رامرکياڻي
اگت ڪيو. ان موقعي تي مان وديارٿين کي انعام ڏيندي چيو تہ انعام
ساهہ وڌائن ٿا. هوشيار سنڌي وديارٿين جي همٿ افزائي ڪرڻ اسانجو
ض آهي. سنڌو سماج کي ڏنيواد آهي جنهن طرفان هرسال هن قسم جا
اريہ ڪرم آيوجت ڪيا وڃن ٿا. سنڌي اسانجي ماترڀاشا آهي ۽
هوڪار ٻولي آهي. اسين سونهاري سنڌ جا وڻ ڇڏي هت ڀارت جي جدا
ا شهرن ۾ رهون ٿا انڪري پنهنجي ماترڀاشا نہ ڀلايون. ٻولي جيئندي
قوم بہ جيئندي. اسين موهن جي دڙي جا وارث آهيون. پنهنجي تهذيب
ندن قائم رکون. هن موقعي تي مون سان گڏ نياڻي سمن کيملاڻي بہ هئي.

٢٥ - ٢٦ مئيءَ، ٢٠٠٢ راڊڪا هوٽل ناسڪ ۾ سنڌو ساهتيہ ڪلا سنگم ناسڪ طرفان ڀاءُ ميارام ڪڪڙيجا 'درد' شاعر گووردڻ شرما جي سنبنڌ ۾ سيمينار آيوجت ڪيو، ان سيمينار جي صدارت ڪندي مون چيو تہ پيارو ڀاءُ گووردڻ شرما سالن کان ساهتڪ ساڌنا ڪري رهيو آهي. سندس شعر جا مجموعا بہ شايع ٿيا آهن. هي صاحب سنڌيءَ سان گڏ هنديءَ ۾ بہ قلم هلائي رهيو آهي. هن سنڌيءَ ۾ مضمون بہ لکيا آهن تہ ڪي ايڪانڪي ناٽڪ پڻ لکيا آهن. هي پيارو هڪ آدرشي اڌياپڪ ٿي سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪندو رهيو آهي. مکي پريمچند ۽ پياري ميارام درو کي ڌنيواد آهي جن هي سيمينار آيوجت ڪيو آهي. جنهن ۾ جدا جدا ليکڪن پياري گووردڻ شرما جي زندگي ۽ ساهتڪ يوگدان بابت پيپر پڙهيا ۽ نئين روشني وڌي. رات جو پياري موهنلعل تلريجا سنڌي سنگيت جو لطف وٺايو.

منهنجي شعر وَ شاعريءَ جي مجموعي 'احسانن جو عڪس' جو مهورت ٢٠ ڊسمبر سنہ ٢٠٠٣ع سيتا سنڌو ڀوَن سانتاڪروز ممبئيءَ ۾ ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ ڪيو. هن موقعي تي پيٽ پارو ٺاڪر چاولا، شري موهن لعل تلريجا ۽ ٻين ڪلاڪارن منهنجا دوها، گيت، غزل ڳايا. ڀاءُ ٺاڪر چاولا سنچالن ڪيو. ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ ڪتاب جو مهورت ڪندي چيو تہ هن کان اڳ ڊاڪٽر ديال آشا جون ڪيتريون تصنيفون شايع ٿي چڪيون آهن. سنڌي ۽ هندي ساهتيہ ۾ هن پاڻ موکيو آهي ۽ کيس ڪيترائي سرڪاري غير سرڪاري انعام عطا ٿيا آهن. 'اَحساسن جو عڪس' مان شاعر ديال آشا جي احساسن، اُمنگن، آزمودن جو پورو پورو عڪس سندس شاعري مان ملي ٿو. هي آشاوادي آستڪ شاعر آهي. مٿس ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي خاص آسيس آهي. ساهتيہ سان گڏ ڊاڪٽر ديال آشا خلق خذمت جي کيتر ۾ بہ اڳرو رهيو آهي. هن موقعي تي مان، ڊاڪٽر رام بخشاڻي، شري ٺاڪر چاولا، پياري رام لعلچنداڻي، شوڀا رام لعلچنداڻي ۽ شري موهنلعل تلريجا کي دشالا پيٽ ڪندي سندن ڏنل سهيوگ لاءِ آڀار مڃيا.

مڌيہ پرديش سنسڪرتي پريشد ساهتيہ اڪادمي طرفان ١ جنوري

ـي هئي انڪري هن چيڪ جي رقم يارهن هزار روپيا جنتا جناردن
ـد ۾ جمع ڪري غريب گهرجائو وديارٿين کي پڙهائيءَ لاءِ ڏني ويندي.
هليءَ مان جڙن ئي اُلهاسنگر ۾ واپس آيس تہ چيڪ جنتا جناردن پريشد
اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي اُهي يارهن هزار روپيا گهرجائو وديارٿين کي
چڏيا ۽ وديارٿين جي لسٽ ۽ رسيد پاڻ سندر اگناڻيءَ کي جئپور ڏياري
ڪلي.

مهاراشٽر ساهتيہ پريشد طرفان ٢ - ٣ جون سنہ ٢٠٠٥ع سوريہ اُديہ
ـرهہ امبرناٿ ۾ ٿاڻا ضلع ساهتيہ سميلن آيوجت ڪيو ويو. ٢ جون
ـح جو ١٠ بجي مان ان سميلن جو مهورت ڪندي چيو تہ سنڌي ۽ مرهٽي
ياشائون ياڻ ۾ ڀينر آهن. ٻئي سنسڪرت جون ڌيئر آهن. موجودہ
۾ يارتيہ ياشائن تي انگريزي حاوي ٿئجي ويئي آهي. انگريزن جي
ڪومت ۾ اسين انگريزيءَ جا ايڏا مڃو نہ هئاسين جيترا هن وقت آهيون.
ـجو ڪرتويہ آهي تہ يارتيہ ياشائن جي سرڪشا ۽ وڪاس لاءِ تُوس قدم
ن. مرهٽي اسانجي پرانت جي ٻولي آهي انڪري اسان سنڌين کي
ـراتين کي مرهٽيءَ جي ڄاڻ ضرور هئڻ گهرجي. مرهٽي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترا
ساڳيا آهن. مرهٽيءَ جو سنت ساهتيہ امر املهہ خزانو آهي. سنت
ـيشور، سنت ايڪناٿ، سنت نامديو ۽ ٻين سنتن جي ٻاڻي وهنوار چاهي
ـمارت لاءِ اسانجي سونهپ ڪري ٿي. اڄ هن سميلن ۾ ڪيترائي
ـتيڪار ويٺا آهن. ساهتيڪار سماج جا نرماتا هوندا آهن. سياستدان
ـڙيندا آهن ۽ ساهتيڪار جوڙيندا آهن. اوهان آشاوادي ٿي جوڙڻ جو ڪم
ـيو. اهڙي ساهتيہ جو سرجن ڪريو جڙن سان سماج جو اُٿان ٿئي.

شروع ۾ شري دليپ ماٽونڪر منهنجو پرچيہ ڏنو ۽ شري ياندي
ـ اگت ڪيو.

منهنجي پنجاهين پستڪ اَدبي سرهاڻ جو مهورت ٢٧ مئي سنہ
٢٠ع آرتوار شام جو ٦ بجي سوامي شانتي پرڪاش اسڪول ايڊيٽوريم
ـاسنگر ٥ ۾ ماضي قانون منتري يارت سرڪار برڪ مکيہ شري رام
ـتملاڻيءَ ڪيو. جدا جدا شخصيتن ۽ سنستائن طرفان عبدل عزيز رام

اسان پنهي سنڌي سنگيت جي ورڪا بہ ڪئي. پترڪار شيام رامرڪياڻي شڪر ادائيءَ جي رسم ادا ڪئي.

پوج سنڌي پئنچايت نيرول، نئين ممبئي طرفان نيرول ۾ شري جهولي لعل مندر جي نرماڻ جو ڀومي پوڄن اُتسوَ ۵ جولاءِ سنہ ۲۰۰۴ع منجهند جي ۱۲ بجي آيوجت ڪيو ويو. سائين سترامداس صاحب جي گادي نشين سنت ساڌرام صاحب، مهاراشٽر جي وزير شري گڻيش نائڪ ۽ مان ان اُتسوَ جا مهمان هئاسين. ان موقعي تي مان نيرول سنڌي پئنچايت جي ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ اوهان سنڌ جي اوتار امر اُڏيرولعل جو مندر برپا ڪري اُتم ڪاريہ ڪري رهيا آهيو. شري امر اُڏيرولعل ورڻ ديوتا جو اوتار هو، ڌرم رکشڪ هو. اوهان هتي جهولڻ جي جوت جڳائي رهيا آهيو، لعل سائين وري اوهان جي گهرن ۾ جوت جڳائيندو. هي مندر، هي ڌارمڪ آستان نہ صرف ڌرم جي خيال کان پر ساماجڪ لحاظ کان بہ اسانجي ميل ميلاپ جا ڪيندر آهن. اوهان وشواس رکي هتي ايندا تہ امر اُڏيرولعل اوهان جون مرادون برثواب ڪندو. اوهان چاليهي جا چاليہ ڏينهن ساتوڪ کاڌو کائيندي ورڻ ديوتا جي پوڄا اُپاسنا ڪندا تہ اوهانجي زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويندو.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۳۰ اپريل سنہ ۱۹۰۵ع ۾ دهليءَ جي چنميا آڊيٽوريم ۾ ساليانو وارشڪ انعامي اُتسوَ آيوجت ڪيو. مکيہ مهمان ڀارت جو ماضي پرڌان منتري شري آءِ ڪي گجرال هو ۽ صدارت شري سندر اگناڻيءَ ڪئي. سنڌي ساهتيہ ٻولي جي يوگدان لاءِ جدا جدا شخصيتن کي انعام عطا ڪندي سنمانت ڪيو ويو. داس کي بہ ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ شري گجرال هٿان ۱۱ هزارن روپين جو چيڪ انعام طور عطا ڪري سنمانت ڪيو ويو.

مون انعام وٺڻ بعد منچ تي چيو تہ سڀا مونکي سنمانت ڪيو آهي. مان سندن شڪرگذار آهيان. هي چيڪ ڊاڪٽر سشيلا موٽوانيءَ جي پاون سمرتيءَ ۾ ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر سشيلا کي مون ممبئي يونيورسٽيءَ جي ايم اي ۾ سنڌي پاڙهي. هوءَ مونکي گروءَ جي نظر سان ڏسندي هئي ۽ سمپوڙت

ٹرلعل جوت جڳائي سميلن جو شري گڻيش ڪيو ۽ آشيرواد وچن چيا.
ماتائن ڀينرن کي سنبوڌت ڪندي چيو تہ جتي نارين جي پوڄا ٿئي ٿي
ديوتائن جو واسو آهي. ناري شڪتيءَ جو پرتيڪ آهي. پر اڄ ڪيترن
ناريءَ جو نردار ڪيو وڃي ٿو. ڪٿي بلاتڪار هاهاڪار، ڪن سان
چار، ڪن کي طلاق ڪيڏي نہ ناري جاتيءَ سان مذاق! شاديءَ جي پوتر
نڌ کي گڏي گڏيءَ جو کيل سمجهيو وڃي ٿو. طلاق جا تہ هزارين ڪيس
رٽن ۾ آهن! ڪيترا گهر نرڪ بڻجي پيا آهن. جنهن گهر ۾ شانتي آهي
گهر سرڳ سمان آهي. ناري هر روپ ۾ ڏئي چاٽي. پتورتا ناري
رانتيڪاري بڻجي سماج جو نوَنرماڻ ڪري سگهي ٿي. ماتا مدالسا،
ويا، ستي ساوتري اڄ بہ اتهاس ۾ امر آهن. جهانسيءَ جي راڻي لڪشمي
ي ڪيئن نہ دشمن جي نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو. آزاد ڀارت ۾ ناري جاتي چڙواڳ
جي راهہ تي نہ هلي پنهنجو ڪرتويہ پالين. گهرن ۾ غم ڪائي وڏڙن جي
ا ڪندي سندن آگيا جو پالن ڪن. پنهنجي نوُهرن کي پنهنجي ڌيءَ جهڙو
ڏين. نوهر بہ کين پوري پوري عزت ڏين. شيوا ڪن تہ اسانجا گهر سرڳ
جي پوندا.

ناري نندا مت ڪرو ناري گڻ کي کاڻ
ناري سي پيدا ٿيئي دروُ پرهلاد سمان

ڀينرن کي وينتي آهي تہ هوُ گرهست جون جوابداريون نباهيندي
ري پرپوءَ کي نہ وسارين ڪم ڪار ڪندي نام اُچاريندي يون رهن ۽
منجي ٻارن کي ٽي.وي. حوالي نہ ڪري منجهن شڀ سنسڪارن جو
چار ڪن. ٻار آئيندهہ جا اَبا آهن، املهہ خزانو آهن. اُنهن جي چڱيءَ
ت پرگهور لهڻ گهرجي. مان جيڪي ڪجهہ آهيان اُن جو شريہ
منجي پوجيہ ماتا پتا، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پياري
ا جشن واسواڻيءَ، سوامي ليلا شاهہ مهاراجن کي آهي. اوهان ڀاڳيشالي
يو جو سنت سائين يڌشٽرلعل صاحب اوهان جي وقت بہ وقت پرگهور
ي ٿو، آسيس ڪري اوهان جي سونهپ ڪري ٿو. مان سائين يڌشٽر لعل
حب ۽ درگ سنڌي پئنچائت جو ٿورائتو آهيان، جن مونکي اوهان سان
خاطب ٿيڻ جو وجهہ ڏنو آهي.

چيتملاڻيءَ جو سواڳت ڪيو ويو. شري چيتملاڻيءَ اَدبي سرهاڻ جو مهورت ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر ديال آشا سنڌي ساهتيہ سرجن ۾ پاڻ موکيو آهي. کيس ڪيترائي انعام عطا ٿيا آهن. هن ڪتاب ۾ سندس ڪيترائي معياري مضمون آهن، مقالا آهن. ڊاڪٽر ديال آشا پاڻ فلاسافر آهي، ڌارمڪ ويچارڌارا وارو نشڪام خلق جو خذمتگار آهي. اوهان اڄ مونکي ڪيڏو نہ سنيهہ سنمان ڏنو آهي مان سنڌي جاتيءَ جو خادم آهيان. ڪڏهن بہ سنڌي جاتيءَ جو سڏ ٿيندو مان هڪيو حاضر آهيان.

هن موقعي تي شري هرداس ماکيجا، شري سيتلداس هرچنداڻي، شري رام جواهراڻي، شري نندلعل راجپال ۽ ٻين مونکي ڪتاب جي مهورت لاءِ شڀ منگل ڪامنائون ڏنيون. اُتسوَ جي ڪاروائي ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻيءَ هلائي ۽ ڊاڪٽر شيلا آهوجا شڪرادائي جي رسم ادا ڪئي.

منهنجي منٽري سنگيتڪار مهيش چندر سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ منهنجي شاعري تصنيف 'عنچو' جو مهورت ڪندي منهنجو هڪ گيت ۽ ماسٽر چندر جا گيت ڳائيندي شروتائن کي متاثر ڪيو. سوامي ديو پرڪاش مهاراج آشيرواد وچن چيا.

۱۲ مارچ سنہ ۲۰۱۲ رائپور ۾ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي انعامي اُتسوَ ۾ منهنجي سنڌي ساهتيڪ يوگدان لاءِ مونکي هڪ لک روپيا انعام عطا ڪري سنمانت ڪيو. ڇتيسگڙهہ جي سانسڪرتڪ منتري ۽ سنت يڌشٽرلعل شداڻي دربار وارن هٿان مونکي انعام ڏياريو ويو. مان ان موقعي تي سنت يڌشٽرلعل، پريشد جي وائيس چيرمن شري رميش ورلياڻي، ڀاءُ نرمل گوپلاڻيءَ جا آڀار مڃيندي چيو تہ ماترڀاشا سنڌيءَ کي نہ وساريو. ٻولي جيئندي تہ قوم بہ جيئندي.

درگ سنڌي جنرل پنچائت ۲۰ جون ۲۰۱۴ع شام جو سنتو ڀون درگ ۾ سنتو نارِي ستڪار سميلن آيوجت ڪيو. شداڻي دربار جي گادي نشين سنت يڌشٽرلعل صاحب مونکي خاص ان سميلن لاءِ رائپور گهرايو. هي سنت سونهارو منهنجو ڏاڍو قدردان آهي. هي پيارو مونکي پاڻ سان گڏ درگ وٺي هليو. مان ان سميلن ۾ مکيہ مهمان طور شرڪت ڪئي. سائين سنت

. انهن مهان وپوتين جي مون تي عنايت آهي. سندن تصور ڪندي مون
گيت لکيو آهي.

متا ماڻهو ملڻ مشڪل، متي جن جي زبان دل آ،
سدائين مشڪ آ منهن تي تڙن ٿا جيئن ڪنول گل آ.
متا ماڻهو متا ماڻهو سراپا سون سي آهن،
رهن پل دور ڪيڏو سي مگر دل ڪان پري ناهن. متا ماڻهو ......
اکين ۾ نوُر نوراني، سندن چمڪي ٿي پيشاني،
ڪندي ديدار نه دل ڍاپي، سندن صورت آ لاثاني. متا ماڻهو ......
متا ماڻهو نرم نرمل ڪندي تصور هنجون هاريان،
نه نيڻن ۾ آنند مونکي، مان رڳ رڳ ٿو ۾ سي ساريان. متا ماڻهو ......
متا ماڻهو وڻن سڀ کي، ڪرن موتي سدا منهن مان،
متا مصريءَ ڪان وڌ آهن، وڃا قربان مان تن تان. متا ماڻهو ......
ملڻ لاءِ منتظر آهيان، سندن ديدار ٿو چاهيان،
جدائيءَ ۾ سندن ”آشا“ ورهه جا گيت ٿو ڳايان. متا ماڻهو ......

ياءُ رتن موتواڻيءَ منهنجي ڀڳتي ڪاويه سنگرهه ”ڪاويه چنتن
، جو منتن“ ديوناگري سنڌيءَ ۾ وڏي سنسڪرڻ جو پرڪاشن ڪيو.
نهنجو مهورت ٦ اپريل سومر سنڌيا جو سوامي ديو پرڪاش مهاراجن
وامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ٥ ۾ ڪيو. هن موقعي تي
ڃن سنڌيا جو به آيوجن ڪيو ويو، جنهن ۾ پرسڌ گايڪ گهنشيام واسواڻي
ندس پتني ميناڪشي واسواڻي، گلشن ڪيماڻي، سمن ڪيملاڻي، چمپا ايسراڻي،
ري ڪمليش منهنجا ڀڳتي گيت ڳائي شروتائن کي منتر مگڌ ڪيو. ان
وقعي تي ياءُ نندلعل راجپال جي پستڪ ’اظهار‘ جو پڻ سوامي ديو پرڪاش
هاراجن مهورت ڪندي ليکڪ کي ڌنيواد ڏني. هي پستڪ ڊاڪٽر ششي
اجپال پرڪاشت ڪيو. اُلهاسنگر جي ماضي ميئر ڀيڻ آشا جيون عيدناڻيءَ
ون لاءِ شڀ اڇائن جو اظهار ڪيو. ڀيڻ ڊاڪٽر ششي راجپال جي فرمائش
ي مان ’متا ماڻهو‘ راڳ ڳايو. اِها يادگار سنڌيا وسارڻ جي ڪين آهي. سوامي
يو پرڪاش مهاراجن آسيس ڪندي چيو ته پيارو ديال آشا اسانجي ستگرو
وامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو اننيه شرڌالو ٻالڪ آهي اُنهن جي

آرڪالاجيءَ جي خيال کان آڪاشوائيءَ طرفان ڪن خاص شخصيتن جا ٽي ڪلاڪ انٽرويو ورتا ويندا آهن. آڪاشوائيءَ ممبئيءَ طرفان سنڌي پروگرام پروڊيوسر پيڻ بينا رائسنگهاڻي منهنجو بہ اِن قسم جو انٽرويو وٺڻ جو پروگرام رکيو.

ٽي ڪلاڪ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ منهنجو انٽرويو ورتو. جنهن ۾ هن صاحب منهنجي زندگيءَ، ساهتيڪ ۽ سماجڪ سانسڪرتڪ ۽ تعليمي کيتر ۾ ڪيل ڪارين وابستہ سوال پڇيائين. ان ريڊيو ملاقات ۾ مان مختصر پنهنجي آتم ڪهاڻي ٻڌائيندي تلخ آزمودا بہ ٻڌايا تہ مان زندگيءَ جي شاهہ راهہ تي هلندي ڪيئن نہ حسد ايرکا جي دؤر مان لنگهيو آهيان. زندگيءَ جي سفر ۾ لاهيون چاڙهيون آهن، راهہ ستي سنئين ڪين آهي. مونکي ڪن پيارن جدا جدا نموني ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هاجي رسائڻ جون رٿيون رِٿيون مگر سندن ميلن مرادون برثواب ڪين ٿيون. مان اُنهن سان بہ ڀلائيءَ جا پير ڀريندو رهيس. ڏٽيءَ جي رحمت، سرسوتيءَ ماتا جي ڪرپا ڪامل ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، پياري دادا جشن واسوانيءَ ۽ ٻين سنتن ستپرشن جي آسيس، بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي، پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي صاحب، پرنسيپال ايل. ايچ. اجواڻي، سيشن جج شري موتيلعل ٻتاڻي، قابل قاعديدان شري ناري گرسهاڻي، گوبندرام ايل ياڻيا ۽ ٻين شيِ چنتڪن جي شيِ ڪامنائن ۽ همت افزائيءَ سان مان اڳتي وڌندو رهيس. درويشن جون دعائون مونکي اڏينديون رهيون. مخالفت هوندي، ڪشمڪش ڪندي ساهتيڪ سماجڪ تعليمي کيتر ۾ سڦلتا ملي. جن دين دکين، اناٿن اپاهجن جي خزمت ڪندو آهيان اُنهن جون دعائون بہ مونکي اڏينديون رهيون. خلق جي خزمت ڪرڻ ۽ جيو ديا جو پرچار ڪرڻ ۾ مونکي آنند جو انڀوَ ٿيندو آهي. ٻين کي سکي ڪرڻ ۾ سک محسوس ڪندو آهيان.

مان ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي صاحب کي سوالن جا تز جواب ڏيندي پنهنجي گرديو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسوانيءَ جي عنايت جو ذڪر ڪندي چيو تہ ههڙا مٺا ماڻهو ملڻ مشڪل

هرسال حاضري پرڻي پوندي آ!

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آگيا ۽ پريرڻا سان
ريل ٽينهن سالن کان سوامي ليلا شاهہ ٽرسٽ پائونگر ۽ جنتا جناردن پريشد
فان ساموهڪ شادين جو آيوجن ٿيندو آهي. ان ساموهڪ وواهن جي
رجن ۾ مونکي شرڪت ڪرڻي پوندي آهي. هڪ دفعي ساڳي ڏينهن
ٽيانا ۾ بہ ساموهڪ شاديون هيون تہ پائونگر ۾ بہ ساموهڪ وواهہ هئا.
ٽيانا ۾ صبوح ساموهڪ وواهن ۾ جوڙن کي ستگرو مهاراجن طرفان دشالا
ي کين سندر سکيائون ڏئي منجهند جو اُتان ڪار ۾ روانو ٿي وڃي
ونگر ۾ شادين جي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيس. مون سان گڏ منهنجا ساٿي پيارو
وفيسر گوپ روپچنداڻي، پيارو امرلعل ڦيرواڻي، پيارو ڍولٽداس واڌوا
ساڻ هئا. مکي اوبرمل ياءُ جوين پترا، شري هيرالعل ياءُ گهنشيام منگهناڻي
اگت ڪيو. مان ماتا ڏيئوما کي پرڻام ڪري جوڙن کي اپيل ڪندو آهيان
اوهان جي نئين جيون شروع ٿئي ٿي انڪري نوان ٿيو. مانس آهار ۽
راب ۽ گٽڪي جو تياڳ ڪريو ۽ وڏڙن جي شيوا ڪري سندن آگيا جو
ن ڪري آسيس ڪٽو.

ان موقعي تي ڪنهن زماني ۾ منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش
هاراج بہ هلي جوڙن کي آسيس ڪندا هئا. هاڻ سوامي ديو پرڪاش مهاراج ساموهڪ
ادين ۾ جوڙن کي آسيس ڪندا آهن. اسين پياري گهنشيام منگهاڻي ۽ پريم منگهاڻي
ي گهر ۾ رهندا آهيون. سندن ماتا ڪرشنا ۽ سارو پريوار ڪيئي نہ قرب سان اسانجي
گهور لهندا آهن. مون سان گڏ هاڻي ياءُ همتسنگهہ آڏاوڻي، چندرلعل مورياڻي، هريرام

ڪرپا سان ئي هن جدا جدا کيترن ۾ ترقي ڪئي آهي. پرماتما کيس سٺي صحت بخشي جو ساهتيہ ۽ شيوا جي کيتر ۾ پاڻ موکيندو رهي. هن موقعي تي سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ڀيڻ شوڀا رام لعلچنداڻي، شري نندلعل راجپال سندس پتني ڊاڪٽر ششي راجپال ۽ شري سرياچند صابلاڻي ۽ گايڪ ڪلاڪارن کي شالون پائيندي آسيس ڪئي. ڀاءُ گهنشيام و اسواڻيءَ کي خاص متڪ پهرائي سنمانت ڪيو.

٢٩ جولاءِ ٢٠١٥ع سنڌيا جي ستسنگ ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن منهنجي وي.سي.ڊي. 'ستگرن جي چرڻن' جو مهورت ڪندي آشيرواد وچن چيا. سنگيتڪار مهيشچندر منهنجي شاعري تصنيف 'تصوُر' جو مهورت ڪندي سنڌي سنگيت جو رس وڻايو. سمن کيملاڻي منهنجو غزل ڳايو. پياري نندلعل راجپال ۽ ڊاڪٽر ششي راجپال تصوُر جو پرڪاشن ڪيو.

اُتر ڀارتيہ جنتا پريشد طرفان ڀارتيہ سنسڪار آشرم اُلهاسنگر ٣ ۾ سنيهہ سميلن آيوجت ڪيو ويو. مکيہ مهمان مهاراشر جو ماضي منتري شري جڳناٿ پاٽل ۽ شري آر.ڊي. يادو هئا. هن موقعي تي مونکي ڪوي ڪاليداس سنمان سان سنمانت ڪيو ويو. شري چندرڪانت منهنجي سماجڪ ۽ ساهتيڪ شيوائن جو ورڻن ڪيو شري جڳناٿ پاٽل هٿان مونکي شيلڊ، شري ڦل ۽ دشالو ڀيٽ ڪيو ويو. اُن موقعي تي مان آيوجڪن جو آڀار مڃيندي چيو تہ مان جيڪي ڪاجهہ ڪيو آهي اُهو سوانتايہ سکايہ ڪيو آهي. شيوا ڪرڻ ۾ ئي سچو آنند آهي. جيڪڏهن اسين سکي ٿيڻ چاهيون ٿا تہ ٻين کي سکي ڪريون.

☺☺☺

ساموهڪ شادين جي سنبنڌ ۾ ويراول وڃبو هو تہ اُتي پيارو رام لوڪواڻي سميلن يا اُتسوَ جو آيوجن ڪندو هو. هن پياري ويراول جي سنڌي اسڪول تي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو نالو رکيو. رتي اُتسوَ ۾ مان ستگرو مهاراجن جي ڪيل سماجڪ شيوائن جو ذڪر و. ويراول ۾ پيارو ارجنداس گهنشيامداس ۽ سندس پائر ڏاڍي مهمان نوازي ندا هئا.

دادا نيوندرام لوڪواڻيءَ جي پرلوڪ پڌارجڻ بعد سلموهڪ شادين جو آيوجن ڪوٽ ۾ پيارو برجلعل سوناوٽي ۽ سندس ساٿي ڪندا رهندا آهن. ڪوشش ڪري بہ ساموهڪ شادين ۾ سائين جن سان گڏ وڃي حاضري ڀريندو آهيان. سوامي پرڪاش مهاراج سدائين اهڙن اُتسوَن ۾ جوڙن کي آسيس ڪندا آهن ۽ امرت نن جي ورڪا ڪري سونهپ ڪندا آهن. ساموهڪ شادين ۾ جنتا جناردن پريشد فان سهيوگ ڏنو ويندو آهي ۽ ساڻ ساڻ سفيد پوش ڀينرن جي شيوا پڻ ڪئي ني آهي.

پيارو دادا ليلارام پرسواڻي منهنجو ڏاڍو قدردان هو. مونکي بہ نشڪام نشٺاوان بزرگ ڀاءُ لاءِ سنمان جي ڀاونا رهي آهي. هن صاحب ودا ۾ پنهنجي ستگرن سوامي پريمداس مهاراجن جي پاون سمرتيءَ ۾ امي پريمداس ڀدا آشرم برپا ڪرڻ لاءِ پومي پوڄا اُتسوَ آيوجت ڪيو. هن هن صاحب ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي بنيادي پٿر ڻ جي وينتي ڪئي ۽ داس کي بہ خاص نمنترڻ ڏنو. اِهو اُتسوَ سوامي يمداس مهاراجن جي جنمدن اُتسوَ جي موقعي تي ٢٨ اپريل آيوجت ڪيو و. مان پنهنجي ستگرن سان گڏ اِن اُتسوَ ۾ شرڪت ڪئي. ستگرو سوامي نتي پرڪاش مهاراجن ڀدا آشرم جو بنيادي پٿر وجهندي امرت وچنن ي ورڪا ڪندي دادا ليلارام کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ هي پيارو بڙودا ۾ رپت ڀاوَ سان پنهنجي ستگرو سوامي پريمداس مهاراجن جي يادگيري م رکي ويٺو آهي. هن موقعي تي مان وياکيان ڪندي چيو تہ اڄ مريادا ڪلائي ويئي آهي اُنڪري ڪيترا ڀدا ڀيڙيون هن آشرم ۾ فرحت واري دگي گذاري سگهندا. سوامي واسديو مهاراجن آشيرواد وچن چيا. اُن ڏينهن ام جو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ٿلها دربار ۾ ستسنگ ڪندي سوامي پريمداس مهاراجن کي پشپانجلي ڏني ۽ داس بہ ستسنگ

موهناڻي ڪنڌن ڪنڌن پاونداس پمناڻي ٻہ هن آيوجن ۾ شرڪت ڪندا آهن. پائونگر ۾ سامومڪ شادين ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويندا آهيون. پر ساڻ ساڻ اُتي رسالا ڪئمپ ۽ سنت شيوارام آشرم سنتونگر ۾ گهرجائو پينرن پائرن جي جنتا جناردن پريشد طرفان شيوا ڪندا آهيون. پائونگر ۾ مانا ڏيئوما جي آستان تي وڃي ماتا کان آسيس ٻہ وٺندا آهيون. پريم پرڪاش مندر ۾ ٻہ نت مستڪ ٽي سوامي ديو پرڪاش مهاراجن سان گڏجي ستگرن جو سنديش سٽائيندو آهيان.

بزرگ پاءُ نيوندرام لوڪواڻيءَ ڪي وساري نٿو سگهان. هي صاحب اکل سوراشٽر سنڌي پئنچايت طرفان هرسال سومناٿ پرڀاس پاٽڻ ۾ سامومڪ شادين جو آيوجن ڪندو هو. منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڪيترا سال اُتي هلي جوڙن کي آسيس ڪندا هئا ۽ پنهنجي اُپديش دوران مارگدرشن ڪندا هئا. جنتا جناردن پريشد ان آيوجن ۾ آرٿڪ سهيوگ ڏيندو هو. منهنجا ساٿي پيارو پروفيسر گوپ روپچنداڻي، پيارو همٿسنگهہ آڏواڻي، نارايڻ ڪيولراماڻي، چندرلعل مورپاڻي، امرلعل ڦيرواڻي، ڀولٽداس دوارڪاداس ساڻ هوندا هئا. اُتي شري سومناٿ مندر ۾ ڀڳوان شري شنڪر جو درشن ڪري من پرسن ٿيندو هو. مندر جي لڳ سمنڊ جي لهرن جو لقاءُ ڏسي لطف ايندو هو. دادا نيوندرام لوڪواڻيءَ وقت ٻہ وقت جيڪا مونکي عزت ڏني اُن کي مان وساري نٿو سگهان.

دادا نيوندرام لوڪواڻي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي عرض ڪيو تہ سنڌي ٻارن جي سهوليت لاءِ پرڀاس پاٽڻ ۾ پرائمري اسڪول لاءِ ڪي ڪمرا ٺهرائي ڏيو. ستگرو مهاراجن جي آسيس ۽ سهيوگ سان ڪم راس ٿيو. پياري نيوندرام لوڪواڻي ستگرو مهاراجن کي عرض ڪيو تہ اچي مهورت ڪيو ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن داس کي آگيا ڪئي تہ اسين وديش پاترا لاءِ وڃي رهيا آهيون. اسان پاران تون هوائي جهاز ذريعي ڪيشود وڃي اُن اسڪول جو مهورت ڪري اچ. ستگرن جي آگيا انوسار مان ممبئيءَ کان ڪيشود هوائي جهاز ذريعي پهتس اُتي پيارو دادا نيوندرام لوڪواڻي وٺڻ آيو ۽ مان پرڀاس پاٽڻ وڃي ان اسڪول جو مهورت ڪيو.

ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان ملهايو ويندو آهي. پريم پرڪاش منڊل جا
ودهہ گادي نشين سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج بہ سنيهہ جي صورت
هزارن لوڪن کي پنهنجي پريم جي ڏور ۾ ٻڌي ڇڏيو اٿائون. ان
ڪ اُتسوَ چيٽ جي ميلي ۾ ديش وديش مان هزارين پريمي شرڪت
دا آهن. مان بہ هرسال ان اُتسوَ ۾ شرڪت ڪندو آهيان. چار ئي ڏينهن
ح شام سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج ۽ ٻين سنتن ستپرشن جا پروچن
پرسن ٿيندو آهيان. ان اُتسوَ ۾ مونکي بہ اڌ منو ڪلاڪ ستسنگ ڪرڻ
موقعو ملندو آهي. مان ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام
اجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن،
رو سوامي هرداسرام مهاراجن جي مهما ڳائيندي پروچن ڪندي نام سمرڻ پريم
غيره وشين تي ويچار ظاهر ڪندو آهيان. پوجيہ سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج
ي ۾ مشغول هوندي داس جي ديک ڀال ڪندا آهن. منهنجي ڪمري ۾ پڌارجي
احوال وٺي آسيس ڪندا آهن. هوُ ميلي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ منهنجو خاص
ل ڪندا آهن. عمر ۽ صحت جي لحاظ کان هو منهنجي لاءِ هوائي جهاز دوارا ان
ڻ جو بندوبست ڪندا آهن. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن وانگر داس
خيال ڪندا آهن. اهڙا قدردان بہ ورلي ملندا آهن.

گنريل ٢٥ سالن کان هرسال ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو
مدن اُتسو ملهائڻ لاءِ سنت هردارام نگر ڀوپال ويندو آهيان. اُتي ستگرو مهاراج پريم
ي پوک پوکي آيا آهن. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ بہ ڏينهن ستسنگ
ندي ستگرن جي مهما ڳائيندو آهيان ۽ جنتا جناردن پريشد طرفان گهرجائو ڀينرن
ي شيوا بہ ڪئي ويندي آهي. اُتي ڀيڻ وديا سريچنداڻي اينٺو تہ پيار ڏيندي آهي
وسارڻ جو نہ آهي. پيارو ڀاءُ نارايڻ ساتواڻي بہ سنيهہ سنمان ڏيندو آهي. مان ان
قعي تي سائين هردارام صاحب جي آستان تي بہ وڃي نتمستڪ ٿيندو آهيان.

پياري دادا ساتو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو جنمدن ٢٥ نومبر ملهايو ويندو آهي
سندن پٽيہ تٿي ١٦، ١٧ جنوري ملهائي ويندي آهي. ائين تہ پياري دادا جشن
سواڻيءَ جو درشن ڪرڻ ۽ سندن امرت وچن شروڻ ڪرڻ لاءِ وقت بہ وقت ميران
ميءَ ۾ ويندو آهيان. پر مذڪور موقعي تي پوجيہ دادا شاهہ جي در تي ضروري

پروچن ڪيو.

اٽڪل گذريل ٽيهن سالن کان مان ٢٧ - ٢٨ - ٢٩ اپريل سوامي پريمداس مهاراجن جي جنمدن اُتسوَ ۾ هرسال شرڪت ڪندو آهيان. سوامي واسديو مهاراج ۽ سندن سپتر سنت دنيش لعل ۽ پيارو سندرلعل مونکي ڪافي سنيهہ ۽ سنمان ڏيندا آهن. اُنهن جي قرب پري ڪوٺ سبب هرسال اُتي وڃي حاضري ڀري ايندو آهيان. ٽي ڏينهن اُتي مان ستسنگ پروچن ڪندي سوامي پريمداس مهاراجن جي مهما ڳائيندو آهيان. ڪيترا سال مون سان گڏ پيارو پروفيسر گ وپ روپاچنداڻي ستسنگ ۾ مٺا گيت ڳائيندو هو. هاڻي ڪڏهن نياڻي سمن ڪيملاڻي بہ ڳائڻ ۾ ساٿ ڏيندي آهي. هرسال سوامي پريمداس ٽلهي دربار تي مذڪور اُتسوَ ۾ شرڪت ڪرڻي پوندي آهي. ٢٨ اپريل هرسال اُتي سفيد پوش جي شيوا ۾ بہ يوگدان ڏيندو آهيان. سالن کان پياري دادا ليلارام پرسواڻيءَ جي سپتر بسنت پرسواڻيءَ جي گهر ۾ رهندو آهيان. پريوار جا سڀ ڀاتي کهڙي نہ شرڌا سان شيوا ڪندا آهن. دادا ليلارام پرسواڻيءَ جو پيو سپتر منوهرلعل پرسواڻي سوامي پريمداس جلارام هاسپيٽل ۾ پيا شيوا اجا ڪاريہ ڪري رهيو آهي. اُن جي قرب پري ڪوٺ تي بہ اسپتال ۾ وڃي هون يگيہ ۾ آهوتي وجهبي آهي. اُتي پيارو سنت ڪمار پرسواڻي ۽ سندن سپتر بہ داس جي شيوا ۾ سڪريہ هوندا آهن. مان ائين سمجهندو آهيان ڄڻ مان پنهنجي گهر ۾ رهيو پيو آهيان. بڙودا ۾ پيڻ ميران جي مندر. سنت اوتوداس برهمچاري جي گيتا گيان مندر ۽ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ بہ وڃي نت مستڪ ٽيڪيندو آهيان.

بڙودا ۾ الله لوڪ بابا پرسرام رهندا هئا. جڏهن جڏهن بڙودا ويندو هوس تہ بابا پرسرام صاحب جو ضرور درشن ڪندو هوس سندن آسيس وٺندو هوس. هوُ مونکي ڪلام ڳائڻ جي آگيا ڪندا هئا تہ هڪدم مان گيت گنگنائيندو هوس. بابا پرسرام بہ داس کي ڀائيندا هئا. چاهيندا هئا پنهنجي مهر نظر سان نهال ڪندا هئا. سندن برهملين ٿيڻ کان پوءِ بہ مان سندن آستان غريب جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي حاضري ڀري آسيس وٺندو آهيان.

جئپور ۾ امراپور آستان هڪ تيرٿ آستان آهي. جتي ستگرو سوامي سروانند مهاراج ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائيندي پاٺ پڳتي ساڌنا ڪئي. اُتي هرسال اپريل ۾ پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ

ٽ ليٽر لکڻ جي ضرورت ڪين آهي. پياري دادا جشن جو اهڙو
جائپ ۽ پيار وارو ورتاءُ ڏسي منهنجي دل پرجي آئي. قربدار ڪيڏو
ب ڪن ٿا. مان هاڻي پونا ويندو آهيان تہ گهٽو ڪري ساڌو واسواڻي
ي آشرم ۾ رهندو آهيان. ڀيڻ شيلا، ڀيڻ سجاتا، ڀيڻ مينو آئيندااساڻي،
، مهيش آئيندااساڻي منهنجي پرگهور لهندا آهن. ان آشرم ۾ سانتيڪو
، واتاورڻ هوندو آهي.

شري هنومان جا اننيہ ڀڳت دادا لعلچند ماڪيجا مونکي ڏاڍو پائيندا
پنهنجي آسيس سان اڏيندا هئا. مان هرسال سندن ستگرو سوامي
داس مهاراجن جي ورسي اُتسوَ، گرو پورنما اُتسوَ ۾ شرڪت ڪري
نگ ڪندي سندن مهما جا گيت ڳائيندو آهيان. ان در تي بہ هر اُتسوَ ۾
ري ڀريندو آهيان.

شاهپور ٿلهي جي سنتن سائين هرچورام صاحب. سائين جيوڻ
ٽ جي ورسين جي موقعي تي پياري سنت روپارام صاحب جي قرب
ڪوٽ تي وڃي حاضري ڀريندو آهيان. مذڪور سنتن جي مهما ڳائيندي
ڏانجلي ارپت ڪندو آهيان.

هرسال پيارو گهنشيامداس چانبواڻي، جڳديش چانبواڻي پريوار
نجي ستگرو سوامي گنگانات پوجيہ پتا لوڪومل چانبواڻيءَ جي ورسي
يوَلي ممبئي ۾، شرڌا سان ملهائيندا آهن. سندن قرب ڀري ڪوٽ تي هر
اُن اُتسوَ ۾ شرڪت ڪندو آهيان. مان شروع ۾ ڀرين پنهنجي ستگرو
امي شانتي پرڪاش مهاراجن سان گڏ اِن اُتسوَ ۾ ويندو هوس. ڀرين مان
ن جي مهما ڳائيندو هوس پوءِ ستگرو مهاراج امرت وچنن جي ورکا ڪندا
تن ڏينهن ۾ شري لوڪومل چانبواڻي حيات هئا. هاڻي ڀرين سوامي
پرڪاش مهاراج ستسنگ ڪندا آهن ۽ اُن بعد مان پنهنجي ساٿين
فيسر گوپ روپچنداڻي، ڀيڻ سمن ڪيملاڻيءَ سان گڏجي ستسنگ ڪندو
س. هاڻي بہ ان پريوار جو پيار قائم آهي. ستسنگ ڪرڻ وقت منهنجو
و ياءُ گهنشيامداس چانبواڻي جنتا جناردن پريشد طرفان هلندڙ ٻيڙا آشرم ۾ ٻين
را ڪارين لاءِ جهول ڦهلائيندو آهي. صحت ناساز هوندي بہ ان اُتسوَ ۾ حاضري

حاضري پربي آهي. پياري دادا گنگارام ساجنداس جي ايامڪاريءَ ۾ ته پياري دادا واسواڻيءَ جي جنمدن موقعي تي مان ڪين پنج منٽ گيت يا وياکيان دوران پشپانجلي ڏيندو هوس ۽ سندن ورسيءَ جي موقعي تي به شرڌانجلي ارپت ڪندو هوس. پيارو دادا گنگارام ساجنداس ايڏو ته مهربان هو جو اڳ واٽ لکي موڪليندو هو ته توکي پنج منٽ پشپانجلي ڏيڻي آهي. اُتي ڪڏهن دادل شاهه جي مهما جا گيت ڳائيندو هوس ته ڪڏهن سندن گڻن جو ورڻن ڪندو هوس. پياري دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ مون تي ديا درشٽي ڪري پيار ڏنو. اهڙي اعليٰ درويشن جي در تي حاضري پرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهيان.

٢ آگسٽ منهنجي روحاڻي راڻي انترراشٽريه سنت پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جنمدن موقعي تي وڃي حاضري پري پياري دادا جي آسيس وٺندو آهيان. مذڪور موقعن تي ڪين هڪ لسٽ ڏيندو آهيان جنهن ۾ سوَن وديارٿين ۽ پريمين جا نالا هوندا آهن جن کي نماڻي وينتي ڪري، جدا جدا اسڪولن ۾ وڃي وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي آجيون ويشنو ٽي رهڻ جي پرتگيا ڪرائيندو آهيان. داس جي اِها نماڻي سوغات منهنجي محبوب دادا جشن واسواڻيءَ کي ڏاڍي پسند پوندي آهي ۽ هوُ سدائين جيوَ ديا جي ڪاريه لاءِ منهنجي همٿ افزائي ڪندا آهن.

هڪ دفعي رات جي ستسنگ بعد مون پياري دادا جشن کان آسيس وٺي موڪلايو ته پڇيائون هاڻي ڪيڏانهن ويندين؟ مان ڪين چيو ته هاڻي سوامي چندن پرڪاش سوامي ٽيئونرام مندر اگروال ڪالوني ۾ وڃي وشرام ڪندس ۽ صبوح جو سويل اُلهاسنگر واپسويندس. پياري دادا پاڻ مان چيو پيارا ديال! هي به تنهنجو گهر آهي تون ڇو نه ساڌو واسواڻي ياتري آشرم ۾ رهندو آهين. مان ڪين چيو ته هن آشرم ۾ رهڻ لاءِ اڳواٽ لکڻ جو نيم آهي. مان اوچتو ڪنهن مهل به اوهانجي درشن لاءِ اچان ٿو. بروقت ئي پياري دادا جشن آتو ريلواڻيءَ کي گهرائي چيو ته پيارو ديال جنهن مهل به هتي اچي ته کيس ساڌو واسواڻي ياتري آشرم ۾ رهائيندا ڪريو. سندس پرگهور لهندا ڪريو. هي به سندس ئي گهر آهي. هن لاءِ ڪابه

گيت ڳائيندي اپيل ڪندو آهيان جهول ڀرجي ويندي آهي. مان ڪٿي ـہ پائيندو آهيان تہ گهڻو ڪري اُهي پلئہ جا پئسا پرڀاهرو گئوشالا ڪلي ڇڏيندو آهيان. پلئہ جا پئسا ڏاڍا ڳؤرا ٿيندا آهن. انڪري گئوماتا ٽيوا ۾ خرچڻ گهرجن.

ڪارتڪ جي گيارس ڏينهن صبح جو سوامي ٽيئونرام پريم ڪاش آشرم مان شاهي شوڀا ياترا رام نام جون ڌنيون لڳائيندي اڳ ستگرو ي شانتي پرڪاش مهاراجن جي نيترتِوَ ۾ ۽ هاڻي سوامي ديو پرڪاش جن جي نيترتِوَ ۾ نڪرندي آهي. هزارين شرڌالو شرڪت ڪندا آهن. وڀا ياترا ۾ ڀيا سنت بہ شريڪ ٿيندا آهن. اِها شوڀا ياترا سرڳڌام شمشان ۽ ۾ سماپت ٿيندي آهي. اُن بعد آيل سنت ۽ ڪي شرڌالو ويچار ظاهر ا آهن. مان ان اُتسوَ جو بہ سنچالن ڪندي وئراڳي ڀڄن ڳائيندو آهيان.

هٿين خالي آئين هٿين خالي ويندين،
سُئي پي تون هڪڙي هتان ڪين نيندين!
١) دکي پياسي پيارا دعائون تہ ڏيندءِ،
ڀريل ڪوهہ مان جي تون ڀين ڪي ڀريندين!
٢) پريوءَ جي امانت ورهائج ولهن ۾،
ڪندين جي خيانت دکي ڏاڍو ٿيندين!
٣) رکي موهہ جن لئہ تون مايا آ ميڙي،
ڏيندءِ ڏنڀ سي ئي ڪجهہ نا وٿيندين!
٤) جپج نام مک سان ۽ ڪج دان هٿ سان،
سکي ٿيندين ”آشا“، جي سک ڀين ڪي ڏيندين!

مذڪور وئراڳي گيت ڪان پوءِ مان شمشان يوميءَ جي سهايتا لاءِ هن دادا دکايل جو گيت ’ڪجهہ ڏيو‘ يا پنهنجو گيت ’دان ڪريو‘ ڳائيندو ي تہ جهولي ڀرجي ويندي آهي.

☺☺☺

پرٽي پوندي آهي.

انڪل ٽيهہ سال اڳ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن داس کي آگيا ڪئي تہ گوپ اشٽمي ڏينهن ۽ ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن تون پنهنجو هئي ڪنهن هنڌ پروگرام نہ رکندو ڪر. شام جو شري راڌي شيام گئوشالا ۾ اُتسوَ جو سنچالن ڪندو ڪر ۽ ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو سربُدام شمشان ڀوميءَ ۾ ڪاريہ ڪرم جو سنچالن ڪندو ڪر ۽ رات جو آشرم ۾ جاڳرتي ستسنگ ۾ ڳائيندو ڪر. سندن آگيا اکين تي رکي هرسال گوپ اشٽميءَ شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ اُتسوَ جو سنچالن ڪندي گانءِ ماتا جي مهما جو گيت ڳائيندو آهيان.

گانءِ اسانجي آهي ماتا،
رشين منين گڻ جنهن جا ڳاتا.
١) کير گانءِ جو امرت آهي،
چريي هرگز ڪين وڌائي.
٢) گانءِ جو ڇيٽو آ قلدائي،
گئونٽ گانءِ جو آ سکدائي.
٣) گانءِ جو پاڇ جو منهن تي گهمائي،
برو نہ سپنو تنهن کي ستائي.
۴) گانءِ جي آهي نماڻي مورت،
پوتر آهي جنهنجي صورت.
۵) درشن ڪئي دکہ دور ٿين ٿا،
شرڌالن جا پاپ ورن ٿا.
٦) ڪري جو گانين جي ٿو شيوا،
پريو ڏي ٿو تنهن کي ميوا.
٧) گوپال ڪرشن گانيون چاريون،
”آشا“ شيام کي گانيون پياريون.

گانءِ جي مهما ڪرڻ بعد گئوشالا جي آوڪ ۽ خرچ جو ذڪر ڪندي گئوشالا لاءِ سهايتا لاءِ جهولي ڦهلائيندي 'ڪاجهہ ڏيو' دادا هوندراج دکايل جو گيت ڳائيندو آهيان.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج برهمنيشٺي، برهمشروتري، برهمگياني
زارن لوڪن کي نام جو امرت پيئاري تتل دلين کي ٺاريائون. سندن مارگہ درشن
ون. ستگرو مهاراج نہ صرف برهم مهورت جو نام جپيندا هئا، پر سندن چت
رتي چوويهہ ئي ڪلاڪ نام سان جڙيل هوندي هئي. ٽرين ۾ يا ڪار ۾ سفر
ي بہ نام جپيندا هئا، هڪ پل بہ ويرٿ ڪين وڃائيندا هئا. ستگرو مهاراج
جي پروچن ۾ ورو ور چوندا هئا تہ نام جپيو. اسانکي گهرن ۾ گهرائي يوچن کرايو
ايو پر نام سان نينهن لڳايو. اُٿندي ويهندي نام جپيو، دليو بي دليو نام جپيو.
ل سان پيئو يا بي دليو پيئو، توهان کي ضرور فائدو رسائيندي. اشنان ڪبو آهي
ورو پاڻي وهي ويندو آهي، پر تنهن هوندي بہ سرير سيتل ٿيندو آهي، تيئن نام
سان توهانجو تن من سيتل ٿيندو، انڪري خوب نام جپيو.

ستگرو مهاراجن جي من ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو، پکين پسن لاءِ همدردي
. پوجيہ سوامي جن سماجڪ ۽ راشٽريہ ڳالهين ۾ سڪريہ هوندا هئا. سماجڪ
ن کي دور ڪرڻ لاءِ ۽ سماج کي سنگٺت ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا هئا. ڪٿي بہ ڪو
ي ڪوپ ٿيندو هو تہ هڪدم داس کي آگيا ڪندا هئا تہ هڪدم گهڻنا اسٽل تي
ي پيڙتن جي شيوا ڪريو. ستگرو مهاراج پاڻ بہ هلي پيڙتن سان همدريءَ جو اظهار
دا هئا. ڪوئنا ۾ يوڪمپ ٿيو. مون کين وينتي ڪئي تہ اڃان اُتي ترتيءَ جا توڏا
چن، ڪجهہ ڏينهن بعد جيڪر اوڏانهن سهائتا ڪاريہ لاءِ وڃجي. ستگرو
اجن هڪدم چيو، 'پيارا! ٺهل تہ مهل جي وقتائتي شيوا جي اهميت آهي. مدد
هل جي. شيوا ڪرڻ ۾ دير نہ ڪجي.' سندن ڪرپا سان ئي داس جنتا جناردن
ند طرفان خلق خدمت جا ڪاريہ شروع ڪيا. شيوا ڪاريہ ڪرڻ لاءِ ستگرو مهاراج
کي ڏايو همٿائيندا هئا. اڪيلائيءَ ۾ حال احوال پڇندا هئا تہ توکي شيوا ڪارين
ڪا پئسن جي تڪليف تہ ڪين آهي؟

ستگرو مهاراج پنهنجي گنج مان تہ ڏيندا هئا پريمين کي پڻ ڏيڻ جي
رٽا ڪندا هئا. اڄ بہ ادرشٽ روپ ۾ ستگرو مهاراج ڏيندا رهن ٿا.

ستگرو مهاراج نہ صرف منهنجا روحاني رهبر هئا پر وهنوار لاءِ بہ
جي راهہ روشن ڪندا هئا. هوُ منهنجا حال محرم بہ هئا.

جڏهن گهر ۾ ڪو ڪارج ٿيندو هو يا اڏاوت جو ڪم ٿيو تہ داس

سمرتيون ستگرن جون

مان سوڀاڳيشالي آهيان جو وديارٿي جيون ۾ ئي مونکي پرم پوجنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ڪمل چرڻن ۾ ويهڻ جو وجهہ مليو. سندن آسيس جي ورڪا داس تي ٿيندي رهي. مان اڄاڻ، اپوجهہ، اگياني ٻالڪ هوس. ستگرو مهاراجن اهڙي تہ ديا درشٽي ڪئي جو اڄ لوڪن جو ڪيترو نہ سنيهہ سنمان ملي ٿو. مون نالائق سان لائقي ڪري گرو منتر ڏئي راه روشن ڪيئون. سامي صاحب بہ اهڙي پريپورڻ گروءَ جي مهما ڳائيندي چون ٿا :

ستگر پرکہ سڄان رکيو هٿ مٿي تي،
مٿي ويئي من مان سامي ڪناچاتاڻ،
وسيو مينگهہ مهر جو پريا نينهن نياڻ،
اچي بيٺا پاڻ سنمک منهنجي سپرين.

’مونکي ستگروءَ جي کوج ڪرڻي ڪين پيئي،
گرو ابناسي گهر ۾ پايا.‘

ماتا پتا پاپيءَ جي ڌارمڪ سنسڪارن سبب سنتن جو سنگ مليو. مهان ويوتين دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ. سوامي ليلاشاه مهاراجن ۽ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس ۽ پيار بہ مليو. سندن ڪرپا جو پاتر ٿيس. پوجيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي سانڌيہ ۾ رهي ڪافي ڪجهہ پرايو. مان جيڪي آهيان سو سندن ئي شرييہ آهي. ڪوڏين جو ڪين هوس!

مون سان مون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

دکہ نہ ٿئي. گرو مهاراج داس جو ڪيڏو نہ خيال ڪندا هئا! اهڙن
ن جا احسان ڪيئن ڀلائي سگهبا!! مونکي هر شيوا ڪاريہ ڪرڻ لاءِ
يندا هئا. ڪڏهن ’نہ‘ ڪين چوندا هئا. سدائين منهنجي دل وٺندا هئا
رکندا هئا. رات جو آشرم ۾ ۱۰ - ۱۱ ٿيندا هئا تہ پياري گيان ڪي سڏي
ا هئا تہ پياري ديال ڪي گهر ڇڏي اچ. وارشڪ اُتسوَ ۾ وڏو ڀنڊارو
و هو. هزارين پريمي پوڄن ورتائيندا هئا ۽ ستگرو مهاراجن کان آسيس
ا هئا. جڏهن پوجنيہ سوامي جن پاڻ پوڄن ورتائيندا هئا تہ ماتا رُڪي
ڻ ڪانتا کي چوندا هئا تہ پياري ديال لاءِ هڪ ٿالهي ڪٺي اچو. ديال بہ
ن ڪين ڪاڏو هوندو. پوءِ داس کي سڏائي پنهنجي ڪمري ۾ پوڄن
يندا هئا.

وقت بہ وقت داس کي جدا جدا ڪتابن تي انعام عطا ٿيندا هئا تہ
رو مهاراج ڏاڍو پرسن ٿيندا هئا. چوندا هئا تہ ان ۾ اسانجو شان آهي.
دفعي سنڌونگر واسين ٻاجاج هال ۾ پوجيہ ستگرو مهاراجن جي حاضريءَ
اس کي ’سونو ٻلو‘ ڏيئي سنمانت ڪيو. بزرگ ڀاءُ شري ناري گرسهاڻي
وَ جو سڀاپتي هو. مون اُن وقت ٻڌائيندي اُهو سونو ٻلو نيلام ڪرڻ
ڀڌرائي ڪئي، جئن اُمي پئسا غريبن جي شيوا ۾ خرچ ٿين. پوجيہ
رو مهاراجن هڪدم مونکي اُهو سونو ٻلو نيلام ڪرڻ کان روڪيو ۽
ئون تہ اهو ٻلو تنهنجي سنمان جو پرتيڪ آهي، انڪري تون اهو سونو
نيلام نہ ڪج. هڪ دفعي مهاراشٽر جو منتري شانتارام گهولپ، شري
ترام منگتاڻي ۽ سنڌونگر جا اٽڪل ڏهہ - ٻارهان خاص ماڻهو پوجيہ
امي جن وٽ آيا. آدرستڪار ڪرڻ ڪانپوءِ پوجيہ سوامي جن اُنهن کان
يو تہ اوهان اَچ هت ڪيئن آيا آهيو! منتري مهوديہ ۽ شري دولترام
تاڻيءَ عرض ڪيو تہ اچ اوهان وٽ آيا آهيون تہ اسانجي گود ڀريو.
امي جن وري پڇيو تہ اوهان کي ڇا کپي؟ موٽ ۾ چيائون تہ اسين ديال
ا‘ جي ٻانهن توهان کان گهرڻ آيا آهيون. ايندڙ اسيمبلي چونڊن لاءِ
انگريس ٽڪيٽ تي ديال ’آشا‘ بيهي.

ستگرو مهاراجن کين پيار سان چيو تہ پيارو ديال سياست ۾ نہ پر

ڪي پاسيرو ڪري پڇندا هئا تہ پٽ! پئسا ڪپني؟ سنڪوچ نہ ڪر، تون اسانجو ٻالڪ آهين. مان ڪين چوندو هوس اوهانجي ڪيول ڪرپا ڪپي. اوهان ٻڌجهہ ٻوهہ ۾ پيا ڏينيو. ستگرو مهاراجن وٽ ڪوبہ دکي گهرجائو پئہ پيڻ مدد وٺڻ لاءِ ايندو هو تہ داس ڪي سڏي چوندا هئا تہ پيارا! هن سان حالي احوالي ٿي، جيڪي واجب سمجهين سو ڪر. اڄ بہ سندن ڪرپا سان دکين دريدرن پيڙن جي شيوا سنہنڌ ۾ لکين روپيا خرچ ٿئي ٿو. خلق خدمت جي جوت جڳندي رهي ٿي. هن وقت تائين ڪڏهن هٿ منجهيو ڪين آهي.

مان گهٽو ڪري صبوح جو بہ ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري پوءِ ڪاليج ويندو هوس ۽ شام جو ٥ بجي ڪن نت نيم وري آشرم ۾ ستگرو مهاراجن جي چرڻن ۾ ويهندو هوس تہ ستگرو مهاراج ماتا رُڪيءَ ڪي چوندا هئا تہ پيارو ديال آيو ٿي، چانهہ ٺاهي اچ. سنڌيا جي ستسنگ ڪانپوءِ پيڻ ڪانتا ڪڪڙيجا پوجنيہ سوامي جن ڪي جل پان ڪرائيندي هئي تہ پوجيہ سوامي جن ڪيس چوندا هئا تہ پياري ديال ڪي بہ پاٽي پيئارج. ڪڏهن ڪڏهن مان شيوا ڪارين سبب آفيس ۾ ويٺو هوندو هوس تہ گرو مهاراج اُتي بہ شيءِ ۽ چانهہ موڪليندا هئا. ڪڏهن اتفاق سان شام جو آشرم ۾ اچڻ ۾ دير ٿيندي هئي تہ ستگرو مهاراج گهر فون ڪرائيندا هئا. ڪڏهن ممبئيءَ مان واپس ورندي ويرم ٿيندي هئي تہ ستگرو مهاراجن ڪي داس جو خيال ٿي پوندو هو. ستگرو مهاراج داس ڪي ڪيڏو نہ پيار ڏيندا هئا. جڏهن سندن پيار ۽ آسيس جو صرف خيال ڪريان ٿو تہ من پرجي اچي ٿو. هن وقت بہ ستگرو مهاراجن جو تصور ڪندي لڙڪ لڙندا آهن. جڏهن سندن باري ۾ ڪجهہ لکندو آهيان يا سندن مهما ڳائيندو آهيان تہ ڪنٺ رُڪجي ويندو آهي.

لڙڪ نہ لکڻ ڏين ڪريو پوَن قلم تي.

ستگرو مهاراج منهنجي من جا مالڪ هئا. منهنجي نبض جي ڪين ڄاڻ هئي. جئن ماتا پتا ٻالڪ جي سار سنڀال ڪندا آهن، تيئن پوجنيہ سوامي جن منهنجي پرگهور لهندا هئا. پيارو ستيش ننڍو اٽي گرو مهاراجن جون ڪئسيٽس پرائيندو آهي، اُن پياري ٻڌايو تہ هڪ ڪئسيٽ ۾ پوجنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ اسانکي پل دک اچي پر پياري ديال ڪي

كريو. ستگرو مهاراج ڪجھ وقت ڪمري ۾ هلي وشرام ڪندا هئا. ن زماني ۾ ايترا ڪمرا ڪين هئا. ستگرو مهاراج ڪن پريمين کي نجي ڪمري ۾ ئي ليٽي پوڻ جي آگيا ڪندا هئا. ڪيترا دفعا ستگرو اج پنهنجي هٿن جا وهاڻا بہ پريمين کي ڏئي ڇڏيندا هئا تہ جيئن هوُ يءَ ريت آرام ڪن. ڪارتڪ ايڪادشي رات جو بہ ستگرو مهاراج بہ نگ هال ۾ پنهنجي آسڻ تي براجمان هوندا هئا، کين عرض ڪندا هئاسين وهان کي وري صبوح جو ڪٿا ڪري پونا وڃڻو آهي مهرباني ڪري جھ وقت آرام ڪريو. ڪڏهن ڪڏهن سندن صحت ناساز هوندي هئي ين عرض ڪندا هئاسين تہ جيڪر اتي ئي وشرام ڪيو پر ستگرو مهاراج نجي آرام جو خيال نہ ڪري ڏنل پروگرام ۾ ڪابہ بدل سدل ڪين ڪندا هڪ دفعي سوامي ٽيئونرام منبلي اُلهاسنگر ٢ ۾ ستسنگ ڪندي کين ليف ٿي کين آشرم ۾ وٺي آيا. مان ڪاليج ۾ هوس هڪدم سڀ ڪم ي ستگرن جي حاضريءَ ۾ پهچي ويس، ڊاڪٽر علاج ڪري رهيو هو. ڪٽر جي ايس گرناٽيءَ چيو تہ ستگرو مهاراجن کي آرام جي سخت ورت آهي. اُن ڏينهن شام جو ستگرو مهاراجن کي پنجاب ميل ذريعي ال وڃڻو هو. ستگرو مهاراجن کي عرض ڪيم تہ سائين صحت جي خيال جيڪر ڀوپال جو پروگرام مهمل ڪريو. سوامي جن دوا پي آرام ڪيو جهند جا ٤ ٿيا تہ هڪدم چيائون تہ اسين پنجاب ميل ۾ ڀوپال وڃون ٿا مين ڀوپال ۾ هيڏا مانداڻ منڊيا آهن، ڇا اسين پنهنجي آرام لاءِ اُنهن جي تي پاڻي ڦيريون! ستگرو مهاراجن کي آتمڪ شڪتي هئي هوُ ڀوپال نا ٿيا. ڊاڪٽرن ستگرو مهاراجن کي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ڏاڪڻيون چڙهڻ جي ڪئي هئي. پر ستگرو مهاراج پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ ڪڻيون چڙهي ويندا هئا. هوُ چوندا هئا تہ شرير ڪيترو وقت آهي پتو ي، جيترو شرير دواران ٻين جو ڀلو ڪري سگهون اوترو ٿورو آهي.

ستگرو مهاراج ڪڏهن ڪٿي نہ وڃي سگهندا هئا تہ داس آگيا ڪندا هئا تہ اسانجي پاران وڃي نباهي اچج. هڪ دفعي نيو ئي جهولي لعل مندر ۾ ستگرو مهاراجن کي مورتيءَ جو مهورت ڪرڻو

سيوا ۾ پاڻ موکي. راڄنيتيءَ ۾ ٿلهي چمڙيءَ وارو ماڻهو کپي، پر پيارو ديال ڏاڍو نرم دل آهي. ستگرو مهاراجن ئي داس کي سياست جي ترڪڻ بازيءَ کان بچايو.

داس وقت به وقت آشرم ۾ ديش ڀڳتن ۽ ساهتيڪارن جا ڏينهن ملهائيندو هو ته گرو مهاراج ان ڪاريه لاءِ ڏاڍو اُتساهت ڪندا هئا. هوُ تمام وشال دل هئا. جدا جدا پنٿن جا سنت مهاتمائون آشرم ۾ ايندا هئا ته پوجيه سوامي جن ڏاڍو پرسن چت ٿي انُهن جو ستڪار ڪندا هئا ۽ کين ستسنگ پروچن ڪرڻ لاءِ وينتي ڪندا هئا. ستسنگ وقت ڪو سنت، گڏي جن، ڪلاڪار اوچتو اچي ويندو هو ته گرو مهاراج پاڻ ستسنگ پروچن نه ڪري اُن سنت کي ستسنگ ڪرڻ لاءِ عرض ڪندا هئا. پرم پوجنيه سوامي جن سين کي يٿايوگيه سنمان سنيه ڏيندا هئا. انڪري جدا جدا سياسي خيالن وارا ماڻهو چاهي سنت مهاتمائون پوجيه ستگرو مهاراجن وٽ ايندا هئا. سندن ئي پريرڻا ۽ آسيس سان داس جدا جدا سالن ۾ سنڌي وديارٿي سميلن، سنڌي اڌياپڪ سميلن، مهلا سميلن، يوُا سميلن، سنڌي سماج شيوڪ سميلن ۽ پيا ڪيترائي ڪاريه ڪرم آيوجت ڪيا. انهن ڪارين لاءِ ستگرو مهاراج داس کي ڏاڍو همٿائيندا هئا. سوين سڄڻ انهن سميلن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. گرو مهاراج سين جي کاڌي ۽ رهائش جو بندوبست ڪرائيندا هئا. مونکي چوندا هئا ته پُٽ، ڪڏهن به ڪَ هبرائينو نه ڪر.

ستگرو مهاراج مونکي نه صرف پيار ڪندا هئا پر داس کي اهميت به ڏيندا هئا. شري پپو (سريش) ڪالاڻي پهريون دفعو اسيمبلي چونڊن لاءِ بيٺو ته هي پيارو ستگرو مهاراجن کان آسيس وٺڻ آيو ۽ کين پلئه پائڻ لاءِ عرض ڪيائين. ستگرو مهاراجن وري مونکي پلئه پائڻ جي آگيا ڪئي. ستگرن جي آگيا اکين تي رکي پلئه پاتو.

ڪجهه سال اڳ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسوَ ٿي ڏينهن هت اُلهاسنگر آشرم ۾ ملهائيندا هئاسين. ٻه راتيون ڀڳت گايڪ ساري رات ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪندا هئا. ستگرو مهاراج به ستسنگ هال ۾ براجمان هوندا هئا. مان ۽ پيارو ڀولڻ واڌوا ستگرو مهاراجن کي ويٺي پيڙون ڏيندا هئاسين. دير رات جو کين عرض ڪندا هئاسين ته هاڻي اوهان ڪمري ۾ هلي ڪجهه وقت آرام ڪريو. اسين هت ويٺا آهيون. اوهان خيال

ساريان جن کي ساهہ سين

دادا ساتو ٽي ايل واسواڻي

ڀارت جي نشڪام نبر نشٺاوان نيتا شري لعل بهادر شاستريءَ ۱۱ جنوري
اري سفر ۾ سماپت ڪيو. ۱٦ جنوري ڪانگريس ڀون اُلهاسنگر ۳ ۾ شوڪ سڀا
آيوجن ڪيو ويو. مان شري لعل بهادر شاستريءَ جي وصفن جو ورڻن ڪندي
انجلي ارپڻ ڪئي تہ اُن وقت پيارو هري ٺهلراماڻي دکد سماچار ڪڻي آيو تہ سنڌين
سونهاري سنت برهمگياني مهان ڪرم يوگي دادا ساتو ٽي ايل واسواڻيءَ پونا ۾
ن ليلا سماپت ڪئي. اِهو شوڪ سماچار ٻڌي دل پرجي آئي. مان رات جو ئي
ي هري ٺهلراماڻيءَ سان گڏجي پئسينجر ٽرين ۾ پونا روانو ٿيس. پربات جو پونا
ان يوميءَ ۾ پهتس. گلن جي سيجا تي پياري دادا واسواڻيءَ جو پارشوَ شرير ليٽيل
۾ اکنڊ نام ڪيرتن چالو هو. پياري دادا جو انتم درشن ڪندي لڙڪ لڙي آيا! پيارو
هزارن دلين جو روحاني راڻو هو، هن يگ جو مهارشي هو، شرومڻي سنت روحاني
ر هو. پياري دادا مونکي بہ ڪيڏو نہ پيار ڏنو. وقت بہ وقت مان جڏهن ميران
سنگ ۾ ويندو هوس تہ مونکي گيت ڳائڻ لاءِ چوندا هئا، آسيس ڪندا هئا، پرساد
ا هئا، پنهنجي نينهن ڀري نظر سان نهال ڪندا هئا. سنڌن انتم درشن لاءِ هزارين
ڪ نہ صرف سنڌي پر غير سنڌي قطار ۾ بهي درشن ڪري رهيا هئا. سنڌن اکين ۾
نسون هئا. سنڌن پارشوَ شرير ٽرڪ ۾ سينگاري رکيو ويو. هزارين پريمي جنہ دادا
۾ دادا جون ڌنيون لڳائيندا اُن شوڪ جلوس ۾ ميران يوميءَ کان هليا. ڪي فقير بہ
ها ڳاڙيندي پڪاري رهيا هئا. هماري دادا جي چلي گئي. پونا شهر ۾ پرڪرما ڏئي
ي دادا واسواڻيءَ جو پارشوَ شرير ميران يوميءَ ۾ آندو ويو. گيتا ڀون جي پرسان اَڳ
سنسڪار ڪرڻ جي رٿ رٿي ويئي. شريمد ڀڳوت گيتا، شري گروگرنٿ صاحب

هو. هوُ ڪنهن ڪم سبب پمپريءَ ۾ ترسيا ۽ مونکي فون ڪيائون تہ تون وڃي اسان پاران مورتيءَ جو مهورت ڪاڄ اسان پياري هوندراج سئناڻيءَ سان فون تي ڳالهائي چڏيو آهي. ڪوي پهلاجرام جي ورسي ديولاليءَ ۾ ملهائي رهيا هئا. تنّهن بہ ڪنهن ڪم سبب اُتي وڃي نہ سگهيا ۽ داس کي آگيا ڪيائون تہ تون وڃي اسان پاران اُتي حاضري ڀري اچڄ. ستگرو مهاراج مونکي ڪيترائي دفعا چيو تہ هارمونيم سکي ڇڏج تہ اسانکي ڀين جي ڪاڻ ڪيڏٺي نہ پوي. پر مان ايترو تہ مشغول رهيس جو هارمونيم وڄائڻ ڪين سکي سگهيس. مان بنا هارمونيم بہ ڳائيندو آهيان. ستگرو مهاراج چوندا هئا پيارا ديال تون ڪاليڄ مان رٽايرڊ ڪندين تہ پوءِ توکي پاڻ سان وٺي هلبو. ستگرو مهاراج مونکي سدائين ساهتيڪ سماجڪ تعليمي سرگرمين لاءِ همٿائيندا رهندا هئا. اُنهن جي اسيم آسيس ۽ پياري دادا جشن و اسو اٽيءَ جي آسيس ۽ پيار سبب ئي مان اڳتي قدم وڌائي سگهيو آهيان.

ستگرو مهاراجن جون انيڪ سمرتيون تري اچن ٿيون.

مصريءَ کان بہ مٺا منهنجا مٺا منٺار،

تن سان ڳنڍيل تار جياجل منهنجي جيءَ جي.

☺☺☺

ڏان ستگرو سوامي سروانند مهاراج هڪ مهان ويو تي هئا. گاديءَ تي براجمان
ن آڳ هوُ ڪيترو وقت رشيڪيش هردوار ۾ شانت ايڪانت استل تي موُن ڌارڻ
ي ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي برهملين
عد پريم پرڪاش منڊل جي سنتن کين گاديءَ تي براجمان ڪيو. هنن سنڌ ۾
ب جي جدا جد شهرن ۾ ڀُوئن ۾ نام جو خوب پرچار ڪيو. هزارن لوڪن کي
ر ساڪي منتر ڏئي ڀوَ ساگر جي پيڙ مان پار لڳايو. ديش جي ورهاڱي کان پوءِ هنن
ن هردوار ۾ جئپور ۾ امراپور آستان برپا ڪيو، جو اڄ تيرٿ آستان آهي. سندن
س سان ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ پريم پرڪاش منڊر ۾ آشرم برپا ٿيا. ستگرو
مي سروانند مهاراج سال ۾ هڪ دفعو انهن آستانن تي وڃي امرت وچنن جي
ڪندا هئا. هوُ جڏهن جڏهن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾
هئا تہ سندن درشن ڪري ۽ پروچن ٻڌي ڪيترو نہ آنند ايندو هو. پوڄيہ ستگرو
مي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ويڃهو هئڻ سبب هوُ مونکي بہ پيار ڪندا هئا
هن پري نظر سان نهال ڪندا هئا. مان هڪ دفعي ستگرو سوامي سروانند
اجن کي ٻڍا منڊلي اُلهاسنگر ۴ ۾ وٺي ويس تڏهن سوامي سروانند مهاراج مونکي
س ڏيندي چيو تہ سنت شانتي پرڪاش جي سونهپ ۾ اهڙا اُپڪار جا ڪم
دا رهو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن چيو آهي :

ڪليگ ۾ پرڌان هئہ سيوا پن ستسنگ،
ڪهي ٽيئون اِن تي ڪيئي هووي دک ڀوَ ڀنگ.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج مونکي شيوا ڪارين ڪرڻ لاءِ
ئيندي آسيس ڪندا هئا.

۳۱ جولاءِ سنہ ۱۹۷۷ع ۾ پرڀات جو جئپور ۾ پوڄيہ ستگرو سوامي
و انند مهاراج سنساري سفر سماپت ڪري امراپور پڌاريا. سندن اڇا انوسار
ڻن پارشوَ شرير کي جل سماڌي ڏيڻ لاءِ هردوار سوامي ٽيئونرام پريم
ڪاش آشرم ۾ آندو ويو. ديش وديش مان هزارين شرڌالو پريمي ستگرو
امي سروانند مهاراجن جي انتم درشن لاءِ هردوار آيا. مان بہ سندن انتم
سن ڪرڻ لاءِ هردوار پهچي ويس. چوڌاري پريمين جي اکڙين مان لڙڪ
ي رهيا هئا. مون اُتي ڏٺو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي

جي ٻاٽي اُڇاري پئي ويئي. اُن وقت مان به ڪي سلوڪ اُچاريا. پياري دادا هوتاچند آڏواڻي شرڌانجلي ارپت ڪئي. پياري دادا جشن واسواڻيءَ، پياري دادا ڳنگارام سلجنداس، پياري آتم واسواڻيءَ ڳنيپير مدرا ۾ پرارٿنا ڪئي. چوڌاري غم جون ڳهٽائون هيون. داس جي دل به چلڪي پيئي!

سوامي ليلا شاهه مهاراج

برهمنيشٽي، برهمگياني، برهم شروتري سوامي ليلا شاهه مهاراج مهان ڪرم يوڳي سنت هئا. سنه ١٩٥٢ع ۾ وديارٿي جيون ۾ سوامي ليلا شاهه مهاراجن جو درشن ٿيو ۽ سندن آسيس ملي. هوُ مونکي ڏاڍو پيائيندا هئا. مان وديارٿي جيون ۾ ڏيتي ليتيءَ خلاف وياڪيان ڪندو هوس ۽ گيت به ڳائيندو هوس. انڪري سوامي ليلا شاهه مهاراج مونکي سدائين اُتساهت ڪندي چوندا هئا ته تون پنهنجي گيتن ۽ وياڪيانن دوارا ن ڏيتي ليتيءَ خلاف پرچار ڪندو رهج. منهنجي خوش نصيبي هئي جو مان سندن ويجهو ٿيندو ويم. هوُ ڪرپا درشٽي ڪري هڪ ڏينهن اسانجي اڱڻ به پڌاريا ۽ اچي آسيس ڪيائون. اُنهن وٽان به مونکي شڀ سنسڪارن جي پونجي ۽ پيار مليو. خلق خذمت جي پريرڻا ملي. هرسال پاءُ ڳنگاتر تولاڻي، ماستر ڦتومل ٽيڪاچنداڻي جي سهيوگ سان ممبئي ۾ سوامي ليلا شاهه مهاراجن جو جنمدن ملهائيندا هئاسين. هتي اُلهاسنگر ۾ پڻ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي چترڇايا ۾ پڻ جنمدن اُتسو ملهائيندا هئاسين. ممبئي ۽ اُلهاسنگر ۾ سوامي ليلا شاهه مهاراج جي پريرڻا سان سنڌي سماج سميلن پڻ آيوجت ڪيا ويا. جتي سوامي ليلا شاهه مهاراج پاڻ اچي سماج کي بيدار ڪندي ست مارگ ٻتائيندا هئا.

مونکي پنهنجو پيار ۽ پريرڻا ڏيندڙ آڌياتمڪ مارگدرشڪ سوامي ليلا شاهه مهاراج ٢٣ نومبر سنه ١٩٧٤ع ۾ پالنپور گجرات ۾ پرم ڌام پڌاريا. اِهو شوڪ سماچار ٻڌي دل پرجي آئي سندن ڪيڏو نه پيار ۽ آسيس مونکي ملندو رهيو.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جاگادي نشين پريم پرڪاش منڊل

پيڙون ڏيندو هوس تہ ستگرو مهاراج ڪڏهن ڪڏهن منهنجي پٺيءَ تي هٿ ڦ
ي پيار ۽ آسيس ڪندا هئا. هوُ ڪڏهن ڪڏهن منهنجو هٿ جهلي چمندا هئا.
هنجي ڏاڍي اون رکندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مان ڪم سانگي ممبئي ويندو هوس
رم ۾ اچڻ ۾ دير ٿيندي هئي تہ کين منهنجو خيال ٿي پوندو هو ۽ پيڻ ڪانتا
چوندا هئا تہ ديال جي گهر فون ڪر چو دير ڪئي اٿائين. ستگرو مهاراج قدم
تي سار لهندا هئا. رات جو ڪڏهن ڪڏهن آشرم ۾ دير ٿي ويندي هئي تہ پياري
ي سڻي چوندا هئا تہ پياري ديال کي اسڪوٽر تي گهر ڇڏي اچ. ڪڏهن ڪڏهن
منهنجي گهر جي ويجهو رهندڙ پريمين کي چوندا هئا تہ ديال کي گهر ڇڏجو.
ين چوندو هوس تہ مان اڪيلو وڃي سگهان ٿو، تہ ستگرو مهاراج چوندا هئا تہ
ي خبر آهي تہ تنهنجي دل ڪيتري ڪمزور آهي.

مان ڏڏ هوس. ستگرو مهاراجن جي ڪرپا سان تعليم ۾ ترقي ڪئي.
ن آسيس ۽ پريرڻا سان پڊا آشرم جو ڪاريہ ۽ سفيد پوش پينرن جي
ا جا ڪاريہ شروع ٿيا. مان ستگرو مهاراجن کي وينتي ڪئي تہ هڪ
ستا شيوا ڪارين لاءِ شروع ڪجي اُن جو نالو جنتا جناردن پريشد
جي. اوهان ان سنستا جا پرڌان ۽ مارگدرشڪ ٿيو، پيارو هيرالعل ڪلٽمل
داساٽي خزانچي ۽ مان سيڪريٽري ٿي رهندس، ان سنستا طرفان شيوا
ريہ شروع ڪبو. ستگرو مهاراجن هڪدم ها ڪئي. اڄ ستگرو مهاراجن
ئي ڪرپا سان جنتا جناردن پريشد طرف ڪيترائي خلق خدمت جا
ريہ ٿي رهيا آهن. هن وقت سوامي ديو پرڪاش مهاراج پرڌان آهن.

آشرم ۾ اُتسوَن سنہنڌ ۾ جنهن ڏينهن سنت سماگم هوندو هو تہ جدا
سنت پروچن ڪندا هئا. ستگرو مهاراج پنهنجي پروچن ڪرڻ کان اڳ
ڪي ٻالهائڻ لاءِ ضرور چوندا هئا. سندن ايامڪاري ۾ ڪيترن ئي اُتسوَن
مان سنچالن ڪندو هوس. هوُ منهنجا ڏاڍا قدردان هئا. هوُ مونکي پاڻ
ڪيترن ئي شهرن ۾ وٺي هليا. دبئيءَ ۾ ٿي دفعا وٺي هليا. جدا جدا
رن ۾ پهرين مونکي ستسنگ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا ۽ پوءِ پاڻ امرت وچنن
ي ورڪا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪندا هئا. جيڪا ٻالهہ منهنجي
۾ هوندي هئي سا ئي ستگرن جي من ۾ هوندي هئي. هوُ سدائين منهنجي

سنگمرمر جي مورتيءَ جي اکڙين مان آنسون ٽپڪي رهيا هئا. اِهو درشيہ ڏسي پريمي دنگ رهجي ويا! سندن پارشوَ شرير کي گنگا نديءَ ۾ جل سماڌي ڏيڻ لاءِ هزارين شرڌالو جلوس ۾ ’ست نام ساکي‘ ڌني لڳائيندا هليا.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج هزارن دلين جا روحاني راڻا هئا. ڀڳتي ۽ شڪتيءَ جا مالڪ هئا پر ڏيکاري ڪين ڏيندا هئا. سانت سروپ هئا. چنچر ڏينهن مؤن ڌارڻ ڪندا هئا صرف ستسنگ ۾ ڳالهائيندا هئا. ڪين ياد ڪندي بہ من پرجي ايندو آهي.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

منهنجا ستگرو سونهارا، لکن دلين جا پيارا، جيءَ جا جيئارا، اکڙين جا تارا، مصريءَ کان مٺڙا محبت وارا، جڳت ۾ رهيا جڳت کان نيارا، هزارن پريمين جا سهارا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، پريم پرڪاش منڊل جا روشن منار، دکين جا دلدار، غمگسار، گيان جا گلزار، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار منهنجي روح جا راڻا هئا. مان خوش نصيب آهيان جو سٺ سال اڳ مون ٻالڪ تي ديا درشٽي ڪري نام جو امرت پيئاري نهال ڪيائون. ڪيترائي سال سندن چرڻن ۾ ويهڻ جو وجهہ مليو. هوُ مونکي ماتا پتا کان گهڻ پيار ڪين ڏيندا هئا. هوُ مونکي پنهنجي پريوار جو ڀاتي ڪري ليکيندا هئا.

مان روز صبوح جو سويل پهرين سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ ستگرو مهاراجن جو درشن ڪري آسيس وٺندو هوس. گهر مان سائين جن لاءِ پت ڪٽي ويندو هوس. اُهو پت سويڪار ڪندا هئا. موڪلن ۾ سائين جن لاءِ ناشتو کٽي ويندو هوس تہ اُن مان بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ کائيندا هئا. ڪاليج ۾ نوڪري ڏئي گهر پوڄن ورتائي جهٽ آرام ڪري وري شام جو پنجين بجي آشرم وجي ستگرو مهاراجن جي چرڻن ۾ ويٺو هوندو هوس. سادا پنج ٿيندا هئا تہ ستگرو مهاراج هڪدم ستسنگ هال ۾ هلي پهرين ڀڳوان ۽ ستگرن جي مورتين کي پرڻام ڪري پوءِ ستسنگ منچ تي ويهندا هئا ۽ مان سدائين سندن پويان ويهندو هوس. ستگرو مهاراج ديش ڀڳتن، سنتن مهاتمائن، شهيدن، ساهتيڪارن، سماج سدارڪن جا ڏينهن ملهائڻ لاءِ مونکي اُتساهت ڪندا هئا. اِهو سلسلو داس ئي آشرم ۾ شروع ڪيو.

مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ستگرو مهاراجن جي ڪمل چرڻن ۾ ويهي ڏيري

نهنجي ڪمري ۾ مونکي سڏائي، ماتا رُڪيءَ کي چوندا هئا تہ ہہ
ون پائي اڇاڄ ماتا رکي پوڇن جون ہہ ڻالهيون ڪٽي ايندي هئي.
و مهاراج پاڻ سان گڏ مونکي پوڇن ورتائڻ لاءِ آگيا ڪندا هئا. مان ڪين
ي ڪندو هوس تہ اوهان پوڇن ورتايو، پوءِ مان پوڇن ورتايان ٿو، تہ
م چوندا نہ اسانکي خبر آهي تون للچارو آهين، پوءِ ڪين ڪائيندين.
وش نصيب هوس جو منهنجا مالڪ ستگرو مهاراج منهنجو ايڏو خيال
ا هئا. آشرم ۾ ڪڏهن ڪڏهن سنتن جو پنڌارو هوندو هو ۽ مان ڪاليج
ندو هوس تہ ستگرو مهاراج داس لاءِ ٽفن گهر موڪليندا هئا.

هڪ دفعي پياري جيوٽداس آهوجا ۽ پيڻ ميران ستگرو مهاراجن کي
سنگر ۾ پال مندر جو مهورت ڪرڻ لاءِ گهرايو تڏهن ستگرو مهاراجن
ي جيوٽداس کي چيو تہ توهان اڄ پياري ديال کي چو نہ گهرايو آهي.
جو واسطو تعليم سان آهي، ديال اچي مهورت ڪري ها. اسانکي چو
ليف ڏني اٿوَ. اِهو ذڪر مون سان پياري جيوٽداس ڪيو. ستگرو
اجن جي ايامڪاريءَ ۾ مونکي ڪي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري انعام
 هئا تہ ستگرو مهاراج ڏاڍو پرسن ٿيندا هئا. وقت بہ وقت مونکي چوندا
ـ توکي جڏهن بہ سرڪاري ڪا آڇ ٿئي تہ انڪار ڪين ڪندو ڪر.
 اسانجي جاتيءَ جو شان آهي.

مان سائين جن جي هوندي سندن پڃنن جون بہ ٽي ڪنسيٽس ڀڳائي
ڪيون. منهنجا ستگرو مهاراج ڪار ۾ سفر ڪندي اُهي ڏيان سان ٻڌندا
 کي ڪارگر صلاحون ڏيندا هئا. مان سندن پڃنن جو پهريون سنگره
 واتڪا، پوءِ پڃن ڦلواڙي، پڃن سڌا، پڃن بهار ڇپائي شايع ڪيا.
 پڃنن ۾ ستگرو مهاراجن پنهنجو نالو استعمال نہ ڪري پنهنجي
رو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو نالو استعمال ڪيو باقي ستگرو سوامي
نرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ سائين هرچورام
ب جي مهما جي پڃنن ۾ پنهنجو نالو استعمال ڪيو.

منهنجي متر شري موٽومل چاندواڻيءَ مونکي پريرٽا ڏني تہ تون
رو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جيونيءَ سنڌيءَ ۾ لک ۽ اُن

دل وٺندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي پاسيرو رکي داس کي اهميت ڏيندا هئا. رات جو ڪڏهن ڪڏهن سندن پوڇڻ ٻاهر هوندو هو تہ مونکي سڏائي چوندا هئا پٽ اسين پوڄڻ لاءِ ڦلاٽي پلسي وڃون ٿا ڪو ڪم ڪار آهي ڇا؟

ممبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ مان پروفيسر رام پنجواڻيءَ رٽايرڊ ڪيو. ڇهن سٽن عالمن اُن ڪرسي پرڻ لاءِ فارم ڀريا. مان بہ فارم ڀريو. انٽرويو کان هڪ ڏينهن اڳ رات جو مان ستگرو مهاراجن کي چيو تہ سڀاڻي ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ انٽرويو آهي. ستگرو مهاراجن آگيا ڪئي تہ توکي ممبئيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ جي ضرورت ڪين آهي پرماتما توکي اِتي ئي وڌائيندو. توُن انٽرويو ڏيڻ ممبئي نہ وڃ. مان ستگرو مهاراجن جي آگيا اکين تي رکي انٽرويو ڏيڻ ڪين ويس. ڪجهہ مدت بعد اوچتو پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ مونکي چانديبائي ڪاليج جو وائيس پرنسيپال مقرر ڪيو. ڪجهہ سالن بعد بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻيءَ مون کي جئہ هند ڪاليج جي پرنسيپال جي پد جي آڇ ڪئي. مان شڪرگذاري ملهيندي ڪين ٻڌايو تہ منهنجي ستگرو مهاراجن جي آگيا آهي تہ تون اُلهاسنگر کان ٻاهر نوڪري نہ ڪج. آخرڪار ٿورن ڏينهن بعد سنساري سفر پورو ڪرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي صاحب مونکي چانديبائي منسڪاڻي ڪاليج جو ائڪٽنگ پرنسيپال مقرر ڪيو ۽ ڇهن مهنن بعد پرنسيپال ڪندناڻي صاحب پرنسيپال مقرر ڪيو. ستگرو مهاراجن جي آگيا جو پالن ڪيم تہ اتي ئي ڪم راس ٿيا. پرنسيپال جو پد ٻہ ٽي سال ماڻڻ بعد ستگرو مهاراجن کي چيم تہ سائين هاڻي جيڪر اِهو پد ڇڏي صرف پروفيسر ٿي رهان ۽ باقي سميہ اوهانجي چرڻن ۾ گذاريان. ستگرو مهاراجن چيو گهٻراءِ نہ تون پرنسيپال جو پد سنڀاليندو رهہ اسان تنهنجي ڪرسيءَ تي وهنداسين. مان آگيا اکين تي رکي. سٽن ڏينهن بعد ستگرو مهاراجن جيون ليلا سماپت ڪئي.

وارشڪ اُتسو ۾ پوئين ڏينهن سنت سماگم کان پوءِ پهرين سنت پوڄڻ ورتائيندا هئا. ستگرو مهاراج پاڻ هلي سنتن جي سنڀال ڪندا هئا. سنتن جي ڀنڊاري بعد هزارين شرڌالو ۽ ڀيا پوڄڻ ورتائيندا هئا. ستگرو مهاراج

س سي ئي ڏهاڪ جو ڏک ڏئي ويا! مان هتان ئي واپس ڪلياڻ ويندس، جيڪا
ن ٽرين ممبئيءَ لاءِ ملي اُن ۾ واپس وربو. مان پنهنجي ساٿين سان پليٽفارم تي
ڪجهہ ڪلاڪ گذاريا. منجهند جو امرتسر ايڪسپريس ملي پرڀات جو
ڻ پهتاسين. مان هڪدم سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ پهتس، چوڏاري
ون گهٽائون ڇانيل هيون. ستگرو مهاراجن جو پارشوَ شرير سينگاپور مان آشرم
و ويو. جدا جدا شهرن مان هزارين شرڌالو ۽ هزارين اُلهاسنگر جا شرڌالو ستگرو
جن جي انتم درشن ڪرڻ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ قطار ۾ بيٺا. منهنجي اکڙين
ا، جيءَ جيئڙا، جن مونکي ڪيڏو نہ پيار ڏنو. منهنجا ستگرو مهاراج امراپورڌام
يا. سندن جدائيءَ ۾ روئندي ڪيترائي گيت لکيم ۽ سوز ڀري سُر ۾ ڳايم. پيش
ڪ گيت ۽ ڪي بيت :-

سوامي جن هليا ويا ويڳاڻو بڻائي!
ويڳاڻو بڻائي منهنڙو مٽائي!
(۱) مون سمجهو سدائين ساڃڻ ساڻ هوندا،
هليا هوت ويڙا، بنا موڪلائي!
(۲) ڪنهن سان حال اوريان هاڻي اندر جو؟
روئان ويٺي جيجل ڪير پرچائي!
(۳) سهي ڪين سگهندا منهنجو درد دک ها،
هاڻي ڪير مونکي ڇاتيءَ لڳائي!
(۴) ڪيڏو پيار پنهنجو، سين ڪي ڏنائون،
شيام سندر جيان ويا مرلي وڄائي،
(۵) لڏائون سار دم دم، ساڃڻ ها سڀاجها،
پنهنجي مهر جي ويا ورکا وسائي!
(٦) سوامي جن سيلاني ڪري سفر پورو،
هزارن دلين ۾ ويا دونهڙو دکائي!
(۷) منهنجا جيءَ جيئاريا، اکڙين جا تارا،
''آشا'' منهنجي دل ۾ ويا ديرو دمائي.

جي ڇپائيءَ جو سارو خرچ مان پريندس. مان ستگرو مهاراجن سان ان سنبنڌ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويهي سندن باري ۾ حال احوال وٺندو هوس. هڪ ڏينهن مونکي اڪيلائيءَ ۾ چيائون ”پيارا ديال! اسانجي پريم پرڪاش منڊل ۾ اِها پرٿا ڪين آهي تہ پنهنجي هوندي جيوني ڇپجي.“ مان ڪين عرض ڪيو تہ هي پستڪ آشرم طرفان ڪين ڇپجندو. مان پنهنجي شرڌا جو اظهار ڪندي هي گرنٿ تيار ڪري رهيو آهيان ۽ پيارو موٽومل چانبو اٽي پرڪاشت ڪندو.

داس ئي آشرم ۾ پهرين پهرين ستگرو مهاراجن جو جنمدن اُتسو جنتا جناردن پريشد طرفان ملهائڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ ستگرو مهاراجن جي اڇا ڪين هُئي پر مان پنهنجو ڪرتويہ سمجهي ستگرو مهاراجن جو جنمدن ملهائڻ شروع ڪيو.

ستگرو مهاراجن جي هوندي مان سندن مهما جو گيت ’ستگرو منهنجو دين ديالو‘ لکيو ۽ ’پاڃن سدا‘ ڪئسيٽ ۾ ڳايم. اِهو گيت ڏاڍو لوڪ پريہ ٿيو.

۱۳ آگسٽ سنہ ۱۹۹۲ع ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنمدن اُتسوَ ڪيڏي نہ اُتساهہ سان ملهايوسين. اُن ڏينهن ’جنستا‘ هندي اخبار ۾ مان ستگرو مهاراجن جي جيون ڪاريہ تي هنديءَ ۾ ليک لکيو. اُهو ليک منجهند جو ڪين پڙهي ٻڌايو تہ چيائون پيارا ايڏو وڏو ليک تو لکيو آهي. پيار مان پٺي ٺپيريائون. ۱۴ آگسٽ شام جو مان ٻئراڳڙهہ ڀوپال ۾ ستگرو مهاراجن جو جنمدن ملهائڻ لاءِ ويٺو هوس انڪري صبوح جو ستگرو مهاراجن کان آسيس وٺي ڪاليج ۾ آيس. سوامي جن ڪي وري رات جو جڪارتا لاءِ روانو ٿيڻو هو. مان پنجاب ميل ذريعي پنهنجي ساٿين پياري امرلعل ڦيرواٽي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي ۽ پياري ڀولڻ واڌوا سان گڏ ڀوپال روانو ٿيس. صبح جو سويل جڏهن ٽرين ڀوپال اسٽيشن تي پهتي تہ پريمي مونکي وٺڻ لاءِ آيا. پليٽفارم تي ئي اُنهن دکد سماچار ٻڌايو تہ منهنجا مٺڙا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جڪارتا هوائي جهاز ۾ سفر ڪندي پرڀات جو برهملين ٿيا. اِهو ٻڌي پيرن هيٺان ترتي نڪري ويئي! ور ور لڙڪ لاڙيندو رهيس. پريمين چيو تہ ٻئراڳڙهہ آشرم تي هلو. مان ڪين چيو تہ جڏهن ستگرن جو جنمدن ملهائڻ

ت ڪئي. هي صاحب بہ منهنجي پريرڻا جو سرچشمو هو. سندس تحرير ۽
۾ تاثير هو. جڏهن جڏهن مان ميران پوميءَ پونا ۾ ويندو هوس تڏهن پياري دادا ڳ
ر جو درشن ڪري متر وچن ٻڌي چت پرسن ٿيندو هو. هوُ هر سال پياري دادا
ٿي ايل واسواڻيءَ جي جنمدن يا ورسيءَ جي موقعي تي مونکي پوسٽ
ڊ لکي موڪليندو هو تہ ٿي چار منٽ اوهان کي پشپانجلي ارپت ڪرڻي
هي صاحب منهنجو قدردان هو. مون ۾ نئين سڦورتي پيدا ڪندو هو. ورڌ
ا هوندي دادا گنگارام ڪيڏي نہ لگن سان شيوا ڪاريہ ڪندو رهيو. ۱۴
مبر سنہ ۱۹۹۶ع ۾ دادا گنگارام ساجنداس سچکنڊ پڌاريو. اڄ دادا گنگارام
يادگيريون اينديون آهن تہ من پرجي ايندو آهي.

جيہ پتا شري ڪوٽومل سوپراج ڏاميجا

منهنجو پوجيہ پتا شري ڪوٽومل سوپراج ڏاميجا خداترس، رچ
، ڌارمڪ ورتيءَ وارو سد گرهستي هو. هرسال هو چاليهي جو ورت
امر اڏيرلعل جي اُپاسانا بہ ڪندو هو تہ ديوي ماتا جا ايڪاٽا بہ رکندو
ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ هي صاحب پرڀات ڦيريءَ ۾ رام نام جون ڌنيون
ي ستلن کي سجاڳ ڪندو هو. خيرپور ميرس ۾ مين بزار ۾ شاهي
رڪو دڪان هو. اِهو دڪان منهنجو پوجيہ پتا شري ڪوٽومل ڏاميجا
جيہ ڪاڪا وشنداس ڏاميجا هلائيندا هئا ۽ شاهي پٽي سندن مامو ڀڳت
ارام ڪٽندو هو. هي صاحب صرف ڪجهہ وقت دڪان تي ويهي ڪري
سنگت ۾ ويندو هو. مان بہ اسڪول مان پڙهي وڃي دڪان تي ويهندو
ں. منهنجو بابا ڪوٽومل پيڙين جي واپار جي لحاظ کان ڪڏهن ڪڏهن
ر ويندو هو. بابا ومڪو ڪمپنيءَ جي ماچيسن جي ايجنسي ۽ سيمينٽ
ايجنسي بہ ورتي انڪري هوُ وقت بہ وقت ڪراچيءَ ۾ ويندو هو.
ڪي ننڍي هوندي بابا ڪراچي گهمائڻ بہ وٺي هليو. ڌنڌي وهنوار جي
ري لاءِ منهنجي پتا جن ڪافي پاڻ پتوڙيو. ديش جو ورهاڱو ٿيو تہ
ان گهر سڀ ڇڏڻا پيا. دڪان بابا وڏي ڀڳت ٿهليارام پنهنجي هٿ ۾
پر هن صاحب منهنجي پتا شري ڪوٽومل ۽ ڪاڪا وشنداس، جن ساري ڄمار

بيت

(۱) جانب منهنجي جيءَ جا جن سان ڳنڍيل تار،
سي سوامي جن دلدار، پريا پورب پار ڏانهن.
(۲) پرين ويندا پرديس مان، مونکي ڪل نہ هُئي ڪائي،
مونکي جيئري جدائي، ويا ڏئي ڏک ڏهاڳ جو.
(۳) جيجل جيئندس ڪيئن، جن بن ساعت نہ سري!
انهي پهر تري ٿي مورت محبوبن جي.
(۴) ستگرو سوامي جن منهنجي من جا ها منٺار،
ڪير ڪندو پيو پيار، جيجل تن جو ڳين بنا!
(۵) سوامي جن منهنجا سپرين هئا ڏاڍا قدردان،
تن جا لک احسان، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا!
(٦) سارينديس سڄڻن کي مان روئان زارون زار،
اهڙا ها دلدار جي ڏيڍ ڏيندا ها دل کي.
(۷) آيل! آديسن جا ٿا پل پل پون پور،
سليان ڪنهن سان سور سنت سنيهي ويا هليا!
(۸) امراپور ڏانهن ويا ڪري ''آشا'' اڪيلو!
متل چڙي ميلو، ٿيا راهي اگم ديس جا.

منهنجي ستگرن کي سچ کنڊ پڌاري ۲۳ سال ٿيا آهن. مگر اڄ بہ ڪين ياد ڪري اکيون آليون ٿينديون آهن ۽ شاهہ لطيف جو بيت ڳائيندو آهيان.

اڄ پڻ اکڙين سڄڻ پنهنجا سارِيا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندن بس نہ ڪن،
سندي سک پرين، لوڪن ئهي نہ لهي!

دادا گنگارام ساجنداس

ساڌو واسواڻي مشن جو چيئرمن دادا گنگارام ساجنداس ملاڻي بہ مونکي ڏايو پيائيندو هو. هن سمست جيون دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي ڪمل چرڻن ۾

يه ڪاڪا وشنداس ڏاميجا

پوڄيه ڪاڪا وشنداس سوپراج ڏاميجا منهنجي پوڄيه پتا صاحب شري
ٿومل جو ننيو ڀاءُ هو. سندس پتني سدوري ٻائي ۽ منهنجي ماتا پاري ٻائي پاڻ ۾
هيون. ڪاڪا وشنداس ۽ ڀاڀي سدوري ٻائيءَ کي پنهنجو اولاد ڪين هو. ڳڌيل
ب هو. اُنڪري پيارو ڪاڪا وشنداس ۽ ڀاڀي سدوري ٻائي مونکي پنهنجو اولاد
هي پاليندا هئا. هوُ پوڄيه پتا ۽ ماتا کان وڌيڪ مونکي پيار ڪندا هئا. پيارو
ڪا وشنداس بابا ڪيشوداس مهاراجن جو اننيه اُپاسڪ هو. ڪيس ڪيتري گرباڻي
ٽ هئي. هوُ روز دربار صاحب ۾ وڃي شري گروگرنٿ صلحب جو وچن وٺي پوءِ
ت کي لڳندو هو. مان ننڍي هوندي ڪڏهن ڪڏهن انگل ڪندو هوس ته پيارو
ڪا اهو انگل پورو ڪندو هو. هڪ دفعي انگل ڪيم ته پڃري وارو طوطو وٺي ڏيو
ر ۾ طوطي جي پالنا به ڪبي ۽ اُن کي 'مٺو! رام مٺو رام' چئبو. پياري ڪاڪا
نجو اهو انگل پورو ڪيو. هڪ دفعي ٻيو انگل ڪيو ته مونکي ته ڦيٿي ننڍي
ڪل وٺي ڏيو تڏهن به پياري ڪاڪا منهنجو اهو انگل پورو ڪيو.

پيارو ڪاڪا وشنداس مونکي هر سائي آرتوار ڏينهن بابا ڪيشوداس
راجن جي سماڌي، شري گئوشالا ۽ پرڳٽين ۾ بابا تلسيداس مهاراجن وٽ وٺي
و هو. هوُ مونکي چيٽي چنڊ جي ميلي تي سکر زندهه پير شري ساڌٻيلا آستان
ڪيترائي ڀيرا وٺي هليو. ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ساڌٻيلا وڃبو هو. تن ڏينهن ۾ سوامي
مداس مهاراج گادي نشين هئا. اُنهن جو درشن ڪري آسيس وٺبي هئي. شري
ٻيلا جو رمڻيڪ نظارو اڄ به اکين اڳيان تري رهيو آهي. هڪ دفعي ڪاڪا جن
ڪي بابا نيپراج جو به درشن ڪرايو. روهڙيءَ ۾ بابا ڪيشوداس مهاراجن جي
ان ۽ آسائو تڙ سائين وسڻ شاهه جي آستان تي به وٺي هليا. روهڙيءَ سکر کي ڳ
ڊڙ لئنس ڊائون برج به مون ڏٺي.

ديش جي ورهاڱي بعد هت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ پياري ڪاڪا وشنداس ڪافي
ٿالا ڪيي ناس جو ڌنڌو ڪندي اسانجي پالنا ڪئي. هوُ دڪان تي ويهندا هئا
ن به پيا گرباڻي پڙهندا هئا. جيسين ڪو گراهڪ اچي تيسين ويٺا نام جپيندا
هوُ سمرڻ ۾ سميه سڦل ڪندا هئا. رات جو سمهڻ کان اڳ هوُ ڪيرتن سُهيلا
ندا هئا.

رات ڏينهن ايمانداريءَ سان ڌنتو وهنوار وڌايو ۽ دڪان اوج تي پهچايو، ڪين پوري حق جي حصي جي پتي بہ ڪين پئي ڏني. اُهو نظارو مونکي اڄ بہ ياد آهي تہ پڳت ٺهليارام صاحب پنهنجي سالي شيوارام کي اُهو دڪان ڏيڻ تي چاهيو. منهنجي پتا ۽ پياري ڪاڪي جيڪي هڏ هنيا اُنهن کي حق حساب جي ڳالهہ تي پورا پئسا نہ ڏئي پاڻ ڏمريو. مايا رت وڇوڙيندي آهي. زر زمين زن جهڳڙي جو بنياد ٿينديون آهن. منهنجي پوجيہ پتا شري ڪوڙومل ۽ ڪاڪا شري وشنداس جن ساري زندگي دڪان سنڀاليو. پيو ڪاروبار سنڀاليو پڇاڙيءَ جو ڪين پورو حق ڪين مليو!

منهنجو پوجيہ پتا ۽ پوجيہ ڪاڪا غم کائي صبر سان نہ جهڙو ناٿو پاڻ سان کڻي خيرپور ميرس مان اسانکي ممبئي وٺي آيا. ست ڏينهن ممبئي هوائي جهاز جي ڏکي تي رهي هڪ هفتو پناهگير جي روپ ۾ گذاريو. پوءِ اسانکي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ سرڪار ٺانئيڪو ڪيو. پوجيہ پتاجن ڌنتو ڏاڙي ڪري اسانکي پاليندا هئا. مان پڙهائيءَ سان گڏ ڪين ڌنتي جي ڪم ڪار ۾ هٿ ڏگهيڙيندو هوس. بابا جن شري پرسرام مسند کي مساڻن جي شيوا ۾ سهيوگ ڏيندا رهيا.

پوجيہ پتاجن کي دم جي تڪليف ٿي پيئي، دوائون ڪيون ويون مگر ڦڪين فرق ڪين ڪيو. ٢١ اپريل سنہ ١٩٧٠ پوجيہ پتا صاحب سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ پڌاريا. اکڙين لڙڪ لاڙيا. پياري ياپي صدوري بائيءَ جي آگيا انوسار پوجيہ پتاجن جو گورو گنگا ۾ ڪنکل هردوار پروان ڪيم. اڄ بہ سندن ڪيتريون ياگيريون دل تي تري ايندون آهن تہ دل پرجي ايندي آهي. مان ڪيئن نہ ڪين پيڙون ڏيندو هوس. سندن اُپڪار وسارڻ جا ڪين آهن. جيڪا سندن سيوا ڪرڻ گهربي هئي سا نہ ڪري سگهيس.

بابا! تنهنجي ورهہ ۾ هنجون مان هاريان
سار لٿي تو ڪيڏي نہ هرگز وساريان
بابا! بابا! اڄ مان ڪنهنکي پڪاريان!
امڙ جا آنسون اُگهان، غم ۾ گُذاريان،
سدا توکي ساريان، سچکنڊ مان آسيس ڪر.

ي اُتي توکي روٽي ڏيون. تون بند ڪمري ۾ رهڻ چاهيندين؟ پريوءَ پکين ر اُڏامڻ لاءِ ڏنا آهن. تون پنهنجي شونق کي پوري ڪرڻ لاءِ طوطي کي ي ۾ بند ڪري خوش ٿئين ٿو. تو شونق پورو ڪيو. هاڻي پڃرو کولي ي کي آزاد ڪر تہ هوُ آسمان ڏانهن اُڏامي وڃي. مون پاپيءَ جي آکيا ب پڃري جي دري کولي طوطو ڦڙڦڙ ڪندي آسمان ڏانهن اُڏامي ويو! ي کي اُڏامندو ڏسي مونکي ڪيڏي نہ خوشي ٿي!

ديش جي ورهاڱي بعد پاپي سدوري ٻائي منهنجي ڏاڍي سار سنڀال ي هئي ۽ چوندي هئي منهنجو ديال ڊاڪٽر ٿيندو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ حالتن موجب مان آرٽس پڙهيس. ڊاڪٽر بڻجڻ جو ڪو رستو ڪين ڪاليجي پڙهائي سان گڏ مان ماستريءَ جي نوڪري بہ ڪندو هوس. مونکي سکيا ڏيندي هئي تہ ڌاري ڇوڪري يا پر استريءَ سان ڪڏهن بہ يلو نہ ڳالهائجي. ڪنهن نہ ڪنهن ٻي کي بہ پاڻ سان گڏ ويهارجي. پاپيءَ جي سکيا جي پيروي ڪندو رهيس.

پياري پاپي چوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪنهنجون هاڏيون هردوار وڃجن ٿيون تہ اُهي دکش پرجاپتي ڪنکل ستي گهاٽ تي گنگا ۾ پروان جن. منهنجو پوجيہ ڪاڪا شري وشنداس ڌاميجا پرلوڪ پڌاريو تہ سندن هاڏيون ڪٽي، ڏهاڪي ۽ ٻارهي جي ڪريا لاءِ هردوار ويس ۽ پياري يءَ جي آکيا انوسار ستي گهاٽ گنگا ۾ هاڏيون پروان ڪيون ۽ اُتي ئي ڄا ڪرائي. وري ڪجهہ سالن بعد پوجيہ پتا شري ڪوٽومل سوپراج ميجا پرلوڪ پڌاريا تہ بہ پياري پاپيءَ جي آکيا موجب پتاجن جي هاڏين ستي گهاٽ ڪنکل ۾ پوڄا ڪرائي گنگا ۾ پروان ڪيون.

منهنجي پياري پاپي سدوري ٻائي فوٽو ڪڍائڻ جي خلاف هُئي. ڪري هڪ دفعي هوءَ گهر ۾ مشين هلائي رهي هئي تہ پاڻ گوپ گولاٽيءَ اوچتو پاپيءَ جو فوٽو ڪڍائي ورتو، تڏهن بہ هوءَ ٿورو ناراض ٿي. ڌارمڪ پرورتيءَ واري پتورتا ناري هئي.

پياري پاپي سدوري ٻائي ۱۴ مئي سنہ ۱۹۷۴ع ۾ سچکنڊ پڌاري. زار روئندي هي گيت لکيم :

١١ مئي سنہ ١٩٦٨ع رات جو ڪيرتن سهيلا پڙهي پورو ڪيئون ۽ اوچتو ئي اوچتو سنساري ياترا پوري ڪيئون. اِهو اچانڪ صدمو مان سهي ڪين سگهيس. ڦسنڌي ڦسنڌي ڪيل سماپت ٿيو مان زار زار روئيندي پڪاريو :-

ڏئي ڏک ڏهاڳ جو اوهان بابل ڪيئن ويا!
ويل تہ هئي نہ وڃڻ جي، چو پورب پنڌ پيا!
صورت سدا اوهانجي اکين اڳيان تري،
گياني ڏياني اوهانجو پيار نہ ٿو وسري!

منهنجي پياري پاپي سدوري ٻائي وشنداس ڏاميجا

منهنجي پياري پاپي سدوري ٻائي وشنداس منهنجي امڙ پاري ٻائي ڪوٽومل جي ننڍي ڀيڻ هئي. گڏيل پريوار هو. مونکي جنم تہ ماتا پاري ٻائي ڏنو مگر پاپي سدوري ٻائي منهنجي پالنا ڪندي هئي. ڪيس پنهنجي اولاد ڪين هئي. هوءَ منهنجي ڏاڍي پرگهور لهندي هئي. هوءَ گرمکي پڙهيل هئي ۽ ڌارمڪ پستڪن جو اڀياس بہ ڪيل هوس. گرباڻي ۽ ساميءَ جا سلوڪ سُر ۾ پڙهندي هئي. مون ۾ بہ وقت بہ وقت شڀ سنسڪارن جا ٻج ڇٽيندي هئي. مونکي ننڍپڻ ۾ هوءَ پاٺ سان گڏ سمهاريندي هئي. ور ور پرگهور لهندي هئي. ڪڏهن ماتا نڪرندي هئي تہ ماتا جو اوراٽو ٻڌائيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ مونکي روهڙيءَ ۾ سنڌو نديءَ جي سامهون مائي راجان جي مندر ۾ وٺي هلندي هئي اُتي ديوي ماتا جي مورتيءَ تي چانديءَ جو ڇٽ چاڙهيندي هئي. مونکي چنبو وجهندي هئي. مان رات جو يا صبوح سويل پڙهندو هوس تہ پاپي مونکي تيل جو ڏيئو ٻاري ڏيندي هئي. گهر ۾ لائيٽ ڪونہ هوندي هئي. اکين جي جوت لاءِ تيل جو ڏيئو ٻارڻ گهرجي. گاسليٽ وارو فانوس نقصانڪاري آهي.

ننڍپڻ ۾ مونکي طوطي پالڻ جو شونق هو. مان پياري ڪاڪا وشنداس کي انگل ڪيو تہ مونکي پڃري ۾ بند طوطو وٺي ڏيو. ڪاڪاجن مونکي پڃري وارو طوطو وٺي ڏنو مان ڏاڍو خوش. طوطي کي مٺورام رام چوائيندو هوس. ڪيس ڪاٺو کارائيندو هوس. ٻن ڏينهن کان پوءِ منهنجي پاپي سدوري ٻائي سمجهائيندي چيو ”پيارا ديال! توکي ٻہ ڏينهن ڪمري ۾ بند

ٻئي ڏينهن انبور پهچي پنهنجي ڀڻاڻ ڪوي نارائڻداس جي گهر سنان پاڻي
ي، ڪاڌو کاڌم. وري رات جو انبور مان گواليار بس ذريعي وڃڻ جو خيال ڪيم.
سٽاپ تي حشام ماڻهن جا ميڙا هئا. بسيون به ڪچاڪچ ڀرجي پئي ويون. بس
مئنيجر کي عرض ڪري گواليار جي ٽڪيٽ وٺي گواليار جي بس ۾ چڙهي پيس.
ار ۾ ٽئين ڏينهن پهتس. اُتي منهنجي وڏي سالي سندري رهندي هئي. اُن جي
پيس. اُتي اشنان پاڻي ڪري ڪاڌو کائي وري گواليار کان دهليءَ وڃڻ لاءِ بس ڊيپو ۾
اُتي تر ڇڻڻ جي جاءِ ڪين هئي. ريلوي سوڌا نه هئڻ سبب سڀ مسافر بسين
ر ڪري رهيا هئا. گواليار ۾ به بس ڊيپو مئنيجر کي وينتي ڪري دهليءَ جي
يٽ ورتي. رات جو ڏهين بجي بس دهليءَ پهتي. جئن ئي دهلي بس اڏي تي
س ته لائوڊسپيڪر تي پترائي ٿي رهي هئي ته هردوار لاءِ بس وڃي رهي آهي. مان
سم هردوار جي بس ۾ چڙهي پيس. پرڀات جو پنجين بجي هردوار پهتس. اڪيلو
رڀات ويلو پرماتما پوري ٺهاڪي ڏينهن هردوار پهچايو. اُتي ٺهاڪي جي ڪريا
رو دڪش پرجاپتي گهاٽ ڪنکل ۾ گنگا ۾ پروان ڪيو. وري گئو گهاٽ تي ڳانين
ار ائي، يارهين ڏينهن صبوح جو نيمت ڪريا ڪرم ڪرائي پانبي صاحب کي
ميوو ڏئي پرسن ڪيو. اُن ڏينهن قدرتي ريلوي اسٽرائيڪ ختم ٿي ۽ هردوار مان
ين ٽرين منجهند جو دهليءَ لاءِ وڃڻي هئي. مان اُن ٽرين ۾ دهليءَ لاءِ چڙهي
. جئن ئي رات جو ٨ بجي دهلي اسٽيشن پهتس ته لائوڊسپيڪر تي پترائي
رهي هئي ته پوڻين نوين بجي پهرين ٽرين امرتسر ايڪسپريس ممبئيءَ لاءِ روانو
ي. اِها پترائي ٻڌي مان ٻاهر وڃي هڪدم ڪلياڻ جي ريلوي ٽڪيٽ وٺي آيس.
ن پليٽفارم تي بيٺي هئي. مان ٽرين جي سليپر گاڏي جي ٻاهر بيٺس. ٽي.سيءَ.
زي تي ڪيترن ئي مسافرن کي اندر وڃڻ کان انڪار ڪيو ته سليپر خالي ڪين
. مان سانت ۾ بيٺو رهيس. ٽي سي مهربان ٿي مونکي چيو ته تون فلاڻي نمبر تي
ويهه. مان عجب ۾ پيس ته ڪيئن نه ٽي سي صاحب ٻين کي انڪار ڪري
کي سليپر تي آرام ڪرڻ لاءِ چيو. ٻئي ڏينهن پرڀات جو مان ڪلياڻ پهتس. مان
سان سفر ڪري واپس گهر آيس. امڙ جي آسيس سان بسين ۽ ٽرين ۾ سفر ڪندي
به دقت پيش ڪين آئي.

سنڌ ۾ گهر جي ڀت تي ديوي ماتا جي تصوير لڳل هئي. پياري پاپي مونکي

امان جيئجل منهنجي جوڳياڻي،
ساري ساهہ ٿو توکي سنتياڻي،
(۱) سُرتي شبد سان تو تہ ملائي ڇڏي،
پنهنجي منزل آتم پد ۾ اڏي،
سواس سواس جپيو شري واهگرو،
گرونانڪ شاهہ جي ڀڳتياڻي،
امان جيئجل منهنجي جوڳياڻي.
(۲) احسان لکين مون تي تنهنجا،
ڪيئن سهندو انگل آرا منهنجا؟
چائي چم ڪان ڪيڏو پيار ڏنئہ،
دل تو بن منهنجي ويڳاڻي،
امان جيئجل منهنجي جوڳياڻي.
(۳) ماتا مدالسا جيان تو گيان ڏنو،
جوڳ ماتا جو مونکي ڌيان ڏنو،
سنتوش شيل جي سکيا ڏني،
اٿئي پهر پڙهي تو گرباڻي،
امان جيئجل منهنجي جوڳياڻي.

جڏهن منهنجي پياري پاپي سدوري ٻائي برهملين ٿي تڏهن جارج فرنانڊيز ساري ڀارت ۾ ريلوي اسٽرائيڪ ڪرائي. سندس اڇا هوندي هئي تہ گورو گنگا ۾ دکش پرجاپتي ستي گهاٽ ڪنکل ۾ پروان ٿيڻ گهرجي. منهنجي امڙ پاري ٻائي چيو تہ ديال ڪو رستو ڪيي تون ضرور هردوار وڃاج. تون سنتياڻيءَ جو گ ورو ڪٽي ويندين توکي ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي. پيا مٽ مائٽ سڀ منع پيا ڪن تہ ٽرينون بند آهن. رستن تي پٿربازي ٿئي ٿي هردوار وڃڻ جوکم جو ڪم آهي. پاپيءَ سدوري ٻائي مون سان ڪيڏا نہ پال پلايا. لاڏ ڪوڏ مان پاليو. شڀ سنسڪارن جي پونجي ڏني. اُن جي اِڇا پوري ڪرڻ مان پنهنجو فرض سمجهيو. مان ماتا جي آگيا اکين تي رکي اڪيلو ئي گورو ڪٽي الُهاسنگر مان ٽئڪسي ۾ ڪلياڻ آيس. ڪلياڻ مان وري پونبي طرف بس ۾ ويس. پونبي آگرا روڊ تي انبور وينڊڙ لگزري بس ۾ انبور روانو

ڏينهن ۾ مونکي مٺي سنگت خيرپور ۾ صبوح جو وٺي هلندي هئي. ديش جي
ني سبب سنڌ جا وڻ ڇڻي هتي ڪلياڻ ڪئمپ ۵ ۾ اچي رهياسين. ڪشمڪش
زندگي گذاريندي امڙ سدائين صبر ۾ رهندي مشڪندي هُئي ڪڏهن هن مون تي
ڪين ڪيو. سندس سياءُ گنگاجل جيان سيتل هوندو هو.

سنہ ۲۰۰۵ع ۾ منهنجي جيجل سنساري سفر سماپت ڪري سچکنڊ
ي. سندس پڳڙين جي رسم سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم
سنگر ۵ ۾ رکي ويئي. ان موقعي تي سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سنت
رام، سنت برهمداس ۽ ٻين ڪيترن سنتن ۽ سماج سيوڪن پوجيہ ماتا
ب کي ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني. امان جي ٻارهي جي ڏيهن سنت
ورام صاحب پنهنجي سپتر موهنلعل کي اعزا پرسيءَ لاءِ موڪليو. مان
رات جو امڙ کي پيڙون ڏيندو هوس، پيڙون ڏيندي ڪي ڳالهيون بہ
يون هيون. گهڻن ڪمن سبب ڪڏهن ڪڏهن رات جو گهر دير سان ايندو
ں تہ چوندي هئي دير ٿي ويئي آهي تون پاڻ ٿڪل هوندين اڄ پيلي
ون نہ ڏئي. مان ماتا کي چوندو هوس تہ نيم پورو ڪرڻ گهرجي. مان
کي پيڙون ڏئي پوءِ سمهندو هوس. صبوح جو بہ ماتا صاحب جا چرڻ
ي ويندو هوس. ڪيس ٻڌائي ويندو هوس تہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهيان،
گهر کان ٻاهر نڪرندو هوس. امڙ جا احسان لاهي نٿا سگهجن. داس ماتا
ب جي سچکنڊ پڌارجڻ بعد هيٺيان بہ گيت لکيا. هي گيت نياڻي سمن
لاڻي امان جي ٻارهي جي موقعي تي ڳايو :-

دعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مون تي آهي،
مان هڪڙو بہ ٿورو سگهان ڪين لاهي.
ڪيڏي پيار مان تو هيو پاليو مونکي،
پون يادگيريون، وساريان نہ توکي،
هاڻي ڪير مونکي ڇاتيءَ لڳائي،
دعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مون تي آهي،
مان هڪڙو بہ ٿورو سگهان ڪين لاهي!
تون پريوءَ جي پياري جيجل جوڳياڻي،

ور ور چوندي هئي تہ تنهنجي سچي ماتا اِها ديوي ماتا آهي. مان صدق سان اُهي مورتي وطن جا وڻ ڇڏڻ بعد هتي کڻي آيس. اُها ماتا جي مورت سدائين منهنجي اکين اڳيان ترندي آهي. مان پنهنجي ڀڳتي ڪاويہ جي سنگرهہ ڪاويہ چنتن من جو منٿن جي ڪور تي اُها تصوير ڏني آهي.

پياري پاپي سدوري ٻائيءَ کي ياد ڪري ور ور لڙڪ لڙندا آهن. سندس پيار ۽ آسيس ادرشٽ روپ ۾ اڄ بہ مونکي ملندي رهي ٿي.

امان پاري ٻائي ڪوٽومل ڏاميجا

منهنجي امڙ پاري ٻائي ڪوٽومل ڏاميجا ڌارمڪ پرورتيءَ واري هئي. جڏهن صبوح جو سويل هوءَ جنڊ هلائيندي هئي تڏهن مونکي هوءَ پنهنجي سٽر تي سمهاري گرٻاڻي بہ اُچاريندي هئي. ڌارمڪ ويچارن جي پونجي مونکي پنهنجي گهر جي وڏڙن جي ورثي مان ئي ملي. مان گهر ۾ سڪيلتو هوس اَن ڪري امان پاري ٻائي ۽ پاپي سدوري ٻائي ڪڏهن ڪڏهن مونکي ڪارو ٽڪو لڳائيندي هيون جئن مونکي ڪنهنجي نظر نہ لڳي. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي نلڙن ۾ ٻڪريءَ جي کير يا ڏيءَ ماءُ جي ٿڃ وجهندي هئي ۽ مان آناڪاني ڪندو هوس تہ ڪي ڪاغذ جا ٽڪر مونکي خوش ڪرڻ لاءِ نوٽ ڪري ڏيندي هئي. مان نوٽ وٺي خوش ٿيندو هوس. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن مونکي لقمان ناناڻي گهر وٺي هلندي هئي.

اَڄ گهرن ۾ ماتائون پينر پنهنجي گهر جو سارو ڪم ڪار پاڻ ڪنديون هيون. امان ۽ پاپي گهر جي صفائي ڪرڻ، برتن صاف ڪرڻ، جنڊ هلائڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، اَن صاف ڪرڻ وغيره ڪم پاڻ ڪنديون هيون. سرير کان جيترو ڪم وٺبو تہ سرير چست رهندو. اڄ ڪلهہ تہ هرڪو ٽڪي ڏانبو ڏو ڪٽائي! اڳي ماتائون پينر ڏاڍيون چست هونديون هيون ڪم ڪرڻ کان ڪيٻائينديون ڪين هيون پر اڄ گهٽي ڀاڱي ڳالهہ اُلٽي آهي. منهنجي امڙ ۽ پاپي سدوري ٻائي نت نيم ڀڳوت گيتا ۽ گرٻاڻيءَ جو پاٺ ڪنديون هيون. پياري امڙ مونکي ڪيڏو نہ پيار ڏيندي هئي، آسيس ڪندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن ننڍپڻ ۾ رات جو سمهڻ وقت رلي آلي ٿي ويندي هئي تہ مونکي سوري سڪي پاسي سمهاريندي هئي ۽ پاڻ رليءَ جي آلي پاسي سمهندي هئي. منهنجي امڙ ۽ پياري پاپي مونکي ماتا مدالسا جيان گيان ڏينديون هيون. ڪارتڪ

پياري لاج جي هٿ ۾ شيرين هئي. هوءَ طرحين طرحين طعام يا ڀاڄيون
ي هئي. ڪريلا ڪوڙا ٿڌهن به هوءَ ڪريلا اهڙا تہ سوادي ٺاهيندي هئي جو
ڙ سندس سار اهہ جون سُرڪيون ڀريندا هئا. پيارو رام لعلچنداڻي پيڻ پروفيسر
ي جوتواڻي ۽ ٻيا ڪي متر جنهن ڪريلا کائيندا هئا تہ لاج جي سار اهہ ڪندا
گهر ۾ آيو ويو مهمان راضي ٿي ويندو هو. ساڳي شيرين سندس پيڻ ڪملا
جي ڀاڄائيءَ منهنجي نياڻين درگا، مينا، گوداوري ۽ پدما ۾ بہ آهي.

پياري لاج منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان
منتر ورتو. هوُ نت نيم نام جپيندي هئي، گرهاڻي ۽ شريمد ڀڳوت گيتا
ي هئي، ستنارائڻ ۽ گڻيش چوٿ جو ورت رکندي هئي. ستگرو سوامي
ي پرڪاش مهاراج کيس آسيس بہ ڪندا هئا تہ پيار بہ ڪندا هئا. چوندا
ٽي آ لاج ڪندي ڪاج.

لاج جا پيڪا پونا ۾ هئا. انڪري وقت بہ وقت کيس پونا وٺي ويندو هوس.
ر هن پوجيہ دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جو ڪيترائي دفعا درشن ڪيو ۽ اُپديش
جيئن ئي مان پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي وياجهو آيس اُنهن جي اسيم
يا ۽ پيار مونکي ملندو رهيو تہ لاجونتيءَ کي بہ ڪيترائي دفعا پوجيہ دادا جشن
اڻي آسيس ڪندا رهيا ۽ کيس پنهنجي نينهن ڀري نگاهہ سان نهال ڪندا
لاج کي پياري دادا جشن لاءِ بہ ڏاڍي شرڌا هئي.

جدا جدا سالن ۾ چار نياڻيون درگا، مينا، گوداوري ۽ پدما ڄايون، پنهنجو
ب کٽي آيون.

مان ڪاليج ۾ نوڪري ڪندي سماجڪ، ساهتيڪ ۽ دکين دريدرن
خدمت ۾ مشغول رهيس. هوءَ سياڻي سيبتي گهر جو گاڏو هلائيندي رهي.
مي ديو پرڪاش مهاراج، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج ۽ ٻيا سنت کيس
س ڪندا رهيا.

هڪ دفعي کيس پيٽ جي تڪليف ٿي. ڊاڪٽر چيو تہ هن جو
ڪي آپريشن آهي. مان پريو ۽ ستگرن کي پرارٿنا ڪندي ڊاڪٽر کي
تہ آپريشن ڪيو، ڀڳوان ٻلي ڪندو مان پنج هزار ڪئوماتا لاءِ لاج کان
ائي وجي ڳائين کي گاهہ ۽ ٻڳڙ کارايو ۽ ڀڳوان کي لاج لاءِ پرارٿنا ڪئي.

جپيو نام سڪ سان تو سنتياڻي،
وئين تون حياتي سقلي ٻڻائي،
دعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مون تي آهي،
مان هڪڙو ٻه ٿورو سگهان ڪين لاهي!

(٣) ڏيان ڪنهنکي پيڙون، چمان چرڻ ڪنهن جا،
پون پور پل پل امڙ مونکي تنهنجا،
هنجون ويٺو هاريان، ڪير پرچائي؟
دعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مون تي آهي،
مان هڪڙو ٻه ٿورو سگهان ڪين لاهي!

(٤) سرڳ مان امان! ڪا آسيس تون ڪر،
پنهنجي ٻار تي تون مهر جي نظر ڌر،
امڙ! تنهنجي مهما پيو 'آشا' ڳائي،
دعا تنهنجي جيجل ڪيڏي مون تي آهي،
مان هڪڙو ٻه ٿورو سگهان ڪين لاهي!

پتني لاجونتي

٢٣ اپريل سنه ١٩٥٨ع ۾ منهنجو وواهه پونا جي شري ديارام لُلا جي سپتري لاجونتيءَ سان ٿيو تڏهن مان نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ پاڙهيندو هوس ۽ منهنجي ڪاليجي پڙهائي ٻه چالو هُئي. هوءَ پارتيه سنسڪارن ۾ پليل هئي. هوءَ سلڇڻي سپاجهي ڌارمڪ پرورتيءَ واري هئي. هوءَ منهنجي پوجيه ماتا پتا، پاپي ۽ ڪاڪا جي آگيا ۾ رهي گهر گرهست جو گاڏو هلائيندي رهي. منهنجي سس سمپت ٻائيءَ کيس سندر سڪيائون ڏنيون هيون. مان نندپڻ کان مشغول رهيو آهيان. نوڪري ڪندي پڙهندو ٻه هوس ته شيوا ڪارين ۾ ٻه سڪريه رهيس. اُن ڪري جيترو وقت مونکي پنهنجي پتنيءَ کي ڏيڻ گهربو هو سو ڪين ڏئي سگهندو هوس. هن ٽيلرنگ ڊپلوما امتحان ٻه پاس ڪيو. ڪيس سلائيءَ جي سٽي چاڙ هئي. مان ڏهين روپين ۵ وال ڪادي ڪاڪي جيوترام کان وٺي ايندو هوس ته لاڄ منهنجو وڳو سڀي تيار ڪندي هئي.

. مونکي چيائين پيڙون نہ ڏيو. ڊاڪٽر آيو سئي هيائين. شايد کيس
جا پرون پئاجي ويا. مان هڪدم تل ڦل هن کان دان ڪرايو. ائين اوچتو
مبر ۲۰۰۹ع ۹ باجي صبوح جو پکيڙو پرواز ڪري ويو!

گهر ۾ غم جون گهٽائون ڇانئاجي ويون. ڪنهنجو وس نہ هليو!
ہ رام جي راھ ڏانهن رمندي رهي. ۵۲ سال گڏ گذاريائين، اوچنگارون
ن. نيٽن نيڻ وهايو! پرپوءَ جو پاٽو ست ڪري مڃٽو پيو. سندس پڳڙين
موقعي تي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ حشام
د پائر پينر ۽ مائٽ آيا. ڪيترن ساڃٽن کيس پاوَپيني شرڌانجلي ڏني.
سندس جدائيءَ ۾ هيٺيون گيت لکيو جو نياٽي سمن کيملاٽي سوز پري سُر
و.

پتورت پتني لاجونتي! تون سرڳ ڏانهن رمندي رهينءَ،
زندگيءَ جي راھ ۾، مونکي ڇڏي تون متي هلندي رهينءَ!
ياد تنهنجي ور ور اچي ٿي ۽، آب اَکڙين مان وهي!
دل منهنجي ڪومل نرم، فصل جو دک ڪيئن سهي!
پور پل پل ٿا پون، تصوير تنهنجي ٿي تري!
سڏ ڪريان مان 'لاج' ورور، تو کانسواءِ پلا ڪئن سري!
هم سفر تون سار ڪيڏي، منهنجي لڏي خذمت ڪئي!
خيال ڪيڏو توکي منهنجو، عمر پر صحبت ڪئي!
مونکان وڌ نازڪ طبع، تون نفيس هئين نرم دل!
ڏسندي ڏسندي توکي، ڪيئن کٽي وئي ڪال حِل!
پي جي دک کي پنهنجو سمجهي، دور تو تنهنکي ڪيو!
موم دل منڙي منهنجي، ٿيندس سهاڳڻ تو چيو!
سوامي شانتي پرڪاش، ستگر دادا جشن توکي پيار ڪيو!
نام سان تو لنوَ لڳائي ۽، پيار جو وهنوار ڪيو!
تو ڏنو سهيوگ ڪيڏو، آگيا ڪاري تون متي!
گرهست جو گاڏو هلايو، سانت چت ٿي تون سٽي!
تون هئين صدقي سنتن جي، ٻاجھ ٻوھ ۾ پڳتي ڪئي!

سندس پيٽ مان هڪ ڪلو ٻوڙهو نڪتو. لاج ٺيڪ ٿي ويئي. ڪجهه مدت بعد وري ڪيس دل جي تڪليف ٿي ڪيس هڪدم اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ وري به مان لاج ڪان پنج هزار روپيا ڳائين جي شيوا لاءِ ڪيائي وچي ڳائين جي شيوا ڪئي لاج تندرست ٿي پيئي.

مان لاج ڪي هرسال دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جنمدن اُتسوَن ۾ پونا وٺي ويندو هوس. ٢۴ نومبر سنه ٢٠٠٩ مان لاج ڪي ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن اُتسوَ لاءِ پونا وٺي ويس. اسين ساڌو واسواڻي ياتري ڀون ۾ رهياسين. لاچ چيو تہ سڀاڻي ٢۵ نومبر دادا لنگر ۾ بونديءَ لاءِ پنج هزار روپيا پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي ڏئي اچو. ڪيس اُتي اهڙو تہ بخار ۽ لڱن جو سور ٿيو جو ٢۴ نومبر هوءَ ستسنگ هال ۾ هلي نہ سگهي. مان وچي پياري دادا جشن کي روپيا پنج هزار بوندي پرساديءَ لاءِ ڏيندي چيو تہ لاج کي اچانڪ سخت بخار اچي ويو آهي. سڀاڻي لنگر جي بونديءَ لاءِ اٿو. ٢۵ نومبر لاج پيڙا سبب ستسنگ ۽ لنگر لاءِ هلي نہ سگهي. پيڻ مينو ڪيس ڪي ٽيبليٽس ڏنيون. مان لنگر مان پرساد ورتائي ڪٽڪو لاج لاءِ ياتري آشرم ۾ ڪٽي آيس. اُهو ڪٽڪو سندس مک ۾ وڌو ۽ بروقت ئي منجهند جو اُتان اُلهاسنگر لاءِ روانو ٿيس. اٽڪل شام جو ساڍي ڇهين بجي سڌو اُلهاسنگر ۾ پنهنجي گهرو ڊاڪٽر اشوڪ روهڙا وٽ لاج کي وٺي ويس. ڊاڪٽر سندس تپاس ڪري سئي هٽي دوائون ڏنيون. هفتو ڪن دوائون ورتائين ۽ لاج بهتر ٿي.

مان ۽ لاج روز صباح جو سنسڪار چينل تي پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو اُپديش ٻڌندا آهيون. ٣ ڊسمبر صبوح جو گهر جي هال ۾ ٻنهي چٽن ڪوچ تي ويهي پياري دادا جشن واسواڻي جو اُپديش ٻڌو. اُن بعد لاج مون لاءِ چانهہ ٺاهي آئي، خوش هئي. وري هوءَ رنڌڻي ۾ ويئي ۽ ڪِري پيئي. آواز ٿيو هڪدم مان ۽ ٻيا گهر جا ڀاتي ڪاچن ۾ وياسين. لاج کي ڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ اُٿي ۽ چيائين مونکي الائي ڇا پيو ٿئي. ڪيس ڪِرڻ سبب ٿورو مٿي جو ڌڪ لڳو. ڪيس پلنگ تي سمهاريوسين مان ڪيس پاسن کان پيڙون ڏيڻ لڳس. ڊاڪٽر کي گهرايو ويو تيسين سندس گهرو علاج شروع

Tributes to Mrs. Lajwanti Dayal Asha by Dada J.P.Vaswani

Hong Kong
December 19, 2009

Beloved and Estemed Brother, I have just arrived in Hong K
and have seen your very kind E-mail of December 14.

Such was God's will!! Dear Lajwanti - your beloved devoted wife has been called to higher life. She was truly fai companion for many years. She shared your sorrows and j She took care of you with tender care and devotion. She pla you happiness above her own. She was so loving, so affect ate, so gentle, so soft spoken, so sweet-tempered, so un standing, so clean, so kind, so courteous, so unselfish, so fu the spirit of humility and helpfulness. She was truly a pictu Indian womanhood. She was an embodiment of the spirit of s pathy and compassion Fragment be her memory!

Is not man, too, like a bird? Trailing clouds of glory cometh and dwelleth for a while in a nest which he builds or tree of life. He meets old comrades. He makes new friends gives what he has. He receives what he needs. He does his w And then, a gust of wind.... and he spreads his wings and away.

Our dear ones do not die. They but "go before" We too, shall one day follow them. We shall meet th again... so me here, some when. For life is endless and t is but a shadow of Eternity.

The candle of the Lord is a glow in very heart. And d down within us is our true life.... a loving thought, a gentle loo deep begining for the life Divine.

Dear Lajwanti has entered a new life. And in the star l of silence, Where she now doth dwell May her locked up pow be released, so that she beholds the Face of the "Golden Purus of whom the Upinshads speak to us in repures stains... the Gol Spirit who, unseen by many, hath His seat in every heart.

L
D

اوچتو ’آشا‘ اُجهامي، تنهنجي جيون جوت وئي!
ياد آهين ياد رهندين، جيسين آهيان مان حيات!
مان زندگي سڦلي ڪريان، توکي ملي آهي نجات!

گهر ۾ اعزاپرسي ڪرڻ لاءِ سوامي ديو پرڪاش مهاراج، پريم پرڪاش منڊل جا پرڌان سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، سائين چانڊورام صاحب ۽ ٻيا سنت آيا جن همدرديءَ جو اظهار ڪندي آسيس ڪئي، پرارٿنا ڪئي. پياري لاجونتيءَ جون ٻه منڙيون يادگيريون وسرڻ جون ڪين آهن. مان ڏاڍو موم دل آهيان. ياد ڪندي لڙڪ لڙندا آهن.

پوجنيہ دادا جشن واسواڻيءَ هانگ ڪانگ ۾ لاجونتي جي سرڳواس ٿيڻ جي خبر ٻڌي. ڪيس انگريزيءَ ۾ شرڌانجلي ڏيندي مونکي هيٺيون همدرديءَ جو پتر لکيو.

☺☺☺

ن ۾ لڏندي. اوهان ايندڙ هفتي نياڻيءَ کي ميران پومي پونا ۾ وٺي اچو ۽ اسين به
جي سپتر و اسديو کي اُتي وٺي ايندا سين. پوجنيه دادا جشن و اسو اڻي اسانجا ڳ
هن انُهن جي هٿان مگڻو ڪرائبو. مان مقرر ڏينهن تي پنهنجي پتني لاجونتي
ي گوداوريءَ کي پونا وٺي ويس. پوجنيه دادا جشن و اسو اڻيءَ سان سارو نڪر
. ٻئي ڏينهن دادا ساتو و اسو اڻيءَ جي ڪٽيا ۾ هون يگيه بعد پياري دادا جشن
ڻي شري ڪوتومل جي سپتر و اسديو کان پڇيو ته هي نياڻي توکي گهڻو سيڪڙو
آهي؟ چوڪري وراڻيو ته سؤ سيڪڙو پسند آهي. دادا جن وري منهنجي نياڻي
ريءَ کان ساڳيو سوال پڇيو ته گوداوري باادت جواب ڏنو ته مونکي هڪ سؤ ڏهه
ڙو پسند آهي. پياري دادا پرارٿنا ڪندي ڏاڍي پڪي نموني مگڻي جي رسم ادا
ي. پياري دادا جن کان آسيس وٺي ٻئي ٽريون پنهنجي پنهنجي ماڳ ورياسين.
ڪوتومل فون ڪيو ته شاديءَ جو مهورت ڪڍايو ۽ شادي حيدرآباد ۾ ٿيندي.
س عرض ڪيو ته ڪاجهه وقت ترسو ته پوءِ مهورت ڪڍائبو پر شري ڪوتومل
ته اسانکي جلدي شادي ڪرائڻي آهي. آخر سيٺ کي راضي ڪرڻ لاءِ مهورت
يو ويو. مگڻي وقت شري ڪوتومل چيو هو ته اسانکي سائين سپ ڪاجهه ڏنو
توهان ڏي وٺ جي چنتا بنهه نه ڪندا.

منهنجي پتني لاجونتي ڪافي ڏاجو تيار ڪيو ۽ سون جا زيور به نياڻي لاءِ
ڪيا. مان پتنيءَ کي چيو ته هوُ شاهوڪار آهن، تون ايڏو خفو نه ڪر. اسان
ار ۽ ڪن مترن سميت شاديءَ جي ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ گرسنگت سنڌي
الا حيدرآباد ۾ پهچي وياسين. مان پنهنجي پتنيءَ کي چيو ته هت ترمشالا ۾
تا جيڪر ڏاجو اچ سيٺن کي موڪلي ڇڏجي باقي سون نياڻيءَ کي شاديءَ
پائبو. مان پنهنجي پلجائي ڪملا ۽ پياري گوورڌن گدواڻي، پنهنجي وڏي نياڻي
ناڻي ڪشورلعل چانبواڻيءَ هٿان سمورو ڏاجو سيٺن ڏانهن موڪليو.

سيٺ موهني ٻائي چيو ته سون ڪٿي آهي؟ واپس وڃي پهرين سون جو
ڪٽي اچو پوءِ مان پيو ڏاجي جو سامان وٺندس. پيارو گوورڌن گدواڻي ترمشالا ۾
ل آيو ۽ حقيقت ٻڌايائين. سون جا ٻهه ته نياڻيءَ کي شاديءَ جي ڏينهن پائڻا
مون سوچيو پرديس آهي هت وڌيڪ ڪين ڳالهائي سگهبو. پتني لاج
چيم ته نياڻي لاءِ آندل سون پياري گوورڌن کي ڏي: وڃي موهني ٻائي

ديسي سيڻ ڪاڄ

شاه لطيف سچ لکيو تہ ”ديسي سيڻ ڪاڄ پرديسي کهڙا پرين!“ زندگ يءَ جي راھ تي هلندي ڪي سهڻا ٿوھ پٽَنِ تي ملن ٿا. ڪي ڪي منهن جا منڙا پر دل جا...

پوجيہ دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي جنمدن ۽ ورسيءَ جي موقعي تي ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جنمدن اُتسوَ ۾ ميران يومي پونا ۾ وقت بہ وقت پيارو ڪوٽومل ڏيوناڻي ۽ سندس پتني موهني ٻائي ڏاڍي پيار سان ملندا هئا. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سان بہ سندن ٿورو سمپرڪ رهيو. ڪين مگنٽي لائق پٽ هو. ڪين چاڻ پئي تہ مونکي نياڻيون آهن پٽ ڪي مگڻائڻ جي لحاظ ڪان شري ڪوٽومل ۽ سندس پتني سوامي ٽيئونرام آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ آيا. مان ساموهڪ شادين جي سنبنڌ ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سان گڏ ڄامنگر ويل هوس. مان ستگرو مهاراجن سان گڏجي ڄڻ ڄامنگر مان آشرم ۾ واپس وريس تہ شري ڪوٽومل مون سان مليو ۽ چيائين اسين خاص سيڙجي آيا آهيون اوهانجي نياڻي ڏسڻ لاءِ اسانکي پٽ ويٺو آهي. شري ڪوٽومل منهنجي ستگرن سان بہ ان بابت حالي احوالي ٿيو. ستگرو مهاراجن آگيا ڪئي تہ هي پيارا آيا آهن يلي ڪين پنهنجي نياڻي ڏيکار. ٻئي ڏينهن شري ڪوٽومل ۽ سندس پتني منهنجي گ هر آيا. منهنجي نياڻيءَ گوداوري نظر مان ڪيي بروقت ئي چيائون تہ هيءَ هاڻي اسانجي آهي. اسان کي پرماتما سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. هيءَ اسان وٽ

يس ۽ ٻار لاءِ پارت ڪيم. سس گهر ۾ نياڻيءَ کي طعنا ڏئي تنگ ڪندي
ر نياڻيصبر سان سڀ سهندي رهي. پنهنجي ڳنر تي لت اچي ته خبر
جيڪي سيڻ زبان جا منڙا هئا سي ڪوڙا ٿوهر نڪتا. کلي کلائي چيائون
نهنجي ڌيءَ کي گهر واپس وٺي وڃو دماغ جي ٺيڪ ڪين آهي.

حيدرآباد جي هوشيار دماغ جي ڊاڪٽر ڪڪيءَ جي تپاس ڪئي
رٽ ڏني ته نياڻي هرطرح ٺيڪ آهي ڪيس گهر ۾ خوشيءَ جو ماحول
چي. اِهو ٻڌي سيڻ جا ڍير ڍرا ٿي ويا. مان حيدرآباد جي سنڌي پئنچايت
ڪڙڪايو. هاءِ ڪورٽ جو رٽايرڊ جج شري گرگلاڻي پئنچايت جو
يڊنٽ هو. شري شيام جماڻي ۽ ٻيا چار پنج رچ مڙس گڏ ٿيا. جج شري
ي ٻنهي ڌرين کي ٻڌي لکائي ورتو ته سندس فيصلو ٻنهي ڌرين کي
ڪرڻو پوندو. جج صاحب ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کي ٻه ڏيان سان ٻڌو
ڪٽر صاحب جي رپورٽ ٻه نظر مان ڪيي.

حال اسين نياڻيءَ کي اُلهاسنگر واپس وٺي آياسين. جج گرگلاڻي
ب سانتونا ڏيندي چيو ته مان هفتي کن ۾ پنهنجو فيصلو لکي
ليندس. مان وقت به وقت پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي نياڻي گوداوريءَ
ال احوال ڏيندو هوس ته دادا جن کي ٻڌي افسوس ٿيندو هو. پئنچايت
ريزيڊنٽ جج گرگلاڻي صاحب پنهنجو ٻي رياءُ فيصلو لکي موڪليو
اڻي ٻي قصور آهي. ناحق مٿس الزام لڳايا ويا آهن. شري ڪوٽومل
ٽ مهني جي اندر پنهنجي پتني گوداوريءَ کي سندس پيڪن مان
اچي. جج صاحب جي فيصلي جي هڪ ڪاپي مونکي ۽ ٻي ڪاپي
ڪوٽومل ڏيوناڻيءَ کي موڪلي ويئي هئي. پر شري ڪوٽومل ان
ي کي قبول ڪين ڪيو. مان وري به فون تي سيڻ کي عرض ڪيو ته
اکين تي رکي پنهنجي نونهن کي گهرائي وٺو پر شري ڪوٽومل ۽
پتني موهني ضد تي قائم ته اسان کي طلاق ڏيڻي آهي. ان وچ ۾
ونا دادا جشن وٽ آيا. دادا جن کين ملڻ کان انڪار ڪندي چوائي
ڪليو ته توهان نياڻي گوداوريءَ کي ٻه پاڻ سان گڏ وٺي اچو ته پوءِ توهان
ملندس. پياري دادا جشن کي منهنجي نياڻيءَ جو ڏيڍو خيال هو. مان

کي خوش ڪري جئن سندس اکيون ٺرن. من دکي ٿيو تہ اهڙن لالچي ماڻهن سان ناحق سڱ ڳنڍيو! پرديس ۾ ڇا ڪجي! پيارو گوورڌن گدواڻي سون ڪٽي سيٺ جي گهر ويو ۽ سون سيٺ موهنيءَ کي ڏنائين ۽ پوءِ هن ٻيو ڏاجي جو سامان قبول ڪيو. ٻئي ڏينهن شادي ٿي. مان سمجهو گنگا اشنان ڪيو. رات جو ئي سيٺن چيو تہ سياڻي رات جو هوٽل ۾ ستاوڙو ڏيو. مون کين چيو تہ واپس ورڻ جون ريلوي ٽڪيٽون اوهان ڪڍائي رکيون آهن. ستين ٻجي سنجها جو ٽرين آهي. باقي منجهند جو ڪنهن ويشنو هوٽل ۾ بلاشڪ پوڇن ورتايو. ان ڳالهہ تي بہ سيٺن ناراضپو ظاهر ڪيو. ڏي وٺ ڪري شاديءَ جي ٻئي ڏينهن مان پريوار سميت حيدرآباد مان نڪتس. نياڻي پرديس ۾ هئي انڪري هفتي ۾ ہ ٽي دفعا ساڻس فون تي ڳالهائبو هو تہ بہ سيٺ موهني ناراض ٿيندي هئي.

مهني ٻن ڪانپوءِ شري ڪوٽومل فون ڪيو تہ اوهان پنهنجي نياڻي کي واپس وٺي وڃو. اِهو ٻڌي دل کي صدمو رسيو. مان هڪدم پيڻ ايشوري، پنهنجي متر پروفيسر گوپ روپچندڻيءَ کي ساڻ وٺي حيدرآباد دکن روانو ٿيس. سيٺ جي گهر ويس ۽ ڏٺم تہ گل جهڙي گوداوري مرجهائجي وئي آهي. ان نياڻيءَ ۾ منهنجو وڏيڪ موهہ هو. سيٺ جي گهر چانهہ پيئڻ تي بندش هئي. سمهڻ وقت وهاڻو رکڻو ناهي وغيره. گوداوري گهر جي نيمن جو پالن ڪندي رهي. مان اُنهن کان حال احوال وٺندي پڇيو تہ منهنجي نياڻي هڏ ڀڳل آهي. طرحين طرحين جا طعام تيار ڪندي آهي. سندس هٿ ۾ شيرين آهي. زبان ۾ بہ شيرين آهي. اُن ۾ ڪهڙي ڪمي آهي جو اوهان اُن مان ناراض آهيو؟ مان اوهان کي مائٽي ڪونہ چوائي هئي اوهان پاڻ مُنهنجي نياڻيءَ کي ڏسندي ئي گُهر ڪئي. مونکي پرديس ۾ شادي ڪرائڻي ڪين هئي اوهان جي قرب ڪري مان ها ڪئي. اڄ وري اوهان نياڻي کي ڌڪاري رهيا آهيو. سيٺ چيو تہ اوهان پنهنجي نياڻيءَ کي وٺي وڃو پوءِ ڏسنداسين. مان ماٺ ڪري ڪڪيءَ کي اُلهاسنگر وٺي آيس. ڪجهہ ڏينهن بعد سيٺ کي فون ڪيم تہ اوهان پنهنجي سپاتر کي هتي موڪليو تہ گوداوريءَ کي وٺي وڃي. سيٺ آنا ڪاني ڪئي. آخر مان نياڻيءَ کي حيدرآباد سندس ساهرن ۾

ٿيندو رب راضي سدا تنهن تي ادا!

ڏيءُ جو پيءُ ڏانهن خط

پڙهي خط اوهانجو نه ٿي ننډ آئي،
مون گنگا ۽ جمنا اکين مان وهائي!

١) هتي مونکي پنهنجو نٿو سمجهي ڪوئي،
اُکهي لڙڪ جيڪو وهايان ٿي روئي.

٢) پتي پراڻ پيارو پاڇي ڪين مونکي،
ڏئي سس پيي سهما سدائين ٿي مونکي!

٣) سچو ڏينهن شيوا ڪندي تن جي آهيان،
تڏهن پيي جُتيءَ جي برابر نه آهيان!

٤) انگل آرا ڪيڏا ڪيا مون اوهان سان،
ڪيا لاڏ ۽ ڪوڏ ڪيڏا توهان سان!

٥) ٻڌو هوم شاديءَ جي معنيٰ خوشي آهه،
خزان پيئي پانيان، ڪٿي سان خوشي آهه؟

٦) چڙهيس شينهن ڪلهي ڪري دل کي پڪو،
مگر منهنجي دل کي مليو آهه ڌڪو!

٧) جيئڻ ۾ نڪو جس، نه ڪا چاهه آهي،
لڳي ٿو مرڻ جي ٻاجهي راهه آهي!

٨) چيو هو اوهان مونکي پينگهن ۾ لڏنديءَ،
سکي ساهرن ۾ سدائين تون ٿينديءَ!

٩) پئي دک ٿي پوڄيان جو قسمت ڦٽي آ،
جو جيون جي ويڙا پڳي آ ٽٽي آ!

١٠) مان ناري مان ابلا مان مظلوم آهيان،
مان هر روپ ۾ بس ڏيڻ ئي ٿي چاهيان!

١١) تڏهن پيي هتي قدر ڪاجهه ڪين منهنجو،
ڏيان ڪين عزت ته ڪن مونکي پنهنجو!

١٢) پنهنجي چائي هر ڪنهن کي ته پيارِي ٿيندي آهي،

ان دور ۾ پيءُ جو ڌيءَ ڏانهن خط ۽ ڌيءَ جو پيءُ ڏانهن خط لکيا جي هندواسيءَ ۾ شايع ٿيا :-

پيءُ جو ڌيءَ ڏانهن خط

مون پيار مان توکي نپايو مٺي،
توکي ساهه پنهنجي سان لڳايو مٺي!
۱) تنهنجا وار ڪڪا تنهنجي مشڪ مٺي،
هردل کي پنهنجو ڪيو تو سُٺي!
۲) توتي ڪڏهن نه هٿ مون هلايو هو،
توکي پٽن کان وڌ مون پاليو هو!
۳) ڪيڏا پيڪن ۾ تو لاڏ ڪيا،
تو ساهرن ۾ تو سور سٺا!
۴) مون سمجهو هو ٿيندينءَ ڏاڍو سکي،
پر قسمت ڪيو ڪکي توکي دکي!
۵) تون ڪومل مکڙي گل نه ٿينءَ،
تون هيسجي چو مر جهائجي وئينءَ!
۶) چر آنبي جي ڏاڍي آهه تکي،
محسوس ڪندو جنهنکي آهه لڳي!
۷) گل ٻوٽن کي جل ڏيندي هُئيئَن،
ڪئن سار اُنهن جي لهندي هئين!
۸) تنهنجي دک ۾ گل مرجهائجي ويا،
خزان آئي اهڙي گل سُڪجي ويا!
۹) توکي شڪتيءَ کان وڌ ڏيب ڏنم،
پرديس ۾ پياري توکي وڌم!
۱۰) تنهنجي ڪرمن ۾ ڪا ڪاڻ هُئي،
جو دوري سين کي سهٽي پيئي!
۱۱) پنهنجي چاين وارا خلم نه ڪيو،
ايڏو نياٽين سان اوهان ظلم نه ڪيو!
۱۲) ”آشا“ کهل ڪندو جيڪو ٻين تي سدا،

ي اوهانجي شان وٽان ناهي. تڏهن شري ڪوٽومل سچ آکيو تہ اوهان
نياٽي خلاف ڪيس ٺاهڻ لاءِ اِهو الزام اوهان تي لڳايو ويو! اِهو ٻڌي
نجب ۾ پيس تہ طلاق جي ڪيس کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪوڙو الزام،
ن ۾ پوءِ انصاف ڪيئن ملندو!

مان شري ڪوٽومل کي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي
ي ۾ وٺي ويس. سوامي جن هنجي خاطرداري ڪرڻ بعد حال احوال
ءِ ستگرو مهاراجن مونکي چيو تہ مان هن سان اڪيلو ڳالهايان ٿو.

اڌ منو ڪلاڪ ستگرو مهاراجن کيس سمجهايو تہ ديال جي نياٽيءَ
ناحق نہ ڪريو. توهان ۽ توهانجي پتني هٺ خاص ڇوڪري پسند
ي پياري دادا جشن واسواڻي جي هٿان پنهنجي پٽ جو مڱڻو ڪرايو
ءِ جلد وواهہ ڪرايو ۽ ٻن ٽن مهنن کان پوءِ طلاق جون ڳالهيون؟ اِهو
ن کي ڪيتري قدر سونهين ٿو! توهان ور ور ٽوڙڻ جون ڳالهيون دهرايو
سنت ٽوڙيندا ناهن پر جوڙيندا آهن. ديال اسانجو يار آهي اسان سندس
ڪي بہ چڱي ريت سڃاڻون. هٺ تان لهي کير کنڊ ٿي وڃو پرماتما ڀلي
دو. ستگرو مهاراجن جي سمجهائڻ تي بہ هوُ اڌ هٺي بيٺو تہ مان سڱ
ڻ لاءِ اوهان وٽ آيو آهيان. ستگرو مهاراج مٿس ناراض ٿيا. شري ڪوٽومل
ي ٿي ڪمري مان واپس وريو. ستگرو مهاراجن مونکي گهرائي سربستو
ال ٻڌايو ۽ منهنجي دل کي آٿت ڏيندي چيو تہ ديال هي ماٺهو نٿر آهن
دل آهن. اسانجو تہ ٺهيو پر دادا جشن واسواڻيءَ جو بہ ڪين خيال نہ
تہ گروءَ جي آکيا مڃين. رک ڀڳوان تي سائين سٽائي ڪندو.

پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي آکيا انوسار مان ۽ منهنجي نياٽيءَ
رٿ جو منهن ڪين ڏٺو. نياٽيءَ کي طلاق ڏني ويئي. مون تي لڳل
ن جي چوريءَ جو الزام بي بنياد نڪتو. تڏهن شاهہ لطيف جو بيت
آيو.

ديسي سيڻ ڪاڄن پرديسي ڪمڙا پرين!

ان دور ۾ مون هيٺيان ٿي آزاد نظم لکيا. هڪ خدا جي ڪورٽ،
عورت جو هڪ روپ، ۽ ٽيون طلاق.

ڏٽيءَ جو تہ ڏپ ڏاءُ ڪنهنکي بہ ناهي!
١٣) هي رشتو ڳُنڍي ۽ ڳَنڍيءَ جو تہ ناهي،
چون ٿا تہ توسان نہ سگهبو نباهي!
١٤) مان رانديڪو ناهيان جو مونکي ڦٽي ڪن،
نڪو انب آهيان جو چوسي ڦٽي ڪن!
١٥) مان حق لاءِ لڙنديس، مان حق لئہ مرندس،
مري جي وڃان تہ بہ امر آنءُ ٿينديس!
١٦) مري جي وڃان مان ڏجو ڏڍ امڙ کي،
اوهان گيان گيتا جو ڏيندا امڙ کي!
١٧) اوهان منهنجي چنتا کان آزاد رهجو،
دعائون ڏجو پر نہ ناشاد رهجو!
١٨) سوين مون جيان "آشا" دکي ٿيون گذارن،
ڪري مهر مالڪ سکي شال گهارن!

مذڪور خطن ڪيترين دلين کي ڌوڏي ڇڏيو. منهنجي سيڻ شري ڪوڙومل جاج شري گرگلاڻي صاحب جي فيصلي کي ٺوڪر هڻي مون تي ڪوڙو ڪيس ڪيو. سمن آئي مان اُها سمن پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي وڃي ڏيکاري. پياري دادا چيو ديال تون ڪورٽ ۾ نہ وڃج اسان ڪورٽ مان ڇا ڇاٽون! ڪنهن وڪيل کي موڪلج. مان اُلهاسنگر مان هڪ پروفيسر وڪيل کي حيدرآباد ڪورٽ ۾ موڪليو. ڪيس ڪورٽ ۾ هليو پئي ان دوران شري ڪوڙومل منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن وٽ آيو. قدرتي اچڻ وقت منهنجي نظر مٿس پئجي ويئي. مان ڪيس ڪيڪاريو پر هن رخ ڪونہ ڏنو ۽ چيائين مان سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سان ملڻ آيو آهيان. مان ڪيس چيو تہ اوهان ڪورٽ ۾ مون تي ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي الزام لڳايو آهي تہ مان اوهان جي گهر مان هيرا جواهر زيور وغيره کڻي ويو آهيان. مان توهان وٽ بہ ٽي دفعا نياڻي سبب آيس پر رهيو ترمشالا ۾ هوس ڪاجهہ ڏٽيءَ جو ڏپ ڪريو؟ مان نہ اوهانجي ڪمرن ۾ ڪيٽ ڏٺا نہ هيرا جواهر. افسوس اوهان جهڙو رچ مڙس اهڙا سنگين الزام مون تي

هيءَ هرٽيءَ کي ٿي ڪائي!
هم جنس لاءِ قياس نہ تنهنکي،
ڪنهنکي مايا جي مغروري!
ڪنهن کي پٽن تي بانور آهي،
عورت عورت کي ٿي ستائي!
پتي تہ پرميشور ٿيندو آهي،
پر مرد کي ٻيي هوءُ ماڇو بڻائي!
ڪاڌي ۾ هوءُ زهر ملائي،
مکڙي کي هوءُ مروڙي مروٽي!
ڪيئن ٻيلا گل تنهن مان ٽڙندو؟
پنهنجو ونش ٿي پاڻ گهٽائي!
پاڻ بہ تہ ڪنهنجي ڄائي آهي،
پرڄائيءَ جو قدر نہ تنهنکي!
طعانن سان ٿي تنهنکي گهائي،
هيءَ ڇا پوتنا آهي!
ڪيڏانهن ويو اڄ ڪرشن آهي،
جو نياڻين جي لاڄ بچائي!
ڌرم بچائي شرم بچائي،
قوم جي ڪشتي پار لڳائي!

طلاق

طلاق! طلاق! طلاق!
نياڻين سان ڪيڏي نہ مذاق!
ڳنر تي لت اچي،
تہ ڪل پوي!

خدا جي ڪورٽ

نياءُ مندر ۾ نياءُ وڪامي،
زر جي زور تي وويڪ وڪامي!
ڏسو دنيا ۾ ڪيڏو انڌير،
شمع انصاف جي پيئي وسامي!
وڪيل وڪيل پيا وڪامن،
نياءَ مورتيون پڻ رشوت کائن!
چور ڇڏائن ساڌ ٻڌائن،
ان ۾ پنهنجي سياٽپ پائنن!
خدا جي ڪورٽ آهه وڏي،
ڇٽي نہ سگھندو تنهن مان ڪوئي!
ماڻهن کي ڪو اُلو بڻائي،
چالاڪيءَ جي چال چلائي!
سياٽپ سائين وٽ نہ هلندي،
ڪنهنجي ٻي ھُت نہ هلندي پُڄندي!
قدم قدم جو ليکو جنهن وٽ،
حساب ڏيڻو پوندو تنهن وٽ!
ڪنس راڻوڻ هرناڪس جو انت ٿيو،
پريوءَ پاڻ اچي کين ختم ڪيو!
''آشا'' دير آهي پر انڌير ناهي،
قدرت جو هي ناٽڪ آهي!

عورت جو هڪ روپ

عورت عورت کي ٿي ستائي،
سنگدل تنگدل!
هڪ هرٽي شينهڻ بڻجي،

اڄ پڻ آمين سڀ نہ ويا سنسار مان

اڄڪلهہ گهڻي ڀاڱي ماڻهو احسان فراموش ٿي پيا آهن، پر ڪي ڪي اهڙا
ن جيڪي عملي طرح احسانمنديءَ جو احساس ڪرائن ٿا. اهڙن شخصن جو
بيدار آهي، هوُ پنهنجي اهڙي تہ لائقي ڏيکارين ٿا جو ٻين لاءِ مثال بڻجي پون
سنہ ١٩٨٥ع ۾ جدا جدا شهرن ۾ ڪوي ڪشنچند بيوس جو جنمشتابدي اُتسو
يو ويو. مڌيہ پرديش سنڌي اڪادمي جبلپور ۾ سائين بيوس جو جنمشتابدي
آيوجت ڪيو. مونکي بہ اُن اُتسو ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ خط آيو. مان بہ اُن اُتسو ۾
ڪت ڪئي. اُتي آيل مهمانن جي رهائش جو بندوبست اشوڪا هوٽل ۾ ڪيل
جبلپور ۾ شري سندرداس گيانچند ٻٽيجا رهندو هو. سنڌ ۾ شري سندرداس
ڪيداريءَ جو ڪم ڪندو هو. پاڻ ٻيڙو ٿي ويو هو سندس سپتر ريلوي جا ٽيڪا
و آهي. سنڌ ۾ اسان خيرپور ميرس ۾ رهندا هئاسين هوُ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي
يہ پتا شري ڪوٽومل کان امانتو پئسا وٺي ويندو هو. هو سکر سنڌ جو رهاڪو هو
يڪي جا ڪم گهٽو ڪري خيرپور ۾ ڪٽندو هو. مان تڏهن ٻالڪ هوس. هو مونکي
ڏهن ڪڏهن خرچي بہ ڏيندو هو، پيار مان ڪيترا ڀيرا ڪڇ ۾ بہ کنيو هئائين.
هن بزرگ کان آسيس وٺڻ لاءِ سندس گهر ۾ ويس پر شري سندرداس گهر ۾ ڪين
مان نياپو رکي اشوڪا هوٽل ۾ واپس وريس.

شري سندرداس کي منهنجي موٽي وڃڻ جي ڄاڻ پئي. هن صاحب
ڪدم پنهنجي سپتر کي مون وٽ اشوڪا هوٽل ۾ موڪليو. هن باادب
ي مونکي چيو تہ بابا جن اوهان کي ياد ڪن ٿا. هلي اسانجي گهر ۾
. سندن ٻنهي اکين جي روشني غائب ٿي ويئي آهي. مون پيار وچان

مايا جي مدَ ۾
آپي جي انڌ ۾
ڪن ٿا اتياچار!
خوف خُدا جو ڪنهنکي ڪونهي!
اِڪ اهڙو اتفاق ٿيندو هو
ٿالهين لاهي ڇڏيندا هئا!
پر هت پئسو پوشيده بڻجي پيو!
نياءَ مندر ۾ نياءُ وڪاسي
ڪوڙ ڪي سچ ۽ سچ ڪي ڪوڙ
طلاق! طلاق! طلاق!
نياڻين سان ڪيڏي نہ مذاق!
نياڻين سان ڪيڏو آ ناحق
چپ چو ويٺو آ خالق!

منهنجي مذڪور آپ بيتي مذڪور رچنائن ڪي جنم ڏنو. شادي معنيٰ خوشي، ٻن دلين جو ميلاپ. محبت مگر اڄ ڪلهہ نوٽ لڳي ساهيڙي پڳي! شل سڀورو سائين سيني ڪي سُمت ڏي، سُڀڌي ڏي جو شاديءَ ڪي هڪ پوتر پريم وارو ناتو سمجهي توڙ تائين نباهيون.

☺☺☺

سندرداس کي شاباس آهي جو توکي هي پئسا ڏيئي پنهنجي دل جو
کو کيائين.'

اچا پيي آمين، سڀ نہ ويا سنسار مان!

هيءَ ڳالهہ اٽڪل ٽيهہ سال اڳ جي آهي جڏهن مان چاندي ٻائي
ٽي ڪاليج اُلهاسنگر - ٣ ۾ وائيس پرنسيپال هوس. مان ڪاليج جي
۾ ويٺو هوس تہ پيارو گوپال سيوهاڻي مون وٽ آيو. هوُ ڪجهہ سال
ون وٽ ڪاليج ۾ پڙهيو هو ۽ پوءِ وڃي آفريڪا ۾ نوڪري ڪيائين.
ن ڪان حال احوال ورتو، پياري گوپال منهنجي هٿ ۾ ڪجهہ نوٽ ڏيندي
'مان جڏهن هن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. تڏهن توهان مونکي في ڀرڻ ۾
ڪئي هئي. پرماتما جي ڪرپا سان مان اڄ لائقيءَ لڳو آهيان. اوهان هي
ڪن گهرجائو وديارٿين کي ڏيندا.'

سندس اِهي لفظ ٻڌي زبان ٻوليو :

اچا پيي آمين سڀ نہ ويا سنسار مان.

پياءُ گوپال بہ اُجورو چڪتو ڪري ماٿهو ڏيکاريو.

ٽي چار سال اڳ جي ڳالهہ آهي جنهن منهنجي دل کي ڌوڏيو.
ها جو مان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آشرم ۾ ستسنگہ پورو
ي جئن جنتا جناردن پريشد جي آفيس ۾ آيس تہ آميريڪا مان آيل نياڻي
جواهرسنگهہ هيرا پنهنجي ٻن ڀائرن سان گڏ آئي. هوءَ منهنجي خوش
دوست سرٻواسي سردار جواهرسنگهہ جي نياڻي هئي. سردار
هرسنگهہ سنڌو اديوڪيشن سوسائٽيءَ ۽ پوءِ جئہ ڀارت هاءِ اسڪول
۾ ڊرائينگ ٽيچر ٿي رهيو. مون نياڻيءَ ڪان حال احوال ورتو. پياري
ٻڌايو تہ ڪرتار جي ڪرپا سان هن ايم.ڊي. سرجريءَ ۾ ڪئي آهي.
ميريڪا ۾ سرجن طور سٺو نالو ڪڍيو آهي. آميريڪا جي پريزيڊنٽ
بش جو بہ سرٽيفڪيٽ ڏيکاريائين. مان ڪيس سڦلتا لاءِ واڌايون ڏيندي
يءَ جو اظهار ڪيو، پياري شوپا منهنجي هٿ ۾ نوٽن جي ٿڦي ڏيندي
، 'دادا! مان جڏهن هت ميڊيڪل ۾ پڙهندي هيس تہ توهان وقت بہ وقت
ي سهائتا ڪندا هئا. هاڻي گروجن جي ڪرپا سان مان لائقيءَ لڳي

ڪيس چيو، ’هت هن هوٽل ۾ سک سهنج آهي. سياڻي واپس وڃبو. باقي مان پتاجن کان آسيس وٺڻ لاءِ سياڻي ضرور هلندس.‘ ٻي ڏينهن هي پيارو مونکي وٺي هلڻ لاءِ ڪار ڪٺي آيو. مان سندس آفيس ۾ ويس ۽ شري سندرداس کي ادب سان پيرين پئي آسيس ورتي. آڳت ڀاڳت ڪرڻ بعد حال احوال ورتائين. موڪلائڻ وقت مونکي نوٽن جي ٿقي هٿ ۾ ڏيندي چيائين، ’سنڌ ۾ اوهانجي پتاجن کان مان گهرج وقت ڪڏهن ڪڏهن پئسا امانتو وٺندو هوس ۽ وري جڏهن سرڪاري بل پاس ٿيندا هئا تہ پئسا واپس ڪندو هوس. اُتان جا حساب ڪتاب اُتي ڇڏي آياسين، انڪري هي پئسا اوهان وٺو.‘ مان پئسن وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو، ’دادا! مان پئسن وٺڻ لاءِ ڪين آيو آهيان، وڏڙا تہ ويا هليا باقي امڙ حيات آهي. اوهان خيرپور ۽ سکر ۾ ڪڏهن ڪڏهن مونکي گهمائڻ وٺي هلندا هئا ۽ خرچي ڏيندا هئا. انڪري واجب سمجهيم تہ هت اوهانجي شهر جبلپور ۾ آيو آهيان تہ اوهان کان آسيس وٺان. مان هي پئسا بنھ ڪين وٺندس.

شري سندرداس بنهجا نابين ٿي پيو هو پر ڪيس اندر جي سوجهي هئي. هن پاڻوھ مان چيو، ”ٻچا! مان هاڻ ٻڍڙو ٿي ويو آهيان. پتو ڪين آهي تہ هي مٽيءَ جو مڪان ڪڏهن ٿو اچي پٽ پئي. جيڪڏهن تون مونکان هي پئسا نہ وٺندين تہ منهنجي دل تي وڏو بوجهو رهجي ويندو! مان تہ اٽڪل هي پنج هزار روپيا توکي ڏيان ٿو. جيڪڏهن تون پئسن وٺڻ کان انڪار ڪرين ٿو تہ منهنجي اِها امانت پنهنجي ماتا صاحب کي وڃي ڏج.“

شري سندرداس جي تمام گهڻي زور ڀرڻ تي اُها نوٽن جي ٿقي مان هن کان ورتي پر منهنجو من ڏاڍو ڀرجي آيو ۽ دل ۾ چيم تہ :

اڃا ڀي آهين سڀ نہ ويا سنسار مان!

مان جيئن جبلپور مان سنتونگر پنهنجي گهر ۾ واپس آيس تہ پوڄيہ ماتا صاحب کي اُها امانت پنجن هزار روپين جي ٿقي ڀيٽ ڪندي. ساڄي وارتا ٻڌائيندي چيو، ”امان! اِهي پئسا ڀلي نياڻين سياڻين ۽ غريبن کي دان پڄ ڪيو، اُن وقت امڙ چيو. ’پٽ اڃا ماڻهن ۾ ايمانداري ۽ ساڄه آهي. اڄڪلھ تہ ڪيترائي پرائو پئسو هڙپ ڪرڻ ۾ پنهنجو شان ٿا سمجهن.

ڪئي. ڪي حضور شرم مدد وٺڻ کان گهبرائن پيا تہ دان جو پئسو
وٺجي! اُنهن کي اڪيلائيءَ ۾ سمجهائي سهائتا ڪندي چوندو هوس
پئسا پياري پرڀوءَ جا برڪت وارا پئسا آهن اوهان ڏنتي ۾ لڳائيندا
ان کي برڪت پوندي. ٢٠٠٦ع ۾ مان ڳانڌيڌام ويس ۽ اُتي پريم پرڪاش
ستسنگ پئي ڪيم تہ هڪ ڀيڻ عرض ڪيو تہ منهنجو پتي ناچاڪ
گهر ۾ آهي. اوهان کي ياد ڪري ٿو بہ منٿ اسانجي گهر ۾ هلو. داس
گهر ۾ ويو. پرارٿنا ڪئي ويئي اُن ڀيڻ جي پتيءَ داس کي ڏهن هزارن
جي ٿقي ڏيندي چيو تہ اوهان اسان کي وقتائتي مدد ڪندي چيو تہ
سا برڪت جا اَٿو. مونکي ڏنتي ۾ برابر برڪت پيئي آهي. انڪري
يتا قبول ڪريو. منهنجي اکين ۾ آنسون اچي ويا ۽ کيس چيم پيارا!
ي تہ ياد بہ ڪين آهي. ڏيڻ وارو ڏاتار آهي. ڏٽيءَ جي عنايت سان
ت پوي ٿي. تنهنڪري تون هي تڪليف نہ ڪر. وري اُن ڀاءُ زور
ي اُهي پئسا داس کي ڏنا. دل ۾ چيم :

اجا ڀي آهين سڀ نہ ويا سنسار مان.

مون زندگيءَ جا سٺ سال اسڪول ۽ ڪاليج ۾ پاڙهيندي ۽ شيوا
ي گذاريا آهن. شروع کان ئي منهنجي دل ۾ گهرجائو سفيد پوش
ٿين لاءِ ساهنڀوتي سيوا ڀاونا هوندي آهي، مان ڪنهن تي بہ ڪا
ني ڪين ڪئي آهي. مالڪ جي امانت سندس ئي مخلوقات ۾ سڦلي
ان ٿو. ڏيڻ وارو ڏاتار پر ڪنهنجي هٿان. احسانمندي بہ انسان جي
وڏي وصف آهي.

گذريل پنجاهہ سالن کان سفيد پوش ڀينرن کي جنتا جناردن پريشد
ر هر مهني روڪ ۽ راشن جي سهايتا ڪئي وڃي ٿي. هڪ ڀيڻ جو
نهنجي لائقي لڳو آهي تہ هوءَ هن وقت هر مهني چار - پنج سؤ روپيا
ي ڏئي ويندي آهي.

اجا ڀي آهين سڀ نہ ويا سنسار مان.

☺☺☺

آهيان. اوهان هي يارهن هزار روپيا گهرجائو وديارٿين کي ڏيندا، وقت بہ وقت شيوا ڪاريہ لاءِ اوهانکي پئسا موڪليندي رهندس.' ڊاڪٽر شويا هيرا جو اِهو ويچار - وهنوار ڏسي منهنجي دل ڀرجي آئي، اکڙين مان لڙڪ لڙي پيا. هيءَ گهڻنا لکڻ وقت بہ دل ڀرجي اچي ٿي ۽ زبان مان اِهي ئي الفاظ نڪرن ٿا :

اچا ڀي آمين سپ نہ ويا منسار مان.

اڄڪلهہ جي خود غرض شاگردن لاءِ ڊاڪٽر شويا جو مثال پريرڻا جو سرچشمو ٿي رهندو. گهرجائو وديارٿي ڪٿان ڪٿان سهائتا يا اسڪالرشپ وٺي ڊگريون حاصل ڪري وڏن عهدن تي پهچن ٿا هنن جو فرض آهي تہ هو پڻ هوشيار سفيد پوش وديارٿين کي مدد ڪري لائقيءَ لڳائين. اِهو سندن اخلاقي فرض آهي، مٿن سماج جو اِهو قرض آهي.

مان چاندي ٻائي منسکاڻي ڪاليج اُلهاسنگر ۾ پرنسيپال هوس. هڪ ڏينهن ڪاليج جي ڏاڪڻ تي هڪ نياڻي سامهون اچي روڪيو ۽ چيائين، 'سر! مان اوهان وٽ اچي رهي هيس. مان ڪاليج مان بي.اي. پاس ڪئي آهي. جڏهن مان هتي پڙهندي هيس تڏهن توهان مونکي ڪتابن ۽ فيءَ جي مدد ڪئي هئي. مان هاڻي نوڪريءَ تي لڳي آهيان. مان سنڪلپ ڪيو هو تہ جڏهن مان نوڪريءَ تي لڳندس پهرين پگهار جو اڌ حصو اوهان کي اچي ڏيندس تہ اوهان گهرجائو وديارٿين جي شيوا ۾ ڪم آڻيو. مهرباني ڪري هي پئسا قبول ڪريو، نياڻيءَ جا اِهي لفظ ٻڌي وري دل ڀرجي آئي ۽ زبان آکيو :

اچا ڀي آمين سپ نہ ويا منسار مان.

ڀارت جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪو قدرتي ڪوپ ٿيندو آهي تہ داس ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسوانيءَ جي پريرڻا سان جنتا جناردن پريشد طرفان ساٿين سميت اُن گهڻنا اسٿل تي پهچي ويندو آهي. سنہ ٢٠٠١ع ۾ ڪڇ ۾ ڀوڪمپ ٿيو ۽ بہ سال اُن کان اڳ ٻوڏ ۽ طوفائي هوائن سبب جان ۽ مال جو ڪافي نقصان ٿيو. تہ داس اُتي سهائتا سيوا سهانيوتيءَ جي خيال کان سر زمين تي وڃي پيڙتن جي

گھر واريءَ کي چيم، ”لاجونتي، مان اڄ منجھند جو گھر ڪونہ
س تنھنڪري ہہ ٽي ڦلڪا پچائي ڏي منجھند جو ڪاليج ۾ ڪائي سڌو
اڻ اسٽيشن تي سنتن جو درشن ڪرڻ ويندس ۽ شام جو گھر ايندس.“
ڪاليج ۾ آيس، پڙھائيءَ جو ڪم پورو ڪري ڏيڍ بجي منجھند
جنن فارغ ٿيم. ھڪدم پوڄن ڪري الھاسنگر اسٽيشن تي وڃڻ لاءِ ڪاليج مان
س تہ اچانڪ منھنجي ڪاليج جي پرنسيپال ڊاڪٽر آر.وي. ڀاڳوت چيو،
ان ھاڻ ھت ترسو مان ڪاليج جي ڪئنٽين ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪوٺايان
صاحب جو آربر اڪين تي رکي ترسي پيم. سوچيم تہ ميٽنگ ھلندي اڌ ڪلاڪ
جي مونکي پوڻين ٻئين بجي واري گاڏي نہ ملي تہ اڍائي بجي واري گاڏي ملندي
ور وڃي درويشن جو ديدار ڪبو. خبر ناھي الائي ڇو ان ڏينھن پوڄنيہ سوامي
اھہ مھاراجن جي درشن جي ڏاڍي اُبلاڪا ھئي. مان ميٽنگ لاءِ ترسيم تہ منھنجو
سيپال صاحب پوڄن ڪائڻ لاءِ ويو ۽ اڍائي بجي ھيٺ لٿو. دل ۾ چيم تہ ھاڻ تہ
ي واري گاڏي بہ وئي! پڪ اٿم تہ اڄ درشن ضرور نصيب ٿيندم سو جي اڍائي واري
وئي تہ ٽن ۾ پنڄ منٽ گاڏي آھي جي اھا ملي تہ بہ سٺو. اسانجي ميٽنگ
ع ٿي. ميٽنگ ھلندي ھلندي اھا ٽي بجي واري گاڏي بہ رمندي رھي. ٽي لڳا اسان
صاحب چيو تہ ھاڻي ميٽنگ پوري ٿي اوھان وڃي سگھو ٿا. سوچيم ھاڻي ڪيئن
ڪلياڻ اسٽيشن تي پھچان ٽرين بہ ڪا ڪونہ ھئي. جي ڪار تي ڪلياڻ
شن ڏانھن وڃان تڏھن بہ مدراس ميل تي پھچڻ ڏکيو آھي.
پروفيسر ھرجس چيلجو اٽي ساڻ ھو ڪيس چيم تہ بندي جي من ۾ ھڪڙي
ب جي من ۾ ھئي. اڄ اُبلاڪا ڪري نڪتو ھوس سنتن جي درشن جي ھاڻي ڏھن
۾ ڪلياڻ پھچڻ ڪٺن آھي. ڏينھن بہ تتل آھي ھير پيا پچن ڪاٿو بہ ڪاڏل
تنھنڪري اڳو پوءِ ڏينھن ٺاري پوءِ ٿا گڏجي نڪرون. اڌ ڪلاڪ ترسي ساڍي
بجي جنن ئي ڪاليج جي ورانڊي ۾ آيس سامھون اُلھاسنگر اسٽيشن تي
ٽڪاءُ ٿيو ۽ ھڪ ميل گاڏي جا ممبئيءَ کان اچي رھي ھئي سا ھڪدم بيھجي
. پروفيسر چيلجو اٽيءَ کي چيم، ”ادل اھا ميل پڪ ئي پڪ مدراس ميل اٿيئي.
ن سنتن جي درشن لاءِ ارادي ھوندي بہ ڪلياڻ ڪونہ پھتاسين، پر اُھي ڪامل
يش پاڻ آيا اٿيئي. ھل تہ ھلي اُنھن جو درشن ڪري اچون.“ پروفيسر چيلجو اٽي
، ”ديال تون تہ ڪو ڪلپنائن جي سنسار ۾ پيو اُڏامين. مدراس ميل بہ

سڪ سچي آهي تہ پرين پاڻ ايندا

پريم اها امبرت ڌارا آهي جنهن سان آتمڪ پياس ٻجهائي سگهجي ٿي. پريم ئي آنند جو استروت آهي. پريم سان ئي ساري سنسار جو چرخو چلي ٿو. پريم ئي جيون آهي. فريد صاحب چوي ٿو :

''فريدا جس تن برهہ نہ اُپجي، سو تن جان مسان.''

پوءِ ڇو نہ اسين پنهنجي جيون ۾ پريم کي اپنايون؟ پوتر پريم، سچي سڪ ڌاريون. سچي سڪ تي صاحب راضي. سڪ ۾ ڇڪ آهي، شڪتي آهي، سرشٽيءَ جو هرتا ڪرتا پرم پتا پرماتما بہ پريم جي ڏور ۾ ٻڌل آهي.

ڪيترا سال اڳ جي ڳالهہ آهي. هڪ ڏينهن صبوح جو گهر ۾ چيم تہ پوڄنيہ سوامي ليلاشاهہ مهاراج اڄ منجهند جو مدراس ميل ۾ بمبئيءَ مان مدراس طرف ويندا. ان وقت من ۾ ڏاڍي اُتڪنٺا پيدا ٿئي ٿي تہ اڄ سنتن جو درشن ڪريان. تن ڏينهن ۾ مان ايچ.آر. ڪاليج ممبئي ۽ چاندي ٻائي منسڪاڻي ڪاليج اُلهاسنگر ۾ پاڙهيندو هوس. اُن ڏينهن منهنجو پيرڊ اُلهاسنگر شريمتي چاندي ٻائي همتمل منسڪاڻي ڪاليج ۾ هو. خيال ڪيم تہ ڪاليج ۾ ڊيوٽيءَ تي بہ وڃڻو آهي. ٻئي ڪم ڪبا ڪرائڻ وارو تہ پاڻ ئي آهي. ڪاليج ۾ پاڙهي پوءِ ڪلياڻ اسٽيشن تي وڃي سنتن جو درشن ڪري ايندس. منهنجا پيرڊ هون ئي ڏيڍ ٻجي تائين آهن ۽ مدراس ميل ڪلياڻ اسٽيشن تي سوائين ٽي ٻجي اچي ٿي تنهنڪري ڏيڍ ٻجي تائين ڪاليج ۾ ڊيوٽي ڏئي پوڻي ٻئين واري گاڏيءَ ۾ ڪلياڻ روانو ٿيو. اُلهاسنگر اسٽيشن تہ پنجن ستن منٽن جي پنڌ تي آهي.

۱۷ اپريل رات جو ۱۱ بجي مونکي اوچتو خيال آيو تہ جيڪر
ي ئي.ميل. دوران پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ کي عرض ڪجي تہ
ج جي ڪاريہ ڪرم کان پوءِ جيڪڏهن اوهان صحت جي خيال کان
سمجهو تہ ڏهہ پندرهن منٽ ئي ستگرو سوامي ٽيئونرام پريم
اش آشرم ۾ اچي درشن ۽ آسيس ڏيو تہ اَهو ڀاڳيہ! اڌ ڪلاڪ بعد رات
ادي يارهين بجي اوچتو موبائيل تي ڀيڻ ڪرشنا واسواڻيءَ چيو تہ
رچ صبوح جو ۱۱ بجي پوڄيہ دادا واسواڻي چاندي ٻائي ڪاليج
يدان تي هيليڪاپٽر دوران پهچندا. اُتي اڌ ڪلاڪ کن پروگرام ڏئي
وٽ منجهند جو ۱۲ بجي آشرم ۾ پڌارجندا.

اها خوشخبري ٻڌي دل باغ بهار ٿي ۽ اَکڙين مان پريم جا لڙڪ لڙي
اڌ ڪلاڪ اڳ جيڪو مون صرف خيال ڪيو سو ڪيئن نہ ساڪار
ٽيليپٿي ڪمال آهي. اندر ۾ ايڏي خوشي جو رات جو ننڊ نہ پئي
ہ منهنجو محبوب پيارو دادا جشن واسواڻي ٽن ڏينهن بعد هتي ستگرو
ي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ اچي آسيس ڏيندا. صبوح جو سويل
ي ديو پرڪاش مهاراجن کي ممبئيءَ فون تي اِهو احوال ڏنو. پوڄيہ
ي ديو پرڪاش مهاراجن پرسن مدرا ۾ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو
ٽن جي سواڳت جي تياري ڪريو.

ٻي ڏينهن ہہ ڀائر پونا ساڌو واسواڻي مشن ۽ ڀاءُ جئہ موتياڻي شري
يرچنداڻي پيارو ڀاءُ موهن بالاڻي پوڄيہ دادا جن جي آمد جي ويوسٿا
رم ۾ آيا. ۲۰ اپريل منجهند جو پوڄيہ دادا جشن واسواڻي سوامي
رام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ پڌاريا. ستسنگ جو شاهي هال
چ شرڌالو پريمين سان ڀريل هو. جئن دادا جن پرويش دوار وٽ پهتا
ڻ سبب دادا جن ويل چيئر تي ئي ويٺا رهيا. سوامي ديو پرڪاش
جن دادا جن جو هارڊڪ سواڳت ڪندي ڪين شال ڀيٽ ڪندي چيو تہ
مين خوشنصيب آهيون جو اسانجو پيارو دادا جشن واسواڻي اسانکي
ي ڪرڻ لاءِ هت آيا آهن. سندن درشن ہہ سکدائي آهي. اُن وقت مان مختصر
تہ پوڄيہ دادا جشن واسواڻي جنتا جناردن پريشد جا مربي آهن. مهان
ر يوگي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ادرشٽ ڪرپا
جنتا جناردن پريشد طرفان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ هلي رهيا

ڪڏهن اُلهاسنگر اسٽيشن تي ٻيٺي! تنهن تي مون وراڻيو، ”يار تون هلين نہ هلين، مان تہ اسٽيشن تي وڃان ٿو. اُهو يار چيچوجواڻي بہ آخر مونسان گڏ اُلهاسنگر اسٽيشن تي هليو. پليٽفارم تي پهتاسين تہ چيچواڻيءَ کي پڪ ٿي تہ اها برابر مدراس ميل آهي. اسان جي نڪ جي سامهون جو گاڏو هو تنهن گاڏي ۾ دريءَ کان پوجنيہ سوامي ليلاشاهہ مهاراج جن ويٺا هئا. هڪ منٽ بہ ڪين ڳولهڻ ۾ اسان کي ڪونہ لڳو. پورو اڌ ڪلاڪ مدراس ميل اُلهاسنگر اسٽيشن تي بيٺي رهي. سوامي ليلاشاهہ مهاراجن جن جو درشن ڪري من پرسن ٿيو ۽ آتما کي آنند آيو.

مان ڪو ڀڳت ڪونہ آهيان ۽ نہ آهيان مان گياني، پر سنتن جي درشن جو ابلاڪي. مان پاڻ ڪلياڻ اسٽيشن تي ڪونہ پهتس پر پرين پاڻ اچي درشن ڏنو، تنهنڪري جن کي سڪ سائينءَ جي سائين تنهين ساڻ. سامي صاحب چيو آهي :

”بنا سڪ سچڻ ڪنهن پاتو ڪين ڪي،
نڪري ڪنن ڏميءَ ري منجهون ڪير مکڻ.“

جنتا جناردن پريشد هن سال گولڊن جبلي ملهائي رهيو آهي. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ادرشٽ ڪرپا، سوامي ديو پرڪاش مهاراج، پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس سان ۽ پائرن جي سهيوگہ سان پريشد طرفان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ هلي رهيا آهن.

سنہ ٢٠١٥ - ٢٠١٤ سال ۾ شيوا ڪارين بلي هڪ ڪروڙ ايڪهٺ لک روپيا خرچ ڪيو ويو. ست اٺ مهنا اڳ پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ کي عرض ڪيو ويو تہ هن سال پريشد جي گولڊن جبلي سال ۾ اوهان هتي اُلهاسنگر ۾ اچي آسيس ڪريو. پياري همٿسنگهہ آڏواڻيءَ اِها ئي ميل پوجيہ دادا جشن ڏانهن پونا موڪلي. شريمتي چاندي ٻائي همٿمل منسڪاڻي ڪاليج جي گولڊن جبلي سنڀنڌ ۾ اچتو ئي ٢٠ اَپريل صبوح جو ١١ بجي هيليڪاپٽر ۾ پوجيہ دادا جشن واسواڻي جي اچڻ جو پروگرام طئہ ڪيو ويو. اِهو پتو پيو. ڏاڍو خوش ٿيس. مان هڪدم حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي ماضي پريزيڊنٽ شري ڪشو منسڪاڻيءَ کي فون تي واڌايون ڏيندي چيو تہ شڪر آهي جو اوهان دادا جشن واسواڻيءَ کي هيليڪاپٽر دواران وٺي اچي رهيا آهيون. چاندي ٻائي ڪاليج بہ پنهنجو ئي ڪاليج آهي.

سيمينارن جو آيوجن

مان سنہ ١٩٦٤ع ۾ پهرين ڪي سي ڪاليج ۾ ڪجهہ وقت بعد ايچ آر
يج آف ڪامرس ۾ سنڌي پاڙهيندو هوس. سنہ ١٩٦٥ع ۾ حيدرآباد سنڌ نئشنل
يجئيٽ بورڊ طرفان اُلهاسنگر ۾ چاندي ٻائي همٿمل منسڪاڻي ڪاليج شروع
تہ هفتي جا ٽي ڏينهن ان ڪاليج ۽ ٽي ڏينهن ايچ آر ڪاليج ممبئيءَ ۾
يءَ جو ليڪچرار ٿي رهيس. ٽن سالن بعد مان شريمتي چاندي ٻائي همٿمل
ڪاڻي ڪاليج ۾ فُل ٽائيم سنڌيءَ جو ليڪچرار ٿي سنڌي وشيہ پاڙهيندو رهيس.
يءَ جو گهڻو عرصو مان ان ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندو رهيس. منهنجي
ناسي ڪندي بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻي ۽ پرنسيپال
ي. ايم ڪنڌناڻي صاحب مونکي ان ڪاليج جو وائيس پرنسيپال مقرر ڪيو ۽ سنہ
١ع کان مونکي ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪيو.

مان ١٦ ڊسمبر سنہ ١٩٩٦ع ۾ رٽائرڊ ڪرڻ وارو هوس تہ بورڊ جي پريزيڊنٽ
سٽر اشوڪ آڏواڻيءَ منهنجي قدرشناسي ڪندي مونکي رٽائرڊ ڪرڻ کان پوءِ
جو پهريون 'پروفيسر آف اميريٽس اِن سنڌي' چئن سالن لاءِ مقرر ڪيو. مونکي
ي پگهار ۽ ڪار ڏني ويئي. مان ان ايمڪاريءَ ۾ چار قابل ذڪر سيمينار آيوجت
ا.

بورڊ طرفان پهريون سيمينار ٩ جنوري سنہ ١٩٩٨ع ۾ مايہ ناز اديبا
فيسر پوپٽي هيرانندانيءَ جي جيون ۽ ساهتيڪ يوگدان بابت ڪي سي
ليج ممبئيءَ ۾ آيوجت ڪيم. شروع ۾ مان ڳالهائيندي چيو تہ پروفيسر
ٽي هيرانندانيءَ ڪيترائي سال نئشنل ڪاليج باندرا. ڪي سي ڪاليج
نڌي وشيہ پاڙهيندي سوَن وديارٿين جي سونهپ ڪئي آهي. هن اديبا

آهن گذريل سال شيوا ڪارين تي هڪ ڪروڙ ايڪهٺ لک روپيا خرچ ٿيو آهي. هن سال پريشد جي گولڊن جبلي ملهائي رهيا آهيون. اهڙي شڀ موقعي تي منهنجا محبوب سنڌين جا سونهارا سنت دادا جشن واسواڻي اسانجي سونهپ ڪرڻ آيا آهن. ساڌو واسواڻي سينٽر طرفان به هتي اُلهاسنگر جا شيوا جا ڪاريه هلي رهيا آهن.

بروقت ئي پوجيه دادا جن داس ڪي ساڌو واسواڻي مشن پونا طرفان پنجاهه هزارن روپين جو چيڪ شيوا ڪارين لاءِ ڏنو. پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ ويل چيئر تي ويٺي اثرائتو اُپديش ڏيندي چيو ته اسان مان هرڪو مسافر آهي ان مسافريءَ لاءِ ڪا تياري ڪئي اٿو يا نه. اجا ڪڏهن سمر ٿاهيندا! پياري پريو ڪي دل جي گهرائيءَ مان ياد ڪري پنهنجو ڪم ڪار ڪندي وهنوار ڪندي نام ڪي نه وساريو. روز گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا صبوح جو اُٿڻ وقت ناشتي کان اڳ، پنهنجي پوڄن کان اڳ، سنڌيا جو ۽ رات جو سمهڻ کان اڳ پياري پريو جو پنج پنج منٽ نام اُچاريو. نام ڏيايو نام ڳايو. پيو پرماتما جيڪي ڪري سو خوشيءَ سان قبول ڪريو. جيڪي ٿئي ٿو اُن مالڪ جي حڪم سان ٿئي ٿو. هر حال ۾ راضي رهو. ڏسو مان اڄ استيج تائين پهچي نه سگهيو آهيان اتي ئي اوهان کان آسيس وٺان ٿو. ڪيترن سالن کان پياس هئي ته توهان پائر پيرن سان ملان ۽ اوهان کان آسيس وٺان. اڄ مان اوهان کان آسيس وٺڻ آيو آهيان. داس ڪي آسيس ڪجو. اوهان روزمره جي زندگيءَ ۾ سچ جي ساکي ڏيو. دکي دريدر پکي پسون پريوءَ جا روپ آهن، اُنهن جي شيوا ڪريو. شيوا ڪريو. هن لنبي مسافريءَ لاءِ تياري ڪريو. سمرڻ شيوا ستيه جو سمر سنگرهه ڪريو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. هڪ ٻئي جي مدد ڪريو. پريوءَ جي اڇا هوندي ته وري اَچي اوهان کان آسيس وٺندس.

پوجيه دادا جشن واسواڻي صاحب ڪيڏا نه قرب ڪري اوچتو پروگرام ٺاهي هتي جنتا جناردن پريشد جي گولڊن جبلي موقعي تي پڌارجي اچي پنهنجو درشن ۽ آسين ڏنائون. تتل دلين کي نام جو امرت پيئاريائون. مان سندن احسان پلائي نٿو سگهان.

سڪ سچي آهي ته پرين پاڻ آيا.

☺☺☺

ائيس چانسلر ڊاڪٽر نريشچندر ڪيو. مان ان سيمينار جي مراد تي
ـي وجهندي چيو تہ اڄ عالم اُستاد، اعليٰ مضمون نويس پرنسيپال
ٽيءَ جي جنمشتابديءَ جي موقعي تي سندس علمي ۽ ادبي خدمتن بابت
ـار آيوجت ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر نريشچندر مهورتي اُتسوَ جي صدر
ناري گرسهاڻي، شري منگهارام سپاهيملاڻي، پرنسيپال جي ڪي پمياڻي
ـسيپال اجواڻي صاحب جي فرزند شري گوبند اجواڻيءَ پرنسيپال
ٽيءَ جي يوگدان بابت ويچار ظاهر ڪيا.

سيمينار ۾ پهريون پيپر پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي پرنسيپال
ٽيءَ جي مضمونن بابت پڙهيو ۽ صدارت شري ٺاڪر چاولا صاحب
ي. ٻيون پيپر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پرنسيپال اجواڻي هڪ تواريخ
ـ وشيہ تي پڙهيو صدارت شري رامڪرشن آڏواڻي ڪئي. ٽيون پيپر
ـٽر نارايڻ ڀارتيءَ پرنسيپال اجواڻي جي شخصيت ۽ سندس علم ۾ يوگدان
ـ تي پڙهيو ۽ صدارت ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي صاحب ڪئي. مان مذڪور
ـن ۽ ڊاڪٽر ڪشور واسواڻيءَ جي شڪرگذاري ادائي ڪئي.

حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان مان ٽيون سيمينار ١٧
ـ سنہ ٢٠٠٠ع ڪي سي ڪاليج ڪانفرنس هال ۾ پروفيسر ليکراج عزيز
ـب جي ادبي يوگدان بابت آيوجت ڪيو. ان سيمينار جو مهورت
ـيءَ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شري ڀالچندر منگيڪر جوت
ـي ڪيو. بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر اشوڪ آڏواڻي وائيس چانسلر
ـسواگت ڪندي چيو تہ هي صاحب پهريون دفعو اسان وٽ پڌاريو آهي.
ـ طرفان ممبئي ۽ اُلهاسنگر ۾ ويهہ ڪن ڪاليج هلي رهيا آهن. جنهن مان
ـهزارين وديارٿي فيض حاصل ڪري رهيا آهن. پروفيسر ليکراج عزيز
ـجي هن ڪاليج ۾ ئي سنڌيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. مکيہ مهمان وائيس
ـلر شري منگيڪر مهورتي تقرير ڪندي چيو تہ پروفيسر ليکراج
ـجي تصنيفن ذريعي سنڌي ادب جا گهڙا ڀريا. ڪواليفڪيشن نہ هوندي بہ
ـي يونيورسٽي شاعر عزيز صاحب جي قابليت جي قدرشناسي ڪندي پروفيسر
ـمقرريءَ جي منظوري ڏني. پريزيڊنٽ اشوڪ آڏواڻيءَ پروفيسر عزيز صاحب

جو سنڌي ساهتيہ ۾ لاثاني يوگدان آهي. پنهنجي دؤر جي بهترين ليکڪا آهي. هن کان اڳ کنهن بہ سرڪاري يا غير سرڪاري اداري پروفيسر پوپٽي هيرانند جي سنبنڌ ۾ سيمينار آيوجت ڪين ڪيو آهي. ممبئي يونيورسٽيءَ جي پرووائيس چانسلر ڊاڪٽر نريشچندر اُن سيمينار جو مهورت ڪندي چيو تہ پروفيسر پوپٽي هيرانداڻي سنڌيءَ جي مهان ليکڪا آهي، سندس ڪي رچنائون جدا جدا ڀاشائن ۾ ترجمو ٿيون آهن. بورڊ جي پريزيڊنٽ اشوڪ آڏواڻي، برک وڪيل شري ناري ڳ رسهاڻي، شري منگهارام سپاهيملاڻي پڻ پروفيسر پوپٽي هيرانداڻيءَ جي ادبي ۽ تعليمي خدمتن جو ذڪر ڪيو. پروفيسر جي ڪي ڀمياڻي آيل مهمانن جو سواگت ڪيو ۽ پرنسيپال ايم ايڇ اجواڻي آڀار مڃيا.

هن سيمينار ۾ پيپر انيلا سندر پروفيسر پوپٽيءَ جي سنڌي ٻوليءَ جي سنبنڌ ۾ ويچار پيش ڪيا. پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانداڻي جي ناولن بابت عالماڻو پيپر پڙهيو ۽ صدارت شري هري موٽواڻيءَ ڪئي. پروفيسر ميناگوپ روپچنداڻي پروفيسر پوپٽيءَ جي ڪهاڻين جو جائزو پيپر ۾ پيش ڪيو. صدارت شري ٺاڪر چاولا ڪئي. ٽيون پيپر ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانداڻيءَ جي مضمونن بابت پڙهيو ۽ صدارت ڪئي شري رامڪرشن آڏواڻي. چوٿون پيپر شري پدم راج شرما پروفيسر پوپٽيءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ بابت پڙهيو ۽ صدارت ڪئي شري منوهر چگهہ.

مان بورڊ کي رٿ ڏني تہ پروفيسر پوپٽيءَ هيرانداڻي کي يارهن هزار روپيا انعام طور ڀيٽ ڪري سنمانت ڪجي. پريزيڊنٽ شري اشوڪ آڏواڻي هڪدم ها ڪئي. اُن ڏينهن پروفيسر پوپٽيءَ جي صحت ناساز هئي انڪري شري ناري ڳ رسهاڻي، مايا ڪشور شهاڻي، شري منگهارام سپاهيملاڻي. پرنسيپال جي ڪي ڀمياڻي ۽ مان پروفيسر پوپٽي هيرانداڻيءَ جي گهر وڃي ڪيس بورڊ طرفان يارهن هزارن روپين جو چيڪ ۽ دشالو ناريل ڀيٽ ڪري سنمانت ڪيو.

حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان سنڌي ۽ انگريزيءَ جي عالم اُستاد پرنسيپال ايل ايڇ اجواڻي صاحب جي سنبنڌ ۾ سندس جنمشتابدي جي موقعي تي ١٧ جولاءِ سنہ ١٩٩٩ع ۾ ڪي سي ڪاليج ممبئيءَ ۾ سيمينار ۾ آيوجت ڪيو. ان سيمينار جو مهورت ممبئي يونيورسٽيءَ جي

يو اد آهي جن هي سيمينار هن پوتر پوميءَ تي آيوجت ڪيو آهي.
شري ڪشو منسڪاڻي پوڄيه دادا جشن واسواڻي ۽ شري ناري
اڻي کي دشالا پيٽ ڪيا. شري ناري گرسهاڻي صدارتي تقرير ڪندي
ٽي ايل واسواڻي صاحب جي جيون ۽ ڪاريه تي روشني وڌي. اين
ي ايس ايل جي وائيس چيئرمن شري جهمٽمل واڌواڻي ۽ ڊئريڪٽر
ڪشور واسواڻيءَ ان سيمينار بابت ويچار ظاهر ڪيا.
ان موقعي تي مان سيمينار جي مقصد تي روشني وجهندي چيو مهان
ي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي ساڌنا پومي ۽ ڪرم پومي ميران
ي ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي حاضريءَ ۾ هي پهريون سيمينار
ت ڪيو ويو آهي. ساڌو واسواڻي صاحب هن صديءَ جو مهان سنت
ي هو جنهنجي ٻاڻي ڀڳتي ڪاويه پرمارٿ چاهي وهنوار لاءِ راهه روشن
ي ٿو. دادا واسواڻي سنڌي سنت ڪاويه ۽ سنڌي سنت ساهتيه نثر ۾ پڻ
و آندو. اهڙي مهاپرش جي سنبنڌ ۾ هي سيمينار آيوجت ڪيو ويو آهي.
ڪشو منسڪاڻي پڌرائي ڪئي ته سيمينار ۾ پڙهيل پيپر ڪتابي
ت ۾ منهنجي طرفان ڇپايو ويجي.
مهورتي اُتسوَ بعد سيمينار جو پيون بئٺڪون سينٽ ميران ڪاليج
رلس ۾ رکيون ويون. پهرين بئٺڪ ۾ مان 'نوري گرنٿ ڀڳتي ڪاويه'
اموليه گرنٿ وشيه تي پيپر پڙهيو. جنهنجي صدارت شري جهمٽمل
اڻي صاحب ڪئي. ٻيون پيپر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب 'ساڌو
واڻيءَ جو سنڌي نثر ۾ يوگدان' وشيه تي پڙهيو. صدارت ڪئي شري
ارام سپاهيملاڻي. ٽيون پيپر شري سيتل مينگهاڻي. 'ساڌو ٽي ايل
واڻيءَ جي نظم جا ڪي پهلو' وشيه تي پڙهيو. پروفيسر اروٽا
واڻيءَ صدارت ڪئي. چوٿون پيپر پروفيسر ايشوري جوتواڻي. 'دادا
واڻي جيون ۽ شخصيت جيئن مون ڏٺو' وشيه تي پڙهيو. پرنسيپال رتنا
واڻي صدارت ڪئي. پنجون پيپر پروفيسر جسو مورجاڻيءَ 'ساڌو ٽي
واسواڻي هڪ سچو ديش ڀڳت ۽ سماج سڌارڪ' وشيه تي پڙهيو. ڇهون
شري پرتاب رامچنداڻيءَ جو لکيل 'ساڌو واسواڻيءَ جو تعليم ۽ ساهت

جي وصفن جو ذڪر ڪيو. شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ پڻ شاعر عزيز صاحب جي زندگيءَ تي روشني وڌي.

سيمينار جو سنچالن ڪندي مون پروفيسر ليکراج صاحب جي شخصيت ۽ ادبي خدمتن جو ذڪر ڪيو. سيمينار ۾ پهريون پيپر پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻيءَ عزيز شخص ۽ ناٽڪ نويس وشيه تي مقالو پڙهيو. صدارت ڪئي شري ٺاڪر چاولا. ٻيون پيپر ڊاڪٽر بلديو مٽلاڻي صاحب پروفيسر عزيز صاحب جي مضمونن بابت پڙهيو ۽ صدارت ڪئي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. ٽيون پيپر شاعر واسديو نرمل عزيز صاحب جي شعر وَ شاعري بابت پڙهيو ۽ صدارت شاعر ڪرشن راهيءَ ڪئي. چوٿون پيپر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب عزيز صاحب جي اصطلاحن بابت پڙهيو ۽ صدارت شري رامڪرشن آڏواڻيءَ ڪئي. مان مذڪور مقالن پيش ڪندڙن کي داد ڏنو. شري لڇمڻداس ڪيسواڻي صاحب پڙهيل مقالن جي ساراه جون سرڪيون ڀريون. پرنسيپال جي ڪي ڀمڀاڻي شڪرادائيءَ جي رسم اَدا ڪئي.

ڀارت سرڪار جي راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، ساڌو واسواڻي مشن پونا ۽ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان مان ميران پوميي پونا ۾ ٢٣، ٢٤ جنوري سنه ٢٠٠٠ع ۾ مهان سنت ساهتيڪار ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي يوگدان بابت سيمينار آيوجت ڪيو. ان سيمينار جو مهورت پوڄيه دادا جشن واسواڻي جوت جڳائي ڪيو. پياري دادا جشن واسواڻي مهورتي تقرير ڪندي چيو ته دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي برهم گياني، مهان ڪرم يوگي سنت هو. وڏو ودوان ۽ دارشنڪ هو. دکين دريدرن جو دوست هو. پکين پسن جو رکشڪ هو. محبت جي مورت هو. ڪيڏو نه نماڻو اسانجي روح جو راڻو هو. دادا جن دنيا جي جدا جدا ترمن ۽ ديشن جي سٽپرشن بابت اٽڪل پنج سؤ کن پستڪ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا آهن. مان نٽو ڀانيان ته ڪنهن هڪ ليکڪ اهڙو اونهو اڀياس ڪري ايترا سارا پستڪ لکيا هجن. ’نوري گرنٿ‘ ۾ سندن امولیه ڀاٽي سنگرهت آهي. سنڌي سنت ڪاويه ۾ اِهو وڏو اِضافو آهي. پياري ديال آشا ۽ پياري آتو ريلواڻيءَ

جا آنند، شري گيان شهدادپوري مقالن بابت ويچار پيش ڪيا. وندنا
ٽي شڪرادائي جي رسم ادا ڪئي.

پنڊت ڪشنچند جيٽلي جي جنمشتابدي موقعي تي پڻ سيمينار
ت ڪيو ويو. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مکيہ مهمان هو. پهرين مان پنڊت
چند جيٽلي جي يوگدان تي روشني وڌي. سنسٿا جي پرڌان سوامي
رڪاش مهاراجن چيو تہ ودوانن جو سنمان ڪرڻ اسان جو فرض آهي.
ن هرهنڌ پوڇا وڃن ٿا. پنڊت جيٽلي سنسڪرت هنديءَ جو ودوان هو.
ي جن ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي کي سمن همٿسنگهہ آڏواڻي ميموريل شيلڊ
ڪندي سنمانت ڪيو. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي
ڪشنچند جيٽلي جي يوگدان بابت عالماڻا پيپر پڙهيا.

راشٽريہ ڪوي هوندراج دکايل جي جنمشتابدي جي موقعي تي پڻ
نار آيوجت ڪيو ويو. سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ان سيمينار جو
رت ڪندي چيو تہ ڪوي هوندراج دکايل ديش ڀڳت ۽ ايشور ڀڳت
ڪوي هو. سندس ڪاويہ ۾ سندر سکيائون سمايل آهن. مان ان موقعي
ادا هوندراج دکايل جي يوگدان بابت ڳالهائيندي سندس گيتن جون ڪي
ئون سُر ۾ ڳايون. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، شري نند هندوجا آنند، پروفيسر
وپ روپچنداڻي مقالا پيش ڪندي ڪوي دکايل جي ساهتيڪ يوگدان
چٽي روشني وڌي. ڊاڪٽر شيلا آهوجا آيل مهمانن جو سواگت ڪيو.
يپر پڙهيا يا جن پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا اُنهن کي پياري چندر لعل
يالعل مورپاڻي طرفان دادا هوندراج دکايل جو يادگار گهڙيال پيٽ ڪيو
ڊاڪٽر وندنا راموڻي آيار مڃيا.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي صاحب جي جنمشتابدي موقعي تي سوامي
ي پرڪاش ورڌا آشرم ۾ عالم اُستاد اديب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي
ب جي سنبنڌ ۾ سيمينار آيوجت ڪيم. ان سيمينار ۾ پروفيسر ڪلياڻ
ٽي صاحب جو فرزند اشوڪ آڏواڻيءَ پروفيسر آڏواڻي صاحب جي
ي پروفيسر سُشيلا ميرچنداڻي پڻ شرڪت ڪئي.

سيمينار جي شروعات ۾ مان جناب پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي صاحب

۾ يوگدان' وشيہ تي پڙهيو ويو. ليکڪ پاڻ اچي نہ سگهيو.

ستون پيپر ڊاڪٽر ريواچند گوڏواڻي 'ساڌو واسواڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ يوگدان' وشيہ تي عالماڻو پيپر پڙهيو. ٻن ڏينهن جي مذڪور ستن بئنڪن ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻي، ڊاڪٽر لڪشمڻ خوبچنداڻي، پرنسيپال رتنا واسواڻي، پروفيسر ارونا ڄيٽواڻي، شري لڇمڻداس ڪيسواڻي، پروفيسر مينا روپچنداڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، پرنسيپال گلشن گدواڻي، پروفيسر آشا رنگواڻي، پروفيسر شيلا آهوجا، شري همٿسنگهہ آڏواڻي، شري رام لعلچنداڻي ۽ ٻين عالمن شرڪت ڪندي پنهنجا سجهاوَ ڏنا. شري آتو ريلواڻيءَ شڪرادائيءَ جي رسم ادا ڪئي.

مدت بعد مذڪور ست ئي مقالا مان سمپادت ڪري شري ڪشو منسڪاڻي طرفان ڪتابي صورت ۾ ڇپائي شايع ڪيا.

حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان پرنسيپال اجواڻي صاحب جي سيمينار ۾ پڙهيل پيپر ۽ پروفيسر پوپٽي هيرانداڻي جي سنبند سڏايل سيمينار ۾ پڙهيل پيپر ڪتابي صورت ۾ ڇپائي شايع ڪيا ويا.

سروَ ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيہ وڪاس سڀا سنڌونگر طرفان مان جدا جدا سالن ۾ سوامي شانتي پرڪاش ٻيڙا آشرم ۾ ڪي سيمينار آيوجت ڪيا. ١٧ جون سنہ ٢٠٠٥ع ۾ صبوح جو ١١ بجي سنڌي سيمينار جو مهورت سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ڪيو. سوامي جن آشيرواد ڪندي چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي سرڪشا لاءِ هن قسم جا سيمينار ضروري آهن. سنڌين کي سجاڳ ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي ٻارن کي سنڌيءَ ۾ پاڙهين. ماترڀاشا جو وڏو مهتوَ آهي. پرنسيپال دنيش پنجواڻي پڻ ويچار ظاهر ڪيا. مان اِن سيمينار جي مقصد تي روشني وجهندي سوامي ديو پرڪاش مهاراجن ۽ پرنسيپال پنجواڻيءَ جو سواگت ڪيو. هن سيمينار ۾ شاعر گوردن شرما 'ورهاڱي بعد سنڌي ناصحاڻہ شعر' وشيہ تي عالماڻو پيپر پڙهيو. پروفيسر سرتا شرما 'سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سماجڪ چٽر' وشيہ تي پيپر پڙهيو. صدارت شري پدم شرما ڪئي. ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڊاڪٽر شيلا آهوجا، شري نند

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ ڪيئن ملهايم

پريم پرڪاش منڊل جي سنستاپڪ برهم گياني، برهم نيشٽي، برهم شروتري، سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جا گادي نشين سوامي شانتي پرڪاش مهاراج منهنجا گرديو هئا، روح جا راڻا، سد سد نماڻا، ا گلزار، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، دکين جا دلدار، محتاجن جا مددگار، ڏيندا هئا سڀن جو پيار، هئا خلق جا خدمتگار، داس جي لهندا هئا ڪيڏي نہ سار، منهنجا ب منٺار، هينئين جا هار تن سان ڳنڍيل دل جي تار، سالن کان سندن ديا ي داس تي رهي. مون تي ڪيڏا نہ هئا مهربان، سندن مون تي لک احسان! ي جو ابداريون پوريون ڪندي شيوا ڪاريہ ڪندي، باقي وقت ستگرن جي چرنن ڻ جو وجھہ ملندو رهيو. ست سنسڪارن جي سمپتي ملندي رهي. داس ئي جو جنمدن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم، سنتو نگر - ۵ ۾ ملهائڻ جي ات ڪئي. اُن بعد جدا جدا شهرن ۾ ستگرو مهاراجن جو جنمدن هر سال ملهائڻ ٿيو. اچ تائين داس سندن جنمدن جنتا جناردن پريشد جو ساليانو ڏينهن ڪري نو رهي ٿو.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ ناريل ا رڪشا ٻنڌن آگسٽ سنہ ٢٠٠٦ کان ٢٠٠٧ تائين ملهائڻ جي رٿ رٿي . داس امراپور آستان جئپور ۾ چيٽ جي ميلي اپريل سنہ ٢٠٠٦ع ۾ ي ڪئي تہ ستگرن جي جنمشتابدي اُتسوُ ۾ يارهن هزار پائر - پينر ٿي آجيون ويشنو ڪري اُها لسٽ ستگرن جي چرڻن ۾ رکي ويندي. پرڪاش منڊل جي پرڏان ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ن گادي نشين سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراجن جي حاضريءَ ۾ پڙرائي

آهوجا سو اڳت ڪيو ۽ ڊاڪٽر وندنا راموا ٽي آيار مليا.

مون مذڪور سيمينار سڏائي پنهنجي فرض ادائي پوري ڪئي. سرڪاري ديگ دير سان تپندي آهي.

مان اٽڪل ٢٥ سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي آهي.

زندگيءَ ۾ مون کان به ڪي خطائون ٿيون هونديون. پر منهنجي پياري ڀاءُ شري پوڄراج ڪيماڻيءَ منهنجي خوبين کي خيال ۾ رکي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪندي لکيو آهي :

☺☺☺

اٽي، سوامي ليلاشاهہ مهاراجن، دادا جشن واسواڻي، سنت هردارام
ب، سوامي هرداس رام اِن هنسا جي ڪاٽي ڪاڻ جو ڪنبن ڪيو آهي.
جي خيال ڪان ۽ ڌرم جي ويچار ڪان، صحت جي خيال ڪان اهو ڪاڌو
ڪارڪ آهي. اڄ بہ دادا جشن واسواڻي، سنت آسارام باپو، سوامي ڀڳت
اش مهاراج، سوامي ديو پرڪاش مهاراج ۽ ٻيا سنت آجيون ويشنو ٿي
جو ڪيڏو نہ پرچار ڪري رهيا آهن. هنسا جو ڪاڌو ڪاڻ پشو پرورتي
اُن ڪاڌي ڪان بنهہ ڪنارو ڪريو. اوهان پکين پسن تي ديا ڪريو. ديا
رم جو بنياد آهي. ديا بنا سڌ بہ ڪاسائي آهي. سنت تلسيداس بہ چيو

ديا ڌرم ڪا مول هئہ، نرڪ مول ايمان،
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي جب لگ گهٽ ۾ پران.

داس جدا جدا شهرن ۾ هٿ جوڙي عرض ڪندو رهيو تہ انهن گگدامن
ڪمل ڪريو، ڪين جيئدان ڏيو.

داس جن شهرن ۾ اُتسوُ ملهائڻ لاءِ ويو. اُتان جي اسڪولن ۾ وڃي
رٿين ڪي آجيون ويشنو ٿي رهڻ جي اپيل ڪندو رهيو تہ اوهان انهن
بان پسن تي ڪمل ڪندا تہ پيارو پريو، ستگرو مهاراج ۽ سڀ سنت
ائون اوهان تي آسيس ڪندا. اوهان جو جيون نئون ٿي پوندو. جيڪي
ي جيون ڀر مانس آهار جو تياڳ ڪندا هئا داس اُنهن ڪي ڪنهن نہ
هن سنت ڪان سونهري داڻن وارو هار پارائيندو هو ۽ وديارٿين ڪي گيتا
ں جا سڪيادائڪ پستڪ سوغات طور ڏيندو هو، جن جي پڙهڻ سان سٺا
ڪار ملن ٿا. اهي پستڪ پيارو مورندمل ڏاسواڻي سورت مان موڪليندو
. نياڻي ميران ساڌورام چاولا ويشنو ٿيندڙن يائرن ڀينرن ۽ وديارٿين جا
ڪامپيوٽر ۾ وجهندي رهي. ٢٢جولاءِ ٢٠٠٧ رات جو ١٢ ٻجي مان پلنگ
وهاٽي تي ويهي سامهون رکيل ڪيٽ مان ڪي ڪاغذ ٻولهي رهيو
ں تہ وهاٽو گسڪي ويو ۽ مان هيٺ ڪري پيس. ڪاپي سٿر جي پاسي ۾
ڪچر ٿي پيو. پريوءَ جي ڪئي اڳيان ڪنهنجو وس نٿو هلي. ٻئي
ن صبوح جو ساڌو واسواڻي نگر، ٺاڻا ۾ سوامي شانتي پرڪاش مندر
نتا جناردن پريشد طرفان جنم شتابدي سنہنڌ ۾ اُتان جي ورڌ يائرن جو

ڪئي ويئي ۽ ڪن پريمين اُن اُتسوَ ۾ ئي آجيون ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو. سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج وٽي پئماني تي امراپور آستان جئپور ۾ ۽ ديش وديش ۾ جدا جدا شهرن ۾ جنمشتابدي اُتسوَ ڌام ڌوم سان ملهايو ته سوامي ديو پرڪاش مهاراجن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ وٽي پئماني تي ۽ ديش وديش ۾ جدا جدا شهرن ۾ وچي جنمشتابدي اُتسوَ ملهايو. داس به سندس ڪن اُتسون ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنگت کي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراجن جي سکيائن جو سنديش سڻايو.

وشو ويوتي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنمدن اُتسوَ جنتا جناردن پريشد طرفان ملهائڻ لاءِ موروي جيتپور، سورٺ وٿئلي، ڪتيانا، بانٽوا، جهوناڳڙهه، ويراول، ڪامٽي، ناگپور، جبلپور، ڪٽني، مئير، سٻني ريوا، جلگانو، نوساري، سورت، ٻڙودا، ديولالي، ناسڪ، ڪاشي، آديپور، گانڌيڌام، آگري، سنت هردارام نگر ڀوپال، گنج بسودا، ڪنبوا، دتيا، مورينا، ڊٻرا، ڪوٽيا، احمدآباد، اُلهاسنگر، سيتا سنڌو ڀون شانتاڪروز ممبئي، پمپري ۽ ٻين شهرن ۾ مان ويس. انهن شهرن ۾ داس ستسنگ ۽ سنگيت دوران ستگرو مهاراجن جي سکيائن جو پرچار ڪيو. مون سان ڪن شهرن ۾ سنت رميش پرڪاش، ته ڪن شهرن ۾ ساٿي پروفيسر گوپ روپچنداڻي، همتسنگهه آڏواڻي، امرلعل ڦيرواڻي، چندر لعل مورياڻي، هريرام موهناني شيوا ڪاريه ۾ شامل ٿيا. اُنهن شهرن ۾ جنتا جناردن پريشد طرفان گهرجائو پينرن پائرن کي سهائتا ڪئي ويئي. ڪن شهرن ۾ سنتي بزرگن جو سنمان ڪيو ويو. ڪن شهرن ۾ پيڻ سمن راجڪمار ڪيملاڻي به سنگيت پيش ڪرڻ ۾ ساٿ ڏنو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مهما جا گيت ۽ سندن رچيل ڀڄن ڳايا ويا. داس اُنهن اُتسوَ ۾ شرڪت ڪندڙ پائرن ۽ پينرن کي عرض ڪندو رهيو ته اوهان هنسا جو ڪاڌو کائڻ بند ڪريو. اِهي ٻڪرا ٻڪريون ڪڪڙيون به پرڀوءَ جي سنتان آهن. ان هنسا جي ڪاڌي کائڻ سان اسان جي صحت به ٻڌي ٿي ته ٻڌي به ڀرشٽ ٿئي ٿي. جهڙو اَن تهڙو من. اُنهن گگدامن تي ڪمل ڪيو. اُنهن پڪين پسن کي نه کائو پر ڪين روز ڪاڌو ڪارايو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن. ساڌو ٽي. ايل.

ريمي ٻاهر ويٺل هئا. مان ويل چيئر تي ويهي سيني سنتن کان آسيس ورتي. ستگرو
ن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري منچ تي بر اجمان سنتن ۽ ساري سنگت کان آسيس
ستگرو مهاراجن کي پشپانجلي ڏيندي ١٠١١٥ وديارٿين ۽ پائرن پينرن جي نالن
ٽ جن آجيون ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو. ستگرو مهاراجن جي اڳيان جنم
لت روپ ۾ پيٽ رکيم. اسپتال جو ملازم مٺا جيڪو اسپتال ۾ داس جي ديک ريک
رهيو ورو ور اِشارا پيو ڪري تہ اوهان کي وڏيڪ وقت ويهڻ ٺيڪ نہ آهي. ڊاڪٽر
ڻهہ پنترهن منٽن جي موڪل ڏني آهي پر ستگرن جي ڪرپا سان ويل چيئر تي
ستگرن کي پشپانجلي ڏني. پريشد جي پرڌان سوامي ديو پرڪاش مهاراج کان سووينئر
ورت ڪرايو. اچا هئي تہ ٻارهن هزار ٻئر ۽ وديارٿي آجيون ويشنو ڪري اهُا لسٽ
جي چرنن ۾ رکان پر تڪ لڳڻ سبب اسپتال ۾ رهڻو پيو ان ڪري ٻارهن هزار بدران
چٽن جي لسٽ ستگرن جي چرڻن ۾ پيٽ رکيم.

ستگرن جي جنمشتابدي سنبنڌ ۾ داس سفر ڪندي ڪيترا نہ مٺا آزمودا
ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پريم جي پوک پوکي ويا آهن. پريمين ۾
مهاراجن لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا ۽ پريم آهي اُن جي صدقي ئي داس کي جتي
سنبهہ سنمان مليو. ستسنگ ڪندي سندن مهما ۽ جدائيءَ جا گيت ڳائيندي
آليون ٿي پونديون هيون تہ شروتائن جي اکڙين مان بہ لڙڪ لڙندا هئا.

شتابدي جي موقعي تي ڪن شهرن ۾ اسڪولي وديارٿين جي ستگرو
ن جي جيون ڪاريہ تي وياکيان چٽاپيٽي رکي ويئي ۽ کين انعام ڏنا ويا. ڪن
۾ سندن ڀڄنن ڳائڻ جي چٽاپيٽي پڻ رکي ويئي ۽ ٻاڪ وڻندڙن کي سوغاتون
ڏنا ويا. داس جنتا جناردن پريشد طرفان آگسٽ ٢٠٠٦ع کان آگسٽ ٢٠٠٧
ر مهني سورداسن جي شيوا جو آيوجن ڪيو. پر اهو سورداسن جي سيوا جو
اڄ بہ قائم آهي. هن وقت هڪ هزار سورداس جا ڪارڊ ٺا هيا ويا آهن. جن کي
ئي روڪ ۽ راشن جي مدد ڪئي وڃي ٿي. ستگرو مهاراج مون کي سورداسن
ار سنڀال لهڻ جي تاڪيد ڪندا هئا. سندن پريرڻا سان ئي داس سورداسن
يوا شروع ڪئي. پياري دادا جشن واسو اٽيءَ بہ سورداسن جي شيوا لاءِ مون کي

☺☺☺

سنمان اُتسوُ رکيل هو پر مالڪ کي پيو منظور هو جو داس کي ليلاوتي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. اُن ڏينهن بعد داس آجيون ويشنو ڪرڻ جو ڪم شتابدي سماپن اُتسوُ تائين ڪري ڪين سگهيو.

اڳوات جي پٽرائيءَ موجب آگسٽ سنہ ٢٠٠٧ع ۾ جنتا جناردن پريشد طرفان سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول جي آڊيٽوريم ۾ اتڪل ہہ سوَ پيڙن جو سنمان اُتسوُ رکيل هو. اُن وقت داس فرئڪچر سبب سوامي سروانند اسپتال ۾ داخل هو. اُن اُتسو ۾ داس کي ضرور شرڪت ڪرڻي هئي، پر ڊاڪٽر صلاح ڏني تہ جيڪر اجا ٻاهر نہ نڪرو مان پاڻ موهن بالاڻيءَ کي چيو تہ مون کي ائمبولينس ۾ سمهاري پيڙن جي اُتسوُ ۾ ضرور وٺي هلو. اِچا انوسار مون کي اُتسو ۾ وٺي هليا. امبولينس مان لاهي ويل چيئر تي اندر وٺي هليا. هال پيڙن سان پرپور هو ۽ منچ تي سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سوامي جڳديش مُني، سنت رميش پرڪاش ۽ ٻيا سنت ويٺل هئا. ڊاڪٽر صاحب لاچار اڌ ڪلاڪ ويل چيئر تي ويهڻ جي موڪل ڏني هئي. داس سيني سنتن کي پرڻام ڪندي اُتسوُ جي مراد ٻڌائي تہ ستگرو مهاراجن جي جنم شتابدي اُتسو سنبنڌ ۾ هي پيڙن جو سنمان اُتسو آيوجت ڪيو ويو آهي.

اڄ هتي اسانجا پرڌان سوامي ديو پرڪاش مهاراج پيڙن تي آسيس ڪندي سنمانت ڪندا، سوکڙيون ڏيندا، داس توهان کي وينتي ڪري ٿو تہ اوهان مانس آهار جو تياڳ ڪريو. ان ڪاتي ۾ پکين پسن جون آهون ۽ دانهون اٿوَ. ستگرو مهاراجن جي اها سکيا هندايو. پريوءَ کي نہ وساريو، جيون سڦل بڻايو. شرڪت ڪندڙ پيڙن مان ڪن پيڙن باقي حياتي ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو.

ٻن ٽن ڏينهن بعد رکشا ٻنڌن ڏينهن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ جنم شتابدي سماپن اُتسو هو. آگسٽ جو مهنو سنڌيا جو سميہ بادلن خوب ڳجگوڙ پئي ڪئي، وڄ چمڪي رهي هئي خوب برسات جا وسڪارا ٿي رهيا هئا. منهنجي اِچا انوسار مون کي اسٽريچر تي سمهاري لفٽ ۾ هيٺ وٺي هليا، امبولينس ۾ سمهاري آشرم ۾ وٺي هليا. امبولينس مان لاهي وري ويل چيئر تي وهاري اندر هال ۾ وٺي هليا. سڄو هال پريمين سان سٽيو پيو هو.

هڪ دفعي اوچتو ڪرم يوگي مهان سنت سوامي ليلاشاهہ مهاراج پڻ اوچتو
جي سار سنڀال لهڻ لاءِ اڱڻ ۾ آيا ۽ اچي آسيس ڪيائون. مان خوش نصيب
جو گهر ويٺي مهان ويوتي سوامي ليلاشاهہ مهاراج پير پري آيا، ٿيا لايا ساجايا.
ڪيئن نہ اچي پنهنجي پيارن جي سار لهن ٿا. سوامي ليلاشاهہ مهاراج بہ
ي ڏايو پائيندا هئا.

۲۳ جون ۲۰۰۷ع رات جو اٽڪل ۱۰ بجي مان پلنگ جي وهاٽي تي ويهي
ڻ مان ڪي ڪتاب ڪيي رهيو هوس تہ ريشمي وهاٽو گسڪي ويو ۽ مان پٽ تي
ي پيس. ساڄي سٿر پرسان تڪ لڳو بر رڙ هيٺ رڙ مٿي ڪاڄي ٽنگ ڪٽي ڪين
ن. مونکي هڪدم ليلاوتي اسپتال ممبئيءَ ۾ علاج لاءِ ڪٽائي ويا. فريڪاچر سبب
ن ڪيائون. اسپتال ۾ سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سنت روپارام صاحب، سنت
داس، ملضي ايم. ايل. اي. شري سيتلداس هرچنداڻي، مدراس مان پيڻ رتنا واتواڻي
پوري) ، پيڻ شيلا آڏواڻي، پيارو نندلعل راجپال، سندس پتني ڊاڪٽر ششي
ال، پيارو همتسنگهہ آڏواڻي، چندرلعل موريائي، گوپالداس راگهاڻي، وڄئہ گوپ
چنداڻي ۽ پيا ڪيترا متر منهنجي سار سنڀال لهڻ لاءِ آيا. سوامي پڳت پرڪاش
جن فون تي همدرديءَ جو اظهار ڪندي آسيس ڪئي. اسپتال ۾ منهنجي پتني
نتي، نياڻي گودواري ۽ سندس پتي هيرانند وچاڻي خاص ناسڪ مان اچي شيوا
ي. نياڻي درگا چانبواڻي، سندس پتني ڪشورلعل چانبواڻي، نياڻي مينا اٿلاڻي،
س پتي هرديال اٿلاڻي، نياڻي پدما سندس پتي ڪشن آهوجا، پيڻ ايشوري، پيڻ
شليا، ڀاءُ اندر رام سندس پتني ڪملا، ڀاءُ موهنلعل بالاڻي، منهنجا پئي ڀاٽيا
لعل ۽ سنيل نونهن سمن منهنجي پرگهور لٽي. هفتو کن کان پوءِ مونکي ليلاوتي
ال مان واپس اُلهاسنگر ۾ وٺي آيا. وڌيڪ علاج رهائش جي خيال کان مان سوامي
انند اسپتال اُلهاسنگر ۵ ۾ ڪاجهہ ڏينهن رهيس. کن اخبارن ۽ لوڪل ڪيبل
تر ائي ڪئي ويئي تہ مان زير علاج آهيان. اُتي هر روز ۵۰ - ۶۰ شپ چنتڪ پائر
ون مونکان صحت لاءِ پاڇڻ ايندا هئا. هڪ ڏينهن اوچتو پياري دادا جشن واسواڻيءَ
ون تي حال احوال وٺندي آسيس ڪئي ۽ منهنجي پتني لاجونتي کي بہ دلجاءِ
. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جا متر وچن پڌي سنتوش مليو. پياري نار اپڻ
اٽيءَ قرب ڪري فون لڳارائي ڏنو. اسپتال ۾ رهندي محسوس ڪيو تہ مون لئہ

سنت سچڻ سار لهڻ لئہ آيا

ڪيترا سال اڳ منهنجو پير مڙي ويو. هڪ ڏينهن مان ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن وٽ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ وڃي ڪين سگهيس تہ منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج منهنجي سار لهڻ لاءِ اوچتو منهنجي اڱڻ ۾ آيا ۽ اچي آسيس ڪيائون ۽ پيار ڏنائون ستگرو مهاراج ڪيڏي نہ پرگهور لهندا هئا.

هڪ دفعي سخت بخار اچي ويو تہ مان بہ ٽي ڏينهن ستگرن وٽ حاضري ڪين ڀري سگهيس. منهنجا منڙا مرشد ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج سنت سنمکلعل سان گهر ڳڏجي آيا ۽ اچي آسيس ڪيائون. جل پڙهي ڏنائون ۽ پنهنجي مهر جو هٿ رکيائون. منهنجا ستگرو مهاراج مونکي ٻنجهہ ٻوهہ ۾ ٻڌيندا رهيا. ستگرو مهاراج گهر آيا هي گيت ڳنگنايون :-

ستگر منهنجي گهر آيا، ڀاڳن واري مان آهيان،
ڀاڳن واري مان آهيان، گيت گروءَ جا مان ڳايان.

١) ستگر جت پائن پيرا، وسن سدا سي ديرا،
درشن ڪئي پرسن ٿيان، هار گلن جا پايان.

٢) سنت پريوءَ جو نت اوتار، ڪن سين جو تہ اُڌار،
نرمل نينهن ڏين پيار، رج مستڪ تن لايان.

٣) درشن ڪئي دک دور ٿيا، مونجهارا بہ مٽي ويا،
''آشا'' ڪئي عنايت تن، گولي تن جي مان آهيان.

منهنجا محبوب متا دادا جشن ڪئن نہ داس جو انگل بہ پورو ڪيو.
پوجيہ دادا جشن جي آمند تي مان هيٺيون گيت لکيو. ڪيترائي
سندن تصور ڪندي من پرسن ٿيو.

دادا جشن آڄ اڱڻ ۾ آيو!
خوشيون خوب منايو منايو!

١) ڇڻ شبريءَ گھر رام پڌاريو،
رڳ رڳ ۾ ٿي جنهنڪي ساريو،
تنهن پريتم پاڻ پسايو پسايو،
دادا جشن آڄ اڱڻ ۾ آيو!

٢) سار لهڻ لئہ آيو ساجن،
منهنجي دل جي تخت جو راجن،
صدقي وڃان تنهن سيني لڳايو،
دادا جشن آڄ اڱڻ ۾ آيو!

٣) مهر جو مٺڙو اچي ترڀائون،
داس تي ڪيڏي ڪرپا ڪيائون،
نيڻن نير وهايو وهايو!
دادا جشن آڄ اڱڻ ۾ آيو!

٤) ”آشا“ جي اکڙين جو تارو،
لکن دلين جو آهہ سهارو،
ٻاجهہ ڪري تنهن پنهنجو بڻايو،
دادا جشن آڄ اڱڻ ۾ آيو!

٢٤ نومبر سنہ ٢٠١١ع ۾ اڌ رات جو مونکي تڪليف ٿي. هڪدم
ڪٽر مدرا منهنجي تپاس ڪري مونکي آءِ ڪان هاسپٽيل ڊومبيوليءَ ۾
ڪليو. منهنجو ناٺي پيارو ڪشورلعل چانڊواڻي، پيارو هرديال اٺلاڻي،
ي درگا، سنيل، پرت لعل ياٽيا ۽ پيارو موهن بالاڻي اسپتال هليا. ڊاڪٽر
دم علاج شروع ڪيو. اُتي بہ سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سنت
رام، پيارو نندلعل راجپال، ڊاڪٽر ششي راجپال، پيارو همتسنگهہ

لوڪن ۾ پيار آهي، همدردي آهي جو ڪٿان ڪٿان پريمي پهچڻ اچن ٿا. ڪجهه ڏينهن بعد گهر ۾ آيس پر اچا لهڻ جي منع هئي. ناسڪ مان پيارو موهنلعل تلريجا، پيارو ميارام درد ۽ مکي پريمانچند ۽ ٻيا خاص پهچڻ آيا. سائين چانڊورام صاحب عنايت ڪري اگهڻ ۾ آيا ۽ اچي داس کي آسيس ڪيائون. سوامي ديو پرڪاش مهاراج ۽ ٻيا سنت به وقت به وقت اچي آسيس ڪري ويندا هئا. منهنجي نياڻين مينا هرديال اٽلاڻي، درگا ڪشورلعل چانبواڻي پدما ڪشناچند، ڀيڻ ايشوري، منهنجي پٽني لاجونتي، ڀاءُ انندرام، سنس پٽني ڪملا به شيوا ڪئي.

۱۴ نومبر منجهند جو ۱۲ بجي ڀيڻ ڪرشنا واسواڻي، ڀيڻ گلشن دودواڻي، ڀاڻ رام ميرچنداڻي، ڀاءُ جئه موتياڻي گهر ۾ آيا ۽ چيائون ته هيٺ ته پوجيه دادا جشن آيا آهن ۽ آگيا ڪئي اٿائون ته ديال بالڪنيءَ کان منهن ڏيکاري. ڪيس لهڻ چڙهڻ جي تڪليف آهي، انڪري هيٺ نه لهي. اِهو ٻڌي مان دنگ رهجي ويس ته اوچتو منهنجو محبوب قرب ڪري مونکي آسيس ڏيڻ لاءِ آيو آهي. مان ڀيڻ ڪرشنا کي چيو ته مان آهستي آهستي هلي سندن آسيس وٺندس. گهر جا سڀ ڀاتي هڪدم سڀ ڪم ڪار ڇڏي مون سان هيٺ لٿا. پوجيه دادا جشن ڪار ۾ ئي ويٺا هئا. سندن درشن ڪري آسيس ورتي، اکڙين لڙڪ لاڙيا. مون دادا جن کي چيو ته اوهان پلي آيا پر اوهان کي ڊاڪٽر جي منع ٿيل آهي جتي رستا ڪڙ ڪيڙ هجن اُتي ڪار ۾ نه وڃو. اوهان پنهنجون آسيسون موڪليو ها، سي به ڪافي هيون. اوهان ڪيڏو نه ڪشٽ ڪري داس جي پيلس پوري ڪئي آهي.

احسان تنهنجا ڪيڏا هرگز نه مان ڀلايان
محبوب منهنجا مٺڙا گڻ گيت تنهنجا ڳايان

اُن وقت مان پياري دادا جشن سان انگل ڪيو ته آشرم ۾ ستگرو مهاراجن جي سماڌي مندر ۾ هلو. پياري دادا هڪدم ها ڪئي. پر ڀيڻ ڪرشنا چيو ته ڏينهن تتل آهي ٻي دفعي اچبو. مان وڌيڪ زور ڪين ڀريو ڇو ته ڀهرين پياري دادا جشن جي صحت. پيارا دادا جن داس کي درشن ۽ پيار ڏيئي روانا ٿيا ته ذهن منٿن ڪانپوءِ آشرم مان پياري امرلعل فون ڪيو ته پوجيه دادا جشن واسواڻي هتي آشرم ۾ آيا ۽ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي سمرتي مندر ۾ نتمستڪ ٿي جلدي روانا ٿيا. اِهو ٻڌي دل ڀرجي

مون بابت سيمينار ۽ مقالا مضمون

آچاريہ ڪرپلاڻي شڪشا سمتي بلاسپور طرفان اکل ڀارت سطح تي
ريل سنہ ١٩٨٥ع سنڌ ترمشالا ۾ منھنجي شخصيت ۽ ساھتيڪ يوگدان
تي سيمينار آيوجت ڪيو ويو. ان سيمينار جو مھورت لعل آننداڻي
جلائي ڪيو. شري پھلاج مسافر سيمينار جا تفصيل ٻڌايا. ان سيمينار
ا جدا شھرن مان ساھتيڪار تعليمدان ۽ شاعر آيل ھئا. پروفيسر مينا گ
روپاچنداڻي ’ڊاڪٽر ديال آشا ھڪ شخصيت‘ وشيہ تي تفصيلوار
و پيپر پڙھندي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر ديال آشا وديارٿي جيون کان وٺي سماج
سان گڏ ساھتيہ سرجن ڪندو رھيو آھي. ھن اعليٰ تعليم پڻ حاصل ڪئي
جدا جدا وشين تي ھن سنڌي ۽ ھنديءَ ۾ اٽڪل ٣٢ ڪتاب لکيا آھن.
ٽي. ايل. واسواڻي، سوامي ليلا شاھہ مھاراج، سوامي شانتي پرڪاش
ج ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي مٿس خاص آسيس رھي آھي. انھن ستپرشن
مارگ درشن ۾ ھن اڳتي وِڪہ وڌائي آھي. پروفيسر مينا روپاچنداڻيءَ
ن پيپر تي پروفيسر ہلديو مٽلاڻي، شاعر پھلاج مسافر، شاعر گل شرما،
ڪانجيلعل قاصد، پروفيسر گوپ روپاچنداڻي، موھن پرسناڻيءَ
جا تاثرات پيش ڪيا.

’ڊاڪٽر ديال آشا گيتڪار‘ وشيہ تي ڊاڪٽر ہلديو مٽلاڻي پيپر
ي چيو تہ ڊاڪٽر صاحب جي شاعرانہ تخليق جو نمونو پنھنجو
ھوُ ماڻھن جي اندرئين سطح کي ڇھي سگھڻ جي ڏات ۽ ڏانءُ رکي

شري جئہ پرڪاش مسند، موھن شوداساڻي ۽ شاعر گل شرما ۽ ٻين

آنو اٽي، چندرلعل موورياڻي، هريرام موهناڻي، پيڻ سمن کيملاڻي ۽ ٻيا ڪيترا ساڃڻ سار لهڻ لاءِ آيا. اُن ڏک مونکي ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو. گهر ۾ مهنو ڏيڍ لازمي طور رهڻو پيو مان جڏهن اسپتال ۾ داخل ٿيس ته تڏهن اِها خبر پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي پيئي ته اُنهن طرفان پيڻ گلشن دوداڻي پياري موهنلعل بالاڻيءَ کي فون تي نياپو ڏنو ته ديال 'آشا' جي علاج جو خرچ اسان ڀريندا سين. منهنجا دادا جشن ڪيڏا نه ديالو!

پياري موهنلعل کين چيو ته ديال آشا پاڻ علاج جو بل ڀري سگهي ٿو. اوهان صرف آسيس ڪريو. پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ اسپتال جو بل ڀرڻ جي آڇ ڪندي پنهنجي فراخدلي ۽ پيار جو اظهار ڪيو. مان سندن احسان مند آهيان. ساڌو واسواڻي مشن ممبئيءَ جا نشڪام شيوڪ ڀاءُ رام ميرچنداڻي ۽ جئه موتياڻي سار لهڻ آيا.

سوامي ديو پرڪاش مهارج پڻ گهر پڌاريا ۽ داس تي ديا درشٽي ڪندي آسين ڪيائون. سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراجن پڻ فون تي حال احوال وٺندي آسيس ڪئي ۽ پوءِ سنت هري اوم لعل کي داس جي سار لهڻ لاءِ موڪليائون. وري ٿوري تڪليف ٿي ته پيارو پپو ڪالاڻي، پيارو لڇو ويرواڻي، پيارو همٿسنگهه، پيارو چندرلعل موورياڻي، ڀاءُ هريرام موهناڻي ۽ ٻيا ڪي پريمي گهر ۾ سڌ سماءُ لهڻ لاءِ آيا.

☺☺☺

۱۳-۱۴ نومبر سنہ ۲۰۱۰ع ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت پرچار
لرفان امرت ويلا آشرم ڪنڊالا ۾ شاعر ٽيڪچند مست، شاعر ايم.ڪمل،
ٽر ارجن سڪايل ۽ منهنجي يوگدان بابت سيمينار آيوجت ڪيو. ۱۳
ر صبوح جو ۱۱ بجي سيمينار شروع ٿيو. پهرين شري ٽيڪچند مست
نار جي مراد تي روشني وڌي پوءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پهرين بئنڪ
صدارت ڪئي. ان بئنڪ ۾ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ منهنجي ادبي خدمتن
پيپر پڙهيو. ڀائو هيمن نانواڻي آسيس جا ٻہ لفظ ڳالهائيندي مونکي
ڀاتي. مان اُن وقت پنهنجي زندگيءَ جا ڪي تلخ آزمودا ٻڌائيندي چيو
ن ڪشمڪش جي زندگي گذاريندي حسد جي دور مان لنگهيو آهيان.
تما جي اسيم ڪرپا، ماتا پتا وڏڙن جي آسيس، پوڄيہ ستگرو سوامي
ي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي عنايت سان هن
ي تي پهتو آهيان.

ملندو اوس اُهو ئي مُقدر ۾ جو رليو آ،
مان خوش نصيب آهيان سڀ ڪجهہ مونکي مليو آ.

مذڪور عالمن کان سواءِ پوڄيہ دادا ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي، پوڄيہ
مي شانتي پرڪاش مهاراج، ساڌٻيلا جا مهنت سوامي گڻيش داس مهاراج،
يہ داداجشن واسواڻي منهنجي ڪيترن ئي تصنيفن جا عالماڻہ مهاڳ
آهن. مون بابت موتين جا داڻا چيا آهن. ڪوي هوندراج دکايل، شاعر
دلگير، پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، شاعر
ن حاسد، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڊاڪٽر
راج بلواڻي، شري رام لعلچنداڻي، ڀيڻ شوپا رام لعلچنداڻي، دادا ليلارام
واڻي، شري گوبند ايل ڀاٽيا، پروفيسر مينا روپچنداڻي، شري آسنداس
اڻي، شري آسودومل موهناڻي، پروفيسر سنڌيا ڪندناڻي، ڊاڪٽر
يڻ ڀارتي، شري تيلج قابل، شري هريش روپاڻي، شري راجڪمار
اڻي، شري نند هندوجا آنند قلم هلايو آهي. انهن سان ڪن منهنجي
جدا ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن تہ ڪن منهنجي تصنيفن جي ساراهہ
سرڪيون پريون آهن تہ ڪن منهنجي سنبنڌ ۾ مضمون لکيا آهن. مان
ي جو شڪرگذار آهيان.

منهنجي ڪن ڪتابن ۾ مهامنڊليشور سوامي وديانند مهاراجن،

ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ جي پيش ڪيل پيپر بابت پنهنجا تاثرات پيش ڪيا. ان موقعي تي مان مختصر ڳالهائيندي چيو تہ منهنجي ادبي پروفيسر مينا روپاچنداڻيءَ ۽ پياري ڀاءُ پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي صاحب جيڪي پيپر پڙهيا، اُنهن منهنجي زندگيءَ جي ڪجهہ تصوير چٽي ۽ شعر وَ شاعريءَ جو ذڪر ڪندي ساراهہ جوڳ سُرڪيون پريون. اُن جو شريہ ماتا سرسوتي، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، دادا جشن واسواڻي، دادا هوندراج دکايل، سائين پرسرام ضيا صاحب کي آهي. انهن جي عنايت، نينهن پريي نوازش سان ئي داس جو قلم هلي ٿو.

ان ڏينهن شام جو پترڪار ڪلب ۾ منهنجي پترڪارن سان ملاقات رکي ويئي. پترڪارن جي پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي مون چيو تہ سنڌي ٻولي منهنجي هڪ اک آهي تہ هندي ڀاشا منهنجي ٻي اک آهي. پترڪارن منهنجي ان جملي تي تاڙيون وڄايون ۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو هندي اخبارن ۾ منهنجي ڏنل ملاقات جو ذڪر ڪيل جملو سري طور ڏنو ويو.

رات جو بلاسپور ۾ ڪوي سميلن ٿيو. مون اُن ڪوي سميلن جو سنچالن ڪندي آيل شاعرن کي داد ڏيندي پنهنجا ٻہ غزل پيش ڪيا. آيوجڪ شري چوڌري آيل مهمان اديبن شاعرن جي شڪرادائي ڪئي.

مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول ڪٻيرنگر احمدآباد ۾ پرنسيپال سياش شرما منهنجي شخصيت ۽ ساهتيڪ يوگدان بابت سيمينار آيوجت ڪيو. پرنسيپال سياش شرما سيمينار جي مراد تي روشني وجهندي سواگت جي رسم ادا ڪئي. منهنجي حاضريءَ ۾ برک ڪوجنيڪ ليکڪ شري ليلارام رُچنداڻي ۽ ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻيءَ پنهنجي عالماڻا پيپرن ۾ منهنجي زندگي علمي ۽ ادبي خدمتن تي چٽو چٽر چٽيو. مان ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ پرنسيپال سياش شرما، پياري نرمل گوپلاڻي، پياري شيام رامرکياڻيءَ کي ڌنيواد آهي جن منهنجي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ هي سيمينار آيوجت ڪيو آهي. مان سيوا ۽ ساهتيہ جي کيتر ۾ جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي سو من جي شانتيءَ لاءِ ڪيو آهي. گرديو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس، سرسوتي ماتا جي ڪرپا سان مان جدا جدا کيترن ۾ وکون وڌايون آهن. مان سنڌي جاتيءَ جو خصيص خادم آهيان. دعا ڪيو تہ خَدمت ڪندو رهان.

ڊاڪٽر ديال ”آشا“ عظيم سنڌي شَخصيت
پرَسدِ منش گياني سِنڌيَت جو انسان لاثانِي سنڌو رتَنُ

يوڄراج کيماڻي

١) آشا جي شُبَ ڪارين جيِ، ڪيئِي مان تعريفَ ڪَريان،
خوبيوُن ئيِ سَپِ خوبيوُن جَنهن ۾، ڪَهڙيون ڪَهڙيون خوبيوُن لِکان.
٢) شَهرَ خيرپور سِنڌُ جو واسيِ، ننڍپڻِ کان ڳُڻوانُ رهيو،
سَنتَ ڪنورَ جي لوليِ مِليس، نِتُ سَنتن جو گُڻ گانُ ڪيو.
٣) بي دَردُ وِرهاڱي سِنڌُ ڇَڏائيِ، ڪَلياڻ ڪئمپ ٿيِ ڪَرمَ ڀوُميِ،
پارِ وِديا جي ساگر مان ٿيو، سَنتن جي سنگ ۾ دِل جهوُميِ.
۴) پيِ. ايچ. ڊيِءَ جي ڊِگريِ وَتيِ، ”سنڌي شعر جي تَواريخ“ لکيِ،
سڄي وِشو ۾ پَهريون سنڌيِ آ، جنهن کي ”ڊيِ لِٽ“ ڊِگريِ مليِ.
٥) سواميِ شانتيِ پرڪاش مهاراجن لئہ، شِرڌا ڀڳتيِ سَدا اَٽوُٽُ،
دادا جَشَن واسواڻيءَ لئہ ڀيِ، شرڌا گهري ۽ مَضبوُطُ.
٦) ڀنهيِ سنتن جون لکيِ جيونيون، آشا ڪاريہ ڪيو مهانُ،
جڳہ پرسِدِ هڪ مَنشُ گيانيِ، سَنتن جو ڦهلايو گيانُ.
٧) سنتن جي پيار جون پياليون پيتيوُن، پريوءَ غَيبيِ شڪتيِ ڏِنَس،
سنتن جي سنگہ ۾ ٿيِ پيو پارس، هريِ نام جي ڀڳتيِ مِليس.
٨) ڪوملُ هِردَيہ، درد واريِ دِل، نِهٽو، نماڻو، نيڪ پُرشُ،
رَڳَ رَڳَ ۾ شيوا جو واسو، يوڳيِ، تياڳيِ، خُداتَرسُ.
٩) دِويہ نظر سان پَهريون پُستڪ، ”ديش پُڪاري ٿو“ لِکيو،
جانباز سِپاهِن جي دِل ۾، ديش لئہ روح نئون ڦوُڪيو.
١٠) جنتا جناردن پريشد دواران، دُکيارن جا پيو دَردَ ڪَٽيِ،
ڪَڙڪي جنهن تو ڪوپُ قُدرتيِ، ترُتُ وَڃيِ شيوا ۾ جُٽيِ.

سوامي ديو پرڪاش مهاراجن، سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراجن آشيرواد وچن لکيا آهن. ڊاڪٽر سي.ايل پرياڻ، ڊاڪٽر رام سکل شرما، ڊاڪٽر ماچوي شري ڪرشن لعل ٻجاج پڻ منهنجي هندي ساهتيه سرجڻ لاءِ داد ڏنو آهي.


تازو ممبئي يونيورسٽيءَ مان نياڻي گيتا پرديپ روپاڻي ايم فل جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. هن نياڻي اوڪ ڊوڪ ڪندي مون بابت سنڌيءَ ۾ مقالو 'ڊاڪٽر ديال آشا هڪ شخص' لکيو جو امتحان ۾ قبول ڪيو ويو ۽ پياري پرديپ هريرام روپاڻي اِهو مقالو ڪتابي صورت ۾ ڇپائي شايع ڪيو آهي. نياڻي گيتا روپاڻي کي ڏنيواد آهي جنهن جاکوڙ ڪري هي مقالو لکيو آهي.

سنڌو يوٿ سرڪل اُلهاسنگر - ۳ طرفان ۴ آڪٽوبر، ۲۰۱۵ آرتوار صبوح جو ساڍي يارهين ٻجي سرڪل جي اي.سي. آڊوٽريم ۾ مون بابت چوٿون سيمينار آيوجت ڪيو ويو. شروع ۾ آيوجڪ سندر ڊنگواڻي ۽ شري نند ڇڳاڻي مختصر مائيدار لفظن ۾ منهنجي خدمتن جو ذڪر ڪيو. ڪماري ڪيرتي پرديپ روپاڻي ۽ سرڪل جي چيرمن شري هري چوئٿاڻي منهنجي زندگي ۾ يوگدان بابت پيپر پڙهيا . صدارت هريش روپاڻي ڪئي ۽ ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي مکيه مهمان هو. ٻنهي سڄڻن ساراهه جون سرڪيون پريون. پروفيسر شيوو بودواڻي، شريچند صابلاڻي، پياري ديپڪ واڌواڻي منهنجي باري ۾ پنهنجا تاثرات پيش ڪيا. يوٿ سرڪل طرفان مونکي لائيف ٽائيم شيلڊ پيٽ ڪندي سنمانت ڪيو ويو ۽ ڪيترن پائرن ۽ ڀينرن آسيس ڪندي دشالا ڀيٽ ڪيا. مان زندگيءَ جا واقع پيش ڪندي چيو ته سرسوتي ماتا، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن، پياري دادا جشن وسواڻي ۽ ڀين سنتن ماتا پتا جي آسيس سان ئي مان جدا جدا ڪيترن ۾ پاڻ موکيو آهي. مان اشڪت آهيان. ديننن دکين جون دعائون به رنگ لڳائن ٿيون.

منهنجو سنڌي ۽ هنديءَ ۾ ايترو ذخيرو آهي جو منهنجي ساهتڪ يوگدان بابت ڪو سنڌيءَ ۾ ته ڪو هنديءَ ۾ اونهو ابياس ڪري ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري حاصل ڪري سگهي ٿو. شاهه لطيف جو بيت آهي :-

اي گت غواصن جن سمنڊ سوجهائون،
پيهي منجهه پاتار ماڻڪ ميڙيائون،
اُتي ڏنائون، هيرالعل هٿن سين.

١١) غَريب وديار ٿين، گهرجائن جي، ڪري پيو آشا سِڪ سان شيوا،
ديالَ سَچ پَچ آهي دَيالوُ، سِيني جي لئہ دِل ۾ دَيا.
١٢) تعليم ـ سماجڪ کيتر ۾، مانوَتا جا فرض نِڀايا،
آتمڪ وِديا جا ديپَ جڳائي، شيوا جا ڀي ديپ جَڳايا.
١٣) سنڌي، هندي، انگريزيءَ ۾ آ. آشا جو هَر قيمتي ڪِتابُ،
ڪيئي وڏا انعام مليا ٿس، آشا ليکڪ آ ڪامياب.
١٤) ''ڀارت جا ڀَڳت'' ''سَنت سِنڌُ جا''، آشا اَموُليہ گرنٿ لِکيا،
''سنڌي شعر جي تَواريخ'' سندس، هِندُ سِنڌُ ۾ ساراهيا ويا.
١٥) شاعر آ دِل وارو آشا، شاعري هِنَ جي لاءِ پوُجا،
شاعريءَ ۾ موسيقيت مِنٿڙي، ٿو ڳائي گيت غزل دوها.
١٦) ''مِنا ماڻهو مِلڻُ مشڪل''، جڏهن ٿو ڳائي آشا گيتُ،
مِلي روح کي راحَت ٿي، ٿو رڳ رڳ ۾ لهرائي سنگيتُ.
١٧) ڀارتن سان ڀي پيارُ ڪَندڙُ، ڀال ساهت ۾ موکيو آ،
نئشنل ڪائونسل جو اِنعامُ وڏو، هِڪ دفعي کان وڌيڪ ڪٿيو آ.
١٨) ساهتڪ کيتر ۾ آشا کي، سَڀ کان وڌيڪ اِنعامَ مِليَس،
قومَ جو ڳاٽُ ڪيو اوُچو آ، ديش وديش ۾ مانُ وَڌِيَس.
١٩) سَنت ورتيءَ وارو آشا، وطن پرستُ ۽ گانڌيوادي،
کاڌيءَ جا ٿَو پائي ڪَپڙا، هَر ڪاريہ ۾ آشاوادي.
٢٠) ڀهوُگُڻي شخصيت جو مالڪ، سَيائن جو سَرمور صدرُ،
سِنڌين جو لاثاني آشا، قوم ۾ جَنهن جو خوُبُ قَدُرُ.
٢١) اٺهتر سالن جو آتم وشواسي، هِنسا جي کاڌي کان پَري،
شاگردن کان پرتگيا پَتر وٺي، هِنَ ڏس ۾ اُتساهہ ڀَري.
٢٢) گولڊ ميڊل ۽ سَنتو رتن سان، پڻ راشٽرپتيءَ سَنمانُ ڪيُس،
توريو ويو مِصريءَ ۾ آشا، جتي وَڃي اُتي مانُ مِليُس.
٢٣) اِنعام آشا کي مِلندا رهن ٿا، جَنهن جو هوُ حقدارُ بہ آ،
سنڌيت جي کيتر ۾ آشا، سُهڻو سَچڻُ دِلدارُ بہ آ.
٢٤) سَنتَن جي آسيس آشا تي، دين دُکين جون مَٿس دُعائوُن،
نيڪيءَ جا ڪَمَ ڪري پيو آشا، سڀ لاءِ نيڪ سَندس آشائون.
٢٥) سنڌي قوم جو ماڻڪ موتي، سَڀ کي آشا تي فَخرُ،
پنهنجي شُڀُ ڪارين سان ''ڪيماٽي''، جيئري ئي آ آشا اَمرُ.



Ash

ديال آشا انعام سنمان حاصل ڪندي



جو ماضي راشٽر پتي سردار زائلسنگھ
رپتي ڀون ۾ ڊاڪٽر ديال آشا کي شيلڊ پيٽ
ندي سنمانت ڪري رهيو آهي. وچ ۾
يہ ڀڳوان ديو آريہ لوڪ سڀا ميمبر بيٺو آهي.



ڀارت جو ماضي پرڌان منتري شري گجرال دهليءَ ۾
اکل ڀارت سنڌي ٻوليءَ ساهت سڀا طرفان ڊاڪٽر
ديال آشا کي چيڪ ۽ ٽرافي ڏيندي سنمانت ڪري
رهيو آهي. وچ ۾ شري سندر اگناڻي بيٺل آهي.



پرديش هندي سنستان طرفان لکنو ۾ مڌيہ پرديش
و گورنر شري مهاوير ڀائي ڊاڪٽر ديال آشا کي
ندس هنديءَ ۾ يوگدان لاءِ انعام عطا ڪندي
مانت ڪري رهيو آهي.



راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد طرفان گورنر
شري ڪي آر ملڪاڻي ۽ شري جهمٽمل واڌواڻي
"ازل جي اُڄ" شاعريءَ تي انعام عطا ڪندي.



مهاراشٽر جو هائوسنگ منتري انٽرنئشنل
سنڌي پنچايت فيبريشن طرفان ديال آشا
کي انعام ڏيندي سنمانت ڪري رهيو آهي.



چيٽي چنڊ جي موقعي تي انٽرنئشنل سنڌي پنچايت فيبريشن
طرفان ممبئي ۾ ماضي قانون منتري شري رام جيٺملاڻي ڊاڪٽر
ديال آشا کي جهوليلال انعام ڏيندي سنمانت ڪري رهيو آهي،
ڪ پاسي شري ناري گرساڻي صاحب پرڌان ۽ ٻئي
پاسي چندر منگهناڻي بيٺل آهن.



اين سي ئي آر ٽي طرفان آيوجت ٻال ساهتيہ
چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيل ڪتاب
"ٻارو اڇو تہ ڳايون" تي ساهتيہ اڪادمي
جو چيئرمن پروفيسر يو آر اننٿا مرتي.
ڊاڪٽر ديال آشا کي انعام عطا ڪندي.